
وساريو نه وسري
منهنجو وطن منهنجا ماڻهو
عمر - مارئي
هلوائي
لوڪرام ڏوڏيجا

# منهنجو وطن منهنجا ماڻهو

# منهنجو وطن منهنجا ماڻهو

## لوڪرام ڏوڏيجا

نيو فيلڊس پبليڪشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1993

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سو چوهتر

| | |
|---|---|
| چپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | ڀٽائي ڪمپيوٽر ڪمپوزرس،<br>ڪوڪر پاڙو حيدرآباد سنڌ. |
| ٽائيپ سيٽنگ | پپو شاهد گل |
| ٻيون ايڊيشن | جون 1993ع |
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

*MUNHINJO WATAN MUNHINJA MANHOON Written by LOK RAM DODEJA. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. Second Edition: June 1993. Price Per Copy: Rs.100/-*
*Book No. 174*

---

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن شري لوڪرام ڏوڏيجا ”ڪوڪ ڪليان ٽرسٽ“ پاران، 1306، شڪروار، پونا- 411002. مان 1982ع ۾ شايع ڪرايو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# منهنجي منڙي سنڌڙي!

شل هجين سرهي ۽ سائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!
مان تہ دل توسان لڳائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

تنهنجو آن- پاڻي، هوا، ڪائي وڏا ٿياسون اسين،
تنهنجي هر شيءِ راس آئي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

تنهنجي پاڻيءَ ۾ پسان ٿو کير، گيهہ، مصري مليل،
تنهنجي مانيءَ ۾ مٺائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

جي وڏي لاچار ڪان وڃڙي ويا پرديس تي،
ياد هر هر تن جي آئي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

سون چاندي ٿي اسان لئہ تنهنجي ڌرتيءَ جي مٽي،
تون سني، تو ۾ سنائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

سنڌڙي، جت گيت گونجن ٿا سچل ساميءَ سندا،
جت ڀٽائيءَ جي بہ وائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

اوليائن جي زمين، ساڌن سچارن جي زمين،
جنهن ۾ برڪت ۽ ڀلائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

سونهن وارن جي زمين ۽ نيهن وارن جي زمين،
جنهن ۾ سهڻائي، سچائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

سنڌڙيءَ سان جندڙي جڪڙي جڙي، قربن ڪڙي،
منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

جي وسارن ٿا وطن کي، حيف تني جي حال تي،
عمر تن جي ٿي اجائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

ماتري مهراڻ جي! سؤ تنهنجي ساوڪ کي سلام،
گود تنهنجي سرس سائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

سنڌڙي، او سنڌڙي! شل سک وسين، سرهي رهين،
شل سکر ماڻين، سٺائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

**(سليم ڳاڙهوي - مهراڻ ١- ٢- ١٩٦٠ع)**

جن ڪتابن تان مدد ورتل آهي.


*Richard Burton: SIND, London 1851.*
*Poston: Personal Observation on Sind, London 1843.*
*J. Burnes: Narrative of Visit to the Court of Sinde, 1931*
*E. H. Aitken: Gazeteer of Sind, 'Lohana'- 1931.*
*Pottinger: Travels in Baluchistan & Sind, London 1818.*
*C. Masson: Narrative of Journeys in Baluchistan, Afghanstan and Punjab (1826-1838) London 1842.*
*Lutfullah's Autobiography, london 1837.*
*Pyarelal: Mahatma Gandhi: The Early & The Last Phase.*
*K. M. Munshi: Pilgrimage to Freedom.*
*Jawaharlal Nehru: An Autobiography.*
*The Story of Rehabilitation: Govt. of India 1967.*
*Historical Memoirs on Shikarpur, Capt. Goldsmid, 1854.*
*Stern Reckoning: G. D. Khosla.*
*Slections from the Records of Bombay Govt. No. XVII*

ڪانگريس ڪا اِتهاس، ڊاڪٽر پٽاڀي سيتارميا (هنديءَ ۾)
سنڌ جو سيلاني- ڪاڪو ڀيرومل مهرچند
سنڌ جي هندن جي تاريخ - ڪاڪو ڀيرومل مهرچند
تاريخ ريگستان- رائچند هريچند
ڪوهستان- الله بچايو سمون
قديم سنڌ- مرزا قليچ بيگ
هو ڏوٿي، هو ڏينهن- پير حسام الدين راشدي
اُهي ڏينهن اُهي شينهن- پير علي محمد راشدي
سنڌ جا اڳوڻا هندو- شري ٽيڪچند تارا چنداڻي
جنت ال سنڌ- رحيم داد خان مولائي شيدائي
مهراڻ ۽ ٻين ڪئين هندي، اردو، انگريزي رسالن جا مضمون.
ڀوشيه پراڻ ۽ ٻيا ويد شاستر (سنسڪرت ۾) ويد وياس.

# فهرست

## ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“


هن ڪتاب بابت - صفحو 11
ڪتاب لکڻ جو مقصد- صفحو 15


پاڱو پهريون

## سنڌ ديس


سنڌو ندي، منڇر ڍنڍ، آزاريندڙ آبهوا، معدني پيدائش، زمين جو عجائب گهر، ريگستان: ٿاٿي، نانگ ٻلائون. ڪوهستان، سنڌو سڀيتا: ويدن جي بنيادي ٻومي، سنڌي آهن جڳت گرو، سچي ڌرتي آهي هڪ ڪٽنب، محبت ۽ خدمت، ٿاٿي جا مت، ڪرم يوگي، مهمانوازي، دوستي ۽ وفاداري، صوفي ۽ سنت. دڙن ۾ دبيل سڀيتا: موئن جو دڙو، برهمڻ آباد.
**(صفحي** 23 **کان** 50**)**


پاڱو ٻيو

## سنڌ ۾ تيرٿ ۽ شهر


سنڌ ۾ تيرٿ ۽ شهر، ڪراچي، ڪراچيءَ ۾ تيرٿ: رتنيشور مهاديو،

منگهو پير، ملير، هنگلاج. ٺٽو: پير پٺو ۽ گوپيچند، نوري- ڄام تماچي، جهوڪ شريف، پنيور، ٽنڊو ٻاگو، پير پٺورو، ٽنڊو آدم. حيدرآباد: وڪيل، آنرري ماجسٽريٽ، ماجسٽريٽ، ڪچريون، ستارا، اديب ۽ عالم. حيدرآباد ۾ تيرٿ. ننگر پارڪر جا تيرٿ: ڪارونجهر، گئو مک، ساڙدرو، انچل سريا، پوڏيسر، گوڙي، پاري بندر، ملير، ڀيم ڪوٽ. ٿرپارڪر ضلعو: امر ڪوٽ. نواب شاهه ضلعو: هالا، هالائي، ڀٽ شريف، نصرپور، اڏيرو لعل، ساهتي، درازن جي درگاهه. لاڙڪاڻو ضلعو: جاگيردار، وڪيل، شاعر ۽ شاعري. دادو ضلعو: سيوهڻ، شيخ ٽوپڻ، لکي تيرٿ، مانجهند. سکر ضلعو. سکر جا تيرٿ، روهڙيءَ جا تيرٿ: اروڙ جي ڪالڪا، بکر، زنده پير. شڪارپور جا تيرٿ: سامي چئنراءِ لنڊ، ويراڳ، ساڌن جو مندر، ٻالڪرام جي مڙهي، شنڪر ڀارتي آشرم، سنگهن واري ڌرمسال، سماڌ آشرم، پرمانند ڀنڊار، جڳل ڀياري ٿان، مسند دربار، دوارڪانات جي مڙهي، جمناداس جي مڙهي، مائي رام پياري، بدل فقير جي درگاهه، درگاهون ۽ مسجدون. شڪارپور شهر: اوڌو داس تارچند اسپتال، اکين جي اسپتال، ليڊي ڊفرن اسپتال، ستارا، مولانا عبدالڪريم چشتي، پريتم ڌرم سڀا، باغ ۽ کوهه. سنڌ واهه. گهٽيون ۽ حويليون. (صفحي 51 کان 148)

پاڳو ٽيون

## ماڻهو ۽ رهڻي ڪهڻي

شڪارپور جا مانجهي مرد، سنڌي ٻولي ۽ ادب ۽ شڪارپوري ڳالهائڻ، تعليمي سرشتو: زالائي تعليم، پنچائتون، پائيند، عامل، گوناٽي رهڻي ڪهڻي: ٻاٽي ٻرڻ. هندو زالون: ناس، زالن جو شرم حياءُ، زالن جا زيور، پوشاڪ، کاڌي جا سواد: مِٺيرا، گيدوڙا ۽ ليسوڙا، ٻڳڙا، گيهه، آچار ۽ مربا، پاپڙ، نڪر جا برتڻ. هندو ذاتيون: نڪر، سک خالص،

مسند، گروپوتا، پاتيا، گاجرا، ڪڪريجا، ڦيروائي، چاهڙيا، بجاج، مترائي، آهوجا، اوڏ، مينگهواڙ. (صفحي 149 کان 204)

## پاڱو چوٿون
# مسلمان

دعا سلام، مسلمانن کي ڇت ڇو ڪونبو هو، ڏاڙهي، طهر، شادي: شاديءَ جا شادمانا. عورتون: هار سينگار، پردو،هاري ناري، زميندار- وڏيرا، پير مرشد، ملان ۽ مولوي، ڪامورا عملدار: پيراڊو، شاهد، مشير، ڇاڙتا، ڪاتڪو، چغل خور، بيلي ڪاتي وارا، روينو ڪاتو. ٽن اصولن جا مسلمان ، هندو مسلم تعلقات، مسلمانن جون ذاتيون: شيعا ۽ سني، سيد، علوي، قريشي، عباسي، خوجا، بورا يا بوهرا، ميمڻ، شيخ، بلوچ، چانديا ۽ مگسي، پٺا، دائود پوٽا، جت، سومرا، ڪدڙا، شيدي يا غوشي، سنجوڳي، هندو مسلمانن ۾ ڪي ذليل ذاتيون: سياستدان، ويڪائو مڪريليون محبوبائون. (صفحي 205 کان 282)

## پاڱو پنجون
# ڏڻ، رسمون ۽ وهم

ڏڻ وار ۽ ورت، چيتي چنڊ: سڳڙا، مها لڪشميءَ جو سڳڙو، ورت، تيجڙي: اکڻ تيج، ان متيو، ٻن ٻڌڙي، سومُوتي اماس. نندي ۽ وڏي ٿڌڙي: جنم اشتمي، ترموري، دسهڙو، ڏياري، ناريل پورنما، شراڌ: نانگ پنچمي- گوگهو. هولي: چاليهو ۽ نو روزو، عيد، عاشورا ۽ ريتيون، رسمون ۽ رواج: ڇمر، ڇني، جهنڊ ۽ ڪنني، جٽيا، موت، عذر: ٻانيٽن جي ڦرلت، پنجڪيون. ٻار ڪڍڻ، شادي: مڱڻو. ڏيتي ليتي: جيئري تي

جيئَري شادي، وڏر ۽ وڏوا جي شادي. وهم ۽ وسوسا، پکي ۽ جانور: تپ، بيماريون. بدني عيب وارا، عام وهم، جن لڳڻ، سيتلا مائيءَ جا اوراٽا.
**(صفحي** 283 **کان** 318**)**

## پاڱو ڇهون
## هنر ۽ ڌنڌا

هنر ۽ ڪارخانا: هٿ جا هنر. خاص ڌنڌا- هيرا ڦيري، چور ڏاڙيل، وڪيل ۽ ٺاڳوٺ، فقيريءَ جو فن، بيمارين جو علاج، نانگن جو زهر ڪڍڻ، ڌوٻي، حجم، ڇڪڙا، ٽانگا ۽ انن جي سواري، ديڳيون ۽ برتڻ، شراب جون ڀٽيون ۽ نشا: ڀنگ، چرش، آفيم. روٺارڻ ۽ ڪلائڻ جو فن، ڪچريون: ڳائٽيون. ڌرم جي دڪانداري. **(صفحي** 319 **کان** 356**)**

## پاڱو ستون
## وندر جا نمونا

باغن ۾ ناچ گانا ۽ عيش، راڳ ۽ مشاعرا، ڀڳت، ناٽڪ، سئنيما، هاندو، شاستريه پڪو راڳ، ڪڪڙن ۽ تترن جي ويڙهه، بربليون ڏارڻ، جانورن جي ويڙهه، گھوڙن ۽ ڏاندن جون شرطون، لغڙ، راند يون، ملاکڙو، ميلا، لعل شهباز جو ميلو، درياهه جو سير. **(صفحي** 357 **کان** 398**)**

## پاڱو اٺون
## ڪي خرابيون

زالن جي ذلت، بي ميل شاديون، ڇوڪري بازي. **(صفحي** 399 **کان** 411**)**

(ڪتاب ۾ ڪل 19 صفحن تي تصويرون ڏنيون ويون آهن.)

# هن ڪتاب بابت

پنج سال اڳ ديوناگري سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب ڇپايو هوم، ”وساريو نہ وسري، منهنجو شهر منهنجا ماڻهو“. ديوناگريءَ ۾ ان لاءِ جو ڀارت ۾ ڪٿو ڪٿو ٿيل سنڌين لاءِ عربي سنڌي الف- ب جاڻڻ جو وسيلو ڪونهي ۽ ڪين لازمي طور ديوناگري سکڻي پوي ٿي. هو ”سنڌي“ چوائجن ٿا تہ ڪين سنڌ جي سڌ تہ هجي! ديوناگريءَ هوندي بہ ان ڪتاب ادبي ڪيتر ۾ ولولو پيدا ڪيو. ”هير“ رسالي خاص پرچو ڪڍيو، ڪراچيءَ جي وڏيءَ اخبار ”هلال پاڪستان“ جي ميگزن سيڪشن جي وڏي حصي ۾ ان جي سارانہ جون سرڪيون ڇپيون ۽ ٻين انگريزي هندي ميگزينن بہ هن ڪتاب لاءِ گهڻو ڪجهہ لکيو. سوين ساهتڪارن ۽ سڄڻن، ساراهہ ۽ قدرشناسيءَ جا ڍير خط لکيا. ان ڪتاب سنڌ جي سڪ جو جيڪو مچ ٻاريو، تنهنجو تئو جن سڄڻن کي پهتو تن جا جيءَ کي جهوريندڙ ۽ چوڙيندڙ سوين خط ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيا. ڪن سڄڻ ڪجهہ ڪتاب خريد ڪري اُن جو پرچار ڪيو.

ان ڪتاب، ڪن هٺراڏو ديش ڀڳتن کي چوچڙي بہ لڳائي جو سنڌن دماغ ۾ اُٿ ويٺل آهي تہ سنڌڙيءَ جي سڪ ۽ صداقت، ڀارت سان غداري آهي. سنڌن بخيليءَ جو وڏو سبب اهو هو تہ ان ڪتاب ۾ سنڌن دادلن اڳواڻن جا ٺڪر ڦاريل آهن.

اهڙين حالتن ۾ اهو فرض ۽ غرض آهي تہ پنهنجي دؤر ۾ اسان اکين ڏٺل حقيقتون رڪارڊ تي آڻيندا رهون نہ تہ سچيءَ تواريخ تي ڪوڙ جو ڍڪڻ ڦابو ٽيندو ويندو.

ڏکن جا ڏينهن ڳٺبا پيا، ٽڏرا ساهہ ڪٽبا پيا، حال اوريو پيو، ڇپن کي چوريو پيو. ڏک ڏولاوا ڏسبا پيا، ڪشالا ڪهبا پيا، سور سهبا پيا، ڳوڙها ڪرندا پيا.

ديوناگريءِ ڪتابن بنسبت آيل خطن مان اِهوئي ڏٺم تہ اڃان لکين سنڌي اهڙا آهن جيڪي قلب مان ٽڏا ساهہ ڪڍي ”سنڌ- سنڌ“ پڪاريندا رهن ٿا. چو نہ پڪاريندا جو شري رام جڏهن سوني لنڪا فتح ڪئي تہ لڪشمڻ چيس تہ، ”هن ڀهاڙي سوني جي لنڪا جي فرحتي هوائن ۾ رهون جو پنهنجي ايوڌيا ۾ تہ ڏڌر ڀريل جهولن جو آزار آهي.“ رامچندر ورائيس، ”جنني ۽ جنم ڀومي سرڳ کان بہ وڌيڪ آهن.“ اسانجي شاهہ لطيف بہ ساڳي ڳالهہ چئي آهي، ”سنڌيءَ جا سائيهہ که، ڪٿوري ڀانيا“ يعني وطن جي کہ= خاڪ مشڪ برابر آهي.

اهڙا گهڻا دوست تقاضا ڪندا رهيا تہ اهڙو ڪتاب، جنهن ۾ رڳي شڪارپوري نہ، پر

سموري سنڌ سمايل هجي سو عربي سنڌيءَ ۾ پيش ڪريان. اُن سڪ پريءَ تاڪيد موجب هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سيني تيرٿن ۽ تهذيب، شهرن ۽ ماڻهن، ريتين ۽ رسمن، ڏنڌن ۽ ڏاڙيلن جو ديدار ڪرايو اٿم. نظريو اهوئي رهيو آهي تہ جنهن سنڌ ۾ انسان ذات جي تهذيب- ويدن، آريہ سپيتا جي شروعات ٿي، جنهن ۾ ڀڳوان رام لڪشمڻ سيتا ۽ پرتاپي پانڊوَن پنهنجا چرڻ گهمايا، شاليواهن وڪرمادتيہ جهڙن چڪرورتي مهاراجائن بہ هزار سال اڳ سڪ سلامتي آندي، اُهو پيار مهان وطن تہ اسان سنڌين جو پوتر تيرٿ آستنا آهن ان کي ياد ڪرڻ پهريون ڌرم ۽ فرض آهي.

مان پنهنجي ديوناگري ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ پراچين سنسڪرت گرنٿن مان سنڌ جي تاريخ جي جهلڪ ڏني اٿم تہ ڪيئن تہ سنڌين هزارين ورهين کان، ڌارين جي حملن کان ڀارت جي حفاظت پئي ڪئي آهي. ڪيئن نہ سنڌ جي راجا شاليواهن شڪن کي تڙي ڪڍيو ۽ شڪاريور ۽ ڪوئيٽا جا قلع نهرايا. شڪ- اري- پور جي سنسڪرت معنيٰ آهي شڪن جي دشمن جو شهر ۽ ايراني افغاني تاريخن ۾ ڪوئيٽا کي شالي- ڪوٽ چوندا آهن. ڀارت سرڪار اڄ بہ شڪ سمبت هلائي ٿي. اُن سنڌ جي راجا جي حضرت عيسيٰ- ڪرائيسٽ سان جيڪا ملاقات ۽ گفتگو ٿي تنهنجا سنسڪرت سلوڪ بہ ڏنا اٿم تہ جيئن سنڌ جي سچي تاريخ ، ٻي ريا سنسڪرت گرنٿن مان کوجنا ڪري لکي وڃي.

هن وقت تہ سنڌ جي چالو تاريخ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف گهٽيئي ڪوڙ بدور لکيل آهن. انڪانسواءِ ورهاڱي وقت جا اکين ڏٺا دردناڪ داستان ۽ ڪوس، تصويرن سان پنهنجي ديوناگري ڪتاب ۾ ڏنا اٿم، جنهن تي ايڏو مانڌاڻ مچايائون، سي بہ هن عربي لپي ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڏيندس.

ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌ جي مهان سپيتا، سنتن ۽ درويشن، شاعرن، عالمن اديبن جو بيان هوندو تہ نہ رڳو مغل بادشاهن وٽ پر خليفن ۽ ٻين ڌارين ملڪن جي حاڪمن وٽ بہ سنڌي وزير نجومي، حڪيم ۽ ماهر ها. گهڻن کي خبر نہ هوندي تہ سچل سائينءَ جو سٺن ٻولين ۾ روحل ۽ ٻين مسلمان شاعرن جو هندي ڪلام بہ چوٽيءَ تي ليکبو آهي ۽ اُنهنجي ويدانتي ويچارن جي جوهر ۽ جلوي اڳيان هنديءَ جا وڏا ڪوي ۽ پنڊت بہ نمندا آهن. اِنهن ٻئي ۽ ٽئين جلدن ۾ پاڪنڊي پيٽ ڀڳت اڳوائن ۽ ٺڳن جي ڪارنامن جو بہ ڪجهہ ذڪر ڪندس. مشهور سنڌي شودن ۽ درندن جي جانبازيءَ ۽ ٻي باڪ بهادريءَ جا ڪارناما بہ ڄاڻائيندس. هندو مسلمانن جا عشقيہ قصا بہ ڏيندس جن لاءِ خون خرابيون ٿيون، مقدما هليا ۽ گوڙ گهمسان ٿيا. اهي روماني داستان ليلا مجنوءَ جي قصن کان گهٽ ترٽلو وجهندڙ ناهن.

خبر ناهي تہ سچيءَ سنڌ جي هن ڪتاب جو پيو ۽ ٽيون ڀاڱو ڪڏهن سوڌي سنواري مڪمل ڪري سگهان جو هن پيريءَ ۾ تہ لڳو واءُ، ويو ساهہ. هن وقت اُهي مضمون جدا جدا ڪاغذن ۾ وکڙيل پيا آهن. سيني مکيہ سنڌين جي گنجگائش بہ گجگاهہ آهي ڇو جو تہ ١٩٣٧ع تائين بہ هو دنيا جي سيني ملڪن ۾ بلنديءَ تي هئا ۽ اُتون جي زالن سان گهربار ناهي سنڌيت جو ٻج ڇٽي رهيا ها. هڪ ڪتاب ۾ سنڌن اعليٰ جانبازيءَ جي مهم کي مختصر ۾ ماپائڻ بہ گهاگهر ۾ ساگر سمائڻ مثل آهي. روس، ترڪستان، بخاري جي ڪئين شهرن ۾ ۽ هوڏانهن جاوا، سمترا، سيام ۽ ڪامبوج وغيره ديسن ۾ سنڌن پاڙا ۽ محلا هئا جن جو ذڪر سوين سال اڳ لکيل سنسڪرت پرائڻ ۾ مليتو. اوائل کان سنڌي،

ساري جهان جا باشنده ٿي رهيا آهن ۽ ويدن جي هن واڪ تي عمل ڪندا هئا ته سموري ڌرتي هڪ ڪٽنب آهي.

هيءَ جلد به مان ٽڙتڪڙ ۾ ڇپايو آهي، تنهنڪري ان ۾ ڪئين اهم ڳالهيون وڃهڻ ۽ غلطيون ڪڍڻ رهجي ويون آهن. هيو ته ساهت جو فن ڏيکارڻ لاءِ جيڪا لفظن جي چونڊ ۽ عبارت جي جوڙجڪ ۽ سينگار لاءِ وقت ۽ صبر گهرجي سو هن پيريءَ ۾ مون وٽ نه رهيو آهي.

پوني ۾ مونکي علم ۽ قلم سان ذوق رکندڙ ڪو سڄڻ به نه مليو جيڪو هن ڪتاب ۾ مونسان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهي يا رهنمائي ڪري، تنهنڪري جيڪي به غلطيون آهن اُهي سڀ منهنجون آهن. خير انهن مان هڪ چڱائي ته ٿيندي ته جن ويچارن نام نهاد نڪته چينن کي وڏن ڪڍڻ جي وڏائي ۽ خفت آهي تن لاءِ به ته ڪجهه مصالح هجي. منهنجي اُنهن ياٽرن کي وينتي آهي ته مان جيڪڏهن "عاشورا" بدران "آشورا" لکيو ته ڪهڙو اٺ گهوڙو ماريم! مان ڪهڙي به س- ص- ث يا ظ- ض- ز- ذ لکان ته مطلب ته سمجهي ويندءَ. اسان شڪارپوري "ر" کي "ڙ"، "ڪ" کي "ق"، "هئو" کي "هو" ۽ "مزو" کي "مجو" به چوندا آهيون. اهو به ڪن پڙهندڙن کي غلط ۽ بي دستور لڳندو پر جيئن ٻار جي توتلي بولي وڏيڪ مٺي لڳندي آهي، تيئن هيءَ لکڻي به وڏيڪ وڻندو، رڳو جونٽان ڳولڻ لاءِ نه پڙهو! "پر جي توکي وقت ۽ علم به ڪونهي ته هرويرو لکين چو ٿو؟" "يار، ڇا ڪيان جو دل ۾ سائيهه جي سڪ ۽ سوز جا پندار سرشار اُٿلندڙ آهي سي ياٽرن ۾ ونڊڻ ورهائڻ ٿو چاهيان."

هيو چتاءُ به اڳو پوءِ ڏيئي ڇڏيان ته منهنجي لکڻ جو نمونو ايئن آهي ته ڄڻ مان ڪنهن سان کليءَ دل سان ڳالهائي رهيو آهيان جيڪو ڍنگ نه رڳو گرامري بندشن ۽ بيهڪ جي نشانين جي ڪاڻ نٿو ڪڍي پر ڳالهائڻ ۾ اسان سنڌين کي جيڪا گاهي واهي گارين ڏيڻ جي عادت آهي يا هئي، يا ڪن اهڙن واقعن جو ذڪر ڪندي يا ريل ڇيل ماڻهن جي مک مان بازاري لفظ به اچي وڃن ٿا. اُن وقت ادبي شائستگيءَ جا وچن ڏيڻ سان ته اصليت ۽ رنگيني غائب پئي ٿي وئي. ڪوشش ته اها ڪئي آهي ته جيئن اِهي ريجالا لفظ، ديگ ۾ لوڻ مرچ مثل توري ۾ تورا اچن. مان جيڪي حقيقي زندگيءَ ۾ ڏٺو وائٺو سو هن ڪتاب ۾ سليس سلوٹي ٻوليءَ ۾ اوتيندو ويو آهيان. هي ڪتاب سنجيده عالمن جي طبقي لاءِ لکيل ناهي پر هند ۾ ڇاولن ۽ عام جام ياٽرن لاءِ آهي ته ڪين پنهنجي وطن جي اصلي ماحول جي معلومات ٿئي.ادبي شائستگيءَ سان لکيل ته گهڻيئي ڪتاب پڙهو ٿا، هاڻ هن چشڪيدار ريجالن لفظن مليل ڪتاب جي به لست وٺي ڏسو!

هن ڪتاب ۾ تورو هِتان تورو هُتان به کڻي وڌو اٿم پر گهڻو پنهنجي حافظي جي رنگن سان محبوب وطن جي هيءَ تصوير چِٽي اٿم. جن ڪتابن کان مدد ورتي اٿم تن مان ڪن سنسڪرت انگريزي يا فارسي پستڪن جا نالا نه به ڏنا اٿم جو ٦-٥ صفحا نالن جا ٿي پئي ويا. ائين به ٿيو آهي ته اڳ ۾ ڪو سٺو مضمون ڏسي اُتاري رکيو هو پر ليکڪ جو نالو نه لکيو هو تن کان معافي طلب آهيان. هي تڪر ڪن ڪتابن مان توري فرق سان به ڏنا اٿم، پڇندءَ ته ڪٿان چورايا اٿئي ته قبول ٿو ڪيان ته راشدي ياٽرن جي ڪتابن مان لمايا اٿم.

هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل حالتن جو عرصو منهنجي سانير ١٩١٢ کان ١٩٤٧ع

تائين سمجهڻ گهرجي جڏهن اسان ڏارين بدران پنهنجن جي وڏيڪ ڏک پريءَ غلاميءَ ۾ پئجي وياسين. ان وڏي عرصي ۾ نہ رڳو بادشاهہ گردي ٿي پر سماجي ۽ ذهني انقلاب بہ ٿيندو رهيو. جيڪي مون ١٩١٥ع ۾ ڏٺو سو بدلجندو رهيو. تنهنڪري ڪي سڀڻ منهنجي لکيت سان ڪي قدر يڪراءِ نہ بہ ٿيندا. مونکي جيڪي ياد آيو آهي سو مان رهڙيندو ويو آهيان. مثلن ١٩٢٠ع ڌاري پئسي ۾ ڏاڍي برڪت هئي. ٻن ريين ۾ چانور ۽ ڏيڍ ريئي ڪٽڪ جو مڻ، هڪ ريئي ۾ هڪ سير ديسي سڃو گيهہ، هڪ سير باداميون، اڌ سير نج کير، چار آنين سير گوشت ملندو هو. هڪ آني ۾ لمليٽ، راسبري يا کير وارو گلاب روز چڏي واريءَ ١٢ آئونس بوتلن ۾ ملندو هو تہ ٻن چڻن کي تراوت اچي ويندي هئي.

ڪئنچي ڇاپ سگريٽ اڌائي آني ۾ ۽ لالٽين ڇاپ ٻن پيسن ۾ پيڪيٽ ملندو هو پر غريب غربو ٻَن جي بيڙي يا ڪلي چڪيندو هو. حقي ۾ هڪ پيسي جو تماڪ پوندو هو تہ آيا ويا پنجاهہ سؤ ماڻهو سوٽا هڻي ويندا ها. پوءِ هڪ ريئي شرب واري بوتل وڃي ٻئي ريئي لڳي. پنگ، گانجي ۽ آفيم جا اگهہ بہ چوٽ چڙهي ويا تہ نشئين ۾ هاهاڪار مچي ويو. اها اگهن جي واڌ آهستي آهستي ٿيندي رهي هئي، تانجو ١٩٤٠ع ڌاري ويهہ ريئي تولي وارو سونو وڏي وڃي ٽيهہ ريئيا ٿيو. ڪٽڪ اڌائي ريئي ۽ چانور ساڍي ٽئين ريئي مڻ ٿي ويا ۽ اڌ سير کير بدلي چار سير ٿي ويو. جتي ڪتي مهنگائي جي تات ٿيڻ لڳي ۽ ٻچروالن جا ڍيڍر ڍرا ٿي ويا. شهرن ۽ ڳوٺن جي اگهن، پوشاڪ ۽ ريتين ۾ بہ فرق هوندا ها.

مان وري بہ اُنهن سڀڻن جو احسانمند آهيان جن جي ڪتابن ۽ مضمونن تان ٿوري بہ مدد ورتي اٿم. پنهنجي دوست شري ڪرشڻ للا جو بہ احسانمند آهيان جو صلاح مشوره پئي ڏنو اٿس. خاص ڪري پنهنجي بزرگ سرڳواسي سائينءَ شري واڌومل گوڪلاڻيءَ جو مشڪور آهيان، جنهن هن صديءَ جي پهرين ڏينهن ١-١-١٩٠٠ع تي شڪارپور ۾ هوپفل ايڪيڊمي برپا ڪئي، جيڪو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو هاءِ اسڪول هو. هن صاحب ڏاڍي اُمنگ ڏيکاري، همٿ ڏني ۽ مونکي پوني وڏا وڏا خط لکي صلاحون ۽ سڌ سماءُ ڏيندو رهيو هو.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلايون پيرا، ڳڻي ڳڻيا ڪيترا!
(شاهہ)

لوڪرام ڏوڏيجا
١٣٠٦، شڪروار، پونا- ٤١١٠٠٢

١-١-١٩٨٣ع

# ڪتاب لکڻ جو مقصد

## (ديوناگري ڪتاب جو مهاڳ)

سنڌڙي ڇڏي پريا ٣٥ سال گذري ويا آهن تہ بہ وسريو نہ ٿي وسري! اڄ بہ اُنجي ياد منهنجي وجود جي اٿاھ اونهاين ۾ هڪ عجيب مبهم ۽ اُٽسجاتل سور ۽ سڪ ٿي پيدا ڪري! اُداسائيءَ ۾ من جو پکيئڙو اُڏامندو اُڏامندو نہ وسرندڙ جڳهين ۽ نظارن وٽ وڃي ٿو پهچي. ناناڻا، ڏاڏاڻا، ساهرا، دل گهرين دوستن جي اوطاقن ۽ باغن ۾ رانديون، راڳ ۽ روحاني بحث اڄ بہ اکين اڳيان پيا ترن. پنهنجي منڙيءَ جنم ڀوميءَ شڪارپور جي مزن جو ڪهڙو بيان ڪيان! شهر جي چوگرد شاهوڪارن جا باغ هوندا ها، جن ۾ طرحين طرحين جا ميوا، ڦارهوان، توت، خشون، ڪارڪان، انجير، رنگبرنگي گلن جي هٻڪار، عجيب غريب پکين جون چهڪندڙ لاتيون، پاڻ ۾ ماڻا ۽ محبت، تن من کي گلزار بڻائيندا ها. باغن ۾ کوهن تي ڏاند پيا گيڙيندا ها ۽ نيسر جي آبشار هيٺان ويهہ تہ لنوَ لنوَ ٺري پوندي هئي. دولت جي ديويءَ لڪشميءَ جو جلال ۽ جمال، جڻن ڏن ونڊڻ ورهائڻ ۽ ٻين کي شريڪ ڪرڻ ۾ جرڪندو آهي، تيئن اُنهن باغن ۾ جيڪو تيڪو وڃي مزا ماڻيندو هو تہ مالڪ ڏسي پيا ٺرندا ها تہ ڀائر وسنوَ لڳائي ويٺا آهن. هتي اهڙن باغن تي آهن ”اندر اچڻ جي منع“ جا بورڊ!

زبان کي طاقت ناهي جو سنڌ واه جي لطف جو بيان ڪري سگهي. ياد ايندي ٿي منهنجو من اُن واه جي ڪپ تي پپل جي وڻ هيٺان پاٽکي تڏي تي آهليل ٿو ڏسي. سانت سان وهندڙ پاڻيءَ ۾ اُس تي تڙڳي، من ڀاوندڙ هير ٿاڙين کي پينگهہ وانگر لوڏي، ننڍڙن پکين کي لولي ٿي ڏي. انيڪ قسمن جا وڻ ٽڻ، پسون پکي ۽ ماٺهو لاتيون لنوَن ٿا ۽ چوطرف اٿاھ ڏرتي ۽ مٿان آسمان! هيءَ سڀ جنسار ڪنهن جوڙي آ؟ هيءُ ماندڻ ڪنهن ڇا لاءِ منڊيو آ؟ مان ڇا آهيان ۽ ڇو آهيان؟ ڪاٿون آيو آهيان ۽ ڪهڙي غيب ۾ غرق ٿي ويندس؟ اهي سڀ سوال منهنجي دل ۾ آنڌ مانڌ پيدا ٿا ڪن ۽ مان غور ۽ فڪر جي عميق سمنڊ ۾ غلطان ٿي وڃان ٿو.

پوءِ پنهنجي پراِسرار وجود جي راز کي مون جتي ڇاتو، اُن پاڪ زمين سان منهنجو جيءُ جڙجي ويو. لئبريرين ۽ باغن جي نويڪلائي ۾ مان شنڪر اچاريہ ۽ مغرب ۽ مشرق جي سوين رشين منين ۽ فلاسافرن جي گيان جو امرت پيتو ۽ اهڙي

روحاني روشني ملي جو جتي پيو نظر ڪيان تہ صاحب سامهون ٿي ڏٺو. ساميءَ جي لفظن ۾:

جڳت ڏٺو جڳديش ۾، جڳديش ڏٺو جڳ مانهہ،
ڳالهہ چوڻ جي نانهہ، چوان ڪيئن زبان سان!

سچل سائينءَ ڀڌايو:
اڪيون کول تماشا ڏيکين، صاحب صورت ساري هئہ؛
هيڏون هوڏون آهوئي دلبر، چوطرف چوڌاري هئہ؛
ڪٿي بلبل، ڪٿي گل ڦل، ڪٿي باغ بهاري هئہ؛
ڪٿي مومن، ڪٿي ڪافر، ڪٿي آپ پساري هئہ؛
ڪٿي چنڊ ستاري اُجول، ڪٿي سج سهاري هئہ؛
ڪٿي هرڪا ٻولي ٻولي، ڪٿي گنگ گذاري هئہ؛
آپ ئي اندر، آپ ئي ٻاهر، آپي هو سڀ ڏيکاري هئہ؛
هر ڪا شيءِ اُنهي دي آهي، عين اُهو انواري هئہ؛
(انواري= جيڪي ڏسجي ٿو)

چوطرف آنند ئي آنند! رات جو ڪڏ تي واڻ جي کٽولي تي ليٽي آسمان جي پلاند ۾ اُن خالق جي بيشمار ۽ بيبها چمڪندڙ هيرن، ستارن جي جهرمر ۽ چنڊ کي ڏسي صاحب لاءِ اڇرج ڀريل عبادت ۾ محو ٿي ويندو هوس.

نہ رڳو آڀ ۾ پر ڌرتيءَ تي بہ مان اُن ايشور جي هڪ عجيب اسراري جوڙ، چوڏس جو چنڊ ڏٺو. باغ واريءَ حويلي ۾ پنهنجي ساهيڙيءَ سان هٿ هٿ ۾ ملائي، "اِسي موري لال ڪتوري" راند پئي ڪيائين. هوئئن ئي حسين، ويتر جو لوڏ سان ڦيريون پائيندي، ملوڪ مکڙي تي گلابي رنگت آئي هئس تنهن تہ ڪا آسماني پري بڻائي ڇڏيو هوس. انگ انگ ۾ هئس اُڀرندڙ جوانيءَ جي جنبش ۽ مستي. مونڏانهن نهاري، شرارت ڀريءَ نظر سان مشڪيائين تہ ڪجهہ وقت تہ سڌ سماءُ نہ رهيو. ٻڌو هوم، "سڪ رمز وجود وڃائڻ جي!" سا اڄ هڻ ڇوڪريءَ سيکاري.

منهنجي دل ۽ دماغ ۾ جذبات جو هڪ مانڌاڻ مچي ويو. اڳ ۾ اُن موهٽي سان اکيون چار ٿيون هيون پر هن دفعي تہ چرخ ٿيون ۽ نہ ڏاپون، نہ ڏاپنديون پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي! ائين مونکي پاڻ ڏانهن ٻٽ ٻڌجي تڪيندو ڏسي، لڄ ۾ ڀرجي راند بند ڪيائين ۽ ساهيڙيءَ کي وٺي ڀڄي پاسي ويندي، منهن سان موڙو ڏيئي، اکڙيون مچڪائي، نيڏڙي چپ ڪڍي، چيڙائيندي چوندي وئي "بيشرم!"

ساجن آيو سڱ ڪرڻ، شرم ڪٽي ويو ساڻ،
هٿ ڪر پنهنجي شرم کي، ساجن سوڏو آڻ.

پر پريم جو سؤدو سهانگو ناهي،-

جي توکي خواهش خريد جي تہ ست سر جو سانگو،
پرچي پاءِ ڳچيءَ ۾، گلا جو گهانگهو.

پوءِ تہ لڄ لاهي، ماڻس وٽ وڃي سندس پانهن گهريم. هن تہ منائي وات ۾ وڏي پر مون لاءِ تہ انتظار جو هڪ هڪ پل، سال ٿي پيو. آنندي وهندي، نند ۾، اُن چت چور جو خمار ۽ دل بيقرار، رات ڏينهن روح کي طلب تنهنجي تات، ويئو نهاريان وات، تنهنجي اچڻ جي او مئي! توکانسواءِ جيئڻ آ جنجال.

نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو جو پانيڻ، ويڏيءَ تي وهاري، ويد منترن سان يا عمر جي ڳنڍ ٻڌي. سهاڳ رات جو نويڪلي ڪڏ تي، اُن نوَورنيءَ کي اندر ڏٺي، منهنجي پيڻ تهہ تهہ ڪندي هيٺ لهي وئي. سجني ملي دلجاءِ ٿي، هينئڙ لٿي هلاڪي. هوءَ لڄ، ڊپ ۽ پريم سان پريل منهنجي کٽ تي اڪيلي، جنهنجي لڱ لڱ ۾ تمتار هو نينهن، ناز، نئين مست جواني، منهنجي روح جي راحت ۽ عيش جا خزانا، مٺين سان سٺيل نوَورني،-

زيورن سان ماڻهو سينگارين سهڻين کي سدا،
تون ٿي سينگارين، اي سهڻي! زيورن کي دائما!

"بيشرم" لفظ جو بدلو ورتومانس تہ پئي مشڪي پر هنجا هار ۽ ڪنگڻ ٻنهي کي پئي چپيا.

آءٌ تہ پياريانءِ، پري پيالو پريم جو،
ساجن هن اوسر ۾، تن من سڀ ناريانءِ،
سهاڳڻ سا ئي، جنهنکي سک اندر ۾،
سامي سدائين، ملي رهي محبوب سان.

مٿان چنڊ هڪ سونجهہ سونجهہ ڪندڙ سهڻيءَ وانگر بادل جو گهونگهٽ لاهي، ليئا پائي، اسانجو ميلاپ ڏسي پيو مشڪي ۽ پاڻ ڪان وڏيڪ حسينا کي ڏسي حسد ۾ ڪڪر ۾ پيو لڪي! هوءَ بہ لڄ ۾ پرجي مشڪي پئي ۽ اڪيون ڍڪي! جتي مالڪ جي ان موهنيءَ مايا جو اِهو لقاءُ ڏٺم، جنهن اڳيان برهم آنند بہ تڇ ٿي لڳو، تنهن ڏرتيءَ سان ڪيئن نہ دل لڳندي!

ان پريم سان گيان جو ٽيون نيتر کليو تہ ڏٺم سرشتيءَ جي بنيادي غيبي

شڪتي آهي عشق محبت، جنهنجي ڪشش ۽ ميلاپ ڪري هي ڪائنات جوڙاري سانده وڏي ٻڪڙجي رهي آهي. اِهو تحقيقي اسرار آهي. عشق مزاجيءَ مان عشق حقيقيءَ سان قدرت جو راز ذهن ۾ ويٺو ته ڇيتن ڇٽ شڪتِي جيڪا سيني ڪي خلقي ۽ هلائي رهي آهي سا پريم ئي آهي ۽ ان بنا ڪنهن کي رب جي راز جي پروڙ نٿي پئي:-

پريم بنا پرڪاش ڪنهنکي ٿيڙو ڪينکي،
پيتو جنهن پياسي، پيالو پريم اگم جو،
سامي تنهنکي سڀ ۾، پکوت هڪ ڀاسي.

جنهن شڪاربور ۾ ان بنيادي ستيہ جو ديدار ڪيم ۽ اٿاه آنند جو رس مليو سا ته قيامت سوڌي قلب ۾ رهندي. هڪ انگريز شاعر چيو آهي ته سونهن آهي سدا بهار جو سک! پر جڏهن زندگي ئي بي بقا آهي ته سک سدائين ڪيئن رهندو! قدرت جو اٽر قانون آهي، ”چار دن ڪي چاندني، ڦر انڌيري رات.“ دنيا جي ان نيم پٽاندڙ گرمي- سردي، ڏينهن- رات، جمڻ- مرڻ وغيره هڪ ٻئي ڪانسواءِ ٿي نٿا سگهن، تيئن مونکي به وصلا جي سک بدلي اوتروئي وڇوڙي جو ڏک سهڻو پيو. ديوتائن کي اچي حسد لڳو ڇي هي بني بشر ڪير جو اسانجي سرڳ جا سک ڌرتيءَ تي ٿو ماڻي! پوءِ اُن دلفريب اپڇرا کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائون. اُن حڪم جي بنديءَ، پنهنجي جگر جي ٽڪري، ”اوٺان- اوٺان“ ڪندڙ لعل جو به موهہ تياڳي اُنهنجو اٽر سڏ اونايو.

درد جي درياهہ ۾ سڀ گيان- ويساهہ لڙهي ويا. جيڪا ٿوري دير به ڪيڏانهن پڇڻ ڪانسواءِ نہ ويندي هئي، سا هيئن بنا چوڻ چائڻ ۽ چتائڻ جي ڪين هميشہ لاءِ ڏوراهين نامعلوم ملڪ هلي وئي! جيڪا پل پل ڏءِ ڪري پريت جو لافاني امرت پيئاريندي هئي سان پاڻ ڪيئن فنا ٿي وئي! اڙي گلبدن! تنهنجي ڪونئري بدن تي گل به پيا چيندا ها. تنهنتي ڪاٺ جا بند رکي ڪيئن باهہ ڏيندا! يا خدا، تو ۾ رحم جو ڦڙو به ناهي! توکي نردئي ٿيڻ ۾ مزو ٿو اچي!

پر نہ نہ، منهنجا مالڪ! تنهنجي اٿمئي مهر جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. پريا ويهہ مهينا اهڙيءَ سُڙيءَ محبوبا جو بهشتي مؤج مزو ڏنئہ جو اڄ سٺ سالن بعد به ياد اچي ٿو ته تن من ۾ سک سمائجي وڃي ٿو! شڪر، شڪر منهنجا مالڪ، تنهنجا لک شڪر! تنهنجي رحم ڪرم جي جيتري به ساراه ڪيان، سا اٿپوري ٿيندي. تو ڏني ته به مان راضي، تو واپس ورتي ته به مان راضي! ان ۾ به ڪا ڀلائي ڪيئہ! جيئن ماءُ رانديڪو کسي ڏک ڏارائيندي آهي تيئن تو به گيان ويراڳ جو امرت پيئاريو. سک ۾ غافل ٿجي ٿو ۽ ڏک ۾ سجاڳ ٿي پنهنجي سچي گهر ڏانهن قدم وڌائجي ٿو. سچکنڊ کي وساري، هن دنيا جي عارضي نڪاڻي کي

گهر سمجهي ٿڌو مانجهاندو ڪري ويهبو تہ جنم ٿي اڪارٿو ويندو. الائي ڪهڙا روح، انساني جامي ۾ اچي، زال مڙس پٽ ڌيءَ ڀائر ڀڄي مون وانگر هن دنيا سراءِ ۾ آيا آهن ۽ وقت اچڻ تي سڀيئي پنهنجي راهہ وٺي هليا ويندا. اسين انهن همراه مسافرن جي موہ ممتا ۾ اڙجي پنهنجي منزل وساري ويٺا آهيون. هن مسافرخاني ۾ ڪوئي نيبهہ ناهي. غم تہ انجو ڪجي جيڪڏهن اَڻ ٿيڻي ڳالهہ ٿي هجي. اڄ يا ڀوءِ جدائي تہ يقينا ٿيڻي ئي آهي. ان اٽر ڳالهہ لاءِ ماتم ۽ رودن ڇا جو! جيڪو سائين ننڊ مان جاڳائي راہ لڳائي تنهنجا لک شڪر!

اڄ جڏهن پاڻ ان مهان سراءِ مان ڪوچ ڪرڻ لاءِ "ڪيوٗ" ۾ بيٺو آهيان تڏهن وصال ۽ وڇوڙي جون فلمون دل جي پردي تي شڪارپور سان ڳنڍيل اکين اڳيان ڦري رهيون آهن. افسوس جو آها مڙئي شڪارپور ڪانهي. ١٩٤٧ع جي ورهاڱي بعد سنڌي ڀائر ڪٿو ڪٿو تي ٽڙي پکڙجي ويا آهن پر سڀيئي پنهنجي جنم ڀوميءَ ڪانسواءِ ويڳاڻا اُباڻڪا آهن. هتي گهڻن ڀائرن خوب مال متاح ناهيا آهن پر اسان ان ملڪ جي جل سان پليا آهيون جنهنجي سٽيءَ مارئيءَ پڪاريو هو:

ڀن عمر تنهنجون ماڙيون بنگلا، منهنجو ملڪ تہ آهہ ملير،
ساہ تہ سانگين لاءِ سڪيٿو، توڙي تو وٽ آهہ سرير،
منهنجا مارو ڪٿي بہ ملير ڪٿي؟
آندو هاءِ ڇڪي تقدير ڪٿي!
آهي موت ڪان وڌ پنهنجو ملڪ ڇڏڻ،
جن ڪان ديس ويو تن جو ڪهڙو جيئڻ!

اهي ڳالهيون لکندي من اُسات ٿو ٿئي، هاڻ ٿو هجي. ڇو پيو لڇان ۽ لوڇان! اک آلي ڇوٽي ٿئي! ڪنهن لاءِ من ويڳاڻو ٿو ٿئي! ڇا وڃايو اٿم جو اندر ۾ ايڏي آنڌ مانڌ اٿم ۽ وياڪل نيڻن سان سنڌ ڏانهن پيو نهاريان! ان ڌرتيءَ جو واس وٺڻ ٿو چاهيان! اُن ڌرتيءَ سان چوراسي لک جنمن ڪان ازل جو انگ ۽ سنگ آهي جو اُن ڌرتيءَ جي ماڻهن سان مون محبت ڪئي آهي. مان بيوس ۽ لاچار آهيان ۽ اوڏهين وڃي نٿو سگهان پر جيئڻ پنهنجي محبوب جون ڳالهيون ڪري دل ۾ هڪ مٺو سور ۽ انتها خوشي محسوس ٿيندي آهي، تيئن رڳو پنهنجي محبوب وطن جي پچار ڪري پنهنجي من کي سرچائڻ لاءِ هيءَ ڪتاب لکيو اٿم.

مٿئين سبب ڪانسواءِ ٻيو مقصد اهو آهي تہ جيڪي سنڌي هتي هند ۾ ڄاوا آهن تنکي پنهنجي اصلي وطن جي ڄاڻ ٿئي ۽ ان کي نہ وسارين. سياسي انقلاب ڪانسواءِ ٻيو ڪيڏو نہ ذهني ۽ تهذيبي مهي ولوڙو پيو آهي! سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، شادي غمي، ڏڻ وار هنوقت ڪنهن اوپري ملڪ جي افسانن مثل حيرت انگيز ۽

وچتر ٿا لڳن. هند ۾ سنڌي، ٽڙي پکڙجي ويا آهن ۽ دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ به وڃي وسيا آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ مونکان سنڌياڻيون پيون پڇن: "دادا! ميءَ ڏڻ وار يا ورت ڇا ٿيندو آهي ۽ ڪيئن ملهائبو آهي؟" وغيره وغيره. اسان پوڙها ويچون ٿا غيب ۾ غرق ٿيندا پر هھڙن ڪتابن ذريعي ننڍي ٿهيءَ وارن کي پنهنجي بزرگن جي ريتين رواجن جي سڌ سمڪ پوندي ۽ جتي ڪٿي سنڌيت جو جهنڊو جهولندو رهندو. سماجي تاريخ نويسن کي به ان مان گهڻو مصالح ملندو.

ٿين مراد اِها آهي ته سنڌ جي سچي تاريخ ڏانهن اديبن جو ڌيان ڇڪايان ته من ڪنهن عالم ۾ جوش جاڳي ۽ کوجنا ڪري حقيقي تفصيلوار اتهاس تيار ڪري. هن وقت سوڌي سنڌ جي تاريخ ڏارين عربن ۽ انگريزن جي پکشپاتي ڪتابن جي آڌار تي ٺهيل آهي جن ۾ هڪٻئي جي مختلف يا وائي بادي ڳالهيون ڏڪا لکيل آهن. سنسڪرت گرنٿن ۾ سنڌ جا بي ريا داستان پريل آهن جيڪي وڏيڪ پروسي جوڳا آهن. انهن مان ڪي سلوڪ ۽ اختصار ديوناگري ڪتاب ۾ ڏنا اٿم. ڪئين سنسڪرت گرنٿن جي اوک ڊوک ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري مون سنڌ جو سچو اتهاس تيار ڪيو هو جنهن ۾ سنڌ جي آڳاٽن راجائن، رهوگڻ، يڌ اجيت وغيره جي فوجي ڪارسازين جو ذڪر هو. انهن ڪانپوءِ پنج هزار سال اڳ سنڌ جو راجا جئدرٿ، مهايار جي جنگ ۾ پنهنجن سالن ڪورون طرفان لڙيو هو ۽ ارجن جي پياري پٽ ايمنيو کي ماريو هئائين. هن ڪانپوءِ پانڊون سندس پٽ کي سنڌ جي تخت تي وهاريو ۽ اُن جي اولاد ۽ ٻين جو سلسليوار اتهاس ڏنل هو. اهو تاريخي دفتر ورهاڱي جي واچوڙي ۾ اَڏامي ويو. هن وقت جڏهن پريڻ پر وڃڻ لاءِ سنپريو بيٺو آهيان ته اِهو وڏو ڪم ڪري نٿو سگهان.

ڏارين جي لکيل ڪتابن ۾ سنڌين کي اوڇو ۽ ناقص ڏيکاري ويو آهي پر درحقيقت جڏهن يورپ يا اولهه ايشيا جا رهاڪو جهالت ۾ ها، تڏهن سنڌي لوڪ، ادب ۽ ٻين علمن ۾ بلنديءَ تي ها. سنڌوءَ جي ڪناري تي ويدن جي رچنا ٿي جن ۾ روحاني گيان ۽ سڀني وديائن ۽ هنرن، نجوم، طبابت، حساب، سنگيت، فوجي ۽ ڪيميا وغيره جا ڀنڊار پريل آهن. ان موجب قديم سنڌي ته جڳت گرو ها. ويدن جي دؤر کان سوين صديون پوءِ به سنڌي ٻاهرين ملڪن ڏانهن مال کڻي ويندا ها. خليفو هارون الرشيد ۽ ٻين ملڪن جا حاڪم سنڌ مان طبيب ۽ ٻيا ماهر گهرائيندا رهندا ها. انهن حقيقتن تي پردو وجهي سنڌين جي گهٽتائي ڪئي ويئي آهي. سنڌ جي سچي اتهاس ۾ ان سونهري سمي جي ڄاڻ سان اسان اونچي ڳاٽ چئون ته اسان انهن مهان سنڌين جا وارث آهيون!

هلندڙ زماني ۾ به اَها قديم اِڌ قائم رکي ڪيئن نه سنڌي، سڄيءَ دنيا ۾ ڦهليل آهن ۽ سنڌيت جي جوت جڳائي ويٺا آهن ۽ اٿاهه پرڏيهي ناٽي سان ڀارت کي مالا مال ڪري رهيا آهن. هر هڪ ملڪ ۾ سنڌي جو شان شوڪت، واپار،

هنر ۽ هوٽل، هوائي ۽ سامونڊي جهاز، اسڪول ۽ اسپتال سنڌ جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ هو جلاوطن آهن ۽ سنڌ جا دروازا انهن لاءِ بند آهن ته به سنڌي ته سڏائجن ٿا!

انهيءَ ايندڙ جلد ۾ اِهو اتهاس به ڏيندس ته سياسي اڳواڻن جي غلطين ڪري اسانکي سنڌ ڪيئن ڇڏڻي پئي. ١٩٤٧ع ۾ ملڪ جي ورهاڱي وقت، بيدرد سياستدانن اهڙو طوفان برپا ڪيو جو ڪروڙين هندو مسلمان ڪکن پن مثل، ڪو ڪيڏانهن ڪو ڪيڏانهن اڏامي وڃي ڪان وڃڙجي ويا. سرڪاري رڪارڊ موجب ڇهه لک ماڻهو پنجاب ۾ ۽ ويهن لکن کان مٿي بنگال ۾ ڪسجي ويا ۽ مٿان اهو ڪوڙو پرچار ته آزادي، اهنسا ۽ آرام سان ملي! اسان جهڙا ڪروڙين بيگهر برباد ٿيا. زالن ۽ ٻارن تي لڱ ڪانداريندڙ قهر ٿيا. اهي اکين ڏٺا داستان جيڪي ديوناگري ڪتاب ۾ تصويرن سان ڏنا اٿم سي به ٻئي جلد ۾ ڏيندس ته ڪيئن نه ڪئين سنڌي مسلمانن هندن جي ۽ ڀارت ۾ هندن، مسلمانن جي حفاظت ۽ مدد ڪئي!

سنڌي هندو، ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ ڦهلجي ويا آهن ۽ پنهنجي عقل ۽ اورچائيءَ سان مڪاني ماڻهن کان به چوٽ چڙهي ويا آهن. سنڌ ۾ ڀاروٽا ٿي ويا ها ۽ هتي پنهنجو جوهر ۽ جلوو ڏيکارڻ جو موقعو مليو اٿن. جن شهرن ۾ سنڌي وڃي وسيا آهن تنجو ته چڻ ڀاڳ کليو آهي جو سچا وڻ ساوا ڪيا اٿائون. واپار جي واڌاري سان گڏ، هنري ڪارخانا، خيراتي اسپتالون ۽ اسڪول، پنهنجي ۽ مڪاني ماڻهن لاءِ هزارين گهر اڏايا اٿائون. رڳو بمبئيءَ جي پسگردائيءَ ۾ جيترا اسڪول ڪاليج اسپتال ٽن سؤ سالن ۾ نهيا ها، تن کان وڌيڪ سنڌين ٽيهن سالن ۾ برپا ڪيا آهن . جيترا مارڪيٽ، سئنيمائون ۽ گهر اڏايا اٿائون تنجو ته ڳاڻيٽو ڪونهي. نيشنل ۽ جسلوڪ اسپتال، جيڪي ايشيا جي وڏن اسپتالن مان ليکجن ٿا ۽ جن ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ پرڏيهي مريض ايندا آهن، اهي هڪ شڪارپوريءَ ڏهه ڪروڙ ۽ ٻئي سندورقيءَ پنج ڪروڙ ڏيئي برپا ڪيا آهن. ڪڇ ۾ ڪنڊلا ۽ گانڌي ڌام جو شاهي بندرگاهه ۽ شهر، سنڌين جي اُدم جو ٽي ڦل آهن. سنڌي هندن کي سنڌ مان ڪڍي، پنجابي مسلمانن ڀارت سان ڀال ڀلايا آهن. هن ڪتاب جي ايندڙ جلد ۾ دنيا جي سنڌين جي هزارين پرمارٿ جي ڪمن جا احوال هوندا.

مفتخور ۽ گهر جلائو سياستدانن، زهري پرچار سان هندو مسلمانن ۾ نفاق جا ٻنيت پئي ٻاريا آهن. مون پنهنجن ڪتابن ۾ ڏيکاريو آهي ته صوفي درويشن جي اثر هيٺ ڪيئن نه هندو- مسلمان ساز سلوڪت سان رهندا ها. ٻين پرڳڻن ۾ ڀا به هجي پر سڳوريءَ سنڌڙيءَ جي آبهوا ۾ ڪيئن نه رلي ملي هڪ ٿي ويا ها. سندن ريتون رواج، ڪاڌو پيتو، رهڻي ڪهڻي هڪجهڙي هئي. ان ساڳئي ميلاپ ۽

محبت جو ماحول پيدا ڪنداسين تڏهن وري ملي سگهنداسين. پسون پکين کي بہ پنهنجي وطن جي سِڪ ۽ چِڪ ٿيندي آهي تہ اسانکي ڪيئن نہ ٿيندي! ڪبوتر، هنس، ماڪيءَ جون مکيون پري پري کان پنهنجي گهر موٽي ايندديون آهن. هزارين سالن کانپوءِ يهودين پنهنجو اصلوڪو وطن اسرائيل وڃي وسايو آهي. اسانتي بہ ملڪ مهر ڪندو تہ جو سنڌي واپس سنڌ ويندا. اسانجي پيڙهيءَ کانپوءِ سنڌ جون يادگيريون جهڪيون ٿينديون وينديون ۽ نيٺ ميسارجي وينديون پر هھڙن ڪتابن ذريعي وطن جي سِڪ ۽ چِڪ قائم رهندي، ٽڙيل پکڙيل سنڌين ۾ ميلاپ ۽ يڪمشتي ٿيندي ۽ وطن ورڻ جو سعيو ٿيندو رهندو.

منهنجا اِهي مقصد برثواب ٿيندا تہ لايو سجايو ٿيندو.

لوڪرام ڏوڏيجا،
۱۳۰۲، شڪروار پيٺ،
پونا- ۴۲۲۰۰۲.
۱-۵-۱۹۸۲ع

سنڌڙي، او سنڌڙي! منهنجي منڙي سنڌڙي!
شل هجين سرهي ۽ سائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!
مان تہ دل توسان لڳائي، منهنجي منڙي سنڌڙي!

* * *

سنڌ وسارڻ مون وس ناهي!
جونہ رڪان آشا ڏينهن ڦرندا، شاهہ ۽ سامي حاوي پوندا!
زهري سياست جا ڏينهن پڄندا، ملندا آخر وڇڙيل يار!

* * *

پريت ڇڏ پرڏيهہ جي، ساٿيهہ ڪر سنڀال!
حيف تنين کي هوءِ ، وطن جن وساريو!
(شاهہ)

# ٻاڳو ڀھريون - سنڌ ديس

**سنڌو ندي؛ منڇر ڍنڍ؛ آزاريندڙ آبھوا؛ معدني پيدائش؛ زمين جو عجائب گھر؛ ريگستان؛ ڪوھستان؛ سنڌو سڀيتا؛ دڙن ۾ دٻيل سڀيتا.**

## سنڌو ندي

سنڌ ڀارت جي اولھہ سرحد، ھينئر پاڪستان ۾ آھي. اِھو ڏيگھہ ۾ قريبن ٽي سؤ ميل ۽ ويڪر ۾ ١٢٠ ميل آھي. ان جي وچ مان سنڌو ندي وھندي، جنھنجي مھما ويدن ۾ گھڻي ھنڌ لکيل آھي. رگ ويد جي ڏھين منڊل جي ٧٥ سوڪت جو چوٿون منتر ھنريت آھي:-

”جيئن مائر ٻارن جو روئڻ ٻڌي ڊوڙي ايندي آھن، انھن کي ھنج ۾ کڻي ڏارائينديون آھن، کير ڏيندڙ سوئا ڳايون ڏڻ سان موٽندي، ٿڻن مان کير ٽپڪائينديون پنھنجي وڇڙن ڏانھن ڀڄنديون اينديون آھن، تيئن ماتا سنڌو! تون اسان وٽ اچي رھي آھين! جيئن مھان جوڌو راجا، لشڪر جي منڍ ۾ شاندار ڊول سان ھلندو آھي تيئن تون سڀني ندين جو سر مور ٿي ھلي رھي آھين!“ سنڌوءَ جي گجگوڙ ٿي رھي گڙگاٽ سان زمين آسمان ائين ڀريل آھي جڻ تہ وڏ ڦري مينھن جي آھي، وھڪري ۾ اھڙي تکہ اٿس جڻ تہ ڪو ڍڳو رنڀندو ڊوڙندو ٿو اچي. جيڪي بہ چرندڙ چيزون آھن تن جي رفتار اھڙي تيز ناھي جھڙي سنڌو نديءَ جي! ڪاوڙ لڳيس ٿي تہ چوگرد ٻوڏ ٻوڏان بہ ڪري ٿي.

ڀارت جون ٻہ پوتر نديون، گنگا ۽ جمنا، ھماليہ جي ٻين پھاڙن مان نڪرن ٿيون، پر ھيءَ شنڪر ڀڳوان جي لاڏلي ڌيءَ، اُن جي گھر ڪئلاس مانسروور مان نڪري، ڪشمير، گلگت ۽ افغانستان جو سير ڪندي پنجاب ۾ ٻيھي ٿي تہ اُتون

ٻوڏ ٿيندي هئي. ١٩٤٢ع ۾ غضبناڪ ٻوڏ ٿي ته اُن جو پاڻي ١٥٠ ميل پري منڇر جي ڍنڍ تائين ڏوڪيندو ويو ته پرليه برپا ڪئي هئائين جو سوين ڳوٺ ٻرپانگه ٿيا، ڍور ڍڳا ۽ تيار فصل به لڙهي ويا. ان هوندي به

ڀلي آئين، جيءُ آئين، درياهه شاهه!
اي سنڌو سدائينءَ ڪر سنڌ سائي،
تون همنام سان رهه، وفا سان هميشه،
جو سنڌوءَ سواءِ، سنڌ جي ڪجهه به ناهه... ڀلي آئين...

سو اول ۾ تنهنجو سمندر ۾ گهر،
تپت عشق جي پر ڪرائڻ سفر،
گهمين ملڪ سهسين، ڏنئه شهر ٻر،
هماليه تي ورتي تو شڪل گهر!... ڀلي آئين...

اچين مانسروور مان ڪشمير ۾،
تڪر تاڪي پهچين تو پنجاب ۾،
ڀرين تنهن کي خوشبوءِ اڪسير ۾،
مفرح ڪٽي سنڌ لئه سير ۾... ڀلي آئين...

ڀلا اوج تنهنجي! ڀلا موج تنهنجي!
عجب تنهنجون ڇوليون!
ڏين دل کي لوليون،
هي لوليون ٿيون ٻوليون ڪري، نين ساهه!
ڀلي آئين، جيءُ آئين، درياهه شاهه! ... ڀلي آئين...

## منڇر ڍنڍ

سنڌو نديءَ جي اولهه ۾ کيرتر ٽڪرين جي وچ ۾، جوهي ڳوٺ جي ويجهو هيءَ ڍنڍ عموما اٺ ميل ڊگهي ۽ ايتري ئي ويڪري آهي پر ساوڻ ۾ سنڌو درياهه ۽ کير ٿر جبلن جو پاڻي به اچي ان ۾ پوندو آهي ته ٻن سؤ چورس ميلن تائين ڦهلجي

ڪندس، ”پيچ مولا چاندي ڪا گولا.“ برسات تہ سنڌ جي اُساڻيل ياڳن لاءِ چانديءَ ۽ سوني کان بہ وڌيڪ هئي. جهڙالي ۾ اسڪول بند ٿيندا ها ۽ هر هنڌ خوشيءَ جي فضا ڏسبي هئي.

سروَ ۾ تپاولي بہ ضرور ٿيندي هئي. اهڙو ڪو گهر خالي نہ هوندو هو جنهن ۾ ڪو نہ ڪو تپيل نہ هجي. مطلب تہ اُتون جا جيتامڙا مچر بہ واهہ جو شهزور هوندا ها جو ڏنگ مڙسن کي بہ ليٽائي رکندا ها. سرءُ ڪانپوءِ سياري جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو! ايتري قدر جو پارو بہ پوندو هو. منگالن ۾ اگر پيا سيڪبا ها ۽ ڳوٺن ۾ باهہ جا مچ ٻاري، چوگرد ويٺا ڪچهري ڪندا ها، ستسنگہ ۽ ڪٿائن ۾ بہ منگالا ٻاري رکبا ها. رات جو ٿلهين سوڙين ۾ ڏند پيا ٽڪ ٽڪ ڪندا ها. پوءِ ٿورا ڏينهن بهار جي مند سڄي سال جا ڪشٽ ڪٽيندي هئي پر وري اپريل ۾ گرم ڏڏڙ سان پريل جهولا لڳڻ شروع ٿيندا ها.

وري ساڳئي ٺهڪندر گرمي جنهن مان پياريءَ سنڌ کي هڪ وڏو فائدو اهو هو تہ ڪي بہ حملاور باوجود فوجي فتح جي، ان برندر تپت کان شڪست ياب ٿي پنهنجي وطن وڃي سکي ٿيندا ها. اڪثر پٺاڻ ئي ڪاهون ڪندا ها ۽ چوندا ها، ”يا خدا! سيوهڻ سبي چون ساختي، دررخ چرا بر داختي!“ يعني سيوهڻ ۽ سبي جا شهر خلقيئہ تہ پوءِ دوزخ ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي.

اهڙيءَ آزاريندڙ آبهوا واريءَ ڌرتيءَ لاءِ، خاص ڪري پوني جي فرحتي فضا ۾ تڙڦڻ تہ هڪ عجيب ۽ اجائي ڳالهہ لڳندي. پر يارو! دل تي ڪو وس ناهي. سنڌڙيءَ سان اڙيل آهي جندڙي، خوش نصيب ٿيندا سين جو موٽي ان آبهوا ۾ پنهنجي وطن ورنداسين.

## معدني پيدائش

سنڌ ۾ سوني چانديءَ يا هيرن جواهرن جون کاڻيون نہ هيون پر تن ۽ من لاءِ اُنهن کان بہ وڌيڪ جن چيزن جي ضرورت آهي تن جا اڻ ميا ڀنڊار ڀريل ها. اناج ۽ روح رچندڙ سنتن ۽ صوفين جا ڪلام. معدني مالن جي بہ هرو ڀرو سڃ نہ هئي

(۱) **لوڻ:** ڪراچيءَ ۾ ماريپور ۾ ساموئنڊي لوڻ جو وڏو ڪارخانو هو، جتان آفريڪا وغيره پرڏيهن ۾ ٻيڙا ڀرجي ويندا ها. لاڙ ۾ پنيور کان حمڪي بازار تائين لوڻ جا تهہ ٺهي ويندا ها. جاتي تعلقي ۾ لوڻ جون کڻين ڏنديون هيون.

(٢) جاتي تعلقي ۾ اهڙيون ڍنڍيون به هيون جن مان "**سوڊا ڪار**" نڪرندي هئي.

(٣) مان پنهنجي "انڊس گلاس ورڪس" لاءِ **سليڪا واريءَ** جي تلاش ۾ ڪيرٿر جبل ڇاڪاريا ها ۽ آتي ان قيمتي واريءَ جا اٿاهه ڀنڊار ها. ٽڪرين جي مٿين تهه هٽائي، اچي ڪنڊ جهڙي واري ڪڍڻ ۽ ريلوي تائين آڻڻ، ڏاڍو مشڪل ۽ مهانگو ڪم هو. تنهنڪري اسان اُنهن جو فائدو وٺي نه سگهياسين. جنگشاهي استيشن کان ٦-٧ ميل پري هڪ ٽڪريءَ مان توري ميرانجهڙي واري ملندي هئي. اُن مان اسان لکين بوتلون گلاس وغيره ۽ ڪانچ جون شيون ٺاهيندا هئاسين.

(٤) **ميٽ**: حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر جي ڏاکڻيءَ ڀڄاڙيءَ وٽ، ننڍي ۽ جهرڪن جي جابلو ايراضيءَ مان ۽ روهڙيءَ جي ٽڪرين مان ميٽ ۽ ميٽوري نڪرندي هئي.

(٥) **ڦٽڪي**: ڪير ٿر ۽ جهرڪن واريءَ ايراضيءَ مان هلڪي ڪوالٽيءَ جي ڦٽڪي نڪرندي هئي، جنهنکي "ڦلي" چوندا ها. سستائپ جي لحاظ کان اسان پنهنجي ڪارخاني ۾ اُها ڪتب آڻيندا هئاسين.

(٦) **ڪوئلو**: جهمپير ويجهو ميٽنگ وٽ ٽڪرين مان ڪوئلو نڪرندو هو پر اُن ۾ گهربل تاپش نه هوندي هئي پر رواجي ٻارڻ لاءِ ڪارائتو هو. دادو ضلعي ۾ لاکڙا وٽ به اهڙو گهٽ ڪوالٽيءَ جو ڪوئلو نڪرندو هو.

## زمين جو عجائب گهر

سنڌ جڻ ته مختلف زمين جو هڪ عجائب گهر آهي. ڪٿي وٽڪار وارا ساوا جبل ته ڪٿي ٿوڙها. ڪٿي ڪارو ڪلر ته ڪٿي زرخير آبادي، ڪٿي رڃ ته ڪٿي چيڪي مٽي، ڪٿي چوني جي اڇي مٽي ته ڪٿي زمين مان ٽهڪندڙ گندرفي پاڻيءَ جا چشما. ڪٿي ڏٻڻ جهڙي خطرناڪ زمين به ٿيندي آهي. ڏٻڻ ۾ پاڻي نه ٿيندو آهي، رڳو چنبڙندڙ ٺئي جهڙي لڳ لڳ گپ ٿيندي آهي سا به اونهي ۽ اوڙاهه. ان ۾ ماڻهو چا پر جي ڪو اُٺ يا هاٿي به اچي وڃي ته هلندو ويندو هيٺ جيئن جيئن نڪرڻ لاءِ زور لڳائيندو، تيئن تيئن وڌيڪ هيٺ ٿيندو ويندو، تان جو زمين ڪيس هاپو ڪري ڳڙڪائي ويندي ۽ وري ساڳي جو ساڳي ٿي ويندي. اُن جي اونهائي ۽ ڳوڙهائي جو انت ئي ڪونهي ته هيٺ ڪٿي وڃي ٿي پوري ٿئي! ڪي ماڻهو اُن مان پنهنجو بچاءُ هيئن ڪندا آهن ته اُن گپ ۾ يڪدم ليٽي پوندا، ليٽڙيون ۽ ليڙيون پائيندا نڪري ايندا ها. پر ضد ڪري جي پنهنجي زور تي بيٺو ته ويندس ڏٻڻ ڳيهندي.

جتي جتي اهڙيون ڏٺيون ٿينديون هيون تتي چوڏاري لوڙها ڏيئي ڇڏيندا ها. هڪ دفعي ڏٺم ته هڪ گهوڙو، هڪ ڏهڻ ۾ ڦاٿل هو ۽ سندس مالڪ پريان رسيءَ سان ڇڪي اُن کي بچائڻ پئي چاهيو پر ويجهو نه پئي ويس. گهوڙي گهٽوئي زور هلايو پر وريو ڪجهه ڪين. جنگهن ڪان مٿي پيٽ تائين غرق ٿي چڪو هو. گهٽو ئي رنڀيو، زور هلايائين، پر سيني جي ڏسندي ڏسندي ڌرتي هاپو ڪري ڳهي ويس. ان مان اهو سبق پرايم ته انسان جو پنهنجو زور ۽ ضد ڪم نٿو ڪري پر ڌڻيءَ کي ياد ڪري، اُن ٻاجهاري جي پيرن ۾ ليٽڻ ڪانسواءِ ڇٽاءُ نٿو ٿئي.

مطلب ته سرجٹهار سنڌ کي پانت پانت جي زمين سان سجايو ۽ نرالو بڻايو آهي. ڪوهستان جو جابلو ملڪ ته ائين آهي ته ڀهاڙن جي سمنڊ ۾ ٽڪرين جون لهرون ٿيون لڳن. نگر پارڪر طرف رڻ واري زمين ائين نظر ايندي ته پريان پاڻيءَ جي سمنڊ ۾ لهرون ٿيون لڳن. وڃ ڪاهيندو، وڃ ڪاهيندو ته واريءَ سواءِ ڪجهه نه لهيندو.پريان ڪو ڇيٽو پيو هوندو ته وڏو ڏونگر پيو ڏسبو. پنجن ائن ڪوهن تان ڪو آٽ پيو ايندو ته پاڻبو ته ڪو راڪاس ٿو اچي جنهنجي چوٽي آسمان سان پئي گسي. اهڙي نڳٽيءَ ڌرتيءَ کي رڃ يا مرگهه ترشنا ڪري چوندا آهن. اها رڃ، سڄ جي ڪرڻن جو جادو آهي ڇو جو ته ڌرتيءَ جو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته ڄڻ پاڻيءَ جون لهرون ٿيون نچن. هرڻن سان ته جنسي وٺل ٿيندو آهي، جو ايڏو پاڻي ڏسي ڇلانگ ماريندو ان پٺيان ڊوڙندو آهي. جيئن جيئن ڊوڙندو ويندو تيئن تيئن پاڻي اجان ٻه اڳيرو ڏيکاري ڏيندس. ائين ڊوڙي ڊوڙي ساٿو ٿي ساهه نڪري ويندو اٿس. اهڙيءَ طرح انسان ٻه پنهنجن حواصن جي مزن پٺيان ڊوڙندو رهي ٿو پر ڍءُ نٿو ٿيئس. زن، زر، زمين، موهه ۽ "مان- مان" جي مرگهه ترشنا ۾ حيران پريشان ڊوڙندو رهي ٿو.

شاسترن ۾ چيل آهي ته سڄي ڪائنات ائين ناهي جيئن ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مالڪ جي جوڙ هڪ طلسم وانگر اِلاهي اسرار آهي جنهنکي اهو لقاءُ جنسي ڏسٹو هجي سو نگر پارڪر جي رٽپٽ ۾ وڃي ڏسي:-

ڏرين ڪوهه پيار، سامي مايا موهه سان؟
* اٿي سڀ اوديا سندو، اڻ هوندو اسرار،
جيئن نانگ نوڙيءَ ۾، سپني ۾ سنسار
ڪر نه جيءُ خوار، مرگهه ترشنا جي جل ۾.

---

* اوديا- اٹجاڻائي جي اوندهه ۾ نوڙيءَ کي نانگ سمجهبو آهي.

# ريگستان

سنڌ جي اٽڪل چوٿين پتي ريگستان هئي. اول ڪجهہ وڌيڪ هئي پر جڏهن ڪان سکر براج ٺهيو تہ اُن مان نڪتل واهن لکين ايڪڙ ريگستان جا سر سبز کيت بڻائي ڇڏيا ها. سنڌ جو مشرقي حصو جيڪو جيسلمير ۽ جوڌپور رياستن سان لڳي ٿو، اُهو ريگستان آهي. ريگستان ۾ واريءَ جي وڏن ڏڙن کي ڀٽون چوندا ها. اهي بہ ايشوري قدرت جو هڪ عجيب ڪرشمو ۽ نرالي سونهن جو نظارو آهن. خاص ڪري رات ۾ چانڊوڪي اهڙي جهڙي ڪير، تنهن ۾ چؤگرد واريءَ جا چمڪندڙ ذرڙا، ڄڻ تہ هيرن جي ڪٽين سان جرڪندڙ نرم غاليچو وڇايل آهي. روح کي راحت ڏيندڙ مٺي هوا. صاف آسمان جي چادر تي تارن جا ٻيا چمڪندڙ هيرا! چؤطرف خاموشي، رڳو واريءَ جي اٿاهہ سمنڊ ۾ هيٺ مٿي لهرون جن کي ذرڙا ٿو چئجي.

ڏڙن بدلي اُنهن کي واريا سا پهاڙ چئجن ٿو جو تہ انهن جبل جون باقاعدي ڊگهيون قطارون ميلن جا ميل هليون ٿيون هلن. هڪڙي ڀٽ يعني ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچبو مس تہ ٻي وڏي ڀٽ نظر ايندي. ائين سمجهبو تہ اجهو ٿا انهيءَ وڏيءَ ڀٽ تي پهچون پر حقيقتن ٻنهي ڀٽن جي وچ ۾ ڪجهہ ميلن جو فاصلو هوندو. اهڙي اُتانهين ڀٽن تي چڙهڻ وقت اُٺ جون ٽنگون پيون ٿڙنديون آهن. آزمودگار جت اُٺ کي سڌو چاڙهڻ بدلي ٽارو ڪري پاسي کان چاڙهيندا آهن.

ريگستان ۾ اناج جي پوک نہ ٿيندي آهي، رڳو ڪن ٽڪرن تي ٻاجهري ٿيندي آهي پر پيرون جام ٿيندا آهن. مسڪين ماڻهو پيرن جي مند ۾ هڪ ويلو پيرون ڪائيندا آهن. پيرن کي ولوڙي ۽ ڪاڙهي ڳڙ ٺاهيندا آهن. پيرون ڊگهن کي بہ ڪارائيندا آهن. برسات ۾ ڪنييون بہ نهايت گهڻيون ٿينديون آهن، جن جي ڀاڄي لذيذ ٿيندي آهي. اُتي مون اُهي ٻي آني سير ورتيون هيون جي اڄڪلهہ بمبئي ۾ هڪ سؤ رپئي سير آهن. اُتي ڏؤنرا بہ جام ٿيندا آهن، جن جو آچار سوادي ٿيندو آهي. ٿري ماڻهو سڪائي رکندا آهن ۽ ٿري ڪائيندا آهن. ٿر ۾ ڇيڙ يا مٽيرا بہ نهايت گهڻا ٿيندا آهن. گدرا ۽ هندا ٿا بہ ٿيندا آهن پر ڦڪا ۽ واريا سا. پر اهڙي برپٽ ۾ جتي ٻيو ڪو ميوو نہ ٿيندو آهي، تتي اهي ويچارن ٿرين کي انگور ۽ انبن کان بہ مٺا ۽ سوادي لڳندا آهن

ريگستان مڪڙن کي گهڻو پسند آهي جو اُهي جو اُهي کيس وير گهر سمجهندا آهن چاڪاڻ تہ واريءَ ۾ سونهن سان ڪڏ ڪوٽي، هر هڪ مڪڙ هزارين آنا لاهيندو آهي. اِهي بيشمار آنا، ٿوري وقت گذرڻ بعد ننڍڙن تڏن وانگر ٽپ ٽپ ڪري هلندا آهن، جن کي ٿري لوڪ ڦڪا چوندا آهن ۽ ساري ڌرتي ڦڪن سان ڪاري ٿي ويندي آهي

۽ ڊپ وڌندو آهي تہ جڏهن اِهي وڏا ٿي مڪڙ آڏامڻ لڳندا تہ ساري دنيا مٿان مڪڙن جا ڪڪر ڇائنجي ويندا ۽ گاهہ ۽ وڻن سان گڏ ماڻهو ۽ جانور بہ ڪائي ڇڏيندا. انهن ڦڪن کي مارڻ لاءِ ٿري لوڪ پنڌرهن ويهن فوٽن جي وڇوٽيءَ تي کڏون کوٽيندا آهن ۽ پوءِ وڏن ٻوهارن سان ڦڪن کي هش هش ڪندا هڪليندا انهن کڏن ۾ اچي ڪيرائيندا آهن. ٿورن منٽن ۾ اهي کڏون ڪروڙين ڦڪن سان ڀرجي ويندیون آهن ڇو جو تہ اهي اڃا آڏامڻ جهڙا نہ هوندا آهن. پوءِ انهن کڏن مٿان واري ورائيندا آهن تہ مڪڙن جا بيشمار ٻچڙا دٻجي مري ويندا آهن.

مڪڙن جي اچڻ تي ٿرين کي غم بہ ٿيندو آهي تہ خوشي بہ. غم انڪري جو گاهہ، جيڪو سندن مال جو جياپو آهي سو مڪڙ ڪائي ڇڏيندا آهن ۽ جانور بک وگهي مرندا اٿن. خوش ان لاءِ ٿيندا آهن جو هو پاڻ مڪڙ ڪائي ڍءُ ڪندا آهن. رات جو مڪڙ وڻن ۽ ٻوٽن تي داٻو ڪندا آهن ۽ ٿري انهن هيٺان پنهنجا ڪنا ۽ چادرون پکيڙيندا آهن. پوءِ وڻن ۽ ٻوٽن جي ٽارين کي لوڏيندا آهن تہ مڪڙ اٿين اچي هيٺ ڪرندا آهن جيئن ڪنهن ٻير کي ڌوڏڻ سان پڪا ٻير اچي هيٺ ڪرندا آهن. پوءِ ٿري ماڻهو، مڪڙن جون ڳوٽيون ۽ ٻورا ڀريندا ويندا ۽ اهي گهر کڻي ايندا، جتي ٿهڪندڙ پاڻيءَ جي وڏين ديڳين ۾ اچي ڳوٽين ۽ ٻورن جا منهن کوليندا. مڪڙن جي رجهي وڃڻ بعد انهن کي ديڳين مان ڪڍي، سندن سسيون ۽ پچ اُڇلي باقي ڍِڍرن جا مٽ ڀري رکندا، جنمان سڄو سال ٻيا ڪچرين وانگر ٿري کائيندا. جيئن تہ مڪڙ سٽيا ٿيندا آهن، انهن ڪچرين ۾ گيهہ وجهڻ جي ضرورت نہ پوندي اٿن. ٿري چوندا آهن تہ مڪڙ نهايت طاقتور ٿيندا آهن ۽ خاص ڪري جنسياتي طاقت جهجي ٿيندي اٿن. سنڌ ۾ نون پرڻيلن کي حلوو يا سيرو ڪارائيندا ها پر ٿر ۾ مڪڙن جي پلاءَ جو ڍءُ ڪرائيندا ها.

**پاڻي** : ريگستان ۾ سڀ کان مشڪل مسئلو آهي پاڻي. برسات ۾ تہ پوڻا، تلاوَ ۽ دٻا ڀرجي ويند ها جن ۾ ٻہ يا چار مهينا پاڻي رهندو هو ۽ پوءِ ساڳي اُڃ ۽ اُسات. نگر پارڪر ۾ هندن جي تيرٿن جي تلاوَن ۾ ٻارهن مهينا ئي پاڻي هوندو هو پر ٻين هنڌن تي تہ ٢-٢، ٣-٣ ميلن تان پاڻي آڻڻو پوندو هئن. ڪي ماڻهو برسات مهل بہ ٽي سؤ دلا يا مٽ ڀري رکندا ها پر عام لاءِ اِهو ممڪن نہ هو. کوهن کي ترڙ چوندا ها ۽ انهنجو پاڻي اڪثر ٻاڙو ٿيندو هو، اهڙو جو جلاب لڳن پر مسڪين ٿري اُن تي بہ لاچار هري ويا ها. ڪٿي ڪٿي پاتالي کوهہ بہ ها جنجو پاڻي مٺو ۽ صحت بخش هو. گدڙي طرف جا اهڙا کوهہ سراسري ٽي سؤ فوٽ اونها ها جنجو پاڻي ڪڍڻ لاءِ اُٺ جوٽيا ويندا ها. دور دراز کوهن تان پاڻي گڏهن يا اُٺن تي آڻيندا ها. ڏيپلي طرف کوهن جي اونهائي رڳو پندرهن ويهہ فوٽ هوندي هئي.

**نانگ بلائون:** ڍڳوان ويچارن ٿرين تي ٻيون ٻه گهٽيئي آفتون ٻجي ڇڏيون آهن. اهڙو ڪو نانگ يا بلا نه هوندي جيڪا ريگستان ۾ نه هجي. اُتهون جي وارياسي ۽ نرم زمين سرنڊڙ ساهوارن لاءِ موزون آهي جو بنا تڪليف ان ۾ ٻر ٺاهي غائب ٿي ويندا ها. ڪاريهر، گهوڙيال، هڻ ڪڻ، ٻه منهين ۽ پيڻ بلائن جو ته ٿر خاص پيارو وطن هو. هتي سيني جي بيان لاءِ ٻيو پوٿو گهرجي، اُن لاءِ اُڇاترو ذڪر ڪيان ٿو. خاص ڪري برساتين جي ڏينهن ۾ جڏهن نانگن جي ٻرن ۾ پاڻي پرجي ويندو هو ته ٻاهر نڪري گاهه ۾ پيا رڙهندا ها. اوندهه ۾ ڪنهنجو پير ويجهو ايندن ته ڏنگيندا. ڏينهن جو ٻه ماڻهوءَ کي سڌ نه پوندي جو سڄي زمين گاهه سان سٽي پيئي هوندي هئي. ان لاءِ ٿري ڇا ڪندا ها جو ڪنهن رڍ يا ٻڪريءَ جي کل گوڏن تان ويڙهندا ها ڇو جو کل تي نانگ جي ڏنگ جو اثر نه ٿيندو هو.

نانگ ٻه سائينءَ جي عجيب جوڙ آهي. زمين تي پيا سرڪندا، ڪٿ تي نه چڙهندا پر وڻ تي ۽ جهڳين جي ڪکاين ڇتين تي چڙهي ويندا، جتي جهرڪين جي آکيرن ۾ سندن ٻچا وچي ڳڙڪائيندا. ٻه منهون نانگ ڇهه مهينا هڪڙو منهن کوليندو آهي ۽ ڇهه مهينا ٻيو وارو منهن کوليندو آهي. گهوڙيال نانگ نالو ان لاءِ آهي جو گهوڙي وانگر تکو ڊوڙندو آهي. نانگن کي پير نه ٿيندا آهن پر اهڙو تکا ڊوڙندا ڏٺا اٿم جو اک ڇنڀ ۾ غائب ٿي ويندا ها. نانگ ور وڪر هلندا آهن پر پيڻ بلا سڌي هلندي آهي ۽ ڪوهن جا ڪوهه تير وانگر ڊوڙندي ويندي آهي.

نانگن جا ٻه هزارين قسم آهن تن مان واسينگ نانگ جي زهر سڀ کان خطرناڪ ٿيندي آهي. آهو ٻه جنهن هڪ کي ڏنگيندو سو مرندو، پر انساني جامي ٻه سياستي نانگن جو زهر ته هڪ دفعي ئي هزارن کي ڏنگي ٿو. خير، ڪاريهر نانگ ته ڪي ست اٺ فوٽن کان ٻه ڊگها ٿيندا آهن. نر مادي گڏجي رهندا آهن جو پاڻ ۾ ڏاڍي پريت ٿيندي اٿن. هڪ کي ماربو ته ٻيو ضرور اُن جو بدلو وٺندو ۽ وجهه وٺي ٻارهن مهينن ۾ ٻه اچي ڏنگيندو. ٿر ۾ اُنهن جي وير وٺڻ جا گهٽيئي قصا ٻڌمر. ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ انگريز ان ڊپ کان اِنگلنڊ پڇي پئي ويو، پر جهاز ۾ ٻه هڪ نانگڻ هنکي ڏنگ هڻي ماري ڇڏيو. اسانجي ماءُ جي ماسيءَ هيٺيءَ جي پٽ، ڪجيءَ جي وڻ هيٺان هڪ نانگڻ کي ڪهاڙيءَ سان ٻه اڌ ڪري ڇڏيو ۽ ڊپ کان باغ ۾ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنائين. مهيني اڌ ڪانپوءِ الائي ڪيئن هڪ نانگ شهر ۾ اچي هنجو گهر ڳوليهي لڌو ۽ ڏنگيائينس. سچائڻ جي اِها غضب جي پڪي ساڃهه الائي ڪيئن ٿي اچين! هندو ته ڪين سرچائڻ لاءِ نانگ پنچمي ۽ ڏينهن کير پيئاري پوڄا ڪندا آهن.

ٿر جي نرم زمين ۾ **ڪوئا** ٻه جهجها ٿيندا آهن ۽ اُهي نانگن جو لذيذ طعام

آهن. هڪ ڪُئي سراسري هڪ مهيني ۾ ڏهه ٻچا ڄڻيندي آهي ۽ سندس اولاد به جلد ٻار ڏيڻ شروع ڪندي آهي. ليکو ڪيو اٿن ته هڪ ڪُئي ۽ سندس ڏيڍ ٽن سالن اندر ٻه ڪروڙ ٻچا پيدا ڪنديون آهن. انسان ذات جا رکيڪ نانگ ديوتا نه هجن ته جيڪر انسان به ڪوئن جو کاڄ ٿي وڃن.

ٽر ۾ نه اناج ۽ نه ٻيا ڪي هنري ڪارخانا. جڏهن منهنجي ميزبان آتان جي ماڻهن جي دردناڪ حالت ٻڌائي ته ڪيئن نه ويچارا بکيا گذاريندا آهن ته مون کيس چيو: مالڪ پنهنجي مهر سان هتي جي رهواسين لاءِ ڪوئن ۽ نانگن جي اڻمئي رسد رسائي آهي ۽ ماڻهو اُها بخشيش ڇو نه ٿا انگيڪار ڪن؟ چيني لوڪ انهن ٻنهي جيون کي سڀ کان وڌيڪ لذيذ کاڌو ليکيندا آهن ۽ انهن ۾ وٽامنس ۽ طاقت به نهايت گهڻي ٿيندي آهي.

هانگ ڪانگ ۾ "جروائز" ۽ "هليئر" رستن تي، مون نانگن ۽ ڪوئن جي بازار ڏٺي هئي جتان چينائي زالون، ياڇين وانگر اِهي جيو به وزن ڪرائي خريد ڪري پئي ويون. مان انهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "سڪارٽو سفر" ۾ ڪيو آهي. هڪ وڏي پنج- اسٽار هوٽل ۾ ويس ته اُتي شيشي جي وڏن ڪولن ۾ ننڍا وڏا نانگ پئي ترڪيا. جنهنجو موت پئي آيو تنهن ڏانهن گراهڪ اشارو پئي ڪيو ته پرسان بيٺل نوڪر، دستانا پيل هٿن سان نانگ کي منڍيءَ کان سوگهو جهلي ٻاهر پئي ڪڍيو. ٻاورچيءَ اُن ڦٿڪندڙ نانگ جي هڪ تکي ڪات سان کل ٿي لاٿي ڇو جو ته نانگن جون کلون وڏي اگهه ۾ وڪامنديون آهن. پوءِ نانگ کي ڳنڍيرين جيڏا ٽڪر ڪري، تيل ۽ مصالح ۾ تري رس ۾ گراهڪ اڳيان پئي پيش ڪيائون. گراهڪن، اهي ٽڪر ڪائي چپ پئي چٽيا ڄڻ ته رسگولا يا برفي پئي کاڌائون. ٿري لوڪ ته ماس کائو آهن ۽ ڪين، ڪير ڏيندڙ جانورن بدلي اهو ماس کائڻ گهرجي ته نانگن جي کلن مان ناڻو به جهجهو ڪمائيندا.

اُن رام رحمان جا رنگ ڍنگ نيارا آهن جو نانگن جا وڏا ويري مور ۽ چاهها به اُتي جام پيدا ڪيا اٿائين. مور، نانگ کي چنبن ۾ پڪڙي، مٿي اڏامي هيٺ ڦٽو ڪندو آهي ۽ ائين ٢-٣ دفعا ستن سان نانگ مري ويندو آهي ته پوءِ ڳڙڪائي ويندو اٿس. چاهي جي ٻت تي ڪنڊا ٿيندا آهن. هو نانگ کي پڇ کان ڳيهڻ شروع ڪندو آهي ته نانگ زور سان ڦڻ هڻندو اٿس ته ڪنڊن سان ڦٽجي رتورت ٿي پوندو آهي. جيئن جيئن چڙ ۽ خارن مان زور سان ڏک هڻندس تيئن تيئن چاهي جي سوئن جهڙن ڪنڊن سان لهو لهاڻ ٿيندو ويندو ۽ نيٺ ڪري پوندو ته چاهو سمورو ڳڙڪائي ويندس.

ٿر جي اهنجن پريءَ ڌرتيءَ جو سير ڪندي مونکي اچرج لڳندو هو ته اُتي مور جهڙو موهيندڙ پکي ۽ هرڻ جهڙو حسين جانور نهايت گهڻي تعداد ۾ ٿيندا

آهن. هر هڪ ڳوٺ يا واهڻ ۾ گهرن جي آسپاس سوين مورن ۽ ڍيلن جا ولر ڏسڻ ۾ پئي آيا جيڪي ڪڪڙن وانگر پٽ تان داڻو ڪٽو پيا چڳين. سبب اهوئي آهي ته مورن جو ڪاڏو آهن نانگ. آهي ڪين اُتي جهجها ملن ٿا. جتي ماني تتي ماڳ. مور تي نانگ جي زهر جو اثر نه ٿيندو آهي، مورڳو جنهن ماڻهوءَ کي نانگ ڏنگيو هجي، پلي منهن مان گجي پئي نڪريس، تنهنکي مور جو کنڀ، پاڻيءَ ۾ ملائي زوريءَ پيئاربو ته ڏهن منٽن اندر چاڪ ٿي پوندو.

هرڻ جي هجڻ جو سبب اِهو آهي ته ريگستان ۾ ملين جا ميل ماڻهن جي رهائش ناهي. هرڻ هڪ نهايت نازڪ طبع ۽ ڏڄڻو جانور آهي. ماڻهوءَ تي نظر پوندس ته ٽپو ڏيئي ائين ڀڄندو جيئن ڪمان مان تير ڇٽو. هرڻ جو گوشت لذيذ ٿيندو آهي ۽ تنهن ڪري ٿر جا جاگيردار پنهنجي معزز مهمانن جي خاطر طواضع هرڻ جي گوشت سان ڪندا ها. هرڻ اَٺ ڪان نه ٿهندو آهي. تنهن ڪري توبچي اَٺ جي پٺيان لڪي لڪي هرڻ جو شڪار ڪندا ها. ڪٿين سال اڳ حاڪم هرڻ جو شڪار بازن ذريعي ڪندا ها پر هاڻي باز ڌارڻ بند ٿي ويا ها. شڪاري باز اهڙا هريل هوندا ها جو مالڪ ڪين پريان هرڻ ڏيکاري ڪولي ڇڏيندو. باز مٿان اُڏامندو ايندو ۽ پنهنجا تکا چنبا اچي هرڻ جي اکين ۾ هڻندو. هرڻ رت ڳاڙيندو گهٽوئي ڀڄندو پر باز وري به اچي اکين ۾ چنبا هڻندس، تان جو هرڻ انڌو ٿي لاچار ٿي پوندو ته شڪاري اچي جهليندس.

ريگستان ۾ ٿري ماڻهن جو گذران سخت پورهئي سان ٿئي ٿو، تنهن ڪري ڪين پرائي پچر جي فرصت ئي نه هوندي هئي. نه ڪنهنجي هنئين ۾ نه ڪنئين ۾. اوکي سوکي ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا ها. پاڙي ۾ ڪو بيمار ٿيندو ته زالين مڙسين پڇڻ ويندس، دلداري ڏيندس ۽ گهر جو ڪم ڪار به ڪري ايندس. ان ۾ هندو مسلمانڪيءَ جو فرق نه رکندا ها. پاڻ ۾ ساز سلوڪ اهڙو هئن چڻ ته هڪ ئي برادريءَ جا ها. شاديءَ غميءَ ۾ پاڻرن جيان هڪٻئي جي گهر اچن وڃن، ڪائن پيئن ۽ ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهن. مجلس ۽ محفل ۾ به گڏجي رهاڻ ڪندا ها. هندو مسلمانن جو ميل محبت ۽ انسانيت ڪنهنکي ڏسڻي هجي ته ريگستان وڃي ڏسي.

## ڪوهستان

ائين ته سنڌ ۾ جتي ڪٿي ٽڪريون ۽ ٽڪر آهن پر ڪير ٿر جبلن جي قطار، جيڪا سنڌ کي بلوچستان ۽ نس ٻيلي کان جدا ڪري ٿي تنهن کي ڪوهستان چئبو آهي. اُتي رات جو ٿڌي هوا جا سوسات، ڏينهن جو سج جي تابش. اونهاري

۾ لڪون اهڙيون جو ڪانوَ جي اک پٽي نڪري ۽ سياري ۾ ولهه جهڙي ٿڌ! نيون، نارا، ڍنڍون ڍورا جام پر سڀ سڪل. جبلن جي لاه تي ڪي وڻ ٻوٽا ۽ جهنگلي ٿوهر آهن پر ٻيلا بنهه ڪينهن، ڇو جو ته برسات ٿوري پوندي آهي ۽ جبل آهن ننوڙها.

پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ آهي. پوک خواه مال جي چاري لاءِ مينهن تي مدار، جيڏانهن ڳاهه تيڏانهن راهه. مينهن نه پوندو ته تيڙ ٽاري ڪٽي اچي سنڌو درياهه ڪناري ٽاٽو ڪندا. لڏڻ ۾ گڏهن يا اُٺن تي زالون، ٻار، جنڊ، ديڳڙا، دلا، ٿڌا، رليون سڀ هڪ ٻئي جي مٿان سٽيل هوندن. سنڌن زالون ميريون، لٽاريون، پيرين اگهاڙيون، بي پرده مگر حياءَ ۽ شرم جي پردي واريون، جانٺيون ۽ موچاريون اهڙيون جهڙيون مان ڪشمير جي پرئين پاڱي پدرواهه ۽ ڪشتواهه جي پهاڙن ۾ هندو زالون ڏٺيون هيون.

ڪوهستان ۾ ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جا وڏا ڪن آهن جن جي پسگردائيءَ ۾ ڳاهه ٿيندو آهي، تنهنڪري مالدار ماڻهو، چاري جي سانگي تي ڊاهو ڪندا آهن. اُنهن پاڻيءَ جي ننڍين ڍنڍين ۾ واڳون لڪل رهندا آهن. ڪو چوپايو جانور پاڻي پيئڻ مس ايندو ته ريڙهي ڪندس اندر. جي وات ۾ نه ماپيس ته پڇ نڪاءُ ڪندس. پڇ ۾ اهڙي طاقت جهڙو شينهن جو پڪ! پر ڏنارن کي خبر آهي ته واڳوءَ جو نڪ نرم ٿيندو آهي. اُتي نڪاءُ ڪندس لٺ ته سور ۾ پرجي جانور کي ڇڏي ڀڄي ويندو. تعليم ۽ هنر جو نالو ڪونهي. ماڻهو جاهل پر ايماندار.

ڪوهستان جي مکيه قوم آهي بلوچ. هن قديم قوم کي سنسڪرت ۾ بل+ اوچ= ٻل ۾ وڏا چيو ويو آهي. اُنهن جي رهڻي ڪهڻي هزارين سالن کان جنسي ويدن جي جڳ واري هلندي ٿي اچي، محنتي، دليون ۽ لباس موڪرو، وار وڏا، چولو ڊگهو، مٿي تي پٽڪو. بلوچن ۾ وڏو تعداد بروهين جو آهي. قلات رياست جو والي پڻ بروهي خاندان مان هو. شاديءَ غميءَ ۽ ٻيون رسمون رواج سيني قومن جا ساڳيا ها. هر هڪ قوم جا سردار جدا جدا ٿيندا ها. جيڪي سنهن ڏوهن کان وٺي ويندي خون جي گناهه تائين فيصلو ڪندا ها. خون يا ٻيا پيچيدا ڪيس جرگي ۾ پيش ڪندا ها. ”جرگو“ معنيٰ قومي سردارن جو ميڙ. مرد ڏاڙهي يا مٿي جا وار نه ڪتائيندا ها. غربت ڪري تمام سادا ڪپڙا، ڪاري يا نيري رنگ جا پائيندا ها ته جيئن ميرا ڏسڻ ۾ نه اچن. پر پڳ اڇي ٻڌندا ها ڇو ته ڪاري تڏهن ٻڌندا، جڏهن ڪو ويجهو مائٽ فوت ٿي ويندو هئن. جبلن ۾ رهڻ ڪري هو قداور ۽ جاٺا هوندا ها. ڪم جو ڪوڙو ۽ هڏ جو چور ڪو مشڪل ٿيندو هو. جبلن تان لهه چڙه، چشمن جو صاف پاڻي، نج کير ۽ گيهه. سندس چڱيلائيءَ جا ڪارڻ ها.

مرد اُهو جو ٿڌي ڪوسي صبر سا سهي پر بروهي زالون به مردن جهڙيون بهادر ۽ ڪم ۾ پاڻ پچائي هلنديون آهن. ڪو ڇڙو مڙس ڪانئن گوءِ ڪٽندو. ڪهڙو به انڪائيو ڪم هوندو ته گوٺاڻي نه ڪنديون. اٽ لڏڻ ۽ لاهڻ، پوجهو ڍوئڻ، وڻ وڍڻ. مطلب ته سڀ ڪم ۾ مرد سان پانهن پيلي ٿي بيهنديون. گفتگوءَ ۾ نرمي ۽ اٽ ويهڻ ۾ آدب. مردن جي محفل ۾ ڌارين اڳيان نه ويهنديون. سهاڳڻيون گج يا پريل ڪنجري ۽ نڪ ۾ نٿ، ڪنواريون چولو ۽ نڪ ۾ بولو. وڏوائون لسيون ڪنجريون. ڪاريءَ سوسيءَ جي سٿڻ ۽ نڪ پٽو رکنديون هيون.

ڪوهستاني هندو به سچائي نه سگهيا ها. ڏاڙهيون وڏيون ۽ وٽيل. ٽاڪئي کن جو مٿي تي پڳڙ. فرق رڳو اهو ته اڏ مٿو ڪوڙيل ۽ چوٽي هوندن. اها خبر تڏهن پوندي جڏهن پٽڪو لاهيندو. هندو زالون به گج يا ڪنجري پائين. سٿڻون ۽ پرا به پائين. بولي هندو مسلمانن جي ساڳي. وڏا دلير جو هٿيار به هوندا هئن ۽ تلوارون ۽ نيزا هلائڻ ۾ به پير هوندا ها. شهري هندن ۽ هنن جابلو هندن ۾ ڪو ميل نه هوندو هو. جبلن ۾ پيون خوفناڪ بلائون هونديون هيون پر اجا سياسي خطرناڪ اڳواڻن جي آمد ڪان بچيل ها ۽ تنهنڪري هندو مسلمان مٺ محبت سان رهندا ها.

ريگستان وانگر ڪوهستان ۾ به برسات جيايي جو وسيلو هئي. بعضي به ٽي ڏينهن پوندي هئي ته سندن ڪکاين جهوپڙين ۾ پاڻي پيو ٽمندو هو. ڪپڙا لٽا سڀ گپ چڪ ۾. ته به هي خوشيءَ ۾ پرجي نعرا هڻندا ها. "پيچ مولا پيچ!" پاڻ ۽ ٻچڙا سيءَ واءُ ۾ پيا ٺڙڪندا پر مينهن پوڻ تي ٺهڪ ڏيئي پيا کلندا ها.

سندن گذران جو مکيه وسيلو هو چوپائي مال تي. سال ۾ رڍ جا وار يعني اُن جو فصل لهندو هئن به دفعا، ٻڪرين ۽ اٺ جا وار هڪ دفعو ڪتريندا ها. تنهن ڏاس مان به چڱي چوکي رقم ملندي هئن. سنڌ جا واپاري اهي مال ڳنهڻ ايندا هئن. مکڻ ۽ گيهه مان به چڱو اُپراسو ٿيندو هئن پر کير نه وڪڻندا ها. ڪو پاڻي گهرندن ته کير يا لسي جو گلاس پيري ڏيندا ها. ڪن هنڌ قدرتي چشمن جون واهيون هونديون هيون ته ٿوري ڪٽڪ ۽ پاڄي پٽي پوکيندا ها.

ڪهڙي نه ڪٺن زندگي اٿن! ڪيترين نه مصيبتن جو مقابلو ٿا ڪن! مگر مجال آ جو سندن ايمان کي لوڏو اچي! ڪنهنجو ٽڪيو ڪين ٽڪين. نڪي ڪوڙي شاهدي پرين. هڪبئي ڏي ڪو پلاند هوندن ته اُنجي نبيرڻ لاءِ لکيت ۽ شاهدن جي ضرورت ناهي چو جو ته ڪوبه اني نه ويندو ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کي گناهه سمجهندا ها. سڀ ڪم اعتبار ۽ زبان جي سچائيءَ تي پيو هلندو هو. ڪو قرضدار مري ويندو ته اُنجا پويان، چٽن چگن جي چوڻ تي، چڪتو پيري ڏيندا، گوٺاڻي

نہ ڪندا ها.

نڪا ٺئي آڏي پڇا، نڪي شاهد، نڪي وڪيلن جي اينگهہ. مدعي ۽ مدعاليہ آمهون سامهون ويهي سچ ڳالهائيندا ۽ امين اُتي جو اُتي فيصلو ڪندا ها. گڏه ڳابي جي چوريءَ کان وٺي خونن جا مقدما بہ ايئن نبيري اُڇندا ها. ٻئي ڌريون وڪيلن ۽ ڪورٽن جي ڦرجڻ ۽ اينگهہ کان بچنديون هيون. فريادي ۽ جوابدار پاڻ ۾ ٺهي ويندا تہ امين وچ ۾ دست اندازي نہ ڪندا ها. هڪ دفعو معاف ٿيل گناه جي وري اُپٽار نہ ڪندا. معافي گهرندڙ کي نہ فقط قصور معاف ڪندا پر دل جي صفائي ڏيکارڻ لاءِ کيس مهماني ڪارائيندا. ساڻس ڪا نيائي آيل هوندي تہ اُن کي وڳو پهرائيندا.

اهڙو جابلو ملڪ جتي پوليس نہ پهرو. اُتي هر هڪ رهاڪو پاڻ کي شهرواسين کان وڌيڪ سلامت سمجهندو هو. ڪيترن غريبن جون جهڳيون رڻپٽن ۾ اڪيليون هيون پر اُتي بہ هو بي پوا ٿي رهندا ها. ڳوٺن ۾ صرف هڪ هندوءَ جو دڪان، جتي هو باعيال رهيو پيو هوندو. ڏيتي ليتي سڀ اوڌر ۽ اعتبار تي پر مجال آ جو هڪ پائي بہ ميري ٿيس. هندوءَ جي گهر ناچاڪائي ٿيندي تہ مسلمان ٻارين ٻچين سار سنڀال لهندس. اهڙيءَ طرح هندو بہ ساڻن ساڳيا پير پريندا ها.

هنن جي مهمانوازيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! هو سمجهندا ها تہ پاڳوارن جي گهر مهمان ايندا آهن. وڏي معزز ماڻهوءَ جهڙي عزت آبرو ڪندس. قرض ڪٺي بہ کيس سٺو ڪارائيندا. پر هڪ اُن تي بہ بار نہ پوندو، ڇو جو تہ پاڙي اوڙي وارا بہ هن کي پنهنجو مهمان ڪري ليکيندا ها. رات ٿيندي تہ سڀيئي اچي مهمان وٽ مڙندا ۽ اوپاريون لهواريون ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا، ڄڻ تہ سندس پنهنجو ڪو عزيز آيو آهي.

بيابان جبلن ۾ نہ ٿين ڪي ناٽڪ يا تماشا. پر هو پاڻ ۾ ويهي جيڪا ڪچهري ڪندا ها سو شغل ڏاڍو مزيدار هوندو هو. هو آهن صفا ڇٽ، لڱن تي پورو لٽو بہ نہ هوندن، ميرا ۽ گدلا جو پرسان وٽي بہ ڪراهت پئي ايندي، پر هو جيڪي ٻوليندا ها سو شاه ساميءَ سچل وانگر اصلوڪو ۽ سجايو. ڪچهري ڪيئن رونق افروز ٿئي سا رمز ڪين الائي ڪيئن ايندي هئي. ڪوهستاني ماڻهو ساز سورد ۽ راڳ جا شوقين ها. اهڙو اثرائتو ڳائيندا ها جو ٻڌندڙ موج ۾ محو ٿي ويندا ها. شاه صاحب سر سسئيءَ ۾ جبلن جي ڏک ڏاڪڙن جو ذڪر ڪيو آهي سو سندن حالتن سان ٺهڪي ٿو اچي. سالڪ سسئي ورلاپ ڪري ٿي چئي:-

ور! ۾ وساريج، آهيان تنهنجي آسري،
ڏاڍو ڏونگر جو سڄي، سو لطفون لنگهائيج،
آسري اُتهين، وير! تون آري ڇام اچيج.

اي منهنجا خاوند! مونکي نہ وسارج! مان تنهنجي آڌار تي پيئي تڳان. هي جڳت روپي جبل اٿانگو آهي، سو مونکي پنهنجي مهر سان پار اڪارج! اي سورما سردار! تون اُتي اچي سهرج! هن نماڻيءَ جو تون ئي سهارو آهين.

سوز، سڪ ۽ ڀڳتيءَ ڀريل اِهي آلاپ ٻڌي، حاضرين جي دل ڀرجي ايندي. آسمان ۾ چنڊ ۽ ستارن جي سهائي ۽ خاموشيءَ ۾ پريم ۽ ڀڳتيءَ ڀريل انهن درد-فراق جي دانهن جو آنند انهن ڪوهستاني مسڪينن کي نصيب ٿئي ٿو. ڀڳوان سچ پچ رحيم ڪريم آهي جو اهڙن ڀرپٽن ۾ بہ ڏڌن کي ڏاڻ ڏئي ٿو.

ڪچهريءَ ۾ هڪ رنگ ڪک ڪري چڙيندو، ڇهڇتو وڏائڻ لاءِ آڪاٽيون، پروليون ۽ چرچا ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا. ايتري ۾ ڪڪڙ ٻانگ ڏيندو ۽ ڪچهري برخواست ٿيندي ۽ سڀڪو پنهنجي گهر واهي ٿيندو. اُن مهل ميزبان جي زال مانيءَ تي مکڻ جو چاٺو رکي مهمان لاءِ ٻہ وٽا لسيءَ جا کڻي ايندي.

## سنڌو سڀيتا

پياريءَ سنڌڙيءَ جي قديم مهان تهذيب ٻين ملڪن کان نرالي، نيڪ ۽ سکدائي آهي. ننڍي هوندي هتو پديش ۾ پڙهيو هو:-

کائڻ، سمهڻ، ڊڄڻ، ڀوڳ ڪرڻ، اِهي جانورن ۽ انسانن ۾ ساڳيا آهن. ڌرم، فرض ۽ تهذيب ئي ماڻهو ۾ خاص چيز آهي. جيڪڏهن اهو نہ هجي تہ انسان بہ جانورن جهڙو آهي. تهذيب ئي ماڻهوءَ کي اشرف المخلوقات بڻائي ٿي. دنيا ۾ ڀيون بہ سڀيتائون آهن پر جي سنڌي سڀيتا سڄي سنسار ۾ ڦهلجي وڃي تہ جهيڙا جنگيون، لوڀ وڏائي مٽي وڃي ۽ دنيا بهشت بڻجي پئي.

**ويدن جي بنيادي يومي :** دنيا ۾ اوائلي گرنٿ ويد آهن. اُنهنجو اڀياس ڪندي مونکي حيرت لڳندي هئي تہ انهن ۾ پوتر گنگا ۽ جمنا جو ذڪر رڳو هڪ هنڌ اچي ٿو پر سنڌو نديءَ جي ساراه سوين دفعا ڪيل آهي ڇو جو تہ اعليٰ ويدڪ آريہ سڀيتا جي اِبتدا، ان نديءَ جي ڪناري رهندڙ رشين منين ڪئي هئي. ان تهذيب جي نشاني سواستڪ آهي جيڪا اسان هندو سيٺي ڪارجن ۽ لکڻين جي منڍ ۾ ڪيندا آهيون، جنهنجي معنيٰ آهي تہ چئني ڏسائن ۽ هيٺ مٿي هر هنڌ اُهو اُپائيندڙ ايشور- الله هڪ ئي وياپي رهيو آهي. ويدن ۾ نہ رڳو روحاني گيان ۽ يوگ وديا جا ڀنڊار ڀريل آهن پر جوتش- نجوم، آيرويد- طبابت، حساب- علم رياضي، رساين، جيو وديا- علم حيات ۽ حيوانات، منتر شاستر ۽ فوجي علم بہ

پريل آهن. ويدن جي مهما تي هزارين گرنٿ لکيل آهن. مشهور جرمن عالم ميڪس مولر ۽ ٻين يورپين ودوانن ويدن نسبت وڏا پوٿا لکيا آهن. ويدن جي ٻولي سنسڪرت، سڀني ٻولين جي ماءُ آهي جو انهن جي گهڻن لفظن جي مول جڙ سنسڪرت مان نڪتل آهي.

**سنڌي آهن جڳت گرو:** ابتداعي علمن جي پندار جي رچنا سنڌ ۾ ٿي، ان مطابق اسانجو پوتر سنڌ نه رڳو هند جو پر سڄيءَ دنيا جو گرو- رهنما ۽ مرشد ٿيو. انهن اوائلي سنڌي رشين منين جو مکيه عقيدو اهو هو.

اُن هڪ برهم ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. "نيهه نانا ستي ڪنچن" يعني "وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل." ويدن جو اِهو گيان اڄ تائين سنڌي سڀيتا جي پيڙه آهي.

شاهه ٿو چئي:-

پيهي جان پاڻ ۾ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهو ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.

جنهن پنهوءَ پرماتما جي انسان ڳوليا ٿو ڪري سو درحقيقت هو پاڻ آهي. انحلق، ويدن جو آخرين نچوڙ- ويدانت اِهو آهي ته مان برهم آهيان.

**سڄي ڌرتي آهي هڪ ڪٽنب:** ويدن جو واڪيه آهي هيءَ سڄي ڌرتي هڪ ڪٽنب آهي. اُصول نه چڱو پر عمل بهتر، ڇو جو نه رهڻيءَ جي رتي، ڪهڻيءَ جي ڪنڊيءَ ڪان ڳري ٿيندي آهي. انجو رد عمل ۽ دستور جيڪو سنڌ ۾ هو سو ٻيو ڪٿي ڪونهي. مان نه سنيران نه اُتي ڪو فقير فقرو ڪنهنجي در تان خالي ويندو هجي. روٽي تيار نه هوندي نه ڪيس اٽي لپ، انب يا ڪارڪون ئي ڏبيون هيون. سروَ وياپڪ واسديو، پکين پسن ۾ به نه وسي ٿو، اُنلاءِ ڪئين لوڪ روٽيون پچائي صبح جر نڪرندا ها ۽ پکين ۽ ڪتن کي روٽيون ۽ وڻن جي پاڙن ۾ڪيڙلين ۽ ماڪوڙن لاءِ ڳڙ جي مستي وجهندا ويندا ها.

مطلب نه سڀني جيون جنتن جي گهر جي ڀاتين وانگر تات ڪندا ها. زالون ڦلڪا پچائڻ شروع ڪنديون نه اول ٿلهي روٽي ڳانءِ لاءِ پچائينديون هيون. ٿالهي پرڇجي ايندي نه اول ڳانءَ ۽ ڪتي لاءِ گراهي ڪڍبي هئي. ڪتي يا ٻلي ويم

ڪندي هئي ته ڪين ڪير به پيار ٻو هو. منهنجي ماءُ ته مڇين جو به گهڻو فڪر رکندي هئي. اتي ۾ ٿوري ڪنڊ ملائي گوريون ناهيون هيون ۽ هر هڪ ۾ "رام" نام جي چٽڪي وجهبي هئي. اُهي لکي لکي منهنجي چره نڪرندي هئي ته مان ماءُ کي چوندو هوس، "امي! منهنجا هٿ آڪر ايا ڪچا آهن ۽ ويچاريون مڇيون پڙهي نه سگهنديون." پر مجال آ جو هنتي ڪجهه اثر ٿئي! جيستائين هڪ هزار چٽڪيون نه لکندو هوس تيستائين لغڙ لاءِ پيسا نه ڏيندي هئي. جنم ڏينهن ناهريءَ جو ديڳڙو چاڙهيندي هئي ته نياڻين ۽ فقيرن کي ڪارائڻ مهل هڪ ٿالهي پري درياهه شاه تي مڇين لاءِ به موڪليندي هئي. کوهه ۽ مسجد ۾ ڏيئو ٻاري موڪليندي هئي. ڪٿين دفعا ڪو سوالي دير سان ايندو هو ته پاڻ بکئي رهي به اَوَل اُن کي ڏيندي هئي. اِها آهي سنڌي سيپتا ته پاڻ ڏک سهي به ٻين کي سک ڏجي.

مطلب ته سنڌ جي سيپتا هئي "ڏيو ۽ ڏيو" ۽ ائين سمجهو ته غريبن ۽ محتاجن کي ڏيئي اسان مٿن احسان نٿا ڪريون پر هو آسانڪي اهو وجهه ڏيئي اسانتي ٿورو ڪري رهيا آهن. ڪنهن برهمڻ کي ڪارائبو آهي ته اَوَل انجا پير ڌوئبا آهن ۽ ڪائي آتي ته ڪيس مصري ڦوٽو ۽ ڏڪٽا ڏيئي هٿ جوڙبا آهن ته "تو اسان تي ٿورو ڪيو." سنڌو نديءَ جي ڪناري نهيل ويدن جي اها سکيا ايامن کان آتي هلندي هئي.

"ڏيڻ" سان سڀ ساهوارا وس ٿيندا آهن، دشمنيءَ جو خاتمو ٿيندو آهي، اوپرو به پنهنجو ٿي پوندو آهي. "ڏيڻ" سڀني عيبن ۽ خرابين جي پاڙ پٽيندو آهي.

سنڌين جي سخاوت، سنڌ تائين محدود نه هئي پر ڀارت جي سڀني تيرٿن ۽ وڏن شهرن ۾ سنڌي ڌرمشالائون يا اسپتال آهن. ڪابل، قنڌار، چمن، ڪوئيٽا، ڪوهاٽ، بنو، پشاور، راولپنڊي سڀ هنڌ سنڌي ڌرمشالائون يا اسپتال آهن.

**محبت ۽ خدمت:** ٻين ديسن کي فخر آهي ڌن ۽ فن جو، هنر ۽ واپار جو ۽ سڀ کان وڌيڪ تلوار ۽ توب جو پر سپاڳو سنڌ اها هام نٿو هڻي. سنڌين ڪڏهن ڪنهن تي ڪاهه نه ڪئي آهي. اسانجي مغز ۾ اُٿ ويٺل آهي ته جنهن ڪاسائيءَ لکين لشڪر ناهي، بيگناهه بندن کي قتل ڪيو هجي، گهر جلايا هجن، ملڪ ويران ۽ سڃ ڪيا هجن سو وڏو سورمو آهي. ڪو ماڻهو ڪنهن هڪ کي ڦري يا خون ڪريٿو، تنهنکي جيل يا ڦاسي ڏيون ٿا. جيڪو پرائي زال ڏانهن اک کڻي نهاري ته بدمعاش ۽ شودو چئي ماريونس ٿا پر جيڪو ٽولا ناهي شهرن جا شهر ڦري، لکين اُنن تي چورايل مال کڻي وڃي، بيگناهه انسانن جي رت جون نديون وهائي، لکين ابلائن تي زوريءَ زنا ڪرائي ۽ غلام بڻائي، چوطرف تباهي ۽ بربادي برپا ڪري، تنهنکي وڏو فاتح ۽ سورمو سردار چئي عزت ٿا ڪيون!

اسانکي فخر آهي پنهنجي صوفين ۽ سنتن تي جن ڏکين جو ڏک ڪٽيو ۽ مسڪينن تي رحماني راحت جي برڪا ڪئي. سدوريءَ سنڌ، نادرشاهه، محمود غزنوي، علاولدين خلجي وغيره .... پيدا نه ڪيا، پر شاهه، سامي، سچل، دلپت، وسڻ ۽ ڪنور پيدا ڪيا جن پڪتي گيان ۽ مالڪ جي محبت سان عوام کي آنند جي عرش تي پهچايو. اهڙن سنتن ۽ شاعرن جي پاڪ ڌرتيءَ اڳيان اسان وار وار سجدو ڪيون ٿا!

اهڙن اوليائن ۽ مهاتمائن جي سکيا ڪري سنڌين جو زور آهي پاڻ وچائڻ تي ۽ نه پاڻ وڌائڻ تي. حد کان وڌيڪ مال ميڙڻ ۽ بخيل بڻجڻ، سنڌيت ۾ روا ناهي. جيڪي هوندن سو سداورت ۽ خيراتي ڪمن ۾ سڦلو ڪندا ها. مونکي ته شڪارپور جي گهٽي سڌ آهي جتي ايترا ته سداورت هلندا ها جو شهر ۾ ڪو بکيو نه رهندو هو. ٻين شهرن ۾ به هوند سوند وارا پنهنجي هٿين سيوا ڪرڻ ۾، بخت ٻالا سمجهندا ها. منهنجو پتا، ايڏي رتبي وارو هوندي به، فجر جو پنهنجي هٿن سان کوئر صاف ڪري جانورن لاءِ پاڻي ڀريندو هو، ستسنگ ۾ صفائي ۽ وڇائا لوڏيندو هو. ٻيا شاهوڪار به اهڙيءَ طرح خلق جي خدمت ڪرڻ ۾ فخر وٺندا ها.

**پاڻي جا مٽ**: سنڌ ۾ هر هڪ رستي ۽ تواتي تي جانورن لاءِ پاڻيءَ سان ڀريل کوئر ۽ ماڻهن لاءِ مٽ رکيل هوندا ها. تڏي پاڻيءَ سان گڏ پڳڙن يا رنهن جي سيسا به ڏيندا ها ته خالي آنڊي تي پاڻي نه پيئن. وڏن ڏينهن ۽ آشورن تي ٿاڌل ۽ شربت به پيئاريندا ها. شهر جي ٻاهرين رستن تي، دلن پرسان تڏا به وڇايل هوندا ها جتي واٽهرو ٽڪ پچندا ها.

**ڪرم يوگي**: 'غريبي گلزار' سمجهندي به سنڌي، تونئي يا نڪمٽا ٿي نه ويهندا ها. ويراڳ ۽ ترڪ جي مهما ڄاڻندي به هو ڪرم يوگي ها. ڀارت جي سيني علائقن ۾، سنڌ واپار ۽ هنرن ۾ سيني جو سر مور هو. سر رابرٽ شرلي، جنهن انگلنڊ جي تجارت وڌائڻ خاطر سموري هندستان جي سروي ڪئي هئي تنهن ١٧١٣ع ۾ پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته "هندستان ۾ واپار ڪرڻ لاءِ گهٽي ۾ گهٽو فائدو سنڌ مان ٿيندو ڇو جو ته مغل حڪومت کان وٺي سنڌ شاهوڪارن ۾ شاهوڪار صوبو آهي." اَڄ اڍائي صديون پوءِ به دنيا جي سيني ملڪن ۾، سنڌين جو اوج اِقبال ۽ واپار ڌيکاري ٿو ته سنڌي، ڌنڌي واپار ۾ به سرويچ آهن.

**مهمانوازي**: سنڌ جي خاص خوبي هئي مهمانوازي، جهڙي ٻي ڪٿي

ڪانهي. مهمان ايندو هو تہ وڏا ڀاڳ سمجهبا ها ۽ دل بهار ٿيندي هئي. غريب ۾ غريب بہ پاڻ بکيو رهندو پر ڪيئن بہ مهمان کي کارائيندو. مهمان کي پهرين آدرڀاءُ ڪري وهاريندا ۽ پوءِ اچڻ جو سبب پڇندس. ان مهمانوازيءَ ڪري ڪيئن دفعا بربادي‌ءَ کان بچاءُ بہ ٿيندو هئن. منهنجي نن ڍيپڻ ۾ چامرن جي ڳوٺ ۾ ١٥-٢٠ گهوڙيسوار ڌاڙيلن حملو ڪيو. ڳوٺ ۾ نڪا پوليس نہ هٿيار. تڏهن ڳوٺ جي مکيءَ ۽ بزرگن ڌاڙيلن کي منٿ ميڙ ڪئي: "پريان پنڌ تان تڪجي آيا آهيو تنهنڪري مانيءَ ٽڪر کائي سانهہ ستيءَ سان پنهنجي ڪرت ڪجو. اسان ڪيڏانهن پڄي تہ نٿا وڃون! مهمان ائين ڪاڏي پيٽي کانسواءِ وڃن، سا تہ اسان لاءِ بڏڻ جي ڳالهہ آهي." انهن جي آزي نيزاريءَ تي، ڌاڙيلن وٽن ڏيءُ ڪري ماني ڪاڏي ۽ سندن گهوڙن کي داڻو پاڻي بہ مليو. ڌاڪن کي اهڙو شرم پيو جو بنا ڦرلٽ ڪرڻ جي هليا ويا. هونئن بہ نمڪحرامي نہ ڪندا ها.

ٻيو مثال آهي تہ ايران جو مشهور .... نادر شاهہ جڏهن دهليءَ ۾ مغل شهنشاهہ کي شڪست ڏيئي، قتلي عام ڪرائي ڪوهنور هيرو، تختي طائوس ۽ هيرن جواهرن سان لڪين اٺ ڀرائي ايران موڪليا تہ پنج لک لشڪر سان سنڌ تي ڪاهي آيو. اُن وقت سنڌ جو حاڪم ميان نور محمد، سندس خدمت ۾ پلاءُ جون ديڳيون ۽ ٻيا طعام ڪٺي آيو. نادر شاهہ چيس: "اسان توهان سان جنگ ڪرڻ آيا آهيون ۽ دشمن لاءِ هيءُ ڪاڏو ڇا لاءِ؟" ميان هٿ ٻڌي چيس: "جيئندا قبلا! مالڪ ۽ زيردست ۾ تہ جنگ ٿيندي ناهي. تنهن هوندي بہ جنگ جي ڳالهہ جنگ جي ميدان تي ٿيندي. پر سائينجن اسانجي مسڪين ملڪ ۾ آيا آهن. توهانجي ڪاڏي پيٽي جو انتظام تہ اسانجي پهريون فرض ۽ هن ملڪ جو دستور آهي."

سنڌين برابر سورهن ڏينهن نادر شاهہ جي لشڪر جي مهمانوازي ڪئي. نتيجو اهو ٿيو تہ جيڪو نادر شاهہ جتي ويندو هو تہ بيگناهن جي خون جون نديون وهائيندو ۽ سڄو ملڪ تلف تاراج ڪندو هو. اهو، نئڙت ۽ مهمانوازي بدولت سنڌ کي برباد ڪرڻ بنا واپس ويو رڳو ميان نور محمد کي نالي ماتر ساليانی ڏن تي زيردست مقرر ڪري ويو.

**دوستي ۽ وفاداري:** مهمانوازيءَ کانسواءِ اُن زماني ۾ خاص ڪري ڳوناٺن مسلمانن ۾ هڪ ڳالهہ سنڌي تهذيب جو انگ هوندي هئي سا اِها تہ دوستيءَ جا انگ ننگ ڏاڍا هوندا ها. ماڻهو ٻڳان متائي ياريءَ تي سيل مهر هڻندا ها. هڪ ٻئي لاءِ سڪ ۽ سواد هوندو هو. دوست ايندو تہ سڄيون ماندڪايون لهي وينديون هيون، راتيون چرچن ۽ ٻوڳن ۾، ڏينهن رهاڻ ۽ حالي احوالي ٿيڻ ۾ جلدي گذري ويندا ها. دوست ايندو تہ هيانءُ ٺري پوندو، منهن ٽڙي ويندو، ور ور

ڪري ڳراٽڙيون پائيبيون، اها جاءِ نہ ليندي جتي دوست کي وهارجي. يار هڪ دفعو هٿ آيو تہ ڪيس ڇڏڻ تي روح نہ ٿيندو. دوستي ان لاءِ ڪانہ رکبي هئي تہ هن مان ڪو ڪم نڪرندو. دوستي ڇڙو دوستيءَ خاطر رکندا ها. دوست تہ ٺهيو پر دوست جي دوستن سان بہ ساڳيو نينهن جو ناتو رکندا ها. دوست جي اولاد تي اهوئي حق هوندو هو، جيڪو پيءُ کي پنهنجي پٽن تي ٿئي ٿو. پيڙهين تائين پيا اهي سلسلا هلندا ها.

**صوفي ۽ سنت:** مٿي چئي آيا آهيون تہ سدوريءَ سنڌ حملا ور فاتح لٽيرا پيدا نہ ڪيا آهن ۽ سنتن ۽ شاعرن جي آواز ئي سنڌ جي ترجماني ڪئي آهي. سيني جو بيان تہ سوين پوٿن ۾ بہ پورو نہ ٿيندو پر انهن جو سرتاج آهي شاهہ عبداللطيف. جنهنجا بيت سادا، بحر ۽ وزن جي ٻنڌن کان آجا آهن، جن ۾ نہ قند آهي تہ ڇند، رڳو مالڪ جي محبت، ميلاپ ۽ پاڻ مٽائڻ جي راهہ بتائين ٿا. انساني چولي جي وڏي ۾ وڏي منزل تہ اهائي آهي. شاهہ جون سورميون هڪ ئي تان تنوارين ٿيون ۽ خاوند جي تلاش ۾ فدا ٿي اُن سان هڪ ٿي وڃن ٿيون. شاهہ جا ميهار ۽ مهاڻا، مارو ۽ چارڻ، ڍنڍون ۽ پٽون، اسان جلاوطنين کي پنهنجي پياري وطن جو ديدار ڪرائين ٿيون.

مونکي ڪئين سچڻ نراس ۽ اُباڻڪا ٿي چوندا آهن تہ، "اسانکي سنڌ ۾ وڃڻ نٿو ملي ۽ اُن سان لاڳاپي رکڻ جي ٻي ڪا واهہ بہ ڪانهي. تون يادگيريون ڏياري ستا سور جاڳائين ٿو. هوڏانهن نام نهاد اڳواڻ چون ٿا تہ 'سنڌ کي وساريو'. اهڙي طرح اسان ڪهڙيءَ طرح پنهنجو الڳ وجود ۽ سنڌيت قائم رکي سگهنداسين؟" مان چوندو آهيان، "انهن گنهگار اڳواڻن اسان کان سنڌ ڇڏارائي آهي پر سنڌي سپيتا ڪسي نہ سگهيا آهن. اسان اُتان جي بيتن ۽ وائين وسيلي سنڌيت قائم رکي سگهون ٿا. شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جون ورسيون ملهايون ٿا پر ٻين شاعرن جي ڪلام جون بہ چونڪيون لڳائيندا سنڌيت جي جوت جڳائيندا رهون."

جنهن صوفي ويدانت گيان جو مٿي ذڪر ڪيوسين تہ سيني شڪلين ۾ اُهو هڪ وسي رهيو آهي، اُهو سنڌين جي رڳ رڳ ۾ اهڙو وسي ويو آهي جو هن يا هُن مٿي سان چهٽي نٿا پون، سڀ سان رلي ملي وڃن ٿا. جيئن ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان چيو آهي، تہ مون وٽ اچڻ جا گهڻيئي رستا آهن. تنهن تي سنڌي عمل ڪن ٿا. جدا جدا ديوتائن کي پوڄين ٿا ۽ جدا جدا ملڪن جا ماڻهن سان گڏجي مسجي هڪ ٿي وڃن ٿا. ڪنهن سان نفرت نہ ڪندا آهن تنهنڪري سنڌ ۾ اڇوت يا چئن ورڻن جو ڀيد ڀاءُ بنهہ نہ هوندو هو. پاڻيڻ بہ رڳو نالي جا هوندا ها جيڪي شاديءَ غميءَ جا ڪريا ڪرم بجا آڻيندا ها. اُتي هئي رڳو "انسان" بنجڻ جي تمنا. "نا

مئن هندو نا مئن مسلم" - "مڙهي ۾ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيئو" - "مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا."

## دڙن ۾ دبيل سڀيتا

سنڌ ۾ جتي ڪٿي قديم ڪنڊهر آهن جي ثابت ڪن ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ هن ديس ۾ بلند تهذيب جا وڏا وڏا شهر ها. انهن مان ڪن ٿورن جو هتي ذڪر ڪيان ٿو ڇو جو تہ انهن تي اڳ ۾ ئي سوين ڪتابن ۾ اوڪ ڊوڪ ٿيل آهي.

**موئن جو دڙو:** لاڙڪاڻي پرسان ڏوڪري اسٽيشن کان اٽڪل ڇهہ ست ميل اوير طرف ١٩٢٢ع ڌاري هڪ دڙي جي کوٽائي ڪيائون تہ هڪ عاليشان شهر نڪري آيو جنهنجي ڪن گهرن ۾ ماڻهن جا لاش بہ پيا ها. تنهنڪري اُنکي "موئن جو دڙو" چوڻ لڳا. اُن شهر ۾ پبلڪ لاءِ شاهي پڪا تلاوَ، عاليشان گهر، پاڻي نيڪال لاءِ ناليون، پڪ سرا رستا ڏيکارين پيا تہ ڪنهن زماني ۾ هن وڏي شهر ۾ اوچ سڀيتا، علم وارا ۽ هنرمند ماڻهو رهندا ها. هن ۾ هڪ شهر مٿان ٻيو شهر آهي. ماهر چون ٿا تہ هيٺيون شهر پنج هزار سال پراڻو ۽ مٿيون بہ هزار سال آڳاٽو آهي ڇو جو تہ ان ۾ ٻڌ ڌرم وارن جو ٺل ۽ ٻوڌي مورتيون بہ مليون هئن. هن وقت سنڌو ندي ان ڪنڊهر کان ساڍا ٽي ميل پري آهي پر ڪنهن وقت اُن جي ٻوڏ ئي هيءُ شهر تباه ڪيو هوندو.

موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ دنيا کي ڏاڍي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڪن وڏيڪ دڙن جي بہ کوٽائي ڪيائون تہ معلوم ٿين تہ ڪئين ڪنڊهرن ۾ دٻيل شهر موئن جي دڙي کان بہ آڳاٽا آهن. نگر ٺٽي کان ڇهہ ڪوه پري ڳوٺ گجيءَ وٽ ٽرڙيءَ ۾، ڪوٽريءَ جي اُتر ڏانهن **ڪارڙيءَ** ۾، بادڙهہ طرف **لوهم** ۾، روهڙيءَ پريان ريتي اسٽيشن کان اڀائي ڪوهہ پري **ونجهوٽ** ۾، موئن جي دڙي جهڙا قديم ڪنڊهر آهن. ٽنڊي مستي خان اسٽيشن کان بہ ميل اوير طرف **ناروءَ جو ڊورو** ۽ **ڏيجي ڪوٽ** نالي بہ شاهي کنڊر ميلن ۾ آهن، جتان بہ موئن جي دڙي جهڙيون شيون، سڪا، پتلا وغيره نڪتا آهن پر اُن وقت سوڌي پوري کوٽائي نہ ڪئي هئائون.

مانجهند تعلقي ۾ **آمريءَ** جا ڪنڊهر، لکي تيرٿ کان اٽڪل ڇهہ ميل ڏکڻ طرف آهن، ان ۾ تہ اميرن جا ۽ راجائي محل ماڙيون ۽ باغ باغيچا ها. اُن وقت سوڌي هن دڙي جي باريڪ کوٽائي ڪانہ ڪئي ويئي هئي. ماهرن جو رايو آهي تہ آمري شهر ڇهہ ست هزار ورهين کان بہ وڏيڪ جهونو آهي ۽ درياهہ جي ٻوڏ جو

شڪار ٿيو آهي. اُتان بہ آهي ٿانوَ هٿ آيا ها جهڙا موهن جي دڙي مان مليا هئن. گهرن جي اڏاوت، اسنان لاءِ جدا ڪوٺيون، پاڻي نيڪال لاءِ ناليون وغيره ڏيکارين ٿيون تہ هن شهر جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بہ ساڳئي قسم جي هئي.

لاڙڪاڻي شهر کان ڇهہ ميل اولهہ طرف، چانڊڪي اسٽيشن کان ڏيڍ ميل تي **جهڪڙ** جو کنڊهر آهي. ان کنڊهر مان پشاور ۽ قنڌار جي مهاراجا واسديو ۽ سندس پوين جا بہ ڪي سڪا هٿ آيا، جنجي حڪومت سنڌ تي بہ هلندي هئي. اهو راجا ڪشان گهراڻي جو راجا هو. اُتي هڪ دڙي مان لوهہ جا ڪپ، خنجر ۽ ڀالن جا لوهي مٿا بہ لڌا ويا ها. هن کنڊهر مان جيڪي مهرون لڌيون ويون هيون تن تي ڪن راجائن جا مٿا اُڪريل ها.

نوابشاهہ ضلع جي سڪرنڊ ڳوٺ کان ڏيڍ ميل پري **چنهوءَ جو دڙو** آهي، جنهنجي کوٽائي ١٩٣٦ع ۾ ڪئي وئي هئي ۽ اُن مان هوبهو موئن جي دڙي واري سڀيتا جا نشان ڏسڻ ۾ آيا. هن هنڌ ٽامي ۽ پتل جون شيون ۽ اوزار لڌا ويا. ماهرن جو چوڻ آهي تہ چنهوءَ جي دڙي جي رڳو هڪ دفعو کوٽائي ڪرڻ سان جيترريون قديم شيون هٿ آيون اوترريون موهن جي دڙي مان چار دفعا کوٽائي ڪندي بہ هٿ نہ آيون هيون. اهو شهر بہ سنڌو درياهہ جي ٻوڏ ڪري پائمال ٿي ويو هو.

سنڌ جي گرم چشمن ۽ پهاڙي علائقي يعني بلوچستان جي سرحد طرف ڪي اهڙيون سماڌيون آهن جن کي مسلمانن جون قبرون چئي نٿو سگهجي. مسلمان پنهنجي قبرن جو منهن اولهہ کان اوير رکندا آهن پر هنن قبرن جو رخ چئني ڏسائن ڏانهن آهي. اُتي جا ماڻهو اُنهن کي ڪافرن جون قبرون ڪوٺيندا آهن. اهڙيءَ طرح ٺٽي تعلقي ۾ جهرڪن جي شهر کان ٽي ميل اولهہ ڏکڻ طرف هڪ زبون حالت جي قلعي کي 'ڪافر ڪوٽ' سڏيندا آهن ۽ اُتون بہ ٻڌ ڌرم جا پتلا نڪتا ها. جنکي ڪافرن جون قبرون سڏين ٿا سي گورکناٿي جوڳين جون سماڌيون ٿي سگهن ٿيون. اُنهن جي ويجهو پهاڙن جون گفائون آهن جيڪي ايڪانت ۾ يوگ پچائڻ لاءِ موزون هيون. انهن غفائن ۾ هينئر گايون مينهون سج جي تپت ۽ برسات ۾ وچي پناهہ وٺنديون هيون.

جهرڪن جي سامهون درياهہ جي ٻيءَ پر واري جبل کي "ٻڌڪن جا ٽڪر" چوندا ها. مسٽر ڪارٽر نالي هڪ انگريز انهن کنڊهرن جي کوجنا ڪئي تہ کيس يقين ٿيو تہ مهاراجا ڪنشڪ جي زماني ۾ اهو ٻڌ ڌرم وارن جو وڏو شهر هوندو هو. اُتون کيس اهڙا پٿر بہ مليا جن تي ٻڌ ديوتا جي شڪل اُڪريل هئي. اُتي اُهيئي آثار ۽ نشان ها جيڪي ميرپور خاص واري دڙي مان ٻڌ ڌرم جا نڪتا ها.

برهمڻ آباد جو کنڊهر شهداد پور اسٽيشن کان اٽڪل آٺ ميل ڏکڻ اوڀر طرف آهي. سڪندر اعظم جي تاريخ نويسن هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي ۽ محمد بن قاسم به هن قلعي تي چڙهائي ڪئي هئي جو ته راجا ڏاهرسين جو پٽ جئسنگهه هن ۾ رهيل هو. ان زبون ٿيل ڪوٽ کي 'برهمڻ آباد' ڪوٺڻ ٺيڪ ناهي. ڪئين ودوانن ان کي "بهمن آباد" لکيو آهي. هندو شهر کي 'پور' يا 'پري' ۽ ايراني، 'آباد' چوندا آهن. اتهاس مطابق حضرت عيسيٰ کان پنج سؤ سال اڳ، ايران جي هڪ زبردست بادشاهه گستپ، سنڌ جو ڪجهه حصو پنهنجي قبضي ڪيو ۽ پنهنجي پوٽي 'بهمن' کي اُتون جو حاڪم مقرر ڪيو هو، جنهن 'بهمن آباد' جو قلعو ٻڌايو. آئون اُن نسل جي بادشاهن جا ڪي سڪا لڌا هئائون جن تي هڪ طرف بادشاهه جو مٿو ۽ ٻئي طرف باهه جي مورت هئي ڇو جو ته اِهي پارسي بادشاه اگنيءَ جي پوڄا ڪندا ها.

جنهن دؤر ۾ هندن جي جوتي سروپ سورج جي پوڄا زور هئي تنهن وقت پارس ديس (ايران) ۾ ان ڌرم جو پرچار ٿيو هو. 'سوريه پراڻ' مان به اهو گهٽو اتهاس معلوم ٿئي ٿو. هندن ۽ پارسين جي ڌرم ۽ ريتين رسمن ۾ هڪجهڙائي گهڻي آهي. هن دنيا جو سڄو ڪاروبار، پيدائش، جياپو، پاڻي پوک، هلڻ چلڻ ڏسڻ وائسڻ وغيره سج جي آڌار تي آهن. هيءَ ڌرتي سورج مان نڪتل هڪ داڻي مثل آهي. سورج هڪ مٽ جيڏو آهي جنهن ۾ اهڙا بيشمار داڻا ماپي سگهن ٿا. ان لاءِ سورج کي پيگوان جو هڪ وڏو انش- عناصر سمجهي پوڄا ڪئي ويندي هئي. هندن ۽ پارسين جي گهر گهر ۾ اگنيءَ جي پوڄا ۽ هوم هوَن ٿيندا ها. پوءِ ڀارت ۾ ٻين ديوتائن جو دؤر ٿيو پر ايران جي آرين (پارسين) اُها قديم ريت، اگني پوڄا قائم رکي آهي. ايران جي شهنشاه جو هڪ مکيه لقب آهي 'آريه مهر' يعني آرين جو سج.

هندن ۾ جنئي پائڻ جي رسم پراڻي آهي. اِها رسم پارسين ۾ اڄ به رائج آهي ۽ هو جنئي کي ڪستي (Kusti) چوندا آهن. جيئن جنئي کانسواءِ ڪو پورو هندو نه ڄاڻبو تيئن پارسين ۾ به جنئي کان سواءِ پورو پارسي نه ٿيندو آهي. هندن وانگر پارسين جو به عقيدو آهي ته ماڻهوءَ جو روح مرڻ کانپوءِ ڏهن ڏينهن تائين پنهنجي گهر ۽ ٻارن ٻچن ۾ رهندو آهي ۽ پوءِ هنجي آتما يم لوڪ ويندي آهي. تنهنڪري ٻئي قومون ڏهاڪي جو ڪريا ڪرم ڪنديون آهن. 'يم' کي پارسي به 'يم' چوندا آهن. پارسين جي مول شاستر 'زنداوستا' ۾ نه رڳو ويدن جا ساڳيا لفظ آهن پر ڪيترا منتر ۽ انهنجي معني به ساڳي آهي. جڏهن مسلمانن ايران فتح ڪيو ته

پارسي بہ پنهنجو ڌرم بچائڻ لاءِ، پنهنجي وڏن پائڻ هندن وٽ ڀارت ۾ اچي پناھ ورتي، جيئن اسان سنڌي هندن ۱۹۴۷ع ۾ اچي ورتي.

بهمن آباد مان بہ وقت پائي ايراني حاڪم هليا ويا تہ آتي برهمڻن جي ويدڪ ڌرم زور ورتو ۽ پنهنجا مندر ٺهرايائون. ان شهر جا کنڊهر بہ موئن جي دڙي وانگر تهن مٿان تهہ آهن يعني هڪ دفعي تباھ ٿيل شهر مٿان نئون شهر اڏايو ويو. هيٺئين تهہ جي کوٽائي ڪندي هندو ديوتائن جا پتلا، پتل جا برتڻ، شيشي جا مٽڪا، لوھ جون تلوارون ۽ نيزا وغيرہ مليا هئن ۽ مٿئين تهہ واري شهر ۾ ٻڌ ڌرم جا ڊٺل مندر ها. هينئر تہ ڏٺم رڳو ڊٺل ڊنگرن جا ڍير ها.

سيوهڻ جي قلعي کي 'راجا ڀرترهريءَ جو قلعو' ڪوٺيندا ها. برسات پوڻ تي آتي ڪيتريون قيمتي شيون ظاهر ٿي پونديون هيون ۽ ماڻهو کڻي ايندا هئا ۽ ڀاڪو پئجي ويو، "سيوهاڻي چڙهيا، ڀتر ڍوئي گهر ڏي" آتي لعل شهباز جي مقبر ۾ جيڪو راجائي ڏنڊو رکيل آهي. تنهنکي راجا ڀرترهريءَ جو ڏنڊو چوندا ها.

دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو رني ڪوٽ بہ دادو ضلع ۾ آهي. اُن قلعي ۽ ڏيجي ڪوٽ، جيسلمير ۽ ٻين قلعن جي بناوٽ ڏيکاري ٿي تہ اهي قلعا ساڳئي حڪومت جا ٺهرايل آهن. پوشيہ پراڻ ۽ ٻين سنسڪرت گرنٿن مان معلو ٿئي ٿو تہ ٻہ هزار سال اڳ ايرانين جڏهن شڪ قوم کي خراسان مان هڪالي ڪڍيو تڏهن انهن سنڌ ۽ ڀارت جا ٻيا حصا اچي فتح ڪيا ۽ پنهنجن "ڪيتر پالن" (گورنرن) ۽ ڇانوٽين لاءِ قلعا ٺهرايا ها. ان وڏيءَ وشيہ لاءِ وڏو پوٿو بہ پورو نہ ٿيندو. ان بنسبت مان پنهنجي ديوتا گري ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ٿورا سنسڪرت سلوڪ ڏنا اٿم ۽ ٿي سگهيو تہ هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾، سنسڪرت گرنٿن جي آڌار تي، دڙن ۾ دٻيل سنڌي سڀيتا جي ڪجهہ وڌيڪ پٽار ڪندس.

اي سنڌڙي! سهي نہ سگهان آءٌ جدائي،
هت توکان جدا ٿي، دلڙي آ ماندي،
ڪريان ياد ور ور، سچل شاھ سامي،
هت ڳوڙها ٿي ڳاريان، اٿم بي آرامي.

(ساڌو واسواڻي)






ڳوٺاڻي محفل



[illegible]



# ٻيو ڀاڱو- سنڌ ۾ تيرٿ ۽ شهر

**ڪراچي؛ ڪراچيءَ ۾ تيرٿ؛ ٺٽو؛ لاڙ؛ حيدرآباد؛ حيدرآباد ۾ تيرٿ؛ ننگر پارڪر جا تيرٿ؛ ٿرپارڪر ضلعو؛ نوابشاهه ضلعو؛ لاڙڪاڻو ضلعو؛ دادو ضلعو؛ سيوهڻ؛ سکر ضلعو؛ سکر جا تيرٿ؛ روهڙيءَ جا تيرٿ؛ شڪارپور جا تيرٿ،شڪار پور شهر؛ گهٽيون ۽ حويليون.**

*

## سنڌ ۾ تيرٿ ۽ شهر

اڳئين باب ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ قديم آريه سڀيتا جو ديس آهي، قدرتن ان ڌرم جا تيرٿ استان به ان ۾ جهجها ها. يوناني، ٻوڌي، اسلامي تهذيبن جي زور وٺڻ تي ۽ اُنهنجي حملن ۾ گهڻا تيرٿ ميسارجي ويا پر بنيادي سڀيتا جا سنسڪار نه بدليا. ڀڳتي گيان ويراڳ سان ڀريل تارڪ مهاتمائون، رشين منين بدلي اولياءَ پير ۽ درويش سڏجڻ لڳا. ڪنهن شيءِ جو نالو بدلڻ سان اُن چيز جي خاصيت ۾ ته تبديل نٿي ٿئي. سموري سنڌ سنتن جي سماڌين، اوليائن ۽ پيرن جي روضن ۽ مقبرن سان ڇانيل آهي. مان ته رڳو ڪن جذوي پاڪ آستانن جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪن سڄڻ اعتراض اُٿاريو ته مان هندو تيرٿن سان گڏ مسلمانن جا زيارت گاهه ڇو شريڪ ڪيا آهن. اُنهن ڀليل ڀائرن کي نماڻو عرض آهي ته سنڌو سڀيتا مونکي انسان - انسان ۾ ڀيد ڀاؤ رکڻ نه سيکاريو آهي. ڪوبه الله لوڪ ڀڳوان جو ڀڳت جيڪو ڌڻيءَ جي ڌيان ۾ مگن رهي ٿو ۽ انجي بندن جي خدمت ۽ اُنهن سان محبت ڪري ٿو، پوءِ هن تي ڪهڙي به مذهب جو ٺپو لڳل هجي، آهو اولياءُ مهاتما پوڄڻ جوڳ آهي. سنڌ ۾ پنهنجي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ ويجهو هو ته درگاهن

تي بہ ساڳيئي صدق سان سجدو ڪبو هو. رڳ رڳ ۾ سمايل ان پريم پريل سنڌو سڀيتا کي مان سوارٿي سياستدانن جي گندي پرچار ڪري ڇڏي ٿڌو سگهان.

سنڌ جي کنڊهرن مان جيڪي نشانيون نڪتيون آهن تن مان ظاهر آهي تہ سنڌ ۾ ڪنهن زماني ۾ ٻڌ ڌرم جو ڏاڍو زور هو. چين جو سيلاني هيون سانگ (Huen Tsang) سنہ ٦٤٢ع ۾ سنڌ جو سير ڪيو ۽ هن پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ سنڌ جي مٺن ۽ مڙهين ۾ ڏه هزار ٻوڌي ڀڪشو رهندا آهن. انهن ڀڪشن کي شرمڻ چئبو هو. اڄ بہ شاديءَ مراديءَ يا سرڳواسي بزرگن جي ساليانيءَ شراڌ تي چئبو آهي تہ ٻانڀڻ شرمڻ تہ کارائبو. جيتوڻيڪ اڄ ڪلهہ نہ شرمڻ آهي ۽ نڪي ٻوڌي مندرن ۽ مٺن جو سنڌ ۾ نانءُ نشان آهي.

ٻوڌي ڌرم جي زوال جو مکيہ سبب هو **لوڀ**. هو ترشنا ڏائڻ جا شڪار ٿي ويا. ڌرمي ڪمن بدلي، حڪومت ڪرڻ جو حرص مٿن غالب پئجي ويو. 'طمع سندو تس پريو پرجي ڪين ڪي'. مڙهين ۽ مٺن ۾ اڻڳڻيا ناڻو هيرا جواهر ڪٺا ٿي ويا. پوءِ جيئن مکيون اچي مٺائيءَ تي مڙنديون آهن تيئن جيڪي شهزور ٿيا، هوڻ، شڪ، سناتني هندو، مسلمانن ۽ ٻين انهن مٺن کي خوب لٽيو. اِتهاسڪ گرنٿ انهن داستان سان ڀريل آهن. اُن زماني ۾ هندن ۽ ٻوڌين ۾ جدائي نہ هئي. چچ سناتني هندو هو تہ پاڻس چندر ٻوڌي هو. جڏهن راجا ڏاهرسين تي محمد بن قاسم سنہ ٧١٢ع ۾ ڪاه ڪئي تہ راجا جي مڪران ۽ سيوهڻ جي ٻوڌي گورنرن راجا سان دغا ڪئي ۽ لڙائيءَ جي ميدان ۾ حملاور عربن بدلي پنهنجي مالڪ تي حملو ڪري کيس شڪست ڏيارايائون. هنن کي يقين هو تہ ڏاريا حملاور تہ عربستان هليا ويندا ۽ سنڌ جي حڪومت کين ملندي ۽ هو ٻڌ ڌرم کي زور وٺائيندا. تڏهن کان عوام جي ٻوڌين سان اهڙي سخت عداوت پئي جو پنجويهن سالن اندر عربن سان گڏ غدار ٻوڌين جو بہ تڏو کڻايائون.

قصو ڪوتاه سنڌ ۾ بيشمار قديم درگاهون، درٻاريون ۽ ٽڪاڻا هوندا ها ۽ ٽنهنڪري مان سڀني جو ذڪر ڪري نٿو سگهان. منهنجي سانڀر ۾ مکيہ هيون:- پرين جي درٻار، جتوئن ۽ مٽياڻين جي، لاڙڪاڻي ۾ سوامي ڌرمداس جي ۽ موري جي درٻار. انهن سڀني درٻارين جا ساڌ سدائين خلق جي خدمت ۾ لڳل هوندا ها ۽ مک ۾ سدائين رام- نام هوندو هئن. درٻارين ۾ ڪٿا ڪيرتن ۽ لنگر تہ هر روز لڳندو هو جو هندو مسلمان پريم سان پيٽ ڀري کائي ويندا ها. ڪن درٻارين جا گاديسر دوا درمل بہ ڪندا ها ۽ گرمکي ۽ شاستري وديائون بہ پاڙهيندا ها جو حو تہ اهي اکر سرڪاري اسڪولن ۾ نہ سيکاريندا ها.

# ڪراچي

اسانجي سانير ۾، سرڪاري انتظام جي لحاظ کان سنڌ، آئن ضلعن ۾ تقسيم ٿيل هئي ۽ گاديءَ جو شهر ڪراچي هو، جتي سنڌ جو حاڪم ڪمشنر صاحب رهندو هو. ڪراچيءَ جي اهميت ڏاڍي هئي ڇو جو تہ سنڌ پنجاب افغانستان وغيره ملڪن لاءِ اهوئي هڪ بندرگاهہ هو جنهن ذريعي هو دنيا سان واپار جو وهنوار رکي سگهيا ٿي. ڪراچي، سنڌ جي دولت جو مرڪز هئي جو ان ۾ وڏا وڏا محل ۽ مارڪيٽ، دنيا جي سيني وڏين بئنڪن ۽ فرمن جون عاليشان عمارتون هيون، جهڙيون سنڌ جي ٻئي ڪنهن شهر ۾ نہ هيون. اڄ بہ سنڌ جو اهو شهر، سموري پاڪستان جو جيائو ۽ آڌار آهي. سمنڊ جي ڪناري هئڻ سبب، ڪراچيءَ جي آبهوا، سنڌ جي ٻين پاڳن جهڙي سخت گرم يا سرد نہ هئي. مطلب تہ ڪراچي، سڀ طرح سنڌ جي جند جان سرتاج هئي.

منڊ ۾ اسان ڪاري در تي جنهن بلڊنگ ۾ رهندا هئاسين تنهن ۾ ڪن ميربحرن جا بہ گهر ها جيڪي پنهنجن ٻيڙن ۾ مڇيون ۽ لوڻ وغيره کڻي آفريڪا وغيره پرڏيهن ۾ ويندا ها. آهي سنڌي مسلمانن کان نرالا ها جو ڏاڍيءَ فضيلت وارا ۽ آسودا هوندا ها. سندن زالون پردو نہ ڪنديون هيون ۽ نيڪ ۽ ملوڪ هونديون هيون. انهن مهاڻن ۾ تعجب جي ڳالهہ اها هئي جو هو صحيح ٻڌائي سگهندا ها تہ اڄ مينهن وسندو يا واچورو لڳندو، جيتوڻيڪ صاف آسمان ۽ اُس مان اهڙو ڪو ارڪان ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو هو.

ڪراچي اوائل ۾ هڪ قلعو هو جنهنکي بہ دروازا ها.- سمنڊ طرف کارو در ۽ مٺي پاڻيءَ جي کوهن طرف مٺو در. اُن وقت قلعي جي ڪابہ ديوار ثابت ڪانہ هئي. انهن ٻنهي درن جي وچ ۾ سوڙهين گهٽين ۾ اوائلي سيٺن جا گهر، چاپرو ۽ سهتا ذاتين وارا رهندا ها. اُنجي چوطرف سڄو شهر وسيل هو جنهن ۾ نہ رڳو سنڌ جا پر ڀارت جي سيني پرڳڻن جا ماڻهو رهندا ها. ايامن کان "رام باغ" نالي وڏو ميدان هوندو هو جنهن لاءِ چوندا ها تہ تريتا جڳ ۾ هنگلاج ويندي، شري رام، لڪشمڻ ۽ سيتا اُتي اچي ڏاہو ڪيو هو. آزاديءَ جي هلچل ۾ ٤٧- ١٩٢٠ع ۾ اڳواڻن جا ليڪچر، لوڻ سيتا گرهہ وقت شهيديون ۽ گوليبازيون بہ اُتي ٿيون هيون. اُن جي اولهہ طرف مون هڪ بلڊنگ خريد ڪئي جنهنجي ڪنهري مان اهي تواريخي ڪارگذاريون پيا ڏسندا هئاسين. ١٨٥٧ع جي بلوي ۾ جن سنڌي سورمن انگريزن خلاف بغاوت ڪئي هئي، تن کي بہ رام باغ ۾ توبن سان اڏايو هئائون. افسوس جو هينئر اهڙيءَ اهم تواريخي جڳهہ جو نالو بدلائي "آرام" باغ رکيو اٿن ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جا قديم تواريخي ۽ فخر جا نشان ميساري رهيا آهن.

اُنهن ڏينهن ۾ ڪراچي صدر کان ڪياماڙي تائين، پنج ميل بندر روڊ تان ٽرام هلندي هئي ۽ سمورو سفر ٽڪي (ٽن نون پئسن) ۾ طئه ٿيندو هو. ٽرامن ۾ نڪا ڪپاڪيهه ۽ نڪي مسافرن جي لڙڪڻ جو خطرو. شهر ۾ چوچاڪيون هلنديون هيون جنهن ۾ چار پنج ڄڻا آرام سان وهندا ها. اسانجي شڪارپوري پاڙيسريءَ راءِ بهادر نارائڻداس ڪراچيءَ ۾ موٽرن جو پهريون دڪان کوليو. اُن وقت اَميريڪن فورڊ موٽر جي قيمت اڍائي هزار ۽ شيورولٽ جي ٽي هزار رپيا هوندي هئي. لاريون به هلڻ لڳيون پر مال ڍوڻ لاءِ اڪثر اٺ گاڏيون ڪم اينديون هيون. اسان ١٥- ١٦ ڄڻا. ڏهه ميل پري منگهي پير جي گرم چشمن تي شٿل ڪرڻ ويندا هئاسين تہ اٺ گاڏيءَ تي فراسي وڇائي ڳائيندا وڄائيندا ويندا هئاسين.

ڪراچيءَ ۾ ڪئين باغ هوندا ها جن مان سڀ کان وڏي سرڪاري باغ ۾ طرحين طرحين جا جانور، پکي ۽ تلاوَ هوندا ها. شهر کان تقريبن چار ميل پري، سمنڊ جي ڪناري، هڪ پارسي سيٺ هڪ سير گاهہ ڪلفٽن (هوائي بندر) ٺهرايو هو. ايڏي پنڌ تي انگريز گهوڙن تي ۽ اسان سائيڪلن تي ويندا هئاسين. شاندار جڳهين مان ميونسپل آفيس، هاءِ ڪورٽ، ڪاليج، ميريويدرٽاور، ڊينسول هال وغيره ها. فريئر هال جي شاندار جڳهہ گوٿڪ نموني جي هئي جنهن ۾ هزارين املهہ انگريزي ڪتاب هوندا ها. اُتي گهڻو ڪري اَنگريزن کي ميمبر ڪندا ها پر مونکي بہ هڪ پادري دوست جي سفارش تي، داخلا ملي هئي. مغرب جي فلاسافرن ۽ ساهت جي چاڻ مونکي ان لئبرريءَ مان ٿي. مطلب تہ **ڪراچي سنڌ جو نڪ هئي.**

ڪراچيءَ ۾ هندو شاهوڪارن جون ڪئين خيراتي اسپتال، ويم گهر، هاءِ اسڪول ۽ يتيم خانا بہ ها. هندو مسانن کان اڌ- ميل پري هڪ تلاءَ جي ڪناري گورک آمري هئي جتي گدامريءَ جي وڻ هيٺان قديم زماني ۾ گرو گورکناٿ يوگ ساڌنا ڪئي هئي. اسان جي وقت يوگيراج مسترام اچي اُتي رهيو هو. هو بنهہ ننگو رهندو هو جنهنکري پرسان رهندڙ مکرائين اعتراض آناريو هو پر پوءِ هن جو رحماني نور ۽ الاهي بيخودي ڏسي هن وٽ اچي سلام پريندا ها ۽ ڪاڌو آڻي ڏيندا هئس. شڪارپور جو پائي پرمانند، هنکي پنهنجو گرو ڪري مڃيندو هو.

ڪراچيءَ جي مکيہ اخبار انگريزيءَ ۾ "سنڌ آبزرور" هئي جنهنجو ايڊيٽر هڪ مدراسي ڪي- پنيها هو ۽ ٻي هئي "نيو ٽائيمس" جنهنجو اڊيٽر اسانجو ڏورانهون مائٽ شري ٽيڪمداس جيسوائي هو. اِهي ٻئي اخبارون انگريزن جا چوڏا لاهينديون هيون. مون ١٩٢٢ع ڌاري هڪ سال "نيو ٽائيمس" ۾ نوڪري ڪئي. ان اخبار جو رُوح رَوان هو ساڌو ٽي- ايل- واسوائي. هو اُن اخبار جي

آفيس مٿان هڪ ڪمري ۾ رهندو هو. مونٽي مڪيہ ڪم اِهو رکيل هو تہ دادا واسواڻي جا ليڪ شارٽ هئنڊ ۾ لکندو وڃان ۽ ٽائيپ ڪري ڪيس ڏيان. انهن مان ڪي ليڪ ايڊيٽوريل تي ڇپندا هئا ۽ ڪي ليڪ هو اميريڪن ۽ انگلنڊ جي رسالن ڏانهن موڪليندو هو جتان ڪيس بدلي ۾ جام پيسا ايندا ها. در حقيقت مون ۾ ليکن لکڻ جي شونق ۽ ڏانوَ جي ستي ساڌو واسواڻي وڌي. ليک لکائيندي جذبات ۾ پرجي ويندو هو. هن سان منهنجي ٻي ملاقات ڪجھہ ورهيہ پوء تي جڏهن مون هماليہ جا پهاڙ پئي چاڪاريا. هن مسوريءَ ۽ ديرادون وچ ۾ "شڪتي آشرم" کوليو هو. جنهنجو مقصد هو تہ تيجسوي ۽ تياڳي نوجوان پيدا ڪجن جيڪي ڀارت کي آزاد ڪرائين. هن ڏاڍيءَ سڪ سان مونکي ٢ ڏينهن اُتي رهايو. منهنجو رايو ٻڇيائين تہ ڇيو مانس تہ اِهو آدرش ۽ مقصد مهان آهي پر اِهو ڪاريہ ڏاڍو ڳرو ۽ پهچ کان پري آهي. هو سنڌ جو سچو سپوت ۽ سنت هو جنهنکي سدائين ديش جي آزاديءَ ۽ شاگردن ۾ نيڪيءَ ۽ سلڇڻ وجهڻ جي لڳن لڳل هئي.

هاٿي اچون ڳالھہ جي ڳاٽي تي. ڪراچيءَ جي ٽئين انگريزي روزاني اخبار هئي. 'ڊيلي گزيٽ' جيڪا انگريزن جي وڪالت ۽ گڻ ڳائيندي رهندي هئي، پوين سالن ۾ مسلم ليگ وارن "ڊان" اخبار ڪڍي هئي جنهنجو ايڊيٽر هڪ بنگالي مسٽر الطاف حسين رهايت قابل سياستدان هو. سنڌيءَ ۾ 'الوحيد' ۽ 'سنسار سماچار' اخبارون هيون جيڪي پنهنجي قومن، هندن مسلمانن جي حق ۾ هڪ ٻئي خلاف لکنديون رهنديون هيون. انهن ۾ وڏي خرابي اِها هئي تہ سياڳيءَ سنڌيءَ ۾ عربيءَ ۽ هندي جا ڏکيا لفظ ملائينديون هيون، جيڪي مونکي ڪير ۾ موريءَ مثل لڳندا ها. ٻيا ٻہ چار رسالا بہ نڪرندا ها.

**حڪيم** : ڪراچيءَ ۾ گهڻيئي هوشيار ڊاڪٽر، حڪيم ۽ طبيب رهندا ها. ٻني هنڌ لکيو اٿم تہ آڳاٽي زماني ۾ ٺٽو، آيرويد جو مرڪز هو. منهنجي سانير ۾ ٺٽي جي مهراج سکرامداس کي اُهو موروثي علم هو. ڪراچيءَ ۾ ميريويدر ٽاور پرسان هنجو شفاخانو هو. هن وٽ وڏا وڏا نواب، سردار ۽ راجائون بہ ناعلاج بيمارين جي علاج لاءِ ايندا ها. هو سنڌ جي ويدين جو سر مور هو ۽ خاص ڪري سلھہ جي موذي مرض ڇٽائڻ جو ماهر هو. هن سلھہ جي مريضن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ "اوجها- ٽي- بي سينيٽوريم،" کوليو هو. ڪئين ويد ۽ حڪيم هن کان علم پرائڻ ايندا ها.

ڪراچيءَ ۾ ڪياماڙيءَ تي هڪ رام دلاري پٽيو رهندو هو. اُهو بہ ڪراچيءَ جو هڪ عجائب هو. ڀڳل هڏن کي سڌو ڪرڻ وارا ڪنير ۽ پارسي ماهر هوندا ها پر هن کي ڏاتار ڪا عجيب ڏات ڏني هئي. ڪراچيءَ جي سول سرجن ڪرنل

جانسن جو پٽ چٽ تان ڪري پيو ته ٽن هنڌان هڏ ڀڄي پيس ته پٽس يڪساهيءَ ٽن جڳهين تي آپريشن ڪرڻ خطرناڪ سمجهو. رام دلاري جو اهڙو ناماچار هو جو اسپتالن مان رد ٿيل ناعلاج مريض به هن وٽان چڱا ڀلا ٿي ويندا ها. ڪرنل جانسن به پنهنجي پٽ جو علاج اُن پٽيءَ کان ڪرايو ۽ حيرت ۾ پئجي ويو جڏهن هن پٽهنس کي مهيني ڀن ۾ هلڻ چلڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. منهنجي پيءُ جو هڏو به ڀڄي پيو هو ته مان به رام دلاري کان پٽي ٻڌائڻ ويندو هوس. ڏسندو هوس ته صاحب بهادر يا ٻين دولتمندن کي به غريبن سان گڏ ترسڻو پوندو هو. ڇو جو ته اُهو پٽيو امير غريب کي هڪ جهڙو ليکيندو هو. ڪرنل جانسن هنڪي سرڪاري اسپتال ۾ ڏيڍ سؤ رپين جي نوڪري آڇي ته به هو پورٽ ٽرسٽ ۾ ويهن رپين تي چوڪيداري ڪندو رهيو. هوند سوند وارا جيڪي سوغاتون - ڪپڙا، برتڻ، پنين ٻڌڻ لاءِ باقتو، تيل هٿ ڏيندا هئس، اُهي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪنور ڀڳت وانگر سنڌي سپيتا جو واءُ لڳي ويو هوس.

سکرامداس ويد جي پر ۾ سيٺ هرچندراءِ وڪيل جي آفيس هوندي هئي. اُن عاليشان جڳهه ۾ سندس پيءُ وشنداس هڪ سينگاريل هال ۾ 'وشن سڀا' لڳائيندو هو جتي اسان جهڙا راڳ جا شوقين اچي ڪنا ٿيندا ها. وڏا وڏا گوئيا ۽ طوائفون اُتي گهرايون وينديون هيون. اُن وقت سيٺ ٻاڻ ٨٠- ٨٥ سالن جو هوندو، پر راڳ جو به اهڙو ماهر هو جو راڳ جا وڏا اُستاد به هن اڳيان ڳائڻ ۾ ڳائون سائون ٿيندا ها ته متان غلطي نه ٿي وڃي. هو پاڻ به موج ۾ اچي ڳائيندو هو ۽ اهڙا تانا پلتا هٽندو هو جو ڇا چئجي! هو گلا بداسي پنٿ جو هو جيڪو صوفي متو آهي ۽ جنهن ۾ ناچ ڳانا ڪيما ڪباب سڀ روا آهن. هن گهڻيئي ڪتاب به ڇپايا ها. قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري مفت ورهايائين. 'ڪريما' جو به فارسيءَ مان ترجمو ڪرايو هئائين. پيا سندس پنهنجا ناهيل ڪتاب 'وشن پرڪاش'، 'وشن راڳ'، 'وشن گيان'، وغيره به مياري ڪتاب ها.

## ڪراچيءَ ۾ تيرٿ

جتي سمنڊ اچي شهر سان ٿي لڳو، اتي نيٽو جيٽيءَ تي **ورڻ ديوتا اُڏيري لعل جو قديم** مندر هو. جتي زالن ۽ مردن جي اسنان لاءِ جدا جدا پڪا گهاٽ ٺهيل ها اُتي ترڻ، پل تان ٽپا ڏيڻ ۽ شرطون پچائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. اُتي نوروزي ۽ چاليهي تي وڏا ميلا لڳندا ها. تاهريءَ جون ديڳيون چڙهنديون هيون. چيڪلا ۽ رانديڪن جي بزار لڳي ويندي هئي. ناريل پورڻما تي ناريل ۽ اکا به اُتي اچي چاڙهيا ها.

نيٽو جيٽيءَ کان ڪياماڙيءَ تائين اڍائي ميل ڊڪن تي پرڏيهي جهاز، مال پيا لاهيندا چاڙهيندا ها. ڪياماڙيءَ کان ٻيڙيءَ تي هڪ ميل پري منهوڙي ٻيٽ تي وڃبو هو. ٻيڙيءَ وارا انلاءِ هر هڪ کان هڪ آنو وٺندا ها پر نياڻين جو ڀاڙو نہ وٺندا ها، منهوڙي تي درياهہ شاهہ جو قديم مندر هوندو هو اُتي آرتوار ڏينهن ميلو متو پيو هوندو هو. ڪٽنب وارا ٽفن باڪس ۾ ڪاڏوءَ ڇبيءَ ۾ ميوا مٺايون کڻي ايندا ها، نہ تہ بہ مندر مان ڍوڍي ساڳ جو پرساد ڊوَ تي ملندو هو. جاتري پچن ڪيرتن پيا ڪندا، يا تاس چوپڙ ڪندا يا سمنڊ ڪناري گهمندا يا شرطون پچائيندا ها. چيٽي چنڊ تي تہ وڏو ميلو لڳندو هو. منهوڙي ۾ گوري فوج جو هڪ رسالو بہ رهندو هو، جن لاءِ اسڪول، لئبرري ۽ ڪلب هئي. اُتي هڪ ديول ۽ مسجد بہ هئي.

حيرت جي ڳالهہ اِها هئي تہ اُن ننڍڙي ٻيٽ تي چوگرد اٿاهہ کارو سمنڊ هوندي بہ اُن مندر جي کوهہ جو پاڻي مٺو هوندو هو. منهوڙي تي لائيٽ هائوس وٽ شاهي پٿرن جي ديوار ٺهيل هئي جنهنکي 'بريڪ واٽر' چوندا ها. سمنڊ جون چوليون، سانده اُن ديوار سان ٽڪرنديون رهنديون هيون، ٻنهي ڌرين جي ڌماچوڪڙيءَ جا دهل سانده وڄندا رهندا ها. لهرون مار کائيديون ڌڪ جهلينديون اچي هيٺ ڪرينديون هيون. وري لڏنديون ڪڏنديون، گجي ڳرڳاٽ ڪنديون ديوار تي جلهہ ڪري ١۵ - ٢٠ فوٽ مٿي چڙهي وينديون ۽ زور سان اچي پٿرن تي ڪرنديون هيون. آسان تي بہ ڇنڊا پوندا ها. پاڻ ڏاڍي سان ڪونس بازي ڪبي تہ ڪجهہ هڙ حاصل نہ ٿيندو.

**رتنيشور مهاديو:** ڪلفٽن يعني هوائي بندر تي پاتال رتنيشور مهاديو جو مندر بہ هڪ اچنبو هو. سمنڊ جي سطح کان 30 - 40 فوٽ هيٺ جبل ۾ هڪ اونداهي غفا هوندي هئي، جتي سويم ڀو (پنهنجو پاڻ ٺهيل) مهادو جو لنگ هوندو هو. پوڄاري ٻڌائيندو هو تہ اوائل ۾ هنگلاج جا ياتري اُتي اچي منزل ڪندا ها. مندر جي هڪ ڪنڊ ۾ مٺي پاڻيءَ جو چشمو ٿورو ٿورو وهندو رهندو هو. لنگ جي شڪل بيدي يعني زيرو نموني ٿيندي آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ سڄي ڪائنات ڪجهہ بہ نہ آهي، رڳو سپني سمان ڏيکاري ڏيئي رهي آهي.

ڪلفٽن کان منهوڙي جو لائيٽ هائوس پريان ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪلفٽن ۽ منهوڙي جي ٽڪرين جي وچ ۾ سمنڊ ۾ رام جهروکي نالي هڪ ٽڪر هو جنهنکي 'آئسٽر راڪ' بہ چوندا ها. هنگلاج ويندي شري رام، لڪشمڻ ۽ سيتا اُتي داٻو ڪيو هو. تڏهن کان اُن جبل کي 'رام جهروکو' ڪوٺڻ لڳا ها. اوائل ۾ اهو ٽڪر، ڪلفٽن ۽ منهوڙي وارن جبلن سان ڳنڍيل هڪ قطار ۾ هو. ڏهيڻ

صديءَ واري زلزلي ۾ ننڍا ٽڪر سمنڊ ۾ هيٺ هليا ويا. هينئر منهوڙي کان ٻيڙيءَ تي رام جهروکي ويجهو آهي. پر اُتي ڪا جڳهه نهيل نه هئي ۽ ورلي ڪي ماڻهو ويندا ها.

ڪراچيءَ جي ساموندي سفر ٻه وسرڻ جا ناهن. پورڻماسيءَ جي رات جو ڪياماڙيءَ تان هڪ ٻيڙيءَ ۾ يارن دوستن سان گڏ سلوٽو ۽ مٺو مال ڪٺي هلبو هو جو راڳن ۽ ڇهڇٽن سان گڏ چپو چورو ٻه پيو ڪبو هو. ميربحر سڙه چاڙهيندو ته سٽائي واءُ جهٽ سڙهه کي پريندي ۽ مچئو لس لس ٿي لس اهڙو ڇوهو هلندو ڄڻ ته ڪا موٽر لانچ ٿي هلي. ٿوريءَ ويرم ۾ ڪناري کان گهڻو پري اجهاڳ سمنڊ ۾ پهچندو ته ڪڏهن ڪپي ڪڏهن سڄي طرف جهڪندو ڄڻ ته دولهه شاه کي نمي نمي نياز پيو ڪندو هو.

گهرو اٿاه سمنڊ، روح کي راحت ڏيندڙ منظر، مٿان تارن ڀريءَ ڇت ۾ چمڪندڙ چنڊ جو گيس جو گولو! ٻي انت ورڻ ديوتا جي گهر جي گهيري ۾ اُفق تائين رڱو اٿانگهه پاڻي جنهن ۾ اسانجي ٻيڙي پينگهي مٿل ٿي لڏي. اُن لاءِ ته چوندا آهن، جهولي لال جهولي لال، هندورن ۾ جهولي لال. ڇا ڌرتي ٻه ڪا شيءِ ٿيندي آهي! اُن انتها سانت ۾، ٻي انت درياه شاه جي ديدار جي ادبت آنند جو ڇا بيان ڪجي! انجي جيتري اُستتي ڪجي، مداح پڙهجي سا ٿوري آهي. اهو ديوتا ئي اسانجو جياپو آهي. پاڻ ڪارو هوندي ٻه پنهنجي اٿمئي مهر سان مٺي پاڻيءَ جي بادلن جا آٿاهه ڀنڊار موڪلي ٿو. اي منهنجا جهولي لعل! جياپو ڏيڻ وارا درياهه شاهه دادلا! منهنجو توکي وارنوار نمسڪار آهي!!

درحقيقت هي سمنڊ اُن از غيبي سرجڻهار جي ٻنهي صورتن جو ديدار ڪرائي ٿو. هڪ آهي هيئين تهه، جيڪا ڏسڻ ۾ٽني آڇي، اُچل، اَلک، ٻي اَنت ڪنهن ٻه لرزش ڪانسواءِ! ٻي آهي مٿين تهه، جنهنجون لهرون سدا هلچل ۾ آهن، پيدائش، پلجڻ ۽ پڄاڙي. ڪڏهن جنبش ۾ اچي خوفائتيون ٿين ٿيون. گجندي گرجندي غضبناڪ تباهي آڻين ٿيون ۽ ڪڏهن پنهنجي نرم آلي ڇهاءَ سان روح ۾ راحت ۽ آنند ڀري ڇڏين ٿيون. ڏسڻ ۾ نه ايندڙ ڪرتار ئي سيني پدارٿن ۽ شڪلين ۾ پڌرو ٿي، سک دک، راحت يا حرارت، مؤج يا مانداڻ مچائي رهيو آهي.

سو هيءُ، سو هوُ، سو اَجل، سو اَلله،
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهروُ.

اِهو محسوس ڪري ڇو نه اسين سدائين بيفڪر ٿي آنند ۾ رهون!

**منگهو پير:** شهر کان اٽڪل نو - ڏهه ميل پري گرم گندرفي پاڻيءَ جا چشما ها. جتي شفل ڪرڻ ۽ نوبنا ٿيڻ ويندا هئاسين. جنڪي چمڙي يا بدهاضمي جون بيماريون هونديون هيون، اُهي تہ اتي مهينو مهينو رهيا پيا هوندا ها. اتي ٽڪريءَ تي منگهي پير جي درگاهہ هوندي هئي. ويجهو ساڌو هيرانند جي نالي ڪوڙهين جو اسپتال ۽ آشرم هو. ان لاءِ مونسپالٽي نالي ماتر گرانٽ ڏيندي هئي پر ساڌو هيرانند ٽرسٽ حيدرآباد وارا ٿي خرچ جي پورائي ڪندا ها. ڪنهن سرڳواسيءَ نمت اُن آشرم ۾ بافتي جا ٿان يا انبن جا ٽوڪرا، چانورن جون ڳوٿيون موڪليون هيون.

گرم چشمن جي ويجهو آسومل حلوائي جي ٺهرايل هڪ ڌرمسال هئي جتي باسڻ برتڻ فراس ۽ ڪٽولا ڏيندا ها. گرم پاڻي جا حوض بہ يڪسرا ٺهيل ها پر جي اتي جيان وانگر حوضن مٿان ڇت ۽ پيتيون بہ هجن ها تہ ڏڌر جي جهولن کان بچاءُ ٿئي ها. جيان ۾ تہ زالون مرد، هڪ ٿي ننڍي گرم تلاوَ ۾ بنهہ اُگهاڙا گڏجي سنان پيا ڪن پر منگهي پير ۾ اهو لطف ميسر ٿيل نہ هو. زالن لاءِ وڏين پتين سان هڪ ڪشتي علحدي هئي. حوض ۾ باهہ جهڙو ٽهڪندڙ پاڻي، مٿان ساڙيندڙ سج ۽ ٿاندن جهڙي گرم هوا، اصل ساٽو ڪري ڇڏيندي هئي ۽ پنواٽي پئي ايندي هئي. تڏهن پاڻ ۾ بن چئن دوستن ملي، مٿان ڇاپرا ۽ هيٺان تائلس جو فرش ۽ بينچون لڳائڻ جي رٿ ڪئيسين جيڪا ورهاڱي جي لڏ پلاڻ ۾ تعميل تي نہ سگهي.

منگهي پير ۾ هڪ ڪڏ ۾ ڏهہ ٻارهن واڳهو اڪيون ٻوتي پيا هوندا ها پر جڏهن ڪو ٻڪرو منجهن اُڇلائيندا ها تہ تتڪال ان کي ڇيري ڦاڙي ڳڙڪائي ويندا ها. انهن ۾ هڪ مور واڳهو هوندو هو ۽ ڪنهن بہ ڪاچ جو ٻهريون لقمو اهو ٻٽائيندو هو ۽ باقي ٻين کي پلئہ پوندو هو. اتي ڪجين جا وڻ گهٽا ها ۽ ويجهو رهندڙ مڪراڻي زالون هڪ آني ۾ پلئہ پري ڏينديون هيون.

**ملير:** ڪراچيءَ مان ريل ۾ هلبو تہ قريبن ١٥ ميلن تي لانڍيءَ جي اسٽيشن ايندي هئي. اتون ٽئن جي ٻيءَ پر ملير جو ڳوٺ هو جتي گهٽيئي ڪوهہ ۽ باغ باغيچا ها. ڪراچيءَ کي ڪير ۽ ڀاڄيون اُتان ملنديون هيون. لانڍيءَ ۾ ڪجين جي وٽن هيٺان جمن شاه پير جي تربت هئي جنهنجي ساليائي عرص تي اڪثر مڪراني ايندا ها. ملير ۾ شاهوڪارن جا باغ ۽ بنگلا هوندا ها جتي اسين ڪتنب سميت شفل ڪرڻ ويندا هئاسين پر سڀ کان وڌيڪ مؤج ڀائي مولرام جي ٽڪائي ۾ هوندي هئي. اتي آرتوار ڏينهن عمدو لنگر لڳندو هو. سوامي مولرام، گلابداسي

پنڻ جو هو، جنجو متو بہ صوفين جهڙو آهي پر تن کي تسو ڏيڻ يا ڪا پرهيز ڪرڻ سندن اُصولن ۾ ناهي. وڏا وڏا عملدار ۽ شاهوڪار، هنکي پنهنجو ستگر ۽ مرشد ڪري مڃيندا ها.

ڀائو مولرام پاڻ هڪ ڊگهو بادشاهي ٽوپلو پائي، ريشمي گاديلي ۽ طول وهاڻي تي شاهاڻي پلنگ تي نٽ سان ويٺو هوندو هو ۽ سندس دربار ۾ ڪجريون پيون نچنديون ۽ ڳائينديون هيون. اسان جي اُستاد مبارڪ علي خان ڪانسواءِ ٻيا گوئيا بہ اُتي ڳائيندا ها. پنجاب ۽ لکنؤ جي مشهور ڪجرين جا مجرا بہ پيا ٿيندا ها. سنڌ جي مشهور ڳائيندڙين موتي جان، الله جيوائي، الله رکيءَ کي مون ڀيريائين اُتي ٻڌو. حسين حياتان، جڏهن ناز نخري سان تاڙيون وڄائي ٺمري يا قوالي ڳائيندي هئي تہ محفل ۾ واه واه پئجي ويندي هئي. اڄڪلهہ اهڙيون قواليون ۽ غزل ٻڌڻ لاءِ ماڻهو سؤ پنجاهہ رپيا خرچي وڃن ٿا پر ڪٿي چئجي تہ مائي حياتان هنن ڪان بہ رتيون وڌيڪ هئي. آواز تہ اهڙو مٺو هوس جڻ ماڪيءَ جو آبشار ٿو وهي. اِهائي سنڌي سيتا هئي تہ اهڙا لطف بہ مفت ۾ ملندا ها.

**هنگلاج:** ڪراچيءَ کان چوهٺ ميل اُتر اولهہ طرف لس ٻيلي ۾، هنگوس نديءَ جي ڪناري هڪ وڏيءَ غفا ۾ سڀ کان آڳاٽو تيرٿ آستان آهي هنگلاج، جنهنجو ذڪر قديم هندو شاسترن ۾ آهي. اُتي آد جڳاد کان اگنيءَ جي لاٽ جوتي نڪرندي رهندي هئي يا آهي. سنسڪرت گرنٿن ۾ اها ڪٿا هن ريت آهي: شنڪر ڀڳوان جي پهرين زال ستيءَ جڏهن پنهنجي پيءُ دڪيہ پرجاپتيءَ جي يڳيہ ۾ پنهنجي گهوٽ جي گلا ٻڌي تہ اُتي پنهنجي جسم کي جلائي ڇڏيائين. مهاديو ستيءَ کي بيحد پيار ڪندو هو ۽ سندس مئل سرير کي ڪلهي تي کڻي نچڻ لڳو. هنجي اهڙي اَڪڙيل حالت ڏسي کيس سامت آڻڻ لاءِ وشنو ڀڳوان پنهنجي سدرشن چڪر سان ستيءَ جي سرير جا ۵۲ ٽڪر ڪري ڇڏيا. اُهي ۵۲ ٽڪر، ڀارت جي جن هنڌن تي وڃي ڪريا اُتي شڪتي پيٺ يعنيٰ سڌن جا آستان ٿيا. هنگلاج ۾ ستيءَ جي مغز جو ٽڪر ڪريو ۽ جيڪا مورتي پيدا ٿي تنهن کي 'ڪوٽري' چوندا آهن ۽ اُنجي پٺروَ جو نالو ڀيم لوچن آهي.

هنگلاج جي ياترا ڏاڍي مشڪل آهي ڇو جو تہ رستي تي جابلو ۽ وارياسن پٽن ۾ پاڻي ملڻ اوکو آهي. تڏهن بہ هزارين سالن کان ڀارت جي جدا جدا علائقن مان ياتري اُتي زيارت ڪرڻ ويندا آهن. اُتي مشهور يوگي گورکناٿ، مڇندرناٿ، گوپيچند ۽ ٻين سادنائون ڪري سڌي حاصل ڪئي. 'سڌي' معنيٰ غيبي طاقت، اُڏامن يا جبل وانگر ڳوڙهو ٿيڻ، ڪنهن بہ شڪل صورت جو يا غائب ٿي وڃڻ، جيڪي چئجي سو ٿئي يا ٻيون اسراري صفتون. شاهہ جي رسالي مان معلوم ٿئي

ٿو تہ شاهہ صاحب بہ جوڳين جي سنگ ۾ ان سڌ پيٽ جي زيارت ڪئي هئي. چوندا آهن تہ اُن ڪانپوءِ پٽ ڏٺيءَ ۾ واٽيءَ جي اسراري شڪتي آئي يعني جيڪي چئي سو ٿئي يا عجيب اثرائتا سدا حيات ٻول ٻولي. ڪيئن بہ هجي شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هنگلاج ۽ جوڳين جي ڏاڍي مهما ڳاتي آهي. جيڪي ياتري اوڏانهن ويندا آهن سي گيروءَ رتا ڪپڙا پائي ويندا ها. شاهہ صاحب جيڪا گيروءَ رتي ڪفني پائي ويو هو سا سندس درگاهہ تي اڃا رکيل آهي.

هنگلاج جا ياتري پهرين منزل حب نديءَ تي ڪندا ها. اوستائين سڙڪ نہ هيل آهي. مان ١٩٣٥ع ڌاري سنگتين سان موٽر تي حب نديءَ تي ويو هوس. اُتي نديءَ ڪناري گهٽيئي واڳهو ڏٺا هئم جن تي بندوق جي گوليءَ جو بہ اثر نہ ٿي ٿيو. ٻيا اُتي روجهن نالي جابلو هرڻ آهن جيڪي ماڻهن ۽ واڳهن جي ڊپ کان رڳو رات جي وقت نديءَ مان پاڻي پيئڻ ايندا آهن. ياتري ٻي منزل ڀوانيءَ جي ڪُهيءَ تي ڪندا آهن جتي ڌرمسالا آهي پر ڀواني ديويءَ جو مندر ڪير ڀڃي ويو آهي. ٽئين منزل آهي بريدو لڪ. جتان سمنڊ جون چوليون ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن ۽ نظارو نزاڪت ڀريو آهي. بريدي لڪ جي ويجهو ٿوريون کهيون آهن جن کي 'سيتا ماتا' جون کهيون سڏيندا آهن. اهي ڪچيون آهن تنهنڪري لتجي ويندڀون آهن پر ماڻهو ٿورو کوٽيندا آهن تہ مٺو پاڻي نڪرندو آهي.

سيتا ماتا جي کهين ڪانپوءِ سونمياڻي بندر آهي جيڪو ڪنهن وقت ٻلين ٻلين هو پر هينئر رڳو ڪن مهاڻن جا گهر آهن ۽ هندو سڀ لڏي ويا آهن. اهو بندر ڪراچيءَ کان چوڏهہ ڪوهہ پري آهي. ان کان چار ڪوهہ پري 'چندر ڪوپ' نالي ڪوهہ آهن جي ڪنهن ماڻهوءَ جا کوٽيل ناهن. انهن لاءِ ڪئپٽن هارٽ، سونمياڻي بندر جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ مڪران ۽ بلوچستان جا رهاڪو انهن کي راجا رامچندر جا ڪوهہ سڏيندا آهن. رامائڻ مطابق شري رام ۾ اڏي شڪتي هئي جو هنجي هڪ تير سان ڪجين جا ست وڻ ڪنجي پيا ۽ جبل ڏري پيو. ممڪن آهي تہ هنگلاج جي ياترين جي سک لاءِ شري رام تيرن سان جبل ڏاري اِهي ڪوهہ پيدا ڪيا هجن.

هنگول ندي، بلوچستان جي سڀ کان وڏي ندي آهي. اُن کان اڳ اگهور ندي ٻن جبلن جي وچ مان وهي ٿي جن جا نالا آهن 'جئہ' - 'وجئہ'. اهي ٻئي وشنو ڀڳوان جا دربان ها جنکي سنڪ آدي رشين سراپ ڏنو هو. اُتي آشاپور نالي آستان تي ڪالي ديويءَ جو مندر آهي ۽ اُن کان ڏيڍ ڪوهہ پنڌ تي هاڙي جبل جي هڪ غفا ۾ هنگلاج ديوي جي سمهيل مورتي آهي. اُن مورتيءَ تي هنگلو (سندور) لڳل آهي ۽ ياتري ڪير چاڙهيندا آهن. اِها غار ايڏي ڪشادي آهي جنهن ۾ ٽي چار سؤ ياتري رهي سگهن ٿا.

اُن مندر جي ويجهو هڪ تلاءَ مان اسنان ڪري، ياتري ڪورو ڪپڙو ٻڌي ديويءَ جو درشن ڪندا آهن. ديويءَ جي وڏي غفا پرسان ٻيون ننڍيون غفائون آهن جتي جوڳي ساڌنا ڪندا ها. ڪنهن زماني ۾ هنگلاج ڀارت جي اولهه ڪنڌ هئي پر هاڻي ته صدين کان لس ٻيلي مڪران جي مسلم رياستن ۾ آهي ۽ مندر جو مجاور به مسلمان آهي. هندو ان ديوءَ کي "اَنبا" (اما) چوندا آهن پر جڏهن سڪندر اعظم سنڌ مان واپس ويندي اُتان لنگهيو هو ته سندس توراريخ نويسن ان کي 'نني' جو مندر لکيو آهي ۽ هاڻي مسلمان به 'ناني' ڪوٺيندا آهن. سنسڪرت ۾ 'نني' جي معنيٰ آهي ماءُ پر عام طرح ناني معنيٰ ماءُ جي ماءُ. سنڌ ۾ جيڪي قديم کنڊهر، موئن جو دڙو، ڪوٽ ڏيجي، چانهوءَ جو دڙو وغيره کوٽيا ويا تن مان ڀڳوتي ديويءَ ۽ سندس گهوٽ جي سواري ڏاند جا پتلا نڪتا ها جي ڏيکارين ٿا ته اوائل ۾ سنڌ ۾ ديوي ماتا جي پوڄا زور هئي. تنهنڪري هنگلاج جو ديوي مندر هزارين ورهيه آڳاٽو آهي. اسانجي ساڀير ۾ نيپال، آسام، ڪشمير، بنگال وغيره پرڳڻن مان ياتري ڪراچيءَ ۾ رڳو هنگلاج وڃڻ لاءِ ايندا ها ۽ ڀارتي نيات جي برهمڻن جي اڳواڻيءَ هيٺ قافلو ٺاهي ويندا ها.

## ٺٽو

ڪراچيءَ کان قريبن سٺ ميل اُتر طرف سنڌ جو قديم تختگاهه ٺٽو آهي. جنگشاهي اسٽيشن تي لهي هن شهر ۾ وڃبو هو پر شاهي رستي تان موٽر ۾ ڏيڍ ٻن ڪلاڪن ۾ پهچي ويندا هئاسين. ٺٽي ۾ مڪليءَ جي ٽڪري انجو سينگار آهي. اِها ٽڪري ڊيگهه ۾ اٽڪل ڏهه ميل آهي. هيءَ ٽڪري سڳوري ليکيندا ها ۽ اوليائن ۽ حاڪمن کي هتي اچي پوريندا ها. انهنجي تربتن تي جيڪي سهٽيون رانقون ٺهيل هيون سي سنڌ جي معماري فن جو بهترين نمونو هيون. چون ٿا ته ان ٽڪريءَ تي سوا لک پير پوريل آهن ۽ انهن جي مقبرن جي زيارت ڪرڻ ۽ دعائون پنڻ، هندو مسلمان ايندا رهندا ها. پيرن ۽ حاڪمن جي اڻ ڳڻين قبرن جو هي جبل جڻ واڪا ڪري پيو چئي:

ڪري ڪوچ ويا سڀيئي سنسار مون،
پير پيغمبر اولياءَ جن پنهنجا پنٿ ڪيا،
گياني ڌياني گرهستي سامي پنڌ پيا،
سڀيئي غائب ٿيا، تو ڇا سمجهو پاڻ کي؟

ڪنهن زماني ۾ هيءُ شهر هاٺوڪي ڪلڪتي وانگر وڏو بندرگاهه هو. ڪلڪتو سمنڊ جي ويجهو هگلي نديءَ تي وسيل آهي تيئن ٺٽو به سمنڊ جي ويجهو سنڌونديءَ جي ڪناري هو. ڏارين ملڪن جا ٻيڙا ۽ جهاز جيڪي مال آڻيندا ها، اُهي هتان ٻيڙين رستي سنڌ پنجاب ويندا ها. وڏن وڏن واپارين جون ڪوٺيون ۽ پيڍيون هتي هيون. پوءِ نديءَ رخ بدلايو ته ٺٽي جو زوال شروع ٿيو. پر اڄ به ڪئين آڳاٽيون آڪاهيون اُتي رهن ٿيون جن جو واپار مسقط ۽ ايران طرف آهي.

هزارين ورهيه اڳ هيءُ شهر ويدڪ وديائن جو به مرڪز هو. اليگزينڊر هيملٽن ١٦٩٩ع ۾ ٺٽي ۾ آيو هو، تنهن پنهنجي رپورتاج ۾ لکيو آهي: "ٺٽو شهر، سماجڪ سياست علم ۽ واپار جي لحاظ کان خاص اهميت وارو آهي. هتي چار سؤ ڪاليج آهن جن ۾ شاگردن کي جدا جدا علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي."

يوگ وديا جو وڏي ۾ وڏو **گرو گورکنات** ٿيو آهي، جنهن ڏيکاريو ته آسڻ ۽ پراڻايام ذريعي ڪيئن لاعلاج بيماريون چٽائي سگهجن ٿيون. جدا جدا ملڪن ۾ جيڪي هزارين 'يوگ انسٽيٽيوٽ' اڄڪلهه هلي رهيا آهن. سي گورکنات جي اصولن تي هلي رهيا آهن. اُن گروءَ جي قديم ڏوٽي اڄ به ٺٽي ۾ آهي پر انجي گاديسر کي يوگ جي 'ي' جي سڌ نه هئي. ٺٽي ۾ اُن وقت ته ويشنو ياتيا گهٽا ڏسڻ ۾ آيا پر جهونا مندر ديويءَ جا آهن. سنگهه ڀوانيءَ جو مندر، منشا ديويءَ جو مندر،، مسائي طرف ڪڏيءَ جو مندر ۽ ستين جو آستان هوندو هو جتي جڻ يا ڏاڻين جي لڳت جو حساب لهرائڻ ايندا ها.

ٺٽي ۾ مسجدن جو به ڪاٿو ڪونهي جن ۾ سڀ کان وڏي هئي سؤ ٿنڀن واري **جامع مسجد**، جيڪا شاهه جهان بادشاهه جوڙائي هئي. هو جڏهن پنهنجي پيءُ جهانگير بادشاهه سان رُسي، ٺٽي ۾ اچي رهيو هو ته هڪ جهوني مسجد ۾ نماز پڙهندو هو. پوءِ جڏهن پاڻ دهليءَ جي تخت تي ويٺو ته اُن جهونيءَ مسجد جي جاءِ تي هيءُ عاليشان مسجد اڏايائين. اها مسجد ٺٽي جو نڪ آهي، ٻاهران سادي پر اندر چٽساليءَ ۽ ڪاريگريءَ جو ڪمال آهي.

ٺٽي ۾ هڪ ٻي چيز آهي جيڪا ٻين شهرن ۾ ناهي، سا آهي **گوهن اندر مجلس** ۽ شئل ڪرڻ لاءِ ايوان. اسان هڪ ڪوهه ۾ لهي وياسين ته دالان آيو. ڏاڪڻيون لهيون پيئون هيون وري ١٠- ١٢ ڏاڪا لٿاسين ته پاڻيءَ جي سطح کان ٻه چار فوٽ مٿي هڪ ٻيو دالان هو، جنهن ۾ پڪين سرن جو فرش هو ۽ هڪ ڪنڊ ۾ اڏ سڙيل ڪانيون پيون هيون ڇو جو ته ڪن ماڻهن شئل ڪندي ڪجهه پچايو هوندو. مينهونگيءَ ۾ پاڻي چڙهي اچي ۽ هيٺيون دالان پاڻيءَ سان ڀرجي وڃي ته مٿئين ايوان ۾ مجلس ڪندا. سخت گرميءَ جي مند ۾ انهن دالانن ۾

ٽڏڪار لڳي پئي هئي.

اوائل ۾ حيدرآباد جا سنڌورڪي سوداگر جيڪو وڪر جهازن ۾ دور اوير جي ملڪن ڏانهن ۽ شڪارپوري واپاري، روس، ايران، خراسان ۽ ترڪستان ڏانهن قافلا پرائي ڪٺي ويندا ها. تن سنڌي مانن جي **ڪارخانن ۽ تجارت** جو وڏي ۾ وڏو مرڪز ٺٽو هو. هينري پاٽنجر سنڌ بابت ١٧٠٩ع ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ جڏهن نادرشاهہ ١٧٨٢ع ۾ ٺٽي تي ڪاهہ ڪئي تہ اُن وقت ٺٽي ۾ چاليهہ هزار ڪپڙي جا آڏاڻا ها. جن ۾ نهيل بافتو، شالون، تارڪشيءَ جون لونگيون، ريشمي سوٽي ڪپڙا ۽ خاص ڪري ڇيٽون، پرڏيهن ۾ ڏاڍيون پسند پونديون هيون، تنهن ڪري ئي پورچوگيزن، فرينچ ۽ انگريزن جون اتي ڪوٺيون هونديون هيون، پر منهنجي سانير ١٩٢٢ع ۾ ٺٽي جو اڳيون اوج نہ هو. بچيل ڪچيل ڪاريگر سڪو پيٽ قوت ڪڍي رهيا هئا.

**پير پٺو ۽ گوپيچند**: ٺٽي کان اٽڪل ڏهہ ميل پري مڪلي ٽڪريءَ جي پڇاڙيءَ وٽ قدرت جو هڪ نزاڪت وارو مها سندر آستان هو جو ڏٺي اکيون پيون ٺرن. چوطرف ساوڪ ۽ بگهار واهہ جو نظارو! اُن نهايت خوشنما آستان تي آڳاٽي زماني ۾ سنڌ جي پراڪرمي راجا گوپيچند جي راڄڌاني هئي. اتي هڪ وڏيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙل سرون ۽ پٿر ثابت پيا ڪن تہ ڪنهن زماني ۾ هتي ڪو وڏو عاليشان شهر هوندو. رجڪمار گوپيچند ننڍيءَ عمر ۾ وڃي يوگي ٿيو هو پر پوءِ پيءُ جي موت کانپوءِ ماءُ ميڻاوتيءَ جي منٿ ميڙ تي اچي راڄ جون واڳون وريتون هٿائين. گوپيچند ميڻاوتيءَ جو قصو سنڌ ۾ ڏاڍو مشهور هو. هو راجا هوندي بہ هڪ درويش وانگر رعيت جي سنڀال ڪندو هو. اسانجي سانير ۾ اهڙي مهاتما راجا جو ساليانو ميلو لڳندو هو ۽ هزارين هندو ۽ خاص ڪري ڪڇي ڏاڍيءَ سڪ ۽ صدق سان ان ميلي ۾ ايندا ها.

اُن سندر آستان تي ١١٨٠ع ۾ هڪ اولياءُ اچي رهيو هو جيڪو پير پٺي جي نالي سان مشهور ٿيو. هنجي تربت ٽڪريءَ تي آهي ۽ سنڌ ۾ شهباز قلندر کانپوءِ هيءُ هڪ وڏو زيارت گاهہ ليکبو هو. اتي بہ ڏاڍيءَ ڌام ڌوم سان ميلو لڳندو هو ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ ٺٽي جو نواب جاترين جي لنگر لاءِ سيڌو سامان موڪليندو هو.

**نوري- جام تماچي**: عشق جو اِسرار. جنگشاهي اِسٽيشن کان ١٠-١٥ ميلن تي جهمپير جي اِسٽيشن هئي، جتي گرم پاڻيءَ جو هڪ چشمو ۽ 'جهم' نالي پير جي رواجي درگاهہ هئي. اُن کان پنج ميل ڏکڻ طرف امير پير جي

درگاهه تي هر سال اسماعيلي ڪوجن جو ميلو لڳندو هو. اتي آغا خان ٻئي، آغا علي شاهه جو اڏايل محلات هو. جهمپير اسٽيشن کان سونديا ڳوٺ ويجهو هيلاين وڃبو هو جتي سونهري ۽ ڪينجهر ڍنڍون هڪٻئي جي نزديڪ هيون. اصل هڪڙي وڏي ڍنڍ هئي پر وچ وارو ٽڪر سڪي ويو ته ٻه ٿي پيون. ڪينجهر ڍنڍ جو گردو ١٨ ميل ۽ سونهريءَ جو ٢۴ ميل هو. برسات ۾ ٻئي هڪ ٿي وينديون هيون. سڄيءَ سنڌ ۾ اهڙو عمدو نظارو ٻيو ڪٿي ڪونه هو. پرسان ٻيلا ۽ ٽڪريون هيون ۽ واءُ لڳندو هو ته ڍنڍن ۾ ڇيڙيون ائين پيون لڏنديون هيون ڄڻ ته هندورا ٿا جهولن.

اها ڪينجهر ڍنڍ عاشقن جو زيارتگاهه هئي جو اتي بادشاهه ڄام تماچيءَ ۽ سنڌس راڻيءَ نوريءَ مهاڻيءَ جون تربتون هيون. انهيءَ جوڙي جو انتها عشق به هڪ اسرار هو جو اهڙو وڏو حاڪم، نورين مهاڻيءَ جي عشق ۾ اڙجي ويو. ١٩٢۴ع ۾ اتي ويو هوس ته ڪينجهر ڍنڍ مٿان ڄام تماچيءَ جي ماڙي زبون حالت ۾ قائم هئي. ظاهر هو ته هيٺ ڍنڍ مان نوريءَ ويلي مڇيون ڦاسايون ۽ مٿان ڄام تماچيءَ پٺي نهاريس ۽ نهاريس ته به ڍءُ نه ٿي ٿيس. نوريءَ، مڇين سان گڏ بادشاهه کي به پنهنجي پريم ڄار ۾ ڦاسائي وڌو. شاهه صاحب لکيو آهي:

ڄام تماچي آيو مٿي تڙ تناهه،
اچي پيس اوچتي نوري تي نگاهه.

تنهن کي گندري چوڻ گناهه، جنهنجي جهوليءَ چنڊ جهلي پيو. نوريءَ، بادشاهه کي ٽڪيندو ڏٺو ته اکيون اکين سان مليون،-

ڪٿي نيڻ خمار سان، جا ڪيائين ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

پر شاه صاحب جي رڳ رڳ ۾ هي رب جي تات. اتي به ٻاجهاري کي ٻاڏائي ٿو:-

تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن لک،
هن منهنجي حال جي توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، مٿان ماگر مٽئين!

پٽ ڏٺيءَ جي اهڙن پڳتي پيريل بيتن لوڪن ۾ سائين جي سڪ جاڳائي آهي. ساڌو واسواڻي پاڻ کي ’نوري نماڻي‘ ڪوٺيندو هو ته من ان بهاني سندس من ۾ شاهن جي شاهه جي تات رهي ۽ هو مهر جي نظر ڌري.

**جهوڪ شريف:** نوري ڄام جي آستان کان ٿورو اڳتي هلي سنڌو ندي پار ڪبي ته ميرپور بٺورو تعلقو ايندو. اُتون ست ميل اُتر طرف جهوڪ شريف جو زيارتگاهه مولچند واهه جي ڪناري آهي. سنڌ ۾ صوفي مت جي اوائلي اشاعت ڪندڙ شاهه عنايت الله جي درگاهه هتي آهي. شاهه لطيف، بيدل، بيڪس، دلپت ۽ ٻيا وڏا وڏا سنت هتي سجدو سلام ڪرڻ ايندا ها. شاهه عنايت جي حضور ۾ هزارين مريد اچي جهڪندا ها. تنهنڪري ان جڳهه جو نالو ’جهوڪ‘ پئجي ويو. ويجهن درگاهن جي پيرن جي پيٽ تي لت لڳي جو سندن مريد به شاه صاحب وٽ جهڪڻ لڳا. تن وچي سنڌ جي حاڪم ميان يار محمد ڪلهوڙي جا ڪن ڀريا ۽ تنهن بنا جاچ جوچ جي دهليءَ جي بادشاهه کي شڪايت ڪئي ته هيءُ باغي آهي ۽ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ لشڪر ٿو ناهي! اهو ٻڌي دهليءَ جي بادشاهه حڪم ڪيو ته اهڙي باغيءَ جي سسي ڪپي موڪليو!

جلاد کي شاهه صاحب ڪجهه مهرون ڏنيون ته، ”تون منهنجي سسي لاهڻ جي تڪليف ٿو وٺين تنهن لاءِ هي ٿورو اجورو ٿو ڏيانءِ!“ جڏهن سسي ڌڙ کان ڌار ٿي ته سسيءَ جلاد کي چيو، ”تو مونکي هستيءَ جي قيد کان آزاد ڪيو آهي. ڏٺي، ٻنهي جهانن ۾ تنهنجي ڀلائي ڪندو!“

سوين سال گذري ويا آهن ته به هن ملائڪ جي تربت تي وڏو ميلو لڳندو رهي ٿو ۽ مريدين جون مرادون پوريون ٿينديون رهن ٿيون. هزارين هندو به هتي زيارت ڪرڻ ايندا آهن. جنهن ڪلهوڙي حاڪم ۽ مغل شهنشاهه هنکي قتل ڪرايو سي ته تخت تاج ۽ جڻ ٻچي ناس ٿي ويا پر هن ملائڪ جي اڄ به جئه جئڪار ٿي رهي آهي.

**پنيور:** ٺٽي ضلعي ۾ پنيور جو قتل شهر آهي، جنهنجي پرسان ڪنهن زماني ۾ درياهه وهندو هو. مشهور قصو آهي ته هڪ برهمڻ کي، چنڊ جهڙي سهڻي نياڻي ڄائي جنهنجو نالو به رکيائين چنڊ- ششي- سسئي. جوتشي چيو ته انهيءَ ڇوڪريءَ جي شادي هڪ مسلمان سان ٿيندي. ان خواريءَ کان بچڻ لاءِ، ان ڪنيا کي هڪ ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ وجهي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيائون. پنيور جي محمد ڪتيءَ کي اها پيٽي هٿ لڳي.

آها ڇوڪري ساماڻي ته سندس سونهن جي ساک، ديس پرديس ڦهلجي وئي. لس ٻيلي جي شهزادي پنهوءَ اچي سسئيءَ سان شادي ڪئي. ڏوهيءَ جي ڏيءَ سان شادي، بادشاهي شان وٽان نه هئي. شهزادي جا ڀائر ڪيس نشي ۾ غافل ڪري، راتو واهه اُٺ تي کڻي ويا. صبح جو سسئيءَ پنهنجي گهوٽ کي نه ڏٺو ته درد فراق جون دانهون ڪندي پنهنجي پرينءَ پٺيان پنڌ پئي ۽ جبلن ۾ ئي مري وئي. پنهوءَ کي به جڏهن هوش آيو ته هو به ساڳيءَ جاءِ تي آيو ۽ موت ۾ سسئيءَ سان ملي ويو. شاهه لطيف ۽ ٻين شاعرن سسئيءَ جي سورن ۽ پريت جا ڪلام ڏاڍي سڪ ۽ سوز سان ڇيا آهن جيڪي سنڌ ۾ هر هنڌ ڳايا ويندا آهن.

سسئيءَ کي طالب ڪري ليکيو اٿن جيڪو ڏٺيءَ جي ڳولا ۾ ڀنڀور (دنيا) کي ترڪ ڪري جهنگل ۽ جبل جهاڳيندو وتي ٿو ۽ جڏهن پريوءَ جي پريم ۾ پاڻ مٽائي ٿو ته جانب جو وصال حاصل ٿئيس ٿو. پنهنجي حيلي هلائڻ ۾ حاصلات نه ڏسي، سالڪ، ڏٺيءَ جي اوٽ وٺي شرڻ پوي ٿو:-

آڏر، نڌر، آيري، آ سونهين آهيان،
لوڪ لعل لطيف چئي، ور لئه وهايان.

مان نراڌار، ٻي وسيلي، هيٺي ۽ راهه ڏيکاريندڙ سونهين (گروءَ) ڪانسواءِ آهيان، پنهنجي ڪانڌ (پرماتما) لاءِ رت جا ڳوڙها ٿي ڳاريان.

ور! م وساريج، آهيان تنهنجي آسري،
ڏاڍو ڏونگر جو سچي سو لطفون لنگهائيج!

اي منهنجا خاوند! مونکي نه وسارج، مان تنهنجي آسري پئي تڳان. هي سنسار روپي جبل ڏاڍو اٽانگو آهي، اهو مونکي پنهنجي مهر سان پار اُڪارج! هي دين ديال! هيٺن جا همراه! مونتي رحم ڪر! مونتي رحم ڪر!

**ٽنڊو باگو- سعيد پني لڌو:** ٽنڊي باگي ۾ ساجن سوائي جو ميلو لڳندو هو. سندس پوٽو سعيد پني لڌو ڌرم جي مجسم صورت ٿي گذريو آهي. 'ديا ڌرم ڪا مول هئه.' پني لڌو ماڻهو ته ڇڏيو پر جانورن ۽ پکين تي به ديا- پريم ڪندو هو ۽ هو وٽس اِيئن ايندا ها جيئن ٻار، ماءُ وٽ ايندا آهن. ڪانءَ، ڪٻريون، ڳيرا، جهرڪيون، بلبليون ۽ ٻيا پکي، ڪو ڪلهي تي، ڪو مٿي تي اچي ويهندو هوس! گدڙ، بگهڙ ۽ ڪتا به ايئن ايندا هئس جيئن پير وٽ مريد اِيندا آهن! هو اول اُنهنکي پنهنجي هٿن سان کارائيندو هو ۽ پوءِ بچندو هوس ته پاڻ

ڪائيندو هو. ڪنهن جيوَ کي ڏک لڳندو هو تہ سندس مرحم پٽي ڪندو هو.
ماڻهن جي آرام جو بہ ايڏو فڪر ڪندو هو جو رستي تي جيڪي پٿر ٺڪر يا ڪنڊا وغيره ڏسندو هو تہ ڪٺي پاسي ڪندو ويندو هو. ڪنهنکي ڪانئيون وڍي ڏيندو تہ ڪنهنکي پاڻيءَ جو دلو پري آڻي ڏيندو. سڄو وقت ڏٺيءَ جو نانءُ زبان تي هوندو هئس ۽ پيو خلق جي خدمت ڪندو هو. جڏهن وفات ڪيائين تہ ماڻهن سان گڏ پکين پسن جي اکين مان بہ ڳوڙها تي ڳڙيا.
بدين ۾ **شهاب الدين قادري** ناميارو پير ٿي گذريو آهي جنهنجي درگاهہ تي وڏو ميلو لڳندو هو. سندس آڪهہ وارا قادري طريقي وارا پير آهن جي اصل شيخ عبدالقادر جيلاني (پير دستگير) جي اولاد مان آهن. بدين ۾ **لواري وارا پير** بہ هاڪارا هوندا ها.

**پير پٿورو :** ميرپور خاص جي پٿوري اسٽيشن کان اٽڪل ڏيڍ ميل اُتر طرف هڪ عاليشان قبي جي صورت ۾ هندو مينگهواڙن جو وڏو پير پٿورو هو. هو اُن کي هڪ اوتاري پرش ليکيندا ها ۽ بدي مهيني ۾ چار ڏينهن زبردست ميلو لڳائيندا ها. اُن وقت گهڻيئي اوچ ذات وارا هندو برهمڻ ساڌو سنت بہ اچي هنجي پوڄا ڪندا ها. ٿر ضلعي ۾ هنجي ڪرامتن جون ڪئين ڪهاڻيون ٻڌبيون هيون. ڪي مسلمان هنکي اسلامي اولياءُ مڃيندا ها پر مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين خاطريءَ جهڙن تواريخ نويسن هنکي هندو ليکيو آهي.

**ٽنڊو آدم- سوامي ٽيئُون رام :** هڪ وڏو برهم نيشٽي سنت ٿي گذريو آهي، جنهنڪري هيءُ رواجي ڳوٺ هڪ تيرٿ آستان بڻجي پيو هو. هن مهاتما جو جنم تہ هالا تعلقي جي ڪنڊو ڳوٺ ۾ ٿيو هو پر هن پنهنجو ديرو ٽنڊي آدم جي ٻاهران ٺاهيو هو جتي واريءَ جا ڍڳ پٿون هيون. اُتي هن پنهنجي هٿن سان کوهہ کوٽيو، جنهنجو پاڻي اهڙو مٺو ۽ صحت بخش هو جو پريان پريان جا ماڻهو اُن مان پاڻي پرڻ ايندا ها. هنجي سچي سيوا ۽ ويراڳ ورتي ڏسي ڪيس خوب دان ملڻ لڳا جيڪي هو مسڪينن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس آشرم ۾ سدائين پڄن پاڻ ۽ ڀنڊارو پيو هلندو هو.
هي سنت ڇمندي ڇام هو جو پنجن ورهين جو مس هو تہ ڀڳتي ۽ گيان ڀريل ڀڄن ٺاهي سريلي آواز ۾ پيو ڳائيندو هو. جڏهن ساماٿو تہ پڻس پاڻي چيلارام ڪيس هٽ تي وهاري پاڻ پوڪ جي نگهباني ڪرڻ لڳو. دڪان تي ڪير سودو وٺڻ ايندو هوس تہ گهٽ اگهہ تي يا بنا پيسي بہ مال ڏيئي ڇڏيندو هو. سڀ مال

تہ مالڪ جو آهي ۽ اُن جي اولاد ڪي منع تہ نہ ڪبي! پٽس ڏلو تہ هي پٽ سندس تڏو ڪٽائيندو تہ ڪيس هٽ تي وهارڻ ڪان بان ڪيائين.

دڪان جي ٻنڌن ڪان آجو ٿيو تہ ٽيئون رام جي ڀڳتي ۽ ويراڳ وڌي ويو ۽ هو گهڻو وقت ڏٽي جي ڏيان ۾ ايڪانت جهنگل ۾ گذارڻ لڳو. اُن وقت گهڻيئي شرڌالو لوڪن اچي ڪائنس نام ورتو. جن ۾ سندس نندو ڀاءُ گوال لعل مکيہ هو. ٽيئون رام ورهاڱي کان آڳ ٺي ديولوڪ پڌاريو ۽ گوال لعل سندس پرمارٿ جا ڪم قائم رکيا. هن وقت اُلهاس نگر ۾ سندس گاديءَ تي سوامي شانتي پرساد، لوڪن جي سيوا ڪري رهيو آهي. اجمير ۽ جئپور ۾ بہ سندس شش جون درٻاريون آهن. پوني جي درٻار جو سوامي رامڪشن بہ چڱو ودوان ۽ ڌرم جو پرچارڪ آهي. هر هنڌ ڀائي ٽيئون رام جي ورسي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن.

ٽنڊو الهيار ۾ آڳاٽا مندر ها جن مان مکيہ هو رامڏيو جو. ذاتين جي باب ۾ ڄاڻايو آهي تہ مينگهواڙن ۽ اوڏن جو ديوتا رامڏيو آهي. ان مندر ۾ هن جي جيڪا شاهي سنگمرمر جي مورتي آهي تنهن ۾ هو نيري گهوڙي تي سوار آهي ۽ پيرن ۾ هڪ دئيت پيو اٿس. تواريخ موجب هو مارواڙ جي پوڪرڻ رياست جي راجا اجمل جو پٽ هو. هو وڏيءَ سمرتي وارو سڌ پرش هو ۽ خاص ڪري گهٽ ذات وارن سان جيڪا بيرحميءَ ۽ نفرت جي هلت هلي ويندي هئي تنهنجو هن ڪامياب مقابلو ڪيو جو سنڌ ۽ مارواڙ مان چوٽا ڇات جي پاڙ پٽيائين. هنجي سرڳواس ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس ديوتا ڪري پوڄڻ لڳا.

مسلمانن جو بہ رامڏي ۾ گهڻو صدق هو ۽ ٻنهي قومن ۾ ايڪتا طور هو ٻاٻا رام پير نالي بہ مشهور هو. هنجي سماڌي جوڌ پور رياست ۾ رامديوري ۾ آهي پر سنڌ، راجستان ۽ گجرات جي ٻين شهرن ۾ بہ هنجا مندر آهن جتي ساليانا ميلا لڳندا آهن. هنجي پرمارٿ ۽ ڪرامتن تي ڪئين ڪتاب لکيل آهن. جوڌ پور ۾ سنڌين هن جو نئن عاليشان مندر ٺهرايو آهي.

ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ٻيو عجيب ٽڪاڻو هو ڀوتن ۽ ڏاڻين جو، جتي اوندهہ ۾ رڳو پٿر رکيل هوندا ها ۽ هر هڪ تي هڪ آک نڪتل هوندي هئي. چوندا ها تہ انهن پٿرن ۾ جنن ۽ ڏاڻين جو واسو آهي. اُنهن تي تيل ۽ سندور چاڙهي واس ڌوپ ڪندا ها ۽ ٻاون ڪان ڪارا سڳڙا ۽ تعويذ وٺي ويندا ها.

اُتون جي ڪالي مندر جي اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ڪالي ديويءَ جي مورتي ٻين مندرن جهڙي هئي پر نالو هئس 'خاڪچوڪ مندر' ۽ اُن مندر جي ٻاون جا نالا بہ نرالا ها. هڪڙن کي پيا چون 'سيتا پادري' ۽ ٻين کي 'لال پادري'. آهي پوڄاري هڪ غفا ۾ رهندا ها.

ٽنڊي الهيار جا هنداٽا بہ هاڪارا ٿيندا ها جو هڪ هڪ جي تور ڏهہ پنڌرهن

سير ٿيندي هئي پر ڪي تہ اڌ مڻ کان بہ وڌيڪ! مٺا بہ مصريءَ جهڙا! پڳوان جا بہ رنگ آهن جو امڙي وارياسي رڻپٽ ۾ پين هند هنداڻا ڦڪا ۽ رڳو ان ايراضي ۾ مٺا!

## حيدرآباد

اول هن قديم قلعي جو نالو نيرون ڪوٽ هو. جيڪو ڪلهوڙن حاڪمن نئين سِر مرمت ڪرائي نهرائي، پنهنجو تختگاهہ بڻايو ۽ نالو رکيائونس حيدرآباد. منهنجي سانپر ۾ قلعو تہ زبون حالت ۾ هو پر اُن جي ٻاهر شهر ٻلين ٻلين هو.

ان ۾ ڪو مين ميک ناهي تہ حيدرآباد ساهت، سڀيتا ۽ علم ۾ سنڌ جي راڄڌاني هو. هنجي هر چيز اعليٰ هئي. جڳهيون، باغ، ڦليلي، زالون ۽ مرد، سنڌورقي پائيند ۽ عامل، ساهتڪ ۽ پخي هٿندڙ، سڌارڪ ۽ بگاڙڪ، مطلب تہ هر رنگ ۽ ڍنگ جا نرالا ها. تانجو حيدرآباد جا ڪدڙا ۽ ڪچريون بہ خاص سوکڙيون هيون.

بنسبت پين سنڌي شهرن جي حيدرآباد جون جڳهيون بہ وڌيڪ سٺيون ۽ آرام ديهہ هيون. هيرآباد ۾ منهنجي مسواڙي جڳهہ، منهنجي شڪارپور ۽ ڪراچي جي پنهنجن جڳهين کان وڌيڪ چڱي هئي. شهر جي عاليشان جڳهين ۾ سنڌورقي سيٺين پوهومل ۽ وسيامل وارن جا تہ چڻ محل ها. پارت جا قومي اڳواڻ، پائي پرتاپ وٽ اچي لهندا ها. سر راڌا ڪرشڻ سروپلي اُتي اَچي مهمان ٿيو هو. مان ڪيس دعوت ڏيڻي ڪونڻ ويو هوس اُها جڳهہ، اندر خواهہ ٻاهر حيدرآباد جو نڪ هئي. حيدرآبادي جڳهين جي خاص خوبي اها هئي جو ڪُڏن تي هوا جهٽڻ لاءِ منگهہ هوندا ها، جهڙا دنيا ۾ ٻئي ڪٿي ناهن. انهن منگهن بدولت هيٺيان ڪمرا بہ هوادار رهندا ها.

هتي ڏنل تصوير مان جڳهين جي انهن هوائي منگهن ۽ نقشي مان شهر جي مڪيہ ويڙهن ۽ پاڙن رستن وغيره جو پتو پوندو، ان لاءِ وڌيڪ اپٽار نٿو ڪيان.

حيدرآباد مونکي ان لاءِ بہ وڻندي هئي جو انجي ڦليلي، شڪارپور جي سنڌ واه جي سک لاهيندي هئي. اِهو واهہ قريبن شهر جي ٻن طرفن کان هو. اُنجي ڪناري ساڳئي قسم جا باغ باغيچا ۽ حلواين جا دڪان ۽ شئل سواد هوندا ها. پل تان ٽپا بہ ڏبا ها، لاٽ بہ پٽبي هئي ۽ 'الوميان' بہ ٿيندي هئي. پوءِ ڦليليءَ ۾ ڪي قدر گند وجهڻ شروع ڪيائون تہ اهي موج مزا بند ٿي ويا.

ڦليليءَ جي پيءَ پر ميويدار گهاٽا باغ هوندا ها پر سڀ کان عمدو 'داس' باغ، گدو بندر رستي تي هوندو هو. اُن ۾ رنگبرنگي سرهاڻ واري گلڪاريءَ ڪي

رنگبرنگي ويسن ۾ ملوڪ مرد ۽ زالون وڏيڪ گلزار بڻائيندڙيون هيون. يارن دوستن سان دنيا جو واءُ ساءُ ۽ پرائي پچر، ٻارن جي چهه چهه، نازنين جي رنگ ڍنگ ۽ گهمڻ جو نماءُ ڏاڍو مزيدار هوندو هو.

باغن جي ڳالهه تي اگو پوءِ هڪ عجيب ٻوٽيءَ جي ڳالهه ڪري وٺان. شرم ٻوٽي جي سائي سهڻي ول پکڙي پئي هوندي هئي ۽ انجا نرم پن ٽڙيا پيا هوندا ها، پر ان کي ڪو مرد ماڻهو هٿ لائيندو مس ته سموري ٻوٽي ڪومائجي ويندي پر ڪنهن زائفان جي ڇهڻ تي ڪو اثر ڪونه ٿيندو هئس. آزمايوسين، مون هٿ لاتومانس ته سموري ٻوٽي شرم ۾ ڪومائجي وئي پر منهنجي زال ۽ ڌيءَ سختيءَ سان هٿ لاتس ته به نه مرجهائي. وڌو اچرج ته اِهو لڳو ته هڪ بيجان نابين ٻوٽيءَ کي سڌ ڪئين پئي ته هيءُ ڇهاءُ مرد جو آهي ڪين زال جو! ڪدڙن جو ڇهاءُ مون آزمائي نه ڏٺو. شاسترن سچ چيو آهي ته وڻن ٽڻن، ٻوٽن ۽ نباتات ۾ ڏسڻ ٻڌڻ، ڏک سک، نينهن ۽ نفرت جو احساس ٿيندو آهي.

حيدرآباد ۾ ڪئين هاءِ اسڪول، ڪاليج، سنسڪرت پاٺشالا، يوناني ۽ آيرويدڪ ڪاليج، ٽريننگ ڪاليج ها ۽ برهمو سماج، آريه سماج، ديو سماج، ٿيا سافي سوسائٽي، هندو سڀا، انجمن اسلاميا، خلافت ڪاميٽي، آر. ايس. ايس. مطلب ته اهڙو ڪوبه پنٿ نه هو جيڪو اتي نه هجي. ناٽڪ منڊليءَ جو مزيدار ذڪر مان ناٽڪن واري باب ۾ ڪندس ته ڪيئن نه ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، منگهارام ملڪاڻي، نرملداس گربخشاڻي ۽ ٻيا نوجوان زالاڻا پارٽ ڪري اسٽيج تي ناز نخرو ڪندا ها. اتي گرسنگت کي پنهنجي شاندار بلڊنگ هئي. انهيءَ سنگت سنڌ ۾ خالصا پنٿ جو جيترو پرچار ڪيو تيترو ٻئي ڪنهن نه ڪيو هو.

تبليغي ملا مولوي به زور ها جو رکي رکي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ۽ وڏن هندن کي به اسلام ۾ داخل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا ها. لتي جي ڇيتانند پٽ ليلارام کي ١٦ سالن جي عمر ۾ حيدرآبادي مولوين ئي شيخ عبدالمجيد بڻايو هو. ديوان مورجمل آڏواڻي وچي مسلمان ٿيو ته پيءُ جي اثر هيٺ ١٨٩١ع ۾ پٽس ميوارام به اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ نالو رکيائونس شيخ محمد صديقي. هن پنهنجي ڇٽن صغير ٻارن ۽ زال ميٺي ٻائيءَ کي به مسلمان ڪرڻ لاءِ ڏاڍو زور هلايو ۽ ڪورٽ ۾ ڪيس به ٿيا پر ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند سندس زال جي مدد ڪئي ۽ هو آخر تائين هندو رهي. اَن ڪيس حيدرآباد ۾ ڏاڍو ڇڙ ٻولو مچايو هو ۽ ان لاءِ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب نڪتو "دي گريٽ شيخ ڪيس". جڳتياڻي عامل خاندان مان ديوان ريجهومل جي ڊاڪٽر پٽ کي مسلمان بڻائي، نالو رکيائونس نور محمد. آچاريه جي. بي. ڪرپالاڻي، ڪانگريس پريزيڊنٽ، جو وڏو ڀاءُ پنهنجي اکه سميت وچي اسلام ۾ داخل ٿيو ته نالو پيس شيخ عبدالرحيم. انهيءَ تي

شهر ۾ چؤبولو متو تہ مورڳو آچاريہ جو پيو ياءُ بہ وچي مسلمان بڻيو ۽ پٺي ياٹر پين خاندانن کي بہ اسلام ۾ ڇڪڻ لاءِ هيلا هلائڻ لڳا. آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جو پنهنجو لاڙو بہ مسلمانن ڏانهن وڌيڪ هو. مثلن جڏهن هن ۱۹۱۲ع ۾ سکر هاءِ اسڪول ۾ چاليهن رپين تي هڪ سال ماستري ڪئي تہ ڪئين هندو مترن جي هوندي بہ، هڪ مسلمان عبدالله جي گهر ۾ رهندو ۽ کائيندو هو. عيسائي پادرين جو بہ هندن تي حملو جاري هو جو ديوان پرمانند ميوارام ۽ ٻين اهڙن معزز هندن کي بہ ڪرستان بڻائيندا رهندا ها.

مذهب متائڻ جي وارداتن تي تہ واويلا اُپامندي ۽ وسامندي رهندي هئي پر 'اوم منڊلي' جو ممڻ تہ ڪئين سال هليو هو. دادا ليکراج نالي هڪ دولتمند ڀائيبند اِها منڊلي برپا ڪئي هئي. جنهن ۾ اڪثر زالون اچي رهنديون هيون. ان منڊليءَ زالن ۾ همت، ڇڙواڳي ۽ آزاديءَ جو احساس ڦوڪيو. هو کلم کلا چوڻ لڳيون:- "سيئي مرد، زالن جا سرپرست ٿي کين رڳو ڀوڳ ولاس ۽ ٽهل ڪرائڻ لاءِ ڪم آڻي رهيا آهن. مڙس ۽ اولاد جنجال آهن ڇو جو تہ اهي زالن کي غلامن وانگر پنڌن ۾ رکن ٿا. تنهنڪري گهر گرهستيءَ جو تياڳ ڪري، اوم منڊليءَ جي گروءَ جي شرڻ وٺو تہ اُڌار ٿيندو!"

مردن جي خلاف اِها بغاوت زور وٺندي وئي تہ نہ رڳو ڪنواريون، جنجي ڏيج جي مسئلي سندن مائٽن کي منجهايو هو، پر پرڻيل ننڍيون نيٺيون يا ٻيون جيڪي گهوٽ کان رسن پيون سي بہ گهر ٻار ڇڏي، مڙس کي ڏهاڳ جو ڏک ڏيئي، اوم منڊليءَ ۾ پيون داخلا وٺن. ڪي اهڙيون بہ هيون جيڪي گهريلو خفت ۽ خجالت کان بيزار ٿي يا ڪي ڌرمي خيالن کان بہ وڃي اُن منڊليءَ ۾ شامل ٿيون هيون. مردن ۾ مانڌاڻ مچي ويو جو ڪئين ويچارا رلي خراب ٿيا جو نہ ڏينهن جو آرام نہ رات جو! شهر ۾ ٺاڪوڙو پئجي ويو. سيني کي پؤ وٺي ويو تہ ڪنهن مهل بہ سندن ٻائڙي رسي وڃي اوم منڊليءَ ۾ شريڪ ٿئي. نيٺ مردن بہ مڙسي ڏيکاري، ڪي مقدما داخل ڪيائون جن ۾ هارائي آيا، "ڊائريڪٽ ايڪشن" ڪٽي منڊليءَ جي جڳهہ تي حملا ڪيائون، تنهنجو بہ زالن سروٽن، تتل تيل ۽ ڳوڳائي مرچن سان ڪامياب مقابلو ڪيو. اخبار وارن بہ دادا ليکراج تي ڌوڙيو وسايو. سانده اهڙو خچر کلو ڏسي، دادا حيدرآباد مان تپڙ گول ڪري، پنهنجن چيلين سوڌو، ڪراچيءَ ۾ شهر کان ٻاهر پرو اچي ديرو ڄمايو.

هن وقت ڀائي ليکراج حيات ڪونهي پر سندس منڊلي 'برهم ڪمارين' جي نالي سان ڀارت ۾ وڌي وئي آهي. هو پنهنجي پرلوڪ واسي گروءَ کي 'برهما پرجاپتي' جو اوتار ليکينديون آهن. هينئر مردن خلاف اوائلي بغاوت جي اُصولن ۾ تڏيون ٿيون آهن ۽ ڏيان يوگ ۽ ٻيا چڱا ڪاريہ ڪري رهيو آهي. سچي خبر

خدا ڪي.

**وڪيل**: حيدرآبادي وڪيلن جي هوشياريءَ جي ته ڳالهه ئي نه پڇو! ڪنهنجو نالا ڪٿي ڪنهن جا ڪٿجن! سنتداس منگهارام ڪي سنڌ جي وڪيلن جو سرتاج چوندا ها. ديوان ڏيئلمل لالواڻي جو رڪارڊ هو ته هن ڪڏهن به ڪو ڪيس نه هارايو آهي. شهيد الله بخش واري ڪيس ۾، سرڪار ۽ سڄيءَ سنڌ کي يقين هو ته خانبهادر کهڙو سزاياب ٿيندو. سرڪاري وڪيل به زبردست ها پر ڏيئلمل کهڙي کي باعزت آزاد ڪرايو. ديوان ميٺارام ۽ سندس ننڍو ڀاءُ ڏيارام به غضب جا قانوندان ها ۽ وڪالت مان خوب ناڻو ناهيو هئائون. ميٺارام کي رڳو پير پاڳاري جي ڪيس مان هڪ لک رپيا (اُن زماني جا) في ملي هئي. انهن ٻنهي ڀائرن ديوان ڏيارام گدومل جي چوڻ تي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ڪاليج ۽ هاسٽل کوليا. انهن ٻنهي ڪاليجن سنڌ جو نقشو بدلي ڇڏيو ۽ تعليم جي روشني آندي.

**آنرري ماجسٽريٽ**: پر اهڙن هوشيار وڪيلن جي به ڪٿي دال نه ڳرندي هئي. اڳو پوءِ مثال ٻڌائي ونانوَ. ٢١ - ١٩٢٠ع ڌاري انگريزن، آنرري ماجسٽريٽن جو سرشتو شروع ڪيو ته جيئن ڪيسن جو ترت نيڪال به ٿئي ۽ پنهنجن ڏاڍلن زميندارن تي نوازش ڪرڻ جو وجهه به ملين. معزز زميندارن يا سيٺين، جن ڪين جنگ ۾ مدد ڪئي هئي يا جنکي پنهنجو پلو ٻڌاڻو هوندن تنکي آنرري ماجسٽريٽ مقرر ڪندا ها. زميندارن يا سيٺين کي قاعدو قانون ته اِيندو ڪونه هو، تنهنڪري هو ڪنهن نه ڪنهن وڪيل کي بطور صلاحڪار رکندا ها ۽ فيصلا به ان ڪان لکائي رکندا ها. ڪي ماجسٽريٽ صاحب مقدمي چالان ٿيڻ کان اڳ ئي فيصلو ڪري ڇڏيندا ها ته جوابدار کي ڇڏڻو آهي ڪين سزا ڏيڻي آهي. اهڙي فتوا پنهنجي خانگي وڪيل کان لکرائي رکندا ها. عام ماڻهو کين اناڙي ماجسٽريٽ ڪوٺيندا ها.

اهڙو هڪ مزيدار مثال، پير علي محمد جي ڪتاب ۾ درج ٿيل هتي ڏيان ٿو. هڪ آنرري ماجسٽريٽ ملزم جو منهن ڏسنديئي فيصلو ڪيو ته دستوري ڪارروائيءَ جي اينگهه ڪرڻ غير ضروري آهي، ملزم کي هڪدم سزا ٻڌائي جيل اماڻڻو آهي. هنجي اها نادري راءِ ٻڌي وڪيل بنهه وائڙو ٿي ويو ۽ جڏهن ماجسٽريٽ چيس ته، "اٿي تقرير ڪر!" ته وڪيل چيو، "صاحب! اجا ڪيس هليوئي ناهي ته آنکان اڳ آءٌ ڪهڙي تقرير ڪندس؟" ماجسٽريٽ:- "توهانکي تقرير ڪرڻي پوندي ڇو ته اسانکي هاڻي ئي جوابدار کي سزا ڏيڻي آهي."

**وڪيل:** "ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ۾ اهڙيءَ دبڙدونس لاءِ ڪوبہ قلم ڪونہ آهي. سيشن ڪورٽ خواه صدر ڪورٽ سخت ناراض ٿينديون."

**ماجسٽريٽ:** "ديوان، توهانکي تقرير ضرور ڪرڻي پوندي. اسان کي صدر خواه شيشم (سيشن) ڪورٽ جي ڪا پرواه ڪانهي. الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان گونر (گورنر) صاحب اسانجو دوست ۽ ڪمينر (ڪمشنر) صاحب اسانجو يار آهي. اسانکي تنهنجي ڪوٽن (ڪوڊن) بوٽن جي بہ ڪا پرواهہ ڪانهي."

بحالت مجبوريءَ وڪيل اتي تقرير ڪئي پر مختصر: "هيءَ ڪورٽ سگوري، قائدي قانون کي گڏهن وانگر ڦيرائي رهي آهي انهن حالتن ۾ ڪا تقرير ڪري نٿي سگهجي. باقي ڪورٽ سگوڙيءَ جي سربخت جو خير."

ماجسٽريٽ، سرشتيدار کي چيو: "شيشدار! حڪم لک تہ تقرير پڙي وئي. جوابدار کي ڇهہ مهينا جيل ڏيو. فتوا لکي متانس اسانجي مهر هڻي ڇڏيو."

**ڪچريون:** وڪيلن ڪانپوءِ ڪچرين جو ذڪر مناسب آهي ڇو جو تہ وڪيل خدا جو ڏنل ذات، دماغ وڪڻن ٿا ۽ هو ويچاريون بہ اُن اُپاٽنهار جي ڀيءَ خاص بخشيش جو سودو ڪري گراهڪن کي مزو ماڻائين ٿيون. مطلب تہ پنهنجي پيٽ قوت ڪڍن ٿا.

سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ ڪسباڻيون هيون پر حيدرآباد جي چيز نرالي هئي. اتي جينوئين سنڌي ۽ پنجابي وکر بہ هوندو هو پر مارواڙ جون جيڪي ماريچاڻيون هونديون هيون، اهڙيون روءِ زمين تي نہ ملنديون. چمڙيءَ جي رنگت ۾ ماريچاڻيون ڪو خاص موچاريون نہ هونديون هيون پر سلوڻيون. نيڻ ٺار ۽ مزي وناڻ جون اهڙيون رمزون هڻن جو ڪو گراهڪ وٽن هڪ دفعو ايندو تہ سدائين لاءِ پڪو عاشق ٿي پوندو ۽ چوري ڪري بہ اچي ڪين واپريندو. ڳائڻ ڪان وڌيڪ هو پنهنجي وفاداريءَ ۽ محبت لاءِ خاص ڪري مشهور هيون.

ماهوار لوازمي تي پنجاب جون رکيليون بہ ٿينديون هيون پر لک ڇپ ۾ پيا گراهڪ بہ ڏارينديون هيون. "پيسا ڦينڪ تماشا ڏيک." مجال آ جو ڪا ماريچياڻي دغا ڪري! سندن سچائيءَ جا گهڻيئي قصا عالم آشڪار ها. هڪ ماريچياڻيءَ جي سرپرست کي سٽي ۾ وڏو گهاٽو پيو تہ لهڻيدارن جي ڊپ کان سنڌورڪ پچي ويو. پنيان سندن ڪٽنب جي اهڙي سقيم حالت ٿي وئي جو ٻچا پيا ٻک مرن ۽ اسڪول جي في ڏيئي نہ سگهن. اُن وقت اها پاڪدامن ماريچياڻي

پنهنجا ڳهه ڳٺا وڪڻي ۽ قرض کڻي، سندن پرورش ڪندي رهي. ڪجهه سالن کانپوءِ پائيبند حيدرآباد موٽيو ته پنهنجا رهيل کهيل قرض به لاٿائين ۽ پنهنجي زال جي رضامنديءَ سان اُن ماريچياڻيءَ سان باقاعدي شادي ڪري ڪيس سنڌ ورڪ وٺي ويو.

چوندا آهن سنڌ جو ناميارو ڪلهوڙو بادشاهه ميان غلام شاهه، گلان نالي ماريچياڻيءَ جي پيٽ جي پيدائش هو. هاڻوڪي زماني ۾ به چوندا آهن ته هڪ مشهور پٽو ماريچياڻيءَ جي پيدائش هو، جنهنجو نالو وٺڻ مناسب ناهي. مطلب ته وڏا وڏا سردار ۽ حاڪم به ماريچيارين کي شادي شده عورت ڪري رکندا ها جو يقين هئن ته مرندي مري ويندي پر ست نه ڇڏينديون. هڪڙين ٽن پيڙهن جي ڳالهه ڪندا ها، انهن مان ڪن وڃي مسلمان اميرن جا گهر وسايا ۽ ايتري قدر وفادار ۽ سليقه واريون ثابت ٿيون جو پنهنجن مڙسن جي فضول خرچي ۽ پيون عادتون ڇڏائي ڪين دنيوي اقبال جي اوڄ تي پهچايائون.

ٽئين پيڙهه وڃي هڪ پائيبند جي ٿي ويئي. ڪجهه عرصي کانپوءِ اهو سيٺ گذاري ويو. ماريچياڻيءَ جي ماڻهن مٿس زور آندو ته هوءَ موٽي پنهنجو اڳلو پيشو اختيار ڪري جو اڄا ننڍي نينگري ۽ موچاري هئي ۽ هڪ نواب به هن مٿان مفتون هو. اُن ماريچياڻيءَ صاف انڪار ڪيو ته هوءَ پائيبند جي هندو زال وانگر سنڌس حق ۾ پيا عمر وهندي. ناٺي جي لالچ ۾ سنڌس مائٽ ست ستاءِ ڪندا رهيا ته ڇا ڪيائين ته مٿي تي پاڪي گهمرائي بنهه گنجي ٿڄي ماڻهن کان پڇيائين:- ”ڇا منهنجي هن حال کانپوءِ به ڪو منهنجو خريدار ٿيندو؟“

سياسي اڳواڻ جي سنڌ ۾ هڪ هٽي به حيدرآباد ۾ هئي. انهن مان ڪي ديش ڀڳت، ڪي پيٽ ڀڳت ۽ شهرت حاصلات لاءِ پخي هٽندا ها. ٻين شهرن جي زبان درازن يا وطن پرستن به ليڊري حاصلات لاءِ گهڻيئي حيلا هلايا ها پر ان فن ۾ حيدرآبادي گوءِ کڻي ويا ها. حيدرآباد جي ترمورتي، دادا جيرامداس ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ پروفيسر گهنشام، خاص نام ڪڍيا ها، پر هو به پنهنجي گروءَ جا فرمانبردار نه رهيا. ورهاڱي وقت گانڌيجي پاڻ دهليءَ ۾ برلا محل ۾ برجمان رهندي فرمان جاري ڪندو رهيو ته پنهنجا گهر نه ڇڏيو، پر هنن يارن اوّل تڏو گول ڪيو ته ٻين جي همت به ٽٽي پئي ۽ اباڻا گهوري آيا. جيتوڻيڪ ديس جي عظيم اڳواڻ جا حڪمناما، بحالات ڪارگر ۽ عملائتا نه ها ۽ سنڌس چيلن کي پنهنجون سسيون ۽ سرو سامان به پيارو هو. انهن ڪانگريسي اڳواڻ مان ڪن کي ديس جي ڀلائيءَ جي لگن به لڳل هئي، پر ٻرنديءَ باهه ۾ تن کي تسو ته نه ڏيندا ! گانڌيجيءَ جي ٻئي حيدرآبادي پڪي چيلي، آچاريه جي. بي. ڪرپالاڻيءَ سچيءَ سنڌ ۾ زور شور سان پاسڻ ڪيا ته لڏپلاڻ نه ڪريو! ظلم ۽ ناحق جو

دليريءَ سان مقابلو ڪريو! پر گهر ۾ مٿن مائٽن پڇيس تہ سچ پچ اسين هتي رهي سگهنداسين؟ تہ جواب ڏنائين:- ”اوهين ڳهيلا ٿيا آهيو ڇا؟ هتي مسلمان ٿيڻ قبول هجيوَ تہ ڀلي رهي پئو.“

(پارتواسي چيٽي چنڊ پرچو ١٩٨٢ع)

**ستارا:** حيدرآباد جي سيني ستارن جا رڳو نالا ڏيڻ بہ مشڪل آهن. مرزا قليچ بيگ ڪي سنڌي ساهت جو ابو چئجي ٿو جو تہ هو ڀهريون عالم هو جنهن نج سپڪ سلوڻيءَ سنڌيءَ ۾ ناول، ناٽڪ ۽ تواريخي دفتر لکيا. هن کان اڳ سنڌي ليکڪ، فارسيءَ ۽ عربي جي لفظن جي ملاوت ڪرڻ ۾ علميت سمجهندا ها. هنجي پيروي ڪري چيٺمل پرسرام، پيرومل مهرچند ۽ ٻين سنڌي ساهت کي هاٺوڪي اوج تي آندو. ديوان ڏيارام گدومل نہ رڳو خيراتي ڪمن، تعليمي واڌاري ۽ سماجي سڌارن ۾ وڏو ڪم ڪيو پر ساهتڪ ستارن ۾ بہ چمڪندڙ ستارو هو. مهراج لوڪرام نينارام ۽ سندس پاءُ وشنو شرما پنهنجي روزاني اخبار ”هندو“ ذريعي، سنڌ ۾ قومي جاڳرتا آندي.

ساڌو واسوانيءَ جا سماج ۽ ديش سيوا جا ڪم اپترا تہ گهڻا ها. جن لاءِ وڏا وڏا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. مان ڪهڙي ويهي اپنار ڪيان! رئيس غلام محمد ڀڙڳري ۽ سيد ميران محمد شاهہ ۽ ٻيا بہ گهڻيئي مسلم پائر، قومي، تعليمي ۽ خلق جي خدمت جا گهڻيئي ڪارج ڪندا رهندا ها.

**اديب ۽ عالم:** حيدرآباد مونکي انلاءِ بہ وڻندي هئي جو اُتي مونکي ساهت جي سورمن جو سنگ مليو جن مان گهڻوئي پرايم. اُتان چڱيون چڱيون اخبارون بہ نڪرنديون هيون جن مان پرمانند ميوارام جي ”جوت“ ۽ چيٺمل پرسرام جي ”پارتواسي“ سانڍڻ جهڙيون هيون. ”پارتواسيءَ“ ۾ ١٩٢٣ع کان بعضي بعضي منهنجا مضمون بہ ڇپجندا رهندا ها.

اُتي منهنجو پراڻو پيارو دوست ناراڻداس ٻيڇا، ڪاليج ۾ سنسڪرت جو پروفيسر هو ۽ اڪثر مونوٽ روح رهاڻ لاءِ ايندو هو. ٢٠-١٩٢٢ع ڌاري هو شڪارپور برهمچريہ آشرم ۾ رهندو ۽ پاڙهيندو هو. اسان ساڳئي پنڊت سڌيشور شرما ۽ رامچندر کان سنسڪرت سکيا هئاسين ۽ پاڻ ۾ ياراڻي هئي. مان هنجي پريم وس هر روز جهونجهڪري جو ڏيڍ ميل پري آشرم ۾ پهچي ويندو هوس، جتي سيني وديارٿين سان گڏ ويد منتر ۽ رچائون، سور ليہ ۽ تال سان اُچاريندا هئاسين تہ ڄڻ هزارين سال آڳاٽي ويدڪ ڪال جو ماحول ڇانئجي ويندو هو.

آشرم جي ساليانيءَ جلسن ۾ به اسان ٻئي برهچارن کي ناٽڪ ۽ ڇهچتا سنسڪرت ۾ ڪرائيندا هئاسين.

آچاريه نارائڻداس ٻنهيجا سڄي عمر سرسوتيءَ جو پوڄاري ٿي رهيو ۽ مان پيس لڪشمي ديويءَ جي ڪڍ، ته به پاڻ ۾ پريم نه گهٽيو. سنسڪرت مهاڀارت جي ترجمي ڪرڻ ۾ هن منهنجي گهڻي رهبري ڪئي. هو ڪلجڳ ۾ پراچين ڪال جو رشي سو جنهن لاءِ چيل آهي ته ودوان جي پهرين نشاني آهي نئڙت، پر جي غرور ڪري ته سمجهبو ته پڙهيو آهي پر ڪڙهيو ناهي. هو سنسڪرت جو شيدائي هو. سنڌ ۾ سنسڪرت جو جيترو پرچار هن ڪيو تيترو ٻئي ڪنهن نه ڪيو هو.

هڪڙي ڏينهن پروفيسر ٻنهيجا منهنجي بنگلي تي ڪاڪي پيرومل مهرچند کي وٺي آيو، جيڪو اُنوقت ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ لکي رهيو هو. اُن ڪتاب لاءِ مون ڪاڪي کي هندو ۽ مسلم ذاتين جي بڻ بنياد بابت پراچين گرنٿن مان گهڻيئي شلوڪ ڪڍي ڏنا. پوءِ هو اڪثر مون وٽ ايندو هو. ڪاڪو مهاودوان هو ۽ هن جهڙو تاريخ جو ڄاڻو ڪو ورلي هوندو پر جيڪڏهن اجا سنسڪرت گرنٿن جو وڌيڪ اونهو مطالع ڪيل هجيس ها ته قديم سنڌ بابت گهڻو مصالح مليس ها.

## حيدرآباد ۾ تيرٿ

حيدرآباد ۾ **گنجي ٽڪر تي ڪاليءَ** جو قديم مندر هو. هن مندر ۾ ساڳي مورتي هئي جهڙي ڪلڪتي جي مشهور مندر ۾ آهي. اُن پراچين آستان تي ڪئين ڪپالي تانترڪ جوڳين سخت تپسيائون ڪيون آهن ۽ شاهه لطيف به اهڙن جوڳين جي سنگ ۾ پرينءَ کي پاتو هو. هن سر ڪاهوڙيءَ ۾ ڳاتو آهي:-

پيئي جن پرک، گنجي ڏونگر گام جي،
واري سب [illegible]رق، لوچي لاهوتي ٿيا،
[illegible] ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
رهي اچجي راتڙي، تن جُنگن سندي جاءِ،
تنين جي ساڃاهه، ترهو ٿئي تار ۾.

جنکي گنجي ٽڪر جي آستانن جي سڌ پئي سي سمورا ديني دفتر ويڙهي، رب کي ڏوري، وڃي لاهوتي فقير ٿيا. اي امڙ ! مون اُتي اهي درويش ڏٺا جن

پريئن پرماتما جو ديدار ڪيو آهي. انهن ڪاملن وٽ هڪ رات گهاري اچجي. انهن جي چاڻ (گيان) هن سنسار ساگر جي لهرن ۾ تَرهي وانگر تاريندي.

شاه جي سر ڪاهوڙيءَ ۾ گنجي ٽڪر تي ڪن چيريل ڀيوت لاتل جوڳين جو ئي ذڪر آهي جنجي سنگ ۾ شاه صاحب هنگلاج ۽ ٻين پاڪ آستانن جي زيارت ڪئي هئي. نالي ۾ تہ اهو ٽڪر گنجو آهي پر جڏهن برسات پوندي هئي تہ گنجي ٽڪر کي گلزار بڻائي ڇڏيندي هئي. سڄو پهاڙ سائو ٿي پوندو هو جڻ تہ قادر پنهنجي ڪنوار کي سائيءَ ساڙهيءَ ۾ سجائيندو هو، جنهنجي ڪناري تي رنگبرنگي گلن جو زري پرٽ جبل جي جسم کي واه جو سينگاريندو هو! گنجي ٽڪر وٽ حضرت عبدالرحمان سرحدي ۽ شاه ڇتي جون تربتون بہ هيون.

حيدرآباد ۾ ٻيا بہ ڌرمي آستان هئا جن ۾ **گرپد صاحب** جي دربار ناميارو هئي. قلعي جي اُتر واريءَ **حافظ گهٽيءَ** ۾ **بيراڳي** سمپردايہ جو اڍائي سؤ سال پراڻو **شري رامچندر جو مندر** هو جنهن ۾ جيڪا بہ پيتا يا آمدني ٿيندي هئي سا يتيمن، وڌوائن ۽ محتاج سفيد پوشن جي سيوا ۽ سهائتا لاءِ ڪم ايندي هئي. هن مندر کي ميرن بہ ڪجهہ پروانہ ۽ بخشيشون ڏنيون هيون.

## ننگر پارڪر جا تيرٿ

ننگر پارڪر وڃڻ لاءِ پارت - پاڪستان سرحد جي گدري اِستيشن تي لهڻو آهي جتان هڪ سؤ ميل خشڪيءَ جو پنڌ هو. پهريان ۸۴ ميل پٽون يعني واريءَ جا جبل لتاڙي ويراواه پهچبو هو ۽ اُتون پندرهن ميل سٽين سڌي سخت زمين هئي. ٿرپارڪر ضلعي جو هيءُ تعلقو، سنڌ جي ڏکڻ - اوڀر ڪنڊ تي هڪ اُپبيٽ جي شڪل ۾ قدرت جو ڪرشمو آهي. انجي ٿنهي پاسن کان ڪڇ جو رڻ ڦري آيو آهي جيڪو اجهاڳ سمنڊ جو ڏيکاءُ ٿو ڏي ۽ ٻئي طرف اتس ٿر جي ريگستان جو واريا سو سمنڊ. انهن ٻنهي يعني اٿهوندي پاڻيءَ ۽ واريا سي سمنڊن ۾ سوين ميلن ۾ ڪٿي وڻ ٽڻ پاڻي يا ڪنهن جبل جو نانءُ نشان بہ ڪونهي پر قادر پنهنجي موج ۾ اچي، هتي گهاٽا ڇايا دار جهڳٽا، جبل، نرمل نديون ۽ تلاو ويهي بڻايا آهن! هتي باغ آهن جتي پاچيون پوڪين ٿا. هتي اَول اوسوال جيني گهڻا رهندا ها پر ۱۹۳۵ع ڌاري ڏنو هوم تہ لوهاڻا، ميمڻ، بروچ، مينگهواڙ ۽ ڪولهي رهندا ها.

**ڪارونجهر:** ننگر پارڪر جو اِهو نرالو نظارو انلاءِ آهي جو هي شهر، ڪارونجهر جبل جي گود ۾ ويٺل آهي. اهو پهاڙ، شهر جي چوگرد اٽڪل سورهن ميلن ۾ پکڙيل آهي ۽ هڪ هزار فوٽ اونچو آهي، جتان هندستان جي ڪن ڀاڱن

جو ديدار ڪري سگهجي ٿو. هن جبل تي دوائن طور ڪم ايندڙ ڪيئين ٻوٽيون پيدا ٿينديون آهن. جوندا آهن ته هن سهڻي ۽ راحت بخش جبل تي پريون رهنديون هيون. پر اها حقيقت آهي ته هوتل پدمڻي پنهنجي پريتم اوڍي چام سان ڪيئين سال هتي رهي هئي ۽ ڪيس ۾ پٽ به هتي ڄاوا هئا. اهو به هڪ عجيب عاشقي افسانو آهي جيڪو ڊيگهه جي ڊپ ڪان نٿو ڏيان. هن جبل تي ڪيئين قديم آستان ڏسڻ جهڙا ۽ پانڊون جي نالن سان آهن. جڏهن پانڊون تيرهن سال بنواس پئي ڀوڳيو تڏهن ڪجهه سال سنڌ ۾ هن پهاڙ تي اچي رهيا ها جو ڪن جڳهين کي 'ڀيم گوڏو'، 'ڀيم تلاءُ' ۽ 'ارجن ٻاڻ' وغيره ڪوٺيندا آهن. 'گئو مک'، 'ساڙدرو' ۽ 'انچلسريا' نالي ٽي تيرٿ به هن پهاڙ تي آهن.

برسات جي مند ۾ هن جبل تان اٿاه پاڻي لهندو آهي جنهن سان چوطرف ڪيئين تلاوَ تمتار ٿي ويندا آهن ۽ ٻه نديون به وڃي ڪڇ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن. جيڪڏهن انهن ندين تي بند ٻڌي ٻوڪ لاءِ پاڻي ميسر ڪن ته پارڪر ۾ ڪڏهن اناج جي اَڻاٺ نه ٿئي. تلاون ۾ اڪثر ٻارهن مهينا پاڻي رهندو آهي پر ڪن ٽورن ۾ ڇهه اٺ مهينا رهندو آهي.

**گئومک:** ڪارونجهر جون ٻه چوٽيون هڪ هنڌ پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ملن ٿيون جو انهن جي صورت ڳانءِ جي منهن جهڙي ڏسجي ٿي. اُتان برسات ۾ زوردار آبشار وهندو آهي نه ته ٻين مهينن ۾ ٽورو ٽورو سانده پاڻي پيو وهندو آهي.

**ساڙ درو:** گئومک مان نڪرندڙ پاڻي جنهن تلاوَ ۾ اچي ڪٺو ٿيندو آهي تنهن کي ساڙدرو ڪوٺيندا آهن ۽ گنگا جل سمان پوتر سمجهي مرڻ بعد ماڻهوءَ جون هانيون (هڏا) آڻي اُن ۾ وجهندا آهن ۽ شراڌ ڪندا آهن. اُتي شنڪر ڀڳوان جو پراچين مندر هو جتي پوڄن پاٺ ڪندا ها ۽ شوراتريءَ جو ميلو لڳندو هو.

**انچل سريا:** ننگرپارڪر کان ٻه ميل پري ڀوڏيسر ٽڪريءَ ۾ هڪ وڏي غفا هئي جنهن ۾ قدرتي مٺي پاڻيءَ جو چشمو هو. اهڙيون غفائون ايڪانت ۾ تپسيا يا يوگ ساڌنا جي ڪم اينديون هيون پر اُن وقت ته ڪو اهڙو مهاتما ڏسڻ ۾ نه آيو. اُتي چشمي مان نڪرندڙ پاڻي هيٺ هڪ تلاءَ ۾ ٿي پيو جتي ماڻهو اسنان ڪري نوبنا پئي ٿيا. ڪناري تي انچليشور مهاديو جو قديم مندر ۽ پرسان حيدرآباد جي سترامداس عامل جي ٺهرايل ڌرمسالا هئي. مٿي غفا تائين ١٠٨ ڏاڪا ٺهيل ها.

**پوڏيسر:** پدريشور نگر کي پوڏيسر چوندا ها سو ننگرپارڪر کان ٻہ ميل پري اتر- الهندي ڪارونجهر جي هنج ۾ هو. ان جي ڪنڊهرن جو نٽ ڏسي ايئن معلوم ٿيو تہ ڪنهن زماني ۾ هيءُ ڪو وڏو شهر هو. جڳهين جي اڏاوت ۽ بناوت ڏسي، سندن ڪاريگرن کي داد ڏيڻو پوي ٿو. رب ويٺو ٿو راند ڪري جو ڪن کي هندورن ۾ هيجائي پوءِ ڪين اجڙ ۽ برباد ڪري ڇڏي ٿو. اتي هڪ سندر تلاءُ بہ هو جنهن ۾ بارهن مهينا ئي پاڻي رهندو هو.

ان تلاوَ جي ڪناري هڪ عاليشان مسجد آهي جا گجرات جي بهمني بادشاه محمود شاه جي ٺهرايل آهي. لکيل آهي تہ هڪ دفعي حاجين جي هڪ قافلي کي پوڏيسر جي راجپوت ٺاڪرن ڦريو هو. ان قافلي ۾ بادشاه جي ماءُ بہ هئي. ٺاڪرن جي حد مان ڪو قافلو لنگهندو هو تہ ڪانئس ڏن وصول ڪندا ها. ان قافلي کين ڏن ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ ان کان زوريءَ ڏن ۽ ڏنڊ وصول ڪيائون. تنهن تي، ٺاڪرن کي گوشمالي ڪرڻ لاءِ، محمود شاه وڏي لشڪر سان مٿن ڪاه ڪئي. زبردست جنگ ۾ ٻنهي ڌرين جا ڪونڌر ڪسجي ويا، پر نيٺ فتح محمود شاه جي ٿي. هن پوڏيسر جا عاليشان مندر ڊهرائي، انهن جي پٿرن سان مسجد جوڙائي ۽ سندس جيڪي سالار جنگ ۾ مارجي ويا ها تن جون تربتون بہ مندرن جي پٿرن مان ٺهرايائين. تنهن کانپوءِ راجپوتن جي سانده حملن ڪري هو اتي ٽڪي نہ سگهيو ۽ گجرات هليو ويو. هن هندن جا سمورا مندر ڊهرايا ها پر هندن مسجد کي هٿ بہ نہ لاتو ڇو جو تہ عقيدو اٿن تہ خالق ساڳيو هڪ آهي. جدا جدا عبادتگاهن ۾ ان صاحب جي جدا جدا نالن سان پوڄا ٿئي ٿي.

**ويراواه** جو قديم شهر، هن وقت ڦتل حالت ۾ آهي پر ڪنهن وقت بلين بلين هو. رڳو هڪ مندر ۾ جيني ديوتا رکپ ديو جو پتلو سلامت هو ۽ باقي مندرن ۾ ٻين تيرٿنڪرن جا پتلا لبڙيل ٿبڙيل حالت ۾ ها. رکپ ديو جي وڏي مورتي، سنگمرمر جي هئي جنهن جي اکين ۾ عجيب چمڪندڙ شيشا اونده ۾ بہ تجلو پيا ڪن.

**گوڙي:** ويراواه کان ست - اٺ ميل پري گوڙيءَ نالي ڳوٺ ۾ جيني ديوتائن جا ڏيورا ها ۽ هڪ ميدان ۾ پارسنات جو عاليشان مندر هو. ان مٿان ٻاونجاه سهڻا گنبذ ها ۽ مندر جا هال سهڻين تصويرن سان چٽيل ها. مندر جا سنگمرمري پٿر تيرهن فوٽ ڊگها، ٽي فوٽ ويڪرا ۽ ڏيڍ فوٽ اونچا ها. اهڙا ڳرا پٿر هاٿين جي ڪٽڻ کان بہ پري آهن ۽ ضرور غورابن ۾ گهرايا ويا هوندا ۽ اها شاندار عمارت ٺاهڻ ۾ سوين قابل ڪاريگرن، سالن جا سال پورهيو ڪيو هوندو. مندر جي

نقاشي ۽ چٽسالي اهڙي ڪمال جي آهي جو ڏٺي حيرت ونيو وڃي.

سنڌ جو اهو مندر، اعليٰ اڏاوت ۽ نزاڪت ۾ آبو پهاڙ جي دلوارا مندر جي ياد ڏياري پيو. ڪئين انگريز سيلانين ان مندر جي سونهن ۽ نزاڪت جي ڏاڍي ساراهه ڪئي آهي ته هي مندر سنڌ جي قديم معماري فن جو اعليٰ نمونو ۽ قابلِ فخر آهي.

**پاري بندر**: ننگر پارڪر کان چوڏهن ميل پري، ويراواهه جي نزديڪ، ڊنل ۽ ويران کنڊهرن جي صورت ۾ سنڌ جو هيءُ قديم بندرگاهه نظر اچي ٿو، جتان سنڌي سوداگر پنهنجن غورابن ۾ - سنڌ ۾ نهيل مال دور ديسن ۾ وڪڻڻ ويندا ها. ان بندر جو بنياد عيسوي پهرين صديءَ ۾ پيو جنهن وقت موجوده رڻ سمنڊ جي صورت ۾ هو. جهازن ۽ غورابن جي ٻڌڻ جا لوهي نات (ٽلها ڪِلا) اَجا اُتي ڪٽ چڙهيل حالت ۾ لڳا پيا ها. اندازو لڳايو اٿن ته ڏهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ ۾ غضبناڪ زلزلو ٿيو هو تڏهن سمنڊ پوئتي هٽي ويو ۽ ڪڇ جو رڻ وجود ۾ آيو. بندر تي جهاز اچڻ بند ٿي ويا ته وڏا دولتمند واپاري به شهر ڇڏي ويا. ويراواهه ۽ پاري بندر جي لاڳيتن شهرن ۾ اوسوال جينين جو زور هو ۽ اُهي هليا ويا ته سندن مندر به هن وقت ڊنل ۽ برباد حالت ۾ پيا ها. ڪن مندرن ۾ سندن ديوتائن جا پتلا پڳل پريل ۽ ڪارا ٿيل ها. رڳو پنجن مندرن ۾ ڪي قدر ٺيڪ ها. هڪ بت آدميءَ جي قد جو هو ۽ اکين ۾ چمڪندڙ شيشا لڳل هئس. پنهي شهرن جي ڏيورين تي اعليٰ ۽ نفيس چٽسالي ٿيل هئي.

**ملير**: ننگر پارڪر کان ڏه ڪوه ڏور 'ڀالوا' نالي هڪ ڳوٺ ڀيڪي سان بيٺو آهي، جنهن کي 'عمر - مارئيءَ' جي قصي ۾ 'ملير' چيو ويو آهي. سنڌ جي سيتا مارئي، پنهنجي ست جي سرهاڻ سان، نه رڳو سنڌي زالن جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي پر هن خاطر هيءُ خسيس ڳوٺ به پاڪ آستان بڻجي پيو آهي جيئن ته هند ۾ چاول گهڻن سنڌين کي عمر مارئيءَ جي قصي جي سڌ ناهي، اِنلاءِ مختصر ۾ هتي ڏيان ٿو.

مارئي، رباري ذات جي هڪ نهايت حسين ڇوڪري هئي. اَڄ به رباڙيون مرگهه نيڻيون، گوريون ۽ جسم ۾ پريل موهيندڙ ٿينديون آهن. مارئي ساماڻي ته پٽس کيت سنگهه نالي جوان سان مڱڻائي ڇڏيس. تنهن تي ڦوڳ نالي جوان رک ٿي ويو جو هو مارئيءَ تي مفتون هو. هو حسد ۾ پيرجي حاڪم امر سنگهه سومري وٽ ويو (جنهن کي عمر ڪوٺيو ويو آهي). اُن وقت اِهو راجا دربار ۾ پنهنجي سردارن کي نصيحت ڏيئي رهيو هو:-

پر ناريءَ جي پريتري، پنج پرڪارن ڪاءِ،
ڏن هري، جوڀن گهٽي، پئنچن ۾ پت جاءِ،
جيئري ڪاءِ ڪليجو، مئي نرڪ لي جاءِ،

جڏهن ڦوڳ ڪيس مارئيءَ جي سونهن جي ساک ٻڌائي تہ پنهنجون نصيحتان وسري ويس ۽ پرائي لڄ لٽڻ لاءِ تيار ٿيو. ڦوڳ ڪيس اُن کوهہ تي وٺي آيو جتي مارئيءَ پاڻي ٿي ڀريو. جهڙي صورت سج، تهڙي صورت مارئي. عمر هُن کي زوريءَ کڻي آڻي امر ڪوٽ ۾ رکيو. هن ڀکن ۾ پيدا ٿيل مارئيءَ کي راجائي محلن ۾ پٽ پٽيهر، هيرا جواهر اڳين رکيا ۽ چيو تہ هو کيس پٽراڻي بڻائيندو ۽ ٻيون راڻيون سنديس ٻانهيون ٿي رهنديون. پر هيءَ ستي هن جي لوڀ لالچن ۾ نہ آئي.
عمر مارئيءَ جي قصي تي سوين شاعرن ۽ خاص ڪري سدا حيات شاهہ لطيف جيڪا پنهنجي ذات ڏيکاري آهي، اهڙي ٻي ڪٿي نٿي ڏسجي. سندس ڪلام ۾ چا تہ لهر ۽ چند آهي!

نہ سانگي نہ وانگي، ڪو جهانگي پسان،
نہ اوٺي نہ ڳوٺي، ڪو ڏيهي ڏسان،
نہ مون موڪلائي پرين سان ڪئي،
الائي نہ مونتي ڪا آفت پئي!

ان قصي جا بيت ۽ ڪافيون سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پيا ڳائبا ها. درد فراق جا ڦتيل جڏهن هيءَ ڪافي، ڀيروي راڳ ۾ ڳائيندا ها تہ ٻڌندڙن جي دلين ۾ هڪ مبهم سوز پيدا ٿيندو هو.

عمر ادا مارن جي، ماري ٿي جدائي،
سليمان سور ڪنهن سان، ڪونهي حال ٻائي.

1 سانگياڻي سڪن ۾، بندياڻي بکن ۾،
ڏهاڳڻ ڏکن ۾، ٻي سڀ خدائي.

2 ڏسي ڪوٽ ڪارو، ڏري ڏيل سارو،
جتي چند ناهي تارو، اندر آهہ اونداهي.

3 جيڏين ڏاران نہ جيئنديس، بنا ورنہ ويهنديس،
ڪٿي ڪات ڪهنديس، چرڻ تہ ڪين چائي... عمر ادا...

عمر گهڻيئي حيلا هلايا پر هن سيل ست نہ ڇڏيو. آخرڪار عمر ڪيس پنهنجي ڀيڻ مڃي، آجو ڪري واپس ملير موڪلي ڏنو.

مارئي جي زماني ۾، ان علائقي ۾ ڪهڙيءَ شڪل شبيهہ جا ماڻهو ها ۽ هيئر جيڪي آهن تن جي تفصيل ڏهہ صفحا لکڻ سان بہ اهڙي صاف ستہ نہ پوندي جهڙي هڪ فوٽي ڏيڻ سان، تنهنڪري ان تر جي ڪتنب جو هڪ فوٽو ڏيان ٿو جنهن ۾ ٻارن ۽ ننڍين وڏين زالن جي شڪل شبيهہ، ڪپڙا لٽا، مٿيا منڍين جو پتو پوي ٿو. زال ڪي جيڪي عاج جون ٻانهيون ۽ چوڙيون ڏسو ٿا، اهي هندو مسلمانن ۾ پائڻ جو هڪ جهڙو رواج آهي. هندو زالون گجراتين وانگر نوراترن ۾ گربو ڳائينديون ۽ نچنديون آهن. ٿري ڪتنب جي فوٽي سان عام سنڌي هاريءَ جي جهوپڙيءَ جي تصوير بہ ڏنل آهي.

**ڀيم ڪوٽ :** سونڊا ڳوٺ جي ويجهو ڀيم ڪوٽ ۾ هڪ پراچين مهاديو جو مندر هو. اُتي ٽڪر مان پاڻيءَ جو ڦڙو ڦڙو شوَ جي لنگ تي پئي ڪريو، جنهن جي پوڄا ڪندا ها. مسلمانن گهڻيئي دفعا ان لنگ جو پٿر ڪٽي درياه ۾ ڦٽو ڪيو پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ اهو پٿر پنهنجو پاڻ پاڻيءَ مان نڪري، ساڳيءَ جڳهہ تي اچي بيهندو هو. مرزا قليچ بيگ بہ پنهنجي "قديم سنڌ" جي صفحي ١٢١ تي اِن ڳالهہ جي تصديق ڪئي آهي.

جين ڏرم ۾ ڪنهن بہ ساهواري کي مارڻ پاپ آهي. ايتري قدر جو اُنهن جا ڏرمي اڳواڻ، وات کي ڪپڙو ٻڌي چڏيندا آهن تہ متان ڪو اڻ لکائتو جيوَ نہ مري. نگر پارڪر ۾ جڏهن سنڌن حڪومت هئي تہ بازارين، گهٽين ۽ گهرن ۾ عام جام نانگ پيا گهمندا ها. ماڻهو يا نانگ هڪٻئي کان ڇرڪندا يا ڇهندا نہ ها. محبت ۽ مروت جي ڪهڙي نہ عجيب مهما آهي! پوءِ اُتي راجپوت ناڪرن ۽ مسلمانن جي اهڙن خطرناڪ حيوانن سان دوستي ٿيڻ ممڪن نہ هئي تہ نانگ بہ انسان کان ڪنارو ڪرڻ لڳا.

انگريزن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ فتح ڪئي پر ننگر پارڪر ۾ ١٨٧٥ع تائين راجپوتن جي صاحبي هئي. اِهي راجپوت حاڪم عوام کي انلاءِ پسند ها جو هو رعيت جي رکيا ۽ انصاف ڪندا ها ۽ اُنهنجي ڀيٽ ۾ مسلمان حاڪم پنهنجي عيش ۽ شڪار ۾ ئي مصروف رهندا ها. تر ۾ مال ۽ جانورن جي چوري عام ٿيندي هئي.

ٻڌنديئي گادي نشين راڻو پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي همراه ساڻ ڪري ڌاڙيلن جي ڪڍ ويندو هو ۽ جيستائين مالڪن کي سڄي سڄي سوڌو مال وٺي نه ڏيندو تيستائين سک نه سمهندو هو. اهڙين چڪرين ۾ ڪي راجپوت، زبردست ڌاڙيلن کان مارجي به ويا ها. انهيءَ سبب سندن رعيت پاڻ مرادو سندن خزانن ۾ ڏلون جمع ڪرائي ويندي هئي، ميرن وانگر ڪين زور زبردستي ڪرڻي نه پوندي هئي. اِهي حالتون ڏسي انگريزن ڪين هزارين ايڪڙ جاگيرون ۽ پينشنون ڏيئي پنهنجو وفادار زبردست بڻايو هو.

## ٿرپارڪر ضلعو

جيئن ته هن ضلعي جو ذڪر، ريگستان ۽ ننگرپارڪر ۾ ڪري چڪا آهيون تنهنڪري هتي رڳو اُچاترو هڪ ٻن رهيل ڳالهين نسبت لکان ٿو. هن ضلعي ۾ چوپايو مال گهڻو هو تنهنڪري گيهه ۽ مکڻ ايڏو ٿيندو هو جو ماڻهو ڪاڏي ۾ تيل ڪم نه آڻيندا ها. پارڪر جا ڍڳا ۽ ٿر جا اُٺ هاڪارا ها. اُنهن جي کلن ۽ گيهه جو واپار به جهجهو ٿيندو هو. مکيه شهر ها، ميرپور خاص، گڏرو، اسلام ڪوٽ، مٺي ۽ ڏيپلو. انهن ۾ لوهيون، ڪٽا، حقا ۽ پاڪرا وغيره ٺهندا ها.

**امرڪوٽ:** ٿرپارڪر ۾ تاريخي لحاظ کان امرڪوٽ سڀ کان وڏيڪ هو. هي جهونو قلعو امر سنگهه سومري راجپوت ۵۱۵ع ۾ ٺهرايو هو. اُن وقت سنڌ تي هندو سومرن راجائن جي صاحبي هئي ۽ اُنهن جو تختگاه امرڪوٽ هو. هي شاهي ڪوٽ ويهه ميلن جي دائري ۾ هو ۽ ان ڪوٽ اندر راجائي محلاتن جو ٻيو قلعو هو. انهن محلن ۾ ڪاشيءَ ۽ جوڙ پوري پٿرن جو اهڙو اعليٰ ڪم ٿيل هو جو اهڙو شاندار ڪوٽ اُن وقت سنڌ ۾ نه هو ۽ نڪي پوءِ ٺهيو. ڪلهوڙن ۽ ميرن کي عاليشان جڳهين ٺهرائڻ جو اهڙو شونق ڪونه هو. مان ۱۹۳٦ع ڌاري امرڪوٽ ويو هوس ته اهو وڏو ڪوٽ ڀڙيانگ حالت ۾ هو. سر جو اهڙو آزار ٿيو هو جو جڳهيون ۽ محل مٽيءَ ۽ سرن جا ڍير ٿيا پيا ها ۽ رهواسي ڀڄي ويا ها.

هن ڪوٽ جي گهڻن قصن مان، عمر- مارئي وڏيڪ مشهور آهي. جيتوڻيڪ سنڌي ساهت ۾ عمر- مارئيءَ کي مسلمان ليکيو ويو آهي پر ڪڇ ۽ گجرات جي ساهت ۾ ڪين امر سنگهه ۽ مارئي هندو ليکيندا آهن. ٻيو همير پنهنجي سالي راڻي مينڌري کي مومل وٽ وڃڻ کان روڪيو هو ته مومل هتي اچي چڪيا ۾ پاڻ جلايو هو. مشهور دودو- چنيسر سومرا راجائون هتي ٿيا ها. هن قلعي تي علاوالدين ۽

پوءِ ١٧٤٠ع ۾ نادرشاه به ڪاهه ڪئي هئي. مطلب ته سنڌ جي هن قديم تختگاهه جو به وڏو اتهاس آهي.

امرڪوٽ جي راجپوت راجائن، دهليءَ جي زبردست شهنشاهن جي به پرواهه نه ڪري، خانبدوش همايون بادشاهه کي پناهه ڏني ۽ اتي اڪبر بادشاهه جو جنم ٿيو هو. سنڌ جي سڳوريءَ ڌرتيءَ تي ڄمڻ ڪري، اهوئي هڪ مغل شهنشاهه هو جنهن ۾ ديني تعصب ڪونه هو. هن 'دين اِلاهي' شروع ڪيو هو جنهن جي اُصول مطابق مذهب کان انساني فرض ۽ اخلاق وڌيڪ آهي.

سنڌ جو مشهور صوفي سنت روحل فقير به ١٧٠٠ع ۾ امرڪوٽ ۾ ڄائو ۽ ساماڻو هو پر پوءِ روهڙي تعلقي ۾ ڪنڊڙي ڳوٺ وڃي وسايائين. هو ذات جو زنگيجو ٻروچ هو. هن جي ڪلام ۾ گيان ويراڳ ۽ ڀڳتيءَ جا ڀنڊار ڀريل آهن. هن نه رڳو سنڌيءَ ۾ پر هنديءَ ۾ به پنهنجي اعليٰ شاعريءَ جو جوهر ڏيکاريو آهي.

## نوابشاهه ضلعو

هي ضلعو سنڌ جي وچ قلب ۾ هو ۽ درحقيقت سنڌڙيءَ جي دل هو ڇو جو ته سنڌ کي روشن ڪندڙ سنت مهاتمائون، شاهه سچل ۽ ٻيا هن ضلعي ۾ ٿيا آهن. حيدرآباد جي عاملن کانپوءِ تعليم جو چاهه هن ضلعي جي ماڻهن ۾ گهڻو هو ۽ سرڪاري وڏن عهدن تي به ها. سنڌ ۾ گهٽي ۾ گهٽا هاءِ اسڪول به هن ضلعي ۾ ها. ايتري قدر جو ڀريا، ڪنڊيارو وغيره ڳوٺن ۾ به هاءِ اسڪول ها. سنڌي ساهت جي اَوائلي ٻيلپاون مان ديوان ڪوڙومل به هتون جو هو. ورڻ ديوتا جو اَوتار اَڏيرولعل به هن ضلعي ۾ ٿيو هو. سچا قومي ڪم ڪندڙ ۽ سماج سڌارڪ به هن ضلعي ۾ گهڻا هوندا ها.

سنڌ ۾ سڀ کان سٺو هٽ جو نهيل ڪپڙو به هن ضلعي جو هوندو هو. ٻڌعيدن جون فراسيون ۽ ناروشاهه جا انگوڇا هنڌين ماڳهين مشهور هوندا ها.

**هالا:** هالن جا ٻه شهر ها، نئون ۽ پراڻو. وچ ۾ هڪ ڪوهه کن پنڌ هو. نئين هالن ۾ مشهور مخدوم نوح جي درگاهه آهي. سنڌ ۾ ٽي مرشد ليکبا ها. هڪ مخدوم لعل شهباز قلندر سيوهاڻي، ٻيو مخدوم نوح هالن وارو ۽ ٽيون بلاول باغبان تعلقي دادوءَ وارو. مخدوم نوح جي مقبري تي هندو مسلمانن جو وڏو ميلو لڳندو هو.

يونان ۽ روم جي تواريخن مان پتو پوي ٿو تہ سوين سال اڳ اُنهن ملڪن جا شاهي خاندان، سنڌي ڪپڙو (خاص ڪري ململ) پائڻ ۾ شان سمجهندا ها. اهو ڪپڙو نئي ڪانسواءِ هالن ۾ بہ نهندو هو. آسانجي سانبر ۾ هالن جون سوسيون ۽ ڇيٽون مشهور هيون. ان ڪانسواءِ آتي جنديءَ جو هنر بہ اعليٰ درجي جو ٿيندو هو. هندورا، پلنگ، ڪرسيون وغيره جن تي ڪمال جي گلڪاري ڪيندا ها ۽ روغن سان پيا چمڪندا ها. اهي هالن تعلقي جي خانوٽ ڳوٺ ۾ ٺهندا ها پر هالن جا چوائبا ها. مون اهڙو ڪم ڇپان جي ڳوٺن ۾ بہ ٿيندو ڏٺو پر هالن جو ڪم تهائين وڌيڪ عمدو ۽ دلپذير هو. هالن ۾ ڪاشيءَ جو ڪم بہ نرالو ۽ عجيب ٿيندو هو، يعني سرن ۾ پڪا ۽ چلڪندڙ رنگ پريندا ها. اهڙيون سرون مڪليءَ جي مقبرن ۾ صدين ڪان لڳل آهن جن جو نہ رنگ ڦٽو آهي ۽ نہ پڳيون آهن. ان ڪان سواءِ گلدستن، چاڏن، لوٽن، رڪيبين، وٽن وغيره تي بہ اهڙي چمڪندڙ چٽسالي ڪيندا ها جو ڏنئي نيڻ ٺرن ۽ داد ڏيڻو ئي پوندو هو. مطلب تہ هالن جو شهر اصل سنڌي هنرن ۾ ڪمال ۽ فخر جو هو.

**هالاڻي:** ڪنڊياري جي ويجهو هالاڻي ڳوٺ جي دربار، سنڌ جي وڏين دربارين مان ليکبي هئي. جنهن وقت بہ ڪو آتي ايندو هو تہ ڪيس پريم سان پيٽ پري ڪارائيندا ها ۽ ٿورو گهڻو دوا درمل ڪندا ها. ڪتا ڪيرتن ٿيندو رهندو هو، شاستري ۽ گرمکي اکر بہ سيکاريندا ها. مسافرن لاءِ ڪمرا ٺهيل هوندا ها ۽ سندن باغ بہ ڏسڻ وٽان هوندو هو.

**ڀٽ شريف:** شاه عبداللطيف جي درگاه هالن ڪان بہ ڪوه پري هڪ ڀٽ، واريا‌سي دري تي آهي. آتي سچو سال پريوءَ جي پيارن جو اچڻ وڃڻ ۽ رهڻ ٿيندو آهي ۽ سال ۾ هڪ دفعو وڏو ميلو لڳندو آهي جنهن ۾ حق جي طالبن ڪانسواءِ رونشي جا شوقين بہ گهڻا ايندا ها. شاه صاحب ١٧٥٢ع ۾ لاڏاڻو ڪيو ۽ ميان غلام شاه ڪلهوڙي سندس تربت مٿان عاليشان مقبرو جوڙايو. مير محمد خان قبي ڪي چانديءَ جو دروازو وجهايو ۽ جيسلمير جي راجا نوبت نذرانو ڪئي جا اڄ تائين قائم آهي. شاه صاحب جا ڀڳت، هر جمع رات ڀٽ تي شاه صاحب جو ڪلام ڳائيندا آهن جيڪو جهونجهڪري تائين هلندو آهي.

شاه صاحب پنهنجي مذهب تي پختو هو. روزا رکندو هو، نمازون پڙهندو هو پر شريعت جو پائبند نہ هو. اسلام ۾ راڳ حرام آهي پر وٽس روز ڳانو ٿيندو هو بلڪ دم بہ ڳاني ٿيندي ڏنائين. سندس سمورو ڪلام ويدانتي گيان سان لبريز

آهي جو جو تہ هن هندو جوڳين جي سنگ مان گهڻو ڪجهہ پرايو هو. گيان کان علاوہ هن جو ڪلام، ڀڳتيءَ يعني سائينءَ جي سڪ، سمرپڻ ۽ بيتابيءَ سان ڀريل آهي. هندو خواہ مسلمان، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، جنهن بہ هن جو ڪلام ٻڌو سو هن جو مشتاق ۽ مريد بڻيو. مون بہ گهڻين ٻولين جي شاعرن جو مزو ماڻيو آهي پر سنسڪرت ۾ شريمد ڀاڳوت ڪانسواءِ شاہ جهڙو مٺو، من موهيندڙ ۽ مالڪ سان ملائڻ وارو ڪلام ٻيو ڪو ڪونهي. ان ۾ نہ رڳو روحاني راز پر نصيحت ۽ محبت جا موتي، سڪ جي سڳي ۾ پوتل پيا آهن.

**نصرپور:** حيدرآباد کان ۴۴ ميل ريلوي لائين تي نصرپور جو شهر آهي جتي هڪ هزار ورهيہ اڳ، چيٽي چنڊ تي جمع ٺاروڻءَ ڏينهن، رتن لعل کتريءَ جي گهر هڪ تيجسوي ٻالڪ جو جنم ٿيو. هن جا گُرہ گوچر ڏسي نجومن چيو تہ هيءُ ٻالڪ، ورڻ ديوتا جو اوتار آهي ۽ مظلومن جي رکيا لاءِ پيدا ٿيو آهي. هن جو نالو اُديہ چند رکيائون پر هو امر لعل ۽ **اُڏيري لعل** جي نالن سان مشهور ٿيو. هو ڄائي ڄم کان سڌ پرش، ڪراماتن جو ڏٺي هو ۽ جڏهن ساماڻو تہ ڪڏهن گهوڙي تي ۽ ڪڏهن درياہ تي گهمندو يا پلي سوار ڏسبو هو.

اُن وقت سنڌ ۾ هندن کي مسلمان بڻائڻ لاءِ مٿن سخت ستم ٿي رهيا ها. ٺٽي جي نواب مرک شاهہ فرمان جاري ڪيو هو تہ جيڪو هندو ظهر ڪرائي مسلمان نہ ٿيندو تنهنجي سموري ملڪيت ضبط ڪئي ويندي. تڏهن هندو وڃي امرلعل جي شرڻ پيا. پوءِ جون گهٽيئي ڪٿائون آهن پر پڪو اتهاس ڪونهي.

جڏهن مرک شاہ ٻڌو تہ هندو پنهنجو همائتي وٺي آيا آهن تہ هو لشڪر وٺي درياہ جي ڪپ تي آيو. هندن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ مرک شاہ اُڏيري لعل کي پلي تي سوار ڏٺو. اُن وقت امر لعل جي حڪم تي نديءَ جا سيپيئي جيو، دهشتناڪ سورمن جي صورتن ۾، مرک شاہ جي فوج تي اچي ڪڙڪيا ۽ سندس سپاهين کي چيرڻ ۽ ڇپارڻ لڳا. درياہ جون ڇوليون غضبناڪ گجگوڙ ۽ ڪرڪات ڪنديون اچي سندس فوج جي مٿان پيون. اهو قدرت جو قهر ڏسي، مرک شاہ حيران ٿي هيسجي ويو ۽ امر لعل جي قدمن تي ڪري گناہ بخشايائين.

سڄيءَ سنڌ ۾ ان واقعي جي سڌ پئجي وئي ۽ هندو اُڏيري لعل کي پنهنجو ديوتا، هيٺن جو همراہ ڪري پوڄڻ لڳا. هن جنتا کي آتت ڏيڻ لاءِ سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪيو تہ هن جا هزارين پوئلڳ بڻيا ۽ پاڻ کي هنجي ذات جا "ٺاڪر" چوائڻ لڳا جي پوءِ ڦري 'ٺکر' ٿيا. هو جتي ويو تتي ٿان برپا ٿيا جن ۾ سانده جوت ٻرندي هئي. اِها جوت ذهن نشين ڪرائي ٿي تہ مذهب يا عقيدا کهڙا بہ هجن پر در حقيقت سيني ساهوارن جو بنياد ساڳئي شڪتي آهي. اڄڪلهہ جا

سائنسدان بہ ان متي تي پهتا آهن تہ سيني جيون کي هڪ قسم جي بجلي جوت هلائي رهي آهي جنهن جي وولٽيج علحده آهي. اڏيري لعل جا پوڄاري نکر ۾ گهڻا هندو لعل سائين کي اشٽ ديو ڪري پوڄڻ لڳا ۽ سندس جنم ڏينهن چيٽي چنڊ ملهائڻ لڳا. مسلمان بہ ڪيس درياه جو اولياءُ، خواجا خضر يا زنده پير ڪري مڃڻ لڳا.

**اڏيرولعل**: هالا تعلقي ۾ اڏيرو لعل ڳوٺ ريلوي اسٽيشن کان پنج ميل پري آهي. ١٠١٩ع ڌاري سائين امر لعل اُتان پنهنجي پڳر نکر سان پئي لنگهيو تہ اِها زمين ڪيس وڻي وئي. زمين جي ميمڻ مالڪ کان پڇيائين تہ "گهڻا پيسا وٺندين؟" ميمڻ زال سان صلاح ڪرڻ ويو تہ هنن پنهي کي اَڄ ۾ اُس گهڻو ستايو. تڏهن اڏيري لعل اُتي پنهنجو نيزو کوڙيو تہ پاڻي نڪري آيو ۽ کپر جو وڻ مٿن ڇانوَ ڪرڻ لڳو. ميمڻ ۽ سندس زال آئي تہ پنهنجي وارياسي رڻپٽ ۾ وڻ ۽ کوه ڏسي وائڙا ٿي ويا ۽ يقين ٿين تہ هيءُ ڪو پهتل ملائڪ آهي. ڪيس چيائون: "مالڪ! زمين جا پئسا اسانکي نہ گهرجن پر جيڪا درگاه ناهيو تنهن ۾ اسانکي مجاور ڪري رکجو." لعل سائينءَ اها ڳالهہ منظور ڪئي ۽ پاڻ گهوڙي سميت اُن هنڌ، سيني جي ڏسندي غائب ٿي ويو.

اُن جڳهہ تي هندن عاليشان مندر ٺهرايو ۽ ميمڻ کي مجاور ڪري رکيائون. مندر ۾ سانده جوت ٻرندي هئي ۽ هندو کوه ۾ ٻهراڻا ۽ ڇانور وغيره چاڙهيندا ها. اُتي زبردست ميلو لڳڻ لڳو ۽ خوب نذرانا ۽ پيتائون چڙهڻ لڳيون تڏهن مسلمانن بہ اُتي قبو اڏايو ۽ چوڻ لڳا تہ اڏيرولعل اسانجو اولياءُ پير شيخ طاهر زنده پير هو. پوءِ جڏهن مجاورن ۽ هندو پوڄارين جو تڪرار ٿيڻ لڳو تڏهن هندن اُهو مندر ڇڏي، نصرپور ۾ اُن کان بہ وڏيڪ عاليشان مندر وڃي ٺهرايو ۽ اُتي ڌام ڌوم سان ميلو لڳڻ لڳو.

ٺٽي جي ويجهو، ڪوٽڙي الله رکئي کان بہ ڪوه پري هڪ ٻيو ڳوٺ بہ "اڏيرولعل" نالي مشهور آهي. ٻي ڪٿا اها هئي تہ اڏيري لعل، مرک بادشاه کي ڪرامات سان نہ، پر قطع تعلقات ذريعي آڻ مڃائي هئي. هن ٺٽي جي سيني هندن کي اُتي اُن ڳوٺ ۾ رهايو هو. هندو واپاري ها ۽ اُنهن کانسواءِ ٺٽي ۾ سڄ ٿي وئي. مرک شاه ڏٺو تہ هندو جلاوطن ٿيا پر ڌرم نہ ڇڏيائون، لشڪر کي سيڌو سامان يا ڪيس ڪو ڏل ڏيڻ وارو نہ رهيو تڏهن هن هندن کي زوريءَ مسلمان بڻائڻ جو ضد ڇڏي ڏنو ۽ کين واپس ٺٽي ۾ وٺي آيو. اُن ڳوٺ ۾ بہ اڏيري لعل جو مندر هو ۽ چيٽي چنڊ تي ميلو لڳندو هو.

**ساهتي :** نوابشاهہ ضلعي جو جهونو نالو "ساهتي" بہ رائج هو اِهو نالو تڏهن کان پيو جڏهن جوڌپور رياست جي تخت تاج لاءِ ٻن راجڪمارن جو تڪرار ٿي پيو. اُنهن مان موڙا سنگ گاديءَ تان هٽ ڪنيو ۽ لشڪر وٺي سنڌ جي اُن ڀاڱي تي قبضو ڪيو جيڪو جوڌپور سان لاڳيتو هو. اُن کان ٿورو اڳ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي هئي پر هن ڪانپوءِ عرب حاڪم، راجپوتن جي حملن کان پاڻ بچائي نہ سگهيا. موڙا سنگ جي چوٿين نمبر پراڪرمي پٽ "سهتا سنگھہ" سنڌ جو وچ وارو پرڳڻو بہ هٿ ڪيو، تڏهن کان اُن تي "ساهتي" نالو پيو ۽ اُن ۾ سندس ٻيءَ جو نالي "مورو" تعلقو بہ هوندو هو.

**درازن جي درگاهہ :** خيرپور رياست ۾ درازن جو ڳوٺ سچل سائينءَ ڪري مشهور هو. اُتي سدائين سوالين ۽ صدق وارن جي پيهہ متي پيئي هوندي هئي. سچل سائين ننڍپڻ کان ئي رب جي رنگ ۾ رتو رهندو هو. هن مان روحاني ڪلام جو آبشار پيو نڪرندو هو، جيڪو ٻڌي سڀئي جهومڻ لڳندا ها ۽ سدائين لاءِ هن جا مريد ٿي پوندا ها. هو پريوءَ جو پيارو اهڙو هو جو زبان مان جيڪي نڪرندو هوس سو ضرور ٿيندو هو.

هنجي وفات ڪانپوءِ هنجي گاديءَ تي جيڪي بہ ويٺا سي بہ الله لوڪ ها جو اُنهن وٽ بہ گهڻيئي سوالي مراد حاصلات لاءِ ويندا ها. شڪارپو ۾ اسان جي پاڙيسريءَ ڀائي ڊيئارام جي ڌيءَ هاسي، ميرا وانگر ڪرشڻ ڀڳوان جا ڀڄڻ اهڙي ميٺاج ۽ جذبات سان ڳائيندي هئي جو دڳ لنگهيندڙ بہ بيهجي ويندا ها. سندس شادي سيٺ پوڪرداس سان ٿي ۽ پوءِ جڏهن ڪو اولاد نہ ٿيس ۽ ڪجھہ عرصي ڪانپوءِ مڙس بہ گذاري ويس تہ هوءَ پڪيءَ طرح اُن درگاه ۾ وڃي رهي. گدي نشين سخي قبول محمد، هن جو نالو نماڻو فقير رکيو. صوفين جي سنگ ۾ هاسيءَ جي شاعراڻي ذات ڏاڍو ڱلي ۽ هن هزارين سڪ ڀريا بيت ۽ ڪافيون چيون آهن جيڪي سندس ڀڳتن ڇپايون آهن. ورهاڱي کان پوءِ هوءَ اول بروڊي اچي رهي. هن جا ايترا تہ صدق وارا ها جو جڏهن ٢٢-٣-١٩٦٣ع تي بمبئي ۾ گذاري وئي تہ سنديس ماتمي جلوس ۾ ڏہ هزار ماڻهو ها.

سچل سائين جي فقيرن جا ٽولا سنڌ ۾ جتي ڪٿي سندس ڪلام ڳائيندا وتندا ها. پيرن تائين گيروءَ رتا چولا، هيٺ تي گوڏ، متو اگهاڙو، ٻانهن ۽ ڳچيءَ ۾ مڻين جون مالائون پيون هونديون هئڻ، ڪن تي هٿ رکي نچندا ڳائيندا ها تہ ماڻهو پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، اُنهن جي لئہ ۾ لين ٿي ويندا ها:

ڳليءَ ڳليءَ تي ڳوليان جهاتيون پايان.......

قلم کي طاقت ناهي جو اُن مولائيءَ موج مستيءَ جو پوريءَ طرح بيان ڪري سگهي. سچل سچورو سنڌ جي قديم ويدڪ تهذيب جو سچو نمائيندو، روحاني رهبر ۽ هندو مسلم ايڪتا جو فرشتو هو. هن فارسي، عربي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ به ڳپل ڪلام چيو آهي. ويدن جو نچوڙ، ويدانت آهي، ”مان اهو برهم پرماتما آهيان.“ (اهم برهم اسمي). ساڳي ڳالهه منصور چئي ته ڪفر جي گناهه ۾ سندس ڪل لهرائي عذابن سان مارايو ويو هو. سچل سرمست کي ’منصور ثاني‘ چوندا آهن جو هن به منصور جو پيغام، وڏي واڪ، ڪوني تي چڙهي، بي باڪيءَ سان چيو. هن جو ڪلام رنديءَ ۽ مستيءَ سان ٽمٽار آهي گويا وجد ۾ اچي نچندي ڳاتو اٿس:

پاڻ ڀنهنجو پاڻهي، صورت منجهه سڃاڻ،
الله الله ڇو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ،
ناهي شڪ گمان، سچوءَ سائين هيڪڙو.

## لاڙڪاڻو ضلعو

نوابشاهه ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي وچ ۾ رڳو سنڌو ندي هئي ۽ ماڻهو ۱۵-۲۰ منٽن ۾ هن پار هڪ ٻئي وٽ وڃي سگهندا ها. هڪ ڀاءُ جو گهر هڪ ضلعي ۾ ۽ ٻئي جو ٻئي ۾، ته به هڪ ٻئي جي اوڏو هوندا هئا. لاڙڪاڻي ضلعي جا مکيه شهر ها: قمبر، رتو ديرو، نئون ديرو، گهوگهاڙي جا سڳداسي چانور، باقراڻيءَ جو تماڪ ۽ پتاتا مشهور ها، شهداد ڪوٽ ۾ ڪوسي پاڻيءَ جا چشما ها، جنهن کي ’لاکو پير‘ ڪوٺيندا ها. خود لاڙڪاڻو، پتل ۽ ڪٽ جي باسڻن ٺاهڻ ۾ پهريون نمبر هو.

لاڙڪاڻي لاءِ الائي ڇو چوندا ها ته ”هجيئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو!“ اُتي نه هيون ڪراچيءَ جهڙيون شاپون جنهن ۾ دنيا جا عجيب غريب مال ملندا ها ۽ شڪارپور ۽ سکر جون بازاريون مالن سان وڏيڪ ڏٺيل هونديون هيون. لاڙڪاڻي جو نڪ هئي سيئوَ بازار، جتي سوڊا مليتن جي دڪانن تي ڳوٽين جا وڏا پنکا مشين تي پيا هلندا هئا. هرڪو گهمي ڦري اُتي اچي پگهر سڪائيندو هو ۽ ٺڪي آني ۾ چدي واري باٽلي پئي فرحت وٺندو هو.

لاڙڪاڻو، شاعرن جو مقام هو، جن پنهنجي شهر لاءِ هيءُ ڪلام مشهور ڪيو هو:

لاڙڪاڻو ساھہ سياڻو، معشوقن جو مڪان آھہ،
عاشقن لاءِ بره جو بستان آھہ،
ڪليون بازاريون حسن واريون، بندر بي بيان آھہ،
محب موچارا وتن سينگاريا، شاهي تن جن جو شان آھہ،
اهڙو شهر بره بحر، ڪاتئين ڪونہ عيان آھہ،
صورت سيرت هلڻ چلڻ، صفت ۾ سلطان آھہ.

لاڙڪاڻو چئن چيزن لاءِ هاڪ جو حقدار هو: هڪ موئن جو دڙو، ٻيو شاعر، ٽيون جاگيردار ۽ چوٿون وڪيل. لاڙڪاڻي ضلعي جھڙا مادر زاد ڏاڙيل ۽ رهزن بہ روءِ زمين تي نہ هوند، پر نيٺ بہ مان اُنهن جو نمڪ کاڌو آهي (منھنجو پيءُ اهڙن جي وڪالت ڪندو هو) ۽ ڪجھہ سال تعليم بہ اُتي پرائي اٿم، تنھنڪري اِها بدنامي نہ ڪندس پوءِ ڀلي يار بہ اڪيائيءَ جو الزام هڻن.

لاڙڪاڻي شهر ۾ گھاڙ واهہ هوندو هو جنھن ۾ ٻيڙين تي مالن جي آمدرفت ٿيندي هئي. واهہ جي ڪناري ڪن هنڌ پڪ سرا تلها ٺھيل هوندا ها جتي راڳ ۽ رانديون، محفلون ۽ ميٽنگيون ٿينديون هيون. واهہ ۾ ترڻ ۽ شرطون ڇڏائڻ ۾ بہ مزو ايندو هو. بہ ميل پري وليدن جي ڳوٺ مان لاٽ پوندي ترڪندا ايندا هئاسين تہ شڪارپور جي سنڌ واهہ جي سڪ لاهيندو هو. اسان جو اي- وي اسڪول ۽ هڪ پرائمري اسڪول بہ واهہ جي ڪپ تي هوندا ها. ٻيءَ پر "گيان باغ" ڏاڍو شاندار هوندو هو جيڪو بمبئي جي چڪاگو ڪمپنيءَ جي مالڪ شري نانڪ موٽواڻيءَ پنھنجي پيءُ گيانچند جي نالي ٺھرايو هو. ٻيو ريلوي اسٽيشن رستي تي "تجر باغ" هوندو هو، جنھنجو ميوو ڏاڍو مٺو هوندو هو. اُن باغ ۾ ڪلب ۽ لئبرري هوندي هئي جنھن ۾ اخبارون ۽ رسالا ايندا ها. منھنجي پيءُ منھنجي شاديءَ جي مجلس اُتي بہ ڏينهن ڪئي هئي.

لاڙڪاڻي ۾ "موئن جي دڙي" جي زيارت لاءِ دنيا جا ڪوجنا ڪنڊڙ ايندا رهندا ها. انلاءِ سوين ڪتاب ڇپيل آهن ۽ هن ڪتاب جي "دڙن ۾ دٻيل سپيتا" ۾ بہ ان جو ذڪر ڪري چڪو آهيان، تنھنڪري وڌيڪ اُپٽار نٿو ڪيان.

**جاگيردار:** جيئن حيدرآباد ۾ ساهت جا سردار ها، تيئن هت سقيم هارين نارين جا سڪاني سرڪردا ها. انهن وڏن زميندارن ۽ نوابن کي هزارين ايڪڙ زمينون هيون ۽ گھٹن جو اوطاقون ۽ بنگلا لاڙڪاڻي شهر ۾ بہ هوندا ها. ڇا نہ

سندن اوج اقبال ڪچهريون ۽ ڪارناما ها! بنگلن ۾ پاڻ تشريف فرما، ٻاهر رستن تي، نتهڻ اُس ۾، پيتين يا وڻن جي ڇانو ۾ پوترا وڇايو، فيصلن وارا، محتاج ۽ سوالي، ٻه- ٽي، ٻه- ٽي ڏينهن پيا هوندا ها، جڏهن وڏيرن کي واندڪائي ٿئي! مسڪين ماڻهو، وڪيلن وٽ يا ڪورٽن ۾، دربدر ٿيڻ کان سردارن کان فيصلو ڪرائڻ ڪارائتو سمجهندا ها. ڪورٽن جي فيصلي تي عمل ٿئي يا نه، پر ڪنهن کي جريت نه ٿيندي هئي جو سردار جو فيصلو اورانگهي!

نواب حاجي امير علي خان لاهوري، يا سر شاهنواز خان ڀٽو يا خانبهادر کهڙي جي ڪچهرين ۾ سوالين کانسواءِ شهر جا چڱا مڙس، سرڪاري ڪامورا، وڪيل ورا به سندن سلامي ڀرڻ ايندا ها. اهڙا سردار نه رڳو هلنديءَ وارا هوندا ها پر مجلس جا مور به هوندا ها جو سندن اجلاسن ۾ دلچسپ لطيفا، پنهنجا پراوا تجربا ۽ وندرائيندڙ پرائي پچر پئي هلندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنگت کي آتڻ تي روح نه ٿيندو هو. خان بهادر کهڙو سنڌ جي سياست جي مرڪز جو محور هو. سر شاهنواز ڀٽي جي شان شوڪت جي ته ڳالهه ئي نه پڇو! سندس ڪتن جي به وڏي وڏيائي هوندي هئي. سچ الائي ڪوڙ ته هڪ پياري ڪتي جي شاديءَ (نڪاح) تي شاندار مجلس ڪئي هئائون ۽ ڪين گرمي جي موسم ۾ هنيمون ۽ هوا خوريءَ لاءِ ڪوئيٽا موڪليو هئائون. سر شاهنواز خان جو پٽ جناب ذوالفقار علي ڀٽو، پاڪستان جي تاريخ ۾ سدا حيات رهندو.

منهنجي سانيڀ ۾ ٻئي هڪ ڀٽي جو نالو به ڏاڍو مشهور ٿيو هو. هڪ شادي شده حسينا خانزادي گم ٿي وئي ته سندس مڙس، اسسٽنٽ ڪليڪٽر گوروالا وٽ دانهن ڪئي ته سندس عورت کي سردار واحد بخش ڀٽو ڀڄائي ويو آهي. جاچ هلندي خانزادي، آلائي ڪيئن مري وئي. جڏهن پوليس وڃي سنديس قبر کوٽي، ته ڏٺو ويو ته قبر مان لاش تازو نڪتل هو. پوليس، سردار واحد بخش کي گرفتار ڪيو. انهيءَ مقدمي به سنڌ ۾ ڏاڍو غلغلو مچايو هو. گهٽيئي اهڙا قصا ٿيندا ها جن ۾ شاهدن کي روءِ زمين تان دفعي ڪري ڇڏيندا ها ته هرو ڀرو وا ويلا نه مچندي هئي پر هن قصي ۾ جوابدار جي اعليٰ حيثيت سبب ان ڳالهه کي مشهوري ملي هئي.

مسلم سردارن ۽ نوابن کانسواءِ هندو وڏا ماڻهو به گهٽ نه ها. تولاٽي ڀائر وڏا زميندار ۽ شهر ۾ وڏيءَ ملڪيت جا ڌڻي ها. گٽيس ڪوپڙا مل وارو سيٺ دنيچند، ڀاٽيا پنچات جو پريزيڊنٽ به هو. زميندار بئنڪ جو مينيجر رام موٽوائي به نالي چڙهيل هو. رام پنجوائيءَ جو پيءُ ديوان پرتاب راءِ آهوجا جيتوٽيڪ ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ هو پر ڏاڍو هلنديءَ وارو مڙس هو. سچا سماج سيوڪ به هوندا ها. پيارو ريجهومل لاهوري پليگ ۾ غريبن جي سيوا ڪندي

گذري ويو. هن جو پيءُ ڊپٽي ڪليڪٽر هو.

**وڪيل:** لاڙڪاڻي ۾ زميندارن ڪانپوءِ ٻيو زور هوندو هو وڪيلن جو. مقدمن ۾ انهن جون خوب چڪريون لڳنديون هيون. دعوا جيڪو ٻه ڪٿي ٻر دعوا هلـ ـي ٻئي ڌريون، وڪيلن جي فين ۽ خرچن وگهي ڳڙي ويندي يون هيون. جيئن ته مان وڪيلن جو ذڪر "ڏنڌن" جي جدا باب ۾ ڪيو آهي تنهنڪري هتي وڌيڪ اُپٽار نٿو ڪيان.

منهنجو پيءُ ديوان پيسومل به اُتي وڪالت ڪندو هو پر هو دنيوي ماڻهو نه هو جو پنهنجي آمدنيءَ خلاف ٻيو ڪم ڪندو هو. اصيلن کي چوندو پاڻ ۾ نبيري وڃو. خون جو معاملو ايندس ته ڌرين کي سمجهائيندو ته ڏوهاريءَ کي ڦاسي ملندي ۽ سندس ٻچڙن جي خانه خرابي ٿيندي ته جوابدار کي ڪهڙو وٽ وٺاءُ ٿيندو! جيڪڏهن خوني پڇتاءُ ڪري ۽ بدلي ۾ ڪا زر زمين يا زال وٺي ڏئي ته ڌرين کي پاڻ ۾ سرچائي ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح، فيون نه وٺڻ جا ڪم ڪندي به ڪمائي زور هئس. جو ڪيترن بيوائن کي گهر ويٺي مدد ڪندو هو.

منهنجي پتا کي سنسڪرت وديا جو گهڻو شونق هو ۽ ڪئين سال سنسڪرت راتري پاٺ شالا هلايائين جنهن ۾ پڙهندڙ پانڊٽن کي لوازمو ڏيندو هو. پنهنجي پتا ۽ پروفيسر نارايڻداس ٻنيجا (حيدرآباد) جي ڳٽن کي ڏسي مونکي ڀرترهريءَ جو هيءُ شلوڪ ياد ايندو هو:-

ڳجهو دان ڪرڻ، گهر آئي جو آڌر ڪرڻ، ٻئي جي ڀلائي ڪري چپ رهڻ، ٻيو ڪو ڀلائي ڪري ته سڀني کي ٻڌائڻ، دولتمند هوندي غرور نه ڪرڻ، پرائي پچر يا بدي نه ڪرڻ، اهي گڻ مهاتمائن ۾ ٿيندا آهن. چيل آهي. ته 'جني منجهه مٺيا، سي لکا وتن لوڪ ۾.'

**شاعر ۽ شاعري:** لاڙڪاڻو، سڄيءَ سنڌ ۾ شاعريءَ جو مرڪز ۽ چوٽيءَ تي هو. اِهي مجلسون ٻيڻل ماڻهن جي اوطاقن ۽ ايوانن ۾ ٿينديون هيون. سنڌي شاعر به لکنؤ شاعرن جي طرز تي معشوق جي اک ۽ ڀنبٽين، ابروءَ جي ڪمان ۽ تير، پستانن جي ذڪر يا قنداري ڏاڙهونءَ جي تشبيهن کي فني ڪمال سمجهندا ها. اهڙا فارسي ۽ عربي لفظ ۽ محاورا ڪم آڻيندا ها جيڪي عام ماڻهن جي سمجهه ۾ نه ايندا ها. مثلن:

هي حسن جي سرڪار جو سامان نه چوان ڇو!

خط خضريش عيسيٰ دوران نہ چوان پو!
دلبر جو دهن چشمهٔ حيوان نہ چوان چو!

ٻيو شاعر فرمائيندو:

آتشين رخسار جنهن دم دوست دلبر تو ڏسان،
مرغ دل کي رشڪ افزاي سمندر تو ڏسان،
هڪڙي هنڌ باهم ڏسان تڏ ڪئن نہ آءُ شام و سحر،
عارض جانان تي جڏ زلف معنبر تو ڏسان.

اُتي ويٺل 'واه واه' تہ ڪندا پر ڪٿايو اُنهن کان قسم تہ جي اُنهن لفظن جو مطلب بہ سمجهو هجي! يا جيڪڏهن سنڌي زبان تي رعايت ڪندا تہ هن قسم جو ڪلام فرمائيندا:

جڏهن شڪم تو پر ٿئي، پانيان تو جنت تي نصيب،
جي لڳي اَج بک، تہ اَن دم روز محشر تو ڏسان،
ٻيون چا ڪندس هزار هجن جي، ڪي چاشنيون،
شيرين لبن جي لب جو گهران هرگهڙيءَ چميون.

اهڙن واهيات بيتن تي واه واه ڪندڙن کان ڪوئي پڇي تہ ڪهڙيءَ شاعراني خوبيءَ تي داد ٿا ڏيو! پيٽ ڀريل تہ بهشت آ ۽ جي گهڙي ڪن ماني نہ ملي تہ واويلا جو حشر! چاشنيءَ سان چميءَ جي تشبيهہ تہ سنڌ ۾ گندي ليکبي. انکان سواءِ ماه لقا، هم ڪنار، پستان انار ۽ نارنگين جي تشبيهن سان ڀريل شعر مجازي عشق ۽ جسماني حسن جي اظهار تائين محدود هوندا ها.

اهڙي وقت جڏهن سباجهيءَ سنڌيءَ ٻوليءَ جو، اَنڌ منڌ ملاوت سان ٻوڏانو نڪري رهيو هو، تڏهن لاڙڪاڻي ۾ منهنجي پياري بزرگ دوست ڪشنچند 'بيوس' سنڌي شاعريءَ کي نئون نرالو موڙ ڏنو. هن سوليءَ سپڪ نج سنڌيءَ ۾ روحاني رس سان ٽمٽار، پورهئي ۽ نيڪيءَ جي برڪت، هاريءَ جي حقن، قدرت جي ڪرشمن ۽ حب الوطنيءَ جو آواز بلند ڪيو. هن جا گيت ميڙن ۽ محفلن ۾ ڳائبا ها تہ سيني جي ذهن ۾ ويهندا ها ۽ اثر ڪندا ها. هن شاعريءَ کي، گل ۽ بلبل، شمع ۽ پرواني جي محدود دائري مان رها ڪري، عوام جي روزاني مسئلن ۽ ڀلائيءَ جو واهڻ بڻايو. هن سنت کي شاعريءَ جي ذات عطا تي هئي ۽ سندس

شعر ۾ رواني اهڙي آهي جهڙي وهندڙ نهر. عمر ۾ مونکان ٿورو وڏو هو ۽ اسانجي پتا سان بعضي بعضي گيان گوشتي ڪرڻ ايندو هو ته آسان ٻئي گڏجي گهمڻ نڪرندا هئاسين ته موڊ ۾ هوندو هو ته ڪجهه نه ڪجهه پيو جهونگاريندو هو ۽ گهر وڃي قلمبند ڪندو هو. مثلن:

جڏهــن دم ڪــا دبــيــل دل ڏســين،
هلاڪيءَ ۾ هاجيءَ هڃيل دل ڏسين،
مصيبت زده ۽ پڳل دل ڏسين،
نـه ڏيئي سگـهين جي مـدد مـال زر،
چئين مـن دلاسـي جا ٻـنڙي اکر!
ولـهن ۾ بـه ونڊ، جي اٿيئي مال ڏن،
نـه ڏن آهـ ڪـافي تـه ٻيتا ڏي تـن!
نـه تـن جي توانـو تـه ارپي ڏي مـن،
نــه مـن جي مـوافـق، تــه مـنـڙو وچن،
مـگـر ڪِـي نـه ڪِي توکي ڏيـڻو ضرور،
فـدا ٻـر ٻـلـي لاءِ ٿـيـڻـو ضـرور!

پـنـهـنـجي سـڄـڻ سـائـيـنءَ جا ڪـهڙا مـثـال ڏيئي ڪـهڙا ڏيان! سـروَ شـري رام پنجواڻي، هري دلگير، تيرٿ سباڻي ۽ ٻيا اعليٰ شاعر، جن تي اڄ سنڌي ادب کي ناز آهي سي پياري ببوس جي وڻ جا ئي مٺا ميوا آهن. اِهي ۽ ٻيا چوڪرا، جن ۾ هڪ ڏڪايل يا بڪايل بـه هـو ڇـو جـو ڀـڪـا نـالا ياد نـاهـن، تـن ۾ رام پنجواڻي چمڪندڙ هو، ڇو جو تـه ڏٺيءَ هن جي گلي ۾ چاشني ۽ دل ۾ راڳ جي چاڻ ۽ تاثير لبريز ڪري ڇڏي هئي، اُنهن جا ٽولا جڏهن قومي راڳ (ڪڏي ڏيو، ڪڏي ڏيو هن ڌرم ٻڌ جي لاءِ ٻچڙا ڪڏي ڏيو) يا وهندڙ گهاڙ جي ڪناري، خاموشيءَ ۾ جڏهن ببوس جو ٻيو ڪلام آلاپيندا ها تـه سرڳ جي فضا برپا ڪري ڇڏيندا ها!

لاڙڪاڻي ۾ ٻين موسيقي مجلسن ۾ بـه واه جو موج مچندي هئي! شام ٿيندي تـه اڱڻ تي ڇـڻڪـاءُ ڪـنـدا، فراس وڇائجي ويندا. ماني ٽڪي ڪائي سنگت اچي ڪٺي ٿيندي تـه راڳي يڪتارو ڪٺي اچي وچ ۾ ويهندو، پاسي ۾ دلي تي تال ڏيڻ وارو اچي ويهندس تـه "الوميان" شروع ٿي ويندي. پنهنجون ناهيل ڪافيون بـه چوندا ها پر اڪثر آهي ڳائيندا ها جيڪي اڳ ۾ ئي عوام ۾ مقبول ۽ سوز ۾

سروبار هونديون:

ياد پون ماروئڙا! وڃان جيئري شال وري،
وڃان جيئري شال وري، ڏسي اکڙيون پون ٺري!... ياد پون......
گلم، غاليچا، غنچا، پلنگن پيا گل سڙي،
گل ڦل گولاڙن جا ويون ولڙيون واڻ وري!... ياد پون...

هڪ راڳي ٽڪبو ته پيو ڪو فراق جو ڦتيل وارو وٺندو.

ڪڏهن راضي سجڻ ٿيندين، ڪڏهن هي غم ختم ٿيندو،
خوشي حاصل ڪڏهن ٿيندي، ڪڏهن ماتم ختم ٿيندو!
اکيون برسات جيئن دائم، وسن ٿيون دلربا تو لئه،
نه تون ملندينءَ ته اکڙين جو، نه هي آگم ختم ٿيندو!
جفا جي تير سان جيڪو، رسايو زخم تو دل کي،
نه زخم، دل مٺا تنهنجي، بنا مرهم ختم ٿيندو!

اهڙيءَ طرح فراق جي ڦتيلن جا آلاپ پيا نڪرندا ها. اڌ رات تائين، عاشقن جي دلين جي غبار جا سيڪ سموريءَ فضا تي هڪ عجيب ڪيفيت پيري ڇڏيندا ها. ڪچهري پئي داد ڏيندي، ”واه ميان واه!“ ”جس تئي يار جس!“ ”بلي سائين بلي!“ لاڙڪاڻي ۾ چانڊوڪيءَ ۾ راڳ جو اهو مزو جنهن ماڻيو هوندو سو حق تي چوندو ”لاڙڪاڻو ساه سيباڻو.“

## دادو ضلعو

لاڙڪاڻي جي لڳو لڳ دادو ضلعي جي اهميت پڻ ڪنهن به ضلعي کان گهٽ نه هئي بلڪ ڪن ڳالهين ۾ وڌ هئي. سنڌ جي قديم سڀيتا جو رنگ ڍنگ ڪنهن کي ڏسڻو هجي سو هن ضلعي ۾ اچي. آد جڳاد کان هندستان تي جن به ڌاڙيلن ڪاهون ڪيون آهن،- شڪ، هوڻ، ايراني وغيره تن جي حملن کي روڪي پارت جي بچاءَ لاءِ، دادو ضلعي ۾ ٿي جنگيون جوٽيون ويون آهن. ترخانن ۽ سنڌي سورمن جي جنگ، مغلن ۽ ترخانن جي لڙائي، جنهن ۾ مغل لشڪر جو مهندار عبدالرحيم خان خانان پاڻ هو. سمن ۽ ارغونن جي جنگ، جنهن ۾ سمن هارايو،

شاهجهان جي پٽن، دارا شڪوه ۽ اورنگزيب جي لشڪرن جا مقابلا به دادو ضلعي جي حدن اندر ٿيا. اهي حقيقتون مان مختصر ۾ هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ ڏيندس ته ڪيئن سنڌ جي انهن واقعات سنڌ جي قسمت جو فيصلو ڪيو هو.

سنڌ جي آڳاٽي راڄڌاني خداباد، دادو شهر کان صرف چئن ڪوهن تي هئي. انگريز ليکڪن لکيو آهي ته اُن شهر جو اوج اِقبال، دهليءَ کان به وڌيڪ هو. دادوءَ جي نزديڪ هڪ ننڍڙو ڳوٺ "سامتاڻي" هو، تنهن ۾ رهندڙ پهواڻي خاندان وارن ئي سنڌ ۾ مسلم حڪومت جو تڏو ڪٺائي انگريزن کي آندو هو. اِهو به هڪ وڏو سنسني خيز قصو آهي. درحقيقت ميرن کي مِٽائڻ وارا پوهواڻي نه ها پر ميرن جا پنهنجا افعال ها. پوهواڻي وڏا واپاري ها، ديس پرديس ۾ سندن واپاري ڪوٺيون ۽ گماشتا ها ۽ چار سؤ ٻيڙا هئن. پنهنجن چار سؤ ٻيڙن ۾ پرڏيهن مان مال پيا ايندا ويندا هئن. ڪراچيءَ جو ڪوٽ اُنهن ٺهرايو هو. ان علائقي جا حاڪم ته قلات جو خان يا سنڌ جا مير ها پر اِنتظامي ڪاروبار پوهواڻين جي هٿ هيٺ هو. ميرن سمجهو ته پوهواڻين جي چڙهيل آکهه کي اِسلام ۾ داخل ڪبو ته پيا هزارين هندو، اسلام اختيار ڪندا. تڏهن ميرن پوهواڻين جي بزرگ سيٺ هوتچند کي قيد ڪري زوريءَ مسلمان بڻايو ۽ مٿس سخت تعديون ڪيون. بدلي ۾ هن جو پٽ سيٺ نائونمل، انگريزن جو پانهن ٻيلي ٿي بيٺو ۽ ڪين اهڙي مدد ڪيائين جو انگريزن کي بنا لڙائيءَ ڪراچي بندر هٿ آيو ۽ هڪ ننڍڙي لشڪر سان مياڻيءَ جي جنگ ۾ ميرن جي ويهوڻي لشڪي کي شڪست ڏيئي سنڌ فتح ڪيائون.

پوهواڻين کانسواءِ دادو ضلعي ۾ پيا به گهڻيئي ستارا ٿيا آهن. منهنجي وقت جي پير الاهي بخش چيف منسٽر، رئيس شمس الدين "بلبل"، شمس العلما دائود پوٽو، علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جا نالا دل تي تري اچن ٿا. انهن عالمن ۽ سياسي سورمن کانسواءِ ٻين ٻن اسمن خاطر به دادو ضلعي کي شهرت نصيب ٿي هئي، هڪ شاهينگ ۽ ٻيون ڪجريون. هن ڪتاب ۾ ڌنڌن واري باب ۾ انهن ٻنهي جو تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿم ۽ انگريزي تاريخ نويسن به لکيو آهي ته جڏهن ڪين تجارت خاطر، پنهنجو مال سنڌ مان لنگهائڻو پوندو هو ته ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا اِهي قافلا ۽ ٻيڙا دادو ضلعي ۾ ئي لٽيا ويندا ها.

ميلن جي مضمون ۾ ڄاڻايو آهي ته سيوهڻ جي لعل شهباز جي ميلي تي ته چڻ رنڍين جو آل سنڌ- پنجاب نماءُ لڳي ويندو هو، جن مان گهڻيون دل ۽ ڪل جون نرمڙيون ۽ اڳٽ جون ڍلڙيون هونديون هيون. دادوءَ جي جوهي تعلقي

جون ميتايون گهگيون بہ مشهور هيون جو گرميءَ ۾ پاڻي ٿڌو ٿي ويندو هو ۽ مضبوط ۽ عمديون هونديون هيون. بوبڪن جا غاليچا ۽ ناس سچيءَ سنڌ ۾ هاڪاري ۽ سوغات ڪري ڏبي هئي.

## سيوهڻ

دادو ضلع ۾ سيوهڻ جي قديم شهر ۾ قلندر لعل شهباز جو وڏي ۾ وڏو ميلو لڳندو هو. سنڌ جا وڏا وڏا گوئيا، ڀڳت، سازيندڙ ۽ ڪجريون آتي اچي سجدو ڪنديون هيون ۽ فن ڏيکارينديون هيون. قلندر شهباز هڪ وڏو اولياءُ ٿي گذريو آهي، جنهن ۾ گهڻن جو صدق هو. سعيد عثمان لقب شمس الدين لعل شهباز قلندر ولد سعيد ابراهيم ڪبير، سنہ ۵۳۸ هہ ۾ ايران جي آذربائجان پرڳڻي جي مروند ڳوٺ ۾ جنم ورتو هو. ننڍي هوندي کان روح جو ريلو رب طرف هو ۽ جلدئي قرآن شريف برزبان ياد ڪيائين.

لعل شهباز پنهنجي مرشد جي اجازت ورتي، ملتان ۾ شهزادي شهيد جو اچي مهمان ٿيو جنهن وٽ دور دراز ملڪن جا ٻيا بہ گهڻيئي عالم، شاعر ۽ عارف رهيل ها. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هو دهليءَ ويو جتي سلطان محمد غياث الدين کيس ڏاڍي تعظيم سان پنهنجو مرشد ڪري مڃو. لعل شهباز ۶۴۹هہ ۾ دهلي ڇڏي سيوهڻ ۾ اچي رهيو. اُن وقت سندس ڄمار ۱۱۱ ورهيہ هئي. هو سڄي عمر ڪنوارو رهيو هو ۽ الاهي عشق جي خماريءَ ۾ اهڙو تہ مخمور رهندو هو جو کيس پنهنجي بدن جي ڇڳيلائي جي بہ سڌ نہ رهندي هئي. هن جي زبان مان غزلن جو ڇڻ تہ آبشار پيو وهندو هو. نموني لاءِ هڪ ٽڪ ٻڌو:

> شدم بدنام در عشق، بيا اي پارسا اڪنون،
> اهي ترسم ز رسوائي، بہ هر بازار مي رقصم.

(اي زاهد! اچي ڏس تہ مان ڪيئن نہ سندس (خدا جي) عشق ۾ بدنام ٿيو آهيان! پر مان ڪنهن بہ خواريءَ کان نٿو ڊڄان، پريءَ بازار ۾ نچان ٿو.) بدناميءَ جو ذڪر ان لاءِ ٿو ڪري جو هن سيوهڻ ۾ چڪلي ۾ ٽڪاڻو ڪيو هو. هن جي رهڻ سان اُن ويڙهي جو ماحول ئي بدلجي ويو. آتي جيڪي ماڻهو نفس جي آسات لاهڻ پيا اچن سي ڀڳوان جا ڀڳت ٿي پيا پون. ويچارين رنڊين جو ڏنڌو ئي

بند ٿي ويو ۽ خود مٿن بہ اهڙو اثر ٿيو جو پاڻ توبهہ ڪري سنڌس مريداڻيون بڻيون. هو ڪراماتن جو ڏڻي هو ۽ سنہ ١٣٦٢ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين. هن جي قبي مٿان دهليءَ جي سلطان فيروز شاهہ گنبذ جوڙايو پر هاڻوڪو گنبذ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ١٧٦١ع ۾ اڏايو هو. ان درگاهہ جي اڏاوت سنڌي ڪاريگريءَ جو اعليٰ مثال آهي.

سنڌ ۾ لعل شهباز جي اهڙي مانتا هئي جو فقير ۽ درويش هنجي نالي دعائون ڏيندا ها. "قلندر لعل شهباز تنهنجون مرادون پوريون ڪندو!" اڄ سيوهڻ کان هڪ هزار ميل پري پوني ۾ هيءُ مضمون لکي رهيو آهيان تہ بہ آن اولياءَ جا ترانا ۽ آلاپ ٿو ٻڌان، "لال مري پت رکيو ڀلا، جهولي لالڻ، دما دم مست قلندر، سنڌڙي دا شهباز قلندر، سيوهڻ دا شهباز قلندر."

آن درگاهہ ۾ هڪ مهر ۽ ڏنڊو رکيل آهي. چوندا آهن تہ اهو ست فوٽ ڊگهو ڏنڊو راجا ڀرترهريءَ جو آهي. مان جڏهن سيوهڻ ويس تہ ڏٺم تہ شهر جي ڀرپاسي تي ڀرترهريءَ جو قلعو شروع ٿي ٿيو. چؤ طرف ڊٺل جڳهين جا ڦوراٽا پيا هئا ۽ هڪ سرڪاري جڳهہ تازي اڏايل هئي. بعضي بعضي انهن ڦوراٽن مان قديم زماني جي ڪا شئي يا سڪو ظاهر ٿي پوندو هو. اتهاس جي اها مشهور ڳالهہ آهي تہ راجا ڀرترهري پنهنجي ننديءَ راڻيءَ جي پريم ۾ پاڳل هو، پر آن جي دل سنڌس سئيس سان هئي. اهو ڪوچوان وري هڪ ويشيا تي عاشق هو، جيڪا راجا سان وفادار ۽ مٿس مفتون هئي. راجا کي جڏهن اِن راز جي سڌ پئي تہ ترڪ اچي ويس ۽ راجائي ڇڏي وڃي جوڳي ٿيو.

شوستان (سيوهڻ) يوگ وديا جي مول آچاريہ شِوَ جو آستان هو جو تہ راجا جا گرو گورکنات، مڇندرنات ۽ ٻيا ويجهن ٻهاڙن جي غفائن ۾ رهي يوگ ساڌنا ڪندا ها. هو بہ هڪ غفا ۾ رهي ساڌنا ڪرڻ لڳو. اڄ بہ آتي هڪ غفا ۾ شوجيءَ جو مندر آهي جنهنکي ڀرترهريءَ جو مندر چوندا آهن. الوڙ جي ڪنڊهرن ۾ هڪ سماڌي آهي جنهن کي ڀرترهريءَ جي سماڌي چوندا آهن. مطلب تہ ڀراڪرمي راجا ڀرترهريءَ جو سنڌ سان گهڻو تعلق رهيو آهي.

ڀرترهري نہ رڳو جوڳي ٿي گذريو آهي پر هو وڏو شاعر ۽ عالم پڻ هو. هنجا سنسڪرت ۾ ٽي شتڪ (هو سؤ سلوڪن وارا پستڪ) تہ ساهت جي سونهن آهن. "شرنگا شتڪ" ۾ آهن يڳ واسنا جون ترڪيبون ۽ حسينائن جا ترڪتال؛ ويراڳ شتڪ ۾ آهي دنيا ۽ جواني آهي بي بقا ۽ فاني، ڪنهن سان موه ممتا آهي اجائي ۽ نيتي شتڪ ۾ آهن عقل ۽ اخلاق جا سلوڪ. اِنهن ٽنهي شتڪن جو دنيا جي ڪئين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. هتي نموني طور ويراڳ شتڪ جي هڪ لوڪ جو نمونو لکان ٿو، جيڪو اورنگزيب جي وڏي ڀاءُ دارا شڪوهہ، پارسيءَ ۾ ترجمو

ڪيو هو:

ايام شباب رفت و با قيست هوس،
ما پير شدم، آرزو پير نه شد.
جوين جا ڏينهڙا گذري ويا ۽ باقي هوَس باقي آ،
اسان پيدا ٿي وياسين پر آرزو (ترشنا) پيدي نه ٿي.
جز محنت و رنج نيست حاصل زهم،
خود را بخدا گذار، انديش مڪن،
اين فڪر و خيال و وهم مشڪل زهم.
سڀ شئي جو اجر محنت ۽ رنج کانسواءِ ڪجهه نه آهي
تنهنڪري پنهنجي دل کي سڀ کان فارغ ڪري ڇڏ!
پاڻ کي خدا جي آسري ڇڏي ڏي ۽ ڳڻتيون نه ڪر!
اِهي ڳڻتيون ۽ خيال پڻ سڀني ڳالهين کان ڏکدائي آهن.

صدين کان هندن خواه مسلمانن جي مهاتمائن ۽ اوليائن خاطر سيوهڻ سڄيءَ ايشيا ۾ هاڪارو هو. تنهنڪري ئي لعل شهباز هزارين ميل اٽانگا پهاڙ لتاڙي سيوهڻ جي پاڪ زمين تي اچي رهيو هو. شهنشاهه اڪبر جي نورتنن مان ميان ابوالفضل به سيوهڻ جو هو. "تذڪره مشايخ سيوستان" نالي فارسي ڪتاب سيوهڻ جي اوليائن جي جيونين سان ڀريل آهن ۽ ٻيا به ڪئين قديم ڪتاب، سيوهڻ بابت راين ايشياٽڪ سوسائٽيءَ ۽ انڊيا لئبرريءَ لنڊن ۾ موجود آهن. هتي رڳو ٻين ٻن ستارن جو ذڪر ڪيانٿو.

سنه ١٥٥٠ع ۾ سيوهڻ جي قاضي گهراڻي ۾ مير محمد پيدا ٿيو، جيڪو ميان مير جي نالي مشهور ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي بربٽ ۽ بيابان ۾ اڪيلو ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ گذاريندو هو. ڪجهه ورهين کانپوءِ هو لاهور وڃي رهيو جيڪو اُن وقت هنرن ۽ روحاني رهبرن جو مرڪز هو. اُتي ماڻهن ڪيس جيءَ ۾ جاءِ ڏني پر هو اهڙن عقيدتمندن کان به ڪنارو ڪندو هو. هو هڪ بند ڪمري ۾ عبادت ۽ رياضت جي دور ۾ ٻه ٻه هفتا بنا کاڌي پيتي گذاريندو هو. جهانگير بادشاهه جڏهن لاهور ۾ آيو تڏهن وڏيءَ عزت سان سندس سجدو ڪرڻ ويو.

خالصن جي تاريخ موجب جڏهن گرو ارجن ديو، جهانگير جي جيل ۾ هو تڏهن ميان مير وٽس ملڻ ويو ۽ چيائينس ته "جي توهان اِجازت ڏيو ته مان

جهانگير کي اوهان جي سفارش ڪيان" پر گروجن کيس اها موڪل نہ ڏني. ١٦٠٦ع ۾ ارجن ديو سچکنڊ پڌاريو تہ سندس پٽ هرگوبند کي بہ مغلن جيل ۾ وڌو، پر ٻارهن ورهين ڪانپوءِ، ميان مير جي سفارش تي کيس آزاد ڪيو ويو. اهو ڏيکاري ٿو تہ سک گرن ۽ سنڌي صوفين جي پاڻ ۾ ڪهڙي نہ محبت ۽ ايڪو هو. گروگرنٿ صاحب ۾ بہ ڪئين مسلم دوريشن جي ٻاڻي شامل ٿيل آهي.

جهانگير کانپوءِ جڏهن شاهجهان سندس تخت تي ويٺو تہ هن جو وڏو پٽ دارا شڪوهہ بيمار ٿي پيو جو گهڻن علاجن سان بہ چڱو ڀلو نہ ٿيو. شاهجهان جڏهن ميان مير وٽ حاضر ٿيو تہ اُن درويش کيس پاڻي پڙهي ڏنو، جنهنجي پيئڻ سان شهزادي جا سڀ ناعلاج مرض لهي ويا. بادشاهہ، ميان مير کي گهڻيئي بيش قيمتي نذرانا پيش ڪيا، جيڪي هن قبول نہ ڪيا. ميان مير جڏهن وفات ڪئي تہ چئي ويو، "مونکي لوٺياٽيءَ زمين ۾ دفن ڪجو تہ جيئن منهنجي هڏن جو بہ نام نشان نہ رهي. ٻين وانگر منهنجي قبر تي پيريءَ جو پڙ چاڙهي دڪانداري نہ ڪجو!" تنهنڪري سندس مرضيءَ موجب ڪو مقبرو ڪونهي.

**شيخ ٽوپڻ:** سيوهڻ کان ٽي ڪوهہ پري جبل جي هڪ غفا ۾ مهاتما ٽوپڻ سدائين خاوند جي خيال ۾ محو رهندو هو. هن جي ڪرامتن جا بہ گهڻيئي قصا آهن. هن جي چالاٽي کانپوءِ هن جي سماڌيءَ تي هڪ ننڍو قبو اڏاياٿون. عام هندو يا مسلمانن تي جڏهن بہ ڪا مصيبت اچي پوندي هئي تہ هن جي مقبري تي دعا پنندا ها.

سيوهڻ جي آڳاٽن اوليائن ۽ عالمن کانسواءِ هن وقت بہ اُتي وڏا وڏا سنت ۽ ستارا ٿيندا رهندا آهن. ڪراچي ڪاليج جو مشهور پرنسيپال ٻتاڻي، ويجهڙائيءَ ۾ بمبئي "هندوجا ڪاليج" جو پرنسيپال ۽ مشهور سيشن جج ۽ اديب، منهنجو معزز دوست شري موتي لعل ٻتاڻي بہ سيوهڻ جا آهن. ڪنهن جا نالا لکي ڪنهن جا لکجن! محمد يعقوب ۽ تاج محمد افغان ناميارا حڪيم ها ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي تہ اعلي اديب بہ هو.

سيوهڻ کان سنڌو ندي ميل اڌ پري آهي. اونهاري ۾ پاڻي چڙهندو هو تہ شهر سان اچي لڳندو هو ۽ تنهنڪري هڪ دفعي هاءِ اسڪول جي پٽ بہ ڪري پئي هئي. سياري ۾ وري پاڻي ايترو گهٽجي ويندو آهي جو ماڻهو گوڏن پر پاڻيءَ ۾ پنڌ ڪري ٻيءَ پر نوابشاهہ ضلعي جي دولتپور ڳوٺ ۾ متن مائٽن سان ملڻ ويندا ها.

**لڪي تيرٿ:** سيوهڻ کان ١١ ميل ڏکڻ طرف لڪيءَ جو ننڍڙو ڳوٺ آهي

۾ اسٽيشن کان ٻه ميل پري جبل مان گرم پاڻيءَ جا چشما وهن ٿا. هزارن سالن کان اُتي پاڻيءَ جي ڌارا وهندي رهي ٿي، تنهنڪري اُن کي ڌارا تيرٿ به چوندا هئا. اسٽيشن ۾ چشمن ويجهو ٻه ڌرم شالائون ٺهيل هيون جتي مسافر ۽ مريض اچي رهندا هئا. مري ويل ماڻهوءَ جو شراڌ يا ٻيو ڪريا ڪرم به ان پوتر تيرٿ تي اچي ڪندا هئا.

پهاڙ مان مٿي ٺهڪندڙ پاڻي ۽ هيٺ ٿڌي پاڻيءَ جو چشمو نڪرندو رهندو هو. گرم پاڻيءَ جا ٽي حوض هئا، جن مان هڪ ۾ سخت گرم، ٻئي ۾ ڪوسو ٽئين ۾ ننهن سوسرو پاڻي هوندو هو. وڏي گرم، پاڻيءَ جي حوض ۾ پيت ڏنل هئي تہ هڪ طرف زالون پوشيدگيءَ ۾ اسنان ڪري سگهن. پاڻيءَ ۾ گندرف جي ڏاڍي بانس هئي، جنهنجي اثر ڪري ڪجلي خارش، ڦٽن ڦرڙين ۽ بد هاضمي وارا مريض هتي رهي اسنان ڪرڻ سان شفاياب ٿي ويندا هئا.

جبل ۾ هڪ غفا هئي جنهن ۾ اوائل ۾ ڪي يوگي رهندا هوندا پر هاڻي تہ ساڌو فقير رهيا پيا هئا. اُن جي پرسان هڪ اونهو چشمو هو جنهنجو پاڻي ٿڌو هو. اُتون ڏاڪڻ شروع ٿي مٿي گرم پاڻيءَ جي چشمن ڏانهن پئي وئي. وچ ۾ هڪ جاءِ تي ”شِو مندري“ هئي جتي شِو راتريءَ تي ميلو لڳندو هو.

لڪي ڳوٺ ۾ سخت گرمي هئي جو اڌ رات تائين لڪ پئي لڳي، دلن جو پاڻي بہ ٻاڦ ٿي پئي ويو. ڳوٺ جي هڪ طرف آهن گرم جبل ۽ پريان سنڌو درياهہ ۾ ٻيڙين جا سڙهہ پئي نظر آيا لئي پئي نظارو روح کي راحت ڏيندڙ هو.

**مانجهند**: دادو ضلعي جو مانجهندن جو شهر بہ وسرڻ جهڙو ناهي. اهو ڳوٺ ڪوٽڙيءَ کان سيوهڻ جي شاهي سڙڪ تي آهي. مانجهند دربار سنڌ جي مکيہ ٽڪاڻن مان ليکبي هئي. سنت ڪنور رام ۽ ٻيا ڀڳت بہ هتي مٿو ٽيڪڻ ايندا هئا. دربار جي گاديسر سنت گوبندرام جو سنڌ ۾ ڏاڍو ناماچار هو. هن ٽڪاڻي ۾ جنهن وقت ڪو بہ هندو مسلمان ايندو هو، تنهن کي پريم سان ڏئي ڪري ماني کارائيندا هئا ۽ رهڻ لاءِ هوادار ڪمرا هوندا هئا. ٽڪاڻي جو باغ بہ ميون ۽ گلن سان ڀرپور ڏسڻ جهڙو هو. هن وقت اِها دربار بمبئي ڪار ۾ آهي جتي ساڳيءَ طرح ڪٿا ڪيرتن ۽ خلق جي خدمت ٿيندي رهندي آهي.

مانجهند جي ڪن خاندانن سنڌ ۾ ڪ مان بہ اتاهہ ناٿو ڪمايو هو. سيٺي جي ذڪر سان ڏاڍي اينگهہ ٿي پوندي. سنڌ جي وڏي وڪيل ۽ ناماياري ديش ڀڳت سيٺ هر چندراءِ جي پتا وشنداس جو بہ اصل آستان هتي هوندو هو. هن وٽ

بہ مهمانوازيءَ جي حد نہ هئي، هر وقت ديگ دميل، آيو ويو پيو ڏٺ ڪري کائيندو. ماڻهو تہ ڇڏيو پر جانورن جي پيٽ جو بہ اونو رکندو هو. مثلن پئسا ڏيئي ٻيلا نيڪي تي ڪندو ۽ مالدارن کي مفت چيڪ ڇڏي ڏيندو تہ سندس ڳايون ميهون ڏور ڏڳا پل پيا چرن. ڪٿي ٻڌندو تہ ڏڪار پيو آهي تہ اُتي بہ وڃي ديڳيون چاڙهائيندو هو.

سيٺ وشنداس، ملير جي ڀائي مولراج وانگر گلابداسي پنٿ جو هو. هن سموري عمر راڳ ۾ گذاري. جتي بہ هوندو هو تہ وڏا وڏا ڳوئيا ۽ طوائفون، سندس محفل ۾ موجود هونديون هيون جڏهن پاڻ بہ موج مستيءَ ۾ ايندو هو تہ ڳائيندو هو:

نا مئن هندو نا مئن ترڪ، نا مئن پنڊت قاضي ري.
نا مئن سعيد شيخ مسلا، نا مئن ٻيا نمازي ري،
وشنداس جب آپ پڇانيا، سرب رنگ ۾ راضي ري.

## سکر ضلعو

نئون سکر سنڌ جي واپار ۽ هنرن جي راڄڌاني هو. سيني قسمن جي مالن سان، واپارين جا گدام ڀَرِيا پيا هوندا ها. نہ رڳو سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن مان بلڪ ملتان، بهاولپور، ڪوئيٽا ۽ قلات جا دڪاندار بہ سکر مان خريداري ڪرڻ ايندا ها. ڪراچيءَ ۾ دڪانن هوندي بہ، مان سکر ۾ بہ دڪان کوليا ها. ڪاغذن ۽ ڪانچ جي بوتلن ۽ گلاس وغيره جا. سکر ۾ هنري ڪارخانا بہ اڪيچار ها، جن جو ذڪر مان "هنرن" واري باب ۾ ڪيو آهي. هن ضلعي جي ٻين شهرن ۾ بہ گهڻيئي هنر ها. روهڙيءَ ۾ تسر جو ڪپڙو ۽ گهوٽڪيءَ ۾ پتل جي باسڻن ۽ مينا ڪاريءَ جو ڪم سٺو ٿيندو هو. خيرپور ڏهرڪيءَ ۾ بہ پتل ۽ جست جي برتڻن جو ڪم عمدو ٿيندو هو. لکي ڳوٺ ۾ آڏاڻا گهڻا هوندا ها ۽ لوهہ جا اوزار بہ ٺهندا ها.

سکر ۽ روهڙيءَ جا شهر هڪ ٻئي جي سامهون ها. وچ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪرڪات ڪنڌڙ ڇولين، ٽن ٻيٽن کي ڪنارن کان جدا ڪيو هو- زنده پير، بکر ۽ ساڌٻيلو. ٻنهي شهرن کي لئنسڊائون پل ڳنڍي بيٺي هئي. ان پل کان هڪ ڏيڍ ميل پري براج جي پل تائين ڪئين سنڌي ۽ پنجابي ٻيڙيون، لنگر هنيون بيٺيون

هونديون هيون. سنڌ پنجاب جي وچ ۾ مالن ڍوئڻ جو سستو ۽ سهانگو ذريعو اِهي ٻيڙيون ئي هيون. ڪي چار خاريون، ڪي چوڏهن يا چويهه خاريون به هونديون هيون. ميربحر تيل قليل ڪيو، مڇون مڪيو، ويٺا اڳلن ۽ پاچيلن تي حقا ڇڪيندا ها. مايون، ڪي ماني رڌڻ ۾، ڪي جوئن ڪڍائڻ، سير ڏيارڻ يا سينڌ سرمو ڪرڻ ۾ مشغول هونديون هيون يا ڪي جنڊ ويٺيون هلائينديون هيون.

نديءَ ڪناري بندر روڊ تي شام يا فجر جو سٽر ڪبو هو ته روح کي تازگي اچي ويندي هئي. درياهه جي ٻئي ڪناري کان، روهڙيءَ جي باغن مان ڏکڻ جون هيرون، سنڌوءَ جي چولين سان ڇهنديون، سڄي بندر روڊ کي اچي ٺارينديون هيون. اونهاري ۾ کهڙي به جلائيندڙ گرمي هجي پر سکر ۾ هر ڪنهن جا لڱ ٺري پوندا ها.

ندي ڪناري گهاٽن مان هڪ تي پٽيون هونديون هيون ته جيئن زالون پوشيدگيءَ سان سنان ڪري سگهن. سکر جي ٽڪريءَ تي معصوم شاهه جو منارو هڪ سؤ فوٽ اونچو هوندو هو، جتان پري پري تائين نظارو ڏسڻ ۾ ايندو هو. اڪبر بادشاهه معصوم شاهه کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو هو. اُن مير ۽ سندس مائٽن جون قبرون به اُن مناري جي ايوان ۾ هونديون هيون. سکر جي ٻيءَ رونق جو به ڇا بيان ڪجي! ليوڪس پارڪ، آزاد ميدان، سيروءَ جو چونڪ، ٿلهو، نم جي چاڙهي، ڪئين بازاريون، والس گنج، غريب آباد ۾ ته سدائين گهاگهيهه لڳي پئي هوندي هئي.

گهٽين ۾ به سڀ وٽڪ جا ماڻهو پيا ڏسبا ها. مولوي، ڊگهي ڪوٽ ۽ پٽڪي يا ٽوپيءَ سان پائيبند، نيڪٽاءِ، پٽڪي، اڌ ڪوٽ ۽ ٻڇيءَ ڏاڙهيءَ سان تعليم يافت سڄڻ ۽ سندن آزاد ڏيئر، گهرن ٻاهرن دڪانيءَ تي ڪي پنگ پيا گهوٽيندا ته ڪي حقو پيا ڇڪيندا. مٿان ڪوٺن تي ڇوڪرا لغڙ پيا لڙائيندا ها. مطلب ته سکر شهر هڪ ٽيپيڪل سنڌي شهر جو نمونو پيش ڪندو هو.

مشهور شهيد **هيمون ڪالاڻي** پراڻي سکر جو هو جيڪو نئين سکر کان ڏيڍ ٻن ميلن تي هو. هو قومي هلچل ۾ انگريزي لشڪر جي ٽرين ڪيرائڻ لاءِ ريل جا پٽا ڪڍندي پڪڙجي پيو هو. هنجي عمر ننڍي هئي ۽ معافي وٺي ها ته ڦاسيءَ بدلي جيل جي سزا مليس ها پر هن سورمي جج کي چيو ته، "انگريزن کي ڀارت تي حڪومت ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي ۽ هو جيئرو رهيو ته ڪين هاچي ڀهچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهندو. انگريز اهڙن انقلابين کان ئي ڊڄندا ها. باقي پيشيور سياسي يخي هٿندڙن کي ته ڪک پن ڪري ليکيندا ها.

سکر جي بازارين ۾ نه رڳو ٻاهران آيل دڪاندارن جي پيهه هوندي هئي پر عام ماڻهو هاري ناري به شادي مراديءَ وغيره لاءِ خريداري ڪرڻ اُتي ايندا ها جو

سيڪا شئي سهانگي ملندي هئي. هندو گرستي، ڪٽنب سوڌا ساڌ ٻيلي جي تيرٿ تي ٻارن جي جهنڊ لهرائڻ يا ڄٽيا پائڻ ايندا ها. ڪئين مريض بہ ايندا ها جو سکر ۾ نہ رڳو اسپتال ۽ ويم گهر سٺا ها پر حڪيم بہ ناميارا ها. تن مان ياتي منگترام خاص هو. سوامي هيمراج چداڪاشي، وڏو مهاتما هو ۽ مريض جو علاج بن پئسي اهڙو ڪندو هو جو ناعلاج مريض بہ وٺائونس شفاياب ٿي ويندا ها. راڻيپور جو مولوي محمد صادق نہ رڳو نوابن ۽ جاگيردارن جو برقرلا حڪيم هو پر بلنديءَ جو عالم بہ هو. هن شاهہ لطيف جي ڪجهہ ڪلام جو ۽ سموريءَ گيتا جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.

سکر ۾ قومي سرگرميون بہ جام هيون، جن جو روح راون ديش ڀڳت ويرومل بيگراج هو. سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ ڪانگريس ڪاميٽين جو بريا ڪندڙ هيءُ سچڻ هو. آريہ سماج، هندو سڀا، سنڌار سڀا، ديو سڀا، اسلامي جمائتون ۽ خلافت ڪاميٽيون بہ سکر ۾ زور هيون. وڪيلن ۾ ديوان ڀوڄسنگهہ پهلاجاڻي (سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر)، ديوان صاحب سنگهہ، راءِ بهادر ڪندنداس، ديوان ٻسنترام ۽ ٻيا سچيءَ سنڌ ۾ ناميارا ها.

ڪئين وڏيرا ۽ جاگيردار بہ سکر ۾ بنگلا ڌاريندا ها جو هر هڪ جا اڪثر ڪامورن ۽ ڪورٽن ۾ ڪم ڦاٿل هوندا ها. انهن مان ڪئين اهڙا ها جن جي بدولت سکر جو چڪلو بہ رونق افروز هو. ٻهراڙيءَ جا ڇٽ چاموٺ بہ ان حاجت لاءِ گهڻا ايندا ها. پنجابي رنڊين جي ديرن ۾ هڪڙيون همياٽيون ناهي ويندڙيون هيون تہ ٻيون سڪٽيون پيون ايندڙيون هيون. انهن مان ڪي خاص رنڊيون، ڪن وڏيرن جون رکيل هونديون هيون. هو شام ويلي، نمائش، هواخوريءَ ۽ گراهڪي وڌائڻ لاءِ، بگين تي چڙهي نڪرنديون هيون تہ يار لوڪ سندن سماچار هڪ ٻئي ۾ ونڊيندا ها. "هيءُ اڪبر خان واري آهي."

"اڙي، اڪبر خان تہ هاڻي رڳو مسواڙ تو ڏئي پر اندر خاني وزير شاهہ والاري وٺو آهي."

"پر وزير شاهہ جو رستو تہ شمشاد سان آهي!"

"شمشاد تہ هفت رنگي آهي. ڦري ڪاٺي وزير شاهہ کي ٿي، پر دلي رستو گورڌن گنڊي سان اٿس. انهيءَ شمشاد تي ئي تہ گورڌن ۽ رمضو مڪرانيءَ جي وچ ۾ چاڪو هليا ها."

"ڇڏ يار، گورڌن بہ پنهنجي ناڻءَ سان آهي، ڪنهن ڏينهن ٻڌندين تہ رمضوءَ ۽ ان رن جا آنڊا نڪتا پيا هوندا."

"رمضوءَ کي هافيسرن جو زور آهي، سٽي ماشيٽر (ماجسٽريٽ) جو شيشدار (سرشتيدار) بہ پيو منجهانس کاڻي پيئي، ڪنهن ڏينهن ٻڌندين تہ گورڌن وڃي

ڪاٽ پيو. هن زماني ۾ ڇڙي داداگيري ته ڪم نٿي اچي!"

## سکر جا تيرٿ

حقيقتن سنڌ جو وڏي ۾ وڏو پاڪ آستان آهي سکر براج، جنهن لکن انسانن کي گناهن جي گندگيءَ مان ڪڍي نيڪيءَ جي سنئينءَ راهه تي آندو. سرڪاري انگ اکر ڏيکارين ٿا ته براج ٺهڻ ڪانپوءِ چوريون، لتمار ۽ ڌاڙا گهٽا گهٽجي ويا. پاڻيءَ ڪانسواءِ پوک تي نه سگهندي هئي، ٻچڙيوال کهڙيءَ پر وجن! بک ٻچڙي بلا، چگن کي چريو ڪري. براج مان ست وڏا واهه نڪتا، جيڪي ستر لک ايڪڙ زمين کي پاڻي پهچائڻ لڳا ۽ لکن جي روزگار جو وسيلو بڻيا. اُن جا انبار لهڻ لڳا.

سنڌ ۾ هندن جو وڏو تيرٿ آستان **ساڌ ٻيلو** به سکر ۾ آهي. سنه ۱۸۲۴ع ۾ انهيءَ ٻيٽ تي هڪ سڌ يوگي **وٺکنڊي** صاحب اچي رهيو هو. اُنڪان اڳ ان گهاٽي ٻيلي واري ٻيٽ تي پاڻيءَ ۾ لڙهندڙ نانگ بلائون ۽ واگهو وات ڦاري ويٺا هوندا ها ۽ ماڻهن کي اُتي ايندي به خوف ٿيندو هو. ٻڙ ۽ پپل جي وڻن ۾ طرحين طرحين جا پکي مٺيون لاتيون پيا لنوندا ها. اُن خطرناڪ سندر ٻيٽ تي يوگي وٺکنڊيءَ اچي ڌوڻي دکائي ۽ پوءِ ڪئين ساڌو اچي وٽس رهڻ لڳا. ماڻهن کي ڏسي نانگن ۽ واگهن به اُتي رهڻ ڇڏي ڏنو، رکو يوگيراج جو هڪ شينهن وٽس رهندو هو. ساڌن جي رهڻ ڪري اُن ٻيٽ جو نالو ساڌ ٻيلو پئجي ويو. اُنهن ساڌن جي ڪاڌي پيتي جو مسئلو پيدا ٿيو ته چون ٿا ته وٺکنڊي صاحب **'ان پورنا'** ديويءَ جي آراڌنا ڪئي ته ديوي پرسن ٿي هڪ ڪمنڊل ۽ وردان ڏنس ته هن آستان تي جيترا به ماڻهو ايندا تن کي پر پيٽ کاڌو ملندو. پوءِ ته شرڌالو پڳت به وڌي ويا ۽ پنهنجو پاڻ اناج گيهه وغيره موڪلڻ لڳا ۽ باقاعدي لنگر لڳڻ لڳو ۽ شهر مان ايندڙ ماڻهن کي به ٻوَ تي کاڌو ملڻ لڳو.

وٺکنڊي صاحب ڪانپوءِ جيڪي به ساڌ ٻيلي جا گاديسر ٿيا سي به پهتل پرش ها. اسانجي سانير ۾ ساڌ ٻيلي جو **مهنت سوامي هرنامداس هو جيڪو** سدائين لوڪن جي ڀلائيءَ جا ڪارج ڪندو رهندو هو. هنجي ايامڪاريءَ ۾ ساڌ ٻيلي کي گهڻو سڌاريو ۽ سينگاريو ويو. ٻيٽ جي چوطرف سنگمرمر جا گهاٽ ۽ پٿرن جي پت ٻڌائي ويئي ته جيئن درياهه جو پاڻي ڪاڌ نه ڪري. مکيه مندر ۾ شريمد ڀاڳوت ۽ گرو گرنٿ صاحب سان گڏ سريچند بابا ۽ رام ڪرشڻ ۽ ٻين ديوتائن جون مورتون به استاپت ٿيل هيون. سنگمرمر جي پت تي سرڳ نرڳ جا نظار اُڪريل ها ته ڪهڙن چگن يا مدن ڪمن ڪري ڪهڙا سک يا دک ملن ٿا. ٻيٽ تي مور ڍيل ۽ هرڻ وغيره پيا ڦرندا ها ۽ ڏاڍو دلڪش ۽ روح کي راحت

ڏينڌڙ نظارو هو. ساڌ ٻيلي کي بجلي گهر به پنهنجو هوندو هو.

سکر ۽ ٻين شهرن جا گهڻا واپاري ۽ ڪارخانيدار پنهنجي ڏنڌي ۾ ساڌ ٻيلي جو حصو رکندا ها ته سندن ڪاروبار ۾ برڪت پوندي. ساليانيُ پوتا ميل مهل، نفعي جي رقم آٿي مهنت صاحب اڳيان رکندا ها ۽ سندس آسيس وٺندا ها. اهڙيءَ طرح ايڏو ناڻو ايندو هو جو ساڌ ٻيلي طرفان ڪئين اڇيوشن ۽ محتاجن کي گهر ويٺي مدد ملڻ لڳي، مسافر خانا، دواخانا ۽ اسڪول ڪليا ۽ڪئين جڳهين تي لنگر هلندا ها. جتي هندو مسلمانن کي پريم سان پيٽ ڀري سنُو کاڌو کارائيندا ها. نه رڳو سکر جا هندو پر ٻين شهرن جا واپاري ۽ پنچائتيون به مهنت صاحب کان تڪراري فيصلا ڪرائڻ ايندا ها.

ڪنڀ جي ميلي تي پرياگ يا هردوار ۾ ساڌ ٻيلي طرفان ڇاوڻيون لڳنديون هيون جتي هزارين ياترين جي رهڻ کاڌ خوراڪ ۽ دوا درمل جو بندوبست هوندو هو. واپارين ۽ ڪارخانيدارن کان سواءِ مراد پنيءَ تي عام ماڻهو به ساڌ ٻيلي ۾ ڀيٽا چاڙهيندا ها. منهنجي شاديءَ ۽ پٽ ڄمڻ تي، پتاجن ڀيٽا ڪانسواءِ پڪو ڀنڊارو يعني کيرڻي پوريون مٺائي پلاءُ وغيره ڪرايو هو ۽ نياڻين کي پوتيون به ڏنيو ويون هيون، ڏاڍي خلق اچي ڪٺي ٿي هئي.

ساڌ ٻيلي جون پنهنجون ٻيڙيون ياترين کي ڪناري کان ٻيٽ تائين پهچائينديون هيون. مسلمان ميربحر پتڻ جو هڪ پيسو وٺندا ها. ڀنڊاري مهل ڪو غريب غربو هڪ پئسو به ڏيئي نه سگهندو هو ته هروڀرو زور نه ڪندا ها. آهي پاڻ به لنگر ۾ کائيندا ها ۽ پتڻ جا پيسا پاڻ ڪٺندا ها. روزانو ١١ بجي ٻنگت جو گهنڊ وڄندو هو جنهن ۾ امير غريب هندو مسلمان گڏجي ويهي کائيندا ها. ساڌو سنياسي پوڄن ورهائيندا ويندا ها ۽ ڪي مهاتمائون لوڪن سان گڏجي ويهي کائيندا به ها. ڪئين لوڪ مليل ماني گهر به کڻي ويندا ها. ان ڀنڊاري کانپوءِ سانجهيءَ تائين ڏوڏي ساڳ جو پرساد به ملندو رهندو هو.

انهن ڏينهن ۾ پير علي محمد راشدي (پوءِ جيڪو پاڪستان سرڪار ۾ وزير ٿيو) ۽ سندس ننڍو ڀاءُ حسام الدين راشدي سنڌ ۾ هندن خلاف نفرت ڦهلائڻ لاءِ اصل ڪمر ڪشي ٻيٺا ها. هو سمجهندا ها ته هندن جي بدولت ئي مسلمانن جي بربادي ٿي رهي آهي. ان پرچار لاءِ سکر مان اول کهڙي جي "سنڌ زميندار" ۽ پوءِ پنهنجي "ستاره سنڌ" ۾ سدائين مسلمانن کي هندن جو هائو ٻڇيندا رهندا ها ۽ هندن تي ملامت جا موچڙا وسائيندا رهندا ها. ان مان هندو مسلم ناسازي وڌي وئي ۽ ڪي فساد به ٿيا. مان ان وقت ١٩٢٣ع ڌاري ديش ڀڳت ويرومل جي "سنڌي" اخبار ۾ راشدي ڀائرن جي خلاف هڪ ٻه ليک به لکيا ها ته عام مسلمانن جي خراب خست حالت سندن بي علميءَ سبب آهي. زميندار ڪرا

ڪامورا پير مرشد ۽ سرمائيدار ڪين ڏهي رهيا آهن پر جي هو تعليم يافت ٿيندا ته پنهنجو حق حاصل ڪري، پنهنجي حالت سڌاري سگهندا. ان لاءِ اسان تعليم ذريعي انهن ۾ سجاڳي آڻيون ته ڪين انصاف پلئه پوندو. باقي رڳو هندن کي گنهگار ٺهرائي ورانس وڌائڻ سان نتيجو خراب نڪرندو. اهو لکڻ هو اونڌي دلي تي پاڻي پيئڻ!

خير، ڳالهه هئي ساڌ بيلي ۾ عام لنگر جي. پيري حسام الدين پنهنجي "هو ڏوتي هو ڏينهن" ڪتاب ۾ لکيو آهي ته انهن ڏينهن ۾ پنهي پائرن جي اهڙي سکئي حالت هوندي هئي جو ڪاڌ خوراڪ به خريد ڪري نه سگهندا ها. "جني ڪاڻ ڪيم لائي چائي، سي نه تيم سورن پائي." نڪين ايڪڙ زمين جا مالڪ جاگيردار ڪين ڪجهه مدد نه ڪندا ها ۽ بئي پائر بعضي بعضي هندو ٽڪاڻن جي لنگر تي گذران ڪندا ها. لکي ٿو: "سکر جي هر ٽڪاڻي ۾ روزانو خيراتي خوراڪ ٿيندي هئي جتان هندو مسلمان پيٽ پري ويندا ها ۽ مذهبي پيد پاءُ ڪونه هو. ساڌ بيلي جو سيرو ڪٺاه پرساد سيڪان سنو ۽ لسني هو. دال، حلوو، پوريون ۽ ڪچئي نهايت صاف ۽ سوادي، بلڪ پاپڙ ۽ ڪتاڻ به ڏيندا ها. اسانجو گذارو به ان ڪٺاه پرساد ۽ ڪاڌي تي ٿيندو هو. ليڪن اِهو معاملو بلڪل مخفي رکبو هو جو پچاڙيءَ تائين ڪنهنکي معلوم نه ٿيو ته هنن "فرزندان اسلام" جو، جيڪي رات ڏينهن هندن تي ڏوڙيا پيا وسائين، زياده تر گذر ساڌ بيلي جي ڪٺاه پرساد ۽ لنگر تي آهي."

ان ساڌ بيلي لاءِ پير علي محمد راشدي ائين ٿي چوندو هو ته "ساڌ بيلو" حقيقت ۾ "شاد بيلو" نالي سرڪاري ملڪيت هو، جنهن تي هڪ هندو ساڌو ديرو ڄمائي ساري زمين قبائي ويٺو هو.

قصو ڪوتاه، سکر ۾ بيا به ڌرمي آستان ها. **موتيرام جو ٽڪاڻو**، ڪبير پنٿي سوامي موتيرام ۱۸۲۴ع ۾ آتي اچي ٽڪاڻو ڪيو هو ۽ ڀڄن ڪيرتن ڪندو هو. ان ٽڪاڻي ۾ لڪشمي نارائڻ ۽ ٻين ديوتائن جون مورتون استاپت ٿيل هيون ۽ مسافرن لاءِ هوادار ڪوٺيون هونديون هيون. ان ٽڪاڻي جي ڪوهه مان سدائين ٿڌو ۽ فرحت بخش پاڻي نڪرندو هو. **شاه خيرالدين، بچل شاه ۽ شيخ شينهن پير** جي درگاهن تي هندو مسلمان زيارت ڪرڻ ويندا ها. آدم شاه جي ٽڪريءَ تي **راجا وير** يعني وڪرمادتيه جو قديم آستان هو جتي وسپت ڏينهن ميلو لڳندو هو. اندر مهاتمائن جون ڏيوريون ٺهيل هيون.

## روهڙيءَ جا تيرٿ

روهڙيءَ جو قديم شهر ٽڪريءَ تي ٻڌل آهي. ان ۾ ايترا ته اولياءَ ۽

مهاتمائون ٿي گذريا آهن جو گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن پير پيغمبر جي تربت آهي. ان ۾ وڏو تيرٿ هو ڀائي وسڻ جو ٽڪاڻو، جيڪو درياهہ جي ڪناري آسائوتر ڪوٺيو هو. روهڙيءَ ۾ اڪبر بادشاهہ جي زماني جي جامع مسجد، عيدگاهہ ۽ يعقوب علي شاهہ جي مسجد بہ هئي. مسندن جي اوائلي وڏي دربار بہ اُتي هئي.

**سائين وسڻ شاهہ** ١٨٤٧ع ۾ ڄائو ۽ ننڍي هوندي کان ئي مالڪ جي مئوءَ ۾ مگن رهندو هو. هن جو گرو سائين پارو شاهہ بہ هڪ سچو سنت هو. هڪ ڏينهن وسڻ شاهہ، نديءَ ڪناري هڪ ٽڪاڻي ۾ ويو تہ اُتي جي گاديسر چيس: "مس مس ڪري آيو آهين. هاڻي پنهنجي دربار سنڀالِ اسين وڃون ٿا." ائين چئي اهو مهاتما هليو ويو. ڀائي وسڻ ٽڪاڻو سنڀالڻ لڳو. اُتي ڪي ساڌو سنت رهيا پيا هوندا ها پر ڪي مسڪين، پنهنجن ڪن انڌن، لوڻن لنگرن کي بہ اُتي ڇڏي ويندا ها. جيڪي هلڻ چلڻ کان بہ لاچار هوندا ها. وسڻ شاهہ پاڻ اُنهنجو ڪاڪوس ۽ پيشاب صاف ڪري، سنان ڪرائي پاڻ هٿ سان کارائيندا هو. ٽڪاڻي ۾ هر روز لنگر بہ لڳندو هو.

وسڻ شاهہ، اهڙو سريلو ۽ سوز سان ڳائيندو هو جو ٻڌندڙ پريوءَ جي پريم ۾ پرجي جهولڻ لڳندا ها. انهيءَ شيوا ۽ ڀڳتيءَ بدولت اهڙي مٺيا هئس جو جيڪو وچن مک مان ڪڍندو هو سو ضرور پورو ٿيندو هو. هن جي ڪراماتن جا بہ گهڻيئي قصا آهن. هن جڏهن چالاڻو ڪيو تہ سندس سماڌي، سائين پارو شاهہ سان گڏ ٺاهيائون، جتي هر سال وڏو ميلو لڳندو هو. ڀائي وسڻ شاهہ کانپوءِ سندس پٽ ڀائي امرو رام دربار جو ڪم سنڀاليو ۽ اڳي وانگر ڪٿا ڪيرتن ۽ لنگر لڳندو هو ۽ خلق جي خدمت ٿيندي رهندي هئي.

مان روهڙيءَ ۾ بہ مهاتمائون پيا بہ ڏٺا. هڪ هو ڊاڪٽر روچلداس جيڪو حيدرآباد جي سائين قطب شاهہ جو مريد هو. هو نہ رڳو سائينءَ جي لنوَ ۾ لين رهندو هو پر پرمارٿ جا بہ گهڻيئي ڪم ڪندو هو. شڪارپور ۾ اسان اکين جي وڏي ڊاڪٽر هالنڊ کي ڪوئيٽا مان گهرائيندا هئاسين تہ ڊاڪٽر روچلداس بہ آن جي هٿ هيٺ آپريشنون اچي ڪندو هو. پوءِ تہ پاڻ بہ اکين جو وڏو ڊاڪٽر ٿي پيو.

هڪڙي ڏينهن مان سکر مان روهڙيءَ گهمندو گهمندو وڃي رهيو هوس تہ لئنسڊائون پل تان هڪ مست اوڌوت وڃي رهيو هو. مونکان عمر ۾ ١٥ - ٢٠ سال وڏو ٿي لڳو. گوڏن کان بہ هيٺ ڏگهو چولو پيو هوس. مٿي ۽ پيرن اگهاڙو هو. مونسان اڌ ڪلاڪ ڪن ساڻ هو پر ڳالهايوسين بلڪل ڪين. منهنجي نظر هرگهڙيءَ هن ڏانهن پئي ڇڪجي وئي جو هن ۾ مونکي اهو نور ڏسڻ ۾ ٿي آيو جيڪو مان هماليہ جي اوڌوت يوگين ۾ ڏٺو هو. هو پنهنجي مستيءَ ۾ مست، الائي پنهنجو پاڻ سان ڇا ڇا پيو ڳالهائيندو هليو.

جڏهن روهڙيءَ پهتاسين تہ هڪڙو معزز ماڻهو اچي پيرن تي ڪريس. هن مونکي ٻڌايو تہ اِهو مست قلندر بابا نيپرا ﷺ. ڪراماتن جو ڏٺي آهي خود وسڻ شاهہ بہ ڪيس پوڇيندو هو.

روهڙيءَ ۾ مشهور صوفي درويشن، بيدل ۽ بيڪس جي خانگاه ريلوي اسٽيشن جي اولهہ طرف آهي. جتي سدائين صوفي فقيرن جو ميلو متو پيو هوندو هو. هو وجد ۾ اچي نچندا ڳائيندا ها. سندن ڪافين مان هڪ نمونو هتي ڏيان ٿو.

ساجن سير ڪرڻ لاءِ آيو، نانءُ رکي انسان،
١- ڪاٿي ڪافر گبر يهودي، ڪاٿي هندو، مسلمان،
٢- ڪا ٿي پڙهي ٿو پوٿيون رامائڻ، ڪا ٿي پڙهي ٿو قرآن،
٣- ڪا ٿي مذهب جو مونجهارو، ڪا ٿي بي ايمان،
٤- ڪا ٿي بيڪس طالب ٿئي ٿو، ڪا ٿي بيڪس پير مغان.

بيدل ۽ بيڪس نہ رڳو مرشد ۽ مريد ها پر ساڳئي وقت پيءُ ۽ پٽ بہ ها. هو ٻئي پاٽولڪي ڏنڊي مان جيڪي ڪمائيندا ها تنهن سان پنهنجي ڀرپاسي ۽ غريب غربي جو پيٽ پريندا ها. "بيدل" جو اصل نالو قادر بخش هو ۽ پٽنهنس "بيڪس" جو نالو محمد محسن هو. انهن ٻنهي جي ڪراماتن ۽ عشق جا بہ گهڻيئي قصا آهن. هو نہ رڳو الله لوڪ درويش ها پر اعليٰ درجي جا شاعر بہ ها جن جا بيت ۽ ڪافيون ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳائبيون هيون.

بيدل- بيڪس جي خانگاهہ ويجهو ستين جو آستان هو جتي گهڻيئي ڏيوريون ۽ قبرن هيون. بقول هندو روايت جي جڏهن محمد بن قاسم کان راجا ڏاهرسين جي هار ٿي تہ اُن زماني جي رسم موجب ۽ ڏارين هٿان پرشٽ ٿيڻ کان بچڻ لاءِ راجا ۽ سالارن جون استريون پنهنجي پتار جي لاش سان پاڻ جلائي ستيون ٿيون. پوءِ ڪن مسلم درويشن جون قبرون بہ اُن پاڪ آستان تي نديءَ ڪناري ٺهيون.

**اروڙ جي ڪالڪا**: روهڙيءَ کان چار ميل اُتر طرف سنڌ جي قديم راڄڌاني اروڙ جو ڦٽل شهر هو. جتي رڳو ڪانڪا ديويءَ جو مندر ۽ بہ چار گهر چڱيءَ حالت ۾ ها ۽ ميلن ۾ پتر ٺڪر، ڪنهن قديم عاليشان شهر جا نشان ها. ڪنهن دؤر ۾ سنڌو ندي هاڪڙي سکر وانگر اُتان وهندي هئي تہ هتي هڪ وڏو

شاندار بندر ۽ واپار جو مرڪز هو. اروڙ جي زواليت جا گهڻيئي قصا لکيل آهن. سنڌ ۾ ڏهين صديءَ ۾ جيڪو عضبناڪ زلزلو ٿيو ۽ ٻين ڪئين شهرن وانگر هي شهر به تباهه ٿي ويو ۽ نديءَ پنهنجو رخ بدلايو. ڪن ليکڪن راجا دلوراءِ جي ظلم کي هن شهر جي بربادي‌ءَ جو باعث لکيو آهي.

کهڙي به ڳالهه هجي پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته زلزلي ۾ گهر ۽ محل ڊهي پيا ۽ هزارين ماڻهو مري ويا ۽ جيڪي بچيا سي جدا جدا شهرن ۾ لڏي ويا. ڪي آڪاهيون اڃا به اروڙ ۾ رهيل هيون جو اباڻا پکا ڇڏڻ مشڪل آهن. پوءِ مسلم حاڪمن مٿن ڍلون وڌيون ۽ شهر ۾ نه پوليس نه پهرو، نه اسڪول نه اسپتال ته رهيل کهيل گهر به اروڙ مان لڏي ويا.

اروڙ ۾ ڪالڪا ديويءَ جو مندر جبل جي غار ۾ آهي. ان ديويءَ جي اتر سنڌ ۾ ڏاڍي شرڌا ۽ مانتا آهي ڇو جو ته ڪئين لوڪ اتي باسون باسيندا ها. اتي نوراتريءَ ۾ وڏو ميلو لڳندو هو ۽ نانوائي ۽ ٻيا اچي تنبن ۾ دڪان کوليندا ها. روهڙيءَ کان عام جام ٽانگا پيا ايندا ها. ديوي ماتا تي هزارين ناريلن جي ڀيٽا چڙهندي هئي. مان ميلي تي نه ويو هوس پر جڏهن ويس ته لاڙڪاڻي مان آيل هڪ آڪهه جا شپ سنسڪار تي رهيا ها. ٻين شهرن ما به ڪيترا خاندان، ٻارن جي جهنڊ يا جڻين لاءِ اتي ايندا ها ۽ ٻانيڻ روهڙيءَ مان وني ايندا ها. ڪالڪا ديويءَ جي مورتي هو بهو ڪلڪتي جي ڪالي مندر جهڙي آهي . بدرينات، جڳننات هردوار وغيره تيرٿن جي پنڊن وٽ هزارين سال پراڻين وهين ۾، اسان سنڌي لوهاڻا هندن کي "اروڙ ونشي" لکندا آهن جو اسانجا وڏا اصل ۾ الوڙ جا رهواسي هئا.

**بکر:** ساڌ ٻيلي جي اتر طرف بکر جو ٻيٽ آهي جتان مغلن جا گورنر سنڌ تي راڄ ڪندا ها. تاريخ مان پتو پئي ٿو ته ايرانين يا ٻين ڌارين جڏهن به سنڌ تي ڪاهه ڪئي ته اول بکر جي قلعي لاءِ ڪين سخت جنگ جوٽي پوندي هئي. اسانجي سانيرَ ۾ بکر ۾ ڪابه عمارت ثابت ڪانه هئي، چوطرف پتر نڪر پيا ها. سکر ۽ روهڙيءَ کي ڳنڍڻ واري سڙڪ ۽ ريلوي جي لينسڊائون پل بکر جي ٻيٽ تان هلندي هئي.

**زنده پير:** بکر جي اتر طرف زنده پير جو ٻيٽ آهي. اتي هندو مسلمان مراد پوريءَ لاءِ باس باسڻ ايندا ها پر مجاور ڏاڍو تنگ ڪندا ها. زنده پير کي مسلمان خواج خضر جو آستان چوندا ها ۽ هندو ان کي ورڻ ديوتا، اڏيرو لعل

ڪري چوندا ها. ساڳئي آستان تي ٻئي مذهب گڏجي پوڄا ڪن، اهائي سنڌو سڀيتا جي آخرين منزل هئي. مراد پنيءَ تي مسلمانن جا نذرانا مجاور ڪٺندا ها. اتي هڪ غفا ۾ رڙهي وڃبو هو تہ اندر هڪ ڪشاده ڪمري ۾ جوت پئي ٻرندي هئي ۽ هندو پوڄاري اُتي ورڻ ديويا جي پوڄا ڪرائي پيئا وٺندا ها.

اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ مسلمان ڪنهن بہ الاهي عناصر يعني اگنيءَ جي جوت يا جل جي پوڄا نہ ڪندا آهن. هندن جي روايت موجب اوائل ۾ اهو ورڻ ديوتا جو تيرٿ آستان هو. هندو يوگي، دنيا جي هل هنگامي کان پري اونده ۾ نہ ڏڏنڌڙ جوت تي نظر ٽڪائي ترائڪ ساڌنا ذريعي سماڌي لڳائيندا آهن. پوءِ هڪ مسلم اولياءُ بہ اُتي اچي رهيو جنهنکي هندو- مسلمان. زنده پير چئي پوڄڻ لڳا. گرونانڪ جي جيونيءَ ۾ بہ زنده پير جو احوال اچي ٿو تہ اُن اولياءَ جا مکيہ چار چيلا ها،- ڪبير، نانڪ، رويداس ۽ هندال. انهن پنهنجي مرشد جي اُصل جو آوازبلند ڪيو تہ 'نا ڪوئي هندو، نا ڪوئي مسلم،' سڀ ساڳئي هڪ خدا جا بندا آهيون.

گذريل صديءَ جو آخر ۾ ڪٿي مذهبن جي چرچ تي مسلمان مجاور چوڻ لڳا تہ هندو خواه مسلمانن جي نذرانن تي سندن حق آهي ۽ پوڄارين کي اُن ٻيٽ تان هڪالي ڪڍيائون. تڏهن هندن اُن ٻيٽ جي سامهون ڌرتيءَ تي هڪ وڏو عاليشان ٿان ٺهرايو. اُتي بہ ساڳيءَ طرح هڪ سرنگهہ اندر جوت پئي ٻرندي هئي. اُتي اُڏيري لعل ڪانسواءِ ٻين هندو ديوتائن جون مورتون بہ ٽنگيل هونديون هيون. مسافرن جي رهڻ ۽ کاڌ خوراڪ جو سٺو بندوبست هو. هندو پاڻيءَ واري زنده پير کي چڏي، ان سڪي زنده پير تي ٻارن جي جهنڊ يا ڄٽيا پائڻ لڳا. اُتي چيٽي چنڊ ۽ نوروزي تي شاهي ميلو لڳڻ لڳو. مان اٽڪل ١٩٤٠ع ۾ ٻيٽ زنده پير تي ويس تہ اُتي ڪڪرون- ڪون لڳي پيئي هئي. ڪي مهاٽا رهيل ها. اُتي هڪ ٻيرسن مجاور ارمان ظاهر ڪندي چيو تہ فاقا ڪڍڻ جي نوبت آئي آهي.

## شڪارپور جا تيرٿ

**ڪنواري ڏرمسال:** شڪارپور ۾ ڪنواريءَ ڏرمسال جي ڏاڍي مانتا هئي ۽ اُتي سدائين پرمارٿ جا ڪم ٿيندا رهندا ها. ان ڏرمسال جي پائي وجهندڙ ڀائي گرداس جو اصل نالو ڪنئيالال ڀاٽيو هو. جڏهن اورنگزيب بادشاهہ هندن کي زور زبردستيءَ سان اِسلام ۾ داخل ڪري رهيو هو ۽ گرو گوبند سنگهہ سائس جنگيون جوٽي رهيو هو تڏهن جتان ڪٿان جا هندو جوان گروءَ جي لشڪر ۾ ڀرتي ٿي رهيا ها. تن مان ڀائي ڪنئيالال بہ هو. هن تي ڪم رکيائون تہ جنگ جي

ميدان ۾ قتيلن کي پاڻي پياري.

هو هڪ سچو برهم گياني هو جنهن لاءِ سڀني جيون ۾ پيارو پريو وسي رهيو هو. هو زخميل مسلمانن کي بہ پاڻي پيئاريندو هو. اهو ڏسي گروءَ جي ڪن، پنجابي سالارن کيس پڪڙي گوروءَ جي حضور ۾ پيش ڪيو تہ هي سنڌي، دشمن کي پاڻي پيئاري زنده ڪري رهيو آهي. جڏهن ڪائونس جواب طلب ڪيو ويو تہ چيائين "مان آهيان گروءَ جو داس. مونکي جنهن تنهن ۾ اُهو صاحب نظر اچي رهيو آهي، جيڪو نہ هندو آهي نہ مسلمان. مان ڪنهنکي پاڻي پيئاريان، ڪنهنکي انڪار ڪيان؟"

گرو جن چيس، "ڀائي گرداس! تنهنجو جنم سڦلو ٿيو جو تون مهاتمائن جي منزل تي پهچي چڪو آهين. اسان توتي پرسن آهيون. هاڻي تون وڃي لوڪن جو اڌار ڪر!" ائين چئي گرو جن کين رڌيءَ سڌيءَ جو وردان ڏيئي رخصت ڪيو. تڏهن کان ڀائي ڪنئيالال تي 'بابر گرداس' نالو پئجي ويو. هو شڪارپور ۾ اچي ڪٽ تي ويهي گيان اُپديش ڪندو هو تنهنڪري کيس 'ڪتوارو' بہ ڪوٺيندا ها. هو سڌ پرش هو جو گهرج مهل واريءَ مان ڪنڌ ٺاهيائين ۽ پڳتن کي ڌرمسال ۾ ئي وهندڙ گنگا جيءَ جو درشن ۽ اسنان ڪرايائين.

ڀائي گرداس ڪانپوءِ ان ڌرمسال جا جيڪي بہ گاديسر ٿيا سي بہ سدائين پريوءَ جي پريم ۽ خلق جي خدمت ۾ لڳا رهندا ها. اسانجي هوندي بابا رامداس گاديءَ تي هو جنهن جي پرمارٿ جا ڪم ۽ چمتڪار بيشمار آهن. جڏهن پاڪستان ٺهڻ جو خواب خيال بہ نہ هو تڏهن هي صاحب چوندو هو تہ هندن کي سنڌ ڇڏڻي پوندي. ان سبب هن مونکي ١٩٤٥ع ۾ هڪ باغ ۽ جائيداد خريد ڪرڻ کان منع ڪئي. هو پاڻ ١٩٤٧ع ۾ بمبئي ۾ اچي لڏيندڙن جي وسائڻ جي رٿائن ۾ لڳي ويو. هن صاحب جي دوراندیشيءَ سبب چيمبور ڪوپري ڪالوني ۽ الهاس نگر جا ڪيمپ سنڌين لاءِ سرڪار کان مليا. ورهاڱي وقت جهاز مان ايندڙ لڏيندڙن کي بمبئيءَ ۾ هن سنت جوئي سڳورو درشن ٿيندو هو ڇو جو تہ هو هزارين قلڪا، دال مڱ ۽ ٻارن لاءِ کير آڻي ڌڪي تي بيهندو هو ۽ هر هڪ ڪٽنب کي جدا جدا ڪئمپن ۾ موڪليندو ويندو هو.

شڪارپور ۾ ڪتواريءَ ڌرمسال ۾ نہ رڳو روزانو لنگر لڳندو هو بلڪ اڇيوشن کي ڳجهيءَ طرح گهر ويٺي مدد پهچائبي هئي ۽ نياڻين جا ونواه مهنت صاحب جي خرچ سان ٿيندا ها. ماڻهن جا پاڻ ۾ تڪرار ٿيندا ها تہ مهنت صاحب وٽ اچي فيصل ڪرائيندا ها. خود ڪورٽ مان پائيبندن جا ڪئين مقدما مهنت صاحب ڏانهن موڪليا ويندا ها. شهر ۾ پليگ، ڪالرا تپاولي وغيره پوندي هئي تہ ياءَ، ياءَ کي ڇڏي ڀڄي ويندو هو پر مهنت صاحب خود پاڻ وڃي بيمارن جي

خذمت ۽ دوا درمل ڪندو هو. ماڻهو شهر ڇڏي ويندا ها تہ چورن چڪارن کان بچاءَ لاءِ چوڪيدار رکندا ها ۽ رات جو پاڻ بہ گهمندا ۽ نگهباني ڪندا ها. مطلب تہ ڪتواري ڏرمسال شڪارپورين جي ابي- امر مثل پرگهور لهندي هئي.

ڏرمسال ۾ جهونجهڪري جو بابا جن پاڻ يوگ جا آسن، ڪريائون ۽ پراڻايام سيکاريندا ها. صبح سانجهيءَ ڪٿا ڪيرتن ٿيندو هو. پاڻ جڏهن پريم سان ڳائيندا ها تہ ٻڌندڙن جي اکين مان لڙڪ پيا وهندا ها. هن صاحب سنڌي سلوڪن ۾ ڀڳوت گيتا ناهي ۽ ساميءَ جا سلوڪ جهڙا هزارين سلوڪ ڇپيا جيڪي ستسنگ ۾ ڳائيندا ها. هن بمبئي ڪار ۾ ڪتواري ڏرمسال قائم ڪئي ۽ ۱۹۵۴ع ۾ ديو لوڪ پڌاريو تہ ڀائي قيمت رام کي پنهنجي گاديءَ تي وهاري ويو. هيءُ سنت بہ پرمارٿ جا گهڻا ڪارج ڪندو آهي ۽ سندس نئون نالو باب هريداس آهي.

**سامي چيئنراءِ لند**: سنڌ ۾ شاهہ، سچل ۽ سامي، وڏي ۾ وڏا شاعر ۽ سنڌڙيءَ جي روح جي ترجماني ڪندڙ ٿيا ها. ڀائي چيئنراءِ لند، جيڪو "سامي" نالي مشهور آهي، اُهو هڪ ڀائيبند فرم، ڀائي گنگارام ٿنڌڻ ملاڻيءَ وٽ نوڪري ڪندو هو ۽ سيٺين جي مال وڪري يا خريديءَ لاءِ پنجاب ايندو ويندو هو. ڪهڙي نہ عجب جي ڳالهہ آهي جو اهڙي روجي ڏنڌوري ماڻهوءَ هڪ مهرشيءَ وانگر ويدن جي واڻي، ويدن جا ڳوڙ رهسيا سرل، سيڪ ۽ گهڙونيءَ سنڌي ۾ سمجهايا آهن!

ڀائي چيئنراءِ نڪي چيلا ٻڌايا ۽ نڪي ڪو ٽڪاڻو برپا ڪيائين. جيڪي هزارين سلوڪ چيائين تنهن ۾ بہ پنهنجو نالو نہ وڌائين پر پنهنجي گروءَ سامي مينگهراج ڀاڻيڻ جو نالو امر ڪيائين. سنڌ جي سيني درٻارين ۽ ٽڪاڻن ۾ ستسنگ شروع ڪرڻ کان اڳ، ملي ڪري اهي سلوڪ لات سان ڳائيندا ها.

ڀائي چيئنراءِ جو اباڻو گهر، ننديءَ بازار ۾ اسانجي ڏاڏاڻي گهر جي ويجهو، جڳل ڀياري ٿان جي سامهون هوندو هو. هو حياتيءَ جا آخرين سال وڃي امرتسر رهيو هو جتي هنڪي ٻڍاپي ۾ پٽ ڄائو. هن ۱۸۵۰ع ۾ ديو لوڪ پڌاريو. پٽنهنس گهنشامداس شڪارپور اچي پنهنجو اباڻو گهر وڪڻي ويو ۽ سندس ڏنڌو ۽ عال اولاد امرتسر ۾ ئي ٿيا. هو پاڻ ۱۸۸۳ع ۾ اُتي ئي سرڳواسي ٿيو.

سامي صاحب جي ڀڳتي، گيان، ويراڳ پريل سلوڪن، شڪارپورين جي وهنوار تي اهڙو اثر ڪيو جو اهو شهر ڌرم ۽ خيراتي ڪمن جي راڄڌاني بڻجي پيو هو. ڀڳتي معني تون مالڪ مان تنهنجي حڪم جو بندو، سڀ ڪجهہ تنهنجو، واپار ۾ نفعو نقصان، غريبي اميري، سڀ تنهنجي. مان فرني کان فارغ، نيارو ۽ نرليپ، جيئن هلائين، تيئن هلندو رهان. جهڙي بہ حال ۾ رکين، شڪر- شڪر.

پنهنجي مهر سان نهال ڪر! مالڪ سان ملڻ ۽ ان جو پيار حاصل ڪرڻ ۽ آنند ۾ رهڻ جو ڪهڙو نہ سولو رستو!

سدا ڪر شڪر، سامي در دوستن جي،
پاوين ملي مليدو، پاوين سڪو ٽڪر،
رکي چاهہ اندر ۾، گهٽ وڌ ڪڏي نہ گهر!
ٿور اُنهيءَ ۾ ٿر، تہ خاصو خلوتدار ٿئين.

**گيان:** اُن صاحب جي ڪا شڪل صورت ناهي ۽ نڪي ان ڪي ڪنهن پاڪ زيارت گاهہ يا پتلي ۾ محدود ڪري سگهجي ٿو. پر ان جي خدمت ڪرڻ سان پاڻ سڪي ٿبو. جيڪو اٿاهہ آهي ۽ جنهنجي ڪا صورت ڪانهي تنهنجي سيوا ڪيئن ڪري سگهبي؟ هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ ڏسجي يا پاسجي ٿو سو اُهو سچو صاحب پاڻ آهي:

هزارن جي هڪ، ڳالهہ پڌائي ستگروءَ،
خلق وسي خالق ۾، خالق منجهہ خلق،
پيهي ڏس پرتيت سان، سامي رکي سڪ.
ڪوهہ چئين ٿو چڪ، در در ديوانن جان!

دکين جو دک دور ڪريو، اٿو لٿو ۽ اجهو ڏيو. جنهنڪي ڏجي تنهنڪي صاحب سمجهجي ۽ پاڻ ڪي ٿهليو. هيءَ زندگي سيني جي سوا ۽ پريم ڪرڻ سان ئي سڪار ٿئي ٿي، سنسار ۾ رڳي، محبت ۽ خدمت هجي تہ هيءَ ڌرتي بهشت بڻجي پئي!

قدرت تنهنجي قادرا، ڏسي من ٺري،
ڪا ٿي سلطانن سلطان ٿين، ڪا ٿي در در بيک ڪرين،
ڪا ٿي لک لٽائين ڏينهن ۾، ڪا ٿي ڪوڏيءَ ڪاڻ مرين!
ڪا ٿي صورت جو سردار ٿين، ڪا ٿين موهين ذوق ذري.

**ويراڳ:** جمڻ ڪان اڳ اسين ڪٿي هئاسين ۽ موت ڪانپوءِ ڪاڏي ويندا سين؟

ٿورن ڏينهن جو نڪاڻو. هي سنسار مسافر خانو نہ ٿيو تہ ڇا ٿيو؟ ٻيا بہ الائي کهڙا جيو، ڪٿان آيا آهن ۽ وقت تي الائي ڪيڏانهن هليا ويندا ۽ زال ٻار ٻائر ٻينر چوائجن ٿا. انهن کي 'منهنجو' سمجهي موهہ ممتا رکون ٿا! انهن لاءِ خون پسينو وهائي مال مليدا ۽ دولت ڪٺي ڪيون ٿا! يا هن بدن کي بہ پنهنجو سمجهي، مانَ وڏائي لاءِ جهيڙا جهٽا ۽ جفاڪشي ڪيون ٿا! سيني ٻاپن، فڪر ۽ فرنن جو بنياد اهو 'منهنجو پڻو' آهي. اهي پدارث، مت مائٽ ۽ هي سرير مسافر خاني ۾ ئي ٻيا هوندا. اسان رڳو نيڪيءَ ۽ بديءَ جا ڪرم ٻاڻ سان کڻي اڪيلا هليا وينداسين. هن سراءِ ۾ پرماتما ڪانسواءِ ڪو بہ نيبهہ ڪونهي ۽ اُن خاوند جو گهرئي، اسانجو اصلي سچو گهر آهي.

جيئن ٻيڙيءَ جو پور، تيئن لوڪ ڪٽنب جا،
جني منيا پانهن جا، سي ٿيا چڪنا چور،
ثابت رکج مور، منان شاهہ ٻجني ليڪڙو!

ساميءَ جي اِن ڀڳتي گيان ويراڳ جي اثر ۽ عمل ڪري، شڪارپور جو شهر هڪ ڌرم ٻومي هئو.

**ساڌن جو مندر:** سنڌ واهہ جي رستي تي هن آشرم ۾ سنت مهاتمائون پنهنجي جپ تپ ۾ لڳا رهندا ها. اُتي گهاٽا ميويدار وڻ، نرسنگهہ ڀڳوان جو مندر ۽ سنسڪرت پاٺشالا هوندي هئي. هن مندر جي گاديسرن کي منترن سان بيماريون ڇٽائڻ جي عجيب مڻيا هوندي هئي. جيتوڻيڪ مهنت صاحب ٿوري گهڻي دوا درمل بہ ڪندا ها پر اڪثر ناعلاج مريض سندس منتر ۽ جهاڙ وجهڻ سان شفاياب ٿي ويندا ها. هن آستان جو اتهاس بہ عجيب هو.

ايران جو ظالم نادرشاهہ، دهليءَ جي شهنشاهہ کي شڪست ڏيئي، ڦرلٽ جي لکن اُٺن سان ڳڌ، برجواسي براهمڻن کي بہ غلام بڻائي وٺي پئي ويو. جڏهن اُهي شڪارپور وٽان ٿي لنگهيا تہ شڪارپوري پنچايت پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري، اُهي غلام خريدي کين آزاد ڪرايو. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند "هندن جي تاريخ" ۾ لکيو آهي تہ سيٺ هر چندراءِ وشنداس جي بزرگن ۽ ٻين سنڌي سرمايدارن بہ ان نيڪ ڪم ۾ چندو ڏنو هو. انهن آزاد ٿيل غلامن ۾ هڪ مهراج شامداس هو جنهن سپني ۾ هڪ پپل جي وڻ پرسان کوهہ ۾ نرسنگهہ ڀڳوان جي مورتي ڏٺي. صبح ٿينديئي شڪارپور جي ڪوٽ کان ٻاهر نڪتو تہ برابر اُهو وڻ ۽ کوهہ اندر اُها مورتي

مليس. اُن جڳهه تي هن مورتيءَ جي استاپنا ڪئي ۽ پوڄا ڪرڻ لڳو.

**ٻالڪرام جي مڙهي:** لکيدر جي ويجهو هيءَ مڙهي مهاتما ٻالڪرام نالي هڪ جنهنجو ٿيون نيتر ڪليل هو ۽ ڏاڍو رحمدل هو. هڪڙي ڏينهن سنڌ واهه تي گدامن پرسان شريمد ڀاڳوت جي ڪٿا پئي ڪيائين ته اوچتو اچي رئڻ ۾ چتڪيو جو بس ئي نه ڪري، سيٺي وائڙا تي ويا ۽ سبب ٻڌايائين ته قلاٽي ڳوٺ ۾ سخت باهه لڳي آهي جو ڏور ڏڳا ۽ ٻالڪ جلي رهيا آهن. هو اڪثر اهڙا نظارا ڏسندو هو جيڪي جاچ ڪرڻ تي سچا نڪرندا ها.

هن جي مڙهيءَ ۾ سيني ديوتائن جي استاپنا ٿيل هئي ۽ جدا جدا ڌرم شاسترن جون ڪٿائون ۽ ستسنگ پيو ٿيندو هو. هن کي سرڳواس ٿئي ڪئين سال ٿي ويا ها ته به هر روز لنگر لڳندو هو ۽ هزارين ماڻهو قطار ۾ ويهي پيٽ ڀري کائيندا ها. مکيه مانيءَ کانپوءِ به سڄو ڏينهن ڍوڍي ساڳ جو پرساد ملندو رهندو هو. جيڪي مسلمان، مقدمن جي سلسلي ۾ شڪارپور ايندا ها سي اڪثر اُتي ماني کائيندا ها ڇو جو ته مفت کاڌو به سٺو هوندو هو ۽ ڏاڍي پريم سان ڏئي ڪري کارائيندا ها.

شڪارپور ۾ رواج هو ته مرڻ وقت فوتيءَ کان سيڌي سامان تي هٿ لڳارائي، اُهي ڳوٿيون مڙهيءَ ۾ موڪليندا ها. ڪنهن جي شادي يا مراد پنيءَ تي به مڙهيءَ ۾ ڀنڊارو ڪرائيندا ها. اُن وقت لنگر ۾ کيرٽي پوريون جليبيون ۽ پلاءُ وغيره ٺهندو هو. ڀنڊاري جي ضرورت لاءِ، سيٺيون به ڪٺل سامان ميسر ڪرڻ ۾ فخر وٺندا ها.

رام نومي ۽ جنما اشٽميءَ جي موقعي تي، مڙهيءَ ۾ بندرابن کان رام ليلا ۽ راس ليلا جون منڊليون ايندڀون هيون. بعضي بعضي پڳتن کي به ٻاهران گهرائيندا ها. ٻڌو اٿم ته اُلهاس نگر ۾ ٻالڪرام جي مڙهي کولي وئي آهي جتي شڪارپور وانگر ڪٿا ڪيرتن ۽ ڀنڊارا ٿيندا رهندا آهن.

**شنڪر ڀارتي آشرم:** سنڌ واه جي اوريون هن آشرم ۾ ڪتيءَ جي گيارس تي وڏو ميلو لڳندو هو نه ته سڄو سال اُن آشرم جي ايڪانت ۾ ساڌو مهاتمائون پنهنجي ساڌنا ۾ لڳا پيا هوندا ها. اوائل ۾ سوامي اديدانند ڀارتي، افغانستان جي غزني شهر ۾ پنهنجي گروءَ جو ويدانت آشرم سنڀاليندو هو. هو هر سال شڪارپور ايندو هو ته پنهنجي گروءَ جي اُن آشرم جي به نگهباني ڪندو هو. متياري هالن جي ڀائي ناراڻداس کي هن ديکيا ڏيئي شنڪرانند ڀارتيءَ جو نالو

رکيو. اُن سنت انهيءَ آشرم ۾ گھڻو سڌارو ۽ واڌارو ڪيو ۽ تڏهن ١٨١٣ع کان اهو آشرم شنڪر پارتيءَ جي نالي سڏجڻ لڳو. هن جڏهن ٻڌو ته سندس گرو غزني ۾ ديو لوڪ پڌاريو تڏهن هن آتان گروءَ جون هائيون آڻي هن آشرم ۾ گروءَ جي سماڌي ٺهرائي ۽ پوءِ جڏهن ١٨٨٥ع ۾ پاڻ چولو ڇڏيائين ته گروءَ جي پيرانديءَ کان سندس ڏيوري ٺهرايائون.

**سنگھن واري ڌرمسال:** جڏهن گرو گوبند سنگهه، اورنگزيب سان جنگيون جوٽي رهيو هو، تڏهن شڪارپور جو پائي ديالسنگهه، سکن جي فوج ۾ سورهيائيءَ سان لڙيو هو. هو جڏهن وڏيءَ اوسٿا جو ٿيو ته گروجن ڪيس پنج هٿيار (تلوار، ڪرپاڻ، تير، چڪر ۽ نيزو) ڏيئي رخصت ڪيو ۽ آگيا ڪئي ته سنڌ ۾ وڃي ڌرم ۽ سورهيائيءَ جو پرچار ڪر. چو جو ته ڌرم ڪرم. انگ ننگ ۽ هيٺن جي حفاظت، پراڪرم سان ٿيندي. باب ديال نئديءَ بازار وٽ 'اڪال بونگو' برپا ڪيو جنهنکي سنگھن واري ڌرمسال چوندا ها. آتي اِهي هٿيار به رکيا هوندا ها. هن گهر گهر ۾ سک ڌرم جو پرچار ڪيو. هن ڪانپوءِ جيڪي سڄڻ سندس گاديءَ تي ويٺا سي به اڪالي ڪوئبا ها.

**سماڌ آشرم:** هتي اوائل ۾ گرپوتن جي شمشان ڀومي ۽ ڏيوريون ٺهيل هونديون هيون. هن وقت هن آشرم جي گاديسر مهراج شو پجن جي شهر ۾ ڏاڍي مانتا آهي. آشرم ۾ هر روز ڊوڊي ساڳ جو پرساد ٿيندو آهي. هر جمع ڪٿا ڪيرتن ۽ ماهه ڀرين آرتوار تي وڏو ميلو لڳندو آهي.

**پرمانند پندار:** لکي در کان ڏيڍ ميل پري ڳاڙهي بنگلي جي ويجهو پائي چوڪسرام جي باغ ۾ پائي پرمانند وڏو ميلو لڳائيندو هو. هنجي واڻيءَ ۾ تاثير هو ۽ ساميءَ جي سلوڪن جي طرز تي پاڻ به ڪي سلوڪ ناهيندو هو. هنجا گهڻيئي شرڌالو پکٽ ها. ورهاڱي کانپوءِ هن ڀارت ۾ هردوار ۽ بمبئي کار ۾ پرمانند پندار کوليا. ١٩٨١ ۾ پرلوڪ پڌاريو.

**جڳل پياري ٿان:** اڏيرو آمرلعل جڏهن سڄيءَ سنڌ جي هندن کي آٿت ڏيڻ لاءِ رٿن پئي ڪيو تڏهن شڪارپور ۾ ان آستان تي اچي رهيو هو. تڏهن کان لوڪ چوڻ لڳا ته "ٿاروءَ رات ۾ اڏيرل آيو" اُن پوتر آستان تي سانده جوت ٻرندي رهندي هئي ۽ ٻين شهرن مان به ڪئين لوڪ زيارت ڪرڻ ايندا ها ۽ چيٽي چنڊ تي

ميلو لڳندو هو.

**مسند دربار:** شڪارپور ۾ هيءَ به هڪ ڌارمڪ آستان هو جنهنجي زيارت ڪرڻ لاءِ شرڌالو سک ايندا ها. گرو صاحبن، ڀائي ڏنراج کي قنڌار، بلوچستان ۽ سنڌ لاءِ پنهنجو مسند مقرر ڪيو هو. ڀائي ڏنراج ۽ سندس پوين خالصا ڌرم جو ڏاڍو واڌارو ڪيو. اوّل سندن مکيه دربار روهڙيءَ ۾ هئي. اُها گرو پوٽن کي ڏيئي، پاڻ اچي شڪارپور ۾ دربار کوليائون. ان دربار جا گاديسر سنگيت وديا ۾ ماهر هوندا ها.

**دوارڪانات جي مڙهي:** هن مڙهيءَ جو گاديسر راجا پير چندرنات هوندو هو. هو ڪجهه وقت شڪارپور ۾ ڪجهه وقت ڏکڻ ڀارت جي ڪنڙ ۾ وئل گام ۾ رهندو هو جو اُتي به وڏو مٺ هئس. پنهي هنڌ ساڌڪن کي يوگ جون ڪريائون سکاريندو هو. پاڻ وڏيءَ چمار جو هوندي به يوگ جون ساڌنا سبب سدائين ڪلمک نوجوان پيو لڳندو هو. ورهاڱيءَ ڪانپوءِ هن اولهاس نگر ۾ ساڳي مڙهي کولي، اُن ۾ درگا ديويءَ جي مورتي استاپن ڪيائين. هن يوگ وديا تي به ڪتاب به ڇپايا ها. هو ١٩٧٧ع ۾ منگلور ۾ ديولوڪ پڌاريو.

**جمناداس جي مڙهي:** چرين ڀانيٽن جي چاڙهيءَ وٽ هيءَ قديم آستان هوندو هو، جنهن ۾ ديويءَ جي مورتي هوندي هئي. ڪنهن زماني ۾ اُتي دنيا کي ترڪ ڪيل ڪن ڦقا جوڳي ساڌنا ڪندا ها. ڀائي جمناداس جا ڪن به چيريل ها جن ۾ هو ڪاٺ جي مدرائن بدلي سوني جا وڏا ٻلڙا پائيندو هو. جن ۾ سچا موتي ۽ چونيون پيو چلڪنديون هيون. ڪاڏي ڀبوت لڳائيندڙ، ڪفني پائيندڙ جوڳي ۽ ڪاڏي جوڳي جمناداس ۽ ريشمي ڪپڙا، اٿاهه مايا ۽ راجائي ٺاٺ!

مان ١٩٢٠ع ۾ ڏٺو هو ته اٽڪل ٧٥ ورهين جو هو ۽ پنهنجي شاندار چوچاڪي گاڏيءَ تي ڏاڍي دٻدٻي سان نڪرندو هو. سندس گهوڙن جهڙا جبرا ۽ ڊيل ڊؤل وارا گهوڙا سڄيءَ سنڌ ۾ مشڪل هوندا. گاڏيءَ پٺيان تختي تي، هڪ وردي پهريل نوڪر مورڇل ڪٽي بيٺو هوندو هو. شام جو هي پنهنجي باغن جي نگهباني ڪرڻ نڪرندو هو.

اُن مڙهيءَ جا ڀڳت به گهڻا هوندا ها. نوراترين ۾ ديويءَ جي مها پوڄا، ڪيرتن ۽ يگيه ڪندا ها.

**مائي رام پياري:** اسانجي پاڙي بوداڻن ۾ ڀائي ڏيپچند هندوجا جي ڌيءَ 'مينگهي' منهنجي عمرجي هئي پر ننڍي هوندي کان ئي پريو پريم ۾ مگن رهندي هئي. ساماڻي تہ ڀائي گوپالسنگهہ بجاج سان شادي ٿيس ۽ وواه جو نالو نڪتس 'رامپياري' ۽ ان نالي سان مشهور ٿي. ١٩٢٦ع ۾ وڏوا ٿي تہ زالن ۾ ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن شروع ڪيائين. آن ستسنگ ۾ غريب زالن جي مدد لاءِ سرمو، عرق ۽ ٻيون دوائون بہ ڏاهينديون هيون.

مائي رام پياريءَ جي ٻچن ۽ ڪٿائن ۾ اهڙو رس هوندو هو جو ستسنگين جي منت ڪري ڪراچيءَ ۽ ڪوئيٽا ۾ بہ 'نرمل ناري ستسنگ' کوليائين. ورهاڱي ڪانپوءِ هن ڪاڄ بمبيءَ ۾ "ماتا واري ڌرمسال" کولي. اتي بہ سنت وانگر ڪٿا ڪيرتن ۽ ٻيا پرمارٿ جا ڪارج ٿيندا آهن. هوءَ پڻ سرڳواس ٿي وئي آهي.

**ٻڍل فقير جي درگاهہ:** شڪارپور کان بہ ڪوهہ پري بخشي اَنڙ جي ڳوٺ ۾ ١٨٦٥ع ۾ هڪ الله جو پيارو درويش ڄائو جيڪو ٻڍل فقير جي نالي مشهور ٿيو. هو ننڍي هوندي ئي روحاني موج ۽ غيب جي انتهائي غلبي ۾ غرق ٿي ويندو هو تہ سندس مائٽ هراسجي ويندا ها تہ ڇوڪر تي ڪنهن جن ڀوت جو ڀاڇو پيو آهي. تنهنڪري پيرن ۽ اوجهن کان جهاڙ ڦونڪ جو علاج ڪرايائونس پر مورڳو پيرن ۾ ڇيڙيون ٻڌي، هٿ ۾ يڪتارو کڻي، رب کي ريجهائڻ لاءِ نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو. عزيزن سمجهو تہ بنهہ ڪل ٽڙي وئي اٿس تہ ٻين علاجن سان گڏ ڏنڀ بہ ڏئاريائونس مگر هي سنت اُن مولائي منزل تي پهچي چڪو هو جتي هر چيز ۽ ساهواري ۾ ڪيس داتا جو ديدار پئي ٿيو:

وهہ دلبر ڪر سينگار آيا، هر صورت دي وچ يار آيا!
ڪا ٿي تخت مٿي تيار ڏنم، ڪا ٿي چٽو چوڪيدار ڏنم،
ڪا ٿي ڪارائتو ڪمدار ڏنم، ڪا ٿي ناچو ٿي نروار آيا.

مونکي ائين لڳندو هو تہ ڄڻ ويدن جو گيان سوليءَ سنڌيءَ ۾ ٿو ٻڌائي. ڀڳوت گيتا جي ١٨-٥ سلوڪ ۾ ڀڳوان ڪرشڻ ٿو چئي:

علم ۾ اڪابر ۽ فضيلت ۾ فاضل برهمڻ، ڳانءِ، هاٿيءَ، ڪتي ۽ چانڊال جي شڪلين ۾، گيان پنڊتن کي اُهو هڪ ساڳيو سائين موجود ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهڙيءَ طرح بقول ڀڳوان ڪرشن جي ٻڍل فقير مها گياني هو.

اُنهن ڏينهن ۾ ننڍي وڏي جي وات تي هن جو ڪلام هوندو هو. هن وٽ

سدائين پريوءَ جي پيارن جو ميلو متو پيو هوندو هو. مان چار ميل کهي ٻه هن وٽ وڃي ويهندو هوس ته هڪ انتهائي سڪون محسوس ٿيندو هو. جيڪا به شئي چيز، انت زيتون ڪارڪون وغيره وڃي پيتا رکندو هو مانس ته بروقت سنگت ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. هو بدن ۾ پريل هو ۽ پروچڪا ڪپڙا ۽ چتڪي جتي پائيندو هو. لٺ هوندي هٿس پر پڳڙ بدلي تلهي ٽوپي پائيندو هو. ڏاڙهي، مڇون ۽ وار سڀ پروچڪا پر محبتي طبيعت، سڀ جي ڀلائيءَ ۽ ڀڳتيءَ ڪري خلق ڇا پر وڏا وڏا عالم ۽ عملدار هن جي قدمبوسيءَ لاءِ ايندا ها.

جڏهن ١٩٣٩ع ۾ هن جو روح وڃي حق سان هڪ ٿيو ته سندس تربت تي هڪ عاليشان مقبرو نهرايائون، جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. پنهنجي مرشد جون کهڙيون منڙيون ڳالهيون ٻڌائي کهڙيون ٻڌايان! سياڳا آهيون اسين جن کيس يڪتاري تي ڳائيندو ۽ نچندو ڏٺو! جڏهن مالڪ جي محبت جي جذبي ۾ اچي ويندو هو ته سندس قلب مان جيڪو ڪلام نڪرندو هو سو ٻڌندڙن کي آنند ۾ سروبار ڪري ڇڏيندو هو:

بنا محبت سچي رب جي، جيئڻ جڳ ۾ ڪوڙو آهي،
ٻئي محبت سندي بازي، ڪيڏن گنؤ گهوٽ ڪي غازي،
ريجهائي رام ڪيائون راضي، سوريءَ سرڙا ڏنائون ساهي،
ٻڌل هڻ نينهن جو نعرو، وجودئون ٿيءُ ويسارو،
لاهي ڇڏ لوڪ جو لاڙو، تنهنجو وري عام سان ڇاهي؟

**درگاهون ۽ مسجدون:** شڪارپور جون درگاهون ۽ مسجدون به تواريخي نشان آهن. هاٿيدر وٽ **حاجي فقير الله علويءَ** جي درگاه آهي جتي سندس عرس جو ميلو هر سال ڌوم ڌام سان ملهائيندا آهن. هن بزرگ جي جيوني، مون "علوي" ذات ۾ ڏني آهي ته اها درگاهه سنڌ ۾ تبليغ ۽ ديني تعليم جو وڏي ۾ وڏو مرڪز هو ۽ احمد شاهه عبدالي ۽ ٻيا وڏا بادشاه هن جا عقيدتمند ها.

لکي در تي پير **نظام الدين سرهندي** جي درگاهه هئي. هو وڏو عالم ۽ شاعر هو ۽ سندس تخلص "نظام" آهي. هن کي دهليءَ جا بادشاهون ۽ احمد شاهه عبدالي به پنهنجو مرشد ڪري مڃيندا ها ۽ کيس وڏيون جاگيرون ڏنيون هئائون. هن ١٨٣٥ع ۾ وفات ڪئي. اهڙي عالم انسان لاءِ ميجر گولڊسمٿ پنهنجي ڪتاب "Historical memoir on Shikarpur" ۾ لکيو آهي، "شڪارپور ۾ رهندڙ پير

نظام الدين سرهندي پڊو ۽ ڪاٺو آهي، ڊگهي ڏاڙهي اٿس، ناس جي دہلي ۽ لٽ ڪئي گهمندو آهي. هو عالم آهي پر عمل اِهو اٿس جو اڳلين گهٽين زالن هوندي بہ هڪ ننڍڙي نئين ڪنوار ورتي اٿائين. اُن ننڍڙي نينگر جا ماءُ پيءُ اهڙي پڊي پير کي پنهنجي نياڻي ڏيڻ ۾ فخر وٺن ٿا!"

لڪيدر تي عاليشان جامع مسجد، احمد شاهہ عبداليءَ جي گورنر نواب سعادت خان ٺهرائي هئي. مان ڊيگهہ جي ڊپ کان قديم مسجدن ۽ مندرن جو ذڪر نٿو ڪيان.

شڪارپور جي اُپتار ان لاءِ ڪئي اٿم تہ هي قديم شهر هو پر پنهنجي قوم کي پڙائڻ لاءِ مسلم تاريخ نويسن لکيو آهي تہ هجري سن ١٠٢٦ يعني ١٦١٥ عيسويءَ ۾ دائود پوٽن جي هڪ قبيلي، مغل شهنشاهہ اورنگزيب جي بکر واري ناظم کان شڪار گاهہ جي زمين وٺي اُتي اهو شهر پڏايو هو. اورنگزيب جو جنم ٿيو ٢۴- ١٠- ١٦١٨ع ۾ تہ هنجي جمر کان ٽي سال اڳ هنجو ناظم بکر ۾ ڪيئن هوندو!

# شڪارپور شهر

جنهن زماني ۾ ريلون نہ هيون، ڪافلن ذريعي واپار هلندو هو، اُن وقت شڪارپور شهزاديءَ جي جواني هئي. ڏارين ملڪن جا سوداگر سوين هزارين اُٺن گهوڙن ۽ خچرن تي مال لڏائي، فوجي رسالي جي پهري هيٺ، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ خريد فروخت لاءِ ايندا ويندا ها. ايران، خراسان، ترڪستان، بخاري ۽ روس وغيره ملڪن جي واپارين کي مهين جي اڙانگن پهاڙي پنڌن کانپوءِ هندستان جو پهريون مکيہ شهر شڪارپور ملندو هو. قنڌار، شڪاربورکان رڳو ٢۵٠، ميل پري هو.

ان جياگرافيڪل پوزيشن ڪري شڪارپور جي اهميت وڌيل هئي. سرپوسٽنس لکيو آهي:

Shikarpur, the greatest part of Sindh, and the city of greatest commercial importance beyond the Indus from its extensive banking influence over the whole of central Asia as well as other countries, is situated on the high road to Candhar, by the great pass of Bolan. Its position will always give it a direct influence on the trade of Indus and Countries beyond.

اهڙيءَ طرح ٻين ڪيئن انگريز ۽ پورچوگيز ليکڪن لکيو آهي تہ شڪارپور نہ رڳو سنڌ ۽ هند جي واپار جو تختگاهہ هو پر وچ ايشيا ۽ ٻين ڏورانهن ملڪن ۾ اُن

جهڙو وڏو واپاري مرڪز بيو ڪونہ هو.

شڪارپور جا شاهي گنگ واپاري، ڪافلن جا ڪافلا خريد ڪندا ها ۽ ڪين هندستان جي هر قسم جو مال سهانگن اگهن تي ڪافلا پري ڏيندا ها. ڌارين سوداگرن کي پري ويڃڻ جي ضروت نہ ٿيندي هئي. شڪارپور ۾ کين بئي وڏي سهوليت اها هوندي هئي جو کين ڪنهن بہ ملڪ جو ناڻو ۽ اُن ملڪ جي وڏن شهرن تي رسيدان ملي سگهنديون هيون ڇو جو تہ اُتي پرڏيهي ناڻي جي متاستا جو وڏو واپار هلندو هو. ٿيون تہ پلاوٽن معرفت اوڌر تي ڪيترو بہ مال خريد ڪندا ها تہ منع نہ هئن. اهو مال پنهنجي ملڪ ۾ وڪڻي، اُتي شڪارپورين جي پيڍين يا گماشتن کي ناڻو ڏيندا ها. پنهنجي موريءَ ڪانسواءِ واپار ڪرڻ جي اهڙي سهوليت بئي ڪٿان ملندن! ڏيڍ بہ سوَ سال اڳ انگريزن شڪارپور جي واپار ۽ بينڪنگ سرشتي نسبت جيترا ڪتاب لکيا آهن اوترا هندستان جي بئي ڪنهن بہ شهر لاءِ لکيل ناهن. ١٨٣٠ع ۾ آرٿر ڪونوليءَ نالي هڪ سلانيءَ لکيو آهي: "شڪارپوري شاهوڪار هندو آهن ۽ سندن واپار گهڻن ملڪن سان هلي ٿو. هو ڏاڍا چالاڪ ۽ قابل آهن ۽ پشتو، بلوچي، پارسي ۽ ترڪستاني بوليون ڳالهائي سگهندا آهن."

منهنجي سانپر ۾ شڪارپور جو اُهو اوج اقبال نہ رهيو هو. روس ۾ انقلاب ڪري، شڪارپوري بخاري، تاشقند، سمرقند وغيره ۾ اگر تگر وڃائي، پنهنجو ڪاروبار بند ڪري موٽي رهيا ها تہ بہ ايران بندرآباس قنڌار طهران آفريڪا وغيره ملڪن ۾ سندن ڪاروبار زور هو ۽ روس بدران ڏکڻ پارت ۾ پيڍيون وجهي رهيا ها. اُنوقت بہ اهڙو ڪو گهر ورلي هوندو هو جنهنجو ڪونہ ڪو ياتي ولايت نہ هجي. خود منهنجو نانو، سهرو ۽ منهنجا پنج چاچا، ماما، بخاري، يارقند وغيره مان تي آيا ها ۽ پوءِ قنڌار، چمن، ڪوئيٽا ۾ وچي دڪان کوليا هئائون ۽ اُتي باغ ۽ گهر ورتا هئائون. اسان ڪوئيٽا جي زلزلي تائين گرمين ۾ اُتي وڃي رهندا هئاسون.

شڪارپور جي بناوت دنيا جي قديم شهرن جهڙي آهي جيئن بخاري، سمرقند، استمبول وغيره جي مکيہ بازارين مٿان ڍڪ آهن تيئن شڪارپور جي مکيہ بازار مٿان ڍڪ هوندو هو ۽ اُس مينهن ۽ گرم جهولن کان بچاءُ هوندو هو. اُنهن قديم شهرن وانگر هيءُ بہ اوائل ۾ هڪ زبردست قلعو هو جنهن مان اچڻ وڃڻ لاءِ آٺ شاهي دروازا هوندا ها. سج لهڻ تي اُنن دروازن تي وڏا قلف لڳائي بند ڪندا ها. اُنن دروازن تي پوليس جا ٿاڻا هوندا ها جيڪي ٻاهران ايندڙن تي سخت اک رکندا ها. اهو انلاءِ ضروري هو جو انگريزن کان اڳ گهوڙيسوار ڌاڙيلن جا ٽولا اچي شهر ڦريندا ها.

اسانجي سانپر ۾ ١٩١٢ تائين قلعي جي ٿلهي ديوار ڪٿي پڳل پريل حالت ۾ وجود ۾ هئي. انن دروازن مان لکيدر شهر جو نڪ هو جتي شهر اندر وڃڻ لاءِ ونگ هوندي هئي. ميدان جي وچ ۾ هڪ گهنٽاگهر هو جيڪو اڪثر غلط وقت ڏيکاريندو هو، ڇو جو ته سندس ڪانٽا ڏبرن ڍڳن وانگر ڏمي ڏمي چرندا ها ۽ موڊ پوندو هئن ته ٿڪ به پيجندا ها. لکيدر تان ست رستا ڦٽندا ها. اهو ميدان هڪ وڏيءَ ڪلب مثل هوندو هو. جتي ڪاڌي پيتي جا سڀ سواد هوندا ها ۽ رونق متي پئي هوندي هئي، خاص ڪري شام جو رابيل موتئي جا هار پيا وڪامجندا ها ۽ ڇئل ڇبيلا جوان، وڳن تي گلاب جو پاڻي ڇٽڪائي گهمڻ ايندا ها ته هبس وارو ماحول هبڪار سان تر ٿي ويندو هو. هڪ طرف گلن سان پريل گٽيس باغ ۾ ماڻهو تاس راند يا ڳالهيون پيا ڪندا ها. دڪانن جي ٻاهران بينچون پيون هيون جتي يار دوست اچي حالي حوالي ٿيندا ها. آتون جي رات ئي ڏينهن ٿيندي هئي. چؤ طرف گيس جا گولا پيا ٻرندا ها. ڏنڌي وارا سڄي ڏينهن جي خفي ۽ ڪشمڪش جي حرارت متائڻ لاءِ لکيدر تي تفريح لاءِ ايندا ها.

لکيدر تي موتيءَ جي ڪلفي ته ديس پرديس مشهور هوندي هئي. مائي جي ڪلفي هڪ آني ۾ ۽ وڏي ڏيڍ آني ۾ ڏيندو هو جنهن ۾ باداميون پستا به جام پيا هوندا ها. لکيدر تي هن قسم جا هوڪا پيا ٻڌبا ها. "ڪلفي نيڻ ٺار ڪلفي،-" "روهڙيءَ جا ڳاڙها مٺا ڏوڪا، ڪاڌي مکياري آ." "گرما گرم بيهه، سوادي ڇهرا سدا بهار بيهه،-" "وٺ يار وٺ! ڪاڪٽ ڏيندڙ ترمغزي!" "مٺا ڪارا ڪونئرا ڦارهوان! مٺار ڦارهوان!" ٺنو گوگڙن وارو ديگڙي تي ڪيوڙي ڪڙڪائي، هوڪ ڦاريندو هو. "آءُ، آءُ سڄڻ! ڪاءُ گيهه ٻڌل مٺا گوگڙون! ڏس ڏس گيهه ٿو وڃهن‌ءُ!" گيهه جو دڪو مس وڃهندو پر واڪا ايڏا ڏيندو ڄڻ گيهه جو دٻو ٿو پيتي! ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن ڪان هڪ پيسي جا ڊونو پري، ڳڙ جا گوگرون ڪاٺيا ها ته تراوت اچي ويندي هئي. دال مڱ ڇولن وارا هڪ پئسي ۾ ٻه ڊونا پري ڏيندا ها ته ٻن ڇٽن جو ڍءُ ٿيندو هو. جي ڪيسي ۾ هڪ پيسو به نه هجي ته ٽن ڇٽن هنڌ ٽڌي پاڻيءَ جا مٽ هوندا ها جتي پيڙن، نڪلن يا سوادي رنهن جي سيسا به پئي ورهائبي هئي.

لکي در تي نانوائن جا هوٽل به هوندا ها جتي پٽاٽي چاپان، گوشت جا ڪنڊا، قيمو ڪباب پڳل تيوڻ، تريل پلو، وڙين جي ڪڙهي، سادو يا داغ پڪل پلاءُ چانور، اڦراٽا ۽ پاچيون تيار رکندا ها ۽ ساڻ دال چٽني يا آچار مفت ۾! گراهڪن کي پيا چوندا،- "ڍولڻ جيڪي گهرجيئي سوگهري وٺ!" ڍولڻ ڍءُ ڪري طعام ڪائي آٿندو ته به بل ايندس ٽي يا چار آنا! انهن هندو هوٽلن ۾مسلمانن لاءِ جدا باسڻ ۽ جڳهه هوندي هئي ته به مسلمان گراهڪ وٽن گهٽا

رهيو آهي. جهنڊولا وار، ڇڄ جيڏي ڏاڙهي، چيلهه ۾ رسو وڪوڙيل ۽ هٿ ۾ کهاڙي. ڌنڌي ۾ پوائنٽو پر نهايت ايماندار، دنيوي علم ۽ حرفت کان پري. اُتي چلهه ۾ ڪاٺيون ٻاريون هيون جيڪي گهٽو ڪري اهڙا ٻروچ آڻيندا ها ۽ تلهين ڪاٺين کي چيري ٻه ڏئي ويندا ها. ٻن ٽن مڻن ڪاٺين جي قيمت هوندي هئي ڏيڍ ٻه رپيا. گهڻن ورهين ڪانپوءِ جڏهن سنيمائون شروع ٿيون ته سندن وڏين وڏين تصويري بورڊن لکيدر جي رنگينيءَ ۾ اضافو آندو.

لکيدر کان تقريبن اڌ - اڌ ميل تي ٻيا ست دروازا شهر جي چوگرد هوندا ها. هزاريدر ۽ هاٿيدر ڪانپوءِ خانپوري در وٽ سڪپل هوندي هئي جنهنجي هيٺان آمدرفت چالو هوندي هئي. قضا الاهي جي مينهن گهڻو پوندو هو ته اهو رستو واهه ٻڻجي پوندو هو.

سڪپل کان ٿورو اڳتي هلبو هو ته شاهي بازار جي پڇاڙيءَ وٽ اناج منڊي، ڀاڄي مارڪيٽ ۽ ٽانگا اسٽينڊ هوندو هو. اُن جڳهه کي اسٽول گنج چوندا ها.

ريلوي اسٽيشن کان شهر تائين ڏامري رستو نه هوندو هو. ڏڌڙ گهٽي آڏامندي هئي. ١٩٤٠ع ڌاري اُن رستي تي بس هلڻ شروع ٿي ته ماڳهين اُن رستي جو ٻودانو نڪري ويو. اُن رستي تي سيٺ ڪيولرام جماڻي جي ناٿي سان نهيل 'جماڻي هال' هوندو هو، جنهنجي لئبرري ڪنڙيل حالت ۾ هوندي هئي پر بعضي بعضي هال ۾ ليڪچر بازي ٿيندي هئي.

اِهو ٿيو شڪارپور شهر جو اڇاترو بيان. شهر جي هنرن ۽ واپار لاءِ لکڻ لاءِ جدا ڪتاب گهرجي. انگريزن ته ان لاءِ ڍير ڪتاب لکيا آهن 'The Commerce of Shikarpur' ۾ لکيو اٿن ته ڪچي ريشم جا قافلا قندار کان شڪارپور ايندا ها. شڪارپوري پانوني، اهو ريشم ڪتائي، رڱائي، سکر روهڙيءَ سيوهڻ ۽ ٺٽي موڪليندا ها جن مان نه رڳو لونگيون، مشهور گربيون نهنديون هيون پر ريشمي ڪپڙا به اهڙا عمدا ئهندا ها جن جي هند ولايت ۾ هاڪ هوندي هئي. خود شڪارپور ۾ ڪرڻ در وٽ ڪيئن ڪوري به ان ريشم مان سهڻيون سوسيون اُڻندا ها. بخاري جا ڪناويز، گلبدن، گلبهرا، اطلس ۽ ڪيمخاب وغيره ڪپڙا، ٻين شهرن جا واپاري خريد ڪرڻ ايندا ها. ايراني ۽ خراساني غاليچا ۽ سڪي ميوي جي وڏي ۾ وڏي منڊي شڪارپور هئي.

شڪارپوري سيٺيون ڏارين ملڪن مان جيڪي املهه مال آڻيندا ها تن سان سندن عاليشان گهر سٽيا پيا هوندا ها. ڪيپٽن ايسٽوڪ ۽ سندس منشيءَ لطف الله پنهنجي ڊائرين ۾ لکيو آهي ته هتي شڪارپوري شاهوڪارن وٽ بيدي جيڏا زمرد، ياقوت ۽ راجائن جهڙي جواهرات ۽ ماڻڪ ڏٺا.

ورهاڱي وقت غير سنڌين جيترا ڳچها مال شڪارپور مان ماريا اوترا ٻئي

ڪٿان حاصل نہ ٿين. ڏور ڏور رهندڙ شڪارپورين ڪي لڏ پلاڻ وقت مال ڪٿي وڃڻ جو وجهہ نہ مليو. سيٺي ڪي پنهنجي جان جي پيئي هئي سي ڳوڙا مال ڪيئن ڪٿي سگهندا! بخاري ايران جا غاليچا، چانديءَ جا ٿالهہ، ٽانوَ ۽ گهاگهريون، ريشمي چادران ۽ پٽراٽيون وغيره، ڇا لکي ڇا لکجي! اسان پنج ڀائر، شڪارپور رڳو ڪنهن شاديءَ غميءَ جي موقعي تي ويندا هئاسين. گڏيل ڪٽنب جا ايترا باسڻ برتڻ بسترا فرنيچر هوندو هو جو سڄي عال عيال سميت ساڳئي وقت وڃي رهندا هئاسين تہ سيٺي کي پورا ملندا ها. ورهاڱي وقت پنجن ڀائرن مان هڪ بہ شڪارپور نہ ويو، ڇو جو تہ سيٺي جي گڏيل ملڪيت هئي. مال سان ستيل گهر جو قلف هڪ مهاجرين وڃي ڀڳو ۽ قبضو ڪيو.

اسانجي اُها چار منزلي جڳهہ هڪ مهاجرين کي الاٽ ڪيائون جنهن کي رڳو باسڻ جي وڪري مان ايڏو ناڻو مليو جو پنجاب وڃي ڪو ڌنڌو شروع ڪيائين ۽ پٺي سامان جا ٻہ ريلوي ڳاڏا ڀرائي ويو. ايتري قدر جو ڪٻاٽ تجوريون در دريون ۽ شهتير بہ پٽائي ڪٿي ويو. جي ڪنهن مڪاني مسلمان کي الاٽ ٿئي ها تہ اهو شاندار گهر پڇي پري دڦ تہ نہ ٿئي ها ۽ ڪنهنجي ڪم تہ اچي ها. وڏو ارمان تہ اِهو آهي تہ اسانجي لئبرري، (اسانجو پتا سنسڪرت ۽ فارسيءَ جو ودوان ۽ قديم ڪتابن جو شائق هو) جنهن ۾ سنسڪرت جا قديم املهہ گرنٿ، هٿ لکيل ۽ ڇپيل، لنڊن واٽڪن اڪرن ۽ ديوناگريءَ ۾ پراچين پستڪ ها، سي ردي ڪاغذن جي اگهہ ۾ وڪڻي ويو.

شڪارپور جي ٻڍا آشرم ۾ ٻڍن کي ڪنهن قسم جي لوڙ نہ هوندي هئي. شاهوڪار ڪين ڪپڙو لٽو ميوو مٺائي دوا درمل بہ پيا رسائيندا ها. يتيم خاني ۾ بہ سڀ شئي چيز ڪتابن ڪپڙن وغيره جي پورت ڪندا ها. مان جڏهن بہ ڏياريءَ ۽ هوليءَ تي اُتي ٻارن کي مٺائي وغيره ڏيڻ ويندو هوس تہ مسلمانن جا ٻارڙي ڏسڻ ۾ ايندا ها. طلاق شده زالون ٻاڻ تہ وڃي نئين مڙس جو گهر وسائينديون هيون ۽ ڪي بي زبان ٻارن کي يتيم خاني ۾ داخل ڪرائي وينديون هيون. يتيم خاني کي مونسپل گرانٽ اٿپوري ملندي هئي پر هندو سيٺين بدولت ٻارن کي ڪنهن قسم جي ڪمي محسوس نہ ٿيندي هئي.

**اوڌوداس تارچند اسپتال:** اُٿين تہ شڪارپور ۾ گهڻيئي مفت اسپتال ۽ ويم گهر ها پر آپر سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو اسپتال راءِ بهادر اوڌو داس جو هوندو هو جنهن ۾ ايڪس- ري مشينون ۽ آپريشن جي سڀ سهوليت هوندي هئي. ان ۾ نہ رڳو مريضن جو مفت علاج ٿيندو هو پر ڪين ڪاڌ- خوراڪ بہ مفت ۽ سٺي ملندي هئي.

**اکين جو اسپتال:** سنڌ وارياسو ملڪ هو تنهنڪري اکيون آکٽر خراب ٿي پونديون هيون. ڪوئيٽا جو ڊاڪٽر هالنڊ سڄيءَ دنيا ۾ هاڪارو هو. هن آفغانستان جي بادشاهه ۽ ٻين ڪئين حاڪمن کي انڌي ٿيڻ کان بچايو هو. آول سيٺ هيرانند ميندا ۽ ٻيا سيٺيون پنهنجي خرچ تي، اکين جا بيمار، هندو مسلمانن جا ٽولا، ڪوئيٽا موڪليندا ها. پوءِ سيٺ هيرانند جي منٿ ميڙ تي ڊاڪٽر هالنڊ هر سال جنوري فيبروريءَ ۾ شڪارپور اچي آپريشنون ڪندو هو. اُن وقت شاهوڪار ۽ شيواڌاري هڪ ٻئي کان وڌيڪ خدمت ڪرڻ ۾ گوءِ کڻندا ها. بيمارن ۽ سندن مائٽن لاءِ سوين تنبو لڳي ويندا ها. رڱو نياپو موڪلبو هو ته مڙئي وارا ڪٽولا، ان بازار وارا اناج ۽ داليون، ڀاڄي مارڪيٽ وارا ڀاڄون موڪليندا ها. ديڳيون پيون دمبيون هيون. ۽ شيواڌارين کي ته مٿي کنهڻ جي فرصت ڪانه هوندي هئي. مريضن جي اکين تي پٽي ٻڌل هوندي هئي ۽ ڪين مانيءَ ۽ پائخاني تائين به هٿ سان وٺي ويندا هئاسين. انهيءَ ٻن مهينن جي ڪمپ ڪانسواءِ سيٺ هيرانند جو اکين جو اسپتال سڄو سال ڪليل هوندو هو.

**ليڊي ڊفرن ۽ گنگا ٻائي ميندا زنانو اسپتال:** انهن اسپتالن ۽ ويم گهرن ۾ وڏو تعداد مسلم عورتن جو هوندو هو ڇو جو ته مرد ڊاڪٽر زالن کي تپاسين سو سندن مردن جي غيرت برداشت ڪري نه سگهندي هئي. هنن اسپتالن ۾ انگريز ۽ هندستاني هوشيار ڊاڪٽرائيون هونديون هيون. وڏا وڏا زميندار، نواب، پير ۽ ڪامورا پنهنجن زالن کي هن اسپتال ۾ موڪليندا ها پر ناڻي جي ڪا مدد نه ڪندا ها. ڪٿل مونسپالٽيءَ جي سگهي گرانٽ ته جملي خرچ جو چوٿون حصو به پورو نه ڪندي هئي. شاهوڪارن جي هڪ ڪاميٽي ياڻ ۾ ڦوڙي ڪري ڪا اڻاٽ ٿيڻ نه ڏيندا ها. سيٺ هيرانند ٽرسٽ وارن هڪ لک رپيا (اُن زماني جا) ڏيئي اسپتال ۽ ويم گهر کي پيٽو ڪيو هو.

**ستارا:** شڪارپوري ستارن جي بيان ڪرڻ سان ته پوٿو پرچي ويندو. پوڪرداس ڪتابيءَ جنهن سڄيءَ سنڌ ۾ ١٨٧٢ع ۾ عربي سنڌي ڪتابن ڇپائڻ جي شروعات ڪئي. حڪيم ڏنراجمل پنجابي، مير علي نواز علوي، مولوي فضل الله، خليفو عبدالغفور ۽ سائين ڪشنچند بيوس جا ڪتري چاچا اهڙا حڪيم ها جو پريان پريان ڳوٺن جا مريض به وٽن ايندا ها. ٻيا سوين اهڙا اورچ ۽ عقل ۾ اڪابر ها جيڪي فرش تان عرش تي پهتا ۽ لکين رپيا دان پچ ڪيائون. مثلن **سيٺ هر ڀڳونداس ٻنيجا** جو پتا هڪ خسيس سرڪاري ڪلارڪ هو. هر

ڀڳوانداس هڪ پائيبند جي پيڍيءَ تي رواجي نوڪري ڪئي. هن جي هوشياري ۽ ايمانداري ڏسي سيٺ ڪيس پنهنجو پائيوار بڻايو پر هن جدا ٿي دڪن جي ڪئين شهرن ۾ پنهنجون فرمس وڌيون ۽ شرافيءَ مان لک ڪمايا.آهي لک هو خيراتي ڪمن ۾ خرچيندو رهيو. هن ڪچهريءَ ۾ ڪنيا پاٺشالا کولڻ لاءِ هڪ لک رپيا ڏنا. شڪارپور ۾ اهڙي ڪا سنستا ڪا نه هئي جنهن کي هن سخيءَ هزارين رپيا نه ڏنا هجن. نه رڳو شڪارپور ۾ پر جن شهرن مان ڪمايائين آتي به اسپتالن ۽ ڪاليجن لاءِ لکين رپيا ڏنائين. هن مئسور يونيورسٽيءَ کي هڪ لک رپيا ڏنا ته اُنهن سندس ڌرمپتنيءَ شريمتي وشنديويءَ نالي 'ڊومسٽڪ سائنس ڪاليج' کوليو جنهن ۾ هن وقت ١٢٠٠ ڪان وڌيڪ ڇوڪريون وديا پرائينديون آهن. ان مان اهو نهچو ٿئي ٿو ته خيرات ۾ خرچڻ سان ڌن وڌندو آهي.

**مولانا عبدالڪريم چشتي:** هي صاحب، شڪارپور ۾ اول طبابت جو ڌنڌو ڪندو هو پر پوءِ مذهب ۽ سياست کي پنهنجي ڪرت ڪيائين ۽ خلافتي تحريڪ ۾ جيل به ڪاٽي آيو. جڏهن جيل ۾ هوندو هو ته ڪانگريسي سندس گهر ۾ باقائدي لوازمو رسائيندا ها. خلافت جو مسئلو نه رهيو ته هن تبليغ جو ڪم شروع ڪيو ۽ ان لاءِ هو گهٽيئي چونپڙيون يا رسالا پيو ڇپائيندو هو، جيڪي ناڻي جي تنگيءَ سبب جلد بند ڪرڻا پوندا هئس. هن جي وعظ ۾ تاثير هوندو هو ۽ ان مان پنهنجي ٻچروالي پاليندو هو. هن لاءِ اسلام جي وڏي ۾ وڏي خدمت اِها هئي ته واڻين کي اسلام ۾ داخل ڪري. هڪ دفعي گفتگوءَ جي دوران مون ڪيس چيو ته اسلام جي وڏي ۾ وڏي خدمت اِها آهي ته مسلمانن ۾ تعليم جو پرچار ڪجي ته هڪ زبردست، سائنسدان ۽ ترقي پسند قوم بڻجن. هڪ واڻيي جي صلاح تي، جيڪو عمر ۾ ڪائنس به چار سال ننڍو هو، توجه ڏيڻ هن پنهنجي شان خلاف سمجهو.

**پريتم ڌرم سڀا:** سڄيءَ سنڌ ۾ هن جهڙي ڪا سنستا ڪانه هئي جنهن سماجي ۽ سياسي، تعليمي ۽ تهذيبي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ، ايڏا عملي ڪارج ۽ قرباني ڪئي هجي. لاڙڪاڻي جي هڪ برهمڻ پنڊت پريتم ديو شرما، پنهنجي ڌرم پرچار ۽ سڌارن لاءِ پنجاب ۽ يوپيءَ طرف ڏاڍو نالو ڪڍيو هو. شڪارپور جي معزز سيٺين ڪيس منٿ ميڙ ڪري پنهنجي شهر ۾ آندو ۽ ١٨٨٨ع ۾ ان سڀا جي استاپنا ڪرائي.

سڀا جا ميمبر ٻڌن ۽ ٻارن جي شادين تي پڪيٽنگ ۽ ليڪچر ڪندا ها ته ان

خواريءَ کان بچڻ لاءِ گهٽيون بي جوڙ شاديون روڪجي وينديون هيون. ساليانن جلسن ۾ ناٽڪن ۽ وياکيانن ذريعي شراب تماڪ ڀنگ وغيره نشيدار شين خلاف سخت پرچار ڪندا ها. زالن ۾ جادو ٽوٽا وهم ۽ سنسار ۾ گهٽيئي هوندا ها. ڌرم جي نالي چولي مارگ ۽ وام مارگ جا ڪٿا ڪم ٻه ڳجهه ڳوهه ۾ پيا ٿيندا ها سي ٻه سڀا جي جبري پرچار بند ڪرايا. سڀ جا ڪسرتي جوان، ميلن ڀڳتين ۽ جلسن تي لٺيون کڻي وچي بيهندا ها ته لچن نوفرن کي زالن سان هٿ چراند ڪرڻ جي جريت نه ٿيندي هئي.

سنڌ ۾ جڏهن قومي هلچل جو نانءُ نشان ٻه ڪونه هو ۽ ڪانگريس جا اجلاس انگريز شهنشاهه جي وڏيءَ عمر ۽ اقبال جي دعا سان شروع ٿيندا ها تڏهن سڀا وارن ديس جي آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو هو. سيٺ چيتومل (سڀا جو شاگرد ۽ ميمبر) ١٩٠٥ع ۾ ديسي کنڊ، صابڻ ۽ ڪپڙي جا ڪارخانا کوليا ڇو جو ته اُن زماني ۾ اِهي مال ولايت مان ايندا ها. سڀا جا سڀ ميمبر ديسي ڪپڙو پهريندا ها. ڌاريءَ سرڪار خلاف ۽ سوديشي پرچار جا ڪتاب ڇپائڻ ۽ ليڪچر ڪرڻ جي گناه ۾ سڀا جي ٽن ميمبرن، سيٺ چيتومل، ڀائي ويرومل بيگراج ۽ سڀا جي سرمک پنڊت هري ولڀ شرما جي وڏي پٽ گورڌن شرما کي ١٩٠٩ع ۾ پنج پنج سال سخت پورهئي سان جيل جون سزائون مليون. جج بائيڊ پنهنجي فتوا ۾ لکيو ته، "هي نوجوان هڪ ڌرمي سڀا جا ميمبر آهن تنهنڪري عوام تي هنن جو اثر وڌيڪ پوندو. هنن جو ڪتاب ۽ ڪم خطرناڪ بغاوت سان ڀريل آهن ۽ ڦاسي ڏيڻ لائق آهن پر سندن ننڍيءَ عمر تي رحم کائي مان کين گهٽ سزا ڏيان ٿو." سچيءَ سنڌ ۾ ديس جي آزاديءَ خاطر اهو پهريون مقدمو ۽ سزائون هيون جن سنڌ ۾ قومي سجاڳي ۽ سوديشيءَ لاءِ پريم جاڳايو. اهو ياد رکڻ گهرجي ته انهن ڏينهن ۾ انهن وطن پرستن کي جيل ۾ جنڊ پيهڻ ۽ پيون جنيون ٿينديون هيون. گانڌيجيءَ کي جيل بدلي آغا خان جي محلات ۾ رکيائون ۽ سندس خدمت ۾ نوڪر چاڪر رسوئيو ڊاڪٽر زال سيڪريٽري ۽ مالش وغيره جا سڀ سک ۽ آرام ڏنا هئائون.

شڪارپور ۽ ڪراچيءَ ۾ سڀا جا ٽي ھاءِ سڪول ۽ ٻارهن پرائمري اسڪول ها. انهن ۾ "ڀارت - ڀارتي" جهڙا ديش ڀڳتي ڀريل ڪتاب پاڙهيندا ها جن کي انگريزن پوءِ ضبط ڪيو هو. سڀا جي تعليم جي وڏي خوبي اِها هئي ته شاگرد نوڪريءَ بدلي پنهنجو ڌنڌو واپار ۽ هنر ڪونين، ان لاءِ کين نيڪا چوڪا ۽ پوتا ميل ڪيڻ سيکاريندا ها. سنڌ ۾ ڪپڙي ۽ هوزيري جون مِلون، مشينري ۽ پشم جا ڪارخانا وغيره سڀا جي شاگردن جا ها. سچي پاڪستان ۾ هڪ ئي گلاس فيڪٽري هئي جنهن ۾ ١٢٠٠ ڪاريگر ڪم ڪندا ها، سا هن ليکڪ جي برپا

جيڏيون وڏيون ۽ ڪڪڙي بلڪل نندي. ياني تلوءَ جي باغ جا زيتون، زردالون ۽ پيچ بہ ڏاڍا رسيلا هوندا ها. جلال جي باغ جا ڦارهوان ۽ آچا ڪارا توت تہ اهڙا متارا هوندا ها جڻ راسبريءَ جا ڍڪ تا پيئو! باغائي ڪان پيسي ٽڪي جا ونبا ها تہ پلاند پري ڏيندو هو. اچيءَ ترمغزيءَ جي تروات ۽ سواد نرالو هوندو هو. اها ڪرامت سنڌڙيءَ جي صدوريءَ ڌرتيءَ جي هئي.

آتي هر روز ڪنهن نہ ڪنهن باغ جي ڪوه تي ضرور وڃبو هو جو آتي گهٽا مطلب پورا ٿيندا ها. آتي ڏيساورن جي اگهن ماڳهن ۽ واءُ ساءُ جو پوندو پتو هو. ورزش ڪري هڪ ٻئي ڪان ڪشتيءَ ۽ ملهہ جا داءَ پيچ سکبا ها. هڪ ٻئي کي تيل مالش ۽ اُس سيڪڻ سان صحت سڌرندي هئي. اخباران بہ ڪٿي اِيندا ها ۽ پرائيءَ پچر جو مزو بہ ونبو هو.

نيسر جي ڏارا، تارونءَ تي پوندي هئي تہ لنوَ لنوَ ٺري پوندي هئي ۽ تن من جا سڀ تتاو شانت ٿي ويندا ها. سنان ڪان اڳ ميٺ پائبو هو جنهن ۾ نم جا پن، ڏهي، رابيل يا موتئي جا گل وجهي بدن تي لڳائي سڪائبو هو تہ آرايون ۽ ڦرڙيون لهي ويندا هيون ۽ بدن اطلس جهڙو لسو ۽ خوشبوئدار ٿي پوندو هو. کوهن تي زالن لاءِ ڍڪ پردي سان آتاهين پتين سان جدا آڏر هوندا ها.

باغن ۾ کوه گيڙڻ لاءِ ڏاندن کي ٻڌل گهنڊٽيون، نار ڦرڻ ۽ پاڻي وهڻ جو مٺو آواز ائين لڳندو هو جڻ تال سر سان ڪا سارنگي ٿي وڄي. باغائي ڏاندن جي اکين تي انلاءِ کوپا چاڙهيندا ها تہ متان ائين ڄاڻي کو لڦڙو نہ ڪن تہ هو ساڳئي هنڌ ڦيرا پائي رهيا آهن. ساڳيءَ طرح اڄڪلهہ جا سياستدان بہ عوام جي اکين تي گمراه پرچار جا کوپا چاڙهي، اڳتي قدم ۽ ترقي ڏيکاري رهيا آهن.

شڪارپور ۾ سڀ کان وڏو اٽڪل بہ ميل چورس، **شاهي باغ** هوندو هو. اُن جي داخلا ونگ ڏاڍي شاندار هئي جو جو تہ پنهنجي صاحبيءَ ۾ پٺاڻ بادشاهون ان باغ ۾ اچي ديرو ڪندا ها. اُن وقت باغ ۾ شينهن چيتا رڇ جهنگلي سوئر وغيره جانور بہ هوندا ها، جو اُنهن جو دوبدو مقابلو ۽ ويڙه ڪرائڻ، بادشاهي رونشو ۽ وندر هوندي هئي. جڏهن بادشاهي نہ رهي تہ ڏتڙيل مونسپالٽي، جانورن لاءِ پوري خوراڪ ميسر ڪري نہ سگهي تہ انگريزن اِهي جانور ڪراچيءَ جي راڻي باغ ۾ موڪلي ڏنا. اسان جي سانير ۾ آتي رڳو "پکي گهر" هوندو هو جتي رنگبرنگي پکي پيا چه چه ڪندا ها.

ڪشمير، مئسور ۽ جپان وغيره ڏارين ملڪن جا مشهور باغ گهميو آهيان پر شڪارپور جي شاهي باغ جو لطف ۽ راحت ڪا اَور هئي! وڏن وڏن ٻارن ۾ چڻ تہ سائي گاه جا غليچا وڇايل هوندا ها، جن جي وچ ۽ ڪنارن تي رنگبرنگي گلن جو پرت پريل هو. گلاب جا گل، اچي ڳاڙهي سائي پيلي نيري ۽ چٽڪمري رنگن

ٽيون چوندو:

سنها ماڻهو سهڻا، لهڪڙ جيان لچڪن،
پير تہ جن جا پتنگڙا، جنيءَ ۾ چمڪن،
جتي جيسلمير ڪان، آندي اُستادن،
هينيون لالان لاک جون، مٿان ٽنور ٽلن،
او مومل! مونکي موهيو تن، جن کي لال موهيڙا منهن تي!

چوٿون چوندو:

ٿلها ماڻهو ٿرڪڻا، آلي صابڻ جيان ترڪن،
چڙهن ڏاڪا چار جي، ته ترڪي هيٺ ڪرن.
گهران نڪرن گهٽيءَ ۾، او سائين! سهڪيو پيا سهڪن
او ڊولڻ! موهيو مونکي تن،
جن جي ڇهري تي چربي گهٽي!

زندگيءَ جو اهو لطيف ۽ رونشو، هتي ڪٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟

**سنڌ واهہ:** قلم ڪي طاقت ناهي جو شڪارپور جي سنڌ واهہ جي موج ۽ لطف جو پورو بيان ڪري سگهي. اونهاري ۾ ان ۾ ٽي چار مهينا پاڻي ايندو هو تہ شهر ۾ خوشيءَ جي لهر ۽ غلغلو مچي ويندو هو.

لکيدر تان ٽانگي وارا سنڌ واه تائين سواريءَ جا آنو ڏيڍ وٺندا ها جو شهر کان ڏيڍ ميل پري هوندو هو. اُتي حلوائي، نانوائي ۽ رانديڪن جا دڪان اچي کوليندا ها. تيل ميٺ انگوشا، ڪدون توريون، پٽسي تکي مسواڙ تي ملنديون هيون. اُتي ڪنهن نہ ڪنهن دوست دري يا مائٽ سيٺين جا بنگلا هوندا ها جن ۾ آرامده فرنيچر ۽ غلم غاليچا پيا هوندا ها. هر هڪ ڏنڌي وارن پنچائتن جون جڳهون بہ هونديون هيون جن ۾ باسڻ برتڻ فراس وغيره رکيا هوندا ها.

واه تي پڪا گهاٽ ۽ ٿلها نهيل ها. ڪناري تي پپل ۽ نم جي ٿڌي ڇانو ۾ تڏا يا کٽولا پيا هوندا ها. اونهاري ۾ بنيءَ جهڙيءَ گرميءَ ۾، اُتي وهندڙ پاڻيءَ جي ڪناري ڇانوَ ۾ ٿڌي هير پئي لڳندي هئي تہ راحت اچي ويندي هئي. ڪٿي تاس چوپڙ، ڪٿي راڳ جي محفل، ڪٿي ڪٿا ڪيرتن تہ ڪٿي غريبن لاءِ لنگر لڳو پيو هوندو هو. دڪاندار ڏاڍيءَ صفائي سان دانگيءَ جي روٽيءَ ۾ لوڻ، مرچ،

لاکون پائي، اڪ وائيف گئي، دوجي آئي! رڳو ٻچڙن جي سار ستائيندي آهي.

پاڙي جو ٽيون قابلي ذڪر تماشو ٿيندو هو زرينا جي گهر، جنهن کي چار پٽ ها، ٢٥ کان ٣٢ سالن تائين، ڳڀرو جوان پر غريبيءَ ڪري شادي ڪري نہ سگهيا ها. سندن ۴۵ سالن جو چاچو سليم بہ ساڳئي گهر ۾ رهندو هو. هو چارئي ڀائيون چاريندا ها ۽ سليم ڳاين جي هيرا ڦيري ۽ پوليس جي خاشخيلي ڪندو هو. هن جي دل پنهنجي مدي خارج زال ۽ ڀاڄائيءَ مان ڀرجي ويئي تہ هڪ ويهين سالن جي سيڪنڊ هئنڊ ڇوڪري ڳنهي نڪاح وجهي آيو. جوانيءَ جي مستيءَ سان ٿمتار اها ڇوڪري جڏهن جوان ڏيروٽن کي ڏسي مشڪندي هئي تہ سيئي مٿس چريا ٿي پوندا ها ۽ هن لاءِ حشر برپا ٿي ويندو هو.

زرينا جو گهر سوشلسٽڪ اصولن تي هلندو هو جو سيئي ملي سلي مانيءَ بہ هڪ ٿالهہ مان گڏجي کائيندا ها ۽ لسي بہ ساڳئي وٽي مان پيئندا ها. ڪنهن کي بہ شخصي جائداد يا مال رکڻ جو حق نہ هو. سيڪا شئي موڳي يا محنتيءَ کي، اناڙيءَ يا عقلمند کي، سيني کي هڪ جهڙي ونڊ ورهائي ملندي هئي. اُن مطابق سليم جي آندل وينگس بہ پنج ئي ماڻيندا ها ۽ ڪرڙوڊ سليم مائيند نہ ڪندو هو. اُن ڇوڪريءَ جي دل، ننڍي ڏيروٽ سان هوندي هئي. اڳلين کي بہ جو ريٽي ڇڏيو هئائون تہ گهر ۾ گهمسان متو پيو هوندو هو. ڳنڍن ٻولن جي جنگ ۾ پرائويٽ عضون جا نالا ۽ ماپ پڌائي تڪيون مرچائي گاريون ڏيئي دل جا غبار ڪڍندا ها. سڄي پاڙي کي مفت ۾ سيڪس جي سکيا ملندي هئي. اتهاس ۾ پنجن پٽين وارين جا داستان پڙهي حيرت ۾ پوندو هوس، پر هيءُ تہ ساکيات لقاءُ ڏٺم.

انهن اگهاڙن فاحش رڙين جو انسانن تي ڇا پر جانورن تي بہ اَثر ٿيندو هو جو پاڙي جي سونارن جي ڪتيءَ وچي ٿاڻارن جي ڪتي سان اهڙو جبڙو عشق ڪمايو جو يڪساهيءَ پنج پونگرا پيٽ ۾ وجهارائي آئي. پر ڪتو بيوفا نڪتس جو جلدي ٻيءَ سان نهي ويو ۽ هيڏانهن هن کي، ويم ۾ اهڙي ڪيپ ڪڻ تي اسان کير پيئاريندا هئاسونس تہ بہ ويچاري مايوس ۽ ماندي رهندي هئي.

**حويليون:** سرحدي صوبي ۾ هئڻ ڪري، سنڌي سدائين ڪنهن نہ ڪنهن هيبتناڪ حملاور کان لتاڙيا ويا آهن. خاص ڪري ١٧٥٣ع کان ١٨٢۴ع تائين سنڌ جا مسلم حاڪم، پٺاڻن جا زيردست ڏن ڀريندڙ ها. هو اڪثر پنهنجي عيش، شڪار ۽ فضول خرچيءَ ۾ خزانو خالي ڪري ڇڏيندا ها ۽ پٺاڻن کي چوائي موڪليندا ها تہ رعيت پوري ڍل نٿي ڏئي. ساليانو ڏن نہ ملڻ تي پٺاڻي لشڪر سنڌ تي ڪاهي ايندو هو تہ سنڌي حاڪم پنهنجي عيال سميت ڀڄي ٻهاڙن ۾ وڃي لڪندا ها ۽ پوئتان پٺاڻ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڦرلٽ ۽ رعيت کان ڏن ۽ ڏنڊ جي


نوري ۽ ڄام تماچي



حيدرآبادي گهرن تي هوا جهٽڻ لاءِ منگهه





هڪ گهٽيءَ جو نظارو



ساڌ ٻيلو



سکر ۾ سنڌو نديءَ تي لئنسڊائون پل



(لکيدر جو نظارو)




سنڌ جو ڳوٺ

# ٻاڳو ٽيون- ماڻهو ۽ رهڻي ڪهڻي

شڪارپور جا مانجهي مرد؛ سنڌي ادب ۾ شڪارپوري ڳالهائڻ؛ تعليمي سرشتو؛ پنچائتيون؛ پانبند؛ عامل؛ ڳوٺاڻي رهڻي ڪهڻي؛ هندو زالون؛ پوشاڪ؛ ڪاڌي جا سواد؛ هندو ذاتيون.

*

## شڪارپور جا مانجهي مرد

انگريز سيلانين ٻه ٽي سوَ سال اڳ، پنهنجي سفرنامن ۾ شڪارپورين جي حيرت انگيز ڪارنامن جا ذڪر ڪيا آهن. سر پوسٽنس لکيو آهي:

These Shikarpuries in the pursuit of their calling, leave Sindh for many years quiting their families to locate themselves amongst the most savage and intolerant tribes, yet so essentially necessary are they to the wild Turkeman rude Afghans or blood thirsty Baluchis.

اهي خطرناڪ هيبتناڪ قومون شڪارپورين کي ساه وانگر سانديينديون هيون جو انهن کانسواءِ سندن سرندي نه هئي. ڪرنل پاٽنجر ڏيڍ سؤ سال اڳ ويس بدلائي مڪران لس ٻيلي، بلوچستان جو سير ڪيو ته ڏٺائين ته اتهون جي حاڪمن ڪئين شهرن جي ڏلن اڳارڻ جا ليکا شڪارپورين کي ڏنا ها ۽ سندن خزانو پڻ انهن واڻين جي هٿ هو.

ٻئي هڪ انگريز برٽن صاحب پنهنجي ڪتاب: Scinde The Unhappy Valley ۾ شڪارپورين بنسبت لکيو آهي:

The Shikarpuri Hindu devoted his energies to banking transactions and scended in operations over the greater part of Asia From China to Turkey, from Astracan to Hyderabad Deccan, there was scarcely a town without a

Shikarpuri or the Agent of a Shikarpuri in it.

مطلب تہ شاڪارپورين جي بينڪنگ بزنيس سڄيءَ ايشيا ۾ ڦهليل آهي. چين کان ترڪيءَ تائين، استمبول کان حيدرآباد دکن تائين، اهو ڪو شهر ڪونهي جتي ڪوئي شڪارپوري يا انهنجو ڪو گماشتو نہ هجي.

جن ڏينهن ۾ خسيس شئي لاءِ ڪنهنجي سسي ڪپڻ هڪ رواجي ڳالهہ هئي، تن ڏينهن ۾ وڏا وڏا سوداگر ۽ سردار، شڪارپوري بينڪرس کان هنڊيون (Drafts) وٺي ويندا ها تہ ڪنهن بہ ڌارئي ملڪ ۾ کين بنا هير حجت جي ناڻو ملندو هو. بادشاهہ جو سڪو تہ رڳو سندس ملڪ ۾ هلندو هو پر شڪارپورين جون هنڊيون ديس پرديس هلنديون هيون. اهي هنڊيون هنريت لکندا ها. "انگين اکرين رپيا پنج هزار، نيمي رپيا اڍائي هزار، ٻيڻا رپيا ڏهہ هزار، ڀائي لڻيدارامر ريجهو ملاڻيءَ ٻاسون راکي، متي ويساک وڏي ٻارس سنبت ہہ هزار چار ڪرا ٻيچي شڪارپور شهر وچ شاهہ واپاريءَ جوڳ ڏيوڻا. نامر لکاٺو ڏسي ڏيوڻا. متي...."

مثلن ترڪيءَ جي ڪنهن سوداگر، شڪارپور ۾ غاليچا يا پشم وڪي ۽ جيڪو ناڻو مليس تہ شراف کي ڏيئي ڪائونس هنڊي ورتائين. هن کي پنهنجي ملڪ واپس ويندي خراسان مان سڪو ميوو سهانگو مليو تہ اُتي ڪنهن بہ شڪارپوريءَ کي هنڊي ڏيئي پيسا وٺي اهو خريد ڪري پنهنجي ملڪ موڪليندو. هوڏانهن جنهن ڪائونس هنڊي وٺي ناڻو ڏنو، سو اُها رسيد شڪارپور موڪليندو تہ سندس سيٺين کي. رسيد لکڻ وارو يڪدم پنج هزار ڏيندو. اهڙيءَ طرح ٻنهي بينڪرس کي ڪميشن ۽ وياج جي ڪمائي ٿيندي. جيڪي سوداگر هندستان مان مال خريد ڪرڻ ايندا ها، اهي پنهنجن شهرن ۾ شڪارپورين کي ناڻو ڏيئي رسيدان وٺي ايندا ها تہ شڪارپور ۾ کين پئسا ملندا ها ۽ هو واٽ تي جوکم کڻڻ کان ڇٽي پوندا ها.

ڪرنل هينري پاٽنجر وڌيڪ لکيو آهي تہ "انهن اسلامي ملڪن ۾ هندن جا ڪاليءَ جا مندر هئا ۽ حاڪمن جو پوڄارين تي ايڏو ڀروسو هو جو شهر جي قلعي جون ڪنجون بہ کين ڏيئي ڇڏيندا ها. ڍلن اُڳارڻ ۽ خراج وصول ڪرڻ جو ڪم بہ هندن جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائون. قلات ۽ لس ٻيلي ۾ بہ هندن جا دڪان هئا. انهن ملڪن جا ماڻهو اهڙا شوخ ۽ قاتل آهن جو ڪنهن بيگناهہ کي خون ڪرڻ کي پنهنجي سورهيائي سمجهي، فخر ڪندا آهن. اهڙن رهزنن جي وچ ۾ شڪارپورين جو اونچي ڳات رهڻ هڪ تعجب خيز ڳالهہ آهي."

ايامن کان شڪارپوري شرافي ڌنڌو هنريت هلائيندا آهن. مدراس ڪوچين ڪلڪتي وغيره شهرن جي گهرجائو واپارين يا ڪارخانيدارن کي ٽن يا وڌيڪ مهينن لاءِ ناڻو ڏيئي هنڊي لکائي وٺندا. اُن هنڊيءَ يا پرامزري نوٽ تي پنهنجي

گيرنٽيءَ ضمانت جي صحيح پائي. شاهوڪار اها هنڊيءَ وڪري لاءِ شڪارپور موڪليندو. اهڙيءَ طرح ڏيساورن تان هزارين هنڊيون وڪري لاءِ شڪارپور ايندڙيون هيون، جيئن ٻين شهرن ۾ اناج وڪري لاءِ ايندو آهي. جن کي پيسا سيڙائڻا هوندا، ڪرا ڪامورا ٻين شهرن جا شاهوڪار وغيره شڪارپور مان اهي هنڊيون خريد ڪري ايندا ها. ايتري قدر جو نوڪر چاڪر، واڍا ۽ لوهار يا ڪي نيپي ٻهاريءَ واريون به دلالن کي اچي چونديون: "پائرا! چار سؤ رپيا ميڙيا آهن، ڪوئي پرزو (هنڊي) ته وٺي ڏي."

گهر ۾ ناڻو رکڻ ۾ ته چوريءَ جو ڊپ ۽ هنڊيءَ تي ٻن بينڪرس جي گيرنٽي هجڻ سبب سيڙپ جي سلامتي ۽ ضرورت پوڻ تي اهي هنڊيون يڪدم وڪڻي سگهبيون هيون. هنڊيءَ جو مدو پورو ٿيندو ته شاهوڪار منڊ واري لکندڙ کان ناڻو وڃي وصول ڪندو. شڪارپور جي مکيه شرافڪي بازار ۾ سدائين دلالن ۽ گراهڪن جي پيهه هوندي هئي ڇو جو ته ٻين سنڌي شهرن مان، ناڻو ڏيڻ يا وٺڻ وارا ماڻهو به جام ايندا ها.

بئنڪنگ کان پيو نمبر شڪارپوري، ڪپڙي جي ڌنڌي ۾ بلنديءَ تي هئا. ڪراچيءَ جي چٽني ڪپڙي جي مارڪيٽن ۾ ۽ اوسي پاسي جا سڀ دڪان اڪثر شڪارپورين جا ها. بمبئي ۽ احمدآباد ۾ نه رڳو وڏا ٻڌا دڪان هئن پر ڪيئن ڪپڙي جون ملون به شڪارپورين جون هيون ۽ آهن.

شڪارپورين سان ڌنڌي واپار جي رمزن ۽ ترڪيبن ۾ ڪو پڇي نه سگهندو. چالاڪ ۽ ذهين اهڙا جو پيو ڪوئي ڪا ڳالهه ڪندو مس ته ڳالهه جو تهه، اڳلي جي اندرئين نيت ۽ پنهنجو لاڀ سوچي لهه پهه اهڙو جواب ڏيندا جو اڳلو هنن جي مرضيءَ موافق ڪم ڪرڻ ۾ پنهنجو فائدو سمجهندو. اصل هڻ ۽ ڪڻ! اهڙا سنجيدا، قابل ۽ پنهنجو مطلب ڪڍڻ وارا ڪي ورلي لڀندا. هڪڙو مشهور ڪتاب آهي "Strategy of Handling people" "ماڻهن مان مطلب ڪڍڻ جون رمزان" يا ڊيل ڪارنيگيءَ جو ناميارو ڪتاب آهي "How Make Friends & Influence People" انهن ٻنهي ليکڪن جي وڏي هاڪ ۽ ساراهه آهي پر اهي اچي شڪارپورين جا چيلا ٿين ته جيڪر وڌيڪ پرائي سگهن، ڇو جو ته شڪارپوري، چائي ڄم کان اهڙين ترڪيبن ۾ ڪتنگ آهن.

ترڪستاني ۽ پٺاڻي ملڪن ۾ سالن جا سال رهڻ ڪري انهن ملڪن جي آبهوا جو اثر، شڪارپورين جي بدن تي گهٽو هو. اسانجا چاچا ۽ سوٽ جيڪي اتي رهندا ها ۽ سندن ٻار اتي ڄاوا ها، سي ته ڄڻ پٺاڻ ها جو قداور، ڳلن مان رت پئي ڇٽين. شڪارپوري مرد خواه عورتون، سنڌ جي ٻين شهرين کان سراسري وڌيڪ قداور ۽ موچارا هوندا ها.

سچو شڪارپوري هٿ وٺي ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪندو. اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي. ڪوشش اِهائي ڪندو تہ لعل بہ ليي ۽ پريت بہ رهجي اچي، پر جي اڳلو هرو ڀرو چڙهندو ايندو تہ پاڻ ٻوڪ ڦاڙي داداگيري ڏيکاريندو ۽ ان سان بہ جي ڪو جهڪو نہ ٿيندو تہ پاڻ کسڪي ويندو. چي: "لڙ ڪجي نڪاءُ ڪجي، اڳلو نہ پڇي تہ پاڻ پڇجي!" يا شرم پرچائڻ لاءِ هر گهر چوندو، "مڙيو سو جڙيو." وڏن جي ان سلوڪ ۽ سرچاءُ واريءَ پاليسيءَ کي اڄڪلهہ جا ٽيڳڙ وارا جوان چوندا تہ هو ڏڪڻا ۽ ڳانبو ها جو مسلم حاڪمن جا ظلم ستم چپ چاپ پئي سٺائون ۽ ڪو بلوو نہ ڪيائون. پر درحقيقت ڏسجي تہ حڪومت برابر مسلمانن جي هئي پر اُنڪان اهم مالي طاقت ۽ حڪومت جي انتظام ۾ دخل هندن جو وڌيڪ هو. ٻنهي جو هڪ ٻئي تي دارو مدار هو. اهو تہ سوچيو تہ پٺاڻ، ترڪ، ايراني ۽ بلوچ جهڙين درند ۽ خونخوار قومن ۾ اڪيلي سر اونچي ڳاٽ رهڻ ۽ ڪين ڏهي اچڻ، ڪن وڏيءَ جريت ۽ عقلمند شيردل انسانن جو ڪم آهي. اهڙن بزرگن تي اسانکي فخر هئڻ گهرجي. اُنهنجا دليريءَ افلاطوني ۽ روماني داستان مان ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ ڏيندس ڇو جو تہ اُنهن سچن قصن سان بہ وڏو ڪتاب پرجي ويندو.

اٽڪل ١٩٤٠ع ۾ مسوريءَ ۾ منهنجي بنگلي پرسان مشهور ليکڪ پنڊت راهول سانڪرتاين پنهنجي ايراني زال سان رهيل هو. هن جڏهن ٻڌو تہ آءٌ شڪارپوري آهيان تہ نهايت محبت ۽ دلچسپيءَ سان حال احوال ڏيندو وٺندو هو. هن سڄي عمر ٿبيٽ، ترڪستان، خراسان وغيره ۾ پراچين اتهاس ۽ سڀيتا جي کوجنا ڪري ٥٠-٦٠ املهہ ڪتاب لکيا آهن تن مان هڪ روس جي يوميءَ تي ناول اٿس جنهن جو ڪردار هڪ شڪارپوري آهي. هن ٻڌايو تہ يارڪند، سمرڪند، بخاري ۾ هن ڪن شڪارپورين کي اُتون جي ڇوڪرين سان پيدا ٿيل اولاد سان گهر بار ٺاهي رهيل ڏٺو. سندن رسمون رواج مليل سليل هئا. عشق جي ڪشش سرحد ۽ مذهب جي پابندي پار ڪري وڃيٿي.

ڪيترا شڪارپوري اهڙا ها جي بہ چار سال هتي ۽ بہ چار سال اُتي رهندا ها. اهڙن مان هڪ جهامنداس ٻن ٻارن وارو هو ۽ ازربائجان ۾ بہ باقائدي هڪ زال ذاريندو هو ۽ هڪ دفعي ١٠-١٢ سالن جو اُتي چاول پٺاڻي پٽ بہ وٺي آيو هو. ورلي ڪي اهڙا بہ ها جيڪي اُنهن ڇوڪرين کي پاڻ سان وٺي ايندا ها. اهڙن مان شولداس جي خراساني زال ڳاڙهو پڙو ۽ نٿ، ٻلڙا ۽ شينهن منهن وارا ڪنگڻ ۽ عاج جون ڪنگٿيون پائي هڪ ٽپيڪل شڪارپورياڻي لڳندي هئي. سنڌي ڳالهائيندي هئي پر پٺاڻي اُچار سان. اُتي نالو هوس 'دلشاد'۽ هتي 'متيري'. اڄڪلهہ بہ ڪئين سنڌي يورپ اميريڪا مان سگهڙا ٿي اچن ٿا پر انهن کي سنڌي

سٿڻ، چولي، پوتيءَ ۽ نت واري ميمر ٻڌائي نٿا سگهن.

شڪارپورين جي هڪ خصلت قابل غور هئي ته ڪيڏا به دولتمند هوندا ته به هلت چلت خوراڪ ۾ سادا ۽ پڪشت هوندا ها. وڏماڻهپي ڏيکارڻ لاءِ ڪير نه ڀيڪيدار ويس وڳن سان پنهنجو شان وڌائيندو! پر هي اُن ڪي اوقتو خرچ ۽ ٽوٽپائپ چوندا ها. خيراتي ڪمن لاءِ هزارين رپيا خرچ ڪندا پر پنهنجي شان ۽ وڏائي ڏيکارڻ کي ٺيڳر چوندا ها. هو مايا جي مهما به خوب ڄاڻندا ها جو انلاءِ فارسيءَ جو هڪ پهاڪو ٻڌائيندا ها. 'عيالدار بي زر همچو مرغ بي پر.' ٻچروال ماڻهو پئسي بنا ايئن آهي جيئن کنين ڏاران پکي.

سڀ ڪنهن کي سک گهرجي ۽ ان لاءِ شڪارپوري هن سلوڪ تي عمل ڪندا ها.

سک ملندو آهي ڌرم سان؛ ڌرم، دولت سان؛ دولت، واپار سان؛ واپار، سوراڄ سان ۽ سوراڄ قائم رهندو آهي سدا چار سلڇڻن سان. مطلب ته چڱي چال چلگت ۽ نيڪي ئي سک جو بنياد آهي.

هڪ غريب هڪ سنت جي سيوا ڪئي ته اُن راضي ٿي پڇيس، "ڌرم کپيئي ڪين ڌن؟" "ڌن!" ؛ "اڙي مورک! ڌن سان ته دک ۽ ترشنا وڌندءِ! ڪوڙيءَ عزت آبروءَ مان ڇا وٺيندين؟ ٻڌو نه اٿئي؛

مايا منهن ڪاري، ڪنهن سان نيهه ڪينڪي،
سامي ٻچيو ٻلا ڪون، ڪو ٻاڳوان ٻاري.

ڌرم سان ته ٻنهي جهانن جو سک ملندءِ! خير تو جيڪي گهريو آهي، سو توکي ملندو!"

سنت ته ور ڏيئي هليو ويو ۽ غريب دولتمند ٿي پيو. هن اُهو ناڻو پنهنجي شخصي ڪم نه آندو پر الله جي امانت سمجهي، سداورت ۽ اسپتال کوليائين، وڌوائن، محتاجن ۽ اڇپوشن کي ڳجهه ڳوهه ۾ ان ۽ ڌن پهچائڻ لڳو. هيڻن جو همراه ٿي دکين جا درد ڪٽيائين. ڪاليداس جي چوڻ تي عمل ڪيائين.

اُتم انسان جي دولت جي غرض ان لاءِ آهي ته اُن سان ارهن بيوسيلن جي لوڙ پوري ۽ مشڪل ڪشائي ٿئي.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ساڳيو سنت اُتي اچي نڪتو ۽ هن جا ڪارج ڏسي، مشڪي چيائين، "واه ڀائي واه! گهريئه هڪ شئي پر ورتي ٻيئي!" مطلب ته شڪارپوري اڪثر ان ڳالهه تي عمل ڪندا ها ته جيڪو ڌن پرمارٿ جي ڪم اچي ٿو سو ٻنهي جهانن ۾ سک ڏئي ٿو.

# سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ شڪارپوري ڳالهائڻ

جيئن تہ انسان ذات جي تهذيب ۽ علم جي ابتدا سنڌو نديءَ جي ڪناري رهندڙن رشين منين ڪئي ۽ اُن آريہ ويدڪ سڀيتا جو ذڪر پهرين باب ۾ ڪري چڪا آهيون تہ قدرتن سنڌ جي ٻوليءَ سان سنسڪرت جو لاڳاپو گهڻو آهي. ڀاشا وگيانيءَ سنڌيءَ کي سنسڪرت جي ڌيءَ ۽ هنديءَ کي ڌوهٽي يا ماسات چوندا آهن. سنسڪرت مان نڪتل پاليءَ ۽ اپڀرنش ٻولين جي بہ سنڌيءَ سان ڀيٽپي آهي. مان جڏهن پالي ڀاشا سکندو هوس تہ حيرت لڳندي هئي تہ ڀڳوان ٻڌ جا ٻول، جيڪي "ڌمر- پد" يا "مها وگ ونيہ پٽڪ" ۾ پالي ٻوليءَ ۾ آهن تن ۾ گهڻا نج سنڌي لفظ آهن.

پاليءَ ۽ سنڌي ۾ گهڻا لفظ اهڙا آهن جيڪي سنسڪرت جي ڀتن لفظن کي سولو هيڪوٽ ڪيو ويو آهي. جيئن تہ سنسڪرت جو سپت- ست، ڪرڻ- ڪن، لڪشمي- ڇمي، پريمي- پمي، ڌرمي- ڌمي، نشڪرمڻ- نڪرڻ، براهمڻ- ٻاڀڻ. اهڙا لکين لفظ آهن. سنڌي ۽ سنسڪرت جي ويا ڪرڻ جا نيم بہ گهڻا ساڳيا آهن. سنسڪرت ۾ "آ" ڳنڍڻ سان بهو وچن ٿيندو آهي تيئن اُتراڌي سنڌيءَ ۾ عدد جمع لاءِ "آ" ڪم آڻيندا آهن، جيئن تہ "زالان" "ڪتان" وغيره. سنسڪرت جي ان لاڳاپي سبب سنڌي ساهت بہ ڏاڍو گهڻو هو. سر رچرڊ برٽن ١٨٤٥ع ۾ پارت جي سڀني ٻولين جي ساهت جي ڇاڻ ۽ اوڪ ڊوڪ ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي سنڌ بابت ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ، "سنڌي ادب بابت ايترو چوڻ يقينن آهي تہ هندستان جي ڪنهن بہ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ايترو علم ۽ ادب موجود ناهي، جيترو سنڌي زبان ۾ آهي."

چيل آهي تہ ١٢-١٢ ڪوهين ٻوليءَ ۾ فرق ٿيندو آهي تيئن مهان سنڌي زبان جو بہ لاڙ، حيدرآباد، وچولي، ڪوهستان، اُتر سنڌ ۽ ٿرپارڪر ۾ ويس وڳو بدليل هو. انهن مختلف ٻولين جا فرق ۽ نمونا ٻڌائڻ ويهندس تہ ڏاڍي اينگهہ ٿي پوندي، تنهنڪري اُچاترو بيان ڪيان ٿو.

ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ سنڌ جي مختلف لحذن ۽ ٻولين جي ڀيٽ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪندي لکيو آهي: "ٻولي تہ شڪارپور جي! جهڙي آهي سپڪ ۽ سوادي، تهڙي آهي مٺي ۽ رسيلي! واه جو منجهس ميٺاج آهي! انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ڪهڙي بہ هنڌ جي ٻولي مٽ پڄي ڪين سگهندي! شڪارپوري ٻولي جنهن سبب ڪري رس ۽ جس ۾ سرس آهي سو مثال ڏيئي سمجهائيجي ٿو. شڪارپوري چون: "پائڙا هتڙي ويهہ!" پر ٻيا چوندا: "هت ويهہ"! يا "اُت نہ، ويهہ نہ!" شڪارپوري چوندا، "اُت ني، ويهہ ني!" بعضي هو اُچار وڌائي ڏگهو

ڪن ٿا، جنهنڪري اهو اچار بلڪل چٽو ٿيو پوي. پر ساڳئي وقت اهو سَر سان اچارين ٿا، تنهنڪري سندن ڳالهائڻ مٺو پيو لڳي."

ڪاڪي جو اهو لکڻ بلڪل صحيح آهي ڇو جو ته شڪارپوري هر هڪ لفظ کي ڏگهو ڪندا آهن جيئن ته، "اهو- اُهو" بدران چوندا، "ايهو- اوهو" يا "صبح - صبوح." شڪارپوري، پرڏيهن ۾ گهڻو ويندا ها ته اتون جي ٻولين جا ڪئين لفظ آڻي سنڌي زبان جا ڀنڊار ڀريا هئائون. هزارن ورهين کان سنڌ ۾ ڀيون جيڪي حملاور قومون، چيني، ترڪستاني، يوناني، هوڻ، شڪ، ايراني، پٺاڻ، عرب، پورچوگيز (پيسو) ۽ انگريز وغيره آيا سي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجون نشانيون ۽ يادگار ڇڏي ويا آهن. خاص ڪري اِهي لفظ شڪارپور ۽ اتر سنڌ ۾ گهڻا هلندا ها ۽ لاڙ وارا مشڪل سمجهندا ها. جيئن ته ڏاوڻ- وهنجڻ، جنڊو- قلف، ڪرانڊو- رنڊٿو، ڪونو- ڪڏ، موڪلڻ- منجڻ، ٻيهري- پيشي، ٻاٽا- ٻالون وغيره وغيره.

شڪارپوري يعني اترادي ۽ لاڙي يعني حيدرآبادي ٻولين ۾ ڪن لفظن جو مطلب ٺي پيو ڪيندا ها. اترادي چوندا: "اج تپ جور اٿس" يعني گهٽ اٿس ته حيدرآبادي سمجهندا ته وڏيڪ اٿس. حيدرآبادي چوندا: "بابا مس مس ڪري ٻارهن لڳي ستو،" جنهن "ستي" لفظ جي اترادي معنيٰ آهي "مري ويو". حيدرآبادي چوندو: "ڇا جو پيٽيان خرخسو مچايو اٿئي! مان ته پيٽين سان پوڪ (مسخري) پئي ڪيو ته ڪهڙي اربع خطا ڪئي؟" اتر سنڌ ۾ "پوڪ" معنيٰ "زنا".

اتراديءَ ۾ اڪثر "س" جي بدران "م" ۽ "هہ" کي گم ڪيو ٿو وڃي، جيئن ته ڪائيندس- ايندس بدران "ڪائيندم-ايندم". جهڙو تهڙو- ڪهڙو- اهڙو بدران چوندا "جيڙو- تيڙو- ڪيڙو- ايڙو" جيئن ته مونکي ڪهڙي خبر! بدلي چوندا، "ماڪي ڪيڙي ڪبر!" هيڏانهن ڪيڏانهن- جيڏانهن لاءِ اترادي چوندا، "هيڏي- ڪيڏي- هوڏي". آءٌ هوڏانهن ويس ته اترادي چوندا، "مان هوڏي ويم" "تون ڪاڏي ويو هئين؟" جتي- ڪٿي لاءِ چوندا "جاتي- ڪاتي"؛ تنهنجو- منهنجو- ڪنهنجو- پنهنجو بدران اترادي چوندا "تونجو- مونجو-ڪينجو- پانجو". خير، اهڙن اڪٿ مثالن سان ته پنا ڀرجي ويندا.

مان شڪارپوري هوندي به شڪارپوري لفظن جي ٿاه پائي نه سگهيو آهيان مثلن ڪي ٻچڙا ماڻهو ڳاهي واهي "پيٽو لڳن" جو لفظ (ڪميٽا، پيڻ جا پڙوا!) گندي گار طور چوندا ها. ٽيڪنيڪل لفظن جا لغات آهن پر روز ڪتب ايندڙ چشڪيدار چيندڙ لفظن کي ڊڪشنرين ۾ ريٽي ڇڏيو اٿن. بعضي ان جو نتيجو خطرناڪ به نڪري ٿو. هڪ دفعي يو-پيءَ جو هڪ پنڊت شڪارپور آيو ۽ اِهو لفظ ٻڌي لچي لچي کان ان جي معنيٰ پڇيائين. ان چيٽايور چوڪر ٻڌايس: "آپڪي پيٽ سي همي مان ملا". ٿوريءَ دير ۾ هڪ معتبر بزرگ پنڊت جيءَ سان ملڻ آيو

۽ ڏيکار هٿن جي صفائيءَ! پيٺيان کو ميڄالو ڏار! وينو ڏس ته ڪيئن ٿو تسينگن جا گيدا هلڪا ڪيان! جي واڃڻ نه وڃايان ته پيءُ جي تخم مان پيدا نه ٿيو آهيان! تو ته پيٺيان ڪاليج پڙهي پانجو مگج (مغز) ئي ڪراب (خراب) ڪيو آ!"

نڪي در جي ڪلهي ڳس پيهه ۾ ڪيس ناياب وجهه مليو. هن برابر پرئڪٽيڪل ڊمانسٽريشن ڏيئي، پيءُ جي تخم جي هاءِ ڪوالٽي ثابت ڪئي پر مان گيديءَ جو جگر نه هليو ته ڪئنچي ڪيئن ڪٽان. پيرن ڏنو ۽ مان پرائمري اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين ۽ باغن مان چوريون به گڏجي ڪندا هئاسين. هو باندر وانگر ٻير يا ڪجور جي وڻ تي چڙهي ڌوڻيندو هو ته مان چٽيل ڳاڙها ٻير يا ڪارڪان چونڊيندو ويندو هوس ته ٻئي ڀڃي ڪندا هئاسين ۽ گيدا ٻري گهر کڻي ويندا هئاسين. هو برف شاپ مان برف جا ٽڪر لمائي ايندو هو يا باغن مان انبڙيون ۽ توت اڏائي ايندو هو ته لذت وٺائيندو هو. هونءَ به چورايل مال ۾ چشڪو وڌيڪ ٿيندو آهي. عيوضي ۾ مان اسڪولي ڪم ۽ حساب ڪري سائينءَ جي بيدن کان بچائيندو هومانس ۽ ڪڏهن ڪڏهن نانيءَ جا ڏنل پوٺيندا ۽ تلشڪريون به کارائيندو هومانس. اسانجي اها ياراڻي گهڻو وقت نه هلي. هن جو ٽانگي وارو پيءُ ساليانِي شرطن ۾ چڙهت ڪندڙ ڪي گوهي ڏيندي وڃي ڪڏ ۾ ڪريو ۽ اُفت مري ويو.

پيرڏني جي ماءُ موچاري هئي ۽ جڏهن شباب جي منزل ۾ قدم رکيائين ته پير صاحب جي نينهن جي نگاه پيس ته خدا جو فضل سمجهيائين. ماڻس سياڻي هئي جو چاتائين ٿي ته پير سائينءَ وٽ اهڙا نذرانا جهجها ايندا آهن ۽ اِها مهر گهڻو وقت نه هلندي، تنهنڪري ڏيڻس جي پهرين ماهواري گڻي ته تهه تڪڙ ۾ ڪيس هڪ ٽانگي واري سان پرڻائي ڇڏيائين ۽ وقت سر ڏوهٽو ڄائس ته صحيح نالو رکيائينس 'پيرڏنو'. پيرل جي ماءُ اڃا جوانيءَ ۾ هئي، رن ٿي ته پيو مڙس به جلد ملي ويس، پر بدبختيءَ کان اهو هڪ نمبري لچ ۽ پوليس جو خابرو هو. هڪ ڏينهن جوڻس ماهواريءَ ۾ هئي ته اچي پيرل ڪي چنبڙيو. چم چٽ ڪري اڳٽ چوڙيائينس ته سندس رڙين تي ماڻس اَئي آئي ۽ زال مڙس جي ڏڪا بجي ٿي پئي. هونءَ به هوءَ هن مان هلاڪ ۽ بيزار هئي جو بيغيرت ٿي پنهنجي عملدارن وٽ وٺي ويندو هوس. هن ڪيس طلاق ڏيئي پنهنجي ٥-٦ سالن جي ڌيءَ سلما کي وٺي وڃي سڪر جو چڪلو وسايو.

پيرل ڪي ماڻس يتيم خاني ۾ داخل ڪرائي وئي. هو ٿورو وڏو ٿيو ته يتيمخانو ڇڏي چورن لاءِ جاسوسي ۽ هيرافيريءَ جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو. شڪارپور مان چورايل مال لاڙڪاڻي ۽ لاڙڪاڻي جو شڪارپور ۾ پيو وڪامي. هو پيرن اڳهاڙو مسجد، بالڪرام جي مڙهيءَ يا ڪنواريءَ ڌرمسال ۾ ڪتا آڻي ويندو ۽

موٽندو تہ نئون بوٽ پاتي نڪرندو هو. اهڙن ١٥-٢٠ بوٽن جو ذخيرو جيڪب آباد وچي نيڪال ڪندو هو. ميلن ۾ وڏيڪ چانس ملندي هئس.

معصوم صورت ۽ ننڍي عمر هوندي بہ پوليس جي اکين ۾ گهڻو وقت سرمو پائي نہ سگهيو تہ ڇهہ مهينا ناناڻي گهر آماڻيائونس جتان ڪنڊيڪپ ۽ چوريءَ جي فن جو ڊپلوما حاصل ڪري آيو هو.

## تعليمي سرشتو

اوائل ۾ سنڌ ۾ تعليم پرائڻ لاءِ هندن لاءِ اوجها ۽ مسلمانن لاءِ مسيتن ۾ مڪتب هوندا ها. ڪي برهمڻ پنهنجي گهرن يا مندرن ۾ هندي، سنسڪرت جوتش جنم پتريون ناهڻ وغيره سيکاريندا ها. اوجهن ڪي پنهنجون جڳهيون هونديون هيون يا شاهوڪار يا ٺيڪيدار ڪين جڳهہ ۽ فراس وغيره ڏيندا ها. اوجهن ۾ هندو سنڌي لنڊا اکر، ڏيهي حساب، وياج ڦلائڻ، روزنامچو، کاتو ڪرڙو، پوتا ميل ڪڍڻ، هنڊيون نونڊڻ، مطلب تہ واپار يا دنياداريءَ جي نيڪي چوکي لاءِ جيڪي ڄاڻڻ ضروري آهي سو سڀ سيکاريندا ها. ڪاٺ جي پٽيءَ تي ميٽ مکي ۽ سڪائي ڪني وجبو هو جنهن تي ماستر اندا پائي ڏيندو هو، تن جي مٿان ڪاريءَ مس ۽ ڪاني جي ليکڻ سان اکر پڇائيا ها. شاگرد، استاد يا سرڪار کي ڪجهہ بہ خرچ ڪرڻو نہ پوندو هو. شاگرد هڪ ڪم سکي پورو ڪندو هو تہ وڏيڪ سيکاريندا ويندا هئس يعني ساڳئي ڪلاس ۾ هرويرو هڪ سال نہ ترسائيندا ها.

جيتوڻيڪ سرڪاري عربي سنڌي اسڪول کلڻ کانپوءِ گهڻا شاگرد انهن اسڪولن ۾ وڃڻ لڳا تہ بہ اوجهن ۾ جيڪي هٽ واٽڪا اکر ۽ پيا ڪارائتا ڪم سيکاريندا ها، تنهنڪري پائيندن جي ٻارن لاءِ اوجهن ۾ وڃڻ بہ ضرور ٿيندو هو. اوجهن ۾ گرمکي ۽ هندي بہ سيکاريندا ها. ١٩٤٧ع ۾ ورهاڱي وقت بہ ڪئين اوجها وجود ۾ ها. هندو سنڌي لنڊن اکرن ۾ بہ ڪيترو ساهت هوندو هو. منهنجي بزرگ دوست دادا جيرامداس مونکي ١٨٤٢ع ۾ ڇپيل، بمبئي يونيورسٽي لئبرريءَ جي هڪ انگلش سنڌي ڊڪشنري ڏيکاري جيڪا واڻڪن لنڊن اکرن ۾ هئي. خود مون وٽ انهن اکرن ۾ چار دوريش، ساميءَ جا سلوڪ وغيره ٽيهہ چاليهہ ڪتاب هئا. اڄ بہ شاهوڪار پنهنجون وهيون ۽ نکيڙه انهن اکرن ۾ ڪندا آهن.

مڪتبن ۾ گهڻا مسلمان پر ٿورا مان جهڙا وديا جا نوپي واڻيا بہ پڙهڻ ويندا ها تہ منع نہ ڪندا ها جو ست- اٺ شاگرد مس ايندا ها ۽ اوجهن ۾ ١٠٠- ١٥٠

شاگرد هوندا ها. مڪتبن ۾ ملان، پارسيءَ ۾ قرآن شريف، نور نامو، ڪريما، گلستان، بوستان وغيره پاڙهيندو هو. ڏياريءَ، هوليءَ، شادي مراديءَ تي اوجهن وانگر ملان ۾ آخوند کي به ڪپڙا لٽا، مٺائي ۽ اناج وغيره ڏبو هو. مان جڏهن مسيت ۾ ويڻ بند ڪيو، تنهن ڪانپوءِ به اسانجي گهران، ملان کي ٿورو گهڻو ملندو رهندو هو. ماڻهن ۾ انهن غريب اوجهن ۽ ملن جي چڱي عزت هوندي هئي.

شڪارپور ۾ ١٨٧٣ع ۾ هاءِ اسڪول کليو هو جنهن جو پهريون هيڊ ماستر مرزا صادق علي (مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڀاءُ) ٿيو هو. ١٩١٨ع ۾ مان جڏهن ان هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس تڏهن ديوان خوبچند چئناڻي هيڊ ماستر هو. هو اهڙو سخت هوندو هو جو شاگردن جو سک چين حرام هو. مجال آ جو اسڪول هلندي ڪو پٽڪو ٻڌڻ ۾ اچي! اسان جهڙن اڙٻنگ ڇوڪرن جا ته ڇوڏا لاهيندو هو. انهيءَ سختيءَ هن جي پٽ حشمت کي ڏاڍو لائق بڻايو جو وڏي هوندي بمبئي هاءِ ڪورٽ جو چيف جج ۽ بمبئي جو گورنر به ٿيو. هن ڪانسواءِ ٻيا به ڪئين وڏا ماڻهو اِن اسڪول مان تعليم پرائي نڪتا ها جن مان سر غلام حسين هدايت الله (سنڌ جو گورنر) به هڪڙو هو.

سرڪاري هاءِ اسڪول ويجهو هوپفل ايڪيڊميءَ جو هاءِ اسڪول به هوندو هو. اهي ٻئي اسڪول راندين ۾، مئٽرڪ جي نتيجي ۽ اخلاق ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪندا ها ۽ ٻنهي جون ڪرڪيٽ، فوٽبال، ونجهوٽيءَ راندين ۾ چٽاڀيٽيون اڪثر ٿينديون هيون پر هڪ دفعي ليڪچربازيءَ ۾ به مقابلو مقرر ٿيو. فيصلو ٿيو ته ٻئي ڏينهن شام جو سيٺ هيرانند ميندي جي باغ ۾ ٻنهي اسڪولن جي ميٽنگ ۾ هر هڪ اسڪول جا چار- چار چونڊ شاگرد تقريرون ڪن ته "نشيدار شيون واپرائڻ نقصانڪار آهن." بهترين ليڪچرار کي انعام ملندو. هيرانند جو باغ ٻنهي اسڪولن کي ويجهو هو.

ان موقعي تي اسان هاءِ اسڪول جي ڇوڪرن باغ ۾ شئل ڪرڻ جو ٺاهه ڪيو ۽ هيڊ ماستر صاحب، ڊرل ٽيچر يوسف پهلوان جي نگهبانيءَ هيٺ اجازت ڏني پر تاڪيد ڪيائين ته وقت سر ميٽنگ ۾ ڇوڪرا تيار هجن. ٻئي ڏينهن ڇوڪرا پنهنجي گهران، باغ ۾ اٽو دال وغيره کڻي آيا. جن کي ملائي سلائي ٿوپڻ پٽيوالي روٽيون پچايون ۽ دال ٺاهي. باغ ۾ چلهيون، ڪانيون ۽ ٺڪر جا ڪنا ۽ دانگيون ته اڳ ۾ ئي هيون. مانيءَ سوادي ٺهي ۽ سڀني ڪيلي جي پتن تي رکي ڏهُ ڪري ڪاڏي.

سخت گرميءَ جا ڏينهن ها. يارن جو خيال ٿيو ته ٿاڌل ٺاهي پيئجي ته جيئن بادامين، مصريءَ ۽ کير جي تراوت ۽ قوت سان شام جي مقابلي ۾ چمائي منهن ڏجي. ٿاڌل لاءِ يوسف پهلوان به منظوري ڏني جو نيٺ به اسڪول جي عزت جو

قادر داد خان جو پيءُ گل خان، قندار جو سوداگر هو ۽ ۱۸۲۴ع ۾ قافلي ۾ ايندي ڌاڙيلن هٿان لٽجي ۽ قتل ٿي ويو هو. سندس ماءُ شڪارپور ۾ اچي رهي ۽ ٽوپيون ٺاهي ۽ محنت ڪري گذارن ڪندي هئي ۽ پٽنهنس پنهنجي اورچائي ۽ ايمانداريءَ سان خان بهادر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو.

شيخ صادق عليءَ جا وڏا اصل سهارنپور جا ۽ ۱۸۵۷ع جي بلوي ۾ شڪارپور ۾ اچي پناه ورتي هئائون. هي صاحب به پنهنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ خيرپور رياست جو وزير بڻيو. هو صاحب مسلمان شاگردن کي پنهنجي خرچ تي تعليم ڏياريندو هو. **خان بهادر حسن علي آفندي** به غير سنڌي، اصل حيدرآباد جو هو. هن ڪراچيءَ ۾ وڏو مدرسو کولي جنهن مسلمانن ۾ تعليم لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هو ڪراچيءَ جي ناميارن وڪيلن مان ليکبو هو. ۱۸۸۸ع ۾ ترڪيءَ جي رشيا سان جنگ ۾ هن ترڪيءَ جي گهڻي مدد ڪئي ته ترڪيءَ جي سلطان کيس 'آفنديءَ' جو خطاب ڏنو هو.

## پنچائتيون

سنڌ ۾ پنچائتن جو ڏاڍو زور هوندو هو جنهن مان وڏا فائدا ها. مسلمانن جي صاحبيءَ ۾ رعيت جا اهنج، حاڪمن جي ڏيان تي اچڻ جو ڪم پنچائت ڪندي هئي. هر هڪ ڳوٺ ۾ پنچائت هوندي هئي. وڏن شهرن ۾ جدا جدا ڌنڌي وارن يا پاڙيوارن جون پنچاتيون هونديون هيون، جيڪي پنهنجا عيوضي جنرل پنچائت ۾ موڪليندا يون هيون. انهن ننڍين پنچائتن ۾ شاديءَ غميءَ لاءِ فراس ديڳيون برتن وغيره سامان هوندا ها. هو پاڻ ۾ گڏجي شٽل سواد ڪندا ها ۽ شاديءَ غميءَ ۾ ياڻرن وانگر همراه ٿي بيهندا ها. پنچائت، ابي امر مثل سار سنڀال لهندي هئي ۽ ڪوبه گهرجائو اتي لٽي يا دوا درمل ڪان وانجهو نه رهندو هو. شاديءَ مراديءَ تي هر هڪ کي پنهنجي وت آهر پنچائت کي ڀنڊياڻ ڏيڻو پوندو هو.

وڏيءَ جنرل پنچائت ۾ سڄي شهر جا معاملا، سرڪار ۽ ميونسپل سان تعلق رکندڙ ڳالهين جو فيصلو ٿيندو هو. اُن جو پريزيڊنٽ ٿيڻ وڏيءَ عزت ۽ فخر جي ڳالهه ليکبي هئي. پنچائت ۾ ڪئين جهڳڙا ايندا ها جو سمجهندا ها ته پنچن ۾ پرميسر آهي. ڪورٽن ۽ وڪيلن جي ڳاٽي ڀڳل خرچن ۽ دربدر ٿيڻ کان پنچن کان فيصلو ڪرائڻ ۾ ٻنهي ڌرين جو فائدو ٿيندو هو. جيڪڏهن ڪا ڌر پنچاتي فيصلو قبول نه ڪري، ڪورٽ ۾ وڃي دعوا ڪندي هئي ته ڪورٽ به اڪثر پنچات جو فيصلو برقرار رکندي هئي. جيلن ۾ ڏوهاري ٻين ڳرنگ قيدين کان

هاڻي هند کي ڪري رهيا آهن.

سؤدي خاطر سنبهي، جيڪي ويا جاوا،
ڪري وڻج واپار، سي سگهو ٿيا ساوا،
اڻ ميو ڏن اُتان، سو جو ڪمائين،
پاڻ تہ ڪائين، پر تن جا پويان پڻ ڪائين.

مٿيئن مصرع ۾ شاہ لطيف رڳو جاوا چيو آهي پر دنيا جو اهڙو ڪو ملڪ نہ هوندو جتي سنڌورڪين جو ڪاروبار نہ هجي. سنڌن ڏن جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو! مان تہ جنهن بہ ملڪ ۾ ويس اُتي ڪين مڪاني ماڻهن کان وڌيڪ مالدار ۽ سٺيو ستابو ڏٺم. ڪن ملڪن ۾ ڌارين کي جائيداد خريد ڪرڻ تي بندش هئي پر ورهاڱي کانپوءِ پائيبند آڪهہ سوڌو وڃي اُتي رهيا آهن تہ گذريل ٣٥ سالن ۾ جيڪي سنڌن پار اُتي جاوا آهن، تن کي مڪاني ماڻهن جهڙا حق آهن. تنهنڪري اُنهن تي جائيداد وٺڻ يا ڪارخانا کولڻ جي ڪابہ منع ڪا نہ آهي. اُتي جا وڏا مارڪيٽ، ملون، ڪارخانا ۽ هوٽل ڪيئن سنڌين جا آهن. ڪن کي پنهنجا آگبوٽ ۽ هوائي جهاز پڻ آهن. اڳي ۾ عامل کين گهٽ نظر سان ڏسي پنهنجون ڌيئر کين نہ ڏيندا ها پر هاڻي وٽن نوڪري ڪن ٿا ۽ سائن سڱ ڳنڍڻ ۾ فخر وٺن ٿا.

مٿيان سنڌورڪي ڏاڍا پڙهيل، فيشنبل، سخي، هٺ ڇوٽ ۽ سڀ ڳالهہ ۾ افلاطون آهن، پر سنڌ جي ننڍين ڳوٺن ۾ رهندڙ پائيبند بلڪل ٻئي نموني جا. نهايت سانگ صرفي واري زندگي گذاريندا ها. دڪان تي نوڪر نہ چاڪر، پاڻ شهرن مان مال خريداريءَ خاطر ويندا تہ سنڌن ماءُ يا زال دڪان هلائيندي هئي. ڳوٺ ۾ سؤ بہ سؤ گهر مسلمانن جا ۽ ٻہ ٽي گهر واڻين جا هوندا ها. ڪي جزوي پائيبند پنهنجن ٻارن کي شهرن ۾ تعليم وٺڻ لاءِ موڪليندا ها. ننڍڙا ٻار شهر ۾ ڪٿي رهن جو تعليم وٺن! چار پنج ميل مفاصلي تي ڪو شهر هوندن تہ بہ ڳالهہ آهي نہ تہ اڪثر ٻارن کي پاڻ ئي حساب ڪتاب ۽ لنڊن اکرن ۾ ڪاتو ڪرڙو، چٺي چپاٽي لکڻ سيکاريندا ها. تہ ٻارن جي تعليم جي حد ٿي چڪي. چٺي لکندا ها هنريت:

”ايڪو اونڪار، انيڪ اُپما جوڳ پائي نوتنداس بصرملاٽي پاست لکتم ڳڙهي خيري وچون نيئلج وند نوڪر ٻانهي مرجوءَ پوج ٺهراماٽيءَ جي رام رام واچڻي. کوشي گهڻي ڪرڻي. کوش پرسن رهڻو. توهانجو اسانجو سري جوتي سروپ سهائتا ڪندو. اُپرانت سڳداسي چانور ڏہ ڳوٽيون ۽ گرت ڌہا پنج توانڪي ميان جهمت خان اونيءَ سان موڪليا آهن. تنجي رقم اسانجي جما ڪرڻي. اُپرانت

سماچار واچي ڦيري حوال ترت ڏجو تہ دلجاءِ ٿيندي. ہيو حال توانجي چٺيءَ آويءَ ڏينداسونوَ. متي ڦڳڻ سڏي تيرس سنبت ١٩٥٨."

(نيٺاج وند = نيازوند؛ کوشي = خوشي؛ گرت = گيهہ؛ آويءَ = اچڻ).

ٿي سگهي ٿو تہ نيٺاج وند نوڪر ٻانهو مرچو چڳيءَ زمين. ١٠-١٢ گانئن ۾ هڪ ٻہ سؤ تولا سوني جو ڏٽي هجي، پر اڪثر غريب هوندا ها. صبح جو دڪان کولڻ کان اڳ دڪان جي چائنٺ چمي، ڪلف ڪڙو لاهي، رام- رام چئي دڪان تي جل جا ڇنڊا وجهندا، ڇو جو تہ دڪان جو ديوتا ئي تہ روزي رسائي ٿو. گرونانڪ مهاديو رامڪشن وغيره ديوتائن جي اڳيان اگربتي ڦيرائي چوندا: "او صبح جا سائين! ٻيڙا ٻني لائين، موذيءَ جو منهن نہ ڏيکارين!" چئي ڌنڌو شروع ڪندا. سندن وڪڙو ٻہ پائن پيسن بلڪ ڪوڏين ۾ بہ ٿيندو هو. ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ پربو آهي. برڪت جا زمانا ها. پائي پيسي ۾ ٽڪي جا سڪا هوندا ها ٽامي جا. آنڪ ملاوتي ڌاتوءَ جي، ٻي آني- پائلي- آڌي ۾ رپيو نج چانديءَ جا هوندا ها. انهن سڪن ڪانسواءِ ڪوڏيون بہ هلنديون هيون دمڙيءَ ۾ ڏهہ، ڪسيريَ ۾ ويهہ ڪوڏيون هونديون هيون ۽ چار ڪسيرا هڪ پيسو. ٽڪائي ۾ مٺو ٽيڪي پنج ڪوڏيون رکبيون هيون تہ ڪٺاهہ پرساد ملندو هو. ٥-١٠ ڪوڏين سان لئي ۾ گبت بہ وٺي اچبو هو.

چيل آهي تہ زال تہ شرم، مرد تہ ڪرم، واپاري تہ نرم، آفيسر تہ گرم ۽ دلال تہ بيشرم! ان موجب نمرتا، پائيبند جي بنيادي خاصيت آهي جو ان ۾ خرچ تہ ٿيندو ناهي پر مطلب وڏا حاصل ٿيندا آهن. هونئن بہ لائق انسان جي ڌن دولت وڌندي آهي تہ سندس نئڙت بہ وڌندي آهي. مها ڪوي ڪاليداس جو قول آهي.

وڻن ۾ ميوو لڳندو آهي تہ اهي جهڪندا آهن. پاڻيءَ سان ڀريل بادل بہ جهڪندا آهن، مايا ملڻ تي نيڪ مردن ۾ نيزاري ايندي آهي. پائيبندن ۾ نئڙت سان گڏ شناخت ۽ دورانديشي، ڄڻ سوني ۾ سڳنڌ آهي.

نمرتا گڻ بہ آهي تہ بچاءَ جو فن بہ آهي جيڪو پائيبندن کان سکجي. اهڙيءَ حليمائي سان مٺو ڳالهائيندا جو دشمن بہ ڪين هيٺو ۽ ويچارو سمجهي پنهنجي بچاءَ کان بيخبر رهندو. وات ۾ ماکي، دل ۾ ڪاتي. A Honey tongue, a heart of gall.

هوڏانهن ڪو عامل يا مسلمان، پاڻ پڏائڻ ۽ ڦرہاٽ هٽڻ ۾ وڏي حماڪت سمجهندو. خبر تڏهن پوندس جڏهن ڪيس هارائي شڪست کائيندو تہ بہ سچو پائيبند پچر نہ ڇڏيندس تہ متان وري تڪليف ڏي! يڪدم وڃي دشمن جي دل تي ڇنڊو وجهندو. چي: "مانکو غلطي تي وئي. اسانجي پاڻ ۾ هيڏي محبت! الائي کهڙا اچي گرهہ وينا جو پائپيءَ ۾ خلل پئجي ويو! هاڻي گذري سا گذري، پاڻ ۾

تون نٿو ڇڏين اُهو ڪم پوءِ ڪندس!" تڏهن پائيند چوندو: "اري ڇوڪڙا! وٺ هي پئسو! گاشي پوڳڙيءَ ڪان ڪي سوادي پڪڙا ته وٺي اچ ته سيٺيءَ ڪائي پاٿي ڏڪ پيئن. اڄڪلهه هولي جي حلوي ۾ جس ئي نه رهيو آهي."

جيڪي شڪارپورين تي اما ٺٺولبازي ڪندا آهن تن کي سنڌن اصلي هلت چلت جي سڌ ناهي. اڪثر پڪشت ٿيندا ها جو پاڻ تي به خرچ نه ڪندا ۽ اوچن ڪپڙن پائڻ کي ٺوٺپاٽ چوندا ها. اندر اگڙيون، ٻاهر پگڙيون ڪڏهن نه ڪندا پر ٻين جي سک لاءِ سخاوت سان خوب خرچ ڪندا ها. ڌرمائو اسپتال ۽ سداورت، ڌرمشالائون، يتيم خانا ۽ خيراتي ٻيا آشرم جيترا شڪارپور ۾ ها اوترا ٻيا ڪٿي نه ها. هنن جي رڳ رڳ ۾ اِهوئي يقين ويٺل هو ته ٻنهي جهانن جو سک ڌرم سان ملندو آهي.

سيٺيءَ هڪ جهڙا نه ٿيندا آهن جو ٻئي جهان تائين ترسڻ جو صبر به ورلي ٿيندو آهي. هڪ ٽيپڪل پاڇر پائيند پنهنجو لنبو ۽ ڪوٽن ڪاڌل ڪوٽ غريب ٽوپڻ کي ڏنو. ڪيترا ڏهاڙا ته پنهنجي سخاوت جي ڳالهه يارن دوستارن ۾ پاڙي ٻنبي ۾ ڪري جس ۽ شاباس حاصل ڪندو رهيو. هيڏانهن ٽوپڻ کي چوندو: "جيڪو آ سو چوان ته ڪري نٿو پر نيٺ به مان توکي پانجو ڪوٽ ڏنو آ! رامون نوڪر الائي دير جو لڳائي آ! ڇگو پلا سٺ ڏيئي ڪوه تون ٻه چار ڏول ته ڀري اچ!" ڀري آيو ته چوندس: "پلا هن ڪتولي جي ٽانگهه ته ڇڪي وٺ!" ڇڪيائين. "اڙي يار! انهن هڏن مان ڪجهه نه وٺيندين. نيٺ خاڪ ٿي ويندا. جيڪو آ سو سياڻن ڇيو آهي ته بيڪار ڪان بيگار ڀلي! مڙيئي پاڻ ۾ پائر آهيون. ننڍڙي کي ڪچ ۾ ڪٿي هل ته دوا پيٺاري اچونس!" اهڙيءَ طرح ويچاري کي وهائي. ماڳهين لنبي ڪوٽن ڪاڌل ڪوٽ جو عيوضو هن جهان ۾ ئي وياج سميت وصول ڪري ٽيڪ ڪيي ڇڏيندس.

پر اهڙا نجس ڪي ورلي هوندا ها جو پاڻن ۾ ڪو ٽٺو ٿيندو آهي نه ته اڪثر شهاڻا ۽ هڪ هٿ سان خيرات ڪندا ته ٻئي کي پتو به نه پوندو. ان ڪانسواءِ ايمانداري سنڌن هڪ وڏو گڻ هو. ريزڪي دڪاندار، ٻڌن واپارين ڪان بنا سهي پترٺءَ مال ڪٿي ايندا ها ۽ مال وڪڻي وجي شاهن سان سنمڪ ٿيندا ها. عام دڪاندارن کي قرض ڪڻڻ جي ضرورت نه پوندي هئي. پرائو پئسو کائڻ يا بي ايماني ڪرڻ عظيم گناه سمجهندا ها. منهنجو چاچو ياراٽيءَ ۾ ڪنهن جو ضامن پيو ۽ قضا الاهي اُهو دوست مري ويس. هن کي نه پائي ملي هئي نه پئسو، پر زبان جي پت رکڻ لاءِ، گهر جا زر زيور جاءِ جڳهه وڪڻ ڪانپوءِ به جيستائين ذمي برداري پوري نه ڪيائين تيستائين هڪ وقت ماني کائيندو هو.

پر جڏهن کان بي ايمانن جو وسيلو وڪيل پيدا ٿيا تڏهن کان ڪيڏيا وڏي

وئي آهي ۽ ٺڳي ۽ بي ايمانيءَ کي "هوشياري" تا سمجهن. مثلن قرضدار تي چار هزار جو لهڻو ثابت ته ٿيو پر ڪورٽ ۾ چيائين ته سندس ڪمائي رڳو ٻه سؤ آهي ۽ سندس ٻچڙا ٻک تا مرن. آخرڪار پنجويهه رپيا قسط مقرر ٿي، سا به نه ڏنائين. جيتوڻيڪ جوڻس ڏيءَ ۽ ياڻ کي ادائي هزار ماهور ڪمائي هئڻ. ننڍپڻ ۾ هڪ ڏهاڙي ڪورٽ ۾ ويٺي دنيا جا رنگ ڏٺم. ياٺي رهندمل کي سهي پٽريءَ ڪانسواءِ ڳانءِ ملي هئي جيڪا جلد مري وئي هئس. هن يڪدم قبول ڪيو ته ڏنار برابر پئسا اهٺي ۽ مزوري ڪندو آهيان. جج، ڪمائيءَ ۽ ٻچرواليءَ جي لحاظ کان پنج رپيا قسط ٻڌس ته جج کي هٿ جوڙي چيائين: "سائين! پندرهن رپيا قسط ڪريو ته منهنجو به بار لهي. مان ٻيٺو پورهيو ڪري به قرض لاهيندس." پوءِ ٻڌم ته رهندمل کي ياڳ لڳو ته ٻن مهين ۾ ٺي هٿ جوڙي وياج سوڊو قرض لاهي آيو. اُن زماني جا اهڙا انيڪ مثال آهن. هن وقت جي ڪن ماڻهن ۽ وڪيلن ليکي اهڙا ماڻهو ٻوڪ، **ڪٽريل ۽ چريٽ** ها.

## عامل

جيئن سنڌ جو سمورو واپار ۽ دولت ياڻيبندن جي هٿ هئي، تيئن سرڪاري انتظام عاملن وهيٺو هو. انگريزي تعليم جو وڏو فائدو حيدرآباد ۽ ٻين شهر جي عاملن ورتو. سرڪاري تعليم اهڙي نموني جي هئي جنهن مان شاگرد انگريزن جا وفادار ۽ جان نثار نوڪر بڻجي سندن حڪومت جو انتظام هلائي سگهن. عاملن سندن اِها آس پوري ڪئي ۽ انگريزن ڪين هيڊ منشي، مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر به بڻايو. ان وقت ڏيهي ماڻهن لاءِ اهي وڏي ۾ وڏا عهدا ها ۽ انهن عهدن وارا ياڻ جهڙو ڪنهن کي نه سمجهندا ها جو ياڻيندن مان سڱ وٺندا ها پر ڏيندا نه ها. گهٽ ڀگهار وارا ڪچرا عامل به دڪان ڪرڻ يا ڏنڌي ڪرڻ ۾ مهٽو سمجهندا ها.

ان زماني ۾ ڪليڪٽر، سيشن جج، وڏا ڊاڪٽر ۽ چيف انجنيئر يورپي هوندا ها. پوءِ عامل، ولايت وڃي وڏا امتحان پاس ڪري آيا ته ڪين انهن عهدن تي به رکيائون. مسلمانن مان ورلي ڪو پڙهندو هو. ڪين همٿائڻ لاءِ انگريز، گهٽ پڙهيل مسلمان کي وڏا عهدا ڏيندا ها. مثلن ميٽرڪ پاس مسلمان کي ڊپٽي ڪليڪٽر بڻائيندا ۽ هندو گريجوئيٽ کي سندس منشي ڪري رکندا. پوءِ جڏهن ١٩٣٦ع ۾ سنڌ، بمبئيءَ کان جدا ٿي ۽ مسلم وزارت ٺهي ته سيني وڏن عهدن تي مسلمانن کي مقرر ڪرڻ لڳا. ايتري قدر جو جهونن قابل هندو عملدارن مٿان، نوان سيڪڙات مسلمان پيا مقرر ڪن. جڏهن تعليم يافتا عاملن جو آب تاب نه

رهيو تہ سندن وايون بتال ٿي ويون، ڇو جو تہ جن سٽن پيڙهين کان نوڪريون ڪيون سي ڪهڙيءَ پر وڃن! اهڙا قصا بہ ٿيا جو ڪي جزوي عامل عهدن جي لالچ تي اِسلام ۾ داخل ٿيا پر اڪثر ڪند مان ڪلي ڪيي ڏنڊو واپار ڪرڻ لڳا يا سنڌورقي پائيندن وٽ وڃي نوڪريون ڪيائون.

ميرن جي صاحبيءَ ۾، ڍلون اُگاڙڻ، ليکي چوکي ۽ خزاني جي سنڀال ۽ ٻيا اهڙا ڪم عاملن جي هٿ وس هوندا ها. ان لاءِ سر رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب Sindh and the races that inhabit in the valley of Indus جي تيرهين باب ۾ عاملن لاءِ هن ريت لکيو آهي: "لکيءَ جو پيشو، گهٽيءَ اورچائيءَ سان سکڻ ڪانپوءِ، عامل ان وقت جي حاڪمن جي نوڪري ڪندا ها. هو سندن چاپلوسي ۽ دوکيبازي ڪندا ها. رعيت جي جن ماڻهن جو ڪم منجهن اڙندو هو تنکي خوب ڦريندا ها. عامل پنهنجي مطلب ۽ مراد حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ ڏسندا ها ۽ ڪنهن تي بہ رحم يا رعايت نہ ڪندا ها. هنن کي ڪوڙا دستاويز، سندون ۽ مهرون ناهڻ ۾ جيڪا مهارت هئي، سا هنن جي چالاڪين ۽ حرفتبازين کان گهٽ نہ هئي. هو ڏيک ويک ۽ قيمتي ڪپڙن جا ڪوڏيا آهن."

عاملن لاءِ اهڙا بدلفظ لکڻ وارو سر رچرڊ برٽن پاڻ ڪو وڏو ڪودڙو ٿو ڏسجي. انهيءَ ڪتي جي پڇ کان پڇجي تہ ڇا سنڌ جا سڀ حڪمران اهڙا چِسا ۽ چريٽ ها جو پنهنجي مسلمين پائرن کي ريٽي، راڄ جي انتظام لاءِ هندن کي مقرر ڪندا ها! نہ رڳو ڪلهوڙا ۽ ٽالپر پر تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ سومرن، سمن، ارغونن ۽ مغلن جي صاحبيءَ ۾ بہ حڪومت جي ڪاروبار ۾ عاملن جو گهڻو عمل دخل هوندو هو. اهو نامراد رچرڊ برٽن تہ ٿورو وقت سنڌ ۾ رهيو پر جن دورانديش انگريزن سڄي عمر عاملن سان گڏجي ڪاروبار هلايا تن، عاملن جي قابليت جي ساراهہ جون سرڪيون پريون آهن. پير علي محمد راشديءَ، "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" جي ٽئين جلد جي ١٧٣ صفحي تي لکيو آهي تہ هن جي خط جي جواب ۾ سر پيٽرڪ ڪيڊل (جنهن سنڌ ۾ چاليهہ سال نوڪري ڪئي ۽ آخر ۾ ڪمشنر ٿي رهيو هو) لکيو هو تہ هن پنهنجي سموريءَ نوڪريءَ ۾ انتظامي امور ۾ عاملن جهڙا هوشيار، چست ۽ اعليٰ صلاحيتون رکندڙ اهلڪار ڪونہ ڏٺا.

ڪئين دفعا ائين ٿيو تہ ڪنهن معمولي عامل آفيسر بہ وڏن انگريز آفيسرن جو رک رکاءُ نہ ڪري اُنهن جي خلاف فتوائون ڏنيون هيون. اُنهن مان گهڻيئي وڏا ودوان، تيز فهم ۽ سوجهہ ٻوجهہ وارا پروپڪاري جيو ها. اُنهن ڪاليج، اسپتال ۽ اسڪول کولي اَتاهہ پروپڪار جا ڪم ڪري سنڌ جي سڌاري ۽ واڌاري جا ڪم ڪيا. مونکي رڳو هڪڙي ڳالهہ برٽن جي صحيح لڳي ٿي تہ اهڙا بہ ڪي عامل آهن جيڪي سمجهن ٿا تہ ٻاهرين دمبازي ۽ پيڪو ڪتي ٿو. اندر ڪري آلو نور

هجي پر ٿڙڪو ڦڙڪو رکيو تہ وڏيڪ عزت پائبي. اهو نہ سوچيندا تہ متان وڪا پڌرا ٿي پون! ڪي ڪي تہ گهر ۾ بہ نيڪٽاء، پتلون ۽ سولا هئٽ پائيندا ها. مون وٽ گلاس فيڪٽريءَ ۾ ٽيهہ پنجيهہ ڪلارڪ ها تن مان ست اٺ عامل بہ ها. هو اهڙو ٻمر ۽ ٺاٺ رکندا ها جو ٻاهريان ماڻهو کين مالڪ ۽ خاص ڪري مان. ڏوتر واٺي مالڪ کي سندن نوڪر سمجهندا ها.

## ڳوٺاڻي رهڻي ڪهڻي

سنڌڙيءَ جي سونهن جو ڪهڙو بيان ڪجي! بهار ۽ سارنگ ۾ تہ سائين سچيءَ زمين کي ڄڻ سائي ساڙهي ٿو ڍڪائي. ڀهراڙين جا ڀنيون ٻارا ۽ وڻ ٽڻ ڏسي نيڻ ٺريو پون. هر هنڌ گل ڦل، گلاب موتيو، رابيل ۽ چمبيلي، چمن ۾ ڦوه ۾ هجن ٿيون جن جي سرهاڻ قلب کي قرار ڏيئي ڇڏيندي هئي. چوطرف پوپٽ، بلبل، چيها، چتون ۽ ڪاري ڪوئل، وڻن مٿان ٽپندا پيا. ڪونجار ۽ ٽنوار ڪندا ها. سائينءَ جي اُنهن اَڏامندڙن نيڏڙن من موهيندڙ رانديڪڙن جو لقاءُ روح کي راحت ڏيندو هو. جيڏانهن تيڏانهن جانب جو جمال پيو پسبو هو.

پر آتي اهڙي زمين بہ هئي جيڪا نيم رڻپٽ هئي. ميلن جا ميل، آبادي جو آثار هوندو هو برسات تي ۽ مينهن اهڙن باراني علائقن ۾ چوٿين پنجين سال ڦيرو ڪندو هو. تيستائين ويچارا غريب مال تي، ٻڪرين رڍن تي گذر بسر ڪندا ها. پر غربت ۾ بہ دل وڏي. پاڻ ٻکون ڪيندا پر مهمان کي پيٽ پرائي ڪارائيندا. گهرجون گهٽ ۽ برڪت پريا زمانا ها. سڀ شئي سستي، جيتوڻيڪ ڪمائي گهٽ تہ بہ الغرضائي ۽ بيفڪري هئي. ماڻهو حرص ۽ هوس جو ٻندو ڪونہ بڻيو هو. اڄڪلهہ جي مسئلن تہ جيءَ کي جهوري رکيو آهي ۽ ضرورتن جي اٿاه عالم ۾ انسان سرگردان ۽ پريشان آهي.

سنڌ جو ٨٥ سيڪڙو آدم ڳوٺن ۾ آهي تن کي لسيءَ جي گلاس ۾ مکڻ جو چاڻو مليو تہ هانءُ ٺري پوندن. چانور ۽ ڪير هئن عام خوراڪ. ڳوٺن ۾ لوٽڪ. پالڪ، اِڪڙ، ڏنٺرا، مريڙو، ڪنيون، متيرا وغيره بہ جهجها ٿيندا ها. جيڪي امير غريب ڪائي خوش ٿيندا ها. مطلب تہ مالڪ جي سنڌ تي مهر هئي. هندو خواه مسلمين سادا ۽ سباجهڙا، مانيٺا ۽ امن پسند آهن. هرويرو ڪنهن سان وير نہ وجهندا، وچن جا سچا، نہ پرائي پچر ڪن ۽ نہ واتان وڻ ڪڍن. هيچ ۽ دلبي ڪان پري ۽ ويساهي اهڙا جو ڳوٺ جو واٽيو جيڪو ليڪو ناهي پڌائيندن سو قبول ڪندا. مرٽت، محنت ۽ محبت تہ ڄڻ عادت هئن. ڪو اوپرو ماڻهو بہ وٽن لنگهي ايندو تہ سندس چاڪري ۽ مدد سندن مرڪ هوندو هو.

هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن بختاور کي هڪ ٻه همدم ۽ همراز ملي وڃي ته غنيمت آهي. سنڌ ۾ هندو خواه مسلمانن ۾ سنگت ۾ سر ڏيڻ، سنڌي تهذيب جو هڪ چمڪندڙ جزو هو! اکيون اکين سان اٽڪيون، دليون دلين سان ڳنڍيون، ڳوڻن متجي ويون، پيچ پئجي ويا ته مرندي گهڙيءَ تائين جيءَ جڙجي ويندا ها. مونکي اهڙين سوين ياراڻين ۽ سنگت جي سڌ آهي جن پنهنجن دوستن خاطر پنهنجو اگر تگر قربان ڪري ڇڏيو هو. خاص ڪري ڀهراڙيءَ جي ڇتن ۽ ڇاهلن ۾ جيڪو اِهو اٽليپ ڳڻ هو سو شهري ماڻهن ۾ گهٽ هو.

اتي سنگت ۾ جيڪا وفا ۽ محبت هئي سا روح کي راحت ۽ ڏيڏ ڏيندڙ هئي ته منهنجو به ڪو هامي آهي، دوستيءَ جو دم هڻندا ته توڙ تائين نباهيندا. دوستن جي بيگر وهندا، عيوضي يا لوڀ لالچ جو ته خيال به نه ايندو هو. اوکيءَ مهل ري ڪوئيو به اچي يار جي پر ۾ بيهبو ۽ سر يا مال جو سانگو نه ڪبو هو. ان زماني ۾ زندگيءَ جو ڪاروبار اهڙيءَ سنگت جي بنياد تي هلندو هو.

عام مسلمانن سان ويهي حال احوال اوربو هو ته ڏسبو هو ته سندن خيال جديد تعليم جي سخت خلاف هوندا ها. چي: "پڙهن تا ته ابي ڏاڏي جي ڪرت ۽ ريت ڇڏي ڏين تا. ڪاليج مان ڪڏهن گهر اچن تا ته ڇڻ ڏاريا پيا لڳن. محنت ۽ هر هلائڻ کان ڀرو پيو چڙهندن. مهمان ڏسي لڪيو پون. نه ناتو رکڻ جهڙا ۽ نه نباهڻ جهڙا. نه کهڻ جا نه ڏهڻ جا. شهرن ۾ رلندا، نوڪرين لاءِ ڀاڏائيندا ۽ ڇاهيون پي وتن پنهنجا آنڊا ساڙيندا. مڙس جو شان پڳ سان آهي پر هي ٽوپڙي تا پائين. پڳ ۾ وڏي حڪمت آهي جو جهڙو تهڙو ڏڪ پڳ تي اثر نه ڪندو. مٿي ڪانپوءِ "ڪفڻ" (ڪفن) جو ڪم ڏيئي ٿي. ٽوپي ڪري ٿانءُ ته به پڳ برو بر نانهي.

"نه رکو پڳ جهڙي اعليٰ چيز کي ڇڏيو اٿن. پر ڏڳهن پهراڻن ۽ ڏهه والين شلوارن کي به طلاق ڏني اٿن. مختصر رنگارنگي ڪپڙا پائي، چيلهه کي لوڏي، ڪدڙن وانگر ٿا هلن. اڳلي زماني ۾ لٽين سان سَجهائي ڇڏيونس ها ته مرد ماڻهن جهڙا ڪپڙا پايو يا ڳوٺ مان نڪري وڃو! مطلب ته جڏهن کان "انگريجن" اسڪول چالو ڪيا آهن، ماڻهن مان ماڻهپيءَ جا انگ نڪري ويا آهن."

جيتوڻيڪ اِهي ڳوناٺا تعليم جي خلاف ها ته به انساني خوبيون جيڪي زندگيءَ ۾ سک آڻين ٿيون ۽ سنڌ جي ميراث هيون سي منجهن لبريز هيون.

وڏن ڳوٺن ۾ جتي هندن جا پنجاه سؤ گهر هوندا ها اتي ٽڪاڻا سندن زندگيءَ جو محور هوندا ها. صبح جو اتي ڪوه تي وڃي اسنان ڪري وڃن وٺي ايندا، ٻارن جي پڙهائي جو انتظام به اتي هوندو هو، مهمان مڙو ايندو ته اتي رهندو، پنچائت جو ميڙ اتي ٿيندو ۽ ڪنهن ارهي يا آفت زده جو تدارڪ به اتي

ويهي ڪندا ها. ڏڻ وار تي ٽڪاڻي ۾ ٿي ديگ دمبي ۽ لنگر لڳائيندا. فرصت وقت چوُنپڙ يا تاس اچي ڪندا ۽ شام جو پنگو (هلڪي پنگ) گهوٽڻ ۽ ڏوگهڻ جو مهمَ به اُتي ٿيندو. ڀائي صاحب جي ڪٿا تي اڪثر زالون هونديون هيون جيڪي پاڻ ۾ ڏيءَ ڀيڻ جو ڏنو ورتو ۽ مڱڻي پرڻي جي ڀچار جي پورائي به اُتي ڪنديون هيون. ڪن ٽڪاڻن جا ڀاوا دوا درمل به ڪندا ها. شڪارپور ۾ اسانجي پاڙي جي شوالي ۾ اِهي ڪم ته ٿيندا ها پر زالن جو سلائي ڪلاس ۽ هڪ پنڊت سنسڪرت ۽ جوتش به سيکاريندو هو. مطلب ته اُن زماني ۾ زندگيءَ جا اهي اهم ڪم موج مزي ۾ مفت ۾ پيا هلندا ها.

پيو سنڌ ۾ ڪچهرين ڪرڻ جو ڏاڍو رواج هو. شهرن ۾ انلاءِ ڪلبون، باغ يا سوسائٽيون به هيون پر اڪثر اوطاقن ۾ شام جو چٽڪاءُ ڪندا. ڪرسيون پئجي وينديون ۽ سنگت ايندي ويندي. سوڊا لمليٽ يا چانهه پيئارڻ جو رواج ڪونه هو، تنهنڪري هرڪو پاڻي هميشه گهران پي ايندو هو. ڳوٺن ۾ هرهڪ پاڙي ۾ ڪانه ڪا اوطاق هوندي هئي يا ته ڪنهن نه ڪنهن ڪارخاني ۾ جتي سوسيون، گربيون ۽ اجرڪيون پيون ٺهنديون هيون. يا ڪي اوتارا يا وڻن هيٺان ٿلها، ڪچهرين جا اڏا هوندا ها جتي يار دوست اچي گڏبا ها. حالي احوالي تي دوست دشمن جي ڀچار به ڪندا ها. ڏور، بيت، چرچا گهبا آکاڻيون...... منڊل لڳو پيو هوندو هو. ڪجهه ٻڌندا ڪجهه ٻڌائيندا ها. نه غرض نه مطلب، نه تڙ نه تڪڙ محض محفل ۽ دوستاڻي گفتگو جي مزي ماڻڻ لاءِ ڪچهري ڪندا ها. سيارو هوندو هو ته وچ ۾ باه ٻاري وهندا ها ۽ بعضي ڪو سنو راڳي ايندو هو ته سڄي رات محفل متي پئي هوندي هئي. مطلب ته اُتي زندگي ڪشمڪش يا ڀڄ ڊوڙ نه هئي. چلم هوندي هئي اُن مجلس جو مور!

اهڙين ڪچهرين مان زالن کي چڙ به لڳندي هئي. اوطاق ۾ ديوان يار دوستن سان ويٺو هوندو ۽ اندر مائي کي آنڊ مانڊ هوندي ته رسوئي تي ٿڌي ٿئي. لالي پيءُ کي بکئي پيٽ تي ننڊ آئي باهر ونيو ويٺا آهن. نه پنهنجو گهرگهات اٿن ۽ نه ٻئي جي گهرگهات جو ڪو ويچار اٿن!

ديوان اندر ايندو ته مائي اُٿي اڳيان رکندس ۽ هٿ ۾ وجهو ڪٿي پئي مکيون هڪليندس ۽ سماچار سڻائيندس، ”ادي ٽڪئي ماءُ ڦجر جو آئي هئي. پنهنجي ننهن جي سورن جو ڳالهيون ڪري اوڇنگارون ڏيئي پئي رني. نونهڻس ته پٽنهنس جو ڦرڪوئي ڦيرائي ڇڏيو آهي. ماريو. جيڪي آئي سڌو اچي جال کي ڏي ماءُ کي ته پڇي به نٿو.“

”هن مارئي موٺوءَ جو ته اچي متو ڦريو آهي. پنهنجي گهر جو سارو گند آڻي اسانجي گهر اڳيان ڍير ڪري! اهڙي بانس تي اچي جو ماڻهو ويهي نٿو سگهي.

تون ڪا ڏاڏڪي ڪڍينس. مٺي جو پيٽ ڀريو آهي! ٻيهن ۽ لوڙهن جو ٿال ڪٿي پيو هوڪا ڏيندو هو، هاٿي پٺسرو ٿيو اٿس ۽ جائڙي نهرائي اٿائين ته جمين تي پير نٿو ٽڪيس!" اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ديوان ماني کائي وري وڃي اوطاق ڀيرو ڏيندو.

**پاڻي ڀرڻ:** سنڌ جي وارياسي ملڪ ۾ زالن کي ٻريان ٻريان کوهن تان پاڻي آڻڻو پوندو هو. جتي اڃي پاڻ ۾ حالي احوالي به ڏينديون هيون. جوان زالون مٽي تي گول سينهوڙي رکي هڪ ٻئي مٿان ٻه دال رکي هلنديون هيون ۽ چيلهه تي ٿيون دلو يا ڪو ٻار ڪٽي جنهن لوڏ سان هلنديون هيون سا به واه جو ڏسڻ وٽان هوندي هئي. عاج جون ٻانهون به پائينديون هيون.

سنڌ جي شهرن ۾ پاڻيءَ جو مسئلو اهڙو اوکو نه هو جو گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ کوه هوندا ها جتان پاڻيءَ واريون دلا ڀري ايندي يون هيون ۽ ماهوار رپيو به وٺنديون هيون. پوءِ ڪٿين شاهوڪارن گهرن ۾ پمپ به هٿايا ها ته ٻاڙي اوڙي ۾ سهوليت ٿي پئي هئي. ڳوٺن ۾ شاهوڪارن ۽ ڪامورن جون زالون، ٻريان کوهن تان پاڻي ڀرڻ نه وينديون هيون. ماهوار پکال ٻوليل هوندي هئا جنهن مان اٺ دلا ڀربا ها. پوءِ پمپ ۽ نل پيا ته پکالين جي پيٽ تي به لت لڳي ۽ زالن جو ٻريان کوه تان پاڻي آڻڻ جو شغل، ڪثرت يا آزار به بند ٿي ويو.

## هندو زالون

مهاڀارت جي شانتي پروَ ۾ لکيل آهي ته مرد جو سڀ کان وڏيڪ املهه ۽ سک ڏيندڙ خزانو هن جي نيڪ زال آهي جيڪا هن لاءِ هن ڌرتيءَ تي سرڳ ٺاهي سگهي ٿي. هن جي مٺيءَ واڻيءَ ۽ محبتي نگاه ۾ خوشيءَ جا خزانا ڀريل آهن. ڪوئي مرد، مسڪينيءَ ۾ مبتلا، دنيوي چوٽن سان چڪناچور يا بدبختيءَ کان بيحال هجي ته هن لاءِ ڳئوان استري اڪسير علاج آهي. جنهن گهر ۾ زال جي عزت، پيار ۽ پوڄا ٿئي ٿي، تنهن گهر ۾ لڪشميءَ، عقل ۽ علم، سوڀ ۽ سک جي ديوتائن جو واسو ٿئي ٿو. نيڪ عورت، ڀڳوان، جي هڪ وڏي نعمت آهي. پر هڪ خرمغز عيسائي سنت ڪرسٽوسٽ ائين به چيو آهي:

A woman is a necessary evil, a natural temptation, a desireable calamity, a domestic peril, a deadly fascination and a painted ill.

شايد اُن ويچاري جو ڪنهن چونڊ چنڊيءَ زال سان پلئه اٽڪيو هوندو. پر ان ۾ ڪو مين ميک ڪونهي ته جيئن آسمان، تارن کان سواءِ هڪ هائوءَ وانگر

هٻتناڪ ٿي پئي، تيئن هي سنسار بہ زالن ڪانسواءِ بي مزو. سچو سڪٿو ڏسڻ ۾ اچي. جارج برنارڊ شاه لکيو آهي:

”زال کي گهرجي تہ جلد ۾ جلد گهوٽ ڦاسائي ۽ مرد کي گهرجي تہ پاڻ بچائيندو رهي.“ پر مونکي تہ زال ڪانسواءِ ڪوبہ مرد اڌورو لڳندو آهي ۽ هن انگريز شاعر کي صحيح سمجهندو آهيان.

Virtuous wife, where thou dost meet,
Both pleasures more refined and sweet,
The fairest garden in her looks,
And in ler mind the wisest books.

سنڌ ۾ منهنجي ننڍپڻ ۾ گڏيل ڪٽنب جو گهڻو رواج هو جنهن ۾ ننڍين نيٽين کي انهن گڻن جي ترتيب ڏني ويندي هئي جنهنجو ان انگريز ڪويءَ ذڪر ڪيو آهي. رواجي طور پنج ست پاٽر پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ اولاد سميت هڪ ئي گهر ۾ رهندا ها. ڪنهن گهر ۾ چاليهہ پنجاه ڀاتين جي رسوئي گڏ ٿيندي هئي. گهرن سان گڏ دليون بہ ڪشاديون هيون. ڪو ڀاءُ، ڀاٽيو گهڻو، ٿورو يا بلڪل نہ ڪمائيندو هو تہ اهم نہ ڪندا ها. ڪمائو يا نڪٽوءَ جي ٻارن ۽ زال کي بہ هڪ جهڙا ڪپڙا مٺيا ۽ خرچي ملندي هئي تہ دل ۾ نہ ڪنديون هيون. گهڻن ٻارن جا ڪپڙا ۽ ڪتاب بہ چاچيءَ وٽ هوندا ها. خرچي بہ هن ڪان وٺندا ها ۽ ماٽا بہ هن سان ڪندا ها. اسانجي ماءُ چئن ڏيروٽين کي ڏيب ڏيٺي پرٽايو ۽ انهن جا پنهنجا سڳا پاٽر هوندي بہ، سوٽين کي ساليانا ڏڻ وار ڏيڻ جي ذميواري بہ اسان تي رکي ويئي. مطلب تہ گڏيل ڪٽنب ۾ سيني جي سيوا ۽ پريم جي عادت پوندي هئي. پوءِ جيئن جيئن آپو آپ ۽ انگريزي تعليم ۽ تهذيب جو اثر ٿيندو ويو تہ گڏيل ڪٽنب جي قربانيءَ جو سرشتو نہ رهيو.

گڏيل ڪٽنب ۾ ننڍيون نيٽيون گهر جي مرجادا، رسوئي، پرت پرڻ ۽ دوا درمل سان گڏ وڏو گڻ اهو پرائيندون هيون تہ سدائين سيائپ جا ٻول ٻولڻ، ڪڏهن اڄاترو نہ ڳالهائجي، جڻ تہ چپن تي چاشني لڳل هوندي هئن. هڏ ڳنل، اهڙيون جو کهڙو بہ الڪانيو ڪم هوندن تہ آر نہ ڪنديون، ڪڏهن بہ نڪمٽيون نہ ويهنديون. گهر جي صفائي اهڙي جو مک پيئي ترڪي! ڪڏهن اوڦتو خرچ نہ ڪنديون، سنجم ۽ ڪفايت واريون. مڙس جو ڪٽيو، زال جي سهيڙ؟ ان هوندي بہ غريب غربي کي ڏيڻ ۾ نہ ڏرمائينديون هيون. نہ ڪنهن جي آئيءَ ۾ نہ ويئيءَ ۾. جندڙيءَ جون نهيل لڪيون واٽون هيون، جن تي پيون هلنديون هيون.

اتي گهر جا ڪم بہ جهجها هوندا ها. جو چيٽي ۽ مٽيءَ سان ليپا پاٿا پوندا ها. جنڊ ۾ اٽو پيهڻ، پاڻي ڀري اچڻ، فانوس لالٽين صاف ڪري گاسليٽ وجهڻ. چلهہ ۾ ڪانيون ٻارڻ تہ جنسي جٽ هوندي هئي جو ويٺو هٿڻ سان اهڙو ڪڙو

دونهون مچندو هو جو اکين مان لاٽان پيون وهنديون هيون. گڏيل ڪٽنب ۾ ڪم ورهائجي به ويندو هو. زالون صبح جو گيتا يا سکمنيءَ جو پاٺ ڪري پوءِ گهر جي ورتڻ ۾ لڳنديون هيون. منجهند جو ڪجهه وقت اک به ضرور لائينديون هيون. مرد به دڪان يا سراءِ ۾ پهريءَ ۾ آرام ضرور ڪندا ها. ان لاءِ هو بخاري جو هڪ پهاڪو ٻڌائيندا ها، "خوابي چاشتگاهي، بيشتر از پادشاهي." يعني منجهند جو آرام ڪرڻ بادشاهيءَ کان بهتر آهي. ٻپهرن جي آرام کانپوءِ هٿ منهن ڌوئي، ڪاٺ جي ڦڻيءَ سان سڌي سينڌ ڪڍي، ڦاٽل ڪپڙن کي ٽوپو ٽرو ڏيئي ويهي پرت پرينديون هيون. سنڌي زالن جو اطلس ۽ مخمل تي پرت ديسان ديس مشهور هوندو هو.

منجهند مهل ٿورا ڦلڪا پچائي رکنديون هيون ته شام جو ٻار اسڪول کان واپس اچن ته دال مڱن يا پڪوڙن سان کائين، جانهه جو رواج ڪونه هو. آٽي وٺي جو آڏر به پاپڙ پاٽيءَ سان ڪبو هو. رات جي مانيءَ جا جوتا باسڻ ڀئي ڏينهن تائين نه رکنديون هيون ۽ بروقت ملي ڪنديون هيون.

مردن کي وس ڪرڻ ۽ راضي رکڻ جون رمزان ته ڪو سنڌي زالن کان سکي! نه ته ترڪستاني ۽ ايراني اپسرائن يا چيني ۽ سيامي سندرين کي ڇڏي سنڌي مرد واپس ڇو اچن! جيئن گائيون مينهون ڏينهن جو جهنگ مان چري، ٿڻن ۾ کير جا ٿانو ڀري پنهنجي وٿاڻ موٽنديون آهن، تيئن شڪارپور ۽ حيدرآباد جا ملوڪ مرد پنهنجي سيل ۽ سوڀياوان زالن جي سڪ جي ڏوريءَ سان ڇڪجي پرڏيهن مان ناٺي جون خرجينون ۽ قيمتي مال آٽي سنڌ کي مالا مال ڪندا هئا. ان ريت سنڌ جي آسودگيءَ ۾ زالن جو به گهڻو هٿ هو. نيتي شاستر ۾ لکيل آهي ته آدرش استري اُها آهي جيڪا ماني کارائڻ مهل ماءُ، گهرو ڪم مهل ٻانهي، صلاح مصلحت مهل وزير ۽ سيج تي اپسرا جا مزا ڏيئي. اهڙي زال ئي گهر جي راڻي تي پتيءَ تي راڄ ڪندي آهي.

جنهن ڪٽنب ۾ زال سان مرد ۽ مرد سان زال راضي رهندا آهن، اُتي يقينن سدائين چڱائي ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح مردن جي بهبوديءَ ۾ سندن زالن جي وڏي حمايت هوندي هئي.

رات جون زالون ٻار کي کير پيئاري، سس سان سمهاري سس کي زور ڏيئي، پوءِ وڃي گهوٽ کي سکي ڪنديون هيون. خاص ڪري جڏهن نووَرني ڪنوار، گهر جي ٻاتين جي سمهڻ کانپوءِ، کير ڪٽورو ۽ وڃڻو کڻي، شرم، پريم ۽ ڀوَ ۾ ٻرجي، پتيءَ وٽ لڪي لڪي آهستي ويندي هئي ته جيئن سندس گجرين جو کڙڪو نه ٿئي. هوڏانهن گهوٽس کي انتظار ۾ پل پل، ورهيه پيو لڳندو. ڇو نه لڳندو! پاڻ سياڻا آهيو، سهاڳ جا سک سمجهو ٿا.

سمهڻ کان اڳ زال مڙس کي زور ڏيندي مالش ڪندي هئي. اُن پريم پريل ڇهاوَ سان سندس سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ، هلاڪت ۽ ٿڪاو سانت ٿي ويندا ها ۽ پريم جي پختيءَ پڪڙ ۾ ٻئي ڏينهن جي دنيوي ڪشمڪش جي توفيق اچي ويندي هئي. حسن سان شوخ ادائون ٿينديون آهن ۽ ان حالت ۾ گهوٽ سان رسڻ جي ناز نخري جو ماڻو ۽ انڪار ڪندي ته هو ڪيس چاپلوسيءَ جي ڇٽ سان مشڪو لڳائي سرچائيندو هو.

زالن جي ساراهه ۾ جيڪي لکيو اٿم سو صحيح آهي پر گلن ۾ ڪنڊا به ٿيندا آهن. ڪي ته اهڙيون چنڊيون هيون جيڪي مڙس کان زور ڏياريندڀون هيون. خير، تنهن ۾ ارهو ٿيڻ نه کپي ڇو جو ته ان ۾ به مڙس کي مزو ايندو هو. چاڪو گدري ۾ يا گدرو چاڪوءَ داخل ٿئي، نتيجو ساڳيو ئي نڪرندو. مٿي اهو به لکيو اٿم ته زالون اهڙو مٺو ڳالهائينديون هيون جو هاڻ ٻُري پئي ۽ پراوا به پنهنجا ٿي پون، پر ڪي ته اُن جي اُبتڙ هيون جو گهر ۾ سدائين ٻائيتال متو پيو هجي. خاص ڪري نونهن سان ٻخ ٻخ ڪندڙ سس مائٽن واريءَ کي چوندي: ”ائي مائي! تون ته پانجي وڏائي ونئي ويٺينءَ پر مونسان ته وٺل ڪري وئينءَ! اهڙي ڪا چونڪ چنڊي ڇوري وني ڏنئہ جو ڇوڪر کي ته اڳٹ ۾ ٻڌو اٿائين پر مونکي به ڏائڻ وانگر ٿي ڏٺيي! ٻيو ڪو سمجهائيس ٿو ته اُن جي به ٿي لاک لاهي ۽ ڪاڪڙو ڪڍي، پاڙو اوڙو ٿي ڪٺو ڪري مطبل ته آٿندي وهندي ڳئيءَ گيس ٿي ڪرائي. پر ٻيڻ! ويٺي ڏسج ته اهڙيءَ ڇنيليءَ جي مان به ڪيئن ٿي ڇنڇري لاهيان! ننائيءَ مائٹس ته اجا ڏيپ به پورو نہ پهچايو آهي، مٿ ته پري رهيو! جيڪي رنڙي پئي سو اکين تي، سائين پانجا گنج ڏي. اري ٻيڻ ٻچ ئي نہ! سنبوسا جو موڪليائين، ڏسڻ جا ڏيل، هڪ کائي ته ٻيو پيو سڪي! اڙي، آٿي ڪيمي ماءُ لاءِ پاپر نہ، ته پاٽيءَ گلاس پري اڇ! الائي ماٿهين ڪهڙا ڄڻ وڏا ٿي جو آئي وئي جو آڌر به نٿي ڪرين!“ پر ڪن گهرن ۾ نوهر به سسن کي پوپٽيون پڙهائينديون هيون.

هڪ مشهور ليکڪ موپاسان Maupassant لکيو آهي،

Generals use swords and women use beauty and charm as weapons.

چيل آهي ته راجا جي طاقت آهي لشڪر، عالم جو علم، ٻار جو رئڻ ۽ زال جو ناز نخرو، سونهن ۽ مٺي مشڪ، جنهن سان هوءَ ڪنهن کي به وس ڪري سگهي ٿي.

سنڌي زالن جي سونهن جي ساراهه ۾ ڪئين انگريزن گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. ڏيڍ سؤ سال اڳ هڪ مير پنهنجي علاج لاءِ ڊڪٽر جيمس برنس کي گهرايو هو. هن پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي دربار“ ۾ سنڌي زالن جي حسن جي ڏاڍي ساراهه ڪئي آهي. هڪ زائفان وٽس علاج لاءِ آنڊائون ان لاءِ لکيو اٿس: ”مائي نهايت

حسين هئي ۽ يورپي زالن جهڙو گورو رنگ هئس. سنڌي زالن جو نڪ هئي. سنڌ جون ڪيون زالون به هندستاني زالن کان وڌيڪ حسين آهن. مون ڪئين ناچڻيون ڏٺيون جيڪي سچ پچ خليفي جي حرم لائق هيون."

سنڌي زالن ۾ قدرتي سونهن ته هئي پر تنهن هوندي به گلابي رنگت آڻڻ لاءِ هو پنير ۽ رس ول جا وه جهڙ وٽا پيئنديون، ڪيسو ڦلن جي پاڻيءَ ۽ کير جي ڦيڻ - ڪريه سان منهن ۽ ٻانهون ملينديون، اکين جي صفائيءَ لاءِ ماکيءَ جون سرايون پائينديون هيون. وارن کي ميٽ ۽ ليمي سان ڌوئينديون ۽ تيل ڦليل، مينديءَ ۽ مساڳ جو به استعمال ڪنديون هيون. طرحين طرحين جا زيور به پائينديون هيون. پوءِ ته مرد سندن مُٺيءَ ۾.

سونهن سان گڏ گڻ به هئن. گهر ۾ ڪو بيمار پوندو هو ته وڏور زالون ئي علاج ڪنديون هيون. ٽانسل ٽي پوندي هئي ته منيءَ ڪائيءَ سان ڪاڪڙو ڪنديون هيون ته ڪلين جي سوج لهي ويندي هئي. ٽڏ، تپ، ڪنگهه، بدهضميءَ وغيره جا علاج ته عام جام ڪنديون هيون. لف يا ڦرڙي نڪرندي هئي ته لپري پڏنديون هيون. گهرو علاجن لاءِ سنڌ، هيڊ، جاڻ لونگ ۽ هنگ ڪانسواءِ قسمين قسمين جا عرق تيار ڪري رکنديون هيون. گرميءَ جي جهڙپ يا بخار ۾ وڦلجڻ وقت گاذبان جو عرق، وائي بادي پيٽ جي سور ۽ دستن وغيره لاءِ چؤعرقي يعني جاڻ، ڦودني، سوا ۽ سونف جو گڏيل عرق، اڪثير هوندو هو. تلسيءَ جا پن به گهڻين بيمارين ۾ ڪم ايندا ها. مطلب ته رواجي بيمارين لاءِ ڊاڪٽرن بلي اجايو پئسو ۽ وقت برباد نه ٿيندو هو.

**ناس:** مرد، ڪلي حقو يا ڦل ڇڪيندا ها ته ڪي وڏيءَ عمر جون زالون اِهي لڪي لڪي ڇڪينديون هيون پر اڪثر زالون رکو ناس ڏينديون هيون ته سندن مغز هلڪو ٿيندو هو. ناس جو اهڙو مهاتم هو جو شاديءَ جي ڏاجي ۾ ناس جي بوتل به ضرور ڏيندا ها. منهنجي ڏاڏيءَ، پڦيءَ ۽ نانيءَ کي ته ناس سان خاص نينهن هو ۽ تتڪال ملڻ تي آنڊ مانڊ ٿيندي هئن. هڪڙي ڏهاڙي مان دوست سان پٽي شترنج ڪٽي ته ڏاڏيءَ ناس آڻي ڏيڻ جو نادري حڪم جاري ڪيو. چيو مانس: "سيروءَ جو شاه جاڻ آفت مئو ۽ پوءِ بيٺي پير آڻي ٿو ڏيانءِ." پر صبر نه آيس جو منهن ۾ سونڌ پائي، وچٿو نڪاءَ ڪري ٻنهي ڏرين جا بادشاه، وزير ۽ لشڪر اڏائي ڇڏيائين. چيو مانس: "آڻي، تڪڙ جو نتيجو سٺو نه نڪرندو آ."
خير، مان به ٻانهه ڪرائي مانس. ڪاريءَ ناس ۾، پيئل ڪارن مرچن جي چپٽي ملائي آڻي ڏني مانس. پوءِ ته ڏاڏيءَ جو چپٽي چاڙهڻ ۽ ڇڪن جو ڇتو ڇولڻ. اصل بس ئي نه ٿيس. مان ته ڏاڏيءَ جي لڪڻ جي ڊپ کان کسڪي ويو هوس. شل

سرگ جا سک ماڻيندي هجي، هن جهان ۾ ته هن منهنجون اڙينگايون گهٽيئي سٺيون.

**زالن جو شرم حياءُ:** ڳوٺن ۾ زالون پنهنجي گهر جي وڏن مردن کان سخت پردو ڪنديون هيون. پر انهنجي پرپٺ ڦيريءَ وارن يا ٻين ڌارين کان پردو نه ڪنديون هيون. اهو ته ٺيو شرم حياءُ جو مڪر ڪرڻ! ته به مردن سان ڇڙواڳ نه ڳالهائينديون هيون ۽ خاص ڪري ٻين جي سامهون گهوٽ سان بلڪل نه ڳالهائينديون هيون.

گهر جون نوهر، سهري يا وڏي ڏير کي 'ڪِٺروءِ' نراڻ کي 'مهندي' چونديون هيون پر پوءِ گهر جي ٻين پاتين وانگر 'ڀائو، دادا، بابا، يا ڀاڀي، دادي، آئي' ڪوٺڻ لڳيون هيون. گهوٽ جو نانو ته پلئي پلائي به نه ڪنديون هيون. اسانجي پاريسڙڻ ٽوپڻ ماءُ، گرمڪداس جي زال، روز جپ صاحب جو پاٺ ڪندي جڏهن 'گرمک نادن' جي پوڙيءَ تي پهچندي هئي ته اُچاريندي هئي، 'ٽوپڻ پيءُ نادن، ٽوپڻ پيءُ ويدن، ٽوپڻ پيءُ رهيا سمائي.'

**زالن جا زيور:** زالون نت کي سهاڳ جي نشاني سمجهنديون هيون. سهاڳڻين جي ٻئي نشاني هوندي هئي عاج جي چوڙين جي ٻانهن. ٽونٽ کان به مٿي، عاج جي ٿلهين ڪنگڻين سان پريل، پوءِ اُن سان ڪم ڪار ۾ ڏکيائي ٿيڻ لڳن ته رکو سڳن طور ٻه چار ڪنگڻيون پائڻ لڳيون. هوند سوند وارن گهرن جي زالن کي اڪثر شينهن منهن وارا سوني جا ڪنگڻ پيل هوندا ها، جن جي تور اٽڪل چاليهه تولا ٿيندي هئي. تنهن سواءِ اڍائي اڍائي تولن جون اٺ اٺ ڪنگڻيون، نيماڪاريءَ جي پٽلين وارا اٺ تولا تور هار، اهڙيءَ طرح هر هڪ زال وٽ ديس جو اٽڪل هڪ سؤ تولا سون محفوظ هوندو هو جو آئي ويل سندن ڪم ايندو هو.

اُن زماني ۾ سون جي قيمت ويهه رپيا تولو هئي. منهنجي شاديءَ تي جيڪو ٻن هزار رپين جو سونو ورتائون تنهن تي اڄ ڪانگريسي حاڪم ساليانې ٽي هزار ويلٿ ٽيڪس جو ڏن چڪائيندا آهن. شاهوڪاري زالن وٽ ٻيا مٿيا هوندا ها. هيرن جون ڪنگڻيون، جهومڪڙيون، لاڪيٽ، منڊيون، ٽائٽ، نورا، ٻلڙا وغيره. نئين نونهن پيرن کان چوٽيءَ تائين زيورن سان سٽي پئي هوندي هئي، هلندي هئي ته سندس گجرين جي ڇم ڇم سان سس سهرو ٻيا ٽرندا هئا.

# پوشاڪ

سنڌ ۾ پڳڙيءَ جو مانُ هوندو هو ڇو جو تہ پنچاتي ميڙن ۾ سڀئي پنچ پڳڙي پائي ايندا ها. جيڪو پڳڙي پائي نہ ايندو هو تہ لونگيو يا لنب سڌبو هو. پڳڙيءَ سان بوڇڻ بہ ڪلهي تي ضرور رکندا ها جو گهوڙي يا اٺ جي سواريءَ مهل چيلهہ سان ٻڌندا ها تہ لوڏن ڪري پيٽ ۾ سور نہ پئي. وهنجڻ وقت يا پاڇي پتيءَ ڪٽڻ لاءِ بہ بوڇڻ ڪم ايندو هو. بوڇڻ ۾ پٿر ٻڌي هٿيار وانگر ڪم آڻجي، رکو اِها خبرداري ڪجي تہ اسانجي بوڇڻ سان اسانجا ئي هٿ پير نہ ٻڌا وڃن. آخر ۾ بوڇڻ ڪفن طور بہ ڪم اچي سگهي ٿو. افسوس جو اڄڪلهہ اهڙيءَ گهڻ- ڪارائتيءَ چيز جو واهپو نہ رهيو آهي.

ميرن جي صاحبيءَ ۾ عامل اُنهن وانگر ڊگهو ٽوپلو، ڊگهو پهراڻ، سلوار ۽ ڪوٽ پائيندا ها. جيئن تہ ڪين اُنن ۽ گهوڙن تي سواري بہ ڪرڻي پوندي هئي، تنهنڪري چيهلہ ۾ بوڇڻ يا نوڙي بہ ٻڌندا ها. ڏاڙهي ۽ وار بہ ميرن وانگر رکائيندا ها. تقريباً ١٩١٥ع تائين مون اِهو ميراثو ٽوپلو پاتل گهٽا وڪيل ۽ ڪامورا ڏٺا. اُن ڪانپوءِ بہ ٿورا ٻيا ۽ آنربل هرچندراءِ وڪيل بہ اهڙو ٽوپلو پائيندو هو پر هن جو پيءُ سيٺ وشنداس نهالچند منڊ ڪان ئي سنڌي پٽڪو ٻڌندو هو. ٻيا ماڻهو ڪاڏيءَ تي ڏاڙهي رکائيندا ها پر هي سيٺ ڪاڏيءَ بدلي ڳٽن تي وار رکائيندو هو. ۽ ٻين ڪان نرالو ڏسڻ ۾ ايندو هو. پوءِ ان ڊگهي ٽوپلي بدلي عامل پٽڪو ٻڌڻ لڳا تہ بہ مسلمانن جهڙي مختصر ڏاڙهي رکائيندا ها پر پروچن جهڙي ڊن تائين ڊگهي نہ رکائيندا ها. انگريزن جي نوڪريءَ ۾ اُنهن وانگر ڪوٽ سوٽ نيڪٽاءِ ۽ هئٽ پائڻ لڳا. مطلب تہ پنهنجي آقائن سان نهڪي هلندا ها، چڻ تہ پنهنجي ڪا نجي قومي پوشاڪ هئُن ئي ڪانہ.

حيدرآبادي عامل زالون، مسلمان زالن وانگر ڊگهو پيرت پيريل پهراڻ پائينديون هيون پر سلوار بدلي سندن سٿڻ جا پائنچا سوڙها ٿيندا ها پر انهن تي بہ پيرت پيريل هوندو هو. گهر ۾ تہ پوتي پائينديون هيون پر ٻاهر نڪرنديون هيون تہ سفيد چادر سان سڄو ڍڪجي رکو هڪ اکڙي کڌي نڪرنديون هيون.

اُن زماني ۾ سڀ قسمن جي لباسن جي آزادي هئي. منهنجا چاچا ۽ ٻيا قنداري هندو، پٺاڻڪي سلوار ڪليدار پٽڪو ۽ پٺاڻي ڊگهو ڪوٽ پائيندا ها. منهنجو نانو، جامو پائيندو هو جنهن ۾ ٻٽڻن بدلي ٣-۴ ڪهيون ٻڌندو هو تہ ٻڌايي ۾ بہ ڪڙو تڙو لڳندو هو. هو، زندگيءَ جو ڪجھ حصو بخاري گذاري آيو هو جتي امير بہ وڏي عزت ڏيندو هوس ۽ ماڻڪن جڙيل خنجر تحفو ڪري ڏنو هئائينس. هو بخاري ۾ بہ سنڌي جامو، ڳاڙهي پڳ ۽ بوڇڻ ڪندو هو. ٻيا بہ ڪئين هندو جامو پائيندا ها.

عام جام ماڻهو ڪاري ٽوپي ۽ ڊگها ڪوٽ پائيندا ها ۽ شادين تي مليل چائنا سلڪ جا ڪوٽ به چاهه سان پائيندا ها.

سنڌ ۾ ڪامورا ڪاري ٽوپي پائيندا ها ۽ ڳوٺن ۾ پائيبند اڇي پڳ يا سائين ڪنور رام جهڙي گول اڇي ٽوپڙي پائيندا ها. حيدرآبادي پائيبند پنهنجي اڇيءَ پڳڙيءَ جي چوگرد ٻن انچن جو ٻنو رکندا ها ته اُس ڪان بچاءُ ٿئي. شڪارپورين جي ڳاڙهي پڳڙي کين ٻين کان نرالو بڻائيندي هئي. هنن جي ناٽي بدولت جڏهن بخاري، خراسان ۽ افغانستان ۾ واپار ۽ هنرن جو واڌارو ٿيو ته اُتان جي حاڪمن شڪارپورين جي خاص حفاظت لاءِ صوبيدارن تي فرمان جاري ڪيا ۽ شڪارپورين جي سڃاڻ لاءِ ڳاڙهي پڳ لازمي ٺهرائي. تڏهن کان ڳاڙهيءَ پڳڙيءَ جو مان مرتبو وڌي ويو، ايتري قدر جو انجنيئر ۽ وڪيل به ڳاڙهي پڳڙي پائي مايون ونندا ها ۽ ڪيس هلائيندا ها. ڊاڪٽر موهن لعل سونپار به ڳاڙهي پڳڙي پائي وزٽ ڪندو هو. اسڪولي ماستر، دڪاندار، منشي ۽ زميندار به ڳاڙهي پڳڙي پائڻ ۾ شان سمجهندا ها. اسانجو نوڪر جيڪو ڪير ۽ خريداريءَ مان چوريون ڪندو هو، جڏهن مڱڻ جي منزل اوڏو آيو ته شريف ۽ مالدار نظر اچڻ خاطر، نرڙ تي تلڪ، ڳچيءَ ۾ بوڇڻ ۽ مٿي تي ڳاڙهي پڳ پائڻ لڳو هو. ١٩١٨ع ۾ روس بخاري ۾ بادشاه گردي ٿي ته ڳاڙهي پڳڙي به لازمي نه رهي ته جدا جدا رنگن جون پڳڙيون پائڻ لڳا.

وڏا عملدار انگريزي ٽوپلا پائيندا ها. قنڌڻ واري فيض ٽوپي مسلمان ڪامورن جو ٽريڊ مارڪ هو. هندن ۾ ڪنهنجو پيءُ مرندو هو ته عذر ۾ اڇي ٽوپي پائيندا ها پر گانڌيجيءَ جي لهر لڳي ته سندس چيلا اڇون ٽوپيون پائي سمجهڻ لڳا ته وڏي ديش ڀڳتي ڪري رهيا آهن. اها اڇي ٽوپي به گهٽڻ ڪارن ڪمن ڍڪڻ جو ذريعو بڻي.

مزور، ڀنگي ۽ باغائي ، اڌ ٻانهن سان چولا ( بش سرٽ ) پائيندا ها. چيف منسٽر الله بخش سومري کي لڪي در تي ڪڏهن سلوار يا لونگي، سٽڻ خميس يا سوٽ ڪوٽ سان نيڪٽاءِ پيل هوندي هئي.

ننڍيون نيٽيون ٻاهر نڪرنديون هيون ته شڪارپور ۾ اطلسي بوند (گهاگهرو ) ۽ ريشمي پريل رئو پائينديون هيون . پيرن ۾ سرمي پريل خميس ۽ مٿان مخمل يا اطلس جي پريل صدري هوندي هئي ته چا نه شاندار لڳنديون هيون! نئين ڪنوار ته ريشمي ڪپڙا پهريندي هئي ۽ اُنهن تي اعليٰ درجي جو گلڪاريءَ وارو پرت پريل هوندو هو. ريشمي ڪپڙو وڏيڪ جهالائو ٿيندو آهي. تنهن ڪري چوٽي آهي ته "صرفو ڪرين ته پٽ هنڊاءِ! "

زال ساڙهي پائي نڪرندي هئي ته چوندا ها ته منڊم لڻي تي گهمي! تقريبن

۱۹۳۰ع کانپوءِ سارهي پائڻ جو رواج وڌي ويو پر تہ بہ وڏيءَ عمر جون زالون اڇو پڙو پائينديون هيون. عذر ۾ يا وڏوائون ڳاڙهو پڙو ۽ چادر پائينديون هيون. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سنڌي سٿڻ ۽ چولو پائيندا ها. شادي مراديءَ تي سرمي پريل مخملي ٽوپي، صدري ۽ بوٽ پائيندا ها تہ ننڍڙن ڳڏن وانگر ڏاڍا پيارا لڳندا ها. پوشاڪ جا فيشن بدلجندا رهن ٿا پر اڄلهہ لباسن جي اُن وٽندڙ وٺڪ جو عجيب غريب نماءُ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

## کاڌي جا سواد

هتي رڳو انهن شين جو ذڪر ڪيان ٿو، جيڪي هند ۾ ورلي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اُتي تلاون مان بهہ، لوڙهہ ۽ پيڻ نڪرندا ها. بهہ آهن پيڻ جون پاڙون، هن جي ڀاڄي تہ سوادي ٿيندي آهي پر ان جو اَچار ۽ ڪچريون سڄو سال ڪتب اينديون هيون. ڏنڊن جي ڳپ مان لوڙهہ نڪرندا ها، جيڪي مهاڻا ٿيءِ ڏيئي ڪڍندا ها يا پاٽي گهتجي ويندو هو تہ هٿ وجهي ڳپ مان ڪڍي سگهبا ها. اهي ٿورا ڪسارا ٿيندا ها پر اُباري ڀاڄيءَ ۾ وجهبا ها تہ چڻ ڪڪڙ جا آنا رڌا آهن.

ٻج ڪانسواءِ ڪابہ شئي پيدا نہ ٿيندي آهي، رڳو ڪنيون بنا ٻج واريا سي پٽ مان نڪرنديون آهن. مينهن پوندو هو تہ چوطرف اڇيون ڪير جهڙيون ڪنيون زمين مان منهن ڪڍنديون هيون ۽ ساڳئي ڏينهن ڪائبيون تہ ڏاڍيون لذيذ لڳنديون هيون. جهنگ جا ماڻهو، ڪنيين ڪي ڏاڳي ۾ هار وانگر پوئي ڪٽي ايندا ها ۽ اسان شهر وارا تہ انهن لاءِ آتا ويٺا هوندا هئاسين. ڪنيين مان اهڙي سوادي ڀاڄي تيار ٿيندي هئي جو هٿ ۽ چپ پيا چٽجن. ڪنيين جو نہ جيڪر ٻج مجي تہ ماڻهو جيڪر سڄو سال اُن کي پوکين پر سائينءَ اها نعمت پنهنجي هٿ وس رکي آهي تڏهن تہ اُن جو مانُ آهي.

**مِتيرا :** ڏياريءَ ڌاري جيڪو مينهن پوندو هو تہ واريا سي پٽ تي متيرن جون وليون پاڻمرادو اُڀرنديون ۽ ڇانئجي وينديون هيون ۽ جڏهن تازا هوندا ها تہ رڌيل ڀاڄي سوادي ٿيندي هئي. متيرن کي اڌو اڌ ڪري لوڻ ٻرڪي، اُس ۾ سڪائبو هو تہ سڄو سال اُهي ڪچريون تري کائبيون هيون.

**گيدوڙا ۽ ليسوڙا :** اهي ٻئي سنڌ جي جهنگ جا ميوا آهن ۽ سواد ۾ ساڳيا آهن. ڪچا هوندا تہ ساوا ٿيندا ها ۽ اُنهنجي ڀاڄي ٺهندي هئي ۽ پچڻ کانپوءِ

هلڪي نارنگي رنگ جا ٿي پوندا ها. ليسوڙا، گيدوڙن ڪان ننڍا ٿيندا ها ۽ چيڪن جا چيڪا پٽي آئبا ها. سڪا ليسوڙا دوائن جي ڪم ۾ ايندا ها ۽ پسارين وٽان به ملندا ها. خاص ڪري ڪنگهه تپ ۾ ٻين شين سان ملائي ڪاڙهو ڏاهي پيئبو هو.

سنڌ ۾ ساڳي ڏينهن چانور به دفعا نه کائيندا ها. اونهاري ۾ ڏينهن جو دال ڦلڪو ڀاڄي ۽ رات جو هلڪو ڪاڌو چانور ۽ ڀاڄي کائبي هئي ۽ سياري ۾ اُنجي اُبتڙ. سياري ۾ جوئر جو ڍوڍو يا پٽ به پيئبو هو ڇو جو ته جوئر جو اثر گرم ٿيندو آهي. وچولي گهر جي رسوئيءَ ۾ اَڦراٽا، ڪچريون، ڪناڻ ۽ مربا هوندا ها. ڏڻ وار ته کيرڻي پوريون يا مالپڙا ۽ سيرو ڏاهيندا ها.

اُتي چانهن پيئڻ جو رواج نه هو. بعضي ڪو بيمار پوندو ته ڪوئيٽا جي سائي چانهه ۾ ڦوٽا، مٺي ڪاٺي ۽ تلسي ٻن وجهي دوا طور ڪاڙهو ڏاهي پيئاريندا ها. صبح جو ٻتري ڪچڻي يا لوڻ پيل اَڦراٽي سان ڏهي يا مکڻ جي دال سان نيرڻ ڪبي هئي ته جيئڻ آندو ڪونئرو رهي.

نيرڻ جي ڳالهه تي اِڪو پوءِ ٻي ڳالهه به ڪري وٺان ته ١٩٣٠ع ڌاري گاما ۽ سندس ڀاءُ امام بخش پهلوانن سان لڙڻ لاءِ يورپي پهلوان ايندا ها. اُهي مقابلا ڏسڻ لاءِ ڪئين پرڏيهي لوڪ به ايندا ها ۽ هر هنڌ گاما جي جئجڪار ٿيڻ لڳي ته عوام ۾ ڪسرت ڪرڻ جو جوش جاڳيو. مان به ڪراچيءَ ۾ ڪشتيءَ جي آکاڙي ۾ داخل ٿيس. ڪشتيءَ ۽ ملهه جي داوَ پيچن جي ڄاڻ سان گڏ طاقت به لازمي آهي. ٻيا پهلوان به ان لاءِ رات جو چڻا پسائي رکندا ها ۽ صبح جو چٻيندا ها ته ان سان گهوڙي جهڙي سگهه ايندي. پر مان اُن وقت ڪنهنجي پيٽ ۾ پٽ وجهڻ جي اُڌمر ۾ به لڳل هوس ان ڏينهن ۽ رات جي ٻئي مقابلي لاءِ مونکي ٻٽيءَ طاقت واريءَ نيرڻ جي لوڙهه هئي، تنهن ڪري خرچ سهسائي چندر حلوائي وٽ نيرڻ شروع ڪئي. هو مونکي چئين پيسي ۾ ڏيڍ پاءُ گرم مٺو کير ۽ ڇهن پيسن ۾ مٺو پاءُ بادامين پستن وارو حلوو ڏيندو هو يا ته ٽي آنين ۾ مالپوڙو ۽ سيرو ڏيندو هو ته ڍءُ ٿي پوندو هو.

**چندو حلوائي** ڪراچيءَ جي نعمت هو. سدائين سچو گيهه ۽ مال واپرائيندو هو. هن کي حلوي ٺاهڻ جو جيڪو ڏانءُ هو سو روءِ زمين تي نه هوندو . ڪن ۾ والبون پيو هونديون هئس. ڪنولي تي ويٺو حقو ڇڪيندو هو ۽ ڪامرين تي سخت نظر هوندي هئس. هنجو حلوو، آفريڪا، يورپ، جاوا ۽ ملايا ملڪن ڏانهن چاهه سان ڪٺي ويندا ها، جو به ٽي مهينا رکڻ سان به خراب نه ٿيندو هو. هو روز غريبن کي سداورت ۾ دال چانور کارائيندو هو ۽ جڏهن پٽ ڄائس ته ڪين پوريون ۽ جليبيون به کارايائين ته هر ڪو پٽهنس کي دعائون پيو ڏئي. پٽ به واهه جو ڄايس جو نالو رکيائينس "سدا جيوَت"! اهو ڇوڪرو ٽوروئي وڏو ٿيو ته رنگ ۽

روش ۾ لاجواب حسين هو.

چندوءَ جي حلوي ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ آسوءَ حلوائي جو حلوو به ڏاڍو هاڪارو هو. شڪارپوري حلواين جون برفيون، ٻجن ۽ ناريل جون مٺايون وغيره ته چئي ڪٿي بس ڪرا هولو، ڪرپو، نيوند ۽ پوچو حلوائي ته ديسان ديس مشهور ها. ۱۹۲۴ع ڌاري پستن ۽ بادامين جي مٺاين جو اگهه ڏهه آنا سير هو. ۱۹۳۱ع تائين سخت مهانگائي ٿي ته هڪ رپئي سر ڏيڻ لڳا ڇو جو ته رپئي ۾ اٺ سير کير بدلي پنج سير ملڻ لڳو پر ته به گيهه بادامين ڪيسر وغيره ۾ ڪسي يا ملاوٽي شئي ڪم نه آڻيندا ها. ڪي حلوائي رڳو هڪ قسم جي مٺائي ٺاهيندا ها.ڪلوسنگهه، چار- پنج ٿالهه پڪل برفيءَ جا گهران ٺاهي هڪ دڪانيءَ تي اچي ويهندو هو ته جلد خلاص ٿي ويندا هئس. ٻولارام جي سيري جون چار- پنج ٿيون يڪدم وڪامجي ويندڀون هيون. هنجي سيري مان گيهه پيو ٽمندو هو ۽ ٻنگيرن لاءِ اڪثير هوندو هو. ٻنگ سان بدن ۾ خشڪي ٿيندي آهي پر اُن سيري کان پوءِ جنت جا نظارا ڏسڻ ۾ ايندا هئن. ٻاهر رهندڙ شڪارپوري، مٺايون پڪڙا ۽ ڪناٺيون ته ضرور کڻي ويندا ها.

**پڪڙا** : ڪي خاص حلوائي رڳو پڪڙن، ڦلن ۽ جوَن جا ٻوٽيندا تلشڪريون ۽ گبت ٺاهيندا ها جنکي هتي چيڪي يا چاڪليٽ ٿا چون. ڏياريءَ ۾ انهنجو ڪاپو وڌيڪ ٿيندو هو ڇو جو ته ڏيڻ ٻينرن کي موڪلبا ها. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ڪنڌياري جا پڪڙا مشهور ها ته به شڪارپور جي گاشي پوڪڙيءَ جا پڪڙا مرملا ۽ ڦلا به ڏاڍا پرڪٽا ۽ سوادي ٿيندي ها ۽ وري جڏهن گرما گرم تئي مان ڪڍي ڏيندو هو ته انهنجي لذت تهائين وڌي ويندي هئي. هتي پڪڙا وٽ ته اڌو اڌ راڙا، جو ڏندن جو خير نه سمجهجي. هو چڻا، جوئر ۽ مڪئي چڳيءَ طرح ڇندي ڇاٽي رات جو پسائي رکندو هو. ٻئي ڏينهن وڏيءَ تئي ۾ واري، جڏهن تپندي هئس ته پڪڙن ٺاهڻ لاءِ چڻا ۽ ڦلن ٺاهڻ لاءِ جوئر يا مڪئي وجهندو هو ته انهنجا داڻا ڦولارجي ڦلا يا پڪڙا ٺهي پوندا ها. پوءِ ڪڏي وجهندو ڇاٽيءَ ۾ ته واري نڪري ويندي هئي. مڪئي جي ڦلن کي هتي "پاپ- ڪارن" چوندا آهن. هتي جيترا هڪ رپئي ۾ ملندا آهن. تنهن کان چئوٽا گرما گرم هڪ پئسي ۾ ڪاٺ جو ٽوپو پري ڏيندو هو.

ماڻهو مسافريءَ تي ويندو هو ته مانيءَ بدلي پڪڙن تي هانوَ جهل ٿيندي هئي. پڪڙن کي حمام دستيءَ ۾ ڪٽي، اُن ۾ ٿوري کنڊ ملائبي هئي ته سوادي مٺي چوري ٺهي پوندي هئي. پڪڙا ۽ ڦلا ڏاڍا سهانگا ٿيندا ها جو ويچارا مسڪين انهن تي ئي ويلن جا ويلا ڪاٽي ڇڏيندا ها. پوڪڙين وٽ آبو مرملا به ڏاڍا چشڪيدار

ٿيندا ها.

**گيهہ:** ١٩٢٣ع تائين سچي گيهہ جو اگهہ هڪ رپئي سير تائين وڃي لڳو تہ بہ غريب ۽ غريب بہ سچو گيهہ واپرائيندو هو جو چوندا ها تہ، "جيڪي ڪري گيهہ، سو نہ ڪري ماءُ پيءُ!" يا "ان وڌائي اوجهري، گيهہ وڌائي ڪوپڙي!" پوءِ جڏهن گيهہ جو اگهہ چوٽ چڙهي ويو جو ڏيڍ رپئي سير تي وڃي پهتو تہ پڪوڙن ترڻ لاءِ تيل واپرائڻ لڳا. اهو سوادي بہ ٿيندو هو ۽ چار- پنج آني سير ملندا هو. چوٽي هئي تہ ، "تيل سڙي تہ ٿئي گيهہ، جي گيهہ سڙي تہ ٿئي وہ." ١٩٢٢ع کان اول هالنڊ مان ونسپتي گيهہ اچڻ لڳو پر سنڌ ۾ چالو نہ ٿيو هو. سنڌ ۾ خراساني گيهہ ايندو هو تنهن ۾ سٿپ گهڻو ٿيندو هو ۽ خاص ڪري شاديءَ جي ديڳين ۾ واپرائيندا ها.

**آچار ۽ مربا:** ڇوهارا، باداميون، ڪشمش، ٿوم ادرڪ، ترمغزي، بصر، ليمان، انب، ڦارها، ڏونئرا، بهہ، گوبي، گجرون، واڱڻ، مطلب تہ سڀني ڀاڄين جي ڪناڻ پائيندا ها. انبن، صوفن، بيهن وغيره جو مربو بہ ٺاهيندا ها. اهي گهرو آچار، مربا ۽ چٽڻيون مانيءَ جو سواد وڌائينديون هيون. گدرو، آچار ۽ موري، ڪير ۽ ڏهيءَ سان گڏ نہ کائيا ها نہ تہ اچا چٽا ۽ ڪوڙھ ٿيڻ جو امڪان ليکبو هو. گدرا کائي، ٻج سڪائي، تن جون ڪلان لاهي، ڪنڊ جي لار ۾ ملائي وڙو ٺاهبو هو. مطلب تہ ڪابہ شئي ويرٿ نہ ويندي هئي.

**پاپڙ:** هر ڪنهن گهر ۾ پاپڙن جو ڪاپو گهڻو ٿيندو هو ڇو جو تہ آئي وئي جو آدرستڪار پاپڙ پاڻيءَ سان ٿيندو هو. زالون اڳو پوءِ مهيني ٻن لاءِ پاپڙ ٺاهي رکنديون هيون ۽ پاپڙ ويلائڻ لاءِ، اوڙي پاڙي جون زالون اچي ڪٺيون ٿينديون هيون. اُن وقت پاڻ ۾ نونهن ڌيءَ جي پچار، سيٺن جو ڏنو ورتو ۽ ٻيا حال احوال ڏيئي هانءُ هلڪو ڪنديون هيون. هوئڻ بہ پرائي پچر ۾ ڏاڍو مزو ۽ لذت ٿيندي آهي. هتي ان لطف لاءِ آهن اخبارون، پر اُنهن ۾ پچار اُنهنجي جن سان پنهنجو راه نہ رستو، نہ ڏٺل نہ وائٺل!

اُتي مند موجب گرم يا سرد پر تراوتي چيزون کائيندا ها. سياري ۾ ڪوبي (مائي) جي مٺائي جنهن ۾ خشخش، ڇهارا، نيزا، باداميون وغيره وجهندا ها ۽ ٻيگل لڏن ۾ بہ طاقت ڏيندڙ گرم شيون وجهندا ها. ٿاڌل، گازبان چندن يا پٽ جا شربت، ٿانڌن جهڙي تپت ۾، بدن ۾ ٿڌيون لهرون پيدا ڪندا ها. چٽن جي پليءَ

مان ٺهيل **اِڪڙ** جي ڀاڄِي بہ چشڪيدار ٿيندي هئي. ٻن جي ڳاهہ مان پيلي ٻوري ٺهندي هئي جيڪا زالون ڏاڍي چاهہ سان کائينديون هيون. سهانجڙي جي گلن جي ڀاڄي ۽ مٺو نرويا ليکبا ها.

سدوريءَ سنڌ جي پٽَ جا **پيرون** يا ٻيون جيڪي شيون هتي نہ ٿيون ملن تن مان **ڪارڪون** قابلِ ذڪر آهن. هر هڪ ڳوٺ ۾ ڪجين جا ڏگها وڻ ٿيندا ها مگر روهڙيءَ جون ڪارڪان تہ اهڙيون ٿينديون هيون ڄڻ مصريءَ جا ڳنڍا! ڪارڪون پڇي ٿلهيون ٿينديون هيون تہ ڇڻجن ڏونڪا. ڏونڪن کي متڪي ۾ وجهي، لوڻ ملائي، ڏوٺبو هو تہ نهايت سوادي لڳندا ها. ڪن ڪارڪن ۾ ڪڪڙي نہ ٿيندي هئي تن کي ڪسيون سڏبو هو. ڪارڪن جي مند ۾، ڦلڪي سان ڪارڪن جي نيرن ڪبي هئي. ڪارڪن کي ٻہ اڌ ڪري سڪائبو هو تہ ٻي منڌائتيون سڄو سال بہ کائي سگهيون هيون ۽ اُهي آڏيا بازار ۾ سڄو سال پيا وڪامندا ها. ڪنهن باغ ۾ وڃبو هو تہ باغائي هڪ پئسي ۾ پلاند ڀري ڏيندو هو. گهورڙيا بہ آني- ٻي آني سير ڏيندا ها. ڏيءَ پيڻ کي انبن وانگر، ڪارڪان بہ ضرور موڪلبيون هيون. ڳالهہ هئي سڪ جي!

ڪجيءَ جو وڻ بہ ڏاڍو ڪارائتو ٿيندو آهي. اُن جي ٻوٽن جي پاڙ کي ڇٽبو هو **ترمغزي**. اُن جو سواد بہ واهہ جو ٿيندو هو! ڪجيءَ جي ٻڇن ڦرهن مان وِڇڻا، تڏا ۽ پنڊيون ٺهنديون هيون. ڪجيءَ جون ڇڙيون ۽ چوڏا ٻاهہ ٻارڻ جي ڪم ايندا ها. ڪجيءَ جي سڪل وڻ مان ڪوجهہ جي نيسر ٺهندي هئي ۽ غريبن جي جهوپڙين ٺاهڻ ۾ اهو وڻ ٿنڀو ٿي ڪم ايندو هو.

سنڌ ۾ ماسخورن لاءِ بہ مزا هوندا ها. گيارس، ست نارائڻ يا سڳڙن چوڙڻ ڏينهن ماس مڇي نہ کائيندا ها. صبح جو ساٽياٽيون مڇيون وڪڻڻ اينديون هيون، جنهنکي درياهہ جو ميوو ليکيندا ها. **گوشت** مارڪيٽ ۾ جنهن ڏينهن پلا ايندا ها تہ ٻيو گوشت گهٽ وڪامندو هو. پلي جو تاثير گرم ٿيندو آهي، تنهنڪري اُن سان لسي پيئندا ها. پلو، سمنڊ جي کاري پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ سندس عادت آهي تہ نديءَ جي مٺي پاڻيءَ ۾ اوبارو چڙهندو ايندو آهي. ڪوٽڙيءَ وٽ پلا سٽيا پر سکر وٽ اٽيا ٿيندا ها، ڇو جو تہ جيئن پلو مٿي چڙهندو تيئن سٽ گهٽبو ويندس تہ بہ مڇيءَ کان پلي جو سواد سرس چوندا ها. پلي کانسواءِ تتر، ڪڪڙ، بدڪ ۽ سهي جي گوشت جا بہ شوقين هوندا ها. وڏيءَ ٻڪريءَ ۽ رڍ جو گوشت رڳو هوٽلن وارا وٺندا ها. گهرن وارا ليلي جو گوشت وٺندا ها جنهنکي هلوان چوندا ها. ڪاسائي، گراهڪ کي خاطري ڏيارڻ لاءِ، ليلي جي پڇ ۽ سسيءَ جي نمائش ڪندا ها. گوشت سجاڻڻ بہ هڪ آرٽ هوندو هو جو هڏي ۽ ٻوٽي ڏسي وائسي وٺندا ها. گراهڪ پنيءَ جو گوشت ۽ ران جا ٽڪر تورائي خريد

ڪندا ۽ پوءِ بڪيءَ ۾ جيري جا ٽڪر رونگ ۾ گهرندس. ڪاسائي هڪ ڏيندس ته ٻن ٻي گهر ڪندا. ڪي گراهڪ بڪين بدلي ڪپورن جي گهر ڪندس جو سمجهندا ها ته ڇيلي جي ڪپورن ۾ جنسياتي طاقت ٿيندي آهي.

پاچين وارن ڪان به رونگ وٺڻ تي ريڙهه پيڙهه ڪرڻ جو چڻ ته رواج هو. واڳڻ ۽ ٿوم جي ويڙهي وٺي چوندس: "ٻه ٽي ساوا مرچ ڏي! اڄ الائي توڪي ڇا ٿي ويو آ! ڦودنو به لڪائي رکيو ٿي ڇا! ڏاٽن بنا پاڇي ڪيئن ٺهندي!" ڪنهن مهل سنگهه ساڳائي اسانکي ننڍڙو ٻار سمجهي رونگ نه ڏيندو هو ۽ موريو ڏمڪائيندو هو ته اسان به سندس دڪان ڪان پريرو سلامتيءَ واري ڇيتي تان ٺونگو هٽي ڊڪ پائي پڇي ويندا هئاسونس.- "سنگهلو ٻچو، ڪانءُ ڪائي ڪچو!"

رونگ جي رينگٽ تي جڳو پڪوڙائي ٿو ياد اچي. شام جو ڦلڪي سان ڪائڻ لاءِ پڪوڙا هن ڪان آڻبا ها. هڪ پئسي ۾ ڏه پڪوڙا يا ٽڪيون ڏيندو هو ۽ رونگ ۾ پور ذرو به ڏيندو هو. رنگ جو اهڙو ڪارو هو جو مان ان تاڪ ۾ رهندو هوس ته سندس پڳهر، مس طور ڪم آڻجي، پر واه جو ڪاريگر هو! سندس پڪوڙن ۾ اهڙو سواد هو جو اڄ ستر سالن ڪانپوءِ به ياد ڪري وات پاڻي ٿو ٿئي. وڏي ڪونڊي ۾ واڳڻ گهوٽي پيرتو به سوادي ناهيندو هو ۽ هڪ پئسي ۾ ڪٽورو پيري ڏيندو هو. ڪن ۾ سونيون واليون پائيندو هو پر ڪيس زالون نه ڦبنديون هيون. بعضي ڪا مرندي به هئس. پر اڪثر ڳهٽن سوڌيون پڇي ويندیون هئس. دڪان به چار ڏينهن بند رهندو هو ته گراهڪ سمجهي ويندا ها ته نئين ڪنوار وٺڻ ويو آهي. ٻه چار سوَن ۾ اوڏن جي ڪا ڇوري يا ڪنهن يتيم خاني يا وڌوا آشرم مان ڪا ننڍي نيٽي ڳنهي ايندو هو.

**ٺڪر جا برتڻ:** سنڌ ۾ امير غريب جي گهرن ۾ ڪنيارڪي ٺڪر جي باسڻن جو واهپو به ٿيندو هو، ڇو جو ته ٺڪر جي ڪني ۾ رڌل ساڳ يا دال ۾ سواد وڌيڪ ٿيندو هو. دانگي (ٺڪر جي تئي) تي پڪل روٽي وڌيڪ پرڪٽي ۽ ذائقيدار ٿيندي هئي. ڏهي يا آچار ڪنيارڪي ڪُن ۾ وڌيڪ چشڪيدار ٺهندو هو. ٺڪر جي دلن، مٽن ۽ گهگهين ۾ پاڻي وڌيڪ ٿڌو ٿيندو هو. سدوريءَ سنڌڙيءَ جي چيڪي مٽي اهڙي گٽن پيري آهي جو اُن مان ٺهيل ڪونڊا اهڙا مظبوط ٿيندا ها جو چنتيءَ ۾ پينگ لاءِ تلهن ڏنڊن جا ٺڪا ٺڪ ستڪا سهندي به پڇندا نه ها. ڪٽ جي باسڻن ۾ ڪائڻ فائديمند آهي پر اُنهن ۾ ڪتاڻ وجهڻ سان اها ڪسجي ويندي آهي.

## هندو ذاتيون

سنڌ ۾ ٻن بيک جو ڏاڍو خيال رکندا ها جو وڏا وڏا شاهوڪار به وڏيءَ ذات واري خانداني گهر سان سڱ ڳنڍيندا. چاهي هو هلڪيءَ هڻ وارو هجي. ٻجاج، چگهہ، چاولا، مينڌا، ماکيجا، للا، ناگپال، هندو جا، مجال، روهڙا چگيون ذاتيون ليکبيون هيون. گياناڻي، اچپليا، آسراڻي، آهوجا، ڀهوجا، گابا، هيمڏيو، وڌوا، درڙا، ڏهراڻي، ڍيمبلا، دسيجا ڌميجا، نارنگ، منڌياڻ، متريجا، ڪڪريجا، ڪتاريا، لٽريا، تلريجا، چاچاڻي، ٻنيجا، ڪالرا، نچاڻي، سچديو، ڪنگر، ڏوڏيجا ذاتيون به قديمي آهن ڇو جو ته پنجاب راجستان، ڪشمير وغيره ۾ به انهن نالن واريون ذاتيون آهن. براهمڻن ۾ سارسوت، پشڪرڻا، جيسلميري ۽ ٻيا هوندا ها.

تيرٿن جا پنڊا، جن وٽ پنهنجي يجمانن جا هزارن ورهين جا شجرا آهن، سي انهن ذاتين کي 'اروڙ ونسي' ڪوٺيندا آهن يعني اِهي خاندان اوائل ۾ اروڙ ۾ رهندا ها ۽ سنڌ جي اُها راڄڌاني ڦٽي وئي ته ڇروکر ٿي ويا.

اهي نک ۽ گوتر اوائل ۾ ڪيئن شروع ٿيا تنهن تي سنسڪرت، انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ ڪئين گرنٿ لکيل آهن. جن سڀني کي ان وشئہ ۾ چاهہ هجي تنکي اردوءَ ۾ لال رامچندر منچنڊيا جو لکيل 'تاريخ اروڙونسي' ۽ هيٺين ڪتابن مان گهڻي ڄاڻ پوندي.

Tribes & Cast of Punjab & North West Frontier.

انهيءَ انگريزي ڪتاب جا ٽي ڀاڱا اهڙا وڏا ۽ ڳرا آهن جو صندل تي رکي پڙهي سگهبا.

جيئن ته ويدن جي رچنا سنڌ ۾ ٿي آهي ته ويدن ۾ به انهن ذاتين ۽ نکن جو ذڪر اچي ٿو. جيئن ته يجرويد ۾ ڪٺ شاکا آهي، جنهن ۾ چاٽايل تتو- گيان (فلاسافي) 'ڪٺ اپنيشد' ۾ آهي اُن جي ماهر آچارين کي چٽبو هو 'ڪٺپال'. اُن وقت ويدن کي 'شروتي' چٽبو هو، يعني پيڙهي به پيڙهي ٻڌل، ڇو جو ته اُن وقت تائين ويد لکيل نہ ها. اهڙيءَ طرح ڪرشڻ يجرويد جي 'چاگل' شاخ آهي جن جي ماهرن کي چٽبو هو 'چاگلا'. ان نک جي ڪئين خاندانن ڪجهہ صديون پوءِ اسلام به اختيار ڪيو، پر ذات جو نالو ساڳيو قائم رکيائون.

هندو ذاتين بابت ڪاڪي ڀيرومل "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ڪتاب ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي ۽ منهنجي پٽ گردار لعل به پنهنجي ڪتاب "سنڌي آئين ڪٿان؟" ۾ اٽڪل سٺ صفحا ڀريا آهن تنهنڪري مان هتي رڳو انهن ذاتين جو ذڪر ڪيان ٿو جيڪي اُنهن ڪتابن ۾ ناهن. ويدن جو ابياس ڪندي ٻين ڪيترين ذاتين جا نک ۽ گوتر به انهن ۾ نظر آيا ۽ مهاڀارت جي ڀيشم پروَ ۽ سڀا پروَ ۾، وشنو، وايو،

متسيہ ۽ مارڪنديہ پراڻن ۾ انهن ذاتين ۽ قبيلن جا نالا ڏنل آهن جيڪي سپت سنڌ جا رهواسي ها.

شڪل يجر ويد جي ماڌيندي شاکا ۾ گهڻن گوترن جو ذڪر ٿيل آهي، تن مان ڪي هنريت آهن.- 'وتس' گوتر جا چوهاڻ راجپوت آهن، جن مان ٻالائي ذات وارا آهن؛ 'وسشٽ' گوتر جا پنهوار راجپوت آهن. جن مان ڪتوائي، آسوائي، ڏوڏيجا ذات وارا آهن. مان پنهنجي ڏوڏيجا ذات وارا پشاور، ڪشمير، قنڌار، خراسان طرف بہ ڏٺا. 'اتري' گوتر وارا جاڙيجا يدو ونشي آهن. سومرا بہ 'جاڙيجا' ها ۽ اُنهن مان شوداسائي، منسڪاٽي ۽ تڏاٽي ذاتين وارا آهن. 'ڪوشڪ' گوتر وارن ڳاڏيجا راجپوتن مان ڇتلاٽي آهن. 'پار دواج' گوتر وارن سولنڪي راجپوتن مان تلياٽي، مرياٽي، پاڳناٽي ۽ سيٺي آهن.

شڪل يجرويد جي ماڌيندي شاخ جي 'ڪشيپ' گوتر موجب ناگديو نک جا جاڙيجا راجپوت آهن ۽ سپاهيملاٽي، مائيداسائي، موتياٽي، ٻناٽي، جوتواٽي ۽ پتا اصل ۾ جاڙيجا راجپوت آهن. سنسڪرت ۾ "آٽي" معنيٰ "جي اولاد" جيئن دڪش پرجاپتيءَ جي اولاد چئبي "داڪشياٽي" ان موجب آڏواٽي، چئناٽي معنيٰ آڏومل ۽ چئنيمل جي اولاد. آڏومل ۽ چئنيمل جو اوائلي نک ۽ گوتر. ڪن ذاتين جي اتهاس ۾ ڇاٽايل آهي پر جيڪي نوان نوان نالا رکائيندا وڃن ٿا تن جو پتو پوڻ مشڪل ٿيو پوي.

ٻيو تہ ڪئين ويچارا پنهنجي اولاد کي ڪاليجن يا سرڪاري نوڪرين ۾ داخلا ۽ اونيت ڏيڻ خاطر، پاڻ اوچ ذات جا هوندي بہ نيچ ذات جا موچي يا هريجن سڏائڻ ۾ فائدو سمجهن ٿا. ٻيو سنڌين ۾ جيڪو سڀ سان نهڪي هلڻ جو جيڪو گڻ يا اوگڻ آهي جو ڪي سنڌي، يورپ ۽ هانگ ڪانگ ۾ انگريزي نالا ۽ گلف ۾ اسلامي نالا رکائين ٿا. پارت جي ٻين علائقن جا نالا. امتاپ انيتا ويريندر وغيره رکائين ٿا پر شڪر آهي جو اڃا اهڙن مدراسي نج نالن تائين نہ پهتا آهن جن ۾ پيشاب جي عضوي جي ماپ ۽ تولهہ ڇاٽايل هوندي آهي، جيئن تہ ديرگهلنگم، لگهولنگم، مهالنگم چوڪو لنگم وغيره. خير هاڻي شخصي نالن کي ڇڏي ڪن جزوي ذاتن جو ذڪر ڪيان ٿو.

**ٺڪر:** ڏهينءَ صديءَ ۾ مسلمان حاڪم، تلوار جي ڏمڪاءَ سان هندن کي اسلام ۾ آڻندا ها. اُن وقت نصرپور جي راجپوت ٺاڪر رتنراءِ کتريءَ جي گهر امر اڏيري لعل جو جنم ٿيو جنهنکي ورڻ (جل جو) ديوتا چئبو آهي. اُن مها پرش، هندن جي رکيا ڪئي. هنجا هزارين پوئلڳ ٿيا جيڪي پاٽکي امر لعل جي ذات "ٺاڪر" چوائڻ لڳا پر عوام ۾ ٺڪر ڪوٺبا ها. اهو اتهاس تيرٿن واري باب

اڏيري لعل ۽ نصرپور ۾ ڏنو اٿم.

وقت پائي ٺڪرن هندن جي حفاظت جو جوکائتو ڪم چڏي ڏنو پر درياهه جي پوڄا جو ڪم قائم رکيو، جنهن مان ڪين اُپراسو ٿيندو هو. هر هڪ شهر ۾ ٿان هوندا ها جتي اکنڊ جوت پئي ٻرندي هئي ۽ ماڻهو اُن جي مهنت ٺڪر صاحب کي شاديءَ، غميءَ ۽ ڏڻ وارا تي نذرانا ڏيندا ها. پر منهنجي سانڀر ۾ گهڻا ٺڪر نوڪريون يا ڌنڌو واپار ڪندا ها. پوڄاري ٺڪر، نوروزي، چاليهي ۽ چيٽي چنڊ تي ٻهرانا ڪڍي وڃي درياهه ۾ پرواهه ڪندا ها.

**سک خالص:** تقريبن چار سؤ سال اڳ اورنگزيب بادشاه هندو ڌرم کي نابود ڪرڻ لاءِ ڪاٽ ڪهاڙا ڪنيا. تڏهن اُتر ۾ خالصن ۽ ڏکڻ ۾ مرهٽن ڪيس ٽوٽا چٻايا جو هن ويچاري جو ڏکڻ ۾ هڪ نامعلوم سجي ڳوٺ ۾ انت ڪال ٿيو ۽ شاهي مغل سلطنت جو خاتمو ٿيو. ڏکڻ ۽ اُتر ۾ هندن جا زبردست راڄ قائم ٿيا. اُتر ۾ گروگوبند سنگهه، جڏهن مغل لشڪر سان جنگيون جوٽي رهيو هو تڏهن سنڌي هندن ڪين ڏاڍي مدد ڪئي. هر هڪ ڪٽنب جي پٺيان نمبر پٽ کي خالصو بڻائيندا ها ۽ پنهنجي ڪمائي جو ڏهون حصو ڌرم يڌ لاءِ موڪليندا ها. هزارين نوجوان، گهوڙا، ۽ هٿيار ڪٽي گروءَ وٽ ويندا ها. هر هنڌ ٽڪاٽا کلي ويا ۽ گهر گهر ۾ سکمنيءَ ۽ جپ صاحب جو پاٺ ٿيڻ لڳو. هر هڪ گهر ۾ ڪي ڪيس ڌاري خالصا ۽ ڪي موڳا هوندا ها. ڪيس ڌارين کي 'سنگهه' ڪوٺيندا ها. جيئن هڪ پاءُ لٽيدارام ته ٻيو چڳا سنگهه.

سنڌي ۽ پنجابي خالصن ۾ گهڻو فرق هوندو هو. سنڌي خالصا يا سک جٽيا پائيندا ها، مندر ۾ ويندا ها. شادي يا موت جو ڪريا ڪرم ٻانڀڻ ڪان ڪرائيندا ها ۽ ٽڪاڻن ۾ گرنٿ صاحب سان گڏ رامايڻ ۽ پاڳوت جون ڪٿائون به ڪندا ها. مطلب ته سڀ رسمون سناتني هندن وانگر ڪندا ها. جيتوڻيڪ اِهي ڪم خالصا پنٿ جي بنيادي اُصولن خلاف آهن. مطلب ته سنڌين سک ڌرم جو رڳو اُهو گيان قبول ڪيو جيڪو آد جڳاد ڪان هلندڙ هندو ڌرم سان ٺهڪي ٿي آيو. هو سمجهي نٿي سگهيا ته پٿر يا ڪاغذ جي مورتيءَ وغيره جي سخت خلاف هوندي به پنجابي سک گرنٿ صاحب جي پوڄا آرتي ارداس وغيره ڪيئن ٿا ڪن! ڪي ڪي سک ته گرنٿ صاحب کي اونهاري ۾ ململ ۽ سياري ۾ گرم اوني چادرن سان ڍڪيندا ها!

سٺ ستر سال اڳ اڪالين زور ورتو ۽ پاڻکي هندن کان علحدو تسليم ڪرڻ لڳا. تڏهن سنڌي خالصا به پنهنجا جهنڊولا ڪوڙائي آيا ۽ "سنگهه" چوائڻ به ڇڏي ڏنائون. اهڙيءَ طرح ڪٽر اڪالين جي نفاق ٿي نيتيءَ، سک ڌرم کي هاڃي

رسائي جو لکين سنڌي خالصا سک ڌرم ڪان پري ٿي ويا تنهن هوندي به هنن گرن جو گيان ۽ سکيا نه ڇڏي آهي جو اڄ به نت نيم سان جپ صاحب ۽ سکمنيءَ جو پاٺ شرڌا سان ڪندا آهن، گرن جا جنم ڏينهن به ملهائيندا آهن ۽ گرنٿ صاحب جو پاٺ به رکائيندا آهن.

**اُداسي** ٻاوا شادي نه ڪندا ها ۽ ڪنهن چيلي کي گديءَ تي وهاريندا ها. انهنجي دربار ۾ گرونانڪ جي پٽ سريچند صاحب جي مورتي هوندي هئي. هو هندو شاسترن جون به ڪٿائون ڪندا ها. هندو ڌرم جو متو به اِهوئي آهي ته سيني مت متانترن جي چڱائي جذب ڪجي ڇاڪاڻ ته سڀيئي ساڳئي ڏٺيءَ جي منزل جا پانڌيڙا آهن.

**جگياسو** پنهنجي ٽڪاڻن ۾ رڳو گرنٿ صاحب رکندا ها ۽ انهن کي "ڀائي" چئبو هو. اهي گرهستي هوندا ها ۽ سندن چالاڻي ڪانپوءِ پٽ مالڪ ٿيندا ها. ٽڪاڻي ۾ ڪنهن سرڳواسيءَ نمت اکنڊ پاٺ رکائيندا ها ته ڀائيءَ کي چڱو اُپراسو ٿيندو هو يا ڪا سٿيي آسامي مئي ته چڱ هنن جي لاٽري کلي جو اُن نمت کين خوب ڳڻا ملندا ها. جنهن ۾ لٽا ڪپڙا مال مليدا هوندا هئن. هر روز جي آرتيءَ جي ارداس ۽ ڪٿاه پرساد جي پيٽا مان به گذران چڱو نڪرندو هئن. ڪن ناميارن ٽڪاڻن جو ڏنڌوءِ ڪمائي زور هئي پر ٻيا ٻچرواڙ به پيٽ ٽڪر سکيو ڪيندا ها.

**مسند:** گرونانڪ ڪانپوءِ چوٿين گروءَ رامداس جي دربار راجائي دٻدٻي ۽ شان شوڪت سان ٿيڻ لڳي ڇو جو ته سندس پوئلڳ ڏاڍا وڏي ويا ها ۽ گروءَ اها ريت چالو ڪئي هئي ته سڀئي سک، پنهنجي ڪمائيءَ جي ڏهين پتي گروءَ کي ڏين. پريان پريان جي سکن کي اهي نذرانا ڏيڻ لاءِ گروجن وٽ روبرو اچڻ لاءِ ڏاڍا ڪشٽ ڏسڻا ٿي پيا جو قافلن کي به زبردست ڌاڙيلن جا ٽولا اچي ورائيندا ها. تڏهن گروجن جدا جدا ايراضين لاءِ مسند (اِيجنٽ) مقرر ڪيا ته هو سکن ڪان نذرانا وٺي، ويساکيءَ ۽ ڏياريءَ تي آڻي گروجن اڳيان رکن. ان لاءِ گرو کين انعام ۽ سروپائون ڏيندا ها. ڪئين مسند زور وٺي ويا ۽ گهٽيئي درٻاريون ڪولي هندن ڪان زوريءَ اڳرائي ڪرڻ لڳا. مسندن تي گهٽيئي اتهاس ڇپيل آهن. ڪيپٽن جوزف ڪننگهام پنهنجي تواريخ ۾ تفصيل ڏني آهي ته گرو گوبند سنگهه ڪئين مسندن کي سخت سزائون ڏيئي مارائي ڇڏيو. ڇو جو ته هو سکن ڪان زوريءَ وصولي ڪري پاڻ ڦٻائي ويٺا ها پر گهڻا مسند ايماندار ۽ سچار هوندا ها ۽ سنڌ ۾ سندن عزت هئي.

گروگوبند سنگهه، گروگديءَ جو سرشتو بند ڪيو ته مسندن کي ڪنهنجو ڊپ نه رهيو ۽ اِهو به سوال هو ته گرن جي پيٺا وٺڻ جو سچو حقدار ڪير آهي.

گرن ۾ مسندن جي ڀچڙوالي ٻه وڏي وٺي هئي ۽ پاڻ ۾ جهڳڙا ٻه ٿيڻ لڳن. مغلن سان جنگ بند ٿيڻ ڪانپوءِ ٻه مسند پيٺائون آڳاري پاڻ مالا مال ٿي پيا. سنڌ مان روهڙيءَ جي ڀائي هاساننډ جو پوٽو رانجهن مل، دهليءَ وڃي گرو گوبند سنگهه جي ٻنهي استرين کي نذرانا ڏيئي، سکن کان آڳڙائي ڪرڻ جو پروانو وٺي آيو. پوءِ هنجي پوٽين خيرپور ميرس ۽ شڪارپور ۾ ٻه درٻاريون کوليون ۽ زور وٺي ويا. ٻيا مسند نوڪريون ۽ ڏنڊا ٻه ڪرڻ لڳا. منهنجي سانپر ۾ شڪارپور ۾ لوهڙن جي پاڙي ۾ مسندن جي درٻار ۾ گرپورٻن تي ميلا لڳندا ها. گاديسر ڀائي سندرداس، سنگيت وديا جو ماهر هو. هن ڪانپوءِ ڀائي امرداس ۱۴ ورهين ۾ گذاري ويو ته سندس ۹ ورهين جي ڀاءُ ارجنداس کي گاديءَ تي ويهاريو هئائون.

**گرو پوٽا:** گرو گوبند سنگهه جي جنگ ڪانپوءِ مسلم حاڪم گرن جي اولاد جون سڀ ملڪيتون ۽ مال متاع ضبط ڪري ڪين نهوڙڻ لڳا ته گرن جي پوٽين جي حالت ڏاڍي سقيم ٿي وئي ۽ انهن مان ڪئين خاندان سنڌ ۾ اچي درٻاريون کولي ويٺا ۽ مسندن بدلي سکن کان پاڻ آڳراڻي ڪرڻ لڳا. هو پاڻکي ڏاڍو اوچ سمجهي پنهنجون نياڻيون ٻين کي نه ڏيندا ها پر پوءِ گهڻو سڌارو ٿيو ۽ ڏيئر گرپوٽن کي ڏيڻ لڳا.

ڀائي رانجهنمل جي ونس مان ڀائي مولرام کي خيرپور ميرس ۾ درٻار هئي جيڪا هن گرپوٽن جي تقاضا تي گرپت پرساد کي ڏيئي ڇڏي. گرپت صاحب حيدرآباد سنڌ ۾ ٻه وڃي درٻار کولي. ڀائي مولرام وڃي شڪارپور ۾ درٻار کولي جنهن ۾ ٻه چگو اپراسو ٿيڻ لڳس ته اها درٻار ٻه اچي گرپوٽن ورتس. اها درٻار چبوتري وٽ، ماتا واريءَ ڌرمسال نالي مشهور هئي. ڀائي مولرام پاڻ سنڌ واهه طرف هڪ باغ ۾ وڃي رهيو ۽ ۱۷۹۵ع ۾ چالاڻو ڪيائين. ان باغ ۾ پوءِ مسندن جون ڏيوريون نهنديون ويون ۽ اهو باغ سماڌ آشرم ڪوٺبو هو.

**ڀاٽيا:** سنڌ ۾، خاص ڪري ٺٽي ۾ ڀاٽين جون گهڻيئي آڪاهيون هيون، جيئن گاجرا، ڪيڪلا، ناگراڻي وغيره. سنبت ۱۴۰۵ع ۾ ملتان ۾ ڀاٽين جو اکل ڀارتي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پنهنجون ۸۴ نکون تسليم ڪيائون. سنه ۱۹۱۳ع ۾ ڪراچيءَ جي خالقڏنا هال ۾ ڀاٽيا ڪانفرنس ٿي جنهنجو پريزيڊنٽ جوڌپور جو چيف جج راءِ صاحب مورارجي سمپت ٿيو هو پوءِ ۱۹۱۶ع ۾ لاهور ۾ ڪانفرنس ڪيائون تنهنجو پريزيڊنٽ شڪارپور جو راءِ صاحب آسرداس موٽارام ٿيو. ۱۹۶۴ع ۾ متڙا ۾ اکل ڀارتي ڀاٽيا ڪانفرنس ٿي هئي. اهو ڏيڪاريٺو ته سڄي

ھندستان ۾ ڀاٽيا ڦھليل آھن ۽ ڪين پنھنجي جاتيءَ جي عظمت ۽ اُنتيءَ جو اونو آھي.

ڀاٽيا جاتيءَ جا ڪئين اتھاس جدا جدا ٻولين ۾ ڇپيل آھن. انھن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڀاٽيا اوائلي شري ڪرشڻ جي پوٽي انرڌ جي نسل جا آھن. انھن يادون سوين سال مٿرا تي راڄ ڪيو ۽ انھن مان ھڪ پراڪرمي راڄڪمار ڀٽسنگھہ وچي جيسلمير جو راڄ فتح ڪيو. ان جي اولاد ڀٽي راجپوت ۽ ڀاٽيا جوائڻ لڳا. ڪئين صديون پوءِ انھن مان ڪي خاندان اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ 'ڀٽا' سڏجڻ لڳا. سنڌ ۾ انھن جون گھڻيئي آڪاھيون ھيون جن مان لاڙڪاڻي جي سر شاھنواز ڀٽو ۽ سندس پٽ ذوالفقار ڀٽو جيڪو پاڪستان جو پريزيڊنٽ ٿيو تن ڏاڍو نالو ڪڍيو.

ڀاٽين جي ھڪ پرتابي راجا گجسنگھہ، قنڌار- خراسان ملڪ وڃي ھٿ ڪيو جنھنجو نئون تختگاھہ اڏايائون "گج- ني- پور" يعني "گج جو شھر" جيڪو عام جام گجني- غزني مشھور ٿيو. انھيءَ راجا گج جي ونس وارا "گاجرا" ڪوٺجڻ لڳا. منھنجي ننڍپڻ ۾ ڪئين شڪارپوري آڪھيون غزنيءَ ۽ قنڌار ۾ رھنديون ھيون. خود منھنجي سڳي چاچي ڪي قنڌار جي شڪارپوري بازار ۾ پانسالڪو دڪان ھيون. مون اڳ ۾ ئي لکيو آھي تہ سوامي شنڪرانند پارٽيءَ جي گروءَ سوامي اديدانند جو آشرم غزني ۾ ھو، اُتھون ھنجون ھانيون آئي شڪارپور آشرم ۾ سماڌي ناھي ھئائون.

ڀاٽيا راجائن، ايران ۽ پر وارن ملڪن ۾ ايڏو ڏھڪاءُ وڌو ھو جو ايراني ۾ چوندا ھا، "ڀاٽيا بدذات قوم ھندوان پيدا شدند از ڪنيزڪ يادوان،" يعني ھندن ۾ "ڀاٽيا" بدذات قوم آھي ۽ ھو يادون جي ٻانھيءَ مان ڄاول آھن. سنڌ ۾ تہ گھڻا ڀاٽيا عقل ۽ علم ۾ اڪابر ھا پر ڪئين اھڙا بہ ھا جيڪي ٻين جون پڳڙيون لاھڻ ۾ وڏائي سمجھندا ھا تنھنڪري ھڪ پھاڪو ھو تہ " ڀاٽيا تو بوڪا پلا، ڏاوا ڪري ورانس."

ڀاٽين ۾ جئسنگھہ ۽ ھڪ بہ ٻي ذات وارا، وليا چاري ڪٽر ويشنو ھا، جو ڪانيون بہ ڏوئي ٻاريندا ھا. انھن ۾ ڇوٽا ڇوت گھٽي ھئي جو پنگيءَ جو پاڇو پوندن تہ سياري ۾ بہ وڃي سنان ڪندا ھا. ھو دوارڪانات ۽ شري ناٿجيءَ ڪي مڃيندا آھن. اُن زماني ۾ تہ ڀاٽيا، ڀاٽين ۾ ئي سڱ ڪندا ھا پر ھاڻي سڀ ڪار آھي.

**گاجرا:** جڏھن مھاراجا گجسنگھہ غزنيءَ جو قلعو نھرايو تڏھن سندس برادريءَ وارا گاجرا اُتي رھندا ھا. مھاراجا گجسنگھہ جن قومن کان اِھي ملڪ ھٿ ڪيا ھا اُھي بہ شوخ ويڙھو قومون ھيون. اُھي خراساني ھڪ دفعي ھڪ لک

فوج وٺي مٿس چڙهائي ڪري آيا تہ اُن جنگ ۾ سنڌ پنجويهہ هزار لشڪر مارجي ويو تہ شڪست کائي ڀڄي ويا. اُن کيپ ڪنڻ تي گجسنگهہ ڦونڊ ۾ پرجي ويو ۽ ڀيا ملڪ فتح ڪرڻ نڪري پيو ۽ ڪشمير هٿ ڪري اُتي ئي رهي پيو.

گجسنگهہ جي غير حاضريءَ ۾ خراساني ڀيهر ڪاهہ ڪئي ۽ عزني هٿ ڪري ڳاجرن کي تڙي ڪڍيائون. اُنهن ڀارت ۾ اچي نئون شهر وسايو جنهنجو نالو پيو ڳاجر. سمبت ۱۴۰۵ ۾ جڏهن ڀاٽين جو ڀهريون اجلاس ٿيو تہ ڀاٽين ۾ ”ڳاجرا“ مکيہ ليکيا ويا. اُن وقت ڳاجرا ڀين شهرن ۾ بہ پکڙجي ويا ها تہ بہ ڳاجر شهر ۾ سنڌ ۲۰۸ خاندان ها. هي پراڻو سلوڪ آهي:

ڳاجر ڳام ڪي راءِ سنگ دئي شت اٺ ملايہ
بڙي يا ڪي پئي، سب مل شبيٺ ٺهرايہ،
ڳاجريا ڪي نک ۾، بڙي ڪاريہ پرستار،
دان ڊبي ۾ بهو ڪشل، ڪري راج سم ڀاوَ.

معنيٰ ڳاجر ڳوٺ ۾ ۲۰۸ ڳاجرا آکاهيون آهن. هو سيئي ڏنوان سيئيون آهن ۽ سنڌن ڪاروبار ڦهليل آهي. هو دان ڌرم ۾ راجائن سمان فراخدل آهن. هن وقت بہ ڪئين ڳاجرا ڏنڌن ۽ هنرن ۾ بلنديءَ تي آهن.

**ناگراٽي** : ڀاٽين جي اوائلي چوراسي نياتين ۾ ويهون نمبر ”ناگر“ ذات آهي. اُنهن مان جيڪي سنڌ ۾ اچي رهيا سي پاڻکي ’ناگراٽي‘ چوائڻ لڳا پر جيڪي گجرات ۽ راجستان ۾ آهن سي پاڻکي ’ناگر‘ ڪوٺائيندا آهن. اُنهن مان وڏا وڏا ڪوي، راجائون ۽ سورما ٿيا آهن. شڪارپور ۾ ديوان ناڪرداس جج ۽ سنڌس ڀاٽيا پروفيسر پوجراج ۽ ديوان ڪشنچند مشهور ها. ڀيا ڪئين ناگراٽي بہ عالم فاضل آهن.

**ڪڪريجا** : شريمد ڀاڳوت ۾ لکيل آهي تہ ياڌو ونس جي انڌڪ راجا مهايوج جي پٽ ڪڪر جي اولاد، راجا اُگرسين، ڪنس ۽ ديوڪي ڪڪريجا ها. سمبت ۱۴۰۵ ملتان ۾ ڀاٽين جي ڪانفرنس ۾ ڪڪريجن کي بہ مکيہ ڀاٽين مان ليکيو ويو هو. سنڌ جي تاريخ ”تحفت الڪرام“ موجب ڪڪرالي رياست وارن ۱۷۴۴ع ۾ ڪلهوڙن سان لڙائي ڪئي جنهن ۾ ڪڪريجن هارايو هو. ڪرنل ٽاڊ جي ”راجستان“ ۾ بہ ڪڪريجن جي سورهيائي جو گهڻو ذڪر ٿيل آهي. اُنهن

مان ڪئين خاندان اسلام ۾ داخل ٿيا پر پنهنجي اوچ ذات تي ايڏو فخر هين جو مسلمان هوندي بہ پاٽکي ککريجا کوٺائيندا ها. تنهنکري سنڌ ۾ هندو خواه مسلمانن ۾ ککريجا خاندان ها. چگاڻي، چيلواڻي، مولچنداڻي، انبواڻي، پگواناڻي ذاتين جي نک بہ ککريجا آهي. شڪارپور ۾ ايڪيڊمي برپا ڪرڻ وارو سائين واڌومل گوڪلاڻي، مختيارڪار ديوان نچوسنگهہ بہ اصل ککريجا هئا.

**ڦيرواڻي :** جيسلمير مان آيل ڀاٽين جي هڪ آکهہ ۾ شڪارپور ۾ ڀائي ڦيرومل هوندو هو جنهن ۾ پنهنجي اوائلي ڀادون جي سورهيائي ۽ بيپرواهي اهڙي هئي جو ننڍ تي ڳاڙهي پڳ رکي گهمندو هو. هڪ واڻئي جي اهڙي بيپرواهہ گستاخي، ميرن جو گورنر تقي خان برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ هن کي پنهنجي دربار ۾ گهرائي، پڳ سڌي رکڻ جو حڪم ڏنائين. ڦيرومل بيباڪائي سان وراڻيو: "ميان صاحب! منهنجي پڳ ترار سان سڌي ٿئي تہ ٿئي ڳالهہ آهي پر هٿ سان سڌي ٿيڻ جي ناهي". ايئن چئي ڦرتيءَ سان گهوڙي تي چڙهي ٽپ ٽپ ڪندو ڀڄي ويو. نواب، ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ بہ چار سپاهي پٺيان ڊوڙايس. پٽو تڏهن پيس جڏهن ڦيرومل انهن سپاهين جون سسيون ڪپي، نواب کي سوکڙي ڪري موڪليون. هو ڪجهہ سال روپوش ٿي ويو ۽ پوءِ جڏهن انگريزن جي حڪومت ٿي تہ اول ماري ڳوٺ ۾ ۽ پوءِ شڪارپور ۾ اچي رهيو. اهڙي دهشتيءَ ماڻهو جي ونس وارا "ڦيرواڻي" نالي سان مشهور ٿيا.

ڀائي ڦيرومل پاڻ، سندس پٽ مينگهراج ۽ پوٽو ڏوقيرام، پوٽ وديا جا ڄاڻو ها. شڪارپور ۾ ڪنهنکي جن پوٽ نڳندو هو تہ انهنجي هڪل ڪرڻ تي نڪري ويندو هو. جنهن حويليءَ ۾ رهندا ها سا ڦيرواڻين جي حويلي ڪوٺبي هئي. ڏوقيرام جي پٽ نرسنگهداس جي ٻن پٽن پروفيسر شيوارام ۽ ڊاڪٽر ليلارام ڏاڍو نالو ڪڍيو جو سڄي عمر سماج ۽ ديش سيوا جا ڪاريہ ڪندا رهيا. پروفيسر شيوارام، آدرش ڪنيا شالائون، ويمر گهر، ڪارخانا ۽ ڪاليج کولارايا. سندس ننڍو ڀاءُ ليلارام قومي هلچل ۾ جيل ويو پر جوشيلو ۽ سڄار هو. پاڪندي ڪانگريسين سان پنوت نہ پوندي هئيس. پڇاڙيءَ جا ڏينهن ديوالنيءَ ۾ رهيو پيو هو. مونسان ريل ۾ مليو ۽ چيائين: "تون برابر چوندو هئين تہ گهڻا ڪانگريسي ديش ڀڳتيءَ جو ڏيکاءُ ڪندا آهن". پوءِ تہ ڪانگريسين کي جنسي گاريون پئي ڏنائين. شڪارپور جي ڪانگريسن هن کي برابر ڏکويو هو.

**ڇاٻڙيا :** ڳوٺ (گوتر) جي نالي بہ ڪئين ذاتيون هيون. راجستان ۾

ڪوئيٽا شهر ويجهو "چاڻرا" ڳوٺ پنهنجن سورمن ۽ دولتمندن ڪري ناميارو هو ۽ اُن جا رهواسي پاڻکي 'چاڻڙيا' چوائڻ ۾ فخر وٺندا ها. سنڌ ۾ خاص ڪري شڪارپور ۾ چاڻڙين جا گهڻا خاندان دولتمند ۽ درياهه دل ها. سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو اسپتال جنهن ۾ جديد اوزار ۽ ايڪس- ري وغيره مشينون هيون، چاڻڙين برپا ڪيو هو. ان زماني ۾ اهي مشينون نيون ايجاد ٿيون هيون، اُتي مسڪين مريضن کي مهانگيون دوائون ۽ ڪاڌ خوراڪ بہ مفت ملنديون هيون. ٻين چاڻڙين کي بمبئي، احمد آباد، ڪراچيءَ ۾ ڪپڙي جون ملون هيون ۽ دهلي امرتسر وغيره شهرن ۾ ڪروڙن جا ڌنڌا هوندا هئا. چاڻڙين جي اتاهه دولت بنسبت هڪ ڳجهي ڳالهہ هنريت آهي.

بهاولپور ۾ چيلداس چاڻڙئي وٽ پارس پٿر هو ۽ هن وٽ ايڏو تہ سونو هو جو هن شهر جون ڪان وڏيڪ جڳهيون ۽ زمينون خريد ڪيون هيون، سدائين لنگر لڳو پيو هوندو هئس ۽ انڌن منڊن محتاجن لاءِ آشرم پيو هلائيندو هو. اُن وقت ۱۷۵۰ع ۾ بهاولپور تي نواب محمد مبارڪ دائود پوٽي جي حڪومت هئي. هن کي حيرت لڳندي هئي تہ جيڪو ماڻهو وڻج واپار بہ نٿو ڪري تنهن وٽ ڇڻ تہ ناڻي جي نئن ڪيئن ٿي وهي! پوءِ جڏهن هڪ چغلخور ڪان سيٺ وٽ پارس پٿر جو پتو پيس تہ ڪائونس اُهو طلبيائين. چيلداس صاف الي ويو جو سمجهائين تہ حاڪم وٽ دولت ايندي تہ وڏا لشڪر ٺاهي ٻين تي ڪاهون ڪندو جن ۾ بيگناه ڪسجي ويندا. هن جي انڪار ڪرڻ تي حاڪم ڪيس قيد ڪري ڏاڍيون تعديون ڪيون پر هن آخر تائين نہ سليو. جيل ۾ هو مسلمانن جي هٿ جي روٽي نہ ڪائيندو هو، تڏهن سندس مرٽينگ حالت ۾ هڪ پشڪرڻو برهمڻ روٽي ڪارائيندو هئس. آخرڪار حاڪم، لاچار ٿي سيٺ کي جيل مان آزاد ڪيو.

جنهن پارس پٿر بدولت چيلداس کي ايڏا ڪشٽ ڪٽڻا پيا، تنهنکي مصيبتن جو مول سمجهي هن سنڌو درياهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو. هو پنهنجي ۽ اُن پشڪرڻي ٻانيڻ جي آڪاهين سميت، شڪارپور اچي رهيو، ڇو جو تہ اُتي پٺاڻن جي حڪومت ۾ رعيت تي ايڏو ظلم نہ ٿيندو هو. مرڻ کان اڳ چيلداس پنهنجي اولاد کي جيئڻ چئي ويو، تيئڻ چاڻڙين جا ڪئين گهر پنهنجي گر برهمڻ سان گڏ پشڪرڻي ٻانيڻ کي بہ ڏامو ڏيندا ها.

سيٺ چيلداس کي پنهنجي پرٽيل زال راٺيءَ مان چار پٽ ها. ۱. منشارام، ۲. پارومل، ۳. عيدنمل، ۴. ديوانچند. اُنهنجي اولاد پاڻکي منشاراماڻي، پارواڻي، عيد ناڻي ۽ ديوناڻي چاڻڙيا چوائڻ لڳا. انهن ۾ هڪ چندنمل ڏاڍو تيج ڪڍيو تہ اُن جي نسل وارا پاڻکي چندناڻي چاڻڙيا چوائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح چاڻڙين جي جدا جدا ذاتين جو وستار ٿيندو رهيو.

**ڀجاج:** هيءَ هڪ قديم ذات آهي. عرب تواريخ نويسن لکيو آهي تہ جڏهن راجا ڏاهرسين لڙائيءَ ۾ مارجي ويو تڏهن سندس راڻيءَ گهوڙي تي چڙهي اچي مسلمانن جو مقابلو ڪيو. راڻيءَ جي مکيہ سالارن ۾ هڪ راجمل ڀجاج بہ هو. هنن اِها پرواهہ نہ ڪئي تہ سندن مکيہ لشڪر ۽ راجا مارجي ويا آهن تہ هنن جو موت تہ اٽر هو. راڻيءَ سميت سڀ سورما شهيد ٿي ويا. راجمل جي آکهہ ۽ هيڙين ۾ چڙهي پنجاب طرف ڀڄي ويئي.

ڀجاج نک وارا ڀارت جي سيني پرڳڻن ۾ پکڙيل ۽ ڏاڍي اوج تي آهن. سيٺ جمنالعل ڀجاج، انگريزن جي ڌمڪين ڌڙڪن ۽ نقصان جي پرواهہ نہ ڪري، ڪانگريس کي قومي هلچل لاءِ ڪروڙن جي مدد ڪئي ۽ هاڻي سندس اولاد وڏا دان ڪري رهي آهي. ڀارت ۾ پرڏيهن ۾ ڪئين وڏا وڏا ڪارخانا ۽ ملون اٿن. سنڌ جي مشهور ديش ڀڳت سيٺ هرچندراءِ وشنداس جي آکهہ بہ ڀجاج آهي پر پنهنجي هڪ بزرگ پارومل جي نالي پاٽکي پارواڻي ڪوٺائيندا آهن.

شڪارپور جا ميک شاهوڪار ۽ نگر سيٺ لٽيداسنگهہ جيتلاڻي ڀجاج ڪوٺبا آهن. اِهو پائي جيتمل مغلن جي لشڪر کي راشن سپلاءِ ڪندو هو ۽ انهنجي فوج سان ١٨ صديءَ ۾ بکر تائين آيو ۽ شڪارپور ۾ اچي رهيو. هن جي اولاد بہ لکين رپيا دان ڪيا آهن. شڪارپور جو ڪاليج، بنگلور مئسور وغيره شهرن ۾ بہ هن ڪاليج اسپتالون وغيره برپا ڪيا آهن. تيرٿن جي پنڊن جي وهين ۾ ڀجاجن کي 'رگهوونشي' لکندا آهن. ڀڳوان رامچندر، رگهونشي هو ۽ سندس وڏي پٽ لوَ جي نسل مان هئڻ سبب ڀجاجن کي 'لوهاڻا' بہ چئبو آهي.

**مٽراڻي:** اورچائي ۽ مهت ڪانکيا سان ڪئين نہ انسان فرش تان عرش تي پهچي ٿو تنهنجو روشن مثال آهن 'مٽراڻي'. ١٨٨٠ع ڌاري شڪارپور ۾ ميرشاهہ قبي وٽ، پائي مٽراداس، ڪير ۽ ڏهي وڪڻي ٻچا پاليندو هو. هن جا ٽي پٽ اباڻي ڪرت ڪندا ها پر هڪ شري پريداس وڃي ماستري ڪئي. هن ڏاڍا ڏک ڏاکڙا سهي پنهنجن ستن پٽن کي اعليٰ تعليم ڏياري، ولايت موڪليو ۽ نيٺ هو وڏن ۾ وڏن سرڪاري عهدن تي پهتا. ڪو آءِ- سي- ايس آفيسر، سپرنٽنڊنگ چيف انجنيئر، سيڪريٽري ٿيو. مطلب تہ شڪارپور ۾ هنن جهڙا وڏن عهدن تي ٻيا ڪي ڪين ها. هو پاڻ کي مٽراڻي ڪوٺائيندا آهن.

**آهوجا:** هندن جي بلند ذاتين مان آهوجا بہ ڏاڍا چڙهيل آهن. مون ڪشمير، پشاور، بنو، ڪوهاٽ ۽ قنڌار ۾ بہ آهوجا خاندان ڏٺا، جيڪي ٻلين ٻلين

ها. ملتان، ديرا غازيخان ۽ سنڌ جي گهڻن شهرن ۾ آهوجا آڪاهيون نه رڳو واپار ۽ هنرن ۾ پر سرڪاري عهدن تي به چوٽ چڙهيل هيون. ڪنهنجا نالاڪٺي ڪنهنجا ڪٺان! مديجيءَ جي آهوجن سان ته چٽي ڪٺي بس ڪرا گهڻيئي زميندار ۽ وڏا عملدار ها. ۱۹۱۵ع ڌاري مديجيءَ مان شري پرتاب راءِ وسومل آهوجا وڃي لاڙڪاڻي رهيو ۽ اُتي ڏاڍو چمڪيو. سندس پٽ پدم شري رام پنجواڻي ته سنڌي جاتيءَ جو هاٺي سرمور آهي ۽ پنهنجي پيءَ جي ڏاڏي پنجاڻداس جي نالي پاٺڪي پنجواڻي سڏائيندو آهي.

**اوڏ:** هيءَ قوم اصل مارواڙ ۽ جيسلمير جي ريگستاني ملڪ جي آهي. سندن اوڏڪي زبان ۾ سنڌي ۽ مارواڙي لفظ مليل سليل آهن. هو مٽيءَ جي کوٽائي ۽ پٽين اڏڻ جو ڪم ڪندا آهن. سندن زندگي سختين ڀريل آهي جو ڪم جي تلاش ۾ گڏهن تي ضروري ٿپڙٺاڙي رکي گهمندا رهندا آهن ۽ جتي روزگار ملندو اتن اُتي ڪانهن جون جهڳيون ٺاهي رهندا آهن. سندن ڪپڙا لٽا مسلمانن جهڙا آهن ۽ مڙدن کي دفن ڪندا آهن. رٿپٽ ۾ چکيا جلائڻ لاءِ ڪاٺيون ملڻ محال. تنهنڪري اها رسم پئجي وئي اٿن، پر مسلمانن وانگر قبرون نه ٺاهيندا آهن. ٻيون به ڪي هندو ذاتيون مڙدن کي زمين ۾ پوريندڙيون آهن.

اوڏن جا نالا، ريتيون، رواج، ڏڻ وار، شاديءَ جي وڌي ۽ رسم هندن جهڙيون آهن. سندن ديوتا رامڏيو آهي جنهنجو مندر ٽنڊي الهيار ۾ آهي. جڏهن سکر بئراج لاءِ واهن کوٽائيءَ جا ڪم شروع ٿيا تڏهن راجستان جي رٿپٽ مان گهڻيئي اوڏ روزگار خاطر سنڌ ۾ آيا ۽ هميشه لاءِ سنڌ ۾ رهي پيا. اُن کان اڳ به اوڏ سنڌ ۾ رهندا ها، جو ته سنڌ جا قلعا اڪثر مٽيءَ جا ۽ اوڏن جا اڏايل آهن. اوڏڻين تي ڪئين معزز ماڻهن جي عاشقيءَ جا مزيدار قصا آهن. شاهه عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ مشهور لاکي سردار جو افسانو ٻڌايو آهي، جنهن هڪ اوڏڻ جي عشق ۾، سندن ريتون رواج اختيار ڪيا ها ۽ پنهنجي ابلقي گهوڙي بدلي اوڏن وانگر گڏهن تي سواري ڪندو هو. سنڌ ۾ اهڙا عشقيه قصا گهڻيئي ٿيا آهن.

اوڏن جو گڏهن سان پڪو پلئه ڳنڍيل هو. منهنجي شاعر سنگتيءَ عبدالڪريم گدائيءَ ٻڌايو هو ته جيڪب آباد کان ڪوئيٽا ڏانهن ريل جي پهرين اسٽيشن آهي 'جهٽ پٽ'. اُتي هڪ ايم. بي. بي. ايس، اوڏ ڊاڪٽر، گڏه تي چڙهي، دوائن جو ٿيلهو رکي، وزٽ ڪرڻ ويندو هو. سندس انجنيئر ڀاءُ به گڏه تي چڙهي سر زمين تپاسڻ ويندو هو. خير، ارمان اِهو هو ته ڪو سياسي اڳواڻ، اوڏ ذات جو نه هئو، نه ته موٽر بدران گڏه تي چڙهي، هار، پارٽي، پنهنجي سرڪس ڪڍائي ها.

**مينگھواڙ:** هن ذات وارا بہ اصل مارواڙ کان آيل آهن. انهن جون ذاتيون راجپوتن جهڙيون آهن، جيئن تہ راٺوڙ، چوهاڻ، سولنڪي، پرمار وغيره. هو مئل جانورن جو ماس بہ کائيندا آهن تنهنکري هندو هننکي اڇوت ليکيندا آهن. هو هندو ديوين ديوتائن کي پوڄيندا آهن ۽ سندن گرو رامڏيو آهي. مينگھواڙ اڪثر موچڪو ۽ ڀيو چمڙي جو ڪم ڪندا آهن ۽ پر ڪئين اهڙا بہ آهن جيڪي اُٺن جي وارن مان بلانڪيٽ ۽ ڪتا اُٽندا آهن جن جو واهپو ريگستاني مسڪينن ۾ گھڻو آهي.

ٻيو ذڪر جي قابل ذاتيون بہ گھٽيئي آهن. پر اُپٽار جي ڊپ کان مان هتي ئي بند ٿو ڪيان.



گلونا ٹا نظارا




مرس کی مالش



یونان گرد تاں باٹی پوری اجڑ

# پاڱو چوٿون- مسلمان

دعا سلام؛ مسلمانن کي ڄڻ ڇو ڪونبو هو؛ ڏاڙهي؛ طهر؛ شادي؛ عورتون؛ هاري ناري؛ زميندار وڏيرا؛ پير مرشد؛ ملان ۽ مولوي؛ ڪامورا عملدار؛ ٽن اصولن جا مسلمان؛ هندو مسلم تعلقات؛ مسلمانن جون ذاتيون، هندو ۽ مسلمانن ۾ ڪي ذليل ذاتيون، ويڪانو مڪريليون محبوبائون.

*

## دعا سلام

مسمان پاڻ ۾ ملندا تہ هڪ چوندو، ”اسلام عليڪم،“ ٻيو چوندو، ”وعليڪم السلام، ڀلي آيا، جيءُ آيا، خوش تہ آهيو، چڱا ڀلا، عزت، آبرو، دين ايمان، روزو نماز، رزق مال، ٻار ٻچا، ڳايون مينهون.... ٻيو سڀ خير؟“ ”الله جي مهرباني، امن امان، ڌڻيءَ جا ٿورا، توهان دوستن جون دعائون، سائينءَ جي سربخت جو خير!“ وغيره وغيره ائين ڇئي هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملندا ۽ تنهنکان پوءِ هڪ ٻئي جو نالو، ڏنڌو ۽ اچڻ جو سبب پڇندا. ان محبت ڀرئي دعا سلام ۽ ڌڻيءَ جي ٿورن ڀريل ڪيڪار تي ڪئين انگريز ليکڪن ٺٺولبازي ڪئي آهي.

نہ رڳو انگريز پر خود پنجابي ۽ يو - پيءَ جا مسلمان بہ اهڙيءَ ڪيڪار ڪندڙ کي جاهل ڄئي مٿن چٿرون ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سخت گرميءَ، جهولن يا ولهہ جهڙيءَ آزاريندڙ آبهوا کي ”گڊ مارننگ“- ”گڊ ايوننگ“ جهڙا ڪوڙا ۽ فضول سلام ڪري تہ سو ٺيو سڌريل ۽ ٻيو جيڪو سڪ سان ڀاڪر پائي، محبت سان حال چال پڇي ۽ مالڪ جي مهر مڃي، سو ٿيو ڳامٺو ۽ جاهل! ڪهڙي نہ اونڌي سمجهہ! پر اهو بہ جديد تهذيب جو هڪ حصو آهي جو اڄڪلهہ

لاڳيتي ڪمري ۾ رهندڙ جي بہ سڌ نٿي رکجي تہ درويش آهي يا ڏاڙيل! هر ڪو پنهنجي ٺانءِ ۾ ٺمٺار! پراوا تہ پري پر پاڻ جي يا پڊن ماءُ پيءُ جي سار سنڀال لهڻ ۾ گهٽتائي ٿا سمجهن!

عربي ۾ "السلام عليڪم" جي معنيٰ آهي، "خدا توکي سلامت رکي." اهو هڪ ٻئي لاءِ محبت ۽ خير خواهيءَ جو اظهار آهي. قرآن شريف ۾ پڙهيو هوم تہ نبي ڪريم فرمايو، "وَ رحمت الله" بہ چوڻ سان ٻين ڏهن نيڪين جو اضافو ٿئي ٿو، ان جي معنيٰ آهي تہ خدا توتي مهربان ٿئي، اها برڪت واري دعا آهي. پنجابي ۽ يو- پيءَ جا مسلمان چوندا آهن، "آداب عرض" يعني "نمستي،" پر اِهو اسلامي طريقو ناهي ۽ نڪي انهن لفظن ۾ آها محبت ۽ خيرخواهيءَ جو اظهار آهي. هندن جي سونهري زماني ۾ 'سوستي' چوندا ها تہ 'تنهنجي ڀلائي ٿئي!' ٿائلنڊ ۾ اڄ بہ اِهو سلام رائج آهي. 'رام- رام' چئي سري رام جا سلچڻ پرائڻا ۽ ياد ڪبو تہ آهو هڪ ئي سائين - رام سڀني ۾ رمي رهيو آهي، يعني سڀ هڪ آهيون.

## مسلمانن کي جٽ چو ڪوٺبو؟

مسلمان هڪ زنده دل قوم، همٿ ۽ حوصلي وارا آهن تن کي هندو، جٽ ڇو ڪوٺيندا ها؟ اهو جٽ لفظ نڪتو ڪٿان؟ سنسڪرت سڀني ٻولين جي ماءُ آهي ۽ مهرشي پاڻنيءَ جو وياڪرڻ اُن جو تصديقي گرنٿ آهي. اُن ۾ هر هڪ لفظ جو بنياد ڏنل آهي. سنڌي مسلمان اڄ بہ اڪثر قبيلن يعني ٽولن جهٽن ۾ ٻڌل رهندا آهن. مثلن هڪ قبيلي واري ڪنهن ٻئي قبيلي واري جي ڌيءَ ڀيڻ ڀڄائي يا ڪا خون خرابي ڪئي تہ ٻئي سڄي قبيلي واري جي هڪ نمبر قبيلي سان دشمني پوندي. هڪ فرد جي شخصيت سندس قبيلي - جٽ ۾ سمايل هڪ ٿيل آهي. چانڊيا مگسي يا اهڙن ٻين قبيلن جو وير جهونو ۽ عالم آشڪار آهي. چانڊين جو لوهار، درزي، موچي، حڪيم، مگسين جو ڪڏهن ڪم نہ ڪندو.

واٺيا پنهنجي برادريءَ يا مکيءَ جي حڪم اُدولي ڪندا پر مجال آ جو ڪو مسلمان قبيلي جي سردار جي نافرماني ڪري! ڪورٽ ۾ ڪوڙا قسم کڻندا پر سردار سان هرگز ڪوڙا نہ ٿيندا. اهڙي طرح پاڻني وياڪرڻ مطابق مسلمانن جو "جٽ" نالو صحيح آهي.

## ڏاڙهي

مسلمانن ۾ ڏاڙهيءَ جي مهما مهان آهي. جيتري ڏاڙهي جهجهي ۽ ڊگهي

اوترو مڙس موچارو ليکبو. خاص ڪري ڳوٺن ۾ ڏاڙهيءَ کي خدائي تحفو سمجهندا ها. ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي ڪو قول ڪيائون تہ مرندي مري ويندا پر انجام پاڙيندا. ڪنهن کان قرض وٺي، ضمانت طور پنهنجي ڏاڙهيءَ جا ٻہ وار رکندا ۽ جيستائين اُهي چوٽڪو ڪرائي واپس نہ وٺندا تيستائين آرام نہ ايندن. بدن جي ٻئي ڪنهن عضوي تي سخت ڌڪ بہ برداشت ڪندا پر جي ڪنهن ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌن تہ اُن جو تڏي تي خون ڪندا. ڪوئي ڏاڙهيءَ تي ٻہ آڱريون رکي ڪا شئي يا معافي گهرندن تي اُن جي ڳالهہ مڃيندا.

منهنجي سانير ۾ ئي، جديد تعليم ۽ انگريزي اثر هيٺ، ڏاڙهيءَ ۾ ڏانو وجهڻ شروع ڪيو هئائون ۽ هاڻي تہ ڏاڙهيءَ جهڙي الله جي اعليٰ سوغات جا دشمن گهڻا وڌي ويا آهن، ڏاڙهيءَ جي عظمت ۾ اوچا لفظ بہ ڪم آڻين ٿا ۽ ڏاڙهيءَ سان گڏ مڇن جهڙي ناياب چيز بہ مدي خارج ڪري ڇڏي اٿائون.

## طهر

هندو پنهنجن ٻارن کي پنجن ڏهن سالن اندر جٽيا پائيندا ها، تيئن مسلمان ٻارن جي طهر ڪرائيندا ها. طهر مهل مامو، چاچو يا ڀيو ڪو مائٽ چوڪر کي جهلي ويهندو ۽ حجم ڪلمو پڙهي ٻار کي ڇيهہ ڏيندو. ٻار کي ايذاءُ رسندو تہ چوندس تہ حجم کي چماٽ هڻ تہ حجم گيگ ڪري، ڪري پوندو ۽ جڏهن کيس ڪڪڙ يا ٻڪرو ڏيندا تہ آٿندو. هوند سوند وارا تہ طهر ڏاڍيءَ ڌوم ڌام سان ڪندا ها جو تاهريءَ جي ديگ چاڙهيندا ۽ پتاشا ورهائيندا ها پر غريب ڪارڪون ورهائي رسم پوري ڪندا ها.

## شادي

مسلمانن ۾ ڪنهن گهر نياڻي ڄائي تہ ننڍ ڦٽي پوندن ۽ تيسين چورا ڪورا لڳي پئي هوندن، جيسين نياڻي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي. نياڻيون وڏندي ويرم نہ ڪنديون آهن. مڱڻي جو ڪم مائٽن جي مٺي تي هوندي هو. گهوٽ ڪنوار کي ڪن نہ جن. پوتي پئي تہ پتو پوندن تہ پاند اڙيو آهي. شاديءَ جي موقعي تي، دهل دماما، ڳيچن ۽ سهرن جي ڌم مچي ويندي ۽ پتاشن ۽ ريوڙين جون جهوليون ڀيون ورهائبيون هيون. ٽي ڏينهن ديڳيون ڀيون چڙهنديون. شاديءَ کان هڪ رات اڳ گهوٽ کي ميندي لائي، سيج تي وهاريندا ۽ سڄي رات سمهڻ نہ ڏيندس،

ڪچهري لڳي پئي هوندي. صبح جو گهٽ ڪنوار کي وهنجائي، شاديءَ جو وڳو ڍڪائيندا ها. گهوٽ کي گهوڙيءَ تي چاڙهي، اهنر کي بہ گهوڙيءَ تي پيلهہ وهاريندا ها. اُن وقت زالون لاڏا ڳائينديون هيون. گهوٽ کي مسجد ۾ فجر جي نماز پڙهائي ڪنواريتي گهر وٺي ايندا جتي ٻيا ماڻهو ويٺا هوندا ها. پوءِ ملان اُتي نڪاح جي رسم ادا ڪندو هو.

نڪاح خواني بعد، سڀئي ويٺل گهوٽ ۽ گهوٽ پيءُ کي مبارڪون ڏيندا ها. جڏهن مرد هليا ويندا تہ گهوٽ ٿيندو هو زالن جي حوالي. زالون گهوٽ کي پٽائينديون هيون. ڀرين ستائيندس سالي. هنڪي هڪ رپيو ڏيئي جند ڇڏائيندو. پوءِ ڪير ۾ منڊي وجهي گهوٽ ڪنوار کي ڇڏي ڏيندا تہ ڪير تو اڳ ۾ ڪڍي. انڪانپوءِ ست دفعا گهوٽ ڪنوار جا مٿا ملائينديون ۽ گهوٽ ڪان پڇنديون تہ ڪنوار جو منهن ڏسائي گهڻو تو ڏين؟ لاچار ويچاري کي ڪجهہ ڏيڻو پوي يا اقرار ڪرڻو پوي، تڏهن ڪيس ڪنوار جو منهن ڏيکارينديون. پوءِ سڀ زالون گهوٽ ڪنوار کي اڪيلو ڇڏي هلي وينديون.

**’شاديءَ جا شادمانا‘:** سڪيلڏي پٽ پوٽٽي يا ڀاءُ جي شاديءَ جي مراد پڄندي تہ قدرتن، تن من ۾ ازخود خوشيءَ جي وير ڇوليون ڏيئي اُيامنديءَ ۽ بدن ۾ ناچ جي چرپر ۽ ذري ذري ڳالهہ تي ٽهڪڙي جو آبشار پيو وهندو. هتي اِها ڳالهہ چٽي تو ڪيان تہ مسلم گهراڻن ۾ حياءَ ۽ حجاب کي وڏو وزن هو ۽ ناچ تہ بنهہ بند هو. سريلي آواز ۾ سهرا ڳائڻ وارين کي اڳواٽ اطلاع ڪري گهرائيندا ها. ٿالهي يا دهل بہ پيو وڄندو، سهرا ڳائينديون، جهمر هڻنديون، وچ وچ ۾ چرچا يوڳ ڪتڪتايون ۽ ٽهڪڙا بہ پيا هلندا. بدستور ناچ ڪرڻ هڪ ڳالهہ آهي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي بود ۾ پرجي جسم ۾ هٿ پير هلڻ، هڪ علحدي ڳالهہ آهي.

مسلم يا هندو شادين ۾ سڳن سات اڪثر ساڳيائي هوندا ها. ونواهہ ۾ ويهڻ، لانوان لهڻ، سهاڳڻين جو تيل لائڻ وغيره وغيره. مهينا اڳ شادمانا پيا هلندا ها، جيسين لايو سجايو ٿئي، تيسين ڏيڻ پينرن ۽ ٻارن لاءِ ڪپڙا ۽ مٺيا منڊيون پيون ٺهنديون، رنل پيا پرچائيندا ۽ پرتلن جي صلاحن مشورهن سان پيا شادمانن جا انتظام ڪندا. ٻين اسلامي ملڪن ۾ اهي رسمون ناهن.

مسلمانن ۾ گهڻين شادين ڪرڻ جو ۽ شاديءَ جي معاملي ۾ اڪثر بدو ڪرڻ جو رواج هو تہ "ڏي تہ ڏيانءِ" پر اُنڪان بہ وڏيڪ پنهنجائيءَ جو خيال ڪندا ها ۽ بنا بدي بہ سڱ ڪندا ها. پنهنجي ڪڙم ۾ ڪو اوچو يا هلڪو بہ هوندن تہ بہ نياٽي ڌارين کي ڏيڻ نہ چاهيندا. بيجوڙ جو بہ خيال نہ ڪندا تہ

مڙس وڏو يا ننڍو آهي! ايتري قدر جو پنهنجي ڪڙم ۾ ڪنهن ڪڙروڍ کي به پنهنجي ننڍڙي نينگر ڏيندا پر ڪنهن ڏاڙهي نوجوان کي ڏيڻ ۾ عيب سمجهندا ها. پنهنجو سڄو، ڏاڙهي ساڻي کان بهتر سمجهندا ۽ ڌيءَ جي سک ڏک جو خيال نه ڪندا ها. چي: 'جني پڪا اوڏرا، سيڻ ڪجن سيئي' پيو ته 'پر پنهنجو نه ٿئي، توڙي لتي ڏينس گهر.' "هت به پنهنجي قسمت تي ڪاٿي، آتي به جيڪي هوندس ڀاڳ ۾ سو ڀوڳيندي. آنديـن ڇٽيءَ جو ڏک اسانکي به ٿيئيو پر پنهنجي وڳر ۾ ته ٿيندي! پراوا الائي ڪهڙو سلوڪ ڪنس. گهوٽ عمر جو وڏو هوندو ته سس نراڻ جون ڇينيون ڇڙبون ته نه جهلينديس. وڏور ڌيءَ گهر ۾ وهارڻ ڪيڏو نه گناه آهي!"

اهڙيءَ سمجهه مطابق چاچي جي ڌيءَ چاهه سان ڪندا. نه ته نهاريندا ناناڻن يا ماسيءَ جي ڌيءَ ڏانهن. جي آتي به واه نه ڏسندا ته سرڪندا شريڪن ڏي، جتي اڪثر ڏي - وٺ تي سڳاوتي ڪندا. پر جي وٽن ڪا نياٽي نه هوندي ته ناٽو ڏيئي سڱ ڪندا. ڪن هندو ذاتين ۾ به بدلي جو رواج هو، خاص ڪري ماهيشوري يا شريمالي ٻانيڻن ۾. هندن ۾ ادلا بدلي يا نياٽي لاءِ ناٽو وٺڻ کي پاپ ليکيندا ها ۽ ڏاڏاڻن مائٽن مان شادي نه ڪندا ها. گهڻو ڪري ڏارين ۾ شادي ڪندا ها ۽ ان لاءِ ڇٻو هو ته واٽيو، واڻ وانگر ڳنڍيو پيو آهي. انهنجي ڀيٽ ۾ مسلمان اڪثر ساڳئي خاندان جي حد اندر رهندا ها.

اهو ادلا بدليءَ جو رواج بعضي بعضي حياتون برباد ڪندو هو. منهنجو هڪ دوست ظفر ۽ ڇوڪري سڪينا، پريت جي ڏور ۾ ٻڌل ها ۽ هڪ ٻئي سان شادي ڪرڻ جا واعدا ڪيا هئائون. واه جي جوڙي هئي! ظفر جي ڀيڻ فيض سان مڱيل هئي پر هن جي مائٽن چيو ته انهنکي به پنهنجو نينگر اڻاڙٽي آهي، تنهنڪري ڏي وٺ ڪيو يا مڱڻو ٽوڙيو. ظفر اڳيان ماڻس ليلڙايو ۽ هن پنهنجي پياريءَ ڀيڻ جي صورت ڏٺي، مايوس، غمگين ۽ ٽمڪندڙ نيڻ. يقين ٿيس ته هيءَ اهوجهه ڀيڻ اهو صدمو سهي نه سگهندي. لاچار فيض جي ڀيڻ سان شادي ڪيائين جيڪا نه رڳو اٽپڙهيل بدصورت هئي پر ظفر کان ست اٺ سال وڏي به هئي. جي هو ٻي شادي ڪري ته فيض به سندس ڀيڻ تي پهاج آڻيندو. اهڙيءَ طرح ادلا بدليءَ ۾ ٻه گلن جهڙيون ٽڙندڙ حياتيون حلال ٿي ويون.

امير ۽ زميندارن کي ناٽو ڏيئي ڪنواريون ڇوڪريون يا نوجوان حسيناٺون وٺڻ جو وسيلو هوندو هو. تنهنڪري هيٺين درجي جي جوانن کي اڪثر بدزيبيون ڇوڪريون يا رن زالون پلئه پونديون هيون يا ڪو وڏيءَ عمر تائين ناٽو ڪنو ڪندو ويندو هو ته پوءِ ڪا زال ڳنهي سگهندو هو.

## عورتون

سنڌ ۾ مسلم عورتن جي ويرائتي بہ جهجهي هوندي هئي. نوابن جي پرده نشين مستورات کان وٺي عام گهورڙالو زالن يا مختلف ذاتن، قبيلن ۽ ذاتين جي عورتن جي پوشاڪ، زيورن، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۾ فرق هو. جيئن تہ پنجاسي سيڪڙو آدم ڳوٺن ۾ رهندو هو، ان لاءِ هتي رڳو ڳوٺاڻين ڀينرن جو ذڪر ڪيان ٿو.

ڳوٺ ۾ عصر جو آٿي، ڪلمو پڙهي، گهر جي صفائي ڪنديون، جنڊ هلائينديون، ڏهيءَ جي چاڏي ولوڙي مکڻ ٺاهينديون، ڳانءِ مينهن ڏهنديون، نيرڻ پچائي ٻارن کي کارائينديون ۽ پوءِ مکڻ سان مکيل ٿلهيون روٽيون ۽ لسيءَ جو ڪنگر مٿي تہ ڪٽي، ٻنيءَ تي مڙس وٽ وينديون. مڙس ماني کائڻ ويهندو تہ هيءَ پلوَ سان مکيون بہ ڀيون هڪلينديون ۽ ساڻس گهر ۽ ٻارن جي گهربل چيزن لاءِ صلاحون بہ ڀيون ڪنديون. گهر موٽنديون تہ منجهند جي مانيءَ تائين مٿي کنهڻ جي بہ واندڪائي نہ ملندن. انڪانپوءِ شام تائين ٻاڙي ڀنبي ۽ ساهيڙين سان ملنديون، حال احوال اورينديون، هڪ ٻئي جي وارن مان جوئان ڪڍنديون ۽ گڏجي ڀرت ڀرينديون يا ويٺيون رليون ٽوپينديون. سئيءَ جي ڪم ۾ تہ ڪمال هين. نہ رڳو ڀرت ڀر موتين، ٽڪن ۽ شيشن هڻڻ جو ڪم بہ اهڙو اعليٰ ڪنديون هيون جو ڇا چئجي! ڳوٺن ۾ جنهن تنهن زال جو گهگهڙو يا چولو ڀرت جي ڪم سان ضرور سينگاريل هوندو هو.

**هار سينگار:** دنيا جي ٻين زالن وانگر سنڌي عورتون بہ پنهنجي سونهن سوڀيا سرس بڻائڻ جو خاص جتن ڪنديون هيون. خوشبوئدار تيل مکي، وارن کي ٻن چڳن ۾ ٺاهينديون، ٿن ۾ چانديءَ جي گهنگهرين واريون سڳيون پائينديون پر وڏيءَ عمر واريون هڪ چڙو ٺاهينديون هيون. اڪثر زالون اکين ۾ ڪجل پائي، ڪانيءَ سان ڏيئي جي ڪاراٺ سان اکين جون ڪنڊون چٽينديون هيون ۽ ڳلن کي لاک جي لالائيءَ ۽ چپن کي مساڳ سان اُجارينديون هيون.

**پردو:** ڳوٺن ۽ واهڻن کي ڇڏي باقي مسلمانن ۾ سخت پردي جو رواج هو. هو بيماريءَ وگهي مرندي مري وينديون پر ڪوٽ جي چائنٽ اورانگهي طبيب تائين ڪونہ وينديون هيون. طبيب کي گهر گهرائيندا تہ بہ ڪپڙن ۾ ويڙهجي سيڙهجي رڳو ڪرائي ڪڍي نبض ڏيکارينديون هيون. شادي غميءَ تي وڃڻو هوندن تہ ڍڪيل گاڏيءَ ۾ وينديون. اڇيءَ چلوار جو برقعو پائينديون هيون جن

۾ اڪين جي جاءِ تي ڄاري لڳل هوندي هئي. برقعي هوندي به اهڙي وقت نڪرنديون جڏهن مردن جي پيهه نه هجي، هئو مئو ٿريل هجي.

سيدن جي گهرن ۾ ننڍن ڇوڪرن کي به اچڻ جي منع هوندي هئي. مطلب ته جنهن گهر ۾ شاديءَ رات ايندي، اتون موت پڇاڻان ئي ڪتولو ڪڇندو هئس. قضيو ٿيندو هئس ته ويجها عزيز ڪيس قبر داخل ڪندا ها. عورتن جو قبرستان به پڪيءَ پٽ اندر گوشائتو هوندو هو. تعليم يافت خاندانن ۾ ننڍن ڇوڪرن کي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ جي بندش نه هوندي هئي ۽ گهٽ ڏنڌي وارن، جيئن ته ڳنوارن ۽ باغائن وغيره ۾ پردو نه هوندو هو.

ڳوٺن ۾ سيئي شام جو. ساهيڙين کي ساڻ ڪري، دلا ڪٽي اچي کوهه جي پڳهه تي پهچنديون هيون. اُن وقت دلا به پيا پرجندا، پاڻ ۾ دلين جا ڏک سور ونڊينديون ۽ زندگيءَ جا اهم مسئلا طئه ڪنديون هيون. ان کوهه جي ميڙاڪي ئي عمر مارئيءَ جي قصي کي جنم ڏنو ۽ بين محبتي آکاڻين جا آغاز - انجام، فراق - محبت ۽ نينهن جا نياپا، محاورا ۽ روماني قصا به اُتي ئي لُهيا ها. مسلمان زنده دل قوم آهي ۽ ان ڳالهه ۾ سندس عورتون به پٺتي پيل نه آهن. چوٽي هئي ته "ٻه ٽنگي، ٻه پانهين کي الله جهلي ته جهلي. بندو ڪيئن پلي!"

جيئن ته ادلا بدليءَ ۽ پيون بيجوڙ پڊن سان شاديون هئڻ سبب بعضي بعضي روماني داستان پيا ٿيندا ها، نه ته ڏسجي ته مسلمان عورتون، پتورتاپڻي يا ست جي معاملي ۾ هندو ڀينرن کان گهٽ ناهن.

مسلمانن ۾ ناجائز محبت ڪرڻ وارن کي ڪارو- ڪاري چوندا ها ۽ پنهي کي قتل ڪرڻ ۾ ويرم نه ڪندا ها. اهڙي زال جي سندس پيڪا به حمايت نه ڪندا ها ۽ مجال آ جو پنهي جي خونن جو ڪو مٽ مائٽ به وڃي سرڪار ۾ دانهين ٿئي! پر عورت جي اُمنگ کي اِهي کهاڙيون به قابو رکي نه سگهنديون هيون. موت جو يقين هوندي به عشق جي آجيان ڪنديون، لنوَ لڳي وئي ته سارا پوَ پولا ختم! جيترا ڏينهن لڪي سگهيو، لڪائيندس. ظاهر ٿي پيو ته نه پڇنديون نه ڏچنديون "عشق ڪيا تو ڊرنا ڪيا!" عشق آهي خدائي نعمت، ان لاءِ ڪابه قرباني ٿوري آهي. مقرر ڏينهن تي وهنجي سهنجي، سينڌ سرمو ڪري، مٺن پيارن کان موڪلائي، وڃي سر اڏيءَ تي رکنديون.

سنڌ جي اهڙن عاشقي افسانن اڳيان ليلا - مجنون، شيرين - فرهاد وغيره جا قصا به ڦڪا پيا لڳندا ها. ڪٿين روماني قصن ۾ خون خرابيون نه ٿينديون هيون، خاص ڪري جڏهن هڪ ڌر هندو هوندي هئي. شڪارپور ۾ مرليڌر وڪيل جي پوٽيءَ جو نڪاح چيف منسٽر الله بخش سومري جي پاڻتي سان ٿيو. پنجومل جي حويليءَ ۾ رهندڙ دولهڏني مل جو هڪ پٺاڻ درزيءَ جي ڌيءَ سان پريم پڄي

ويو يا اسانجي پاڙي ۾ هڪ شادي شده دادن جو غلام حسين ناظر سان نينهن لڳي ويو ۽ پئي اسلام ۾ داخل ٿيا. عشق جهڙي نعمت جو نتيجو سدائين سٺو نڪرندو آهي. دولهڏني مل جو اسلامي نالو پيو هدايت الله، تنهنکي پٽ ڄائو ته ٿيو مشهور سر غلام حسين ۽ دادن جو پٽ ٿيو شاعرن جو سرتاج مبارڪ **شيخ اياز.**

مونکي سنڌي مسلم عورتن ۾ جيڪا نرالي ڳالهه لڳي سا اها ته اُتي جي ڪلام ۾ عورت آهي عاشق ۽ مرد آهي معشوق. زال جي مڙس سان محبت ٿئي ٿي ۽ سموريءَ زندگيءَ جو مرڪز سندس محبوب ٿئي ٿو. سسئي - پنهون، سهڻي - ميهار يا ليلا - چنيسر ۾ عورت ڪي عاشق ۽ مرد ڪي معشوق ڏيکاريل آهي ۽ محبت جو ڪردار ۽ اظهار زناني زبان ذريعي پيش ٿيل آهي. شاسترن جي هن واڪ جي سچائي اِتي ئي پڌري ٿئي ٿي:

زال جي چريتر (ترڪ تال) ۽ مرد جي ڀاڳ جي ديوتائن کي به سڌ نه پوندي آهي ته انسان کي ڪيئن پوندي! اهڙي هڪ عاشق حسينا ٿي چئي:

مکڻ ماکي مصري، تنهنکون محب مٺ! الا! آرياڻي اوهان نه ڏٺو!
کوه جي پڳهه تي ويٺل هڪ ٻي، ساهيڙين کي ڏوراپو ٿي ڏئي:
دل منهنجي دوست ڏتاري، ڙي اديون، باهه تي ٻاروچل ٻاري، ڙي اديون!
چو ٿيون منهنجون جيڏيون جگر جلايو! دل منهنجي.......
جن ڪان جانب ٿئي جدا، تن کي ڏجي ڪا دلداري، ڙي اديون،
اوهين ويتر طعنن سان تپايو! دل منهنجي........

ٻئي هڪڙي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي، ڪن خيالن ۽ خواب ۾ غلطان رکي رکي پئي ٽڏا شوڪار پريا ته ساهيڙين چيس: "ادي تون به ٻاڦ ٻاهر ڪڍ! دل ۾ سانڍي ته ڳرندي ويندينءَ!

سج لهي سانجهي ٿيو، اڄ پيڻ ڪوماڻي،
هيءَ وهي ويندءِ نڪري جوڀن جواني،
او موڳي! ڪي سمجهه سياڻي،
تون ته پرچ پنهنجي يار سان!

تڏهن سوز ڀريو آواز نڪرندو،
او منهنجا مٺڙا مور الا! مان توتان هردم گهور الا!
مان آهيان تنهنجي ٻانهي ڙي، تون آهين منهنجو جاني ڙي!

**منهنجي هينئڙي تنهنجي هور الا!**
**مونکي تنهنجي ڏسڻ جي حيراني، توتان جان جسم ڀئي قرباني!**
**توکي توريان کهڙيءَ تور الا!**
**مان روز نهاريان راهون ٿي، ڪريان درد فراق ۾ دانهون ٿي!**
**مونکي بره ڀڃي ڪيو ڀور الا!**

ائين ناهي تہ ڀڳوان هندو زالن کي عشق جي نعمت کان محروم رکيو هو. مٿي جيڪي مشهور ماڻهن جا مثال ڏنا اٿم يا ٻيا اهڙا ڪئين داستان آهن جن ۾ انهن بہ پاڻ موکيو هو يا پريم جي آتش ۾ پچڙي ويون هيون. پر مسلمان پينر وڏيڪ زنده دل ۽ همٿ ڀريون هيون. مالڪ تہ سيني جيون ۾ ساڳيءَ طرح جا جذبا، مستي، ڪامنائون ۽ چاهنائون رکيون آهن.

## هاري ناري

سنڌ جي جملي آباديءَ مان اسي پنجاسي سيڪڙو مسلمان هاري ناري ها جن جي حالت قياس جهڙي هوندي هئي. بک، غريبي، بي علمي، ڦاٽل ڪپڙا ۽ ڏکن ڏتي زندگي! جنهن سدوريءَ سنڌڙيءَ ان جا انبار ٿي ڏنا، تنهنجي محنت ڪش ٻچڙن جي حالت اهڙي ذليل، بيحال ۽ پريشان ڇو هئي! هو جاگيردارن، ڪامورن ۽ پيرن مرشدن جا موروثي شڪار ها. انهن ٿنهي طبقن نٿي چاهيو تہ هو تعليم وٺن، جي وٺندا تہ پنهنجا حق گهرندا ۽ سندن ڏهڻ ۽ رت چوسڻ بند ٿي ويندو.

جيئن ڪڪڙ يا ٻڪريءَ جي آخرين منزل، ماسخورن جو پيٽ آهي، تيئن اِهي هاري ناري ڄڻ تہ زميندارن ۽ پيرن جي غلاميءَ ۽ عيش لاءِ خلقيا ويا ها. هاري ناري، ڏنار ۽ ڪانير، نيم جهنگل ۾ رهندا ها. وٽن چوپائي ۽ ٻہ - پائي مال (جانور ۽ زالون) ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو هو ۽ اِهي ٽيئي طبقا ۽ کي شاهينگ سندن اِها ملڪيت بہ نہ سهندا ها. جهنگل ۾ پوليس بہ سندن حفاظت ڪري نہ سگهندي هئي ۽ وڏيرا ئي سندن ڪم ايندا ها پر اِهي ٽيئي طبقا، ڪين ڏهڻ ۽ ڦرڻ ۾ ٻٽ ها.

واهہ جي ڪناري واريءَ زمين جي پيدائش جو اڌ زميندار کي، جي زمين چرخيءَ يعني کوهہ جي نار تي هوندي تہ ٽئين پتي زميندار کي ۽ جيڪڏهن مليل سليل هوندي تہ بہ پتيون زميندار کي ۽ ٽي پتيون هاريءَ جون هونديون هيون. ڪڙميءَ جي سڄي ڪٽنب جي پورهئي پگهر سان پيدا ٿيل لاٻارو لهندو تہ مفت

جا آهه جائداد نه ورثي وبال ڪان،
ٿيندي نه زير بار جا گرويءَ جي خيال ڪان،
ارنو نه جنهن کي آهه ڪو جوکي جنجال ڪان،
هلڪي رهي جا هانوَ تي، سولي سنڀال ڪان.
جنهن ۾ غرور زر نه سراسر سگهي گهڙي:
الا، جهري م شال غريبن جي جهوپڙي!
سچ چنڊ واجهه ٿو وجهي، جنهن جي وٿين منجهان،
ترڪيو اچن ٿا ترورا، تارن ڪتين منجهان،
پٽڪا ڪندي پچي هوا، جنهنجي ٻيٽن منجهان،
ڇٽڪار مينهن ٿو ڪري، ڇتڪي ڇتين منجهان.
قدرت سندو ڪمال، صحت لاءِ سوڪڙي،
الا، جهري م شال غريبن جي جهوپڙي!

اهو ٻڌي مان چيومانس، برابر گنجي جي مٽي ۾ جونءِ نه لِيک! پر غريبن کي صبر جي ستي پيئاربي ته هو پنهنجي حقن لاءِ ڪيئن لڙندا ۽ ڪيئن سندن حالت سڌرندي! ضرورت آهي سندن ڏکن ڏٽي زندگيءَ جي بيقراريءَ جي تاوَ مان پيدا ٿيل وڪوڙ جي!

خير. هڪڙيءَ جهوپڙي ۾ اندر وياسين ته گهڙامنجيءَ مٿان ويڙهيل سيڙهيل رليون رکيون هيون ۽ ڪنڊ ۾ جنڊ هو. صبح جو جڏهن گهر ڏياٽي آتي ڏري ۽ پينهين، تڏهن رب روٽلو کائين. ٿانوَ سڀ ٺڪر جا باقي ڇڄ ۽ ڇڪو اٿن گهر جي سونهن. مرد ماڻهو ڏکهو پهراڻ، گهيريدار سلوار ۽ پٽڪو ٻڌندو جو سڄو سال هڪ وڳو پيو هلندس. هڪ نٺڙيءَ هرڙيءَ ۾ جملي ٻاتين جا ڪپڙا لٽا اچي ويندا. ٻاهر ايوان ۾ ٻه ٽي ڇنل کٽولا پيا ها جتي واندڪائيءَ ۾ حقو ويٺا ڇڪيندا ها. سامهون مال بيٺو هوندن، جن کي ڍنگهرن جو لوڙهو ڏنل هوندن. اهو آهي مسڪين مسلمانن جو محل!

ڦاٽل ڪپڙن جون رليون سبن، آٽن جي وارن - ڏاس مان وڏو فراس ٺاهين، تنهن ۾ آن پري ايندا ۽ رات جو آن جوال تي سندس ٻارڙا گڏجي سڏجي سمهندا. ولهه جهڙي تڏ پوندي ته آتي ڪاٽي ڇيٽو دکائيندا. عيد تي نئون وڳو وٺندا جيڪو

سچو سال پيا هلائيندا. ڪنهن قسمت سان هڪ هٿ ۾ ڏوڪر ايندن تہ پيو هٿ نہ ڏسندو. زميندار يا انجنيئر ڪاٽي ڪرائيندن يا بند ٻڌائيندن، ڪاغذن تي ڏهن جا آڱوٺا هڻائي بہ مزوري ڏيڻ ۾ گونڌناتي ڪندن يا تہ هڪ ٻہ ڏيئي ٽاريندن. هو ويچارا رت ولوڙي، سيءُ ڏڪندي، پورهيا ڪندا پر داد نہ فرياد. هيٺا هر ڪنهن وهيٺا.

The Poor Man's Life is full of Lamentation

شهرين ڪي سمورو ڪاڌو انهن ڳوٺاڻن وٽان ايندو هو. گوشت مرغيون، دنبا، اناج، ڪير، گيهہ سڀ اِهي غريب رسائين پر پاڻ ولها رهن. رڳو عيد تي سيئون ۽ تاهري ناهيندا ها. نہ تہ سچو سال جوئر ۽ ٻاجهريءَ تي گذران! ڪڻڪ جي روٽي گيهہ ڪانسواءِ سڪي چٻر تي پوندي آهي ۽ گيهہ جي ڪين وصيعت ڪانهي. ٻاجهريءَ ۽ جوئر ۾ سٽ جي ضرورت نہ ٿيندي آهي ۽ اُنهن تي آندو نهي ويو اٿن. اهي روٽلا بصر جي لقڙيءَ رس ۾ ٻوڙي کائيندا. ڪنهن قسمت سان سائي ڀاڄي، توريون يا سره بہ ملندن تہ واه. نہ تہ سڪي ماني ڳيهي آتندا. شادي مراديءَ تي گوشت بہ ملندن پر اُهو موقعو سال پڻ ۾ مس ملندن.

اهو حال هئو اُنهن هارين جو جنڪي پنهنجون زمينون نہ هيون. پيا، جن کي پنج ڏهہ ايڪڙ اباڻا هوندا ها، اُنهنجي حالت بہ قياس جهڙي هوندي هئي. "علم ري عذاب گهڻا پسنديڻءَ جندڙي!" مثلن، ميان پير پني جو فصل ٻوڏ ۾ لڙهي ويو، جايون ڪري پيس، ڍور ڍڳا بہ لڙهي ويس. واٽئي اوڌر کان انڪار ڪيس. سرڪار کي تقاويءَ لاءِ عرض ڪيائين. چي: "عريجي نويس کان جبري عريجي لکايم تہ ٢ رپيا ورتائين. درخاست کٽي ويس منشيءَ وٽ تہ هو مکت ۾ تہ شفارش نہ ڪندو! نندي منشيءَ پنج، وڏي ڏهہ ورتا. تپدار ۽ سپروائجر بہ ڏه ڏه رپيا ريڙه پيڙه سان ورتا. ڪاردار ۽ نائڪ جي چنگ چڙهيم تہ اُنهن ٽيهہ رپيون ورتيون تڏهن رقم ڏني." باقي رقم پڳ جي ور ۾ ٻڌي رئيس موٽيو گهر. ولڻ مهل بہ خوار ٿيو ۽ جي وقت سر رقم واپس نہ ڪيائين تہ اُن وقت اِهي ڪامورا وڏيک مٿي مردار ڪندس. قرض آهي مرض، انڪان تہ پينگ پلي.

پني تہ ٻوڏ ۾ پينگ تي وٺي هٿس. هيڏانهن هوڏانهن ڪري هڪ ٻڪري پنِي سني ويو ٻيلي ۾ چارڻ تہ ٻيلي ۾ پٽيوالن ۽ جمعدار اچي ورايس تہ کهاڙي اولاري اُنهن کي پچائي ڪديائين. هو رينج آفيسر کي بندوق سان وٺي آيا، اُن کي بہ کهاڙي اولاري چيائين، "ٻڪريون ڍڪ ڏي کاهيندين تہ ماري وجهندو سانءِ!"- "پٺهي جو راڄ آ ڪين انگريز جو؟ هي انگريز جو ٻيلو آهي، جيڪو ڍور بنا پاس پرواني هوندو تنهن کي ڍڪ ۾ وجهبو." "آءُ بہ ٻروچ، ٻروچ جو ٻچو آهيان. مرندي مري ويندس پر ٻڪرين کي هٿ لائڻ نہ ڏيندس." تڏهن آفيسر نڪاءُ

ڪيس بندوق تہ "عثلي، عثلي" ڪري اونڌو ٽي ڪريو. آفيسر جڏهن ٻي بہ گولي هڻڻ لڳس تہ ليلڙاٽيون ڪري چيائينس، "سائين، مان غريب آهيان. ڪيسي ٿو ڪيان. آءٌ مري ويندس تہ ٻچڙا بہ بک ۾ مري ويندا. ٻڪريون ٻل ڪاهي وڃ، پر مونکي دنبوق نہ هڻ!"

آفيسر کي رحم پيو. ٻہ چار ٻڪريون ڏک ۾ وجهي ڏنڊ ورتائينس، باقي ٻڪرين لاءِ چار چار آنا وٺي پاس ڪيڏي ڏنائينس. ڳانءِ جو سال ۾ ٻارهن آنا ۽ مينهن لاءِ ڏيڍ رپيو، پاس جو هوندو هو. اِها رقم ڪا وڏي ناهي پر پاس ڪڍائڻ ڪان پوءِ بہ جاهل ڏنار ڇٽو نہ پر مٺو! پٽيوالا في ڍور ٽي قوڙي وٺندس، مکڻ ڇڏائيندس. آفيسر ايندو تہ ڇيلو يا دنبو ڪاهي ويندس. گهربو هڪ تہ وٺندس چار. ٻيلي ۾ ڪئين ڪم ٿين ٿا. پيچرا ۽ حدون ناهڻ، باه لڳي تہ باه وسائڻ. سارو سال پيا ٻيلي ۾ وهائيندس. ڪنزرويٽر ايندو تہ ڳايون مينهون، مهينو وٺي وڃي ڏهندا، گهوڙو اٺ بہ ڪاهي ويندس ۽ مرگيل ڪري واپس ڪندس. ڪاٺيون ڪوئلا پهچائڻ ۾ بہ پگهر ڪيندس. مطلب تہ غريب کي پيا ڇيچلائيندا ۽ جي آنا ڪاني يا ڳوٺناٽي ڪندو تہ پاس هوندي بہ ڍور هٽندس ڏک ۾. ڍورن کي ڪارائيندا ڪک بہ ڪين پر چاري جا ۽ ڏنڊ جا پئسا وصول ڪندس ۽ نہ ڀريندو تہ ڦلن مٿ تي ڍور وڪڻي ڇڏيندس. مطلب تہ بي علم هيٺا سڀ ڪنهن وهيٺا.

ان بنسبت منهنجي نندپڻ جي دوست عبدالڪريم گدائي جو هڪ نظم ٻڌو:

ڪير سٽي فرياد: دنيا ۾ داد نڪو فرياد!

ٻـل ٻل ۾ هـٽ ڏوهـہ ٻـلـي ٿـو،
پئسن سـان انصاف ملـيٿـو،
ڏاڍو ڏسـي هـٽ جيءَ جليٿو،

ظالم زنده آباد: دنيا ۾ داس نڪو فرياد!

چـورن جـي آ چوڪـيداري،
سـوداگـر جي صوبـيداري،
جنـهـن وٽ پئسو تنهنجي ساري،

بي زر آناشـاد: دنيا ۾ داد نڪو فرياد!

وڏيرن ۽ ڪامورن هٿان، هارين نارين جي لوٽ ڪسوٽ خلاف آواز بلند ڪرڻ لاءِ ڪي سجڻ ميدان ۾ آيا. مشهور ساهتيڪار ڇيتمل پرسرام ١٩٢٧ع ۾

باهيون ٻاري ويهندا ۽ اونهاري ۾ هٿ جي لوڏڻ واري جهلي پٺي هلندي هئي. جهولن جي منڊ ۾ خش خش جي ڪانهن مان ٺهيل چڪون هٽندا ها جن تي ماشڪي، پاڻي پيا اُڇلائيندا ها. جهولي جو جيڪو جهوٽو اندر ايندو سو ٺريو ڳڳ ٿي ايندو. اِهو انتظام اُتون جي آبهوا مطابق هوندو هو.

وڏيري ڪي هوندي ڊبل ٽَري سان ريشمي پڳ، ململ جو ڊگهو چولو، ڪاري الپاڪي جو ننڍو ڪوٽ يا صدري، چلوار جي ڏه والي سلوار. چيڪدار سوچڪي جتي، صدريءَ ۾ ناس جي دبلي، نڪ اُگهڻ لاءِ ڳاڙهو ريشمي رومال. ٻاهران ايندو ته ڪٽ تي ڪوٽ ۽ پڳ لاهي، مٿي جا ڊگها واري ڇوڙي ڇڏيندو ۽ ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ ۾ پيو ڦڻيون ناهيندو. اندران ماني ايندس گوشت جو ٻوڙ، ٿلهو ڊگر ۽ مٿان لسيءَ جو وٽو. کائيندو ته هڏا فرش تي پکيڙيندو ويندو ۽ ٽڪن ۽ بلغم سان پٽين ۽ زمين کي چٽيندو ويندو. ماني کائي آهلندو ته نوڪر ويٺو ٽنگن کي مکون هٽندس ۽ پيڙون ڏيندس. اِهي وڏيرا مسلمانن جا معزز سردار ۽ عظمت جا نمائندا ها.

وڏيرن کي وڏيون زمينداريون، اڪيچار آمدنيون هيون. وڏيرا پئسو کپائين ته ڇاتي؟ نه علم، نه نئي روشني، نه ٻاهرينءَ دنيا جي خبر ته ڇا ٿو وهي واپري. هو تعليم حاصل ڪرڻ يا اسپتال، اسڪول، يتيم خانا کولڻ کي اجايا جهنجهٽ ۽ فضول خرچي ليکيندا ها. سندن دولت خرچ ٿيندي هئي جهيڙن ۽ مقدمن تي، ڪامورن ۽ عملدارن جي رسائي تي يا سينڌين ۽ سريتين تي. سرڪاري ڍلون ڀرڻ جو وقت ايندو ته قرض وٺي پورائي ڪندا. پيدائش جا پئسا ايندا ته قرض لاهيندا. آمدنيءَ ۽ خرچ جو ڪاروبار هندو مودين جي حوالي.

وڏيرو آرام ڪري اُٿندو ته ڪچهري شروع ٿيندي. پاڻ وهندو ڪٽ تي، منجين تي سندس غريب مائٽ يا ننڍا ڪاتيدار، تڏن تي عام ماڻهو ۽ هاري ناري. شڪاري ڪتا ڪر ۾ منهن وجهو پيا هوندا ۽ ڪجهه ويڙهو ڪڪڙ پيا گند کوٽيندا. راڄ جو هڪ ماڻهو، اڪ گهڙيءَ دير ڪان ويٺو هو، تنهن هٿ ٻڌي عرض ڪيو: ”ڏٿي! رات منهنجا ڏڳا ڪيدي ويا آهن. مان ته ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو آهيان. توهان ڪا واهه ڪريو!“

وڏيرو: ڪو ڇڪ ڇبو؟ (شڪ شبهو)

اڪ: پير ته شابراڻين جي وانڊ وٽ ريل جي بند تي چڙهيا، پوءِ پتو ڪونه پيو.

ٺاڪومل: جئين تون! اِهي شابراڻي پاڻ وڏي پاتاري وجهو وينا آهن! آئي وئي چور چڪار جي پلاوڻ تا ڪن. صفا نڪر آهن جو وسيلي (قرآن) کي به نٿا مڃن. گلان نبي (غلام نبيءَ) جو مينهون چوري ٿي ويون ته ماٿس قرآن شريف کڻي

بندش پوندس يا ساماجڪ بهشڪار ٿيندس. انگريزن ۾ به ساڳئي شائستگي آهي جو بادشاهہ ايڊورڊ ائين، هڪ طلاق ڏنل مسز سمپسن سان شادي ڪئي تہ تخت تان لاهي ڦٽو ڪيائونس. هيڏانهن خيرپور رياست جي حاڪم مير علي نواز خان لاهور جي ڪيجريءَ باليءَ سان عشق لڳو. عشق بہ عشق جهڙو! هوءَ پنهنجي پيشي خاطر لاهور ويندي هئي تہ مير کي ماني بہ نہ وڻندي هئي. هنڪي هر روز نيهن جا نياپا، آزيون نيزاريون، ربين جون همياٿيون پيو پٺيندو هو. پنهنجي پوزيشن، مرجاتا يا حياءَ جو لحاظ بنهہ نہ! نيٺ اُن جڳ جوٺيءَ رنڊيءَ سان شادي ڪيائين!

مير جي بزرگن، پيرن يا مولوين مٿس ڦٽ لعنت تہ نہ وڌي ۽ ايترو بہ نہ چيو تہ هڪ بازاري عورت سان شادي ڪري پنهنجي اعليٰ خاندان جو نالو ٻوڙي رهيو آهين. موڙهو اُن شاديءَ جي جشن ۾ وڃي شريڪ ٿيا! ان لاءِ هندستان جون مشهور اسي ڪيجريون گهرايون هيون ۽ ڪيترا ڏينهن انهن جا ناچ گانا آتش بازيون ۽ مجرن جون محفلون پئي هليون. ان ۾ رياست جو خزانو خالي ٿي ويو ۽ اُنهن ويشائن، پنهنجو لاڳو ۽ ريل ڀاڙو وصول ڪرڻ لاءِ ڪئين ڏينهن خيرپور ۾ پئي جڪ ماريا.

مسلمانن جي وڏي ۾ وڏي مير جي ٿي آهڙي بداخلاقي هئي تہ سردارن ۽ وڏيرن ۾ کهڙو حياءُ يا لڄ هوندا! پير حسام الدين راشديءَ ڪان وڏيڪ زميندارن جي هلت چلت جو چاٽو ڪو ورلي هوندو. هن پنهنجي ڪتاب "هو ڏوتي" جي ٢٣٥ صفحي تي لکيو آهي: "زميندارن جو سمورو ماحول تاريڪ، مردود ۽ گناهہ آلود هو. اجايا خرچ، بدڪاري، پراين عورت سان انهيءَ حد تائين جو اخلاق، ننگ ۽ شرم جا سڀ ليڪا لنگهي وڃڻ، زميندارن جا روزانا مشغلا ها. هڪ وڏي زميندار جي بنگلي تي ويس جيڪو انهيءَ طبقي ۾ نهايت سڀاجهو سڌريل ۽ تعليم يافت بہ هو ۽ اسيمبليءَ ۾ مسلمانن جي نمائندگي بہ ڪندو هو. نوڪرن چاڪرن جا ڪٽڪ وراندي ۾ ها ۽ هڪ فنڪار شرنائي وڄائي ويٺي وڄائي. معلوم ٿيو تہ صاحب ڀاڻ بيڊ روم ۾ لاهور جي ڪنهن طوائف سان ۽ سندس نينگر ٻئي بيڊروم ۾ پنهنجي آشنا سان ورتيون ويٺو آهي!

"ان وقت صبح جا ڏہ وڳا ها جنهن مهل ڪڙمي وڏيري صاحب جي زمين تي هر ڏيئي رهيا ها ۽ سندس پيشانيءَ تان پسينو وهي اچي سندن ڪڙيون آليون ڪيون هيون. اهو واقعو سالن تائين منهنجي دل ۽ دماغ ۾ هيبت پيدا ڪندو رهيو. پيءُ پٽ جي سامهون، پٽ پيءُ جي آڏو سينڌين ۽ سريتين جي ڪچ ۾! سو بہ ڏيهن ڏٺي جو، دهلن دمامن، سازن ۽ شرناين جي وچ ۾ ڪلم ڪليو عام جي اڳيان! خدا جو خوف تہ نهيو پر ماڻهن جي لڄ ۽ خلق جو لحاظ بہ ڪونہ! ايڏو

ناحق، ايڏو انڌير!"

وڏيرا هڪ ٻئي کي مجلسون ڏيندا ته ڳائڻ نچڻ ۽ ڪسب واريون ڪيريون ضرور گهرائيند ها. ان ۾ مير صاحب يا ڪنهن قبيلي جو وڏو نواب به آيل هوندو ته ميزبان، ربين جون مٺيون أنهن مٿان گهوري طوائفن ڏانهن پيا اُڇلائيندا. ربين سان ڀريل هڪ چانديءَ جو ٿالهه به مير - نواب اڳيان رکندا ته هو به ناچ ۽ گاني وارين جي همت افزائي ڪندو رهندو. شڪار ۾ مقدمي بازيءَ تي به هزارين لٽائي ڇڏيندا. ايترو اٿاه ناڻو ڪٿان پيو اچين!

وڏيرا چورن چڪارن کي پناه ڏيندا، پاٿاريدار تي چوريون ڪرائيندا ۽ غريبن جون زالون ڀڄائيندا ها. مظلوم، وٽن دانهي تي ايندو ته پونگ (عيوضو) وٺي ڪيس زال - مال واپس ڪندا ها يا ٻئي ڪنهن وٽان وڌيڪ اگهه ملندن ته أن سان سودو ڪندا ها. زمينداريءَ ڪانسواءِ سندس آمدنيءَ جو ٻيو ذريعو اهو هو.

ڪي چڱا وڏيرا اهڙا به ها جيڪي پاڻ چور ڌاڙيل نه ڌاريندا ها پر معلومات سڀ رکائيندا ها. غريبن جون چوريون ٿينديون ته پوليس سندن دادرسي نه ڪندي بلڪ رشوت، رسائي ۽ تڪليف جو باعث بڻبي. اهڙي وقت ڪين وڏيرو ئي ڪم ايندو هو. هو ڪين چوري ٿيل مال جي ورائڻ، ڀڳل زال جي موٽائڻ يا ان لاءِ عيوضو ڏيارڻ يا جهيڙن جهڳڙن مهل منجهن ناهه ڪرائڻ ۾ ڪارگر ٿيندا ها. هو ڪامورن کان به سندن حفاظت ڪندا ها. سندن شاديءَ غميءَ ۾ شريڪ ٿيندا ها، ملاڪڙا لڳارائي ۽ راڳيندڙ گهرائي ڪين وندر ۽ تماشا ميسر ڪندا ها. انهن ڳالهين ڪري عام مسلمان هاري ناري، لوهار، واڍا، اوني، ڪانير، ڏنار ميهار وغيره پاڻ کي وڏيري سان ٻڌل رکندا ها. هنن لاءِ ملڪي مسئلا ڪنهن مطلب جا نه ها. هنن کي لوڙ مهل مدد ملندي رهي سا غنيمت هئي. هنن کي اها ڳالهه گمان ۾ به نه ايندي هئي ته سيني ماڻهن کي هڪجهڙا حق آهن، وڏيرن يا ڪامورن کي ڪين ڏهڻ ۽ غير واجبي حاصلات ڪرڻ جو ڪو حق ناهي. صدين کان هلندڙ غريبي، رسائي ۽ جهالت کي تڙي ڪڍڻ جون ڳالهيون، هو اجايون ۽ اڻ ٿيڻيون سمجهندا ها.

ڪيترن زميندارن جو اِهو دستور هو، جو پڳهاردار نوڪر ڪونه رکندا ها. گهر جو سڄو ڪم ڪڙمين جون زالون واري تي اچي ڪري وڃن ۽ ٻاهر جو سمورو ڪم ڪڙمين کان وٺن، واري وٽيءَ تي اچ هڪ کان سڀان ٻئي کان. غلامن وانگر زالين مردين دلا ڀريندا ٻهاريون پائيندا ها. انهن جي عزت ڪانه هوندي هئي. گارگند، ٺڪ بجو لعنت ملامت، ڪڙمت سان گڏ اها بيگر به سندن سر تي!

اهڙو هڪ ڪڙمي ڪٺل ۽ ميري پٽڪي سان، ايوان جي ڪنڊ ۾ اُبو بيٺل، جيئن ڪورٽ ۾ مجرم. ٻئي هٿ ائين دن تي ٻڌل، جيئن خدا جا نيڪ ٻانها، نماز جي قيام ۾، پنهنجي خالق اڳيان هٿ ٻڌي بيهندا آهن. نيٺ زميندار صاحب جي نظر أن

تي پيئي.

"اڙي ڏنا، ڇو آيو آهين؟"

"سائين ڀاءُ مرٽينگ تي پيو آهي. نياپو آيو آهي ته اچي منهن ڏسي وڃ!"

"پر ماءُ ياوا، روئڻ جي وقت رلبو آهي ڇا!"

"سائين لاچاري حالت آهي. اڪيلو ڀاءُ هڪ ابي اما جو!"

وري گار ڏئي: "........ ڇگو وڃ، پر جي سياڻي نه موٽئين ته تنهنجون نڙيون وڍيون......"

"سائين خرچ لاءِ پنج رپيا گهرجن!"

وري گار: "........ هتي پٺين خزانو ڇڏي ويو آ ڇا!"

"سائين، لاچاري آ."

وري گار: "........ ڇڏ لڙ. مغز نه کاءُ. واٽئي ڪان ڇو نه ٿو وٺين؟ اهو جو ماڻهين جو مڙس ويٺو آ!"

"سائين منهنجا، اُن به جباب ڏنو."

"اڙي پيٽين جا يار جو ويٺا اٿي! هتان نڪر!"

آخر اُن بيگار وهندڙ ڪڙمي چيو: "يلا سائين، ڇڙو ڏيڍ رپيو ڀاڙي لاءِ ڏيو!"

اهو ٻڌي خانصاحب جو صبر ختم ٿي ويو. "غلام رسول! هن ڪتي جي پٽ کي ڏاڙهيءَ کان وٺي ڪڍ ٻاهر!"

هڪ در کان خومچا مانين جا، اهڙائي به ٿي غلام مٿي تي کڻي آيا. ٻئي در کان غلام رسول جٽ کي ٻانهن کان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. اهو هو عالم زميندارن ۽ هارين نارين جو! مسڪين ڪڙمين سان ائين هلندا، مگر وڏن آفيسرن جي خاطرين تواضع تي لک لٽائڻ ۾ نه ڪيٻائيندا ها. وڏي ۾ وڏي مهم اِها هوندي هئڻ ته ڪليڪٽر صاحب ۽ جناب ڪمشنر بهادر اچي سندن مهمان ٿئي. ان ڇمچاگريءَ مان فائدو به وڏو رسندو هئڻ. هڪ ته صاحبلوڪن جي تعلقات ڪري هنن جو مقامي عملدارن تي رعب رهندو هو ۽ تنهنڪري هو پنهنجي هارين تي بي ڏڙڪ بادشاهي ڄمائي سگهندا ها. اُن اپرانت ڪين انعام اڪرام، لقب ۽ سرڪاري رعايتون به ملنديون هيون. ڪمشنر، ڪنهن وڏيري تي مهربان ٿيو ته ٻيڙائي پار! آني ٻن ۾ في ايڪڙ مالڪائي تي هزارين ايڪڙ زمين بخشيش ٿي ملندس.

وڏيري کي ٽپيدار اچي ٻڌايو: "ڪمشنر صاحب توهانجي دعوت قبول ڪئي آهي صاحب پاڻ، هن جا آڙي ڪاپ (aid- de- camp) ۽ منڊم صاحب ۽ پيو عملو، ڪليڪٽر ۽ پوليس ڪماني صاحب ۽ سندن عملو. مطلب ته سڀ سائين جن وٽ اچي مهمان ٿيندا. آخر به ته ڪمشنر صاحب ملڪ جو والي آهي ۽ توهان سان ته قرب اٿس. ڪنهن ٻئي ڏي ته ڪري واجهائي به ها!"

اهي وچن ٻڌي وڏيرو ٺري پوندو. چوندو: "ڀلي اچي، جيءَ اچي! اڳي به مهرباني ڪئي هئائون، هيل به سيو ڪجهه ٿي پوندو. اسان به ڪليڪٽر صاحب جي شيشدار (سرشتيدار) کي پاڻ ڏون گهڻو چيو هئوسي. خود ڪاراچيءَ وچي ڪمچنر صاحب جي هفيس ۾ به چٺي آيا ها سي."

تپيدار: "سائين، شاباش اٿو جو ڪراچيءَ تائين ڪهي ويا آهيو. اسانکي ته ڪراچيءَ جي مولوُ مسافر خاني جي ڪاڪوسن ۾ لنگهندي به ڏپ ٿيندو آهي. اسين آهيون جهنگ تي هريل......."

وڏيرو: "مولي مسافرڪاني جي پيَن مان ته اسانکي به ڀؤ ٿيندو آهي جو سرڪاري نموني ٺهيل آهن. اسان ته ٻگي ڀاڙي ڪري شهرڪان ٻاهر نڪري جهنگ ۾ ٽورو ڪري ايندا آهيون. اها کهڙي وڏي ڳالهه آهي. مڙس ته همت!"

ڪمدار: "هائو ڏٺي، انهن ڳالهين ۾ ڪاراچيءَ جو ڪارو منهن آهي. مان به هڪ دفي ڪاڪوس جي گندگي ڏسي، ڊگ ۾ پٽ ڏي منهن ڪري ويٺس مس ۽ اجا 'هڪ' (پيشاب) اڌ ۾ ئي هو ته هڪ سپاهيءَ اچي ڳٽر کان جهليو. چي ڏوه کيو اٿئي. اصل هٿڪڙي کڍي بيٺو. منهنجون ته وايون بتال تي ويون......."

"هڪ جو ڇا ٿيو؟"

"هڪ ڇا پر 'ٻيو' (ٽورو) به سلوار ۾ ئي وهي ويو. نرڙ کان پيرن تائين پگهر پيو ٽمي. سپاهيءَ جي پيرن تي پڳ رکي هٿ جوڙي چيومانس، "جيءَ دان ڏي! تون حاڪم آهين؟ نيٺ گيدي ۾ ۽ پڳ جي وڪڙ ۾ جيڪي پيسا ڏوڪڙ ها سي هٿ ڪري جند ڇڏيائين. اِهو آهي ڪاراچيءَ جو ڪارو منهن! خود ڪمچنر صاحب کي به ڊگ تي مٽڻ جي اختياري ڪانهي. هتي اسان شهه شاهوڪارن جي ملوڪ پٽين تي ڇيٽا ٿڦي ٿا سڪايون ته ڪو ڀڇي به نٿو ۽ اتي رڳو مٽڻ لئه مهيني جي ٽيپ! جلم آهي جلم!"

تپيدار مانيون کائي، گيهه جا ڏٻا رسائي ۾ وٺي ٿيندو روانو ته ڪمشنر صاحب جي شڪار جون تياريون ٿينديون. هر موسم ۽ منزل جو سامان نئون ايندو. ٽي سيٽ، ڊنر سيٽ، ڪانٽا ڇريون ٽوال، ميزپوش سڀ نوان چلڪيدار ۽ چمڪندڙ ايندا. منزلان پوريون ٿينديون ته اِهي سامان ۽ برتڻ، ٻٽلرن يا ڪمدارن جي گهرن ۾ وڃي داخل ٿيندا. نئينءَ منزل لاءِ سامان خريديءَ لاءِ سردار صاحبن کي چٺبو ته چوندو: "اڳئين سال به ته ٽيڙ ڳڏا هئاسين."

"قبلا سائين! انهن مان جيڪي خاص هئا سي ميمان کڻي ويون!"

"اهڙا سٺا ها ڇا؟!"

"ڇا ڇنجي سائين! منڊمان ڏسي اصل ڇريون تي پيون. مڙوئي مالڪن جو اقبال آهي."

اهو ٻڌي وڏيرو ٽڙندو ته وتس اهڙا اٿليُ ٽپڙ اچن ٿا جو منڊمان جنسي چٽيون ٿي پون ٿيون. مطلب ته هارين ناري کي پاهه ڪندا، پنهنجي مٿان قرض چاڙهيندا پر اهو ڪين پڇندن تي منزل ڪڇڻ بعد سامان سرو حفاظت سان ٿاهي رکن! سامان جون لسٽون نهنديون، جيڪو خريد ڪرڻ لاءِ هڪ ڊيپوٽيش ڪراچيءَ چڙهي ويندو. وڏيري جي پوري ڪل لاهيندا ۽ هو قرض ڪٽي پورائي ڪندو.

ناتال جي ڏينهن ۾ انهن سردارن وٽ صاحبلوڪ اچي لهندا ها. منڊمون، بٽلر، پٽيوالا ۽ اردلي به ساڻ. اچ ڪليڪٽر سيان ڪمشنر، پريهنءَ گورنر پنهنجا مهمان به ڪاهي ايندا. ڪڪڙ، ڇيلا، آنا، ڪير، مکڻ، ماکيون، سڄي راڄ جي گهرن کي ڀهاري ڏيو آني اچي پهچندو. صاحبلوڪ قائدي قانون جا ڏاڍا پائبند ها. رشوت کان صفا پري، پيسا ڏيئي سڀ بل چڪتو ڪندا ها. ڪنهنجو ٿڌو ٿورو نه ڪندا ها. البت اِها ڳالهه جدا آهي ته خرچ ٿيندو ڏهه هزار ته وڏيرا ونندا چار پنج سؤ! گيهه ملندو چئين رپئي ته بل ۾ ڏيکاريندا هڪ رپئي سير. ڪتو مڻ ته لکندا به سير.

جنهن ڍنڍ تي شڪار ٿيڻو هوندو اوستائين رستا نهي ويندا. رستن تي پلال پوندا ۽ ڇٽڪاوَ ٿيندا. ڍنڍ جي ڪناري شاميانا ۽ تنبو لڳي ويندا. ساري رستي ۽ منزل جي چوطرف رنگارنگي جهنڊيون ٽنگيون وينديون. باورچين ۽ بٽلرن جو دنبلو ڪراچيءَ کان گهرايل هوندو. کاڌو به سڀ قسم جو تيار، ڪڪڙ ۽ ڇيلو پڪل، پلاءُ، تريل تتر، مٺا ڪوفتا، مٺايون، حلوا سڪا ميوا.

جهنگ ۾ اڳئين رات جو چارن ۾ ڦاسائي جمع ڪيل بدڪون لڪائي رکيل هونديون. ڪن ٿورن صاحبلوڪن جي بندوق نشاني تي لڳندي هئي، باقي 'آلانور، مٽي جا سور' هوندا ها. تنهنڪري صاحب جي بندوق ڇٽي، پکي مري يا نه مري، 'ڪاڌا' هڪ پکي ماري آڻي سندس اڳيان رکندا ها. نه رڳو ايترو پر جيڪڏهن ڪو صاحبلوڪ پنهنجي بندوق سان هڪ پکي ڪيرائيندو ته 'ڪاڌا' به پکي آڻي سندس ٿيلهي ۾ وجهندا ته جيئن ڪيس وڏي شڪاري ٿيڻ جو فخر حاصل ٿئي.

شڪار پورو ٿيندو، ڪمشنر، ڪليڪٽر ۽ سندن دوست سڪ سان واپس ويندا ته منزل تي جيڪو سامان بچيل هوندو سو مختيارڪار ۽ صوبيدار پاڻ ۾ ورهائي کڻي ويندا. ڇيل آهي ته وات ڪائي اکيون لڄائين. مختيارڪار ۽ صوبيدار اهو عيوضو ڏيندس ته وڏيرو جيڪو به زور ظلم ڪندو، ڌاڙا هٽائيندو، پرايون ڏيئر پينر پچائيندو تنهن تي اک بوٽ ٿيندس ۽ اهو سڀ ڦٻي ويندس. مثلن شل نه ڪنهن غريب جي گهر ۾ ڪا حسين ڇوڪري، ڇوڪرو يا زال هجي. هڪ دفعي

جي اها مصيبت نازل ٿي ته غريبن جا گهر اُجڙ ٿي ويندا. جيستائين هلنديءَ وارا زوراور پنهنجي نفس کي نه نارين، تيستائين غريبن لاءِ قيامت ڪري ڇڏيندا. انڪان بچڻ لاءِ مسڪين پنهنجي موتين جهڙين مستورات کي ڪوجهو ڪري رکندا ها ۽ هو به هار سينگار کان پري پردي ۾ رهنديون هيون. چو جو ته چيل آهي: The beautiful weep and ugly enjoy. سهڻن لاءِ سور ۽ بدصورت مزي ۾.

ڀهراڙيءَ ۾ اهي غضب جا قهر ٿيندا رهندا ها. وڏيري جي خابروءَ خبر آندي: "سائين! ڇا چوان! هو ڀيتو لڳن شمسو، غيبي ديري مان جيڪا ڇوري پرڻجي آيو آهي سا ته قيامت آهي قيامت! واه واه! جهڙا آهيو توهان لعل، تهڙي آهي هوءَ موتيءَ جو داڻو!" وڏيري چيو: "او بي ايمان! جهٽ ڪر وٺي اچينس ته دل ٺاريون!" خاشخيليءَ چيو: "مالڪ! عشق ايئن جهٽ پٽ ته ڪونه ٿيندو! شمسو به ڳڀرو جوان آهي ۽ ڇوريءَ جي به ساڻس دل آهي. پر دل ڍڪيءَ ۾ رکو! معشوقن جا ماٺا آهن، من باز اچن، يا ته همت ڪري موتي وجي هٿ ڪريو!"

ساڳئي خابروءَ ٻئي ڏينهن هڪ دوست کي وڏيري جي جوان مرديءَ جو داستان ٻڌايو: "جلم آهي جلم! وڏيرن جي باچائي آهي. اهڙي جٽ ڪيائونس جو پيو چيئي. وڏيرو پنج ست همراه گهوڙن تي وٺي، جهنگ ۾ شمسوءَ جي جهڳيءَ تي وڃي ڪڙڪيو. چئي: 'بچ ڪر جوءِ جي.... ڪي! بد ذات جون مچون پٽيو ته مگج جاءِ اچيس. ڪمينا، ڀيڻيا ڪڇرا اهڙا معشوق مال ٻاڻ ٿو ماڻين ۽ اسان ٻيا جڪ ماريون! ڪيو انهيءَ لونڊيءَ کي ٻاهر!' پوءِ ته گهڙي پيا اندر. شمسوءَ کي نوڙي سان ٻڌي، لئيون هٿي اڌ مئو ڪيائون. جال مڙس ڪيڪرات ڪندا رهيا پر جهنگ ۾ ڪير ٿو ڪريبن جون دانهون ٻڌي! جوئس کي گهوڙي تي چاڙهي ڪنيي ڪٽي ويا. وڏيري به عيش ڪيو ۽ صوبيدار به مجو ماڻيو. ڪريب ويچارو ڪهڙيءَ پر وڃي! پوليس ۾ فرياد ڪري ته مورڳو صوبيدار جا ڪلا ڪائي. حال ته مسپتال ۾ پيو آهي. چاڪ ٿيندو ته وڏيري کي نجرانو ڏيئي جال واپس وٺي ايندو." (جلم- ظلم، باچائي- بادشاهي، مگج- مغز، جال- زال، ڪريبن- غريبن).

پير حسام الدين، هندو مسلمانن بنسبت جيڪي پنهنجي ڪتاب "هو ڏوتي" ۾ لکيو آهي سو هيٺ ڏجي ٿو:

"...... مسلمان زميندار ۽ جاگيردارن وٽ لکين ايڪڙ زمين هئي، جن مان ڪين ڪروڙين رپيا ساليانا ايندا ها پر ان مان قوم جي ترقيءَ لاءِ هو ڪڏهن هڪ ڪوڏي به خرچ ڪانه ڪندا ها. مسلمانن جي نوڪرين لاءِ نهراوَ پاس ڪندا ليڪن اُنهن جي پڙهائيءَ تي هڪ پئسو خرچڻ به فضول خرچ سمجهندا ها. البت ڪليڪٽر ۽ ڪمانيءَ جي اشاري تي سندن تجوزين جا منهن کلي پوندا ها. جنگ

۾ برٽش سرڪار جي قدمن تي هزارن جا هزار وجهي ڇڏيندا، حاڪم، شڪارن لاءِ منزلون ڪندا تہ صاحبن جي بٽلر ۽ ميم صاحب جي آيا تي نوٽن جا نوٽ وهائي ڇڏيندا، خطابن خاطر تہ پنهنجي آمدني ڪان بہ وڌيڪ چندا ڏيندا ها.

"انهن مسلمانن سردارن جي مقابلي ۾ هندو شاهوڪارن پنهنجي ڪمائيءَ کي هميشه قومي ورثو ۽ امانت سمجهي، اسڪول، ڪاليج، بورڊنگ هائوس، اسپتالون، يتيم گهر، عام خلق جي فائدي ۽ بهبوديءَ لاءِ جوڙايا. باغ ۽ تفريح خانا ۽ انهن ۾ بينچون بہ هنن خريد ڪري وڌيون تاڪ هندو مسلمان پل اچي فرحت وٺن. پاڻي پيئڻ لا هوديون بہ جتي ڪٿي هنن جي خيرات سان نهيون، جن مان هميشه مسلمانن جي ئي گڏهن گهوڙن پاڻي پيتو. سچ ۽ ڪوڙ ۾ جيڪڏهن تميز ڪجي تہ حقيقت ۾ سنڌ کي هندن اڏيو، سينگاريو ۽ سنواريو. اهي سکر، ڪراچيون ۽ حيدرآباديون هنن ئي جوڙيون. برادران اسلام تہ ڇڙو هندن جي بدر ٿيڻ بعد سران ڪڍي وکيون، بنيادن کي کوٽي نيڪال ڪيو، ڇتيون ۽ پتيون ڊائيون، شهتير، در ۽ دريون بازار ۾ آنديون. هندن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خزانا آڻي جيڪي ڪڏن مٽان کڏ اڏايا هئا، مسلمانن انهن جي سر نہ ڇڏي سر ڪي!

"اڄ هڪ بہ وڏو ماڻهو يا جاگيردار ڪونہ ڏيکاري سگهندو تہ هيءُ تعليمي ادارو سندس کيسي مان ڪڙو ٿيو آهي. زميندارن، مسلمانن جي تعليم خلاف چاٺي واٺي ڪم ڪيو جو هنن جي دلي مراد ۽ مقصد اهو هو تہ سنڌ جو مسلمان نہ پڙهي، مٿان وچوارو طبقو پيدا ٿي پوي، غريبن جا ٻار پيا مزوري ڪن ۽ ڍور چارين! پڙهندا تہ سندن سامهون اچي ڪرسين تي ويهندا! سنڌ اندر امير، امير رهي ۽ غريب ماتحت ۽ مجبور رهي!....."

## پير مرشد

زميدارن ۽ جاگيردارن ڪانپوءِ سنڌ ۾ پيرن، مرشدن، ملان، مولوين ۽ خانقاه نشين جو زور هو. عوام جاهل، نہ سڌ نہ تعليم ۽ صحيح رهنما، تنهنڪري پيريءَ مريديءَ، سڳي تعويذ، قبر پرستيءَ جي صورت ۾ انهن مذهبين جيڪي ڪوڙڪيون اڏيون هيون، تن ۾ ڦاٿل ها. پير الاهي بخش، جي- ايم سيد يا راشدي پاڻرن جهڙا اعليٰ خيالات ترقي پسند پير ڪي ڳاڻ ڳڻيا ها نہ تہ سنڌ ۾ جتي ڪٿي وڏيون وڏيون درگاهون هيون جن جي پيرن، مرشدن ۽ مجاورن جو مڪو مٿل هو. ڪئين ورهيہ اڳ، جن خدا جي نيڪ بندن، دين، اخلاق ۽ شريعت جي پرچار لاءِ اهي مرڪز قائم ڪيا ها. تن مان گهڻا لادينيءَ جاڏا ٻڌجي پيا ها ۽

سندن اولاد اُنهن کي تجارت جو مال بڻائي، پنهنجي قوت گذر جو وسيلو بڻايو هو. متيءَ کي سنگمرمر سان سينگاري، انهن تي ڪاشيڪاريءَ جا ڪم ڪرائي، رنگبرنگي قبا، گنبذ ۽ روضا کڙا ڪيا هئائون ته جيئن سندن گراهڪ وڌن. قبرن تي ڪيمخواب، مخمل ۽ ريشمي جهالرن ۽ چادرن جي چمڪي تي دڪانن جي رونق ۽ خريدارن تي دٻدٻو وڌي.

انهيءَ تجارت ۾ جڏهن مالي وٽ وٺاءُ سرس ڏٺائون ته ڪيترن ڪوڙيون قبرون به ٺاهيون يا ڪنهن نامعلوم قبرن تي ڪنهن نه ڪنهن شاه يا شهيد جو نالو رکي درگاهون بڻايون هيون. هي جمن شاه، هي ڦتن شاه، هي لالڻ گهوٽ، هي پورل بادشاه، هي پير پنجو هو. روهڙي، سيوهڻ ۽ مڪليءَ تي ته سوا لک پير ۽ اولياءَ چوندا ها جن تي وڏا وڏا ميلا لڳندا ها. ڪنهن ماڻهوءَ کي گهر گهاٽ نه هوندو، محنت کان آر ڪندو نڪمو ۽ ٽوٽي هوندو ته جهٽ ڪنهن نه ڪنهن قبر تي مرشديءَ جو اهو مانائتو مامور ڪولي ويهندو. چاڙتا به ڌاريندو جيڪي اهڙي پروپگنڊا ڪندا ته سندن مرشد وڏيءَ ڪرامات جو ڌڻي هو. هن جو راضپو گويا خدا جو راضپو آهي. جو هنڪان ڦريو سو ڦريو.

اهڙيون ڳالهيون ٻڌي پورڙا انسان اُتي پوڄا ڪرڻ شروع ڪندا. قبر تي هڪ ٻئي مٿان ٻَر- ريشمي چادران چاڙهيندا. واس ڌوپ ڪندا ۽ ڪڪڙ ۽ ٻڪرا آڻي قرباني ڪندا. ڪڏهن ته ايترو ڪوس ٿيندو جو اڌيءَ تان رت نه سڪندو هو. تربت تي زيور ۽ پيسا رکندا. پتاشن جو پرساد چاڙهي، شام جو ڏيئا ٻاري ايندا ها. مرشد جي پيرانديءَ جي مٽي، مٽي ۽ پيٽ تي مکي. قبر کي سامهون ٿي. پنيرا ٿي ٻاهر نڪرندا. مراد پوري ٿيڻ لاءِ مڃتائون رکندا. ڪئين هندو به انهن پيرن فقيرن کي پنهنجي مشڪل ڪشائي جو وسيلو سمجهي، سندن پوڄا ڪندا ها ۽ ڪانڌن سڳڙا ڌاڳڙا ولي، جهاز ڦوڪ وجهائي ناٺو ڏيندا ها.

مسڪينن جي ڪمائي جو وڏو حصو اهڙن پيشيور مذهبين جي وَر چڙهندو هو. لاٻارو لهندو بٺي ٿيندي ته اول پير مرشد، ملا مولوين جا ٽوپا، ڪڙميءَ جي حصي مان ڪڍيا ويندا ها. جيترا دفعا به مرشد گهر ايندو ته قرض ڪڍي به سندس خليفن ۽ خدمتگارن کي آفراتا ۽ پلاءُ کارائيندو.مرشد جي پيءُ ڏاڏي جي عرس تي، ڪنهن پاتيءَ جي موت تي، پٽن يا نياڻين جي شاديءَ تي اناج، داليون، ڪپڙو وغيره ڦانڊٺيءَ مطابق ڏيڻو پوندو هئس. درگاه تي کير ڏيڻ واري ڳانءِ يا مينهن پهچائڻ به لازمي هوندو هئس. درگاهه تي ويندا ته نقديءَ ڪانسواءِ ڪونه ڪو نذرانو، جيئن ته گيهه، مکڻ، ماکي، ڪارڪون، انب، چانور وغيره به ضرور کڻي ويندا ها.

اِهي پير خانگي طرح پاڻ سڀ قسم جا نشا ڪندا ها پر هين کي انهن کان

پرهيز ڪرڻ لاءِ وعظ ڪندا ها. ’قلب ۾ ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي‘. پاڪي ڊگهو چولو، سينڌ سرمو، تيل جي مک چڪ، هڪ هٿ ۾ تسبيح، رومال ڳاڙهو ڪلهي تي جنهن ۾ ڪن ۽ ڏند ڪوٽيون ٻڌل هوندن. اکين ۾ ڪجل جي ريک ۽ ڏاڙهيءَ کي تيل مکيل. هو سياري ۾ ٻن تي نڪرندا جنهن کي سفر چوندا ها. ڪن جي قافلي اڳيان گهنڊ گهڙيال وڄندا هلندا ها ۽ کي بلند آواز سان ڪلمو شريف پڙهندا هلندا ها. پاڻ اٺ تي، خليفا گهوڙن تي ۽ خدمتگار وهٽن تي هوندا ها. جنهن مريد جي گهر لهندا ته اُن جو ڇهڳو جهڻ ٿيندو، ڇڻ ته ماڪڙ اچي پوندي هئي. غريب جو ارڪو ترڪو به اگهي آڻندا ها. ان ساليانی سفر ڪانسواءِ گهر ويٺي به ڪين سيڪجهه پيو ميسر ٿيندو هو. پاڻ طول وهاڻي تي آرام سان ويٺا هوندا، هرڪو ڪين پيرين پئي نذرانو رکندو ويندو هو.

اهوجهه عوام مسلمانن کي پگهر سان ڪمايل آمدني ٻچڙن جي تعليم ۽ پنهنجي زندگيءَ جي آرام لاءِ صرف ڪرڻ گهرجي هئي سا هو اهڙن مفت خور پيرن مرشدن تي ضايع ڪندا ها ۽ پاڪي بکيو ڏکيو رکندا ها. پير حسام الدين لکيو آهي ته اهڙن پيرن مرشدن کي جو ايڏو مفت جو مال پيو ملندو ته واندڪائيءَ ۾ گناهن جي دنيا ڪيئن نه آباد ٿيندي! ڪنهنجي جوءِ پڄائيندا، ڪنهنجي نياڻي هٿ ڪندا. اُنهن عورتن سان نڪاح ڪندا يا ته بطور سريت جي وهاريندا ۽ پنهنجن زالن ۽ وياون اڳيان پيا زنا ڪاري ڪندا ها. لڄ، حجاب ۽ حياءَ جا اکر، سندن اڳيان بي معنيٰ ها. ڪئين ساداتن جا نسل خراب ٿي ويا ڇاڪاڻ ته ڪمذات ڪسباڻيون، ڪمينيون ماڇاڻيون سندن نڪاهن ۾ آيون ته سندن خاندان ۾ اُها اشرافت ۽ نيڪي نه رهي جيڪا هڪ مذهبي اڳواڻ جي خاصيت آهي.

اهڙن بد اخلاق مرشدن جي درگاهه ۾ ڪهڙي قسم جا ڪڪرم ٿيندا ها تنهنجو هڪ داستان پيش ڪيانٿو. حليما جي نزاڪت نهوڙڻ واري هئي ۽ پنهنجي سوٽ حسن جي ملڪ هئي جو هو به ملوڪ مڙس هو. درگاهه تي ساليانو عرس جو ميلو ٿيو ته حليما به پنهنجن جيڏين سرتين سان ميلي تي وئي ته اوليائن جي در تان دعائون وٺي اچون. درگاه جي چائنٽ چڙهيون ته پيري جي خليفي جي نظر حليما تي پئي ته هن جي حسن جو ڪانءُ ڪاپار ۾ ڪپي ويس ۽ ڪيس هٿ ڪرڻ جي سٽ سٽيائين.

رات ٿيڻ تي، زالون، مرد، سڀي ڏيهن جا ٿڪل، دالان ۾ سمهيا پيا ها. اوچتون ٻتيون ۽ لالٽين وسامجي ويا. ڪاري رات اونداهي ٻاٽ، اک نه ڏسي هٿ کي! گوڙ گهمسان، گٿم گٿا، نڪم نڪا! اها ڪل ڪانه ٿي پئي ته ڪير ٿو مردن کي لٽيون هڻي! هل هنگامي، مڙسن جا ماشا ڦيري ڇڏيا. حسن به مٿو ڦارائي، هوش حواس وڃائي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ڪريو. پوءِ اچي ورتائون زالن

ڪي، جن مان ملوڪ مهانڊن واريون، چار ڇٽيون چونڊي ڪٽي ويا. حليما ڪي خليفي جي سَدَ پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڪوٺيءَ ۾ وجي قابو ڪيائون. هوءَ گهٽوئي ڦتڪي پر سندس پانهون ٻڌي، مٿس ڪام جو ڪرت وهايو ويو.

سج اُڀريو تہ حليما، پاڻ کي هڪڙي بنگلي ۾ بند ڏٺو جتي ٻيون بہ پنج ڇهہ حسينائون، خليفي جي شهوت لاءِ رهيل هيون. درگاهہ جي داروگڻ، حليما کي چيو: "اُتي هٽ منهن ڌوءُ کير ڪٽورو پيءُ! هت توکي مارڻ لئہ ڪونہ، پر موج مجا ماڻڻ ڪاڻ آندو اٿائون. تون تہ جنت جي حور آهين. هھڙا اولياءَ تہ ٻنهي جهانن ۾ تو جهڙيون پريون ماڻيندا آهن. ڪليفو (خليفو) توکي ڪوب (خوب) عيش ڪرائيندو ۽ تو جهڙيءَ نڌڻ کي هندورن ۾ لوڏيندو. تون الله لوڪن کي بهشت جا مجا ماڻائيندءِ تہ الله وٽ اڳهامي ويندينءَ." اهڙي طرح داروگڻ، حليما کي گهٽوئي پرڀايو پر هن نهاريس بہ ڪين. پر پنج راتيون ڪيس مجبور ڪري مٿس ويل وهايو ويو.

هوڏانهن حليما جي پيءُ ٻڌي پير وٽ وڃي هٿ جوڙيا ۽ سڄي ويڌن ٻڌائي. خليفو اُتي ويٺو هو تنهن ڪيس تارڻ جو تڻ ٻڌو. چي. "ابا، ڪهڙو دين ايمان رهيو! آئينده اشرافن جو اولاد ڪيئن هتي ايندو! هاٺي بہ مولا تي رک! سائين سڀ سولي ڪندو. جيستائين حد جي هڙئي لچ لوفرن کي لاڪپ حوالي نہ ڪيم تيستائين مونکي داٺو ڪٽو حرام آهي. تون وڃي گهر سکي ٿيءُ، تون جا ٻچا، سي اسانجا ٻچا. آءٌ پاڻهي توکي حق ڏياريندس. اها تعدي توسان نہ، پر اسان سان ٿي آهي." ائين چئي پير صاحب وانگر تسبيح ڦيرڻ لڳو.

هيڏانهن حسن هوش ۾ آيو ۽ حليما جي غائب ٿيڻ جو ٻڌي ماندو ٿي پيو. يار دوستن کي يقين هو تہ پاڪ دادلي درگاهہ مان ڪو مريد زيارتي، ٻين صدق وارن جون وينگسون زوريءَ کٽي وڃي سو ٿي نٿو سگهي. نيٺ داروغڻ جي ٻانهيءَ مان سموريءَ سازش جو پتو پين تہ نينگريون خليفي جي ڪوٽ ۾ قابو آهن. پوءِ تہ سموري سنگت، ساهہ جو سانگو لاهي، منهن تي ڪارا ڪپڙا لپيٽي اڌ رات جو وجي، خليفي تي ڪڙڪيا. پوٽ کي پٽي ٻڌي ڪهاڙين سان ڳترا ڳترا ڪري ڇڏيائونس ۽ ڪرب جو ڳاهہ آٿي ديري کي باهہ ڏنائون. اُن ڪان اڳ ڪوٽ ۾ قابو ٿيل ڏيئن پينرن ۽ ڍورن ڍڳن کي ٻاهر ڪڍي پاڻ بہ اک ڇنب ۾ غائب ٿي ويا. ٻي ڏينهن اخبارن ڇپيو تہ اتفاق سان خليفي صاحب جي ديري کي باهہ وچڙي وئي جنهن ۾ اهو نيڪ درويش شهيد ٿي ويو.

وڏن سيدن ۽ پيرن جي درگاه جو ذڪر ڪيوسين پر جيڪي ڪنهن اڏي بنا ها سي بہ سچو ڏينهن هل هلان ۾. هتان رپيو، هتان اناج. ٻنهي جو گذران پنڻ تي. هو رنل ڪتل دڪاندار ۽ هي ڦيريءَ وارا گهورڙيا. تعليم ٻنهي ۾ ڪانہ. چي

نوڪري ڪنداسين ڇا جو پڙهون! بابي ڏاڏي جو ڌنل گهٽوئي آهي، ويٺا کائينداسين اهڙيءَ طرح مسلمانن جو هڪ اعليٰ طبقو جيڪو سندن تعليم ۽ ترقيءَ جو تت ٿئي سو موڙکو سندن تباهيءَ ۽ تاريڪي جو طريقو بڻيو هو. جيڪا عبادت الله لاءِ ٿيڻي هئي سا قبرن اڳيان ٿيندي رهي. عام مسلمان الله کي وساري، پيرن ۽ مرشدن کي پنهنجي اولاد، صحت، عزت ۽ آبروءَ جو وسيلو سمجهندا ها. انسان، انسان جي هٿ اٺين اچي ويو هو جيئن غلام پنهنجي خريدار جي اختيار ۾. مريد کي ڇا مجال جو مرشد جي مرضيءَ خلاف وڃي سگهي! مثلن، پيءُ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڪنهن بيجوڙ نالائق سان ڪرڻ نٿو چاهي. پر ڏر وڃي مرشد اڳيان نذرانو (رشوت) رکندي ته مريد کي کهڙي وٽ جو انڪار ڪري سگهي. چي: "حاضر منهنجا مالڪ حاضر، تون اسانجي سرن ۽ سڱن جو مالڪ، پنهي جهانن جو وسيلو، حاضر!" گگدام نياڻي وڃي درندن جي ور چڙهندي ۽ ڏکن تات پوندي.

اليڪشن وقت تي پيرن مرشدن جو مڪو مچي ويندو هو. جيڪو ڏيندن ڍيري، تنهن اڳيان ڦيري! اُميدوارن جي لياقت ۽ ڄڻن جو لحاظ نه ڪندا. اهڙو مثال ڪونه لڀندو جڏهن ڪنهن پير مرشد، بطور شرافت يا عوام جي ڀلائي خاطر ڪنهنجي مدد ڪئي هجي. هو پيسي جا مريد ها. ڀرترهريءَ جو شلوڪ ٿو ياد اچي:

ويشيا کي ناٿو ڏيندڙ ڪوڙهيو ۽ پوڙهو به سهڻو ۽ وڻندڙ آهي ۽ پئسي بنا ڪامديو سمان سهڻو جوان به ڪوڙهي ۽ ٻڍي سمان ٻري ٽارڻ جهڙو آهي. مطلب ته نه پيري عسلي نه پيري موسلي بڙا پير پيسا. اُميدوار به وڃي پيرن جي شرڻ وٺندا ها. اُميدوارن جي بنگلن تي پيرن جا لامارا هوندا ها. اهڙن موقعن تي سندن مزاج به نازڪ ٿي پوندو هو جو ٿوريءَ ڳهٽيءَ ڳالهه تي ٽپڙ ٻڌڻ جا دڙڪا ڏيندا ها، جيئن اُميدوار وڏيءَ رقم ڪانيوءِ به ٿورو گهڻو روزانو ڳرندو رهي. هو پاڻ سان اهڙا خليفا ۽ خاشخيلي آڻيندا ها جي ناٿي چانگڻ ۾ پر ۽ پختا هوندا ها. ڪي بزرگ هڪ ڪان رقم ڪڍي وڃي ٻئي کي لاپو هڻندا ۽ ڪم آخر اُن جو ڪندا جن کين پويون لاڳو ڏنو هوندو.

اهو وسارڻ به نه کپي ته ڪئين پيري مرشد نهايت پاڪدامن، پرهيزگار ۽ مذهبي خوبين ۽ خصلتن جا مالڪ ها جن جي صحبت ۾ انسان کي رب سان ملڻ جي راهه ملي ٿي. هو پاڻ عالم ها ۽ عوام ۾ علم جو پرچار ڪندا ها. گهڻن ڳوٺن جي مسجدن ۾ جيڪي مڪتب هوندا ها تن جي اهڙا عالم ئي حمايت ڪندا ها پر سرڪار ۽ سرمائيدارن جي مدد ڪانسواءِ انهن تعليمي ادارن گهڻو پوئتو نه پاريو. اهڙن بزرگن مان ڪن وٽ قديم ڪتبخانا ۽ هٿ لکيل ڪتابن جو به وڏو ذخيرو

هوندو هو ۽ اهي طالب علم کي پاڻ تعليم ڏيڻ، ثواب جو ڪم سمجهندا ها.

## ملان ۽ مولوي

پيرن ۽ مرشدن جي ڳڻتي جا پر ٿوريءَ هيٺينءَ سطح تي هوندا ها. ملان ۽ مولوي. سنڌ ۾ اهڙو ڪو ڳوٺ يا واهڻ نه هوندو جنهنجي مسجد ۾ ملو نه هجي. هو به اڪثر علم سان واسطو گهٽ رکندا ها. رڳو ڪي قدر قرآن مجيد ياد هوندن، جنجو ٻارن کي سبق ڏيندا ها، بغير معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ جي. البت نمازون پڙهائڻ، بانگون ڏيڻ، نڪاح پڙهڻ، مُردن کي ڪفن ڍڪائڻ ۽ "قرآن بخشڻ" سندن ذاتي هٿ جو ڪرتب هوندو هو. انهن مذهبي ڪاردارن کي ڪٿان ڪڏهن ڪانه ملندي هئي. ڳوٺ جي هوند سوند وارن گهرن ۾ ڪنهن فوتيءَ نمت خوراڪ ڪڏي ملي کي موڪليندا ها. سال ۾ به دفعا ٻوڪ ڪٽبي هئي ته ملي جو ٿويو اول ڪڍندا ها. مطلب ته ملو بکيو نه رهندو هو.

ملي جي آمدنيءَ جا ٻيا ذريعا هوندا ها، دعائون ۽ تعويذ لکڻ. ڳانءِ مينهن کير گهٽ ڏيندي ته ملي جي تعويذ جو پليتو سازي ٽٿن کي واس ڏيندس، ڪا دلبر رخ نه ڏيندي ته اُن جي اچ وڃ واري رستي تي تعويذ پوريندا، زال کي ٻار نه ٿيندو ته تعويذ چيلهه سان ٻڌندس، بيماريءَ يا ڪنهن نامعلوم آفت کان بچڻ لاءِ تعويذ ڳچيءَ ۾ پائيندا ها. ڪنهن شخص تي مقدمو ٿيندو ته تعويذ پڳ جي پلاند ۾ وجهي ڇڏيندو. مان اهڙو ڪو مسلمان جاندار ڪونه ڏٺو جنهنکي تعويذ نه هجي ڇو جو ته هو اُن کي سيني بلائن جو بچاءُ ليکيندا ها.

هڪ ٻئي فن جي وسيلي ملي کي ڪافي ڪمائي ٿي سگهندي هئي. اهو هو زوريءَ نڪاح وجهڻ يا ٽوڙڻ. مثلن ڪا رن زال، مائٽن جي چونڊيل مڙس سان شادي ڪرڻ نٿي چاهي ته سندس عزيز ڪيس ٻڌي گهر ۾ بند ڪندا ۽ ملي کي سڏائي، سندس نڪاح اُن شخص سان پڙهائي ڇڏيندا. عورت ڀلي پئي دانهون ۽ انڪار ڪندي رهي، پر ملو نڪاح پڙهي پنهنجو لاڳو وٺي هليو ويندو ۽ اهو مڙس زوريءَ اُن زال تي وڃي قبضو ڪندو.

اهڙن ڪڏن ڪمن عيوض ملو مالا مال ٿي پوندو هو. ڪنهن جي لوڙ ڏسي چوندس ته 'جبرو' تعويذ ٿو ناهي ڏيانءِ ته ٻڪري ۽ پنج هٿ ڪپڙي جا به وٺندس. ڪن ملن کي جنن ڪڍڻ جو اختيار به حاصل هوندو هو. ڪنهن زال کي جن لڳندو ته وار ڇوڙي 'لهر' هڻڻ لڳندي، ڪڏهن ڏندڻ پئجي ويندس ته ڪڏهن زبان اهڙي کلي ويندس جو زمين آسمان جا راز پئي ٻڌائيندي. ملو واردات تي پهچي جهاڙ ڦوڪ ڪندو ته جن هليو ويندو پر ڪي اهڙا نامراد جن به هوندا ها

جي ملي کي ڪچون گنديون گاريون ڏيئي ڏڪ هڻي پچائي ڪيندا ها. ان حالت ۾، مريضن کي ڪنهن مماتيءَ واري پير جي درگاهہ تي ڪجهہ ڏينهن رهائڻو پوندو. ’جن‘ اڪثر نوجوان ۽ خوبصورت زالن کي لڳندا ها ۽ درگاهہ ۾ خلفيو يا ڪي ٻيا ڪاردار ڪن حالتن ۾ جن ڪيڻ جو مزو بہ ماڻيندا ها.

ملن جا ڪي دشمن بہ هوندا ها ڇو جو تہ جنهنجي محبوبا ٻئي ڪنهن سان زوريءَ پرڻائي هوندائين يا ملي جي تعويذ بدولت ڪنهن مقدمي ۾ هاريو هوندو تہ اهو ساڻس دشمني ڪندو. رات جو ڪاريءَ ٻاٽ ۾ ملي جي گهر ڦوڙائن جو وسڪارو ٿيڻ لڳندو، ٻڪري گم ٿي ويندس، نماز وقت سندس جتي تڳائي ويندي، بلند شاعرن بہ ويچارن ملن جي لاڪ لاٿي آهي. شاهہ لطيف صلاح ڏني آهي:

ملان ملان نہ ڪيو، آهيڙي آهين،
مرونءَ سندي ماس تي تا ماٽڪ متائين!

سچل سائين تہ اصل ’ڊائريڪٽ ائڪشن‘ ڪڻ جي هدايت ڏوڪري:

ڪُٽ ملان جي ٽوڙهہ، قاضيءَ وارو مسئلو!

ملن کان مولوين جو درجو ڪي قدر بلند هوندو هو جو هو عربي يا فارسي وڌيڪ پڙهيل هوندا ها. چڱا لڳا تہ سيني ۾ ٿيندائي آهن. پير حسام الدين انهن مذهبين جو جنسي حقيقي بيان ڪيو آهي تہ انهن ملن ۽ مولوين ۾ جيڪي واعظي هوندا ها تن کي وڌيڪ اپراسو ٿيندو هو. وڏو واعظي اهو ليکبو هو جيڪو ٻڌندڙن کي دوزخ جي دڙڪن ۽ گناهن جا عذاب ٻڌائي، مايوسيءَ ۽ غم ۾ غرق ڪري، روئي ۽ روئاري سگهي. جنهنجو آواز سريلو ۽ گهٽا بيت ياد رکندڙ هجي، جنهنجي اکين ۾ هر هر پاڻي اچي ۽ جذبات ۾ ڪلو گهگهو ٿي وڃي. اهڙن ماهر ڏندوڙي واعظن جي فتحيابيءَ جو دارومدار انهن چندن ۽ لونگي پوتيءَ تي هوندو هو جيڪي ڪيس وعظ ختم ٿيڻ تي ملندا ها. جيڪي واعظي وڌيڪ روئارڻيندا ۽ ڏيچاريندا ها تن جي ڊماند گهٽي هوندي هئي ۽ اهي مقرر ٿيل چڱي چوکيءَ رقم کان گهٽ قبول نہ ڪندا ها.

مولانا خيرالدين جي وعظن جو گهڻو اثر پوندو هو. رقمان وڏيون ڇانگيندو هو ۽ هڪڻي ٻنيان ويندو هو شاديون ڪندو. انڪل پنجاهہ ورهين جو هو تہ هڪ نينگريءَ سان تازو شادي ڪئي هئائين. چي: ”ڳالهہ تہ ٻڌ، استاد! اصل جوان ٻٽائي ڇڏيو اٿائين!“

”يلا اڳيون گهر واريون!“

ڪي واعظي اهڙا به هوندا ها جيڪي اهڙي ڪني ڪيل رقم رات ٽيڻ تي .... ڪرڻ ۾ صرف ڪندا ها. پير علي محمد هڪ لطيفو لکيو آهي ته هڪ ملو جيڪو نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار هو ۽ پير تي وقت به وقت وعظ جي مار ڪيندو رهندو هو ته جواني ديوانيءَ آهي. رنان رب رلايون آهن. تن کان پاسو ڪرڻ گهرجي نه ته قيامت ڏينهن ڏاڍا عذاب ڀوڳڻا پوندا وغيره وغيره. اُن ملي جي نظر هڪ ڪڃريءَ تي چڙهي ته رات جو اُن حسينا جي خمار ۾ ننڊ به نه آيس. تڏهن هو ڳجهه ڳوهه ۾ اُن ڪڃريءَ جي گهر ٻاهران اچي پهتو جتي بدبختيءَ سان هڪ سڪل کوهه ۾ ڪري پيو جتان نڪري نه سگهيو.

ٻير، جڏهن صبح جو ملي کي غائب ڏٺو ته سمجهائين ته نماز پڙهڻ ويو هوندو. هو ڪورٽ جي ايوان ۾ ويٺو هو ته پوليس وارا ملي کي هٿڪڙين ۾ رسي سان ٻڌي وٺي آيا ته، ”هي شاهينگ ڦلاٽيءَ رنڊيءَ جي گهر چوري ڪرڻ آيو هو. ٽورن ڏينهن کان چڪلي ۾ چوريون ٿي رهيون آهن ۽ هيءُ انهن چورن جو سردار آهي جو پنهنجن ساٿين جا ڏس پتا نٿو ٻڌائي. اڄ مولا جي مهر سان هي مس مس اسانجي هٿ چڙهيو آهي. چورن کان سچي ڪرائڻ جون اسان وٽ تجويزون آهن. رڳو اُن ڏينهن جو رمانڊ وٺي هن کي سڌو ڪبو. اِپي ڪتولي جي ٽانگهه سان ٽنگينداسونس ۽ برف تي سمهاري بيد جي لڪڙن سا سنڌ سنڌ ڪٽبس ته سچي ڪندو.“

مظلوم ملي جي وات مان رڙ نڪري وئي: ”مان چور ناهيان مان پنج وقت نماز پڙهندو آهيان. عمر ۾ هڪ روزو به نه گسايو اٿم ۽ هاڻ حج وڃڻ جي آس اٿم.“ ايتري ۾ ڪڃرين جو ٽولو به اچي اُتي پهتو ۽ هو جمعدار کان اجازت گهرڻ لڳيون ته هڪ هڪ ڏنڊو چور (ملي) جي ٽور تي نڪا ڪن ته جيئن وري چڪلي ۾ چوري ڪرڻ جو خيال هن جي ميڄالي مان نڪري وڃي. ”جمعدار صاحب! هن مٺي دڳا ڏيڻ لاءِ ڪوڙي ڏاڙهي رکائي آهي ته ماڻهو ڪيس اڃراف سمجهن. منهنجا جيڪي ڳهه ڳٺا ڪٽي ويو آهي سي موچرا هڻي هن کان موٽرائي ڏجو!“ (دڳا- دغا. اڃراف- اشراف)

مطلب ته سڀيئي رنون پنهنجي چوري ٿيل مال لاءِ ملي کي تلاهي ٺهرائي مٿس ٽڪڻ لڳيون. آخر ڪار پير علي محمد ماجسٽريٽ کي خاطري ڏيئي، ملي کي آزاد ڪرايو ته ملو پيرين اگهاڙو اُتي ڀڳو. چي: ”ٽاٽي ۾ ڪٽ اچا اِپي تي رکيل هوندي، هن ندوري شهر ۾ الله وارن جي جاءِ ڪانهي.“

ويچاري ملي کي ڏوهه ڏيڻ نه گهرجي. شاسترن ۾ چيل آهي:

نفس جي نهوريل کي ڊپ ۽ شرم نه ٿيندو آهي. جڏهن ڪامديو، برهما وشنو مهيش جو ميڄالو ڦيري رکيو ته هيءُ ملو ڪهڙي چيز آهي! رڳو مذهب ۽

پرهيزگاريءَ جو پاڪند ڪرڻ ٺيڪ ناهي. نفس جي شيطان سان مقابلي ڪرڻ جي پاڻکي سگهه ڪانهي. آها پناهه ته رب سائين ڪان ئي گهرڻ گهرجي:

ستر ڪر ستار! آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪئين ڍڪڻهار! ڏيئي پاند پناهه جو.

## ڪامورا عملدار

عملدارن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ زور، ظلم ۽ ڌاڪو هوندو هو پوليس جو، جاڪاڻ ته ماڻهن جي عزت ۽ سلامتيءَ جو دارومدار سندن راضپي ۽ ذمي تي هو. ڀهراڙيءَ ۾ چور کي ساڌ بڻائڻ، سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ بڻائڻ، سندن کبي هٿ جو کيل هو. هو عام ماڻهن کي پنهنجي کيتي ڪري ليکيندا ها. فصل ته سال ۾ ٻه دفعا لهندو هو پر هنن جي کيتي سجو سال پئي لڻبي هئي. سرڪاري عملدارن جي رشوت جي رسم آد جڳاد ڪان هلندي آئي آهي جو پنج هزار سال اڳ جي "مهاڀارت" ۽ اڍائي هزار سال اڳ چاڻڪيه جي "ڪوٽليه ارٿ شاستر" ۽ ٻين آڳاٽن ڪتابن ۾ ان نظام جو ذڪر ٿيل آهي ته راجا انهن تي روڪ وجهي ۽ اک ۾ رکي. اول پوليس جي مهما ٻڌو! سنڌ ۾ آمدنيءَ جي لحاظ ڪان پوليس ٿاڻا ٽن قسمن جا ليکبا ها.- 'پلا'، 'ڊلا' ۽ 'ٿلها'. وڏا آفيسر پنهنجن دادلن کي پلن ٿاڻن ۾ مقرر ڪندا ها يا انلاءِ چڱي چوکي پڳڙي وٺندا ها.

سجي پارت ۾ اهڙو ڪو ٻيو پرڳڻو ڪونه هو جيڪو غضبناڪ خونريزيءَ يا ٻين فوجداري ڏوهن ۾ سنڌ سان برابري ڪري سگهي. ان مهم ۾ لاڙڪاڻو ضلعو ته خاص هاڪارو هو جو سيني ڪان سرس خون، ڌاڙا ۽ چوريون ان ۾ ٿينديون هيون، تنهنڪري انگريز، چونڊ چونڊ دهشتي آفيسر اُتي رکندا ها. اُهي برجستا ۽ ٺڪر عملدار، پنهنجي اٿالي سان گهوڙن تي چڙهي، مڇن کي ميڻ لڳائي، چوريءَ يا خون جي جاچ لاءِ ڪٿي چڙهائي ڪندا ها ته پرليه ڪري ڇڏيندا ها. گرپ وتين جا ڦر ڪري پوندا ها. جنهن ڳوٺ ۾ وڃي منزل ڪندا ته اُتي ٽرٽلو مچي ويندو هو، جنهن ۾ ذرو به شڪ هوندن تنهنجي پاڙي پنبي جا ماڻهو ۽ گهر جون زالون به آڻي گڏ ڪندا. مارڪٽ شروع ٿي ويندي، اونڌو ڪري ٽنگيندن، بيد جا لڪڙ هڻندن، برف وجهندن، سندن زالن کي اگهاڙو ڪري بيشرميءَ جون ظلمي تعديون ڪندا. ان انڌير جو نه داد نه فرياد.

پوليس جي انهن زبردست ڪارروائين سبب ڏوهارين جو پتو پئجي ويندو هو. شڪارپور ۾ اسانجي پاڙي مان جيئي ماءُ جي ٿجوڙي چورائي ويا ۽ حيدرآباد مان

**(٥) چاڙتا:** معنيٰ دلال جيڪي پوليس کي رشوتون وٺي ڏين. انهن جي گذربسر جو ذريعو اِها پٽ سٽ ئي هوندي هئي. پوليس انهن چاڙتن کان ڪوڙيون عريضيون ڪرائي ۽ پوءِ بيگناهن کان رشوتون وٺي، عريضون دفتر داخل ڪندا ها ۽ چاڙتن کي آن مان بہ هٿ پرسادي ملندي هئي.

**(٦) ڪانڪو:** پوليس جو ڳجهيءَ طرح پنهنجي حد جي ڪانڪن سان رستو هوندو هو. انهن ذريعي کين پتو پوندو هو تہ ڦلاڻي چوري يا ڌاڙو ڪهڙي شاهينگ هنيو. چورن کي هڪ ٻئي جي ذريعي سڌ پئجي ويندي هئي. هو پاڻ جيڪي ڪندا ها سو پوليس جي رحم ڪرم سان کين پهچي ويندو هو. هو پوليس کي ڪير گيهہ ڪڪڙ ڇيلا وغيره بہ رسائيندا رهندا ها.

**(٧) چغل خور:** هتان جون هتي ۽ هتان جو هتي پيا چوچڙيون ڏڪائيندا ها ۽ ڪابہ اولي سولي ٿيندي تہ ٺڪ وڃي پوليس وٽ پهچائيندا. پوليس اهڙين حالتن ۾ پنهنجي رشوت مان چغل خور کي بہ ورسائيندي هئي.

انهن ستن پيلپاوَن ذريعي سنڌ ۽ هند ۾ پوليس جو آزار قائم هئو ۽ آهي. هو رڳو اهو خيال رکندا آهن تہ عوام تي هرويرو ستم نہ ٿئي ۽ رعيت جو ڳاڏو هلندو رهي. پوليس کي ڪمائي جا پيا بہ پڌا ۽ ريزڪي ذريعا ساندهہ هوندا ئي آهن. هڪ ريزڪي مثال: هڪ ڇٽ جمعدار کي چيو: "مان سان تہ جلم ٿيو آهي. حراميءَ حيدوءَ منهنجي ٻڪريءَ سان پٽ جي ڄهر جو جشن ملهايو آهي. مان منچي (منشي) صاحب کي ٻہ رپيا ڪرچي ڏيئي هيءَ عمدي دڙڪاس (درخواست) لکائي آيو آهيان. هاڻي توهان ڪو بلو پيٽي ڪريو!" جمعدار چيس: "تون خيال نہ ڪر! اسان انهي حيدوءَ ڪستي زن جي اوجهڙيءَ مان بہ ٻڪري ڪڍنداسين. پر هيءَ درخواست تہ خرچيءَ کانسواءِ اڳتي نہ وڃندي." تڏهن ڇٽ کان پنج رپيا ڇانگيائين ۽ پنجويهہ وڃي جوابدار کان وصول ڪيائين. لٽي پٽي ٻڪري يارن جي پيٽ ۾ ڦٻي، پنجين ريين جي ٻڪريءَ جا ٽيهہ رپيا پوليس کي ڦٻيا ۽ فرياديءَ جي درخواست فائيل جي زينت وڌائي.

ٻيو مثال: جمعدار اچي فوجدار کي ڪن ۾ چيو، "سائين، حبيب لنگهو دانهن ٿو ڪري تہ رئيس يار محمد سنڌس زال زوريءَ ڪٽي ويو آهي. سنڌس فرياد داخل ڪجي ڪين نہ؟" ٿاڻيدار: "اڙي، فرياد داخل ڪيئن ڪبي! هنجي رن آهہ ناهوڪڙي، مون ٿي تہ رئيس کي چوٽ ڏني تہ بيڌڙڪ رن ڪٽائي وڃ! آءَ ويٺو آهيان. هيءَ ابلق گهوڙو ان لاءِ تہ موڪليو اٿس. تون خرچي وٺينس ۽ دلداري

ڏينس. رئيس جي دل رن مان ڏاپجي وئي تہ تورن ڏينهن ۾. مال واپس ڏياربس نہ تہ وجي ہي ڪا هٽ ڪري ۽ آن تان آهو ڪٽي ڇڏي. اِها ڳڻي! پر اهڙي تہ نہ وئي جو ہئي ڪنهن وڏيري جي دل ہي ايمان ٿئي!"

اهي تہ ٿيا ڀهراڙيءَ جا مثال. شهرن ۾ طريقو ڪي قدر اوڙ هو. آتي ڪين ڳنڍين ڳوڙها ۽ متين موڙها ہہ جام ملندا ها. ٿاڻي جي ايوان ۾ ئي پوليس جا گهر ۽ گهوڙن جا طبيلا هوندا ها. فوجدار وراندي ۾ ڪچهري لڳائي رعب سان ويٺو هوندو هو. صبح کان شام تائين خابرن، پيراڏيين منجهہ پيٽن ۽ ہين جي اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي. واسطيدار ماڻهوءَ کي پاسيرو وٺي، جمعدار پئسي ڏوڪر جي ڳالهہ فيصل ڪندو هو. شهرن ۾ چوريون، زنا ڪاريون ۽ دغائون ہہ وڏيون ٿينديون هيون تہ پوليس کي مال ہہ جهجهو ملندو هو ۽ دولتمند جي ڪڌن ڪرتوتن تي اکيوٽ جي چارج ہہ ڳري وٺندا ها. جوئا ۽ خانگي ويچار جا اڏا ہہ گهٽا هوندا ها. مجال آ جو ڪوئي 'هفتو' ڀرڻ کان گيسي!

هڪ پڙوو خانگي اڏو ڏاريندو هو. آن ۾ چار ڇهہ ناهوڪرا ڇوڪرا ہہ رکندو هو جو انهن لاءِ ڪي شوقين وڏيڪ چارج ڏيندا هئس. نواڻ لاءِ سکر ۽ حيدرآباد جي ڇڪلن مان پنجابي ڇوريون ہہ آڻيندو هو. باغن جي بنگلن ۽ اوطاقن تي ڪورو مال چئي 'ڪال گرس' ہہ رسائيندو هو. هو پوليس جو هفتو ڏيڻ کان ڳتو هو. چونڪ ۾ ڪنهن گراهڪ جي تاڪ ۾ بيٺو هو تہ جاني جمعدار اچي ڳٽڙ کان جهليس. چئي: "ڪتي زن! خرچي ڇونہ ڀچائي ٿي؟"

"مان پاڻ بک تو مران! بلبل آڏامي وئي ۽ ڪانويلين سان ڪو ڦاسي نٿو."

"هان پٽيا ڪيرا تو وٽ گهٽيئي خانگي ملوڪ مال آهن ۽ ڪالهہ پيٽيان آچر ہہ هو!"

"پويون تاريڪان (تاريخان) هيون. ڪو ور نہ چڙهيو، سائين!"

"ور نہ چڙهيو! تي ياڙيا! حرامزاده! ڪالهوڪا ڇورا الائي ڇا ڇا تا ڪن! توتي لک لعنت آ. هاٿي جي پيٽيان خرچيءَ ۾ دير ٿي تہ خير نہ هونديءَ!"

لوازمو وٺندي ہہ گرنگ شودن ۽ رهزنن کي گوشمالي ڪندا رهندا ها تہ جيئن عام ماڻهن کي ستايو نہ وڃي، ڪنهنجو نقصان ٿيڻ ڪانسواءِ ڪين ڪمائي ٿيندي رهي. مثلن گانڌيجيءَ جي لوڻ ستياگرهہ ۾ ڪئين والنٽيئر جيل ويا، جن کي اڄڪلهہ فريڊم فائٽر، شهيدن جي لقب سان ماهوار شهيدائو پينشن ٿي ملي، انهن کي شڪارپور ۾ سيٺ پرشوتمسنگهہ بجاج ۽ ٻيا شاهوڪار، بعضي بعضي سانجهيءَ جو جيل مان سندن گهر وٺي ايندا ها جتي هو کائي پي، عيش آرام ڪري صبح جو وري جيل جو ڪمرو وسائيندا ها. اهو ہہ ياد ڪجي تہ اِهي والنٽيئر، ڪرت وارا خواه نڪمٽا بيروزگار، جيل ويندا ها، تن جي گهرن ۾ سيٺ

پرسررام پارومل ۽ ٻيا. بادستور ماهورا خرچ پهچائيندا ها. ترنگ ۾ به کين سڀ طعام مٺايون ميوا شربت، تاس چوپڙ سڀ پهچائيندا ها جڻ ته هڪ مزيدار شغل ملهائي رهيا آهن. اهو سڀ پئسي جو پرتاپ هو جو سخت پورهئي جي سزا وارن کان به پورهيو نه ڪرائيند ها.

اهڙي طرح جيلر، قيدي، قيديءَ جي زال سڀ راضي. بابا گانڌي به پيو ٽڙندو ته ايڏا ماڻهو سندن فرمان تي جيلن ۾ سور سختيون سهي رهيا آهن. مطلب ته ديش ڀڳتيءَ جو ڏنڊو ڏاڍو لاپائتو آهي جو اڄ به اهڙا نڪما، پبلڪ جي پيسن تي الوليون ماڻي رهيا آهن. پر انهن ۾ ڪي سچا وطن پرست به ها جن اُن وقت يا هاڻي به ڪجهه نه ورتو آهي.

**ٻيلي ڪاتي وارا:** هاڻي اچون ڳالهه جي ڳاڻي تي ته پوليس ڪانسواءِ ٻين ڪاتي وارن جي به پٽ ست هوندي هئي. ٻهراڙيءَ ۾، پوکرائي ڪانپوءِ غريبن جو گذران اڪثر مال تي ٽيندو هو. ڏنار، ميهار، ڳنوار، ٻڪرار، ڪانير جي اٽي ويٺي جهنگ سان آهي گهرگهاٽ لاءِ ٽوٽي ٽنيو، چلهه لاءِ ڪاٺي ۽ ٻنڊي وغيره به جهنگ مان گهربي هئي، تنهنڪري ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي، ٻيلي جي ڪاردارن ۽ عملدارن جو راضپو لازمي هو. کير، گيهه ڪڪڙ، ڇيلو مفت مهيا ڪري ڏيڻو پوندو هو، نه ته سندن جانور ضبط ڪندا يا ڪيس ڪندا. هر هڪ ٻيلي تي جدا جمعدار هوندو هو جنهنجي سڄي پگهار اڪثر فاريسٽ آفيسر ڪٽندو هو تنهنڪري هن جو پنهنجو گذران واسطيدارن جي رسائي تي هوندو هو. ڳوٺ ۾ گهوڙي تي چڙهي ايندو ته مالدارن ۾ ٻاڪر ڪتو پئجي ويندو. ڪٿ ايندي، رلي ۽ ويهاڻو ايندو، ٻيو ٻاٽيءَ جو دلو آڻيندو، ٽيون ڏڏ جي دڪي ۽ وٽو آڻيندو. ڪٽ تي ويهي رڙ ڪندو: ”اڙي پيٺيان رسولا! حرامي ڪاڏي گم ٿي وئين“

”حاضر سائين، پهتو!“ رسولي وٽ ٻڪرين جو ڏڻ وڏو هو ته مار به وڏي هن تي. ”اڙي، ننڍو ڪڪڙ ڪهج!“

”مڪڻ ڦتي سرس! اٿو گيچڻ مان ڪڍرائجانءِ. متان پيٺيان ٻاڪرو ڏڏ ۽ ڏهي آڻين!“

اهڙي طرح نيرڻ ۽ ٻهپرن جي ماني کائي، خرچيون ڪڍي شام ڏاري روانو ٿيندو ته مالدار سک جو ساهه پٽيندا. وري ٻئي ڏينهن ٻئي هنڌ. وڏي خرچ جي ضرورت پوندس ته جهنگ ۾ جيڪا ڳانءِ مينهن نظر ايندس، اُها وڪڻي ڇڏيندو. مجال آ جو مالدار ڪا دانهن فرياد ڪري! ٻيلي ڪاتي جا پٽيوالا ۽ ڪلارڪ به اُچائي ڪندا ها ۽ پنهنجي خرچي مالدارن مان ڪڍندا ها.

**روينيو ڪاتو:** هن ڪاتي ۾ مختيارڪار، وڏي وٽ ۽ ڏهڍهي جو ڏاڍي ليکبو هو. ٽيهه رپئي واري پگهاردار تپيدار جو شان به شهاڻو هوندو هو. مٿي تي هوندس ڊبل تري سان ريشمي پڳ، بدن تي ململ جو چولو، الپاڪي جو ڪارو ننڍو ڪوٽ، چلوار جي ڏه والي سلوار، سير لڳل جتي، هٿ ۾ بيد جو سنهو لهڪڻ، توبري ۾ نقشا، جن جا پوٽ ٻاهر، قلمدان اندر اڳڙي پيل ڪاري مس، مسچٽي بدران واريءَ سان ڀريل ڊبلي، ڪانهن جا قلم ۽ هڪ اڌ اسٽيل، يا جي ترقي ڪيل هوندو ته گيدي ۾ فائونٽين يا "انڊي پنڊي" هوندس. زير ويچار لکپڙهه يا دانهن جي درخواستن جا بنڊل به ساڳئي توبري جي پيٽ ۾ پيل هوندا.

تپيدار سان گڏ "ڪوٽوار" به لازمي هوندو هو. ڳوناٺن کي ڊيڇارڻ، تپيدار ۽ مختيارڪار جي گهرن لاءِ گيهه مکڻ گڏ ڪرڻ ۽ رسائي جو انتظام ڪرائڻ سندس ذمي هوندو هو. تپيدار صاحب کي پلاءَ ڪهڙو وڻندو، گوشت ڪڪڙ جو هجي يا ننڍڙي ڪير پياڪ ليلي جو، تن اهم ڳالهين جي سڌ هو ڏيندو هو. وڏيري جي ڪمدار جي پڇڻ تي چوندو: "نيٺ به ته هفيسر آهي. گهٽو ڪونه ٿو کائي. ننڍڙي ليلڙي کي ڪري سير وجهاءِ. ڦوٽي جي داڳ سان ڳنڍڻ هجي، به ٽي ٻوٽيون ڪري سگداسين ۾ وجهرائي طبيب چيو اٿس ته ڪم ڪاڪتيءَ ڪري چيلي جو ميڄالو جرور کائي. سو آهو به ڪري ترائجانئين. ڇهر لاءِ جيرن ٻڪين جا ٽڪر به ڪري هجن. ڏندن جو مڙيئي ڪچو آهي سو مکڻ ۾ تريل نرم آڦراٽا هجنس."

اهڙي طرح تپيدار ۽ ڪوٽوال صاحب به کائي پئي، خرچين سان ڪيسا ڀري روانا ٿيندا. انهن اَپرانڊ انجنيئري ڪاتي وارن جي پٽ سٽ ۽ بيگر جو ظلم به غريب هارين کي سهڻو پوندو هو، ڇو جو ته واهن مان پاڻي ڏيڻ يا نه ڏيڻ انهنجي هٿ وس هو. ائين ناهي ته ڪي سڀيئي ڪامورا غريبن کي چوسڻ وارا ها، ڪنڊن ۾ گل ٿيندا ئي آهن. انهن ۾ اشرافت جو انگ هوندو هو ۽ پيٽ ڀرڻ لاءِ لاهي پاهي نه ٻيهندا ها. ديرينا، خدا ترس، همدرد ۽ نيڪ. اهي آفيسر ئي انگريز حڪومت جا زيب، زينت ۽ زيور ها. خود انگريزن کي به جرئت ڪانه ٿيندي هئي جو ڪين ڪو ناجائز ڪم ڪرڻ لاءِ چون. هو اڙهئي موڙهئي جي مدد ائين ڪندا جنهن ۾ ٻئي ڪنهنجي حق تلفي نه ٿئي.

ديوان آڏارام سکر جو سٽي مئجسٽريٽ هو. هنجي اڳيان هڪ وڏو ۽ تواريخي ڪيس پيش ٿيو. پوري پڪ ناهي پر چيف منسٽر الله بخش سومري جي خون بنبست سرڪار، خان بهادر کهڙي تي اهو ڪيس ڪيو هو. جوابدار جو

وڪيل قاعدي اعظم جناح هو ۽ فريادي سرڪار طرفان سر فانسز لوبو هو، جنهنکي سرڪار هاءِ ڪورٽ جي ججيءَ تان استيعفا ڏياري، ان ڪيس جي ڪاميابيءَ لاءِ مقرر ڪيو هو. سرڪار جو وڏو زور هو تہ خون جو ڪيس ثابت ٿئي. ٻنهي طرفن جا وڪيل، هندستان جا وڏي ۾ وڏا وڪيل ها ۽ هر روز نوان ڀڀڪيدار لباس پائي ايندا ها. ڪيترا مهينا ڪيس هليو پر ديوان آڏارام پنهنجي سادگي سادي سوٽ ڪوٽ ۾ ايندو هو. آخر فتويٰ ڏنائين، پنهنجي آقائن انگريزن جي پرواهہ نہ ڪري جوابدار کي بيڏوهي نهرائي ڇڏي ڏنائين. انهن ڏينهن ۾ مئجسٽريٽ جي پگهار ڪا خاص چڱي نہ هوندي هئي. مڙيئي ڇڪي تاڻي گهرو خرچ جي پورت ڪندو هو. چاهي ها تہ ان هڪ ئي ڪيس ۾ پنڻ ٻارهن ٿينس ها، لکن جي رشوت ڳجهيءَ طرح مليس ها يا ڪنهن وڏي عهدي تي رسي ها. جنهن سان خوب جاوا ڪري مالامال ٿي پئي ها. پر اهڙا آفيسر انهيءَ لوڀ لالچ کان گهڻو مٿي ها.

ٻيا بہ اهڙا سوين مثال آهن جن ۾ هندو مسلم ڪامورن، پنهنجي بالا آفيسرن جي مرضيءَ کي ريٽي غريبن کي انصاف ڏياريو. ديوان ڏيارام گدومل، سيشن جج. سکر جي ڪليڪٽر ميرچندائي بہ اهڙا گهٽيئي ڪم ڪيا. مسلمانن ۾ چار عيسائي پائر بہ ڪليڪٽر وغيره وڏن عهدن تي ها، بي داغ، ايماندار ۽ محتاجن جا مددگار هوندا ها. ڪو منجهيل سنجهيل ڪمي ايندن تي جيسين اُها مونجهہ نہ سئين ڪندا، تہ پنهنجي ماني بہ وسري ويندن. ڀاڙو، خرچ، مانيون ٽڪيون سڀ پنهنجي هڙان، بلڪ ڪم واري جا خرچ بہ پنهنجي سر تي. اهڙا هندو مسلم ڪامورا پاڻ بہ خوش، جڳ جهان بہ خوش ۽ رب بہ راضي. اهڙا پروپڪاري سڄڻ سنڌ جي سونهن ها.

## ٽن اُصولن جا مسلمان

هڪڙا ها ڪٽر مذهبي، پرائيءَ لڪير جا فقير، ٻيا آزاد خيال تعليم يافتا ترقي پسند ۽ ٽيان صوفي سگورا. جيتوڻيڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي،- ترجمو: مختلف وقتن ۾ مختلف نبي مختلف قومن لاءِ ايندا رهيا آهن ۽ انسان کي افضل ۽ اشراف زندگي گذارڻ جو طريقو ۽ هدايت ڪندا رهيا آهن. اهڙي ڪابہ قوم نہ آهي، جنهن لاءِ خدا ڪو نبي يا رسول نہ موڪليو هجي. تنهن هوندي بہ هي ڪٽر هندستاني مسلمان چوندا ها تہ اسلام کانسواءِ ٻيا سڀ مذهب ڪفر ۽ غليظ آهن ۽ انهن جا سنت مهاتمائون بہ دوزخ جي باهہ ۾ جلندا ۽ ٻين ڌرم وارن کي اسلام ۾ آڻڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، جنهنڪري بهشت ۾ حورن جو حقدار ٿبو.

اهي ڪٽر اسلامي، انگريزي تعليم ۽ سائنس کي مذهب لاءِ خطرناڪ سمجهندا ها. انگريزدان، ڏاڙهيءَ جهڙي مذهبي چيز ۽ خدائي تحفي کي ڪوڙائي ڇڏيندا ها. جيڪو سندن مذهب برداشت ڪري نٿي سگهيو. نيڪٽاءِ ته بنهه عيسائيت جي صليب سان وفاداريءَ جي نشاني آهي. هو چوندا ها ته اهي جديد علم ۽ سائنس جا پيروڪار اسلام کي خطري ۾ وجهي رهيا آهن. ان لاءِ معزز سومرو سودائي ڇاتو چئي سو ٻڌو:

خدا تنهنجو سدائين آ، ڪيو آرام خطري ۾،
اجايو تو هٽين ڇاڙي ته آ، اسلام خطري ۾،
لکي تعويذ ڪوڙا پيو ڪرين تو ملڪ آزاري،
غريبن کي ڦري پنهنجي ڪرين پيو تو دڪانداري،
نڀڳيءَ جا ناه ناهيندي ڪٽي آ، باه تو ٻاري،
اجايو تو هٽين ڇاڙي ته آ، اسلام خطري ۾.
رکي دنيا کي دوکي ۾، وڏو بزرگ سڏائين تو،
کڻي تسبيه هٿن ۾ تون، شريفن کي منجهائين تو،
ڏتا ڏيئي غريبن کي، مفت جا مال کائين تو،
اجايو تو هٽي ڇاڙي ته آ، اسلام خطري ۾.

درحقيقت ڳالهه هئي پيٽ جي! تعليم يافتن کي ملان ۽ مولوي پنيلائي نٿي سگهيا. هو جاهلن کي سڳڙا ڌاڳا ڏيئي، چندا ڦيٽا ڪري پنهنجو پيٽ پريندا ها تعليم يافتا، ابوجهن کي چوندا ها ته چوتا پاڻ ڦرايو ته هو مورڳو وڙهي پوندا هئن. انهنکي اهڙيون پوپٽيون پڙهايون هئائون جو هو چوندا ها، "هي ڪاني ڪرامت جا ڏٽي آهن. هنن جو راضپو گويا خدا جو راضپو آهي. پنهنجي ڪمائي کاين ٿا. اسين هننجي پني آهيون."

ديندار تعصبي مسلمانن جا اڳواڻ ها مولانا محمد علي، شوڪت علي ۽ ٻيا ملان مولوي. گانڌيجيءَ انهنکي اڳڙائي ڏيئي آل انڊيا ليڊر بڻائي سندن ڏاڪو ۽ وزن، آبرو ۽ اثر وڌايو هو. عام ماڻهن، جن جو نالو به نه ٻڌو هو، سي اُڌاريءَ روشنيءَ تي چمڪي رهيا ها. ڪين نه رڳو ڪانگريس مان پر عوام مان به نالهي ٻڌا پئسا ملڻ لڳا ها.

تعليم يافت مسلمانن جو پنهنجي قوم لاءِ ڏاڍو هڏ ڪرڪندو هو. هنن ڇاتو

تي تہ يورپ وارا سائنس ۽ علم جي زور تي اهڙا زبردست شهزور ٿيا آهن جو جيڪي ملڪ اڳ تلوار جي زور تي اسلام ۾ آيا ها سي سڀ هينئر يوربي حڪومت جي زيردست آهن. هنن سائنس ۽ علم جي ساڳي طاقت، مسلم قوم ۾ آڻڻ ٿي چاهي ۽ ان لاءِ هنن عليگڙه مسلم يونيورسٽي ۽ ٻيا علمي اداره برپا ڪيا ها. انهن ترقي پسند مسلمانن ۾ مکيہ ها، سر سيد احمد خان، ڊاڪٽر انصاري، ڊاڪٽر ڪچلو، راجا آف محمود آباد، سر محمد اقبال ۽ انهن جو اڳواڻ هو مسٽر جناح. ملان ۽ مولوين ڪان اِهو سٺو نٿي ويو تہ عام مسلمان سندن چنبي مان نڪري تعليم يافتن جي اثر هيٺ اچن. ان لاءِ ٻنهي جون پاڻ ۾ چڪريون لڳنديون هيون.

قرآن شريف ۾ لکيل آهي تہ علم ئي اسلام جو بنياد، سهارو ۽ ساه آهي. پيغمبر صاحب ور ور ڪري مسلمانن کي تعليم جو طالب ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي تہ علم جي حاصلات لاءِ ڪيڏو بہ ڪين پري، چين ولائت وڃڻو پئي تہ بہ اهو سندن فرض ۽ غرض آهي. حيرت تہ اِها آهي تہ پاڪي نبي رسول جا پيرويڪار چوائيندڙن ئي، مسلمانن ۾ علم جي برخلافي پئي ڪئي.

ترقي پسند مسلمانن جو چوڻ هو تہ اسلام دنيا ۾ محبت ۽ امن جو پيغام آندو آهي، پر ملن ۽ مولوين اُنکي نفرت ۽ بدامنيءَ جو باعث بڻائي ڇڏيو آهي. هو ابوجهہ مسلمانن کي مذهب جي نالي گمراه ڪري رهيا آهن ۽ مذهب خطري ۾ چئي، بي بنياد ۽ محض ڏيکاءَ جي ڳالهين ۾ قوم جي سڌاري ۽ ترقيءَ جي مسئلن کي منجهائي ڇڏيو اٿن. انهن مذهب جي ٺيڪيدارن پنهنجي خود غرضيءَ لاءِ اتفاق جي عيوض نفاق، محبت بدلي نفرت، عقل عيوض وهم پرستي ۽ سڌاري جي جاءِ تي بگاڙو پيدا ڪيو آهي.

تاريخ شاهد آهي تہ ڌرم جي نالي ڪيترا نہ اڌرم جا ڪم ڪيا ويا آهن! هندو ڌرم ۾ انسانن ۽ جانورن جي قرباني ۽ ٻيا بيرحميءَ جا ڪم ڪيا ويا ۽ ڪروڙن انسانن کي اڇوت بڻايو ويو. عيسائي ڌرم وارن هزارن کي جيئري جلايو ۽ صليبي جنگين ۾ لکن کي تباه ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ حضور پيغمبر صاحب ور ور فرمايو آهي: "سچو مومن اُهو آهي جنهن کان ماڻهن کي جان ۽ مال جو خطرو نہ هجي ۽ سيني کي پنهنجو دين ۽ عقيدن رکڻ جو حق آهي." ان هوندي بہ اسلام ۾ آزاد خيال عالمن ۽ درويشن کي سخت سزائون ڏنيون ويون. منصور کي سنگسار ڪرائڻ، شمس تبريز جي کل لهرائڻ، سرمد جو قتل، شاه عنايت کي شهيد ڪرڻ، شاه بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙائڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪئين قهر انهن تعصبي مذهبين اسلام جي نالي ڪيا آهن.

تعليم يافت اڳواڻ نيڪيءَ ۽ اخلاق کي چڱو ڪم سمجهندا ها ۽ هندن کي زوريءَ مسلمان بڻائڻ جي فائدي ۾ نہ ها. هو چوندا ها تہ قرآن شريف جي آيت

آهي "توکي تنهنجو دين ۽ مونکي منهنجو دين" حضرت رسول فرمايو آهي. ترجمو: يعني خلاف خيال ۽ عقيدي کي برداشت ڪرڻ سان خدا جي رحمت ٿيندي.

تعليم يافته ۽ ترقي پسند مسلمانن جي وفاداري پنهنجي وطن سان هئي. انهن سمجهيو ٿي ته ڀارت جي آزاديءَ جو مسئلو رڳو هندن جو ناهي ڇو جو ته انگريزن، هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙو غلام بڻائي رکيو آهي ۽ هن ملڪ جي آزاديءَ ۽ آسودگيءَ ۾ ٻنهي قومن جي هڪ جهڙئي ڀلائي آهي، تنهنڪري هو آزاديءَ جي هلچل ۾ هندن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڪم ڪندا ها. انهن مان ڪانگريس جا ڪئين پريزيڊنٽ ٿيا. مسٽر جناح جون پرجوش تقريرون ٻڌي ماڻهو "انقلاب زنده آباد" ۽ ڀارت ماتا ۽ جناح صاحب جي جئه جئڪار جا نعرا لڳائيندا ها. بمبئي ۾ هڪ عاليشان عمارت "جناح هال" جي نالي نهرايائون جتي اڄ تائين قومي ڪارج ٿيندا رهندا آهن.

تعصبي مسلمانن جي خلاف ٽئين عقيدي وارن، صوفي سڳورن جو اثر به عوام تي گهٽ نه هو. هو سڀني مذهب وارن ۾ حق جي جهلڪ پسندا ها. جيئن ڪنهن باغ ۾ هڪ قسم جي گلن بدران، مختلف گل اُن جي زينت ۾ اضافو ڪندا آهن تيئن دنيا ۾ جدا جدا فلاسافيون، عقيدا ۽ رنگ روپ اُن هڪ ئي جانب جو اعليٰ جمال ڏيکارين ٿا. انهن درويشن جا ڪلام ڳليءَ ڳليءَ ۾، اوتارن ۽ اوطاقن ۾ ڳاتا ويندا ها. انهن صوفي سنتن، مذهبي تعصب ۽ ڪٽرپڻي کي سخت ننديو آهي. سچل سرمست ٿو چئي:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخيءَ، پيريءَ، بزرگيءَ بيحد ڀلايا،
بهشت دلاسو، دوزخ دڙڪو!

شاهه عبداللطيف چيو آهي:

منهن ته موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس (شيطان)
اهڙو خام خبيس، ڪڏهن ڪوءِ نه ڇڏئين؟

ٻئي هنڌ:

روزا نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
پر اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

روحل فقير ڪي پڏو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وچ وڌائون وير،
اندن اوندھ نہ لهي، تنکي سچ چوندو ڪير،
"روحل" راھ پريئن جي، گهمي ڏٺوسين گهير،
تہ رب مڙيني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪيڏانهن ڪندي پير، جا ستي ڪبعي الله ۾!

دلپت صوفي:

جي پپر ۾ پرميسر، تان ڪو پپر ۾ ٻيو،
جي اسلام ٿيو الله ڪون، تان ڪفر ڪنهن ڪيو؟
جي ڪعبو خانو خدا جو، تان ڪو ڏيون ڏوھ ڪيو،
مڙهيءَ ۽ مسجد ۾، روشن هڪ ڏيو،
دلپت ڪيئن پيو، خلل اڇي هن خلق ۾!

ٻين هزارين درويشن بہ ڪٽر مذهبين کي نهايت سخت لفظن ۾ نِنديو آهي:

١- ملن ۽ پيرن، پنهي ٻوڙيو دين کي،
٢- ملان ٿيا مردود، پير پوڄاري پيٽ جا،
درد نہ تن کي دين جو، ٿيا ڳا نامسعود،
ڪفر ۽ ڪمينپ جا ٿا دل ۾ دکائن دود،
غرض خاطر غريب ٿيو، سيون ڏين سجود،
انڌا هي آخوند، دشمن اٿئي دين جا.
٣- پوڄو جن پيرن کي، ٻيڙي تن ٻڏي،
آجا ٿيا اسلام کان، ڪفر پيو ڪڏي،

ملا جي منهن پيا، ويل ٿين وڏي.
کيو کسب قرآن کي، ميڙن مال مڏي،
جن وحدت واٽ ڇڏي، اگهڻ نه وڃ اُن جي.

اهڙيءَ طرح جا هزارين بيت ۽ درويشن جا ڪلام ڪٽر مذهبين جي اڏنگاين ۽ دين فروشيءَ متعلق هئا ڇو جو ته انهن هاڃا ڪري ماڻهن جا رانگا لاهي ڇڏيا ها.

ٻي وڏي ڳالهه جنهن تي ڪٽر مذهبين ۽ ترقي پسند مسلمانن جو پاڻ ۾ اختلاف هو سا هئي **خلافت** جي. اِهو معاملو هيءُ هو ته ڪي ڪٽر پنٿي مسلمان، ترڪيءَ جي سلطان کي سڄيءَ دنيا جي مسلمانن جو مذهبي خليفو ليکيندا ها. ١٨-١٩١٤ع ۾ ان خليفي، جرمنيءَ سان ٻڌ ٿي، ٻين يورپي ملڪن سان جنگ جوٽي هئي. جڏهن هارايائون ته فاتح ڌر انهن ٻنهي ملڪن جي ضابطي ۾ جيڪي ملڪ ها تن کي آزاد ڪيو. جرمنيءَ جا ڏه ملڪ ۽ ترڪيءَ جي تابع مان عراق، جارڊن، ميسو پوٽميا، سريا، عربستان وغيره ملڪن کي به آزاد ڪيائون. اُنهن مسلم ملڪن ۾ آزاديءَ جا جشن ملهايا ويا. دنيا جي ڪنهن به اسلامي ملڪ، ترڪيءَ جي خليفي جي پٺڀرائي يا همدردي نه ڪئي. رڳو هندستان ۾ ڪٽر مسلمانن وٽي هاءِ گهوڙا مچائي ته خليفي جي طاقت گهٽجڻ سان اسلام خطري ۾ ايندو. تنهنڪري اُنهن خلافت جي هلچل هلائي. ان هلچل جا مکيه اڳواڻ ها مولانا محمد علي ۽ شوڪت علي.

اِهي ٻئي مولانا سفارت وٺي انگلنڊ ويا ته اُت ڪنهن توجه نه ڏنن، واپس هندستان آيا ته پنهنجي قوم وارن به پورو داد نه ڏنن ته اچي گانڌي جيءَ جي ڪڍ لڳا. ان وقت ڪانگريس ۾ گانڌي جيءَ جي ڪل مختياري هئي. سپٽمبر ١٩٢٠ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ گانڌي جيءَ، انهن مولانائن جي پٺڀرائيءَ ۾ نهراءُ آندو ته ڪانگريس کي خليفي جي حمايت ۾ زبردست هلچل هلائڻ گهرجي. اُن جي مسٽر جناح مخالفت ڪئي ته، ”ڪانگريس کي مسلمانن جي مذهبي ڳالهين ۾ دخل ڏيڻ نه گهرجي. جيڪي مسلم ملڪ خليفي جي غلاميءَ مان آزاد ٿيا آهن تن جي آزاديءَ آڏو اسان ايندا سين ته اسانکي پنهنجي ملڪ لاءِ آزادي گهرڻ جو ڪهڙو حق آهي!“

ڪانگريس ۾ گانڌي جيءَ جو نهراءُ پاس ٿي ويو ته دنيا جون ڪئين اخبارون جيڪي اڳ هندستان جي آزاديءَ جي پٺڀرائي ڪنديون هيون، تن زبردست ليک لکيا ته جيئن ته هند ڪانگريس ٻين ملڪن جي آزاديءَ آڏو اچي

رهي آهي تہ ڀارت کي بہ آزادي ملڻ نہ گهرجي.

گانڌي جيءَ جي ان نهراوَ جي ٻين چندر پال، لجپتراءِ، مالويئہ، ديش ٻنڌو داس ۽ ٻين مدبرن سخت برخلافي ڪئي ۽ مسٽر جناح جي ٻپيرائي ڪئي. شري ڪنعيالعل منشيءَ پنهنجي ڪتاب Pilgrimage to Freedom جي 22 صفحي تي لکيو آهي:

Jinnah Warned Gandhiji not to encourage the fanaticism of the muslim religious leaders. Indeed he was not the only person who foresaw danger in the Khilafat movement. Srinivas Shastri wrote to Sir P. S. Sivaswami Aiyar... "I Fear the Khilafat movement is going to lead us to disaster."

ڀارت جي وڏن دماغي دورانديش مدبرن جي صلاح کي ريتي گانڌي جيءَ خلافت تحريڪ ۾ لکين ڪروڙين رپيا سواها ڪيا ۽ لکن هندن کي جيل موڪلارايو. پر سڀ کان وڏي هاڃي اها ٿي جو هن جناح جهڙن قومي اڳواڻن کي ڪانگريس مان ڪڍي ڇڏيو. شري منشيءَ پنهنجي مٿين ڪتاب جي ١٨ صفحي تي لکيو آهي:

When Gandhiji forced Jinnah and his followers out of the congress, we all felt with Jinnah that the movement sponsored by Gandhiji would inevitably result in widespread violence, provoke mass conflict between the two communities, as in fact it did. Jinnah firmly set his face against any dialogue with Gandhiji on this point.

شري ڪنعيالعل منشي ڪانگريس جو هڪ وڏو ليڊر، گورنر، ڀارتي وديا ڀون جو يورپ ۽ اميريڪا ۾ بہ ڀايو وڃهندڙ، ڪوڙين ڪتابن جو ليکڪ هو. هن لکيو آهي تہ نہ رڳو جناح صاحب جو پر ٻين دورانديش مدبرن جو بہ اِهو رايو هو تہ گانڌي جيءَ جي خلافت هلچل ۽ ڪٽر تعصبي مسلمانن کي هشي ڏيڻ ۽ حمايت ڪرڻ سان هندو- مسلم فساد ٿيندا ۽ برابر ائين ٿيڻ لڳا. گانڌي جيءَ جي غلطين بابت ٻين دانا اڳوڻن جا رايا لکندس تہ پوٿو پرچي ويندو. هيٺ رڳو سندس پٽي مکيہ چيلي ۽ گدي نشين جواهر لعل نهروءَ جو رايو ڏيانٿو. هن پنهنجي An Autography جي 72 صفحي تي لکيو آهي:

The influence and prestige of Moulvis, which had been gradually declining owing to new ideas, and westernisation, began to grow again and dominate the muslim community. The Ali Brothers themselve of a religious turn of mind helped in this process, and so did Gandhiji, who paid the greatest regard to the Moulvis and Maulanas.

مطلب تہ مولوي ۽ مولانا جيڪي عوام جي نظرن مان ڪري چڪا ها ۽ جن کي ڪو پڇي بہ نہ پيو تن کي گانڌي جيءَ اهڙو چاڙهو ڏنو جو عام مسلمانن ۾

أنهن جو اثر وڌي ويو.

ڪلڪتا ڪانگريس ۾ جڏهن مسٽر جناح چيو ته هندستان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ خلافت جي معاملي ۾ دخل ڏيڻ نه گهرجي ته اِهو ٻڌي مولانا شوڪت علي ٻاٽيءَ مان نڪري ويو. جناح صاحب ڪيس سخت سبق سيکاري ٿي سگهيو پر هو سچو مسلمان هو. قران شريف ۾ چيل آهي: ”جيڪو شخص پنهنجي غصو ڪيڏڻ جي طاقت هوندي به پاڻ کي روڪي ٿو، اُن جي دل کي خدا ايمان ۽ اطمينان سان لبريز ڪري ڇڏي ٿو.“ ٻئي هنڌ پڙهيو اٿم ته نبي ڪريم فرمايو: ”توهان مان سڀ کان زياده ڪامل ايمان انهيءَ شخصي جو آهي جنهنجا اخلاق سڀکان سهڻا آهن. جيڪو سڀني ورتاوَ ۾ سڀکان وڌيڪ آهي..... مومن ڪڏهن به طعنو ڏيندڙ، لعنت ڪندڙ، بد ڪلام ٻوليندڙ نه ٿيندو آهي.“

جنهن جناح صاحب جي لياقت، دوراند يشيءَ ۽ قانوني قابليت اڳيان وڏا وڏا انگريز به نمندا ها، تنهنکي اِهي ٻئي مولانا خراب لفظ ڳالهائيندا ها. نه رڳو هن کي پر گانڌي جيءَ، جنهن کين گمناميءَ جي اوندهه مان ڪڍي شهرت ۽ جئه جئڪار جي چوٽ تي پهچايو ۽ مولانا محمد علي کي ڪانگريس پريزيڊنٽيءَ جو تاج پهرايو تنهنکي هو ڪنو ڪافر ڪوٺيندا ها. محمد علي لکيو:

I do hold an adulterous and a fallen musalman to be better than Mr. Gandhi.

يعني هڪ ذليل زناڪار مسلمان به گانڌيءَ کان بهتر آهي. هوڏانهن جنهن جناح صاحب جي گانڌي جيءَ ايڏي گهٽتائي ۽ خلافي ڪئي تنهن لاءِ هن ڪڏهن به ڪو هلڪو لفظ زبان تي نه آندو ۽ سدائين قومي ڪمن ۾ هن سان ساٿ ڏيندو رهيو. هن جو گانڌي جيءَ سان اُصولي تڪرار اِهو هو ته جيڪي مدي خارج خيالن جا مولوي ۽ مولانا، مسلم قوم کي بي علمي ۽ جهالت ۾ رکڻ چاهين ٿا تن جي حمايت ڪري گانڌي جيءَ مسلمانن جي ترقيءَ جي آڏو اچي رهيو آهي.

اڳتي هلي تاريخ ثابت ڪيو ۽ گانڌي جيءَ خود قبول ڪيو ته خلافت ۽ تعصبي مولانا جي پيرائي ڪري هن همالي جيڏي غلطي ڪئي هئي. خود ترڪن محسوس ڪيو ته خلافت سندن ملڪ ۽ مذهب کي نقصان رسائي رهي آهي، تنهنڪري هنن خليفي کي گديءَ تان لاهي ڦٽو ڪيو. گانڌي جيءَ جي پوءِ پڇتاءُ ڪرڻ مان ڪهڙو سود! انگريزيءَ ۾ چيل آهي:

There is nothing more tragic in life than the utter impossibility of changing what you have done.

نيٺ به مسلمانن کي ڪير ڪم آيا؟ ملاءِ مولوي ڪين ترقي ۽ تعليم پسند اڳواڻ؟ باوجوده عبادتن، اخلاق حميده، پخت عقيدن جي ملان ۽ مولانا ناڪامياب ٿيا ۽ مسٽر جناح، تنهن دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي مسلم حڪومت برپا

ڪئي! هو قرآن شريف جي بنيادي عقيدن جو پائبند، خلق جو خيرخواه، علم ادب اخلاق ايمان ۽ اطمينان سان لبريز اعليٰ انسان هو.

## هندو مسلم تعلقات

ٻين صوفي سنتن وانگر، مرزا قليچ بيگ ٻه لکيو آهي:

هندو ۽ مسلمان دِلا، هڪڙي ڪنڀر جا،
ڳنڍجن ٿا گهڻا ٿانءَ، مگر آهي مٽي هڪ.

سنڌ ۾ روز مره جي ساڳئي زندگيءَ ۾ هوا پاڻيءَ ۾ هندو مسلمانن جو روح ملي جلي هڪ ٿي ويو هو ۽ جدا جدا مذهبن جو ٻيو لڱل هوندي ٻه سنڌن چال چلگت، ورتاءُ خيال ۽ تهذيب هڪجهڙي هئي. ڀارت جي ٻين هندن کان، سنڌي هندو ۽ عربستان جي اسلامين کان سنڌي مسلمين نرالا ها. جڻ تہ سنڌي هندو ۽ مسلمان، سنڌيت جي هڪ سڪي جا ٻہ پاسا هئا.

هندو خواه مسلمان صبح جو ننڊ مان اٿندا تہ چوندا ها، "صبح جا سائين! دک درد، قرض مرض متائين." کو کم رهجي ويندن تہ چوندا، "اول خير، سپاٽي باقي پورو ڪبو." سنڌن تڪيا ڪلام ٻه ساڳيا هوندا ها، "الله (ڀڳوان) توکي نيڪي ڏي"، "اڳتي ٻه ننگ، ننگيءَ تي آهي" - "جيڪو ڪندو سو پاڻهي ڀريندو"، "آئي پائي ڳالهہ تي مان پنهنجو ايمان ڪونہ وڪڻندس" "توڪل جا ٻيڙا پار آهن." ڪنهنکي پٽ پاراتو ڪندو ٻڌندا تہ ڪنن ۾ پاپڙين تي هٿ رکي، جانو پري چوندا ها، "هندو مسلمان جو خير! پٽيندا پرکي، لڳندي گهرکي." مطلب تہ خيالات ۽ ڳالهائڻ ۾ ٻہ هڪجهڙائي هئي.

هڪجهڙائي هوندي ٻہ رد عمل ٻہ هئي، پکيءَ جي ٻن ڪنپن مثل هڪ ٻئي جا پورڪ ها. مسلمان، بهادر زنده دل، ويڙهو، فضول خرچ، حساب ڪتاب يا واپار کان بيخبر ها ۽ هندو، مانيٽا، حليم تعبيدار، دورانديش، ليکي چوکي ۽ واپار ۾ افلاطون ۽ صرفي سنجم وارا ها. ٻنهي کي پنهنجي سک سلامتيءَ ۽ دنيوي وهنوار لاءِ هڪ ٻئي جي سخت ضرورت هئي. تنهنڪري ٿي مسلمانن جي صاحبيءَ ۾، حاڪم تہ هو پاڻ هوندا ها پر سنڌن خزانچي، ڍلون اڳاڙيندڙ، لشڪر کي پگهارون ۽ رسد رسائڻ وارا وزير هندو هوندا ها. هڪ ٻئي کانسواءِ راج ڪاروبار نہ هلندو هو. اسانجي سنڌ ڇڏڻ تائين وڏن زميندارن ۽ سردارن جي آمدني ۽ خرچ يا ٻيو انتظام هندو مودين جي حوالي هوندو هو. ڪن مسلم گهراڻن جون

سخت پرده نشين زالون، اهڙن هندو مودين کان پردو نه ڪنديون هيون ۽ انهنجي ذريعي ڪاروبار هلائينديون هيون. ڳوٺن ۾ جتي پوليس نه پهرو، سؤ- ڏيڍ سؤ مسلم گهرن جي وچ ۾ صرف هڪ هندوءَ جو دڪان هوندو هو، جتي هو باعيال بيڌپو ٿي رهندو هو. ڳوٺ جي واڻئي سان ڏاڍائيءَ ڪي مسلمان نامردي ۽ ڪميٽائپ ليکيندا ها. ڏيتي ليتي سڀ اوڌر ۽ اعتبار تي، واڻئي جي پائي ميري ڪانه ٿيندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن قرض ڏيڻ کان ڪيٻايو ۽ منهن موڙيو ته يڪدم چئن چڱن وٽ وني ويندس ۽ هو ڪيس پائي پائيءَ تي وني ڏيندا ها. هندڪي- مسلمانڪيءَ جو سوال ئي ڪونه هوندو هو. ڳوٺن ۾ نه هيون اخبارون نه مهاسڀائي ۽ نه خلافتي، سڀ پاڻ ۾ پائرن جيان آئن ۽ ويهن، شاديءَ ۾ ٻه هڪ ٻئي سان سدائين همدوش. راڄ ۾ ڪو فيصلو ٿيڻو هوندو، چار چڱا اچي ويهڻا هوندا، اُتي پاڙيسري هندوءَ کي ضرور ڪونيو آئيندا ها. جي ڪوٽ ڪانه ڏنائونس ته سنگت جي ميار چڪين ۽ گلارو ڪرين. جنهنجو هننکي گهڻو احساس ٿيندو هو ۽ معافي وني جند ڇڏائيندا ها. هندوءَ جي گهر ناچڳائي ٿيندي ته مسلمان سندس خدمت ۾ اچي ويهندا ها ۽ هندو به ساڻن ساڳيا پير پريندو هو. سندن همدردي ۽ قرب ڏسي حيرت لڳندي هئي.

ڀراڙيءَ جا واڻيا به پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا ها ۽ مسلمانن جي جهيڙن جهڳڙن ۾ دخل نه ڏيندا ها. معزز مسلمانن کي نوڙي سلام ڪندا، قرآن مجيد جي اهڙي عزت ڪندا جهڙي گيتا جي، مسجدن ۾ رات جو ڏيئا ٻاري رکندا ها. سندس لباس به سندن رهڻيءَ جهڙو سادو هوندو هو. گوڏن تائين ڌوتي، مٿي ۾ ننڍي ٽوپي يا مختصر پٽڪو، اڌ ٻانهن سان چولو، چولي اندر جٽيو.

سنگت وانگر ٻيو جيڪو گڻ هوندو هئن سو هو پاڙي جو ننگ. پاڻ ۾ ڪيڏي به دشمني هوندن پر ڪنهن پاڙيسريءَ تي ڪا آپدا اچي پوندي ته هر مناسب نموني اُن جي مدد ڪندا ها. نه رڳو مصيبت ۾ پر شادي مراديءَ يا غميءَ ۾ هڪ ٻئي سان ساٿ ڏيئي ويهندا ها. شاديءَ جون ديڳيون چڙهنديون ته اُهي پاتلان، هندو خواه مسلمان پاڙيوارن ۾ هڪ جهڙيون ڏبيون هيون. نئين ڪنوار ايندي ته منهن ڏساڻي لاڳو يا سوغاتون مسلمان پاڙيواريون به ڏيندس. ڪنهن جي ڌيءَ پيڻ ٻاهران ايندي ته ٻين مائٽن وانگر مسلمان پاڙيسريون به اُن کان نئين گهر ۽ گهوٽ جو سک دک پڇڻ ايندليون هيون.

هندو، مسلمانن جي درگاهن کي به پنهنجو پوتر آستان سمجهي ٻارن جي جهنڊ اُتي لهرائيندا، پيتا چاڙهيندا ۽ باسون باسيندا ها. چاليهي ۽ ٻهراڻن ۾ شرنائي ۽ دهل وڄائيندڙ مسلمان هوندا ها. سيوهڻ ۾ لعل شهباز جي ساليانيءَ شاديءَ ۽ ميهنديءَ جي جوابداري هندن جي حوالي هئي ۽ درگاه ۾ صدق سان

زيارتن ۾ نذرانا رکندڙن ۾ هندو، مسلمانن کان گهٽ نہ هوندا ها.

ڪئين هندو، صوفي درگاهن جا خليفا ۽ فقير هوندا ها. مشهور نماڻو فقير، درحقيقت شڪارپور جي هڪ هندو وڏگهراڻي زال هئي جنهن سنڌ ۽ هند ۾ سچل سائينءَ جو جيترو پرچار ڪيو اوترو ڪنهن بہ ٻئي ورلي ڪيو هوندو. لاڙڪاڻي جو ديوان جوتومل، ڪندريءَ جي پير جو خليفو هو. کهڙن جا نالي ڪٽي کهڙن جا ڪٽجن! عاشورن ۾ هندو، مسلمانن کي شربت پيئاريندا ها. ڪئين هندو، رمضان مهيني ۾ روزا بہ رکندا ها. جمع جي ڏينهن هندو بہ اُن کي "ٿارون" چئي شيءِ ڪارج ڪندا ها. پنجو ديري ۽ طيب وغيره جا ديوان تہ مسلمانن جي ڪاربن ڪاپي ها. گهر اندر بہ مسلمانڪو لباس ۽ ٻاهر سوٽ ڪوٽ. ڪي ڪي تہ مٺ جيڏي ڏاڙهي بہ رکائيندا ها تہ پڪا مولوي پيا لڳندا ها.

هندو- مسلمانن جا نالا بہ اڪثر ساڳيا ها. رڳو پڇاڙيءَ ۾ فرق رکندا ها. مثلن، فتحچند- فتح خان. خانچند- خانمحمد. عالمچند- عالم خان. لونگ مل- لونگ خان. ڪرمچند- ڪرم علي وغيره. هندو زالن ۽ مردن جا ڪئين نالا فارسيءَ ٻوليءَ جا هوندا ها جيئن تہ پسند، قيمت ۽ قسمت يا جمتراءِ، حشمتراءِ، مهتابراءِ، ذوقيرام وغيره.

جن هند آڪاهين اسلام اختيار ڪيو تن مان گهڻن پنهنجي آڪہ جو نالو ساڳيو قائم رکيو هو. مثلن: جماڻي، لنڊ، ٻجاج، جوڻيجا، جاڙيجا وغيره. اڄ بہ هندو خواه مسلمانن ۾ اِهي ساڳيون ذاتيون آهن. پر ٿرپارڪر ضلعي ۾ جيڪي هندو، مسلمان ٿيا، اُنهن پنهنجا شخصي نالا بہ ساڳيا قائم رکيا. ١٩٣٦ع ۾ جڏهن اسيمبلي اليڪشن ٿي تہ هندن ۽ مسلم ووٽرن کي جدا جدا ووٽ ڏيڻا ها. اُن وقت مسلمان ووٽرن جي لسٽ ۾ راڌو، ڄڄو، ڪشن، اُديسنگهہ وغيره نالا ڏسي اچرج لڳو پر جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ انهن نالن وارا برابر مسلمان آهن. مسلم زالن جا نالا بہ هندوڪا ها. جيئن تہ ڄاڻان، ميٺاوتي، ڪملا، ويرٻائي ميرا وغيره.

ٿر جي راجپوتن پنهنجون نياڻيون، مسلمان خاندانن کي نڪاح ۾ ڏنيون پر آهي زالون، مسلمان هوندي بہ پنهنجن ٻارن تي هندوڪا نالا رکنديون هيون ۽ سندن تربيت بہ هندوڪي نموني ڪنديون هيون. تنهن تي اصل مسلمان ڪين گهٽ درجي جو ليکيندا ها ۽ بدلي ۾ هو بہ کين اوڇو سمجهنديون هيون ۽ پنهنجا برتڻ بہ جدا رکنديون هيون. سندن شاديءَ ۾ نڪاه ڪانپوءِ ٻانڀڻ کان ويدڪ منتر بہ پڙهائيندا ها. جيئن جاوا انڊونيشيا ۾ اڄ بہ ڪندا آهن. پر پاڻکي مسلمان ڪوٺائيندا آهن.

اصل پڪن سنڌي مسلمانن ۾ شاديءَ جا سوڻ ساٺ بہ لڳ ڀڳ هندن جهڙا

ٿيندا ها. جيئن تہ ونواہ ۾ ويهڻ، ستن سهاڳڻين جا سوڻ ساٺ، تيل وجهڻ، ٻڪي پائڻ، اهنر جو ڪاتي ڪٽي گهوٽ سان گڏ هجڻ، ڳانا ٻڌڻ، لوڻ موائڻ، ستاوري جون رسمون وغيره. هندن وانگر مسلمان عورتون بہ ٽڏڙيءَ تي ٽڏو رکنديون هيون. سيتلا مائي نڪرڻ تي چندو بہ وجهنديون هيون. ڪو مسلمان نئينءَ جڳهہ ۾ ويهندو هو تہ آن ۾ ويهڻ کان اڳ، هندن وانگر نياڻين کي ماني کارائي ۽ خرچي ڏيئي پوءِ جڳهہ ۾ رهندو هو. ٻين اسلامي ملڪن ۾ اهو سڀ نہ ٿيندو آهي.

سوال ٿو اٿي تہ جيڪڏهن هندو مسلمانن جو پاڻ ۾ ايڏو اتفاق هو تہ پوءِ نفاق ڪيئن پيو؟ مذهبي ملان مولوين ۽ سياستدانن کي ان متئين ميل ميلاپ ۾ خطرو نظر ٿي آيو تہ متان مسلمان بہ هندن وانگر تعليم وٺي آزاد خيال ٿين ۽ سندن ڪوڙڪي مان نڪري وڃن. هنن مسلمانن کي عربن وانگر بلڪل علحدي قوم بڻائڻ ٿي چاهيو. ان مهم ۾ انگريز بہ ڪين همٿائيندا ها تہ جيئن مسلمان قومي هلچل ۾ هندن سان ٻانهن ٻيلي ٿي نہ بيهن ۽ پاڻ ۾ ويڙهو وڙهندو رهن، هنن Divide and Rule پاليسيءَ سان پنهنجي حڪومت پختي ڪرڻ پئي چاهي. وڏي غلطي گانڌي جيءَ ڪئي جو ڪٽر تعصبي ملان مولانائن کي چاڙهو ڏنو ۽ اٿي گاديءَ تي وهاريو تہ هنن رنڌڻي ۾ رولو وڌو. هو اُفرجي ويا ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا جنهن سان هندن جي دل کي ٺاهہ لڳي ۽ فساد ٿين. جي: ڪين ڪليو ڪلايو ڳئو ڪوس ڪرڻ جو حق آهي، نماز جو وقت هجي يا نہ، تہ بہ مسجد اڳيان باجا نہ وڃايو ۽ ڪين ڪهڙيءَ طرح بہ هندن کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جو حق آهي. پوءِ گهٽيئي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڀڄائي زوريءَ مسلمان بڻايائون ۽ جتي ڪٿي فساد ٿيڻ لڳا. مطلب هئن تہ هندن جي ڦرلٽ يا دڪانن کي باهيون ڏيئي اهڙو هيسائجي جو هو مسلمان ٿيڻ ۾ پنهنجي ڀلائي ۽ سلامتي سمجهن.

قرآن شريف ۾ آهي تہ "لا اڪراہ في الدين" يعني دين جي معاملي ۾ زور زبردستي روا نہ آهي. پر اهي ڪٽر دين دار نبي رسول جي ان اُصول خلاف هندن کي زوريءَ مسلمان بنائڻ ۾ وڏو ثواب سمجهندا ها.

جڏهن اِهي مذهبي، هندو نينگر ۽ نينگريون ڀڄائي زوريءَ اِسلام ۾ داخل ڪندا ها تہ هندو اڪثر بدناميءَ جي ڀوَ کان لڪائيندا ها. ورلي ڪو ممڻ بہ مچندو هو. پر آن مان ڪهڙو لاڀ، ڇو جو تہ گهڻيون پنچاتيون اهڙن مسلمان بڻايلن کي واپس هندو ڌرم ۾ قبول نہ ڪندا ها. مون کي ذاتي خبر آهي تہ هڪ هٽ آيل ڇوڪريءَ جي پيءَ پنچائت اڳيان گهڻوئي ٻاڏايو پر اُنهن پرشت تيل (؟) ڪنيا کي هندو سماج ۾ داخل ڪرڻ کان بنہ اِنڪار ڪيو. پوءِ آن نياڻيءَ آپگهات ڪيو يا اوَل ڀڄائي ويندڙ سان نڪاہ وڌو، سا خبر ڪانهي.

سناتني هندو، ڌرم بدلائڻ کي هڪ سڏانت- اُصول خاطر نہ مڃيندا آهن تہ

سڀيئي ڌرم- مذهب ساڳئي ڌڻيءَ سان ملڻ جا جدا جدا رستا آهن ۽ هڪ ٻئي کان گهٽ وڌ، چڱا مدا ناهن. جڏهن پادري اينڊريوز (گانڌي جيءَ جي دوست) ۽ ٻئي هڪ مسلم واپاريءَ، هندو ڌرم ۾ داخل ٿيڻ تي چاهيو تہ شنڪر اچاريہ اُن سبب انڪار ڪئي هئي تہ سندن عيسائي ۽ اِسلامي مذهبن ۾ ڪا گهٽتائي ڪانهي ۽ ڪين ڌرم بدلائڻ جو قوي سبب ڪونهي. نيڪي ۽ اخلاق، هندو ڌرم جا بنياد آهن ۽ ٻين مذهبن جا بہ ساڳيا اُصول آهن. "شڌي" جي بہ برخلاف هئا تہ جڏهن اسان سڀئي انسان اُن هڪ شڌ- پاڪ پرم آتما جا روپ جزا آهيون تہ ڪنهن بہ ٻئي مذهب واري کي "اشڌ" ڪنو يا ڪافر ليکڻ پنهنجي دين ڌرم کي ميسارڻ آهي.

اها ڳالهہ علحدي آهي تہ هڪ اعليٰ اُصول مطابق سڀني ڌرمن ۾ ساڳي چڱائي سمجهي، مذهب مٽائڻ جي ضرورت نہ سمجهجي پر جي ڪنهن اڻوجهہ کي زوريءَ گهر مان ڀڄايو وڃي ۽ اهو مظلوم واپس اچي تہ ڪيس گهر ۾ گهڙڻ نہ ڏجي! اِهو تہ سراسر اُن بيگناهہ تي، ڌارين ۽ پنهنجن جو ٻٽو ظلم ۽ مهاپاپ ٿيندو. اهڙن نادري فتوائن ۽ ٻين ڌرمي ريتين رسمن ئي هندو جاتيءَ کي سسائي گهٽائي، ديس ۽ ڳاڻاٽي ۾، اڳ کان پنجينءَ پتيءَ تي آندو آهي.

تعليم يافتا مسلمانن بہ هندن خلاف ڪاٺ ڪهاڙا ان لاءِ کنيا جو هو سمجهڻ لڳا تہ گانڌي جي اُنهن ڪٽر مذهبين کي پشتي ڏيئي رهيو آهي جيڪي مسلم قوم ۾ علم ۽ سائنس جي خلاف آهن، ڇو جو تہ هندو مسلمان جي بهبودي نٿا چاهين ۽ ڪين سدائين لاءِ جاهل ۽ هندن کان ڪمتر رکڻ چاهين ٿا. تنهنڪري هو پنهنجي قوم جي پست حالت لاءِ هندن کي تلاهي سمجهي ترشي وڌائڻ لڳا. ان ۾ ڪو مين ميک ڪونہ هو تہ هندو، هر لحاظ کان مسلمانن کان چڙهيل ها،- پيسي، تعليم، سرڪاري نوڪرين ۽ واپار ۾. اهو هو پنهنجي ڳڻن، ڪفايت ساريءَ، اُدم ۽ ٻاهرين ملڪن مان اتاه ناٽي آڻڻ سبب ٿيا ها پر تعليم يافتا مسلمان اهوئي پرچار ڪرڻ لڳا تہ، "هندو، مسلمانن جا حق ماري ۽ ڦري چڙهيا آهن، سرڪاري نوڪرين ۽ تعليمي ادارن تي تہ قبضو ڪري ويٺا آهن ۽ هينئر مسلمانن جون زرعي زمينون بہ هٿ ڪري ڪين پنهنجي ملڪ ۾ ئي برباد ۽ غلام بڻائي رهيا آهن. مسلمانن، اٺ سؤ سال هندن تي حڪومت ڪئي آهي ۽ اڄ اُهيئي ڦوسيڙا واڻيا مسلمانن کي تعبيدار بڻائي رهيا آهن! مومن ڀائرو: ڪجهہ سجاڳ ٿيو ۽ واڻين کي غالب پوڻ نہ ڏيو ۽ بزرگن جي بهادري ياد ڪري پنهنجي اڳئين اوج تي اچو!"

خير هتي اٺ سؤ سالن جي حڪوت جي انگ اکرن ۽ بحث ۾ نٿو وڃان پر انهن ڀائرن اِهو بہ ڪڏهن نہ چيو تہ هندن، لکين رپيا خرچي جيڪي ڪاليج، اسڪول ۽ اسپتال کوليا آهن تن مان وڏو فيض مسلمانن کي رسي رهيو آهي ۽

زهريلو وڻ ٿيو هو.

مثال وٺو پير علي محمد راشديءَ جو. هي صاحب اعليٰ اديب ۽ عالم آهي پر پاڪستان ٺاهڻ ۾ هن جهڙي جفاڪشي ٻئي ڪنهن ماءُ ٻچي نہ ڪئي هوندي. هن پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ لکيو آهي تہ جولاءِ ١٩٣٨ع جي سخت گرميءَ ۾ هندن ڪيس لکيءَ جي ڌرمسال ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو. تڏهن کان هن جي هندن سان عداوت پئي ۽ قسم ڪنيائين تہ جيستائين هو سنڌ مان هندن جي پاڙ پٽي ڪين جلاوطن نہ ڪندو تيستائين پنهنجي ڳوٺ جو منهن نہ ڏسندو. لکيئو: ”جنهن قوم ۾ ايترو انساني انگ ڪونہ آهي جو اسانجي جان بچائڻ خاطر بہ گهڙيون پنهنجي مسافرخاني ۾ اجهو ڏين، تنهن سان ڀائيچارو ٿي نٿو سگهي.“ هن پنهنجو قسم پورو ڪيو ۽ سنڌ مان هندن جو تڏو ڪٽايو.

پير صاحب جو اهو لکڻ بلڪل غلط بي بنياد آهي تہ هو ڪو لکي ڌرمسالا جي ڳالهہ تي هندن خلاف مچرجي پيو هو. اُن کان اٽڪل اٺ سال اڳ هو خان بهادر کهڙي جي اخبار ”سنڌ زميندار“ ۽ پوءِ پنهنجي ”سنڌ ستاره“ اخبارن ۾ سدائين هندن خلاف نفاق جي باه ٻاريندو رهندو هو. سبب هجي يا نہ، هنجو هندن تي حملو ۽ ڌوڙيو وسندو ئي رهندو هو. ٻيو، مان خود جڏهن ١٩٣٦ع ۾ لکي تيرٿ ۾ وڃي رهيو هوس تہ ان ساڳئيءَ ڌرمسالا ۾ وڃي رهيو هوس تہ منهنجي لڳو لڳ ڪمري ۾ بہ مسلمان ڪٽنب رهيل هئا. ڪراچي منگهي پير تي آسومل حلوائيءَ جو مسافرخانو هو ۽ ويجهو ”ساڌو هيرانند ڪوڙهين جو اسپتال“ هو، تن ۾ هندن کان وڌيڪ مسلمان رهندا هئا. ڪوڙهين کي ڪپڙا لٽا، کاڌ خوراڪ ۽ دوا درمل، هندو مسلمانن کي ساڳيو ملندو هو.

ائين بہ صحيح آهي تہ پوين سالن ۾ ڪن هندو مسافرخانن ۾ مسلمانن لاءِ بندش وڌي ويئي هئي. مذهبي ملن جي پرچار ڪري مسلمان، هندو ڌرمسالائن ۾ وڏو گوشت ويراڻ لڳا ۽ هندن جي ڦتن تي لوڻ ٻرڪڻ اسلام جو شان ۽ پنهنجو حق سمجهڻ لڳا ها. شڪارپور ريلوي اسٽيشن جي ٻنهہ سامهون سيٺ لٽيداسنگهہ بجاج جو مسافرخانو هو، جنهن ۾ نوانوي سيڪڙو مسلمان اچي رهندا ها. هو ڳوٺن مان ڪورٽ جي ڪم لاءِ ايندا ها ۽ ڪورٽ اُتي پرسان هئي. سيٺ لٽيداسنگهہ جو پٽ منهنجو دوست پرشوتمسنگهہ بجاج بعضي بعضي مون کي پاڻ سان نگهباني ڪرڻ لاءِ وٺي هلندو هو. ڏسندا هئاسين تہ مسلمان مسافر صفائي بلڪل نہ رکندا ها. جڏهن ويندا تہ گوشت ڪائي، هڏا ۽ رانا هيڏي هوڏي پکيڙي ويندا ها. تانجو پيشاب بہ ڪمرن ۾ ڪري ويندا ها. مسافرخاني ۾ هڪ مسلمان نوڪر ۽ صفائيءَ لاءِ هڪ ڀنگي بہ رکيل هو. ڪتولا، فراس دلا، ۽ گلاس بہ مسافرن کي ڏبا ها. پوين سالن ۾ عيد ڏينهن ڪن مسافرن اُتي هڪ ڳابو آڻي

ذبح ڪيو. هاڻي ٻڌايو تہ ڪهڙو هندو ٻچو هوندو جيڪو پنهنجي جاءِ ۾ ڳئو ماتا جو ڪوس برداشت ڪندو! مان سيٺ کي صلاح ڏني تہ هو اها ڳالهہ ظاهر نہ ڪري تہ متان شهر ۾ هندو- مسلم فساد ٿي پون. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ سيٺ اِهو مسافرخانو ئي ماڳهين بند ڪري ڇڏيو. ٿي سگهي ٿو تہ لکي تيرٿ واري مسافرخاني ۾ بہ اهڙي ڪنهن سبب بندش وڌي وئي هجي. ڪيئن بہ هجي هڪ اتفاقي واقعي سبب پير صاحب جو ايڏو ڏمر ۽ وير وٺڻ، سندن عظيم اسلامي اُصولن خلاف آهي.

پير علي محمد تي منهنجي نقط چيني ٻڌي هڪ دوست چيو: توکي تہ ناراضيءَ بدلي هنجو احسانمند ٿيڻ گهرجي جو اسانکي سنڌ جي آزاريندڙ آبهوا ۽ سڪٽي ملڪ مان ڪڍي هن فرحتي، آسودي ۽ مهان ملڪ جو باشندو بڻايو آهي ۽ پنهنجي قوم کي واڳهن جي وات ۾ وڌو اٿائين! اُتي اسان ڀاروٽا ٿي ويا هئاسين، هتي اسانکي سڀ وجهہ ۽ وسيلا حاصل ٿيا آهن اُتي هزارن جا ڏٺي هئاسين هتي لکن جا نہ، پر ڪروڙن جا مالڪ آهيون، لاڙڪاڻي جا تولاڻي اُتي لکن ۾ ها، هتي ساموندي آڳبوٽن، محلاتن ۽ اٿاهہ ناڻي جا ڌڻي آهن جو هڪ ڪروڙ خرچي ڪئين ڪاليج برپا ڪيا اٿائون. شڪارپور جي سيٺ پرمانند هندوجا جي پٽ اسپتالن ۽ ڪاليجن لاءِ ڏهہ ڪروڙ ڏنا آهن. ٻيا بہ اهڙا ڪئين ڪروڙپتي سنڌي، ڀارت جي هر هڪ شهر ۾ خيراتي ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ ورڪي، اڄان بہ پرڏيهہ مان ڪروڙين ناڻو ڀارت ۾ موڪلي رهيا آهن. اهڙن ڪمائو پٽن جي دولت تي ماءُ (سنڌڙيءَ) جو حق آهي سو هن پير صاحب ڀارت کي ڏياريو آهي ۽ پنهنجن سنڌي ڀائرن کي پنجابين جو تعبيدار بڻايو آهي.

اُتون جي حاڪمن اسي لک غير سنڌين کي سنڌ ۾ وسايو آهي. اول تہ سنڌ جي واپار ۽ دولت جي مَندي ۽ مُندي- ڪراچي کپي کين ڏنائون. نہ رڳو تجارت، ڪارخانا ۽ سرڪاري نوڪريون گهڻي ڀاڱي غير سنڌين جي قبضي ۾ آهن، پر زمينون بہ کين ڏنيون ويون آهن. پهريائين هندن جي ٽيهہ لک ايڪڙ زمين مهاجرن کي ڪليم ۾ ڏنائون ۽ پوءِ مکي ڍنڊ، ڪوٽڙي گڊو براجن واريون لکين ايڪڙ بهترين زمينون بہ کين ڏيئي خوشحال بڻايائون ۽ سنڌي مسلمان ٻيا آڳونا چوسين. سنڌي آبادگار طبقي جي حالت زبون ٿي وئي آهي. تعليم اِها ٿي ملين جو ٻاڻ ۾ اڌو اڌ پنجابي اُردو ٿا ڳالهائين. حاڪمن جي اهڙي پاليسي قائم رهي تہ وقت ٻائي، يار! تنهنجا پيار سپاجها سنڌي ڳوليو نہ لهندا. تون ذرا سوچ تہ هن پير راشديءَ ڪنهن سان ڀال ڀلايا آهن، سنڌي مسلمانن سان ڪين سنڌي هندن سان؟

چيومانس: پنجابي بہ تہ سندن اسلامي ڀائر آهن! منهنجو پنهنجي دل تي وس

نامي، رڳ رڳ ۾ سمائي آهي مٽي سنڌڙيءَ! هي محل ماڙيون، ملون، ۽ مال متاع دل کي قرار نٿا ڏين.

”ٻن عمر تنهنجون ماڙيون بنگلا، منهنجو ملڪ ته آهه ملير!
ساهه ته سانگين لاءِ سڪي ٿو، توڙي تو وٽ آهه سرير!

انسان کي اهڙو سک سرڳ ۾ به نه ملندو آهي جهڙو پنهنجي وطن، ڳوٺ ۽ گهر ۾ ملندو آهي، پوءِ ڀل غريبي هجي.

## مسلمانن جون ذاتيون

سنڌي مسلمانن ۾ به گهڻيئي فرقا ۽ ذاتيون آهن. انهن مان گهڻا اهي آهن جيڪي اوائل ۾ هندو ها، جيئن ته شيخ، سومرا، لاکا، ڀٽا، چنا، سيٺار وغيره. ڪن آڪاهين اسلام ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ به ساڳيو نک قائم رکيو، جيئن ته جوڻيجا، سهتا، ککڙيجا، جاڙيجا، چنيجا، ناريجا، راهوجا، جماٽي وغيره. ڪي پنهنجن بزرگن جي ڪرت پٺيان ڪوٺبا ها، جيئن ته ڪمانگر، ڪنير، قلعي گر، لوهر، کٽي، نيرولي، پاٽولي، کهنباتي، وينجهر، ڊکڻ، اوستہ، چانداهي، موچي، ڪاغذي، ڪوري وغيره. ڪي پنهنجي اصلوڪي شهر جي نالي سڏبا ها، جيئن: ناڙيوال، جامڙا، سرهندي، ڦلپوٽا، ڪلچيوال وغيره.

جڏهن چنگيز خاني مغلن، وچ ايشيا ۾ رڻ ٻاري ڏنو تڏهن اُتان جي ڪيترن خاندانن ڀڄي اچي سنڌ ۾ پناه ورتي هئي، جيئن ته قريشي، مرزا، چشتي، قاضي، انصاري، عباسي، سيد ۽ ٻيا. سوين سال رلي ملي رهڻ ڪري، ڏيهي ۽ پرڏيهي مسلمانن ۾ ڪو فرق نه رهيو هو. هتي سنڌي مسلمانن جي ٿورين ذاتين جو ذڪر ڪيان ٿو ڇو جو ته سيني جي ڪرڻ لاءِ ته ڪئين ڪتاب گهرجن.

**شيعا ۽ سني:** هي ٻئي مکيه فرقا هڪ ٻئي جي برخلاف آهن. عاشورن جي موقعي تي، لکنؤ ۾ هنن ٻنهي جون خون خرابيون ٿينديون رهنديون آهن. ايراني شيعا آهن ۽ عراقي سني، اُنهنجون به پاڻ ۾ جنگيون ٿينديون آهن ۽ هينئر به ٻن سالن کان ٿي رهيون آهن. سياسي سببن کانسواءِ اِهو مذهبي اِختلاف به انهن لڙاين جو سبب آهي. ٻنهي فرقن جي وير جو بنياد سمجهڻ لاءِ اسلام جي اوائلي تاريخ تي نظر وجهڻ ضروري آهي.

حضرت پيغمبر صاحب عربستان جي سوين قبيلن کي، اسلام ۾ آڻي هڪ زبردست قوم بڻايو هو. ٦٣٢ع ۾ هنجي وفات کانپوءِ سندس جانشين، مذهب ۽ ملڪن جو حقدار ڪير ٿئي، ان ڳالهه تي سخت اٿبٺت ٿي. نيٺ حضرت ابوبڪر صديق کي خليفو چونڊيو ويو. ٦٣٤ع ۾ عمر فاروق ۽ ٦٤٤ع ۾ عثمان غني خليفو ٿيو. اِهو صاحب ٦٥٦ع ۾ شهيد ٿيو ته حضرت عليءَ جي خلافت فتنہ ۽ فساد سان شروع ٿي. نڪيل آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت فاروق، پيغمبر صاحب جا سهرا هئا ۽ پيغمبر صاحب جي نياڻيءَ بي بي فاطمه جي حضرت عليءَ سان شادي ٿيل هئي.

شيعا فرقي جو اعتقاد آهي تہ پيغمبر صاحب حضرت عليءَ کي پنهنجو وارث مقرر ڪيو هو ۽ تنهنڪري هنڪان اڳ جا ٽي حضرات، خالفت جا حقدار نہ هئا. هوڏانهن سنين موجب اُهي چارئي خليفا عام ملت موجب چونڊيا ويا ها ۽ چئني جي عزت ڪرڻ گهرجي. حضرت عليءَ جي خليفي ٿيڻ تائين سندس پوئلڳ شيعن جو زور وڌي ويو هو پر سندس مخالفتي بہ زور پئجي ويا ها. سيريا جي گورنر تہ حضرت عليءَ کي خليفو مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ پاڻکي خليفو اعلان ڪيو.

حضرت علي ۽ سندس ٻہ پٽ، حسن ۽ حسين ڪيئن شهيد ٿي ويا، اها واردات مان عاشورن واري مضمون ۾ ڏني آهي، ان لاءِ هتي نئو دهرايان. عاشورن ۾ جيتوڻيڪ سني بہ شريڪ ٿيندا آهن پر غالبن ان ۾ شيعن جو خاص صدق آهي. سنين ۽ شيعن جو ٻين ڪهڙي ڳالهين بابت اختلاق آهي، سي اسلامي تواريخن ۾ ڏنل آهن.

مسلمانن جا اهي ٻہ مکيہ فرقا، هزارين ورهين جي مدي خارج معاملي تي پاڻ ۾ خونريزي ڪندا رهن اِهو تہ سندن نبي رسول جي امن، ميلاپ ۽ پائيچاري جي اُصولن خلاف آهي. اها بہ خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ اسانجي سڳوريءَ سنڌ ۾ اها رتو ڇاڻ نہ ٿيندي هئي.

**سيد :** حضرت محمد پيغمبر ﷺ جي نيانيءَ بيبي فاطمه ۽ مولا عليءَ، يعني امام حسين جي اولاد سيد سڏبي آهي. جيئن هندو ٻانيڻن جي عزت ڪندا آهن، تيئن مسلمان سيد جي ڪندا آهن. اُنهن سان گڏجڻ وقت سندن پيرن تي هٿ رکي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکندا آهن ۽ کين "شاهہ" يا "سائين" ڪوئيندا ها. ڪئين سيد پاڻکي اوچ سمجهي پنهنجون ڌيئر ٻين سان پرڻائڻ ۾ گهٽتائي سمجهندا ها ۽ سندن نڪاه قرآن شريف سان پڙهائيندا ها. اُهي ويچاريون ڪنواريون ٿي ڪراڙيون ٿي مري ونديون هيون. پر پوءِ گهٽو سڌارو ٿيو هو.

**علوي:** حضرت عليءَ جي ٻين زالن جي اولاد علوي ڪوٺبي آهي. سنڌ ۾ علوي خاندان به جهجها ها. انهن مان شڪارپور جو پير حاجي فقير الله **علوي** پنهنجي زماني جو هڪ مشهور اولياءُ ٿي گذريو آهي. هو ١٧٧٠ع ۾ حج تان موٽندي شڪارپور ۾ ئي رهي پيو ۽ پنهنجو اصلي وطن، افغانستان جو جلال آباد وساري ڇڏيائين. هن هاٿيدر وٽ هڪ ديني درگاهه کولي جتي هو نه رڳو عربي فارسي سيکاريندو هو پر اسلام جي اصولن ۽ خوبين جي اهڙي سمجهاڻي ڏيندو هو جو هزارين هندو دين اسلام ۾ داخل ٿيا. جن ۾ هڪ وڏ گهراڻو هرومل بجاج به هو. هن جي اولاد نيين پور محلي ۾ هرواڻي شيخ نالي مشهور هئي.

فقير الله صاحب اسلام جي اصولن تي ڪئين ڪتاب لکيا. سوين مُلن ۽ مولوين کي ديني جوش ۽ جذبي سان پيري سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ موڪليو جن لکن واٽين کي مومن بڻايو. سنڌ ۾ شڪارپور، اسلام جي ڦهلاءَ جو وڏو مرڪز بڻجي پيو. احمد شاهه عبدالي، جڏهن پاڻيپت جي لڙائي لاءِ پئي ويو ته علوي صاحب جي دعا وٺڻ لاءِ شڪارپور آيو. هن دعا سان گڏ پنهنجي مريدن جي فوجي مدد به ڏنس. مڪران جي حاڪم محبت خان، قلات جي نصير خان بروهيءَ ۽ سنڌ جي سرفراز خان ڪلهوڙي جا لشڪر. پاڻيپت جي لڙائي ۾ پير فقير الله علوي جي حڪم تي عبداليءَ پاران لڙيا هئا. جنگ کٽڻ ڪانپوءِ شڪارپور ۾ هاٿيدر وٽ هڪ شاندار درگاهه ٺهي ۽ حاجي صاحب جڏهن ١٨١٥ع ۾ وفات ڪئي ته سندس مقبرو به اُتي ٺهيو، جتي هر سال عرس جو وڏو ميلو لڳندو هو. هن جو پڙپوٽو مير علي نواز علوي به وڏو عالم، شاعر ۽ سياستدان ٿي گذريو آهي.

**قريشي:** حضرت پيغمبر صاحبن پاڻ عربن جي قريشي قبيلي مان ها. سنڌ جا گهڻا پير قريشي ۽ سُني آهن. قريشن کي مخدوم جي خطاب سان به سڏيندا ها.

**عباسي:** پيغمبر صاحب جي چاچي حضرت عباس جي نسل وارا 'عباسي' ڪوٺبا آهن. بغداد جا گهڻا خليفا عباسي هئا.

**مرزان:** سنڌ ۾ ٻن قسم جا مرزا ها: مغلي مرزا ۽ گرجي مرزا. جيڪي ترڪستان مان مغلن سان گڏ آيا هئا، اهي سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ وسيل ها ۽

مختلف ڏنڌا ڪندا ها. ڪي رنگريز، لوهار، ڊڪڻ، قلعي گر، ڪنير ۽ پاٽولي وغيره ڪاريگريءَ جا ڪم ڪندا ها. اسانجي شڪارپور ۾ جيڪي مغلي مرزا رهندا ها سي اڪثر کهنباٽڪو ڪم ڪندا ها.

ٻيا گرجي مرزا، روس ۽ ايران جي وچ واري جارجيا ملڪ، (جنهنکي گرجستان بہ ڪوٺيندا ها) ۾ اول اُتون جا باشندا ها. اُتي ترڪي ۽ ايراني لشڪرن ۾ اڪثر جنگيون ٿينديون رهنديون هيون. فصل تہ چٽ ٿيندا ها پر جيڪا فوج ڪٽندي هئي سا اُتون جي ماڻهن کي پڪڙي، پنهنجي وطن ۾ بطور غلام ڪري وڃي وڪڻندي هئي. وڙهن ڏاند، لٽارجن بورا. اُهي گرجي مرزا اصل ڪرسچن هوندا ها پر اسلامي ملڪن ۾ اچڻ سان اُهي مسلمان ٿيندا ها. هو ڏاڍا سهڻا، سلڇڻا، عقلمند ۽ عالم هوندا ها. هو سنڌ ۾ ڪيئن آيا سا ڳالهہ هن ريت آهي.

سنڌ جي حاڪم مير ڪرم علي، ڇڻ زالن هوندي بہ اولاد کان محروم هو. تڏهن سندس مرضيءَ موجب ايراني سرڪار ڪيس مرزا خسرو بيگ نالي هڪ ستن سالن جو سهڻو نينگر وٺي موڪليو، جنهنکي مير پنهنجي گود جو پٽ تسليم ڪيو. اهو ڇوڪر، وطن ۽ مائٽن کان جدا مايوس رهڻ لڳو. تڏهن مير صاحب سوداگرن کان بہ ٻيا گرجي غلام ڇوڪرا، فريدون بيگ ۽ قربان بيگ مرزا خريد ڪيا تہ خسروءَ جي طبيعت سرچجي وئي.

انهن ٽنهي ڇوڪرن جي پاڻ ۾ ياعمر جي يارٽي پڪي وئي، ايتري قدر جو پنهنجي اولاد ذريعي پاڻ ۾ سڱ بہ ڳنڍيائون. خسرو بيگ وڏو ٿيو تہ ميرن جي وزيري مليس ۽ ميرن فريدون ۽ قربان بيگ کي بہ وڏيون جاگيرون ۽ املاڪون ڏنيون. خسرو بيگ جي نياڻيءَ جي شادي فريدون بيگ سان ٿي. اُن جوڙي کي ڳچ اولاد ٿي. جيتوڻيڪ سنڌي جاگيردار، انگريزي پڙهڻ خراب سمجهندا ها جو چوندا ها تہ اها ڪافرن جي ٻولي آهي ۽ سندن اولاد تي عيسائيت جو اثر پوندو پر فريدون بيگ پنهنجي پٽن کي، ڏک ڏولاوا سهي ڪري، بمبئي ۽ پوني فرگيوسن ڪاليجن وغيره ۾ موڪلي وڏي تعليم ڏياري. انگريزن کين وڏا وڏا عهدا ڏنا.

ميرن جي دؤر ۾ رڳو انهن گرجن مرزائن جي نالن پٺيان 'بيگ' جو مانائتو لفظ لڳائيندا ها، پر پوءِ اُنهنجي معتبري ۽ بلندي ڏسي مغلي مرزائون بہ پنهنجي نالي پٺيان 'بيگ' ڳنڍڻ لڳا. منهنجي سانپر ۾ گرجي مرزائن جي اولاد جا گهڻا گهر حيدرآباد جي ويجهو ٽنڊي ٽوري ۾ هوندا ها. فريدون بيگ جو وڏو پٽ مرزا صادق علي، شڪارپور هاءِ اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر ٿيو هو. سندس ننڍو ڀاءُ مرزا قليچ بيگ تہ هڪ ڪمال جي عقل ۽ علم سان ڀريل اعليٰ انسان هو. هن ئي اول سنڌيءَ ۽ نج سپڪ سنڌيءَ ۾ سوين ڪتاب لکيا ۽ هاڻوڪي سنڌي ادب جي

ٿيا ۽ خواجه يا کوجا سڏجڻ لڳا. ان پير پنهنجي مذهب ۾ وشنو ڀڳوان جا نوَ اوتار شامل ڪيا ۽ ڏهون اوتار حضرت علي ڪيائين. جڏهن ايران ۾ ان مذهب خلاف چوپولو متو تہ سندس پٽ آغا حسن علي شاهہ ڀڙيائين بمبئي ۽ پوءِ سنڌ ۾ آيو. ٻئي سال انگريزن سنڌ هٿ ڪئي ۽ ان مهم ۾ هن کين ڏاڍي مدد ڪئي. انگريزن آغا خان کي 'هز هئنيس' جو شاهوڻو خطاب ڏنو. هن ڪانپوءِ سندن اولاد خوجن جا امام ٿيندا آهن. کوجا گجرات ۽ سنڌ ۾ وڏا دولتمند واپاري آهن ۽ سندن رسمون رواج ڪي قدر هندن جهڙا آهن.

**بورا يا بوهرا:** هي اسماعيلي شيعا آهن ۽ ڇهين امام جي پٽ اسماعيل کانسواءِ باقي امامن کي نہ مڃيندا آهن. يارهينءَ صديءَ ۾ هڪ اسماعيلي عالم ۽ واعظ گجرات جي ڪن هندن کي پنهنجي مذهب ۾ آندو. چار سوَ سالن ڪانپوءِ هڪ دائود ملان عرب جي اسماعيلن سان تعلقات ڇڇي ڇڏيا ۽ هي فرقو دائودي شيعا سڏجڻ لڳو. هي اُن دائود ملان جي اولاد کي پنهنجو پير ڪري مڃيندا آهن. هي بہ شاهوڪار واپاري آهن. بمبئي ۽ گجرات ۾ گهڻا ۽ سنڌ ۾ ٿورا آهن.

**ميمڻ:** ڇهہ سؤ سال اڳ سيد يوسف الدين بغداد مان ٺٽي ۾ آيو تہ اُتون جي حاڪم مرڪب خان کيس پنهنجو مرشد بڻايو. ان وقت ٺٽي ۾ ماڻڪجيءَ نالي هڪ برک سيٺ لوهاڻن جي، چوراسي نکن جو مکي رهندو هو. اُن تي بہ اُن سيد جي وعظ جو اثر ٿيو ۽ ست سؤ آکاهين سميت هن جو مريد ٿيو. اسلام ۾ اهي پاڻکي 'من' يا 'ميمڻ' چوائڻ لڳا. ١٥٤٨ع ڌاري ڌي جي راجا، کين گهڻيون سهوليتون ڏيئي ڪڇ ۾ وسايو. اُنکانپوءِ سورت ۽ بمبئي جو وڏيل واپار ڏسي ميمڻ اُتي بہ وڃي رهيا تہ ڪچي ڪوٺيا آهن. ڳالهائڻ ٻڌندئن تہ ڇڻ ٿوري فرق سان ٺٽي جي سنڌي ٿا ڳالهائين.

سنڌ ۾ ميمڻ اڪثر پاڻکي قاضي ۽ آخوند سڏائيندا ها جو سندن علم ۽ عقل ڏسي، حاڪمن کين اهي ڪم ۽ لقب ڏنا ها. مون تہ هنن ۾ ڏنڌي واپار جو وڏو ڏانءُ ڏٺو، جيڪو ٻين مسلمانن ۾ عدم پيدا هو. سنڌي ڳوٺن ۾ مسلمان ڏهہ سيڪڙو مس پڙهيل هوندا ها پر ٿرپارڪر ضلعي جي ڏيپلي ڳوٺ ۾ ميمڻن جون جملي آکاهيون تعليم يافتا هيون. ڪئين سرڪاري نوڪرين ۾ ها ۽ ٻيا تجارت ۾ ها. ڪراچي خواه ٻين شهرن ۾ مسلمانن جا دڪان اڪثر ميمڻ جا هوندا ها. ميمڻ زالون خواهہ مرد، حسين، فضيلت ۽ لياقت وارا، ڪپڙي لٽي ڪاڏي جا شونقين، مهمانواز ۽ ديندار هوندا ها.

ڏيپلي جهڙي ڳوٺ ۾ جيڪا سندن عاليشان مسجد هئي، تهڙي ڪنهن وڏي شهر ۾ بہ ورلي هوندي. هڪ وڏو مدرسو، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ جدا هاءِ اسڪول، جن ۾ غريب ڇوڪرن جون فيون معاف ۽ ڪتاب مفت! پرين ڳوٺن جا شاگرد بہ اُتون تعليم پرائڻ ايندا ها. ميمڻن ۾ ڪوبہ بيڪار، توتي، نشئي ۽ جوئاري ڪونہ ڏٺم.

**شيخ:** عربن ۾ 'شيخ' ڪنهن بزرگ، عالم يا اولياءَ کي چوندا آهن پر هند ۽ سنڌ ۾ جيڪي هندو اسلام ۾ داخل ٿيندا ها، تن کي اِهو آبروءَ وارو نالو ڏيندا ها. سنڌ ۾ ڪئين شيخن جا خاندان ڏاڍا چڙهيل هوندا ها، جن مان ٿورن جو ذڪر حيدرآباد واري باب ۾ ڪيو اٿم. شڪارپور جا بہ ڪي شيخ اهڙا ٿيا جن تي سڄيءَ سنڌ کي فخر آهي. چبوتري پرسان پنجومل جي حويليءَ ۾ دولهدنومل نالي هڪ سهڻو جوان، ان بازار ۾ دلالي ڪندو هو. هنجو حويليءَ جي ٻاهران هڪ پٺاڻ درزيءَ جي ڌيءَ سان پريم پئجي ويو. ڇوڪريءَ جو نالو هو 'حور بيبي'. مائٽن جي مخالفت ۽ ناراضگي ڏسي، هو ٻئي سال بہ الائي ڪاڏي هردوار طرف گم ٿي ويا. نيٺ ڪين شڪارپور جي سڪ ڇڪي آئي تہ شهر ۾ چوٻولو متو ۽ هندن دولهمل جو بهشڪار ڪيو. تڏهن هو وڃي مسلما ن ٿيو ۽ نالو رکيائونس هدايت الله.

هندن، هنکي بيئو بہ نتي سنو تہ هنجي حالت سقيم ٿي وئي، ايتري قدر جو ١٨٧٨ع ۾ سندس پٽ غلام حسين، ڏگ واري فانوس جي روشنيءَ تي پڙهندو هو. هنکي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ وڏا ڪشالا ڪڍي بي- اي، ايل- يل- بي پاس ڪيائين ۽ وڃي حيدرآباد رهيو. هو پنهنجي فضيلت، لياقت موهيندڙ صورت ۽ سيرت ڪري انگريزن جو دادلو ٿي پيو ۽ هو ڪيس وڏا وڏا عهدا ڏيندا رهيا. هنجي بيدار دماغ اڳيان انگريز بہ نمندا ها. هو جڏهن بمبئي سرڪار جو سيڪريٽري هو تہ هن مرين ڊرائو ۽ بئڪبي رڪليميشن جو ڪم شروع ڪرايو. سم، ڏيڻ، گندن پوٽن ۽ مڇرن بدلي سمنڊ جي ڪناري هڪ مهابسندر سئرگاهہ ٺهيو جو اڄ بمبئي جو نڪ آهي. اُنجي ڪناري ٺهيل جڳهين جي وڪري مان سرڪار کي ڪروڙين رپيا مليا ۽ لکين ساليانيون ڍلون ملي رهيون آهن. سکر بيراج ٺهرائڻ ۾ بہ هنجو وڏو هٿ هو. انهيءَ بيراج تہ سنڌ جي صورت ڦيرائي ڇڏي جو اٿاهہ اناج پيدا ٿيو ۽ خوشحالي آئي. هن جهڙي، سنڌ جي ڀلائي ڪنهن ٻئي ورڃي ڪئي هوندي. انگريزن هنکي 'سر' جو لقب ڏنو. مرڻ وقت هو آزاد سنڌ جو پهريون گورنر هو. هنجي بدولت ورهاڱي وقت ....، سنڌ ۾ هندن جي گهڻي خونريزي ڪري نہ سگهيا ۽ نڪي سنڌي مسلمانن جا گهڻا حق تلف ڪري

سگهيا. واه دولهمل واه جو پٽ جڻيئہ!

ٻئي جنهن شڪارپوري شيخ تي سنڌ کي فخر آهي سو آهي **شيخ اياز**. اسانجي پاڙي ۾ پيدا منڊليءَ ويجهو هڪ غريب وڏوا ناڪري ٻائي جي ڏيءَ هئي دادن. هوءَ مونکان بہ چار سال عمر ۾ وڏي هئي. اهڙي تيز، زنده دل ۽ موچاريءَ ڇوڪريءَ کي بيکي مل ٻڪاليءَ سان پرڻايائون. پوءِ دادن جو پنهنجي پاڙيسريءَ منشي غلام حسين ناظر سان نيهن جو ناتو ٻڌجي ويو. هن بيکي مل کي ڇڏڻ جو قانوني نوٽيس موڪليو تہ شهر ۾ چوٻولو متو ۽ پنچائت جو پريزيڊنٽ بابو ريجهومل، ديش ڀڳت ويرومل بيگراج، سيٺ چئنراءِ جماڻي ۽ اسانجو پتا ديوان ٻيسومل هنکي سمجهائڻ ويا پر هوءَ باز نہ آئي ۽ ان ناظر سان نڪاح وڌائين. ۱۹۲۴ع ۾ کين پٽ ڄائو جنهنجو نالو رکيائون 'مبارڪ شيخ اياز' هو ننڍپڻ کان ئي ڏاڍو ذهين ۽ عطائي هو. نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو تہ سڀني شاگردن ۾ چمڪندڙ چنڊ ۽ تيز فهم هوندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ ئي ساهت ۽ شاعريءَ جي ڏات هئس. ورهاڱي بعد سنڌ ۾ جيڪا شاعريءَ ۽ ساهت جي وير آئي آهي، تنهنجو باني شيخ اياز آهي. هنجي شاعريءَ ۾ نوان فارم، نوان وزن، نئين تازگي ۽ نوچ آهي، جنهن هنکي سنڌي شاعرن جو سرمور بڻايو آهي.

ٽيون شيخ جنهن سان منهنجو واسطو پيو هو سو هو **شيخ عبدالمجيد**. اصل ۾ ٺٽي جو جيٺانند پٽ ليلارام جو هو ۽ اجان سورهن سالن جو هو تہ اسلام ۾ داخل ٿيو هو. هن جهڙو پڪو مذهبي مسلمان مون پيو ڪونہ ڏٺو. ڪجهہ سال "الوحيد" اخبار جو ايڊيٽر ٿيو ۽ بعضي بعضي، ٻين اخبارن وانگر، منهنجي دڪان تان اخباري پنو ۽ مس وٺڻ ايندو هو تہ گفتگو ٿيندي هئي. مان چوندو هومانس:"توهان لاءِ مونکي شڪايت رهي ان ڳالهہ جي آهي تہ توهان "الوحيد" ۾ عربي- فارسي جا اهڙا لفظ ٺا ڪم آڻيو جو سنڌي ٻولي سڃاڻڻ ۾ ٺٽي اچي. سڀاجهيءَ سنڌيءَ تي رحم ڪرم جي نظر ڏريو جو اوپرين ٻولين جو برقعو تہ نہ پارايوس!" وراڻيندو هو: "توهان واٺيا سنڌيءَ ۾ هندي- سنسڪرت جا لفظ وجهي ڪيس گندو ٺا ڪيو. مان تہ عربي- فارسيءَ جي لفظن سان ڪيس مالا مال ڪري رهيو آهيان." خير اسان ٻنهي مان ڪوبہ هڪ ٻئي کي هم خيالي ٻڻائي نہ سگهيو. ان اختلاف هوندي بہ هو جڏهن بہ ملندو هو تہ سڪ صحبت سان ڳالهائيندو هو. هن پاڪي ڏکن ٽات وجهي ڪري بہ وڏي لگن سان مسلم قوم جي خدمت ۽ حمايت ڪئي پر اُنهن سندس پورو قدر نہ ڪيو.

**بلوچ:** هڪ بهادر قديم قوم آهي جيڪي سرحدي جبلن ۾ اُنهن کان ٻيءَ پر جا رهاڪو آهن. جنهنڪري اُن ڀاڱي کي "بلوچستان" چئبو آهي. سنسڪرت ۾

"بلوچ" جي معنيٰ آهي بل اوچ= ٻل ۾ مٿي يعنيٰ چوٽيءَ جا ٻلوان. هنن ۾ گهڻيئي فرقا آهن، جيئن تہ ٽالپور، بردي، ڊومبڪي، جکراڻي، لغاري، چاڪراڻي، چانڊيا، مگسي، بگٽي، جمالي، کوسا، لاشاري، جتوئي، مري، رند ۽ ٻيا. انهن ۾ جرگي جو رواج آهي جو چڱا مڙس گڏجي تڪرارن جا فيصلا ڪندا آهن ۽ قصور ڪندڙ کان سڱ يا نقد عيوضو وٺي ٻيءَ ڌر کي ڏياريندا آهن. ڪن حالتن ۾ سرڪاري ڪورٽن ۾ آيل مقدما بہ جرگي جي فيصلي لاءِ ڪين موڪليا ويندا ها ۽ جج اُن موجب فتويٰ ڏيندا ها.

سنڌ جي حاڪمن، بلوچن کي گهرائي پنهنجي لشڪر ۾ ڀرتي ڪيو ۽ سندن پگهار، راشن، هٿيار، ٽريننگ وغيره جا جهنجهٽ سندن وٽ کان ٻاهر هئا، ان لاءِ هنن سندن سردارن کي جاگيرون ڏنيون جتي هو پنهنجا ڪوٽ ۽ ديرا ٺاهي ويٺا، جيئن سلطان ڪوٽ غيبي ديرو، خيرو ديرو وغيره. انهن جاگيرن بدلي هرهڪ سردار کي مقرر ٿيل لشڪر تيار رکڻو پوندو هو تہ جيئن اوکيءَ مهل پنهنجن آقائن ڪلهوڙن لاءِ جنگ ۾ لڙڻ جي ذميداري نڀائي سگهن. اهڙيءَ طرح اُنهن کي زور وٺائي ڪلهوڙن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو. وقت پائي ٽالپور قبيلي وارا بلوچ زور ٻڌجي ويا ۽ ڪلهوڙن کي تخت تان لاهي پاڻ سنڌ جا مالڪ ٻڻجي ويٺا ۽ پاڻ ۾ ڪي مير چوائڻ لڳا. انگريزن ۱۸۴۳ع ۾ جنگ ڪري اُنهن کان سنڌ هٿ ڪئي هئي.

**چانڊيا ۽ مگسي** : هي ٻئي بلوچن جون جبريون قومون آهن ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهنديون هيون. هو ميرن جي گهڻين جنگين ۾ شريڪ ٿيا ها. چانڊين جو سردار نواب غيبي خان هو ۽ مگسين جو نواب قيصر خان هو. انهن ٻنهي قبيلن جو پاڻ ۾ اهڙو تڪرار ٿيو جو ٻنهي طرفن جا سوين خون ٿيا. تڏهن ۱۹۱۸ع ۾ لاڙڪاڻي جي انگريز ڪليڪٽر، اها خون خرابي بند ڪرائڻ لاءِ مشير مقرر ڪيا، جن مگسين کي ڏوهي ٺهرايو. انگريزن، سردار قيصر خان کي سرداريءَ تان لاهي ملتان ۾ زندگي ڀر نظر بند ڪيو ۽ سندس پٽ گل محمد خان کي سرداري ڏني، تڏهن وڃي اِن خونريزيءَ ۾ ٺاپر پئي.

چانڊين مگسين جو فيصلو تہ ٿي ويو پر دلين تان مير نہ لٿو. سنڌ ۾ وير ۽ عداوت جو مثال ڏبو هو تہ چئبو هو. "ٻئي پاڻ ۾ چانڊيا مگسي آهن."

**ڀٽا** : هنن جو ذڪر مون هندو ذاتين جي "ڀاٽيا" ذات ۾ ڪيو آهي، اُهو ڏسڻ گهرجي.

**دائود پوٽا:** هن ذات وارا ٻه سنڌ ۾ ڏاڍا دانشمند، عالم ۽ بلنديءَ تي هئا ۽ تعليم ۽ ادب جي ڳالهين ۾ پال پلايا هئائون. هنن جي بنياد لاءِ مرزا قليچ بيگ جي ”قديم سنڌ“ ۾ لکيل آهي ته هي پاڻکي اصل عباسي خليفن جي نسل مان ڪوٺائيندا آهن ۽ سنڌ ۾ آيا ته پوکرائي ۽ ڪيڙن اُٺن جو ڪم ڪري پيٽ قوت ڪيندا ها. سندن ڏاڏو ٻه سؤ سالن جو هو ۽ اُن جي نالي پاڻکي دائود پوٽا جوائڻ لڳا. دائود جي اٺينءَ پيڙهيءَ ۾ هڪ بهادر خان نالي بهادر ساماڻو جنهن اورنگزيب بادشاهه جي بکر جي نواب جي نوڪريءَ ۾ سورهيائي ڏيکاري ته لکيءَ ۽ خانپور جاگير ۾ مليس. اتي ويجهو شڪارگاه ۾ شهر ٻڌائي اُن جو نالو شڪارپور رکيائون. اها ڳالهه ١٠٢٦هه يعني سنه ١٦١٧ع جي آهي.

شڪارپور جو شهر، دائود پوٽن ٻڌايو تنهنجي ٻئي ثابتي اِها ڏيندا آهن ته حاجي فقير دولهه جي مسجد تي ”غوق“ اکر لکي آهي، جنهنجي عربيءَ ۾ معني آهي ١٠٢٦هه، جڏهن دائود پوٽن شهر جو پايو وڌو.

انهن ٻنهي شاهدين جي چند ڇاڻ ڪرڻ سان اِهي ٻئي غلط ثابت ٿين ٿيون. ١٦١٧ع مسجد جي ٺهڻ جي تاريخ برابر آهي پر ايڏي وڏي مسجد جهنگ ۾ ته نه ٺهندي، ضرور اتي اڳ ۾ ئي ڪو وڏو شهر هوند جن جي رهواسين لاءِ اِها وڏي مسجد ٺاهي وئي هوندي. ٻيو ته اورنگزيب جائو ٢۴ آڪٽوبر ١٦١٨ع ته هن جي جم کان ٻه سال اڳ هن جو ناظم بکر ۾ ڪيئن ٿي سگهندو!

”مروعات“ ۽ ”جواهر“ تواريخن کي پروسي قابل ليکيندا آهن. اُن ڪانسواءِ هڪ انگريز عالم سنڌ جي بزرگن جي ڪتبخانن جي ڳولا ڪري ۽ سرڪاري قديم رڪارڊن جي آڌار تي هڪ ڪتاب لکيو آهي.

Historical Memoirs on Shikarpoor, Capt. F.G. Goldsmid, 1854.

انهن ٽنهي پرماڻڪ تواريخن ۾ لکيل آهي ته دائود پوٽا ڪيتي ۽ ڪيڙن اُٺن جي ڪرت ڪندا ها ۽ اهڙيءَ سقيم حالت ۾ هئا جو پوکرائي لاءِ ٻج ٻه قرض تي وٺندا ها. ڪين ڪنهن قلعي ۾ محفوظ رکڻ لاءِ ڪو مال متاع ئي ڪونه هو جو زبردست قلعو اڏائين.

دائود پوٽن ڪيئن شڪارپور تي قبضوڪيو ۽ ميرن ڪين پيڇائي ڪڍيو هو. شڪارپور جو بنياد ۽ نالو ڪيئن پيو ۽ شهر جي قديم هئڻ جو، ڪئين ثابتيون مان هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڏيندس، تنهنڪري هتي وڌيڪ اُپٽار نٿو ڪيان.

**جت:** هيءَ نج سنڌي قوم آهي، ان جو ذڪر ۽ نالو ٽي هزار سال اڳ لکيل ”پاڻني ويا ڪرڻ“ ۾ به آهي. اُنهنجو مکيه ڌنڌو اُٺ رکڻ ۽ پالڻ هو. انگريزن جڏهن ١٨۴٠ع ۾ افغانستان تي چڙهائي ڪئي ته لشڪري سامان ڍوئڻ لاءِ ڪين

جتن کان هزارين اٺ مليا ها. اُن زماني ۾ اُنن جي خريد فروخت ۽ ياڙڻ جو وڏو واپار هلندو هو، ڇو جو تہ اُن وقت ريلوي يا هوائي جهاز ڪونہ ها ۽ وڏن وڏن قافلن ۾ اُنن ذريعي ئي پرڏيهہ مان مالن جي آواجاوي ٿيندي هئي. اِهي بروهي جت قافلن سان ڏورانهن ڏيسن ۾ بہ ويندا ها ۽ منجهن ڪئين نهايت دولتمند ها.

**سومر:** "سنڌ گزيٽئر"، ڪرنل ٽاڊ جي "تاريخ راجستان" ۽ مرزا قليچ بيگ پنهنجي "قديم سنڌ" ۾ ۽ ٻين گهڻن تاريخ نويسن لکيو آهي تہ سومرا، اصل چندرونشي پرمار راجپوت ها. محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي، تنهنکان پنجويهہ سالن اندر سنڌ جو وڏو ڀاڱو انهن راجپوتن پنهنجي هٿ ڪيو هو. انهن ۾ ١٠٥١ع ۾ سومر ڏينهن هڪ تيجسوي ٻالڪ ڄائو جنهنجو نالو سومرو پيو. هو ساماٺو تہ هن پنهنجي گهراڻي جي حڪومت ڏاڍي وڌائي. تنهنڪري هن جا پويان پاڻکي اُن بزرگ جي نالي سومرو چوائڻ ۾ فخر ونڻ لڳا. دودو ١٠٢٨ع، چنيسر (چندريشور) ١٢٨٣ع ۾ همير سومرو ١٤٠٠ع ۾ تاريخ ۾ مشهور آهن.

سنڌ تي جن گهراڻن حڪومت ڪئي آهي تن مان انهن پرمار سومرن جو عرصو وڌ ۾ وڌ يعنيٰ ٽي سؤ سال هو. سمن ڏيڍ سؤ سال، ارغونن ٣٥ سال ۽، ترخانن ٣٨ سال، انگريزن ١٠٤ سال ۽ ڪلهوڙن ۽ ميرن کي ڪل مختيار حاڪم چئي نٿو سگهجي ڇو جو تہ هو مغلن يا پٺاڻن جا زيردست ڏن ڀريندڙ ها. حڪومت ڪرڻ جي اِها قابليت اڄ بہ سومرن ۾ موجود آهي. بمبئي کان ١٩٣٥ع ۾ سنڌ جدا ٿي تہ حڪومت جون واڳون اسانجي پاڙيسريءَ خان بهار الله بخش سومري سنڀاليون هيون.

پارڪر يا لاڙ ۾ جيکي بہ لوڪ گيت ڳائبا آهن تن ۾ "سوڍو سومرو" ڪري چوندا آهن. سومرن جي وڏي تاريخ آهي ڇو جو تہ انهن ڪڇ، راجپوتانا ۽ ٿر ۾ بہ سوين سال حڪومت ڪئي آهي. انهن مان گهڻا ١٣٠٠ع ڌاري اسلام ۾ داخل ٿيا ها.

**ڪدڙا:** پارت ۾ بہ ڪدڙا آهن پر سنڌي ڪدڙا پنهنجي نالي سان ها. گهڻا پاڻ ۾ گڏ رهندا ها ۽ شادين يا پٽ ڄمڻ تي خاص انداز سان تاڙين جا ڪڙڪا ڪري ڳائيندا وڄائيندا ۽ ڏاڍا مزا ڪندا ها. سٺ سال اڳ منهنجي شاديءَ تي اٺ ڏينهن ديڳيون پئي چڙهيو تہ پنهنجي حق جون پاتلان ولي ويندا ها. سهاڳ رات گذرڻ تي اچي محفل مچايائون. ڇا نہ سندن راڳ، نخرن سان تاڙين ۽ دهلن جا ڌماڪا ۽ ناچ ها! اصل شادمانو مچائي ڏنائون. جو ڪڏهن گهوٽ ماءُ، ڏاڏيءَ ۽ ڀيڻ کي

پاڻ سان پيا نچائين. وڃڻ وقت ڪپڙا لٽا تہ ورتائون پر تاڪيد ڪري ويون تہ جي سال اندر ٻچڙو پيدا ڪرڻ کان گُسر تہ سندن طعانن جو تاب سهڻو پوندو ۽ پيٽو وصول ڪنديون. ويچاري ڪنوار تہ شرم ۾ ڳاڙهي ٿي اندر پيجي وڃي لڪي. سيڻي پيا کلن. مان بہ سرهي سرجوشي ڪري ڪين نراس نہ ڪيو. وري بہ لاڳو وٺي دعائون ڪندا ويا تہ اُن ٻچڙي مان ڪيچ ٿيندء. سچ پچ ڪيچ ٿيا بہ آهن. ستاويهہ سال اڳ پوئتي جائي تي هڪ سؤ رپيا ورتائون ۽ اڌ سال اڳ پرپوٽي جي ڇٽر تي بہ سؤ رپيا ۽ ساڙهي ورتائون تہ بہ ڪنجهہ ڪنجهہ پيا ڪن.

بعضي بعضي ڪن کدڙن کي مزا ماڻڻ يا اُپراسي جا وجهہ پيا ملندا ها جو ڪئين جاگيردار، کدڙن کي پنهنجين نوڪرين ۾ رکندا ها جو سندن گهر اندر پرين وٽ اچڻ وڃڻ ۾ پئہ پولو نہ سمجهندا ها. ڪي عاشق، کدڙن جي ذريعي ڪيئن پنهنجين محبوبائن وٽ وڃي پهتا ۽ ڪين پجائي ويا يا ڪن ماڻڻن پنهنجي پيدائشي کدڙن کي ڏيب جي لالچ ۾ پرٺايو ۽ پوءِ ڪهڙو حشر برپا ٿيو ۽ ٻچڙا نتيجا نڪتا، اُهي مزيدار عشقيہ داستان هن ڪتاب جو وشيہ ناهن. ميرن جي ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ فضل ۽ گلجان نالي دولتمند کدڙا مشهور ها. انهن جا بہ عجيب داستان آهن. مغلن ۽ ميرن جي حرمسراءِ جا چوڪيدار کدڙا ٿيندا ها. حبشي غلامن جا آنورا چٽي يا وڍي ڪين کدڙو بڻائيندا ها. ڪي جائي ڇم کان کدڙا ٿيندا ها. سندن سورهيائيءَ جي ڪارنامن جا نہ رڳو ڀارت جي پر ٻين ملڪن جي تاريخن ۾ بہ ڪئين داستان آهن. مهاڀارت ۾ پانڊون جو هڪ شکنديءَ نالي سالار کدڙو هو ۽ ڀيشم پتامهہ جي موت جو باعث بڻيو هو.

**شيدي يا غوشي:** ميرن جي صاحبيءَ ۾ مسقط ۽ عربستان کان آفريڪا جا سوين شيدي غلام سنڌ ۾ وڪامڻ ايندا ها. اُن زماني ۾ عربن جو مکيہ ڌنڌو اِهو هوندو هو تہ آفريڪا جي ڳوٺن مان جوان زالون ۽ مرد بندي بڻائي ايندا ها ۽ سڄيءَ دنيا ۾، خاص ڪري اميريڪا ۾ سپلاءِ ڪندا ها. سنڌي زميندار بہ انهن کي چاهہ سان خريد ڪندا ها، ڇو جو تہ هو ڏاڍا جاٺا ۽ محنتي ٿيندا ها. سنڌي مسلمانن ۾ عورت جي اٿاٿ سبب، شيدي زالن جي طلب ۽ قيمت وڌيڪ ٿيندي هئي. انهن شيدين کي عام لوڪ غوشي ڪوٺيندا ها. سندن وار گهنڊيدار ٿيندا ها. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ غلاميءَ کي غير قانوني ٺهرايو ويو تہ هو نوڪري يا مزوري ڪرڻ لڳا ها.

ڪئين شيدي غلام ميرن جي فوج ۾ وڏن عهدن تي ها. مير شير محمد جو خاص سالار شيدي هوش محمد، انگريزن سان اهڙو لڙيو هو جوڪين ڏينهن جا تارا ڏيکاريا هئائين. انگريز ليکڪن بہ هنجي سورهيائيءَ جي ساراهہ ڪئي آهي.

جيتوڻيڪ اهي غوشي سنڌين سان گهٽيئي سال گڏ رهيا ها تہ بہ اجا اڻ گهڙيا ڪاٺ ها ۽ سنڌي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي چوندا: ”لوڪومل! تون ڪاڏي وئي هئين؟ تون جو جال ٻچي پيو ۽ هاٽي مونجي جال ڪي باجار (بازار) وئي ويو.“

**سنجوڳي** : لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سنجوڳي رهندا ها، جنهن لفظ جي معنيٰ آهي ”مليل- سليل“. هنن جي پوشاڪ هندن جهڙي، جامو ۽ ڌوتي هئي پر ڌوتيءَ جي لانگ نہ ورائيندا ها. سندن زالن جا ويس وڳا شڪل شبيه بہ هندو زالن جهڙي هوندي هئي؛ رسمون ۽ ڏڻ وار، هندڪا بہ ۽ مسلمانڪا بہ. نالا پرسو، چيتو، چيٺو، پريم، موتو، منگهن، لونگ، ڦوتو، چير، لالو، واڌال وغيره. هو مسلمانن کي سڱ، ڏيندا وٺندا نہ ها ۽ هندو کين اڌ مسلمان سمجهي ساڻن رشتو نہ ڳنڍيندا ها.

١٩٢٥ع جي چونڊن ۾ هندو، هندن کي ۽ مسلمان، مسلمانن کي ووٽ ڏيڻ جو قانون هو. اُن وقت ٻئي ڌريون ”سنجوڳن“ کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳيون. مولوي ۽ ملان ۽ هيڏانهن آريہ سماج جا پرچارڪ انهن ۾ پرچار ڪرڻ لڳا. سنجوڳن فيصلو ڪيو تہ جيڪڏهن هندو کين ڌيئر ۽ پٽ، ڏيڻ ۽ وٺڻ قبول ڪن تہ هو پڪا هندو ٿي رهندا. تڏهن لاڙڪاڻي جي عامل پنچائت اهڙو ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ گهاڙ واه ڪناري جي ٿلهي تي سنجوڳن جو رڌل پڪل پوچن عاملن کاڌو ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ٻنهي نياتن ۾ ڪي شاديون بہ ٿيون، مگر پائيبندن جي پنچائت سخت مخالفت ڪئي. هندن جي اهڙيءَ تنگدليءَ ۽ گهٽتائيءَ مان سنجوڳي بيزار ٿي پيا ۽ ٺڪاڻن ۽ مندرن ۾ اچڻ بند ڪيائون ۽ جيئن اڳ ۾ ها تيئن رهڻ لڳا. هو پنهنجو پاڻ ۾ ئي سڱ ڪندا ها.

**حر** : سنڌي مسلم فرقن ۾ حر سيني ڪان ڳاٽاٽي ۾ وڏيڪ ۽ نامي گرامي ها. ١٩٢١ع ۾ جملي ٤٥ لک مسلمانن ۾ اٽڪل نوَ لک حر ها. سنہ ٧١١ع ۾ محمد بن قاسم سان هڪ سيد شاه علي آيو هو ۽ سنڌ فتح ڪرڻ ۾ هن جو بہ سات هو. تنهنڪري هن جا پويان پاڻکي فاتح ۽ حڪومت جا حقدار سمجهندا ها ۽ گادي نشين کي ’پير پاڳارو‘ (تاجدار) ڪوٺيندا ها. اُن پير جي مريدن کي ’حر‘ چئبو هو.

پير جو مکيہ خليفو هو بچو، جيڪو بندوق چوڙڻ ۾ بلا هو ۽ سندس نشان ڪڏهن نہ گسندو هو. هو اهڙو جريت وارا گڙنگ هو جو اوسي پاسي جا ڳرا چور

سندس سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح جنهن محبوبا کي بچائڻ لاءِ پنهنجو سر صدقي ڪيو هئائين، تنهنجو پنهنجن هٿن سان انت آندائين!

ڏسو عشق جو اسرار! جنهن بچوءَ کي انگريزن جي زبردست طاقت به ڦاسائي نه سگهي، اهو محبت جو مقناطيس سان پنهنجو پاڻ ڇڪجي آيو! قرب جو ڪهڙو نه ڪمال آهي جو دهشتناڪ قاتلن جي ڪرڙي دلين کي به ڪومل بڻائي ڇڏي ٿو! اهڙا لکَ ڪانداريندڙ عاشقي افسانا سنڌ ۾ ڪئين ٿيا آهن جن کي قلمبند نه ڪيو ويو آهي. اهي انگريزن جي ڪتابن ۽ ڪورٽن جي دفترن ۾ داخل آهن.

## هندو مسلمانن ۾ ڪي ذليل ذاتيون

هندن ۽ مسلمانن جي ڪن تورين ذاتين جو ذڪر ته ڪيو اٿم پر پنهي ۾ ڪي اهڙا فرقا به هئا جن جو دين ڌرم ۽ خدا هئو رڳو پئسو يا ليڊري. ڪي ملاوت جا ماهر "واپاريءَ" جي معتبر نالي سان ڪوٺبا ها. هن ڪتاب ۾ وڪيلن ۽ ڪچرين جي دلالن جو ذڪر ته ڪيو اٿم پر اها ذات رڳو ٽائوٽن ۽ ڪچرَدلن تائين محدود نه هئي پر پاون پانيٽن، پيرن مرشدن، وزيرن، ليڊرن وغيره جي دلالن ۽ چاڙتن جي حرفتن ۽ حرڪتن جا به عجيب افسانا آهن. انهن سڀني جي آپٽار سان ته وڏا دفتر پرجي ويندا ان لاءِ هتي رڳو هڪ ٻن نسبت لکانٿو.

**سياستدان:** زماني سان گڏ ماڻهن جو نظريو به بدلجندو رهي ٿو. جيڪي هٿن سان پورهيو ڪندڙ ڪاريگر، اسانجي سک ۽ سيتا جا باني آهن تن کي گهٽ درجي جو ليکيو ويٺو ۽ جيڪي مفتخور اڳواڻ خدا جي بندن ۾ ميلاپ ۽ محبت بدران وير وجهائي دک ٿي دک پيدا ڪن ٿا. مسڪينن جي خون پسيني سان پيدا ڪيل ڪمائي موتمار ڊلن ذريعي چوسين ٿا. بيگناهه شهرن تي بمن جي برسات وسائي تباهي برپا ڪن ٿا. اهڙن پيشيور يخي هٽندڙن کي اسان مدبر بڻائي، سندن مان مرتبو اوچ سمجهون ٿا. حجم واڍا رازا ڪٽي موچي مهاٽا ڪوري ميهار ڳنوار لوهار ڊکڻ ڪنير ناٿارا وغيره جن جي ڪاريگريءَ تي سک ۽ سيتا جي عمارت کڙي ٿيل آهي تن کي اسان گامتو ۽ سماجي حيثيت ۾ نيچ سمجهون ٿا! ڪهڙي نه اونڌي سمجهه!

اسان پنهنجي مهاپرشن جا ٿي مثال ولون: گرو ڪبير صاحب ڪوري هو، نانڪَ ديو کڙمي هو، رويداس موچي ۽ سدنو ڀڳت ڪاسائي هو وغيره وغيره.

اسان عاشقن کي ستائڻ بہ چاڙهون،
رکي رعب تن تي، ڪنبائڻ بہ چاڙهون.
اڳيان عاشق جي، لنگهن پانهن لوڏي،
سندن حوصلن کي، منجهائڻ بہ چاڙهون.
اڙائي اُنهن سان اکيون راه ويندين،
صفا کين 'چوتيو' بنائڻ بہ چاڙهون.
سڄو مال کائي، ڪڍي لاه تن جا،
ڪري کين خالي، پڄائڻ بہ چاڙهون.
اسانکي ڏسي تا، پرين ساه تڏڙا،
اسان کين پيادل، پنائڻ بہ چاڙهون.
نہ 'سودائي'، ڪنهنجي آ، پرواهہ اسانکي،
صبح شام عاشق متائڻ بہ چاڙهون.

ويچارو عاشق:

مون تنهنجي ڏنن تي ڪيو اعتبار،
جدائـي ۾ تنهنجي چڙهـي ويـو بـخار.
اڄي پينگ ڪر، آهي ويجهي پگهار،
نہ تہ لڳي قرض وارن جي، ويندي قطار.

نصيحت:

حسين جي چڪر کان شل خدا توکي بچائيندو،
طرح اهڙي تا، اُبتي 'ڪلڙي' لاهين چا چئجي!
پڌي چڏ حسن وارن وٽ، سڄي کي لفت ئي ڪانهي،
رکو تا پئسي وارن ڏانهن، واجهائين چا چئجي!
لڙائڻ اک چڱي ناهي زماني ۾ حسين سان،
اهي تا چلولا سڏجن لائن دوست در در.

*

مان ور ور ڪري ٿو وطن کي سنڀاريان،
ڪري ياد سنڌ کي، غمن ۾ گذاريان.
قهر قدرتي ٿيو، بدلجي وطن ويو،
سڙي، مال، ملڪيت خوشي سڀ ڀڄي ويو،
لڏيندي وطن مان تن بدن ويو،
سچ پڇو تہ سر سبز دل جو چمن ويو،
اکين جي اڳيان سڀ اچن ٿا نظارا،
درياهہ سنڌ جو ۽ وسندڙ ڪنارا،
ڀلائي نہ ڀلجن ڀلا ڪيئن وساريان،
ڪري ياد سنڌ کي غمن ۾ گذاريا.
(گلراج ڀاٽيا)

●









ڪوهرتي ميڙاڪو



# ڀاڱو پنجون- ڏڻ، رسمون ۽ وهم

ڏڻ وار ۽ ورت، چيٽي چنڊ، ٽيجڙي، ننڍي ۽ وڏي ٿڌڙي، ڏياري، شراڌ، هولي، عيد ۽ عاشورا، ريتيون، رسمون ۽ رواج، ڄم، ڇٽيا، موت، عذر، پيار ڪڍڻ، شادي، ڏيتي ليتي، وهم ۽ وسوسا، پکي ۽ جانور، سيتلا مائيءَ جا اوراڻا.

*

## ڏڻ وار ۽ ورت

جيئن هندن جون ديويون ديوتائون بيشمار آهن، تيئن سندن ڏڻ وار به سال جي جملي ڏينهن کان وڌيڪ آهن. اِهي ڪيئن ۽ ڇا لاءِ شروع ٿيا. اُنهن جون ڪٿائون ٽوڪي ۾ لکڻ سان به پوٿا ڀرجي ويندا ۽ شاسترن ۾ اهي لکيل به آهن. مان هتي ٿورو مکيه ڏڻن جو ذڪر ڪيان ٿو ته سنڌ ۾ اُهي ڪهڙي نموني ملهائيندا ها. شاسترن موجب زندگيءَ جو مقصد آهي، ستيم، شوم، سندرم. ستيم= پرماتما جي پراپتي، حق جي حاصلات. شوم= سڀني جي ڀلائي ۽ بهبودي. سندرم= سونهن، پريم ۽ آنند. تنهن ڪري هندن جا ڏڻ وار انهن ٽنهي خيالن کان موج مزي، پرماتما سان پريم ڀڃن ڪيرتن، بديءَ مٿان نيڪيءَ جي سوڀ ملهائڻ لاءِ آهن. زندگي آهي ٿورڙي، سا روڄ راڙي ماتم لاءِ ناهي.

## چيٽي چنڊ

سنڌ جي نيم ريگستان جي اشٽ جل جي ديوتا اُڏيري لعل جو جنم چيٽي چنڊ تي ٿيو هو، تنهن ڪري اُهو ڏينهن ڏاڍيءَ سڪ ۽ صدق سان ملهائيندا ها پر هتي هزارين رپيا دڦ ڪري، جنهن ڌوم ڌام، رونشي ۽ ڀيڪي سان ملهائين ٿا سو

اتي نہ هو. هتي ڏيکاءُ آهي، اُتي شردا هئي. هتي اِهو جوش خروش ان لاءِ ضروري ٿيو آهي تہ جيئَن سنڌين کي پنهنجو علحدو ديوتا، تهذيب، ٻولي ۽ ساهت هجي، نہ تہ هوَ مڪاني ماڻهن سان جذب ٿي ويندا ۽ سنڌي قوم جو نالو نشان بہ نہ رهندو.

سنڌ ۾ نئين سال جي شروعات چيٽي چنڊ کان ليکيندا ها ۽ نئين سال جون وهيوَن بہ ان ڏينهن رکندا ها ۽ گهڻا واپاري ڏياريءَ تي رکندا ها. هر هڪ چنڊ تي، درياهہ تي چانورن چيٽيءَ، کير ۽ اَني جو اکو پائڻ ويندا ها. جن شهرن ۾ کو واهہ، ڍنڍ يا درياهہ نہ هوندو هو سي کنهن کوهہ تي اهو فرض نباهيندا ها. سک ڌرم جا شردالو بہ ٽڪاڻن ۽ درٻارين ۾ ويندا ها جو گرو نانڪ ديو جو جنم بہ پورڻما تي ٿيو آهي.

**سڳڙا:** سنڌي پابند اڪثر ڏيساورن تي رهندا ها، تنهن ڪري زالن کي سدائين اونو رهندو هو تہ جتي بہ رهن تني سندن وار ونگو نہ ٿئي ۽ نڪا اوکي ويل ڏسن. ان لاءِ هو گهڻيئيءَ جپ تپ، ورت ۽ سڳڙا رکنديون هيون. مهاديو جي سڳڙي ۾ سٽ جي چِٽَن تندن کي، چار ڳنڍيون، هيڊ ۾ رڱي، سانوڻ جي پهرين سومر تي ٻڌنديون هيون ۽ چار سومر اُپواس رکي، پوڄا ڪرائي، مَنِي ڪتي ورهائي، سڳڙو ڇوڙينديون هيون. هتي پانيڻ اهڙو اڏمبر رچيو آهي جو ان ۾ پنج آٺ سؤ خرچ اچي ٿو ۽ هو جاوا ڪن ٿا.

**مها لڪشميءَ جو سڳڙو:** ٻدي سڌيءَ اشٽميءَ تي 16 تندن ۽ 16 ڳنڍين وارو سڳڙو ٻڌنديون هيون ۽ 16 ڏينهن کان پوءِ ڇوڙينديون هيون. اُن وقت سوَجيءَ ۽ مٺي جا ستپوڙا ۽ پڪوان ٺاهي اول پاڻيڻ ۽ غريبن کي ڏيئَي باقي ٻچيل گهر جي ڀاتين جي پلئہ پوندا ها.

**ورت:** اُتي اڪثر سومر يا ڇنڇر، گيارس يا اَماس جا ورت رکندا ها. ستنارائڻ جي ورت ۽ ايڪاٽن جا نوَ ڏينهن هڪ وقت کائبو هو. انهن مان ٿورا ورت بہ سڀئي قومون رکن تہ صحت بہ سڌرين ۽ اناج بہ بچين.

## ٽيجڙي

ساوڻ مهيني ۾ ٿيندي آهي جنهن ڏينهن سهاڳڻيون ۽ ڇوڪريون، هٿن پيرن

تي مهنديءَ سان چٽسالي ڪيدنديون هيون ۽ جهولن ۾ لڏندي گيت ڳائيندي يون هيون ۽ رات جو چنڊ کي ارگهه ڏيئي پوءِ ورت ڇوڙينديون هيون. ساوڻ ۾ چنڊ، بادلن سان لڪ ڇپ راند ڪندو آهي ۽ نہ ڏسبو آهي تہ زالن جو ورت ختم نہ ٿيندو هو. اسان ٻار ڪڏ تي چنڊ ۾ اکيون پائي ويٺا هوندا هئاسين. ڪڪرن مان چنڊ نڪري مس تہ ولي واڪا ڪريون پر جيستائين امڙ اچي تيستائين چنڊو چنڊ، وري بادلن پٺيان غائب ٿي وڃي. ائين هڪ دفعي بيمار ماءُ کي ٿي ڏينهن بکيو رهڻو پيو. ڊاڪٽر چيو تہ جي نہ کائيندي تہ بيماري وڌي ويندس. پر مجال آ جو ورت ڀڃي! چنڊ کي هڪ ڇيڳڙي چوڪر وانگر، جڪائڻ ۽ ستائڻ ۾ مزو ايندو هو!

**اکڻ تيج:** ويساک جي چانڊوڪيءَ ٽيج تي نوان دلا رکبا ها. اُن ڏينهن جل پيئارڻ جو مهاتم هوندو هو جو ٽکر ٽکر تي شربت ۾ صوفن جا ٽکر وجهي واٽهرن کي سيسا سان پيئاربا ها. پاڻيڻ ۽ ٽڪاڻي ۾ نئون دلو ۽ ميوو بہ موڪلبو هو.

**ان مٽيو:** ساوڻ جي اونداهي پارس تي اَن متائي ڪائبو هو يعني ڪٽڪ ۽ چانورن بدلي بيسڻ جي روٽي کائبي هئي.

**ٻن ٻڌڙي:** ٻڌي جي چانڊوڪيءَ پارس تي وامن ڀڳوان جو اوتار ٿيو هو. اُن نمت ننڍن جيون، ڪئلين، ماڪوڙن وغيره کي ڳڙ جي مُستي ڏيندا ها. ڏيٺَر پينر پيڪي گهر ويندي يون هيون.

**سوُ موتي اُماس:** ڪنهن مهيني ۾ سومر ڏينهن اماس ٿيندي هئي تہ اُن ڏينهن گونگي ٿيي ڏيڻ جو مهاتم ليکبو هو. صبح جو بنا ڪنهن سان ڳالهائي، درياهہ يا کوهہ تي اشنان ڪرڻ ٿيو گونگي ٿيي ڏيڻ.

## ننڍي ۽ وڏي ٽيڙي

اِهي ٻئي ساوڻ جي مهيني ۾ ٿينديون آهن. ٽيڙيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ لولا ۽ روٽ تيار ڪري رکندا ها جو ٽيڙيءَ ڏينهن گهر ۾ باهہ نہ ٻاربي هئي. لولا ۽

روٽ ڏهيءَ سان کائيا ها ۽ اُن ڏينهن سيتلا ديويءَ جو چنڊو وجهبو هو. ڪي ماڻهو جوئا ڪري اُهو ڏينهن ملهائيندا ها.

**جنم اشٽمي، رام نومي ۽ شوراتري:** شري ڪرشڻ جي مندر ۾ اڌ رات تائين ڀڄن ڪيرتن ٿيندا ها جو ڀڳوان جو جنم اڌ رات جو ٿيو هو. رامچندر جي مندر ۾ رام نومي تي به ڀڄن ۽ ڀنڊار ٿيندا ها. شوراتريءَ ڏينهن صبح جو ٿاڌل ۾ ٿوري ڀنگ وجهي، مهاديو تي چاڙهي پوءِ پاڻ پيئندا ها. گهٽن ڳوٺن ۽ شهرن جون پنچائتيون اُن ڏينهن ٺاڪريءَ جي ديگ چاڙهي، ڪارائيندا ها.

**ترموري:** ان ڏڻ تي ترن جا پوٽيندا ۽ تلشڪريون، ڏيڻن ڀينرن کي موڪلبيون هيون. **مڪر سنڪرات** تي سورج ڏکڻ کان اُتر طرف ويندو آهي، تنهن ڪري اُتراڻ يا ترموري چئبو آهي. مهاڀارت جي يڌ ۾ ڀيشم پتامهه اُتراڻ تائين پراڻ نه ڇڏيا ها جو ديوتائن جي لوڪ ۾ اُتراڻ ۾ روشني ٿيندي آهي.

**دسهڙو:** دسهڙي کان ڪجهه ڏينهن اڳ رام ليلا منڊلي گهرائيندا ها جن جي تماشن تي ڏاڍي خلق اچي ڪٺي ٿيندي هئي. دسهڙي ڏينهن، راوڻ، ڪنڀڪرڻ ۽ ميگهناد جا شاهي بوتا ناهي، رام ليلا واري رام لڪشمڻ هٿان جلارائيندا هئا. ان ريت سال بسال ياد ڪبو هو ته ڪهڙو به هيبتناڪ حاڪم ڪڪرم ڪندو ته اُن کي بنا ڪنهن وسيلن وارو بنواسي سري رام به ماري مات ڪندو. بديءَ مٿان نيڪيءَ جي جيت يقين ٿيڻي آهي.

## ڏياري

ڏياريءَ کان به ڏينهن اڳ ڏن تيرس کان ڏيئا ٻارڻ شروع ڪندا ها ته سڄو شهر ڀيو ڀهه ڀهه ڪندو هو. خاص ڪري شاهي بازار جي شان ۽ رونق جو ڇا بيان ڪجي! شيشي جي رنگبرنگي هنڊين ۾ مومبتيون ڀيون ٻرنديون هيون. ڏياريءَ کان اڳ گهر ۽ دڪان جي صفائي ڪري، گذريل سال جو ڀوتاميل ڪڍي نيون وهيون رکندا ها. ڏيڻن ڀينرن يارن دوستن کي ٻوٽيندا، تلشڪريون، مٺايون ۽ سال فصل جا لاڳا موڪلبا ها. ڀنهنجن ٻارن وانگر، مسلمان يارن دوستن جي ٻارن ۽ نياڻين کي به کنڊ جا ٿولڙا ۽ مٺايون موڪلبيون هيون. ناناڻن ۽ ماسين

وٽان ڪانئن جون نهيل هنڙيون ۽ لالن ۽ موتين وارا هٽ ايندا ها. جن تي ڏيئا رکي پوڄا ڪبي هئي. چانديءَ جي ربين سروپ لڪشمي ۽ ٻڌيءَ جي ديوتا گڻيس جي پوڄا ڪبي هئي ته ڌن دولت، علم ۽ عقل، نئڙت ۽ نيڪي سدائين اسان جي گهر ۾ قائم رهن. پوءِ سيني ۾ مٺائي ورهائي، مولاوڙا ٻاري، گهر جي ٻاهران رکبا ها ته گهٽيءَ ۾ جڻ مشعالان پيون ٻرنديون هيون. تيل ۾ پڳل اڳڙيءَ کي ڪاني تي مشعال وانگر ٻاري ڇٽبو هو ”مولاوڙو“.

**ڪتيءَ جي گيارس** ڏينهن شهر جي پرڪرما ۽ دان پنج ڪبو هو. سوين فقير ۽ محتاج پنهنجي اڳيان ڪپڙو وڇائي، شهر جي گهيري واريءَ سڙڪ تي اچي وهندا ها جن تي ماڻهو پنهنجي وت آهر پيسا پايون ڪوڏيون ڀڳڙن يا ڦلن مٺ وجهندا ويندا ها. رستي تي بازيگر، ٻولڙن ۽ ريڇن کي نچائڻ، تترن يا ڪڪڙن کي ويڙهائڻ جا ڇهڇٽا لڳائي ويٺا هوندا ها. ڪٿي هارمونيم ۽ ڍڪڙن تي راڳ يا ناچ، ٻارن لاءِ چيڪلا ۽ چوڏول، رانديڪن ۽ مٺاين جا دوڪان ڪلي ويندا ها. شهر جي پرڪرما ۾ مسافا ٻه ايندا ها جتي هڪ طرف لاش پيا سڙندا ها ته ٻئي طرف گيان ويراڳ جون ڪٿائون پيون ٿينديون هيون. سيڪنهن جو بدن آتي اچي جلٽو آهي، اهو سمجهي هڪ مبهم خوف غالب ٿيندو هو، پر گهر اچڻ سان آهيئي لاتون آهيئي چڱهه! ڪتيءَ جي ٻارس تي ساڳئي قسم جا ميلا ملاکڙا لڳندا ها.

**نوراترن** ۾ ديويءَ جا پوڄاري ايڪاٽو يعني هڪ ويلو ڪائيندا ها ۽ وار نه لهرائيندا ها. زالون، ديويءَ جا ڀڄن ڳائينديون هيون ۽ نگر پارڪر طرف گجرات وانگر گربي جو ناچ ۽ راڳ به ڪنديون هيون. **لال لوئي** ڏينهن ٻار ناناڻن ۽ ماسين وٽان ڪاٺيون وٺي ايندا ها. رات ٿيندي مس ته پاڙي يا حويليءَ ۾ ننڍا وڏا اچي گڏ ٿيندا ۽ ڪاٺين جي ٻنيت چوطرف ويٺا ڪچهريون ڪندا، راڳ ۽ آکاڻيون ٻڌندا يا ٻڌائيندا ها. زالون اگني ديوتا ۾ گجرن، ڦلن ۽ ريوڙين جون آهوتيون وجهي ٻاس ٻاسينديون يا جنهن جي مراد پني هوندي آها ناريل پجندي، نڪلن، ريوڙين ۽ پتاشن جي سيسا ورهائيندي هئي. اڌ رات تائين اهو شغل متو پيو هوندو هو.

**ناريل پورڻما :** ساوڻ جي پورڻما تي پينر پائن کي رکڙي ٻڌنديون هيون. رکڙي معنيٰ ته پائرن جي رکيا ٿئي. پائر، پينرن کي لاڳو ڏيندا ها. سڀئين پينرن کان سواءِ، جن سان اهڙو ويجهو سنبنڌ هوندو هو آهي به اچي رکڙي ٻڌنديون هيون ۽ هر سال پائپي جي سڪ قائم رکنديون هيون. جن شهرن ۾ سمنڊ، درياهه يا وڏو واهه هوندو هو، ان ڏينهن ان ۾ ناريل ۽ کير چاڙهي ورڻ ديوتا جي پوڄا ڪبي هئي ته ٻيڙن ۾ جيڪي سنڌي آهن تن جي درياهه شاهه رکيا ڪري.

ٿوري زهر پيئاريندا ها. نانگن جي زهر سان هن ۾ ڏاڍي طاقت پيدا ٿي ۽ هن هڪ ڪڏ کوٽي پاڻي جو چشمو پيدا ڪيو. گوگهو ان ويراني ۾ نانگ بلائن سان پيو رانديون ڪندو هو ۽ سندن زهر ڪڏي پيئندو هو. هڪ دفعي چوهاڻ راجپوتن جو سات سڳر اچي اتان لنگهيو. انهن جو اڄ ۾ ساهه پئي ويو. هن ڪي گوگهي ان شرط تي پاڻي ڏنو ته هوَ سندس عمر جا ست ڇوڪرا وٽس رهائي ويندا ته هن لاءِ انسانن جي وسنوَ ٿي پوندي. لاچار چوهاڻن جان بچائڻ لاءِ ست ڇوڪرا ڏيئي پاڻي ورتو.

گوگهي لاءِ ستن ڇوڪرن کي کارائڻ جو مسئلو پيدا ٿيو ته ٻي ڪا واه نه ڏسي، هو نانگن کان انهن لاءِ به زهر وٺڻ لڳو. نانگن ۾ واويلا مچي وئي ته ائن ڇٽن لاءِ زهر مهيا ڪرڻ ته نسورو ظلم آهي. گوگهو سندن رکيڪ ۽ راجا هو، ته به هن ڪيس مارڻ جو پڪو پهه پچايو. ان مان اهو سبق پرائجي ٿو ته جيڪو حاڪم، رعيت کان حد کان وڌيڪ وصولات ڪندو، تنهن جو خير ناهي. لنڊي هڻ ڪڻ گوگهي کي مارڻ لاءِ تيار ٿي، پر هن ۾ زهر هو ٿورو، تنهن لاءِ اَجگر ارڙ ڪيس پنهنجو زهر ڏنو. ڪاريهر چيو ته پنهنجي مرشد کي مارڻ گناهه آهي ۽ جي هڻ ڪڻ نانگ، گوگهي کي ماريندو ته هوَ هڻ ڪڻ کي ڳرڪائيندو. تڏهن ڪان وٺي وڏي ۾ وڏي ناگ اجگر (20- 30 فوٽ) ۾ زهر نه ٿيندو آهي ۽ واسينگ، جتي به لنڊيءَ هڻ ڪڻ کي ڏسندو آهي ته ڳرڪائي ويندو اٿس.

گوگهي جي نظر ۾ اهڙي طاقت هئي جو ڏنگ واريءَ جڳهه کي فقط ڏسندو هو ته زهر نڪري ويندو هو. تنهن ڪري هڻ ڪڻ بلا، گوگهي کي ڪياڙيءَ تي ڏنگ هنيو جتي هَو ڏسي نه ٿي سگهيو. هن پنهنجن ستن دوستن کي چيو ته مان مران ٿو، پر توهان مونکي رڏي ڪائجو ته خلق جو خير ڪري سگهندءُ! گوگهو مئو ته هن کي ٽڪر ٽڪر ڪري رڌائون، پر هڪ جگري دوست کي ڪيئن چٻاڙين! آخرڪار اُن ديڳڙي کي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيائون. اُهو ديڳڙو ڪن چورن جي هٿ چڙهيو، جن ڪائي رڄ ڪيو. اهڙو ڪامل سڌ پرش پيٽ ۾ وين ته ڪپاٽ ڪامي پين ۽ آئينده جيڪي ٿيڻو آهي، سو نظر اچڻ لڳو. هَو "ماموين" فقير سڏجڻ لڳا. انهن جيڪي به اڳڪٿيءَ جا بيت چيا، سي اڄ سنڌي ادب ۾ خاص جاءِ والارين ٿا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شاهه جي رسالي ۾ ماموين جو قصو ۽ بيت ڏنل آهن، جن جو پهريون بيت هيءُ آهي:

هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻجندي ٻنڌ اَروڙ،
ٻهه ميچي ۽ لوڙهه، سمي ويندي سوڪڙي.

مهاتما گوگهو مرڻ کان اڳ نانگن کي چئي ويو ته بنا سبب ماڻهن کي نه ڏنگجو ۽ ماڻهن کي چيائين ته نانگن کي سڄڻ سمجهي کير پيئارجو. اهي ٻئي ڳالهيون آيامن کان هلنديون اچن ٿيون ۽ گوگهي کي نانگن جو ديوتا ليکي، نانگ پنچميءَ جو ڏينهن ملهائبو آهي.

## هولي

بهار ۾ هولي ايندي هئي ته سڄي ماحول ۾ مؤج مستي جو غلغلو مچي ويندو هو. باغن ۽ اوتارن ۾ موسيقي محفلان شروع ٿي وينديون هيون. سيئين جون ٽجوڙيون کلي وينديون هيون، جو لاهور ۽ لکنئوءَ مان ڳاني واريون ۽ نچندڙيون ۽ گهرائيندا ها. شڪارپور ۾ انهن ڏينهن ۾ هاندو يعني "اکل پارت سنگيت ميلو" لڳندو هو، جتي سڄي هندستان جا مشهور ڳوئيا ايندا ها ۽ سڄو شهر راڳ رنگ سان پرجي ويندو هو.

**هولڪا راڪشسڻ** جي نالي هولي آهي. جيڪا سنڌ جي راجا هرڻڪشپ جي ڀيڻ هئي. اُن راجا گهمنڊ ۾ پرجي فرمان جاري ڪيو هو ته گهر گهر ۾ سندس پوڄا ڪئي وڃي. پر سندس پٽ پرچار ڪندو هو ته سندس پيءُ جي نه، پر اُن سائينءَ جي، جيڪو سڄيءَ سرشتيءَ ڪائنات جو سرجڻهار آهي، تنهنجي پوڄا ڪئي وڃي. پنهنجي پٽ پرهلاد جي اها بغاوت ڏسي، هن ڪيس مارڻ ٿي چاهيو. هولڪا وٽ هڪ چادر هئي. جيڪا ويڙهي ويهندي هئي ته باهه هن کي ساڙي نه سگهندي هئي. هرڻ ڪشپ جي چوڻ تي هوءَ پاڻ چادر ويڙهي، پرهلاد کي پڪڙي ويٺي ۽ باهه جا ڀنيٽ ٻاريا ويا. اهڙي اچي قدرت ٻٽي جو سخت طوفان ۾ آها چادر، هولڪا تان لهي اچي پرهلاد مٿان پئي. هولڪا جلي مئي ۽ پرهلاد کي باهه جي نهس به نه لڳي. اهڙيءَ طرح سچ ۽ نيڪيءَ جي سوڀ جي ياد، تازي ڪرڻ لاءِ هولي ملهائبي آهي. زالون ڇيٽن جي دونهي دکائي، اُن ۾ ڪچي سٽ سان ويڙهيل روٽلا پچائينديون هيون ته ڪوڪيون پچي وينديون هيون ۽ سٽ جا ڌاڳا سلامت بيٺا هوندا ها.

هوليءَ کان اٺ ڏهه ڏينهن اڳ، شهر ۾ راڳ ڳائيندڙ ٽولا نڪرڻ شروع ٿيندا ها. ڪنهن نوجوان کي گنهگرون گاگهرو ۽ ٻيا زالاڻا ڪپڙا پائي، چاتيءَ جا گولا ناهي، دهل، ڍولڪ ۽ ڪنجريون وڄائيندا، نچندا ٽپندا، ڍوڪان جي نڪانوڪيءَ سان گلال ۽ رنگين پاڻيءَ جون پچڪاريون هڻندا ويندا ها. اهي ٽولا مستيءَ ۾ پرجي جيڪي بيت، وٽا يا ڏوهيڙا ڳائيندا ها سي اڪثر عشق بازي جا ۽ جنسياتي هوندا ها. هوليءَ ۾ انهن کي گارين ڏيڻ ۽ فاحش لفظ ڪم آڻڻ جي چوٽ هوندي

هئي. هڪ سادو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ماڻي شال جواني، جاني موٽي آءُ،
پيارا آهن پوُر بہ تنهنجا، دل کي وڻيا نخرا پيي تنهنجا،
ساهہ سان سانديم سور بہ تنهنجا، نيڻن جي ناداني،
جاني موٽي آءُ!

ڪنهن بيشرم نخريلي زائفان کي گارين پڌڻ جي ڪونس ڪندي تہ اُن ٿولي مٿان گندي پاڻيءَ جي ٻاٽلي پلٽيندي تہ ان حرڪت بدلي گنديـن گارين جي گولبياري سهندي:

لهہ پڙوي هيٺ لهہ!..... لٿا لاهي هيٺ لهہ!
ماڻيان تنهنجي جواني، پڙوِي هيٺ لهہ!

اهڙين وائن ۾ پرائيويٽ عضون جا نالا بہ ڪليو ڪلايو ڏوڪن تي ڳائيندا ويندا ها. اڄڪلهہ مانسڪ بيمارين جا مشهور ڊاڪٽر انهيءَ بيهودگيءَ کي تن من کي تازو ۽ تندرست رکڻ جو سٺو ۾ سٺو طريقو مڃين ٿا تہ:

Scream Therapy is sure Tension reliever to regain taste of living and you end up with calm and peace.

ڪئين وڏا ڊاڪٽر، من کي ٿڌو ۽ سانت ڪرڻ لاءِ انجيڪشن يا دوائن بدلي، هڪ بند ڪمري ۾ مريضن کي ڪلو ڪري، ڪين جيڪي من ۾ اچي اُهو بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي واڪا ڪري چوائين ٿا ۽ پوءِ جڏهن ٿڪجي سانت ٿين ٿا تہ سندن ناعلاج مرض بہ ڇٽي وڃن ٿا. من مان تناءُ نڪري من تازو توانو ٿئين ٿو ۽ زندگيءَ جو لطف اچين ٿو:

It is the best way to release pent up emotions, tensions and clam down nerves.

گارين جي انهيءَ وگيانڪ حڪمت ۽ مهما کي اُن وقت نٿي سمجهيائون تڏهن تہ سڌارڪن ان خلاف هلچل هلائي ۽ بدلي ۾ پڇن منڊليون ڪڍڻ لڳا، جن ۾ اهڙو چشڪيدار گهمگوڙ، مزو ۽ رونشو نہ هوندو هو.

هوليءَ تي نائين ۽ دوستن سان باغن ۾ شغل سواد، ٺٺول مسخري بہ ضرور ڪندا ها. باغ ۾ زالون پينگهہ تي لڏينديون يا ٽپڙا ڏيئي راڳ ڳائينديون هيون. مطلب تہ زندگيءَ کي لطف سان لبريز ڪندا ها. ڏوڙئي ڏينهن نائي پيٺيويا، مٽ

مائٽ، يار دوست هڪ ٻئي جي گهر ويندا ها ۽ گلال وجهي مال ملبدا کائي، مٺايون ۽ لاڳا وٺي ويندا ها. گهرن ۾ سنبوسا ۽ ڏنگريءَ جي ڀاڄي، شراب ڪباب به ضرور ڪندا ها ۽ چرچا ۽ خچر ڪلو دل ۾ نه ڪندا ها. ڪا شرارتي سالي ڏاڍيءَ چوڄ سان سنبوسو آڻي ڏيو ته "توهان لاءِ خاص مائي جو ٺاهيو آهي" خوش ٿي سنبوسو کائو ٿا ته چيٽي ۽ گوگائي مرچن سان وات پرجيوَ ٿو، ٿوَ ٿوَ ڪري اوڪارا ڏيو ٿا، ٺهڪڙو مچي ٿو ۽ ڪلڻ هاب ٿيو ٿا! اَن ترڪتالڻ ساليءَ ڪان ڪهڙو بدلو وٺ ٿا سو ته ساليءَ جي عمر ۽ وجهه ملڻ تي منحصر آهي.

**چاليهو ۽ نو روزو:** آڪاڙ جي 20 تاريخ ڪان چاليهو ڏائبو هو، جيڪو ٻن ٻڌڙيءَ تي پورو ٿيندو هو. اِهي چاليهه ڏينهن درياهه شاهه جا پوڄاري صبح جو ڪنهن نديءَ يا واهه تي سنان ڪري کير چاڙهڻ ويندا ها. شڪارپور ۾ اهي چاليهه ڏينهن سنڌ واهه تي ميلو متو پيو هوندو هو. آخرين ڏينهن ڏاڍي ڌام ڌوم سان شهر مان ٻهراڻا ڪٺي درياهه بادشاهه تي وڏو جلوس نڪرندو هو. ٻهراڻي جي معنيٰ آهي درياهه جي پوڄا جي سامگري، "ٻهر" - لهر، وهڻ، درياهه (ميربحر) ۽ "آڻا" معنيٰ تعلق رکندڙ جيئن ڏاڏاڻا، ناناڻا. لعل جا جاني ڇيڄ جو ناچ ڪندا. دهلارين ۽ شرنائيءَ جي سر ۽ تال تي پنهنجي ساڄي ۽ کاٻي واري همراهه جي ڏوڪلي سان ٽڪاءُ ڪندا هلندا ها.

جيئن جيئن تال تيز ٿيندو ويندو، تيئن تيئن ڇيڄاري به جوش ۽ جنبش ۾ پرجي ٻن ٽڪاوَن جي وچ ۾ لوڏ سان ڦيري پائيندا ها. ڪڏهن اوڪڙو ويهي به ڏوڪلا وڄائيندا، ناچ جون جدا جدا ادائون ڏيکاريندا ها. ان ڇيڄ ۾ چار يا چاليهه ماڻهو به ناچ ڪندا ها ۽ وچ وچ ۾ نعرا به هڻندا ها- "لعل جا جاني ڇٺو جهولي لعل" ناچ سان گڏ ڳائيندا به ويندا ها:

هو جمالو، جيڪو ڪٺي ايندو خير سان،
هو جمالو، جنهن کي سوني منڊي ڇيڄ ۾،
هو جمالو، جنهن جا وار گهنڊيدار، آلا،
هو جمالو، جنهن جون اکيون رب رکيون، آلا؛
هو جمالو، جنهن جا ڏند دلبند، آلا،
هو جمالو، جنهن جو منهن مهتاب، آلا،
هو جمالو، هو جمالو، جمالو جتن سان.

اِهو هڪ وڏو لوڪ گيت آهي، جنهن ۾ نوان ٽڪرا به ڳنديا ويندا ها. ان جا وڌيڪ فقرا مونکي ياد ناهن، پر اِها هڪ جت جي ڳالهه آهي، جنهن کي دغا سان ڪيچ مڪران وٺي ويا ها ۽ هو آتون خوب دولتمند ٿي موٽيو هو. ڀهراٽا واهه تي پهچندا ته زالون خواه مرد تاڙين جي تال سان هنريت پنجڙا ڳائي پلئہ پائيندا ها:

پلئہ جي پائين، لعل خاوند خالي نہ ڪري،
آسائُو آهيون لعل، سوالي مهر ميا جا.
اچن جي آس ڪري، لعل تو وٽ گهوٽ گهڻا.
ٻيا بہ ڏاتر ڏيهہ ۾، ڪا تو ۾ مرد مٽيا،
جوشي جنگ گهڻا. جو قائم آهن ڪلجگ ۾......
سيئي چئو جهولي لعل

هڪ چوندي:

تون درياهہ رحمتي، آءٌ گناهن پر،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، آيم تنهنجي در،
خطائون خاوندڙا، اچي ماتو معافي ڪر!
اهڙي نظر ڌر، جو عيب نہ رهيم هڪڙو......
سيئي چئو جهولي لعل

ٻي چوندي:

جنهن جي پت آ لعل تي، تن جا سلا ٿيا ساوا،
تنهي جو طالهہ سان، بابا ڪير ڪري دعوىٰ؟
ڪم ڪن لاوا، تہ بہ ساعت ۾ سولي ڪجانءِ!......
سيئي چئو جهولي لعل

وري ٽين چوندي:

دولهہ سائين دادلا، تون درياهہ شاه دلير،
سوالي تنهنجي در تي، اچ پائي آيو پير،
پنڙو ڏي تون پاند ۾، ڪنول گل جيان شير،

سائين اسان جو مير، مالڪ تون مسڪين جو!....
سيئي چئو جهولي لعل

تنهن تي درياهه شاهه جا ڪي خيرخواهه ڪيس هن قسم جي صلاح ڏيندا ها:

درياهه شاهه دادلا، توسان لڄ لڄايون ڪن،
آڪو پائي پئسي جو، توڪان ليڙ پيا لک گهرن،
تن ڪي پئسو ڏج نه پاند ۾، متان خرچي ڇڏين ڪوهلا.....
سيئي چئو جهولي لعل

وري ڪو ٻيو لعل سائينءَ کي دڙڪو به ڏيندو:

درياهه تنهنجي در تي، واريءَ سندا ڍير،
هڪ ڪڌون ٻيا ڪوهڙا، ٽيون اوڪا اٿس گهير،
ٻوڙي پنهنجي ٻاجهه سان، جاڏي پاڻي ڪر پير،
ڏسي اهڙا انڌير، وڃني ٿا مريد شوالي....
لعل جا جاتي چئو جهولي لعل

پر درياهه شاهه مشڪندو جهولندو، 5 - 10 سال پنهنجي مريدن کي حاڪماڻي حشمت ڏيکارڻ لاءِ ٻوڏ ڪري گوشمالي ڪندو رهندو هو.

جيڪي يڳت چاليهه ڏينهن اهو نيم پالي نه سگهندا ها سي نوَن ڏينهن جو نو روزو رکندا ها ۽ درياهه شاهه جي مهما ڳائيندا رهندا ها. "لعل آڏيرو انتر يامي، هندورن ۾ جهولي لعل." مسلمان، ان کي خدا جي هڪ پدارٿ، عناصر جي اجائي عبادت چوندا، پر ان مهان قادر جي، جنهن ڪامدار جي ڪارستانيءَ سان ريگستان به سائو سبز گلستان ۽ ڪروڙن جي پيٽ پرڻ جو وسيلو بڻجي ٿو ۽ جنهن سان اسان جو جياپو آهي، تنهن لاءِ احسان مندي ظاهر ڪرڻ ۽ عين ڪان آجي ٿيڻ جي التجا ڪرڻ نه فضيلت ۽ سلڇڻ آهن. شڪرگذاري، هندن جي خاصيت آهي جو ڳاهه ڪائي ڪير ڏيندڙ ڳانءِ کي ماتا جو اوچو درجو ڏنو اٿائون.

## عيد

رمضان جي هڪ مهيني جي روزن کان پوءِ عيد ايندي هئي ته ڏاڍي صدق سان ملهائيندا ها. ان ڏينهن هر ڪو مسلمان ننڍو وڏو، غريب امير سرهو پيو ڏسبو

هو. پره ڦٽيءَ جو ئي گهر گهر ۾ شغل ٿي ويندو جو سيوَن کائي عيدگاهه طرف ويندا ها. ننڍا نينگر مٿي تي ڦندڻن واريون ٽوپيون، نوان ڪپڙا ۽ چيڪاٽ وارا بوٽ پائي ٽپندا ها. نينگريون به پنهنجا مينديءَ رتا هٿڙا، پائرن ۽ پيرن کي ڏيکاري پيون ٽڙنديون هيون. ماءُ پيءُ کين ٽولڙن، رانديڪن کان سواءِ خرچي به چوکي ڏيندا ها. ٻارڙا توتاريون پيا وڄائيندا ۽ ڦرٽيون پيا ڦيرائيندا ها. اسان هندو ٻارن کي نه رڳو پتا جي دوستن وٽان پر يار محمد درزيءَ ۽ عيدن ڌوٻيءَ وٽان به ڦرٽيون ۽ رانديڪا ملندا ها.

هڪ مهيني جا روزا مسلمانن ۾ نه رڳو دک برداشت ڪرڻ جو معدو وڌائيندا ها، پر کين مذهب تي ثابت قدم مستقيم بڻائيندا ها. عيد به سندن دين جو هڪ اهم انگ هئي جو ان ڏينهن نماز بعد پاڻ ۾ گلي ملي، محبت ۽ ميلاپ وڌائيندا ها ۽ خيرات ذريعي ڏکين جي ڏک ڪٽڻ جي ثواب سان آخرت سڌاريندا ها.

ان ڏينهن ٻهراڙيءَ مان ڳوٺاڻا به پنهنجي آکهه سوڏا شهر گهمڻ ايندا ها. هو بازار مان پنهنجون گهربل شيون خريد ڪري حلوائن ۽ هوٽلن جا مال مليدا کائي ڳوٺ موٽندا ها. ان ڏينهن ملاکڙو به ضرور لڳندو هو. ڪن هنڌ ڏس ته بازيگر پولڙن ۽ رڇن کي پيا نچائيندا، ٻئي هنڌ سرندي ۽ دلي تي، ڪافين ۽ بيتن جي ڌوم متل هوندي. مطلب ته چوطرف خوشيءَ جو خمار هوندو هو.

## عاشورا

محرم جي ڳالهه هيءَ آهي ته حضرت پيغمبر صاحب کان پوءِ سندس نياڻو حضرت علي، ڪوفي جي مسجد ۾ نماز پڙهندي شهيد ٿيو ته سندس وڏي پٽ امام حسن خلافت جو ڇٽ ٻهريو. هن کي ڪوفي قبيلي جي حاڪم يزيد زهر ڏياري شهيد ڪرايو ۽ پاڻ کي خليفو ظاهر ڪيو. ڪوفين امام حسن جي ننڍي ڀاءُ امام حسين ڏانهن نياپو موڪليو ته هو سندس تعبيدار آهن ۽ کيس خلافت جي مسند جو حقدار تسليم ڪندا. تڏهن امام حسين پنهنجي ڪڙم قبيلي سميت ڪوفي ڏي روانو ٿيو. هو جڏهن ڪربلا جي ميدان تي پهتو، تڏهن معلوم ٿيس ته ڪوفين ساڻس دغا ڪئي آهي ۽ هوَ درحقيقت يزيد جا حمايتي آهن. آخر ڪار ان ميدان تي جنگ لڳي جنهن ۾ امام حسين به شهيد ٿيو. تڏهن کان مسلمان انهن ٻنهي اِمامن حسن ۽ حسين جي شهادت جو هر سال ماتم ڪندا آهن، تنهن کي محرم (عاشورا) چئبو آهي.

سنڌ ۾ محرم جو ماتم به ڏاڍي زور سان ڪندا ها، خاص ڪري شڪارپور

ٻار جي جھنڊ لهرائبي هئي. بادامين ڪشمش ڇهارن جي ڪنٺي، ٻار جي ڳچيءَ مان ڪا نياڻي ڇنندي هئي ۽ ٻارن کي ورهائي ڏيندي هئي. اُن وقت ٻار مٺان گھور گھوري حجم کي ڏيندا ها.

## جٽيا

پنجين سالن کان پوءِ، هر دوار، دوار ڪانات يا ٻئي ڪنهن تيرٿ تي وڃي ٻارن کي جٽيا پائبا ها. جيڪي غريب ساڌ ٻيلي يا زنده پير تي به وڃي نه سگھندا ها، سي ڪنهن مندر يا ٽڪاڻي ۾ جٽيا پارائيندا ها. سيئي مائٽ ۽ پاڙيسري اچي ڪٺا ٿيندا ها. برهمڻ هوم هون ڪرائي؛ وديا ۽ منتر پڙهڻ جي رسم پوري ڪري حاضرين کان ڀکيا وٺرائيندو هو. مطلب ته جيئن آڳاٽي زماني ۾ گروڪل جو سرشتو هو جو وڏي ۾ وڏيءَ تعليم لاءِ به سرڪار کي پائي پئسو خرچڻو نه پوندو هو ۽ نڪي مائٽن کي تعليمي ادارن ۾ اولاد جي داخلا لاءِ رشوتون ڏيوٽيون پونديون هيون. غريب يا امير کي، آشرم ۾ رهي ساڳيءَ طرح جا علم سيکاريا ويندا ها. ”جٽيا“ ان اعليٰ سڀيتا جي نشاني آهن. ”جٽيا“ معنيٰ دوج ٿيڻ، ٻيهر جنم وٺڻ. جو ته پسون پکي به هڪ دفعو جنم وٺن ٿا ۽ وديا پرائڻ آهي ٻيهر جنم وٺي اشرف- ال- مخلوقات ٿيڻ.

جٽين کي آڏ شادي سمجھي متن مائٽن ۾ مٺائي ۽ لاڳا ڏيندا ها. ناناڻن لاءِ به اهو مراد پچڻ ۽ خوشيءَ جو ڏينهن ليکبو هو ۽ هو به وت آهر لاڳا ڏيندا ها.

## موت

آنت ڪال ۾ جڏهن ڪو پويان پساهه پيو کڻندو هو ته مرٽينگ کي کٽولي تان لاهي، زمين تي ليپو پائي سمهاريندا ها ۽ گنگاجل جو اِشنان، گيتا جي آٿارهين آڌياءَ جو پاٺ، گئوُدان، سيڌي سامان ۽ ڪپڙن لٽن جو دان به ڪانئس ڪرائيندا ها. ان دستوري سنجت واريءَ موڪلاڻيءَ کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو رخصت نه وٺندو هو ته واپس کڻي کٽولي تي سمهاريندا هئس. اسان جي هڪ بزرگ چاچي حيرت ۾ وجھي ڇڏيو جو ڇهه دفعا ليپن مان اٿيو. آخر ڪڪ تي جڏهن آئي جي چاٽيءَ کي هٿ لهرائي، ڳانءِ جي بدلي ڏاند کي ڪارايائون تڏهن مس مس ڪري چولو ڇڏيائين، سو به بلڪل بي موقعي، جڏهن سندس ياٺئي هنومان جي ڄڃ پئي نڪتي.

## عذر

گهوٽ جي موت تي هندو خواه مسلمان زالون زيور لاهي ڇڏينديون هيون. هندو وڌوا ٻارهن مهينا ۽ مسلمان رن عورتن لاءِ چار مهينا ڏهه ڏينهن عذر ۾ ويهڻ جو رواج هو. اُن عرصي ۾ هوءَ گهر کان ٻاهر نہ نڪرنديون، اَڇا ڪپڙا ڍڪينديون، سينڌ سرمه يا وارن ۾ ڦڻي نہ وجهنديون ۽ بنا بستري تڏي تي سمهنديون هيون. هندو وڌوائون يا عمر ريشمي ڪپڙا نہ پائينديون هيون ۽ پتيءَ جي حق ۾ رهنديون هيون، پر ڳوٺن ۾ ننڍيءَ عمر وارين جي شادي ڪرائي ڇڏيندا ها.

**ٻانيٽن جي قرلت:** اُن زماني ۾ پراڻيءَ جي نمت ٻانيٽن کي ٻاسڻ برتڻ، هنڌ بسترا، پلنگ، ڪپڙا لٽا، بوٽ، چمپل، جوارب ۽ ٻارهن مهينا ڪاڏو پيتو، شربت، ميوا مٺايون، ايڏو تہ گهڻو ڏيڻ جو رواج هو جو غريب ويچارا قرض کڻي بہ پورائي ڪندا ها. اُن اَپرانت موت واريءَ تاريخ تي هر مهيني "ماشڪ" ۽ ٻارهن ماسيءَ کي "ورنيد" جڏي ٻانيٽن کي خاص ڪپڙا لٽا ٻاسڻ برتڻ پئسا ايڏا ملندا ها جو هوءَ لکاپتي ٿي پيا ۽ فوتيءَ جا مائٽ قرض ۾ غرق! ٻانيٽن جو ڪو هوَند سوَند وارو ججمان مرندو هو تہ جڻ سندن لاٽر کلندي هئي. پراڻيءَ نمت مليل مال ۽ ڪاڏا پيتا هوءَ سستي اگهن تي وڪڻندا بہ ها. پوءِ پنچاتن جي بندش تي ٻانيٽن جي اِها قرلت گهٽي گهٽجي وئي. جيئَن ڏيتي ليتي مقرر ڪيائون، تيئَن ٻانيٽن جا لاڳا بہ مقرر ڪيائون.

**پنجڪيون:** جيڪڏهن ڪنهن جو موت پنجڪن جي ٽٽين ۾ ٿيندو هو تہ سمجهندا ها تہ مٿَل ماڻهو گهرجي ٻئي ڪنهن ياتيءَ کي يقين پاڻ وٽ گهرائيندو. سيني جي دلين ۾ هراس ڇانئجي ويندو هو. تڏهن بہ ٻانيڻ جو وارو ورندو هو جو هن کان پنهنجي سلامتيءَ لاءِ خاص پوڄا پاٺ ۽ هوم هوَن ڪرائيندي جڻ تہ فوتيءَ کي چوندا ها تہ هاڻي اسان کي وسار ۽ پچر ڇڏ! تنهن هوندي بہ ڪي فوتي اهڙا نڙ ۽ ڳوڙهيءَ ممتا وارا هوندا ها جو گهربل شخص کي ضرور گهرائيندا ها. مسلمانن ۾ بہ ساڳيو عقيدو هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو چنڊ جي پهرين يا پوين پنجن تاريخن ۾ مرندو تہ اُهو پنهنجي عزيزن مان ڪنهن هڪ کي چڪي ويندو. ان لاءِ هو اُن جي قبر جي چئني ڪنڊن کان لوهي جون ڪليون کوڙيندا ها تہ جيئَن قبر ۾ قابو پيو هجي ۽ ٻاهر نڪري ڪو خلل نہ ٻاري. اُنهن کي پنج ڳڏا

يا گڏيون بہ ڪچ ۾ ڏيندا ها تہ انهن سان ويهي دل وندراءِ ۾ اسان جي ڪڏ نہ پڙَ!

## پار ڪيڻ

هندو خواهہ مسلم زالون گهر ۾ موت ڪان چار يا پارهن ڏينهن رودن ڪنديون هيون، جنهن کي هندو "ويهڻ" ۾ مسلمان "پٽر" چوندا ها. منهن تي پوتي وجهي پنهنجي ڏک سوَر جا پار ڪنديون هيون. انهن مان ڪي نمونا ٻڌو:

گهوٽ لاءِ:

هلو مون سان پينرون، مونکي راڻو ريجهائي ڏيو!
ساهہ برابر سڄڻ، اڄ ڏسي ڪين سگهان،
اندر آڳ ٻري، منهنجا جيرا جوش جلن!
پيڻ زي پيڻ، مون سان هاءِ هاءِ وئل ٿيو.
چورو ڪري وئين نديڙن کي، توکي اهڙو سڏ ٿيو!

پٽ لاءِ:

پٽ نہ مرن ڪنهن جا، مرن ڏکيون مائرون،
جيئري ڏيندم هنڙا، مونکي مُئي بہ ڪلهو ڏين،
پرٽي وارا ڪپڙا تنهنجا دل کي ساڙ ڏين،
اهڙو وئين وري نہ آئين، تنهنجا وڳا ياد پون.

زالن ۾ سياپي جو بہ رواج هو. اهو هڪ لاجواب پيچدار فن آهي جيڪو ڪي خاص آزموده زالون ئي ڪري سگهنديون هيون. ان جو ذڪر خاص ڏنڌن واري باب ۾ ڪندس. گهر جو ڪو بزرگ پيلپائو چالاڻو ڪندو هو تہ بادستور قطار ۾ بيهي، ڇاتيءَ تي ڏک هڻي سياپي جو ڪورس مچائينديون هيون.

منڍ واري: صوبو سرتاج هو، سيئي: صوبو سرتاج هو
منڍ واري: پائرين سرتاج هو، سيئي: صوبو سرتاج هو

منڊ واري: پٽين سرتاج هو، سيئي: صوبو سرتاج هو
منڊ واري: راڄين سرتاج هو، سيئي: صوبو سرتاج هو

## شادي

**مڱڻو**: انهن ڏينهن ۾ ڇوڪري- ڇوڪريءَ جو هڪ ٻئي کي ڏسڻ ۽ پسند ڪرڻ جو رواج نه هوندو هو. ننڍي هوندي ئي مڱڻو ڪري ڇڏيندا ها ۽ اڪثر 12-11 سالن جي ڇوڪريءَ ۽ 16-15 سالن جي ڇوڪري جي شادي ٿي ويندي هئي. ان کان گهٽ عمر جون شاديون به ٿينديون هيون، پر ڪچي بدن جون نوهر، سس سان سمهنديون هيون. مون کي ياد آهي ته منهنجي ڀاڄائيءَ (يارهن سال) پنهنجي گڏي جو مڱڻو، پنهنجي ڀاڄائيءَ (يارهن سال) جي گڏيءَ سان ڪيو هو. هڪ ڏينهن پاڻ ۾ ڏيٺ تي پئي ڇخ ڇخ ڪيائون. ڇي: "منهنجو گڏو آڪاهتو، ڏوڏيجا خاندان جو، ميٽ ڪٽورو (ميٽرڪ) پاس، پوءِ مان اهڙو گهٽ ڏڻ جو وٺان!" اهو ٻڌي مان (ڏه ورهيه) ناهه ڪرائڻ جو آفر ڪيو مانس ته سيٺيءَ جو ڪجهه لحاظ ڪريو! سيڻ آهي، جو ڏلي نرن نيڻ! خير. مونتي پاس خاطريءَ جو الزام هٿي موڙڳو ڇيڙائڻ لڳيون: "ڇوڪرين ۾ ڇوڪر، منهنجي گڏيءَ جو نوڪر، رات پرينڊو پاڻي، صبح ڪندو سلام." مان به لاڪ لاٿي مانس: "ڇرِي ڇوڪري ڇم جي، ڪاٺي ڪچا ٻير، اٺ جيڏي اوجهري، ڳابي جيڏا پير!"

مطلب ته انوقت ننڍين نونهن جو اهڙو هلڻ هوندو هو، جيئَن ڏيئَن وانگر ساهورن سان رلي ملي هڪ ٿي وڃن، پر اڪثر گهوٽ جي عمر به ١٢- ١۴ سال هوندي هئي. ورلي ڪنهن وڏيءَ عمرجي ڏڳهه جو ننڍيءَ نينگر سان ونواهه ٿيندو هو، جنهن جو ذڪر مان خرابين ۾ بيجوڙ شادين جي باب ۾ ڪندس. اڪثر مائٽين واريون مايون، هڪ ٻئي جي ڏانوَ جا گهر ڇاڻنديون هيون. سڱ ڪرڻ لاءِ جات پات ۽ لڇڻ کي وڏو وزن ڏيندا ها ڇو ته ڪايا (سونهن) ۽ مايا تي ڪو پروسو ڪونهي. ٻڌائيتو گهر ويل نه وڃائيندو. ٻڻ جو ڇوڏو ونجي. لڇمي ڪلڇڻ ڏڪي ٿي. مائٽين ڪرڻ واري، گهوٽ ماءُ کان واڌائي جا يارهن رپيا ۽ ڪنوار ماءُ کان پنج رپيا ونندي هئي. زمانو بدليو ته 25 ۽ 11 رپيا وٺڻ لڳيون.

مڱيل ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ساهري گهر پيا ايندا ويندا ها ته جيئن نون مائٽن سان هرن مرن. نانيءَ کي شڱل سواد ڪرائي هڪ رپيو لاڳو ڏيندا هئس، پر ته به ڪنوار جو ديدار نه ڪرائيندا هئس. وڏيءَ عمر وارا مڱيل ڇوڪرا، ڪي اٽڪلان لڙائي، پنهنجي ونيءَ جو مکڙو ڏسندا ها. پر اڪثر سهاڳ رات ئي پنهنجي

محبوبا جو مهانڊو پسندا ها. چيل آهي تہ، ”جو مزا انتظار ۾ هئہ، وہ وصالي يار ۾ نهين.“ اَڻ ڏٺي عشق ۾ جيڪا ڪشش ۽ رنگيني ٿيندي آهي تنهن جو لطف ڪو ٻيو هوندو هو.

## ڏيتي ليتي

مگڻي مهل ئي ڏيپ جي ڳالهہ ٿيندي هئي. چڱن ڀلن گهرن ۾ هڪ هزار جو ڏيپ هلندو هو. پر بعضي ڪي شاهوڪار پنجن هزارن تائين بہ ڏيندا ها تہ شهر ۾ هوڪو پئجي ويندو هو. نياڻين جي ونواهہ ۾ مٽ مائٽ، يار دوست ۽ پاڙي اوڙي وارا بہ منيءَ ۾ ڏيندا ها. جيڪو سفر دان چئي نياڻيءَ کي علحدہ ڏبو هو. ڏيتي ليتي جي گهَر گهَر ڪنڌڙ گهوٽ ماءُ جي خو اري ٿيندي هئي. جيڪي بہ ڪنواريتا ڏين، سو سڪ سان وٺي فخر سان پائرن پينرن ۾ وندي ورهائي ڪاٿبو هو.

اُن وقت حيدرآباد ۾ ڏيپ جي بيماري شروع ٿي جو ڀِٽن جا سودا ٿيڻ لڳا. سندن پڙهائيءَ تي خرچيا هونداٺون پنج هزار، پر طلبيائون ٿي ڏهہ هزار ۽ ڪنوار مٽان روَنگ ۾! ڊگرين موجب ڇوڪرن جا اگهہ فڪس ٿي ويا. مئٽرڪ واري جا پنج هزار، گرئجوئيٽ جا ڏهہ، انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ انگلنڊ رٽرنڊ اڃا بہ ملهہ مهانگا. جڏهن چوٽ چڙهيل اگهن تي بہ مال جي نافت ٿي وئي، تڏهن ٽيندڙ گهرائي واڪ ڏيڻ لڳا. ڏسي ڏسائي اِها وَبا ٻين شهرن ۾ بہ ڦهلجي وئي، پر پئنچاتين جي دٻاوَ ۾ ڪي قدر بچاءُ ٿيو. ڏيتي ليتيءَ جا ڪلور ۽ اُنهن جو ڪيئن خاتمو ٿيو، اها آپتار پئنچاتين جي باب ۾ ڪئي اٿم، ان لاءِ هتي نٿو دهرايان.

حيدرآبادي سڌارڪ بہ نانءُ ڪيڻ لاءِ ڏيتي ليتيءَ خلاف پرچار ڪرڻ لڳا. بنا ڏيپ وارين شادين جا اخبارن ۾ نالا وجهي واهہ واهہ ٿيڻ لڳي. اُهو آدرشي ونواهہ ليکيندا ها، جنهن ۾ نہ ديڳيون، نہ دهل دماما! رڳو اخبارن ۾ ڇپبو تہ فلاڻي آچيءَ ٽوپيءَ، سادگيءَ ۽ سڌاري جو اعليٰ آدرش پيش ڪيو! اهڙين ونواهن تي پاڻي بہ گهران پي وجبو هو تہ جڻ ڪنهن جي پڳڙين تي پرچاڻي ڪري آياسين!

سڌارڪ (؟) بہ نياڻيءَ کي ڏيندا ضرور ها، پر جيئَن مشهوري ۽ ناموس بہ نڪري ۽ مال رڳو ڏيءَ ناٺيءَ جي پلئَہ پئي. پر عام ماڻهو ان پاڪنڊ کان پري ها جو چوندا ها تہ وڏن جي سموري مڪليت پٽن کي ملي ٿي تہ نياڻيون اوباروَ آهن ڇا. جو ڪين خالي هٿين گهر مان ڪڍجي! جهڙو پٽ تهڙي ڌيءَ! پڄنديءَ آهرڪين ڏيڻ سان سندن مان ۽ منهن مٿي ٿيندو، نئَون گهر ناهڻ ۾ ڪين هٿي ملندي، باقي ڏيپ جي ڳالهہ ۽ تقاضا ڪرڻ ڪميٽائپ آهي. عام شادين ۾ شادمانا ڀيا ٿيندا ها.

ديڳيون پيون دمبيون هيون. ڪنواريتن وٽان آيل شئي چيز، ڏيئَن پينرن ۽ پاٺرن ۾ ونڊي ورهائي، مراد پنيءَ جون خوشيون ڪندا ها. ماٺر ۽ پينر بہ آس پائي ويهنديون هيون تہ پنڙي ۽ پاٺڙي جو وهاڻ ٿيندو تہ مان سرتين سان سرهي ٿينديس. سنڌي سيپتا آهي تہ ونڊي ورهائي کائجي. سڌارڪن وٽ اُن جي اُبتڙ رکو پنهنجو پيٽ پرڻ هو!

هاڻي نئين قانون مطابق پيءَ جي ملڪيت تي، ڌيئَن پٽن جو هڪ جهڙو حق آهي. ان ريت هڪ مسئلو حل ٿيو آهي تہ ٻيا ڏهہ لفڙا پيدا ٿيا آهن. اول پيءَ جي ملڪيت جي ورهاست ۾ پاٺر ساڀڳيءَ رت ۽ گهر جي لحاظ کان موڙو جهوڙو کائي سرچي ويندا ها پر هاڻي تہ آهي وڻ وڻ جي کائي. مختلف خاندانن جي سالن پيٽيوين جو ملڪيت جي ورهاڱي تي اڪثر ناءُ نہ ٿو ٿئي ۽ ڪورٽون اهڙن ڪيسن سان پريل آهن. چيل آهي تہ "ناٺو ننهن کان ماس وڇوڙي!" پاٺرن پينرن جو پاڻ ۾ پريم نٿو رهي. ان مصيبت کان بچڻ لاءِ ڪئين خود مطلبي پاٺر، پينرن جي شادي نٿا ڪرائين. نوڪري ڪرائين ٿا تہ گهر جي خرچ ۾ بہ ڀاڱي پائي ٿين ۽ سندن ٻارن ۽ گهر جي شيوا بہ ڪن. اڳي تہ قرض ڪٽي بہ پينرن کي سمرادو ڪندا ها ۽ وڏور پيڻ کي ڪنوارو وهارڻ گناهہ سمجهندا ها. وڏي ڳالهہ هئي پاءُ پيڻ جي سڪ ۽ پيار جي! هزارين سالن کان هلندڙ سٺي سرشتي کي ڊاهي، اختياريءَ جي انڌ ۾ ٻي زبان ڪنيائن جا ڏک سور وڌائين ٿا.

قصو ڪوتاهہ. سنڌ ۾ شادي معنيٰ شادمانا! چا مڻايون، چا آتشبازيون! اهوئي تہ موقعو ٿيندو هو پاٺرن ۽ ماٺن جي پاڇي لاهي سرخرو ٿيڻ جو. پاٺرن، چاچن، مامن، پيٽيون ۽ سيٺن کي چٽنا سلڪ جا ڪوٽ ۽ ٻارن جا ڪپڙا ڏبا ها جنهن لاءِ درزي هڪ مهينو اڳ اچي ڪاريگرن سميت ماپون وٺندو هو ۽ ڪپڙا سبندو ويندو هو. شاديءَ کان ٨- ١٠ ڏينهن اڳ ڪٽيش ٿاپنا ڪري سڳن ساٽ پيا ٿيندا ها ۽ ديڳيون چڙهڻ شروع ٿينديون هيون. جيڪي برادريءَ، هندو مسلم پاڙيوارن، سيٺن سڄڻن ۾ ورهائبيون هيون. گهوٽ ڪنوار کي ست ڏينهن ونواهہ ۾ وهاريندا ها ۽ سندن ڪپڙن ڦاڙڻ کي سٺو سوڻ سمجهندا ها. گهوٽ جو پيٽيو "آهنر" ٿي ڪاتي ڪٽي سدائين گهوٽ سان گڏ رهندو هو پر جي سڳي پيڻ نہ هوندي هئي تہ سوٽ يا پيءَ ڪنهن پيڻ جو گهوٽ آهنر ٿيندو هو.

شاديءَ مهل منهنجي عمر 15-16 سال هئي. مان تہ آهنر سان ويٺي شطرنج راند ڪئي ۽ هيٺان مامي جي هل هنگامي جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا جو فقيرن کي قطار ۾ وهاري پئي تاهري ۽ پاڇي کارايائين، "جنهن کي گهرجي، سو گهري وٺي!" برڪت جا زمانا ها. ڏيڍ رپئي مڻ ڪڻڪ، اڍائي رپئي مڻ چانور، 35 رپئي مڻ گيهہ ۽ 5 رپئي مڻ ڳڙ هو. پوءِ چونہ ڊوَ تي کارائيندا!

زالاٿي پاسي جو شور ۽ غل بہ واهہ جو هوندو هو. ان ڌمچر ۾ گهوٽ ماءُ جي نڙي گهگهي ٿي ويندي هئي. ننڍيون نيٽيون هڪ ٻئي کي ڪتڪايون ڪري، ذريءَ ذريءَ ڳالهہ تي آگهاڙا چرچا ڪري ٽهڪ پيون ڏينديون هيون. جوانڙين جي گول گول جسم ۽ مينديءَ رتل هٿن ۽ ٽڙندڙ مکڙن تي عجيب خماري ۽ مستي هوندي هئي ۽ گهوٽ پيڻ سان پيون ڪيچ ۽ چهہ چهہ ڪنديون هيون. لاڏن جي محفل ۾ دهل جي تال تي ناچ ۽ راڳ پيا ٿيندا ها. "او لاڏو رات ماٺيندو ڍولي پناٿي...." يا "او منهنجا مور لاڏا، چپ چور مچ مور منهنجا شير لاڏا....." ڪدڙن جا ٽولا بہ پنهنجي ناچ راڳ ۽ تاڙين جي ٺهڪن سان ڏاڍي موج مچائيندا ها جو گهوٽ ماءُ ۽ پيڻ ۽ ڀين کي بہ پاڻ سان نچائيندا ها. ٺٺو مسخري ۽ ٽهڪڙو متو ئي پيو هوندو هو.

شاديءَ کان 4-6 ڏينهن اڳ رات جو ڏک جون مجلسان شروع ٿينديون هيون، جن ۾ ماسخور شراب ڪباب واپرائيندا ها. انهن مجلسن لاءِ شاهوڪار لاهور، لکنئو ۽ ڪلڪتي جون ناميارون ناچو ڳائيندڙين کي گهرائيندا ها. انهن ڏينهن ۾ ڪلڪتي جي گوهر جان ڏاڍي مشهور ۽ مهانگي هئي، جو هن جي ڪوئل ڪنٺ جا آلاپ ۽ ناز نخرو ڏسڻ، رڳو دولتمندن جي وت جي ڳالهہ هوندي هئي. پر شاديءَ جي مجلسن ۾ مجرو ڪندي هئي تہ عام لوڪن جي اچڻ جي جهل پل نہ هوندي هئي. وڏو ميلو مچي ويندو هو. تحقيق اها عملي سوشلزم هئي جو امير غريب گڏجي لطف وٺندا ها.

گوهر جان کان سواءِ پيون بہ ڪي اهڙيون هونديون هيون. جي راڳ ۽ ناچ جي فن ۾ ڪهٽ، پر خوبصورتي ۽ نخري سان نفساني جذبات ۽ محبت جا مچ ٻارڻ ۾ وڏ هونديون هيون. هوَ هار سينگار سان بہ پنهنجي حسن جو جلوو وڌائينديون هيون. پنهنجي اکين جي مچڪائڻ، نرم بدن ۽ سيني جي ساماني- عشق جي لوڏ سان ريجهائينديون هيون. مٺين مٺين ڳالهين، ڪل چرچي ۽ ناز سان نهارينديون هيون تہ جڻ سندن اکين ۾ عشق جا شعلا پيا ٻرندا ها. نتيجي ۾ڪئين اٻوجهہ ديوانا، سندن مجنو بڻجي، پنهنجو گهر ٻار رولي، انهن جي فريبي محبت جي مقناطيس سان چڪجي سندن پٺيان، لاهور لکنئو وڃي پنهنجو سڀڪجهہ انهن مٿان قربان ڪندا ها. جڻ تہ اهي جادوئي پتليون شاديءَ جي مجلسن ۾ شڪار ڪرڻ اينديون هيون. تڏهن پڳنچاتين سخت قدم کنيا ۽ ڪنجرين جي آٽڻ تي بندش وڌي. اِهي ڪنجريون، ڪرائين ۽ پيرين جي مرن تائين ڍڪيل هونديون هيون. اڄڪلهہ بمبئيءَ ۾ شادين جي مجلسن ۾ آگهاڙيون ننڍيون نيٽيون ڪئبري ڊانس ۾ نينگ ٿيا ڏيئي مهمانن جي گود ۾ ويهي بدن جي مهٽ سهٽ ڪن ٿيون. اهو ڏسي ويچارن اڳلن سنڌارڪن جي روحن کي ڪيڏو نہ رنج پهچندو هوندو!

سان گڏ سمهاريندن. فقط ننڍڙي کي ڇڳڙ ڏيارڻ لاءِ سندس ماءُ کي ڏيندي. ٻار به ڪيس ”اما“ ۽ ماءُ کي نالي سان پڪاريندا ها.

هن گهر ۾ ته پنهي ڀاڃن جو پاڻ ۾ ڏاڍو پريم هوندو هو. پر ڪن گهرن ۾ وارو مقرر هوندي به جهڳڙا ٿيندا رهندا ها. اُن زماني ۾ ڪي هندو شونق ۽ عيش خاطر به جيئَري تي جيئَري شادي ڪندا ها جو قانونن بندش ڪانه هئي. ڪن سڄڻن جو رايو آهي ته هڪ زال هجڻ جي قانو ن مان زالن جو هرجو به ٿئي ٿو. ڪنهن به زال جو مرد جي سنگ، پرورش ۽ پناه کان سواءِ رهڻ مشڪل آهي. ڪئين مرد ٻيون زالون به ڏارين ٿا پر اهڙين ويچارين زالن کي ڪو قانوني حق نٿو رهي. لاچاريءَ کان ٻين جون سريت ٿي رهن ٿيون. ان جو خراب نتيجو سندن معصوم اولاد کي ڀوڳڻو پوي ٿو جو اهي ناجائز ڪوٺائين ٿا ۽ خواري ٿئين ٿي. ٻيو ته ڪئين ڇوڪريون ڏيتي ليتيءَ يا ٻئي ڪنهن سبب، سڄي عمر اڪيلائي جي فضول زندگي گذاري ويچاريون سڙي سڪي نراس مري وڃن ٿيون، سو جيڪر نه ٿئي. قدرتن ڪنهن به چيز جو ملهه ان لاءِ ڇڪ ۽ موجودات تي منحصر آهي. ٻيءَ شاديءَ جي ڇوٽ هوندي ته ڇوڪرين لاءِ طلب وڌندي، دراچار گهٽبو ۽ ڏيتي ليتيءَ جو مرض مٽندو. مهاڀارت جي زماني کي هندو پنهنجي بلنديءَ جو سونهري سمو ليکيندا آهن، تنهن زماني ۾ ماڻهو اڪثر هڪ کان وڌيڪ زالون رکندا ها. شري ڪرشڻ ڀڳوان ته گهڻين زالن رکڻ جو رڪارڊ ۽ آدرش قائم ڪيو آهي جو ڪيس اَٺ پٽراڻين کان سواءِ ٻيون به سوين راڻيون هيون. مهاراجا جڙاسنڌ پنهنجون ٻه نياڻيون، راجا ڪنس سان پرڻايون هيون. تنهن مان ظاهر آهي ته پينر به هڪ ٻئي جون ڀاڃر ٿينديون هيون.

**وڏر ۽ وڏوا جي شادي:** آڪاهتي گهر ۾ وڏوا جي شادي نه ٿيندي هئي پر مرد شادي ڪندا ها. اجا سندس زال جو چاڻٿو به نه گذرندو هو ته وڏر لاءِ آفر اچڻ شروع ٿيندا ها جو گهوٽن جي ڊمانڊ گهٽي هوندي هئي. ڪي ماڻهو وڏر کي وڌيڪ پسند ڪندا ها جو هو ڏنڌي ڏاڙيءَ ۾ پڪل به هوندا ڏيپ به گهٽ وٺندا ۽ ننڍڙيءَ زال کي لاڏ ڪري لاڏ ڪوڏ سان رکندا. اڳليءَ زال جي عذر ڪري هڪ سال شادي نه ڪرڻ جو رواج هو، پر اڪثر 4-6 مهيني ۾ شادي ڪري ڇڏيندا ها. وڏر جي جوان سالي هوندي ته اُن سان حق سمجهي پرڻبو هو. ان ريت ساهرن سان پريت به قائم رهندي هئي ۽ ماسي پنهنجي ڀيڻ جي اولاد کي گهٽ به نه گهرندي. ته به چوندا ها:

ماءُ سا ماءُ، پيو سڀ دنيا جو واءُ،
ماسي ٿئي نہ ماءُ، توڙي ڪيڏي ڏئي ساهہ!

وڏوائن وانگر ڪي وڏر بہ سڄي عمر زال جي سٽ ۾ وهندا ها. اسان جي چاچي پوج بولچند کي ويهن سالن جي عمر ۾ ڍاڳ جو ڏک مليو پر هن يا عمر ستر سالن تائين پتني ورت ڌرم جي پالنا ڪئي پر اهڙا جتي ستي ورلي هوندا ها.

سنڌ جي ڳوٺن ۾ ننڍيءَ عمر جي وڏوائن جون شاديون ڪرائي ڇڏيندا ها. شهرن ۾ بہ بعضي بعضي وڏوائن جون شاديون ٿينديون هيون پر انهن تي شغل شادمانا نہ ٿيندا ها. ديوان هرچند راءِ وشنداس جهڙي وڏ گهراڻي هڪ وڏوا سان شادي ڪئي هئي. سنڌ ۾ اڪثر ننڍي يا وڏي ڏير سان پرڻائيندا ها جنهن جي عمر ۾ فرق گهٽ هجي. پر مان رتيديري ۾ 12 سالن جي ڇوڪر جي شادي 22 سالن جي ڀاڄائيءَ سان ٿيندي ڏٺي هئي. ڪن حالتن ۾ ڏير پنهنجي وڏيءَ عمر جي ڀاڄائيءَ جي ماتا سمان پرورش ڪندا ها.

جيڪڏهن ڪو ڏير؛ ڪنهن بہ سبب ڀاڄائيءَ سان شادي ڪرڻ کان گوٺاٽي ڪندو هو تہ گهر جا وڏا ۽ مکي مٿس دٻاءُ آڻيندا ها ۽ خاص ڪري جي ڀاڄائيءَ کي ڪو ٻار نہ هوندو هو تہ مٿس وڌيڪ زور پوندو هو تہ هوُ پنهنجي ڀاءُ جو فرض پالي. سنسار جي سڀني قديم قومن ۾ ساڳيو رواج آهي. بائبيل ۾ يهودين جي ڳالهہ لکيل آهي:

Moses said: "If a man die, having no children, his brother shall marry his wife, and raise up seed into his brother. (St. Mathews XXII 24 ff)

پر سنڌي ڳوٺن ۾ تہ ٻارن واريءَ وڏوا ڀاڄائيءَ کي بہ زال بڻائيندا ها تنهن تي ننڍپڻ جي هڪ ڳالهہ ٿي ياد اچي.

اسٽيشن جي ويجهو هاءِ اسڪول ۽ لکيدر جي اڏ واٽ تي سلطان ڪوٽ جي ڀائي مرچومل جو بڪالڪو دڪان هوندو هو. اسان ڪرڪيٽ يا فوٽ بال راند ڪري موٽندي دڪان جي ٻاهران پيل واڻ جي کٽولن تي ٽڪ ڀڃندا هئاسين ۽ پئسي جا ڀڳڙا وٺي ٿڌو پاڻي پيئندا هئاسين. مرچومل جي زال سياڳي، دڪان جي پٺيان ڪوٺيءَ ۾ رهندي هئي ۽ ڀائي جي غير حاضري ۾ دڪان هلائيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن سياڳيءَ جي بدلي هڪ ننڍي نيٽي ٿاهوڪي زال ٻن ٻارن سوڌي ڏسڻ ۾ آئي. اِهو اِسرار ڏسي يار عجب ۾ پئجي سس پس ڪرڻ لڳا. نيڻ احمد آکيو:

"ڀائي مرچومل، تون تہ لڪل رستم نڪتين! هِي نئون مال ڪنهن جو ٽڳائي آيو آن! ڪين مائيءَ سياڳيءَ سان متاستا ڪري آيو آن؟"

ياڻيءَ کي چڙ تہ ڏاڍي لڳي ۽ فرسٽ ڪا ڪچي گار وجائي ڏئيس ها پر احمد جي هٿ ۾ ڪرڪيٽ جي بئيٽ جي لحاظ کان پاڻ تي ڪنٽرول ڪري وراڻي ڏنائين: "ميان، اِهي ڪڏا ڪم تنهنجي نيات ۾ ٿيندا هوندا جو متاسنا ڪندا هوندءُ! اسان واڻيا تہ پانجي حق حلال جي ماڻيندا آهيون."

"تنهنجي حق حلال جي مائي سياڳي تہ اسان بہ سڃاڻو ٿا. هيءُ ريڊي ميڊ ٻن ٻارن واري تہ ڪا پرائي زائفان تي ڏسجي!"

"پر بہ پيٽيا تنهن ۾ تون جو ڇا؟ تونجي گهرون تہ نہ ڀڄائي آيو آهيان! لوڪوَ، پانجي سنگتيءَ کي جهل، نہ تہ جهيڙو ٿي پوندو!"

"ڪاڪا، تون اجايو ٿو چڙين. هو تہ توکان پانجائپ ۾ ٿو پڇي تہ نئين ڪنوار آندي اٿئي تہ وات تہ مٺو ڪراءِ!"

ايتري ۾ حڪيم ٿلومل آريہ سماجي اچي نڪتو ۽ ٻڌايائين، "مرچومل جو ننديو ياءُ ٻارهن مهينا اڳ وبا ۾ گذاري ويو هو. هنن ڳوٺاڻن ۾ رواج آهي تہ رن ياڄائيءَ کي زال ڪري رکندا آهن. ياڻيءَ تہ هڪ وڏوا جو اُڌار ڪيو آهي، اهڙي نيڪ ڪم لاءِ توهان هن جو منهن مٺو ڪرايو!"

احمد چيو، "واه حڪيم واهہ! نون ماڻن جو عيش ڪري مرچومَل ۽ مٺائي ورهايون اسان! اسان تہ مٺائي تڏهن ورهائينداسين، جڏهن مرچومَل مڙسي ڏيکاري انهيءَ مائيءَ کي ڀڪي ڪندو."

پوءِ تہ ياڻي اچي چڙيو ۽ حقي جو نڙ ڪڍي احمد تي اُلر ڪيائين، پر احمد ائين ڀڳو جيئَن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ ۽ اسان چيوسوَنس، "ڪجهہ تہ پيٽيان ڦجليت سک!"

ڏير ياڄائي جي شاديءَ سان ملڪيت جي ورهاست جو مسئلو بہ نہ رهندو هو.

## وهم ۽ وسوسا

سنڌ ۾ هندو خواه مسلمانن ۾ وهم ۽ وسوسا بہ ساڳيا هوندا ها. انهن سڀني کي ڪوڙو ۽ واهيات ليکڻ صحيح ناهي. جيئن تہ پسن ۽ پکين کي ايندڙ آپدا جي معلومات پئجي ويندي آهي. ڪجهہ ڏينهن پوءِ ٻڌڻ واري جهاز کي ڪوئا اڳ ۾ ئي چڏي ويندا آهن. ڪوئيٽا بلوچستان ۾ 1935ع ۾ غضب جو زلزلو ٿيو جو سڀ جڳهيون تاس جي پتن وانگر اچي پٽ پيون ۽ هزارين ماڻهو مري ويا. منهنجا چاچا ماما پنهنجن پٽن پوٽن، نونهن ڌيئن سميت ڇپيانجي مري ويا. اُن زلزلي کان چار، ڇهہ ڪلاڪ اڳ ڪانون ۽ ڪتن ماڻهن کي ڏاڍو چتايو، جو سڄو وقت ڪان ڪان

۽ درد ڀريون دانهون پئي ڪيائون ۽ ماڻهن جي ننڊ ڦِٽي پئي. اجا اهي پرحيواني آواز پئي ٻڌائون تہ اوچتو هيبتناڪ گرڙاٽ ٿي ۽ زمين پينگهہ وانگر لڏڻ لڳي. ضرور انهن ڪتن ۽ ڪانون کي ڪا غيبي اندروني سوجهي هوندي جو اُن هولناڪ حادثي جي اڳ ۾ ئي سڌ پئجي وئي هئن!

ان غيبي اندر جي ٻوجهہ جي علم جو ذڪر هندن جي "شڪن" شاسترن ۾ آهي. ڪارتڪيۂ جڏهن تارڪ دئيت سان لڙڻ ٿي ويو تہ سندس پتا شوشنڪر ڪيس سوڻن ۽ اپسوڻن نسبت ٻڌايو هو تہ اهي ڇاٿي، ڪيئن پنهنجو بچاءُ ڪجي. ٻين رشين منين بہ ان وديا بابت گھڻو ڪجهہ لکيو آهي. مسلمانن ۽ ٻين قومن ۾ بہ ان علم نسبت جهجها ڪتاب آهن.

# پکي ۽ جانور

گهر جي پٽ تي ڪانءُ "ڪان- ڪان" ڪري تہ مهمان ايندو. مور جا ڪنبہ گهر ۾ رکبا تہ نانگ نہ ايندو. ماڪوڙا گھٽا پڌرا ٿين تہ برسات پوندي. مڪڙ اچن، ڏيڏريون ڪنيڙيون ۽ ڪڙڪيتا گھٽا ٿين تہ ان سال مينهن گھٽا وسندا. ڪانءُ جو پيشاب ڪنهن جي در اڳيان اُڇلائجي تہ جيڪو ٻهرين اُن کي اورانگهيندو سو بيمار ٿي پوندو. چانهن پکي جنهن گهر مٿان لنوندو تہ ان گهر ۾ دولت ايندي. چوندا ها "چانهہ ماتا درشن ڏي، گوڏي جيڏي مايا ڏي." ٻگهہ پکيءَ کي ڪبيءَ ٽنگ تي بيٺل ڏسبو تہ دولت ۽ زال ملندي. ڪاٻي پاسي ڪان طوطي جو آوزا اچي تہ سفر سٺو ٿيندو. مور کي نچندو ڏسبو تہ آسودگي ۽ ڪاميابي ٿيندي. ڇٻرو، ڇت مان ساندهہ، سٽ ڏينهن آواز ڪري تہ ان گهر جي بربادي ٿيندي. ڪانوَ جي ڪان- ڪان صبح جو سٺي ليکجي. وڻ تي ويٺل ڪانو صاف ڪان- ڪان ڪري تہ سک سمپتي ايندي، پر جي بيوقنائتي رات جو ڪان- ڪان ڪري تہ اِهو خطري جو اطلاع آهي. ڳالهہ ڪندي ڳڏهہ هينگ ڏئي تہ جيڪي چئجي ٿو، سو سچ آهي. جي تتر ساڄي پاسي تنواري، ڪاري ٻلي ڏسجي تہ مطلب حاصل نہ ٿيندو.

اِنهن سوڻن اَپسوڻن ۽ وهمن جي نالي تي ڪيئن ٺوڳي ۽ پاکنڊي ماڻهو جهجها جاوا بہ ڪندا ها. ڪي پوپا، ڪنهن ماڻهو جو پتلو ٺاهي، ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ويڙهي، اُن ۾ سيون ٽنبي، نالو لکي، مساڻي يا قبرستان ۾ پوري ايندا. پوءِ ان ماڻهوءَ کي وڃي چتاءُ ڪندا، "ڪنهن دشمن توتي جادو ڪرايو آهي جلد ڪو ٻلو ڪر ۽ پنهنجو ٻوتو ڪڍاءِ نہ تہ مفت ۾ ڳري مري ويندين!"

اها ڳالهہ ٻڌي ان ماڻهوءَ جو سِڪ ڦٽي پوندو ۽ اچي وهم وهندس تہ بدن ۾ سيون ٽيون چڀجن ۽ باهہ ٿي ٻري! نيٺ اُن حرفتي ماڻهوءَ کي پئسا ڏيئي ڪامڻ

ڪڍائيندو. اهو نڱي اُتي ونئي ويندس جتي پتلو پوريو هوندائين. هن جي روبرو مڪر ڪري ٻه چار جايون کوٽي نيٺ صحيح جڳهه تان بوتو ڪڍي ڏيکاريندس. ان مان سيون ڪڍي کير ۾ وجهندو ۽ پيون شيون درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيندو. اهو ڏسي اڳلي ماڻهوءَ کي دلجاءِ ٿيندي ۽ چورا ڪورا لهي ويندس.

قديم زماني کان اهو ڪرتب دنيا جي ڪيترين قومن ۾ ٿيندو رهندو آهي ۽ سچ پچ دشمن کي نقصان پهچندو آهي. آفريڪا جا پوپا Witch Doctors ان لاءِ خاص ماهر ۽ مشهور آهن. ڪيترن منو وگياني ڊاڪٽرن، خود آزمودا ڪري، ان ترڪيب تي ڪئين ڪتاب لکيا آهن ۽ ڪئين مسلماني ڪتابن ۽ هندو شاسترن ۾ به اهڙا گهڻيئي طريقا لکيل آهن. سنڌ ۾ به ڪنهن زماني ۾ اهڙا سچا جادوگر هوندا ها پر نوڳي گهڻا ها.

عام ماڻهن ۾ هن قسم جون مڃتائون هيون: **مسافري**، جمعي ڏينهن ڏکڻ طرف ۽ وسپت ڏينهن اُتر طرف نه ڪجي. جتيءَ جو هڪ پادر ٻئي تي چڙهي يا پير جي ترئي ۾ خارش ٿئي ته مسافري ٿيندي. ١ ۽ ٢ تاريخ اوڀر ڏي، ٣ ۽ ۴ تاريخ ڏکڻ ڏي، ۵ ۽ ٦ تاريخ اولهه ۽ ٧ ۽ ٨ تاريخ اُتر طرف وڃبو ته نقصان رسندو. سفر وقت ڪٻي اک ڦرڪي يا ڇڪيا يا جنازو ڏسجي يا ڏائي پاسي کان تتر ٻولي ته مسافريءَ جي مراد پوري ٿيندي. ڪنهن ڪم لاءِ ويندي ٿابو آيو، يا پنيان سڏ ٿيو، يا ڪپڙو ڪنڊ ۾ اٽڪيو، يا اڇي ڏاڙهيءَ وارو منهن ۾ گڏيو يا ڪاري ٻلي رستو ڪٽي وئي ته ڪم نه ٿيندو.

**پٽ يا ڌيءَ؟** ڳرڀ واري زال هلڻ مهل پهريون ساڄو پير کڻي ته پٽ، جي کاٻو کڻي ته ڌيءَ ڄڻيندي. پيٽ سان زال جيڪڏهن سونهن ڪڍي ته ڌيءَ ۽ جي کوجهي ٿئي ۽ بدن ۾ لڙهي وڃي ته پٽ ڄڻيندي. پٽ ماءُ جي ٿڃ ڳري ۽ گهاٽي ۽ ڌيءَ ماءُ جي هلڪي ۽ ڇڊي ٿيندي آهي. جنهن زال کي ننڊ گهڻي ايندي سا ڌيءَ ڄڻيندي. جيڪا زال رڳو ڌيئر ڄڻيندي هجي ته اُن جو ويم وقت گهر متائجي يعني ٻئي گهر ۾ ويم ڪرائجي ته پٽ ڄمندس. پيٽ واري زال، ٽئين، پنجين، ستين ۽ نائين مهيني ۾ نئون ڪورو ڪپڙو پائيندي ته پٽ ڄمندس. جيڪو مرد رات جو ڪتولي جي ٽانگهه ڇڪيندو يا سٿڻ ۾ اڳٺ وجهندو ته رڳو ڌيئر ڄمندس.

**ٻار** جلدي نه ڳالهائيندو ته ڪانوَ جو جوٺو اَن کارائيندس. ڪنهن ٻار کي اول مٿان ڏند ڄاوا ته ناناڻن لاءِ چڱا ناهن. جو اُتي ڪي ماڻهو مرندا يا پونگو پينگ ٿيندن. ڪنهن کي دير سان ٻار ڄمندو يا اڳ ٻار ڄمي مري ويا هوندا ته اُن ٻار کي سوڪٽو ٻار چوندا ۽ ان کي ٿائٽ يا گرهن موجب رتن جي ڪُنڊي پائيندا ها. جيڪڏهن سانده ٽن ڌيئن کان پوءِ پٽ، يا ٽن پٽن کان پوءِ ڌيءَ ڄمي ته اهڙن ٽڪڙ ٻارن کي سدورو نه ليکيندا ها. ٽڪڙ ڌيءَ پنهنجن پيڪن لاءِ ندوري ۽ ساهرن

لاءِ سياڳي سمجهندا ها. مسلمانن ۾ ٻار ڄمڻ تي دائي يڪدم رڙ ڪندي ته "ڏيءَ ڄي ڏيءَ!" اِهو ان ڪري ته متان پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ "اؤر" مٿي نه چڙهي وڃي ۽ زال بيمار نه ٿي پوي، جيڪڏهن پٽ سڪيلڌو هوندو ته چوندا ڏيءَ ڄائي آهي ته جيئن ٻچا ڪرڻ واري جي هؤس نه ٿئي. اهڙن ٻارن جا نالا به ڪنا رکندا ها ته جيئن نظر نه لڳين: بصر، طوطو، ٽنڊڻ، ماڪوڙو وغيره.

ٻار جي سيرانديءَ کان ڪاتي رکندا ها ته جن ڀوت ٻار کي نه ڏيڄاريندو ۽ ٻار ننڊ ۾ ڇرڪ نه ڀريندو. ٻن آڱوٺن يا ڇهن آڱرين وارو ٻار ڏکيا ڏينهن نه ڏسندو ۽ هنر مند ٿيندو. ٻار کي سينگاري ٻاهر ڪيڄي ته منهن تي ڪارو داغ لڳائيس ته نظر نه لڳندس. ٻار ڄمڻ تي ٻاٽيءَ ۾ سونو يا چاندي ڏوئي ٻار تي هاربو يا ٻَبا به اُن ٻاٽيءَ سان ڏوئي ٻار کي ٿڃ ڏبي ته هو وڏي هوندي دولتمند ٿيندو. ٻار کي ڪس ٿيندي ته ٻيل جي وڻ چوگرد ٽي ڦيرا ڏياربا يا ڪڪڙا متان گهوري ڳانءِ کي ڪارائبا يا ڇنڇر ڏينهن تيل ۾ منهن ڏيکاري ٽواٽي تي هاري اڇبو ته وار ونگو نه ٿيندس.

**سج- چنڊ گرهڻ** وقت پيٽ واري زال ڪوبه ڪم نه ڪري ۽ جي ڪندي ته ان جو اثر ٻار تي ٿيندو. مثلن: ڪاٺيون ڀڃندي ته ٻار جي ڄنگهه ٻانهن ڀڳل هوندي. اکيون ٻوٽيندي ته ٻار انڌو ڄمندس. ڍڪائجي ويندي ته ٻار هيسايل رهندو. ان نسبت هڪ تاريخي ڳالهه مشهور آهي. اڪبر ماءُ جي پيٽ ۾ هو ته سج گرهڻ ٿيو ته ماڻس پنهنجي ٻنيءَ (گوڏي هيٺان ڄنگهه) تي سئيءَ سان نشان ڪرڻ لڳي ۽ همايون بادشاهه جي ٻڇڻ تي چيائين ته سج گرهڻ هلي رهيو آهي ۽ اِها منهنجي نشاني ٻار تي سداءِ رهندي. واقعي اڪبر بادشاه کي ٻنيءَ تي ساڳيو نشان هو.

منهنجي هڪ واقف ماڻهوءَ جو پير مڙيل هو ۽ معلوم ٿيو ته سج گرهڻ مهل سندس ماءُ جو ڏاڪي تان لهندي پير مڙي ويو هو. هندن ۾ گرڀ واري زال رام-نام جو جپ ڪندي آهي ته جيئن ٻار سلڇڻو، سورمو ۽ ڌرماتما ڄمي. مسلمانن ۾ ڪي زالون سرخي لائي، سرمو ۽ سينگار ڪري، گرهڻ وقت سمهنديون آهن ته ٻار سهڻو ڄمندو. گرهڻ مهل، وٽيءَ ۾ تيل وجهي، منهن ڏسبو ۽ اُهو تيل ڀنگيءَ کي ڏبو يا ٽواٽي تي هاربو ته ايڙا ٻيڙا لهي ويندي.

**ٽپ:** ٽيهڙ تپ يعني جيڪو تپ ٻه ڏينهن ڇڏي، ٽئين ڏينهن اچي ته، جنهن ٻڪريءَ کي ٽي ٻار گڏ ڄاوا هجن ته اُن جا وار ڪتري ٻڌندا ها يا ٽي دفعا شادي ڪيل مرد کان سڳو وٽائي ٻڌندا، يا ٽواٽي تي ٽي روٽيون رکندا يا تپ وارو

پنهنجي پاڇي کي ٽي دفعا زور سان موچڙو هڻندو ته تپ لهي ويندس. جيڪو تپ رڳو رات جو اچي تنهن کي چور تپ چئبو هو ۽ ان لاءِ ڪنهن چور کان سڳو وٺائي ٻڌبو ته لهي ويندو.

**بيماريون:** ٻاهه تي پير سيڪڻ سان يا پيرن آگهاڙو گهمڻ سان نظر گهٽبي. ٻئي ماڻهوءَ جون اکيون اُتيل هجن تنهن کي چتائي نهاربو ته پنهنجيون اکيون به اُٿنديون. اکيون اُٿن ته پيرن جي آڱوٺن کي سڳا ٻڌبا ته ٺيڪ ٿي وينديون. ننڍ ۾ ڪونگهرا هڻندڙ ماڻهوءَ جي سيرانديءَ کان پادر رکبو يا ٽواٽي جي مٽي وجهبي ته ڪونگهرا هڻڻ بند ڪندو. هڏڪي ٿئي ته سمجهجي ته ڪنهن ياد ڪيو آهي، پر جي لاڳيتي ٿيندي رهي ته اها بيماري سمجهجي. ڏک ڏک ڪري پاڻي پيئڻ سان هڏڪي بند ٿيندي يا چيچ ۾ ڌاڳو ٻڌڻ سان يا ساهه منجهائڻ سان هڏڪي لهي ويندي. ڪنگهه جو بيمار چانڊوڪيءَ ۾ گهمندو ڦرندو ته ڪنگهه لهي ويندس.

**بدني عيب وارا:** شيرين اکين وارو يا ڪاڻو سامهون ملندو ته مطلب حاصل نه ٿيندو. ڪاڻي ۽ شيري کي ٻنيان پوندو ڏجي. جو جو سامهون ڏبس ۽ هوندو برجستو ته هڏگڏ پچندو. وهمن وارا، همدرديءَ بدلي، بدني عيب وارن جو به مندو گهرندا ها. چي: اسي ڏوهه انڌي ۾، سؤ ستر ڪاڻو، ملهه ڏيئي ناٽو، مارائجي منڍي کي!" يا "ٻتيهه منڊ منڍي ۾، اسيءَ ۾ ڪاڻو. شيرو شرارتي، پاتو تيڏو تاڏاٽو. گنجو ساماٽو ته مڙني ڪٽي مات ڪئي!"

**عام وهم:** ڪي ٽي ڄڻا ڪنهن وٽ مهمان ٿي نه وڃن نه ته اُن گهر تي مصيبت پوندي. چانئٺ تي ويهي ميٽ نه ملجي ۽ منگل ۽ وسپت ڏينهن تيل ميٽ سان نه وهنججي. گهر ۾ ٻهاري نه پوندي ته آسودگي ويندي. گهر ۾ ڇارو هوندو ته قرض چڙهندو. ننهن يا وار گهر ۾ نه اُچلجن ۽ رات جو نه لاهجن نه ته نياڳ ٿيندو. پاروٿو ڪائڻ سان عقل گهٽبو. جنهن ٿالهي ۾ ڪائجي تنهن ۾ هٿ نه ڌوئجن، نه ته اَڻ هوند ٿيندي. سج اُبرڻي کان پوءِ اُٿڻ نياڳ آهي ۽ ٻين جي شومت ڪٿڻ آهي. سمهيل ماڻهوءَ مٿان اورانگهيندڙ جي عمر گهٽبي. رات جو نه ڦٽي ڏجي نه ٿوپو ڏجي. جنهن ماڻهوءَ جي ڳالهه هلندي هجي يا يادگيري ڪجي ۽ اهو اتفاق سان اچي وڃي ته ان جي ڄمار وڏي ٿيندي. سهاڳڻ ڪارو ڪپڙو نه ڍڪي. لسي ڪپڙي تي به ٿورو گهٽو گل پيريل هجيس.

**جن لڳڻ:** رات جو ڪا نندي نيٽي باغ يا جهنگ ۾ نه وڃي جو وڻن ۾ ڀوت پريت رهندا آهن. ڪنهن کي مرگهيءَ جو دؤرو پوندو هو ته سمجهندا ها ته جن لڳو اٿس. جن ڪڍڻ جو فريب ته لڳ ڪانداريندڙ ٿيندو هو. گهڻو ڪري زالن لاءِ چوندا ها ته لڳت جو حساب اٿس. اتفاق سان ڪنهن مرد کي به اچي ڪا جنڙي گهٽيندي هئي. جن ڪڍڻ واري ڀوپي يا جهنبولن وارن واري فقير کي گهرائيندا ته هو اول . ري جهوليندو ۽ چوندو ته برابر هن کي جن اچي ورتو آهي. پوءِ ان زال جي چوڏاري ليڪو پائي، ڪيس ڪاري ڪتي سان پڄڻ شروع ڪندو ۽ رکي رکي رڙ ڪندو، "هي قلندر شهباز جو ليڪو آ، ان جي مهابي هن کي ڇڏي وڃ!" وري جهوليندو ۽ ڪيڪ پٽيندو، "جن آهين يا ڀوت آهين! الله جو سنهن اٿئي، چئن يارن جو قسم اٿئي! اسان جي هن چيليءَ کي ڇڏ!"

آواز ايندو، "نه ڇڏيندس!" ته فقير اُن زال کي چوٽيءَ کان جهلي لٺ سان ڪٽڻ شروع ڪندو ڪي ڀوپا گوگائي مرچن جا ٻڪ وجهي اهو تڪو دونهون ان زال جي منهن ۾ ڏيندا ها. هوءَ ويچاري ڦٽڪندي ۽ ڪيڪون ڪندي ته چوندا ته جن ٿو گهٽجي. فقير پڇندس: "هن کي ڇو ورتو اٿي؟" جواب: "هن منهنجا ٻچڙا لتاڙيا آهن." يا "هيءَ سهڻي مون کي وڻي ٿي." فقير: "هاڻي هن کي ڇڏي هليو وڃ نه ته دستگير جي بند ۾ وجهندو سانءِ!" جواب: "هاڻي پيالو پيئاريو ته وڃان." پوءِ پيٽل مرچ يا دونهيءَ جي رک جو ٻڪ پاڻيءَ ۾ وجهي ڏوگهائيندس. ٿوريءَ ساعت کان پوءِ ڪڪڙ جي ٻانگ جهڙو آوزا ٻڌڻ ۾ ايندو ته سمجهبو ته جن نڪري ويو. ففير ته پاڻ پڏائيندو، لاڳو ونڻي هليو ويندو پر ان دکياريءَ زال جي اهڙي دردشا ٿيندي جو ڪي ڏينهن سنئين نه ٿيندي.

اهڙي طرح جا ٻيا به وهم وسوسا ۽ جهالت جا ستم، هندو مسلمانن ۾ ٿيندا ها جيڪي ٻين مسلم ملڪن ۾ نه ها ۽ سنڌيت جي ترجماني ها.

## سيتلا مائيءَ جا اوراٽا

سيتا مائيءَ جا اوراٽا جي بيماري ٿيندي هئي ته سڄي بدن ۾ ڇڻ باهه پئي ٻرندي هئي ۽ چاپاڪو يا داڻا نڪرندا ها ته سمجهندا ها ته ديويءَ اچي واسو ڪيو اٿس. ان لاءِ ديويءَ جي پوڄا ڪندا، پر ڊاڪٽري علاج هرگز نه ڪندا. تن ڏينهن ڪانپوءِ اوراٽا ڳائڻ وارن کي گهرائيندا ها، جيڪي دلن تي اچي هڪ خاص طرز تي راڳ ڳائيندا ها. اُنهن اوراٽن ۾ بدن ۾ براجمان ديويءَ جي اُستتي ۽ ارداس آهي. نمونو ٻڌو:





آشورن بر تابوت [illegible] باقر

# پاڱو ڇھون- هنر ۽ ڌنڌا

**ڪارخانن جي راڄڌاني سکر، هيراڦيري، چور ڌاڙيل، وڪيل ۽ ٺاٺوٽ، ٺاٺوٽن مهاتما گانڌيءَ کي ٻانهن ڪرائي، فقيريءَ جو فن، بيمارين جو علاج، نانگن جو زهر ڪڍڻ، ديڳيون ۽ برتڻ، شراب جون ڀٽيون ۽ نشا، روشارڻ ۽ ڪلائڻ جو فن، ڪڇريون، ڌرم جي دڪانداري.**

*

## هنر ۽ ڪارخانا

سکر تہ ڄڻ ڪارخانن جي راڄڌاني هو. اُتي وڏي ۾ وڏو ڪارخانو جي. بي. منگھارام جو هو، جنهن ۾ بسڪيٽ ۽ ڪنمٽڙا، چاڪليٽ، دوائون ۽ جست جا برتڻ ٺهندا ها. بسڪيٽن جا ٻہ ڪارخانا ٻيا بہ ها، هڪ ڪنعيالعل ٺانڪرام جو ۽ ٻيو سکر بسڪيٽ ڪمپنيءَ جو. "سنڌ سوديشي هوزري مل" ۽ "گانڌي هوزري مل" ۾ گنجيون، سويٽر ۽ مفلر ٺهندا ها. پراڻي سکر ۾ "سکر ٽائيلس فئڪٽري" ۽ "گٽيش ٽائيلس فئڪٽري"، جن ۾ ٺهيل رنگين خوبصورت ٽائيلس لاءِ ٻاهران بہ گھڻا آرڊر ايندا ها. "ڊيمبلا فلاور مل" ۽ "ڪرشنا فلاورمل" مان روزانو هزارين مڻ اٽو، نشاستو، سوجي ۽ ميدو وغيره سنڌ پنجاب ۽ بلوچستان ڏانهن بہ ويندو هو.

"اپر سنڌ سگريٽ ڪمپني" سکر ۾ مشين سان سگريٽ ۽ چروٽ ٺهندا ها. "گٽيش ڪوپرا مل" سکر جو ڪارخانو ڪراچيءَ ۾ بہ هو ۽ ٻنهي هنڌن جو وناسپتي گيهہ ديس پرديس مشهور هو. "ڪنعيالعل هريرام سلڪ فئڪٽري" ۽ "گرونانڪ سلڪ فئڪٽري" ريشمي ڪپڙي ناهڻ ۾ ڏاڍيون ڪامياب ويون هيون. روهڙيءَ ۾ بہ سلڪ جا ٻہ ڪارخانا ها. مطلب تہ سکر ۽ روهڙيءَ جا اهي

ڪارخانا، ڪروڙين رپيا ٻاهران آڻي سنڌ کي مالا مال ڪندا ها.

ٻين شهرن ۾ ٻه اهڙا ڪارخانا ها. شڪارپور ۾ "پشم جي مل"، "شولداس هوزري ويونگ ۽ نٽنگ مل" ۽ "آڏلداس ڪپڙي جي مل" ۽ ٻه انجنيئرنگ مالن جا ڪارخانا ها. گهڻن شهرن ۾ تيل پيڙڻ، چانورن ڇڙڻ ۽ ڪپهه ڪاڻڻ جون مليون هيون. ڪوٽڙيءَ ۾ سيٺ موٽنداس جي شراب جي ڊسٽلري هئي. 1942ع ۾ هن ليڪ حيدرآباد ۾ شيشي جو وڏو ڪارخانو کوليو هو ۽ سڄي پاڪستان ۾ رڳو اهوئي هڪ ڪانچ جو ڪارخانو هو. ان ۾ نهيل بوتلون، گلاس، ڪؤلا وغيره لکين رپين جو سامان پارت جي ٻين شهرن ۾ ويندو هو. ان ۾ اٽڪل 1200 ڪاريگر ڪم ڪندا ها. ان ڪارخاني کي وڌائڻ لاءِ شيٽ گلاس ۽ بلب ٺاهڻ جي مشينريءَ جو به آرڊر ڏنو ويو هو، جيڪو لڏ پلاڻ ڪري عمل ۾ نه آيو.

**هٿ جا هنر:** سنڌ ۾ هٿ جا هنر به فخر وٺڻ جهڙا ها. پر پوءِ ماڻهن جي پسند ۽ هلت چلت بدلجندي وئي ته اهي هنر ويا پٺ پوندا. مون پنهنجي ننڍپڻ 1925-1910ع ۾ هٿ جي هنرن جو جيڪو اوڄ ڏٺو، سو آخرين ڏينهن 1940-1947 ۾ ڪونه هو. ائين نه سنڌ ۾ اهڙو ڪو ڳوٺ يا شهر نه هو، جنهن ۾ آڏاڻا نه هجن. پر نصرپور جا کيس، مٽارين جي اَجرڪ، هالن جا هندورا، ٺٽي جون لونگيون ۽ سوسيون، ٻوبڪن جا غاليچا اعليٰ درجي جا ٺهندا ها. پر پوئين عرصي ۾ اهي هنر وڃي ترين پر لڳا. انهن جي زواليت ۽ پائماليءَ جي سبن مان وڏو سبب هلت چلت جو ڦيرو هو. ڪوٽ سوٽ پاتل ڪامورا، اَجرڪن ۽ لونگين کي "جٽڪي" چادر چوڻ لڳا. ڪٽن مٽان کيسن ۽ چادرن بدلي ولائتي پلنگ پوش پٿارڻ لڳا. ولائتي ڪارخانيدارن جا وارا نيارا ٿيا ۽ سنڌي ڪوري پيا ڏوڙ پائين.

تقريباً 1925ع ۾ ٺٽي ۾ لونگين ۽ سوسين جا سؤ- سوا سؤ آڏاڻا هلندا ها. شڪارپور ۾ مير شاه قبي وٽ 50-60 ڪوري ڪم ڪندا ها. ڪاريگرن کي اڳ ۾ رپيو ڏيڍ چڙندو هو، پر پوءِ ته اٺ آنا روز به ٺٽي ڪمايائون ته ڪن وڃي مزوري ڪئي ته ڪي وڃي حجم ٿيا. سندن آڏاڻا اڏهيءَ جو ڪاڄ بڻيا. اڳ ۾ مسلمان لونگيون ٻڌندا ها. ڪمر ۽ ڪلهي تي پٽو ۽ مٿي تي پٽڪو به ٺاهي ٻڌندا ها، پر پوءِ جيڪو ٽيڪو ٽوپيون پيو پائي ۽ بوچڻ ۽ ڪمربند جو رواج ئي بند ٿي ويو. ٻهراڙيءَ ۾ سوسين جو رواج باقي رهيو، جو نه مسلم عورتون ان مان سٿڻان ٺاهي پائينديون هيون.

زماني بدلجڻ تي بمبئي ۽ احمدآباد ۾ انگلنڊ جي مئنچيسٽر جي طرز تي ڪپڙي جون ملون پيون نه شڪارپور جي سيٺ دولترام موهنداس، ڪراچيءَ ۾

جيل طرف اهڙي وڏي مل ڪولي سا ڪامياب وئي. اهو ڏسي بين سيئين بہ سنڌ ۾ اهڙيون ملون وجهڻ جون تياريون ڪيون، جو تہ ڪين بمبئي ۽ احمدآباد جي ملن مان جام ڪمائي ٿي رهي هئي. اُتون جا چاڙو آزمودگار انجنيئر وٺن ها. سنڌي ڪپهہ جي ڪوالٽي بہ نهايت عمدي هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پنهنجي وطن سنڌ کي هنرن ۾ اوج تي آڻڻ جو اونو هئن. ورهاڱي ۾ ڪين جلاوطن ڪيو ويو تہ اهي رٿون پٺ پيون.

سنڌ ۾ ٻيا هٿ جا هنر بہ گهڻا ها. بوبڪن ۾ نهيل غليچا ويهين پنجويهين رپئي ملندا ها ۽ پيڙهي بہ پيڙهي هلندا ها. پوءِ ولائتي نقلي غاليچا نڪري پيا، جن جي قيمت اٺ ڏهہ رپيا ۽ رنگ روپ جا اهڙا چلڪيدار جو ڏٺي نيڻ ٺرن ۽ سيئي اهي پيا وٺن. انهن جو رنگ ۽ چلڪو ڇٽ ڇهين مهيني ئي لهيو وڃي ۽ ڇتاءُ بہ نہ ڪري، پر ماڻهو شادين مرادين تي اُهي پيا ڏين. "ٻاهران چڪي مڪي اندران ٻڙ ٻڙ دڪي." ماڻهو ٻاهران ڏيک ويک تي برمجي هرڪجي ويا ۽ اهو هنر بہ هيٺو ٿي ويو.

هالن ۽ ڪشمور ۾ پروچ جيڪو جنڊيءَ جو ڪم ڪندا ها، اُهو ڏيک ويک جو سهڻو ٿيندو هو. ڪاٺ تي لاک جو روغن اهڙو ڏيندا ها جو جهلڪا پيو ڏيندو هو. نقش ۽ ڇٽ بہ اهڙو ٺاهيندا ها جو ڏٺي دل پئي بهار ٿئي. پينگهيا، پلنگ، کٽن جا پاوا، چڪلا ويلڻ، رانديڪا، اِتي ڏڪر، دٻلا ۽ پنڊارا اهڙا دلڪش ٺاهيندا ها، جو خريد ڪرڻ تي هر ڪنهن جي دل هرڪجيو وڃي. افسوس جو اهڙين عمدين شين جي رنگين تصوير ڏيئي نہ سگهيو آهيان. انهن مانڊاٺين سان ڏهي ولوڙڻ لاءِ، هندورن ۽ منجين لاءِ گهرجن ڪشادا گهر. پر حالتون اهڙيون ٿي ويون جو گڏيل ڪٽنبن بدلي ماڻهو جدا ٿي، ٻن ٽن ڪمرن وارن فليٽن ۾ رهڻ لڳا تہ ان اعليٰ هنر جو حال بہ هيٺو ٿي ويو. مون چپان جي ڳوٺن ۾ ساڳيءَ طرح جي جنڊيءَ جو ڪم ڏٺو هو پر سنڌ جي ڪاريگري انهن کان گهڻي سرس هئي ۽ پنهنجي وطن جي اعليٰ هنرن جو احساس ۽ فخر ٿيو هو.

هالن ۾ ميمڻ ۽ مينگهواڙ سوُسيوَن بہ ٺاهيندا ها، پر اتي جو **ڪاشيءَ جو ڪم** اهڙو ڪمال جو ٿيندو هو، جو روءِ زمين تي نہ هوندو. ڪنير هڪ فوٽ چورس سرون يا برتڻ ٺاهي، مٿن آستر چاڙهي، طرحين طرحين جي گلن جي چٽسالي ڪري، مٿان روغن چاڙهي باهہ ۾ پچائيندو هو. اهي رنگين گلڪاريءَ واريون سرون گنبذن ۽ مسجدن جي سينگارڻ ۾ ڪم ايندين هيون. مڪليءَ جي مقبرن ۽ تربتن ۾ اهي سرون ڪم آنديل آهن ۽ هيترين صدين کان پوءِ بہ پڪيون ۽ سڌيون بيٺيون آهن. انهن جي سوٻيا ۽ چلڪي جي هر هنڌ هاڪ هئي. ننڍا وڏا گلدستا، رڪيبيون، وٽا، صراحيون ۽ مٿن چٽسالي اهڙي دلڪش ڪندا ها جو

مڙس موچارو ليکبو. پرووڻ وڏي اکين ۾ ۽ مڇون وڏي وات ۾ پوندن. ڏاڙهي دن تائين، مٿي تي وڏو اَچو پٽڪو، هيٺ تي لونگي. هٿ ۾ لٺ. پر جي چوريءَ جي شغل لاءِ نڪتو هوندو ته ڪلهي تي ڪهاڙي ۽ چيلهه سان رسو وڪوڙيل هوندس.

شهرن ۽ ڳوٺ ۾ واڙا هوندا ها. جن مان ڏنار صبح جو ڳايون مينهون جهنگ ۾ چارڻ لاءِ وٺي ويندا ها ۽ شام جو واپس آڻيندا ها. ٻروچ، جهنگ مان ڪا ڳانءِ يا مينهن تڳائي ويندا ۽ پيرن جا نشان گم ڪرڻ لاءِ جانور سوڌو وچي درياهه ۾ داخل ٿيندا. پاڻ سيٺاهيءَ (ڪل ۾ هوا ڦوڪيل) تي چڙهي مينهن کي تاريندا تاريندا 20-25 ميل پري پنهنجي پاڻاريءَ وٽ ٻاهر نڪرندا ۽ پنهنجي ڌڻ سان ملائي ڇڏيندا ها. سياري جي ولهه وارين راتين ۾، درياهه جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ گهڙڻ ڪان اڳ، اهي جاڻنا ٻروچ بدن تي چانيي جو تيل مکيندا ها ۽ جوئر جو ڍوڍو ۽ مستيءَ (ڳڙ جا داڻا) جي مٺ پڳ جي وڪڙ ۾ وجهي ڇڏيندا ها. درياهه ۾ لڙهندي لڙهندي جڏهن بک ورائيندن ته اهي ٽڪر چبيندا ويندا ها. رات جيئن اونداهي، تيئن خوش ٿيندا. چاندوڪين کي پنهنجي ڌنڌي لاءِ خراب ۽ خطرناڪ سمجهندا ها.

انهن ٻروچن جون دٽيون ۽ پاڻاريون، سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن سان ڪشمور کان ڪوٽڙيءَ تائين پکڙيل هونديون هيون. دٽي معنيٰ رهڻ لاءِ هڪ ٻه جهوپڙي ۽ چوپائي مال لاءِ وڏو منهه= لوڙهو. انهن دٽين وارا هڪٻئي کي مال پاس- آن ڪندا ويندا ها. تانجو سکر مان تڳايل ڳانءِ مينهن وڃي سيوهڻ نڪرندي ۽ سيوهڻ جو مال ڪوٽڙيءَ پهچي ويندو. انهيءَ هيرا ڦيريءَ ۾ ٻنهي کي مال ڦبي ويندو هو. ٻروچن جي ان ڌنڌي ۾ جهجهو اَپراسو ڏسي ٻين ڪيترين ذاتين به ان ڪاروبار ۾ هٿ وڌو، پر اُهي ان هنر کي ٻروچن جي ترڪٽ ۽ فن جي شرف تي رسائي نه سگهيا، موريو نانائي گهر وڃي ڦابو ٿيا.

انهن شوخ جهنگلي ٻروچن ۾ پنهنجو ڪوڊ- آف- آنر هوندو هو ۽ اُنهن اخلاقي اُصولن جي پيروي ڪري اسان گهٽو ڪجهه سڌري سگهون ٿا:

(۱) هو وڏوائن، محتاجن، پاڙيوارن يا ڏتڙيلن جي چوري نه ڪندا ها.

(۲) ڪنهن به پنهنجي ڌنڌي واري جي چغلي نه هڻندا. هتي انڪم ٽيڪس يا پوليس ۾ چغليون هڻي مصيبت ۾ وجهڻ وارا پنهنجي ڌنڌي وارائي ٿيندا آهن. ٻروچ جيڪر سندن سسيون ڪپي مانگرمڇن کي کارائي ڇڏين.

(۳) ٻروچن جو ڪو ڌنڌي ڀائي ڦاسي پوندو ته ان جي واهر ڪندا. اُهو جيل ۾ هوندو ته پوليس کي پيسا کارائي ملڻ ويندس، مکڻ ۾ اَفراتو پچائي، پڳ ۾ ويڙهي ويندا ۽ ملاقات وقت ٻيڙين سان گڏ کسڪائي ڏيندس. هن جي غير

سان اچي مليا ته چوري ڪيل مال موٽائڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. قرآن شريف جي استقبال لاءِ ادب سان اٿي بيهندا، قرآن وٺي اکين تي گهمائي، مٿاهينءَ عزت پريءَ جاءِ تي رکندا، آيل مهمان کي مانيءَ تڪر ڪارائي چوريءَ لاءِ همدردي ظاهر ڪندا ۽ موٽندي لٽي تڪري ڦاڙي، قرآن تي پوتي به چاڙهيندا.

چورن جي پاٽارين تي چورين جا داستان پيا هلندا ها. ٽائي تان پوليس جو اٽالو هلندو مس ته پاٽاريءَ ۾ پرلاءُ پهچي ويندو. يڪدم مال غائب ڪري ڇڏيندا ۽ پاڻ مرد به ٿي ويندا "ڪڪ پن" باقي بچنديون ٻڍيون زالون جيڪي قرآن جي ڪوڙن قسمن کڻڻ ۽ پوليس کي ڏتارڻ جي فن ۾ ڪيئي ڊگريون ۽ ڊپلوما حاصل ڪيل هونديون. پوليس سختي ڪئي ته اوچنگارون ڏيئي روئڻ پٽڻ ۽ پار ڪڍڻ چالو ڪنديون، پوءِ ڪير هوندو جو اهو رودن ۽ ماتم ڏسي واپس نه وري.

چوري ٿيل مال حاصل ڪرڻ جو ٻيو طريقو اهو هو ته چورن جي سردار ذريعي مال وڃي. چور قرآن ڏسي پل نه پرمجي، پر پنهنجي سردار سان ڪوڙ نه ڪندو، جي ڪندو ته سندس لاش درياه ۾ لڙهندو نظر ايندو. سردار سندس محنت ۽ مهم جو اجورو پونگ به وٺي ڏيندو هو.

چورن جي سردارن ۾ خان بهادر امام بخش ڏاڍو نالو ڪڍيو هو. سنڌ جي ڪمشنر سر هينري لارينس جي زال ليڊي لئي لارينس پنهنجي ڪتاب ۾ هن جو ذڪر ڪيو آهي. هو انگريزن جي وفادارن ۾ اول نمبر هو. هٿ ۾ رات ڏينهن تسبيح پيو ڦيريندو هو. سندس اوطاق تي رات ڏينهن چورن ۽ خونن جا فيصلا پيا ٿيندا ها. ڏوهارين تي جيڪو ڏنڊ وجهندو تنهنجو مقرر ٿيل "سرداري حصو" سندس خزاني ۾ جمع ٿيندو هو. جيڪي ماڻهو ڪيس ساليانو ڏن ڀريندا ها، تن جي چوري نه ٿيندي هئي، ڇڻ ته هن جي حڪومت پئي هلندي هئي. هو ساري عمر ڏهڍي سان رهيو. چورن ڌاڙيلن جي ڌنڌي کي، انگريز به اهڙو شاناٽو ۽ وزناٽو سمجهندا ها جو چورن جي سردار امام بخش کي پهريون "خان بهادر" جو ۽ پوءِ وڏائي "سردار بهادر" جو مان وارو لقب ڏنو هئائون.

# وڪيل ۽ ٽائوٽ

لاڙڪاڻي جي اي. وي اسڪول ۾ پڙهندو هوس. پيتا وڪيل هو ۽ ڪورٽ ۾ ويهڻ جو گهڻو وجهه ملندو هو. اتي رنگيءَ جا عجيب رنگ ڏٺم. بيگناهن کي سخت سزا ۽ قاتلن کي باعزت ڇٽي ويندو ڏٺم. ان لاءِ ڪي قدر وڪيلن جي قابليت ۽ ڪارسازي به هئي. اهي سچا افسانا ۽ رومانوي رنگ، خيالي ناولن کان وڌيڪ حيرت انگيز ۽ دلچسپ آهن. هندستان ۾ سراسري سڀ کان وڌيڪ خون ۽

جو تہ گرئجوئيٽ نہ هو. لاچار راجڪوٽ ۾ عريضي نويس ٿي پيٽ قوت ڪڍڻ لڳو. تڏهن دادا عبدالله جي آفريڪي فرم ۾ 105 پائونڊ يعني 1575 رپيا ساليانی پگهار تي وڃي نوڪري ڪيائين. گهر ٻار ڇڏي، ست سمنڊ پار، اهڙيءَ گهٽ پگهار تي خسيس نوڪري ڪرڻ جوسبب پاڻ هنريت لکيو اٿس:

It was disgusting to have to give commission to those who brought me work.

يعني ٺاڻوٽ ڪيس ڪم آڻي ڏيندا ها تن کي ڪميشن ڏيندي کيس ڪراهت ايندي هئي. وري لکيو اٿس.

This was hardly going there as a barrister, it was going as a servant of the firm.

هڪ ڪمائي نہ ليي، ٻيو گهر ۾ وڏندڙ ٻچڙوالي، ٽيون ٺاڻوٽن جي پريشاني، ويچاري گانڌيءَ جهڙي مهان هستيءَ کي بہ پرڏيهہ وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو.

هاڻي اچو ڳالهہ جي ڳاٽي تي. آڏ جڳاڏ کان جنگيون جهيڙا ٿيندا آهن زن، زر ۽ زمين تي. سنڌ ۾ گهڻا خون زالن لاءِ ٿيندا ها جو سنڌن مڙسن ۽ شاهدن کي بہ قتل ڪرائي ڇڏيندا ها. وڏيرو ڏمر خان فڪرمند هو جو خون جي چشم ديده شاهد جو خون ڪرائي نہ سگهيو هو. ٺاڻوٽ اچي آٿت ڏنس. چي: "رئيس! دل ڇو لاٿي اٿئي! ڪٿي بہ مادر چود وڃي لڪو هوندو تہ ڳولي لهنداسونس. اسان جو وڪيل ڏاڍيءَ پهچ وارو آهي. صوبيدار کي اشارو ڪري ڇڏيندو تہ رن جي پٽ جو سر سلامت نہ هوندو."

"ڀلا تون جي وڪيل جي جج سان رهائي آهي؟"

"ڏاڍي، اصل ڳالهہ ئي نہ پڇ! پاڻ ۾ پيالي پيائي يار آهن. سڄي رات رمي ڪندا آهن ۽ رنن سان سمهندا ۽ اٺامٺا ڪندا آهن." اهو ٻڌي ڏمر خان کي دلجاءِ ٿي ۽ ٺاڻوٽ جي ديوان کي وڃي وڪيل ڪيائين، جنهن پورو نپوڙيس.

ڪي وڪيل رس رسائيءَ، لڳ لاڳاپي يا ياريءَ باشيءَ ذريعي وڏن وڪيلن کان بہ سرس ڪمائيندا ها. ديوان فتحچند (فرضي نالو) ان فن ۾ هوشيار هو. قانون قاعدي جو ڪچو هو، پر پائيبند جي اولاد هو. هڪ وڪٽوريا گاڏي رکيائين. جيڪو بہ مئجسٽريٽ يا جج ايندو هو تہ اها گاڏي سندن در تي بيٺي هوندي. صبح جو صاحب پاڻ گاڏيءَ تي چڙهي ڪورٽ ويندو ۽ شام جو سندس پار هوا خوريءَ لاءِ باغن جو سير ڪرڻ ويندا. چوطرف پرلاءُ پئجي ويندو تہ فتحچند جي گاڏيءَ تي جج جي آڪهہ پئي ڦري! ڪيسن ۾ قاتل ماڻهو ان ميل ملاقات جو لاڀ وٺڻ لاءِ، فتحچند کي وڏيون فيون ڏيئي وڪيل ڪندا ها.

فتحچند بہ رکڻ لاءِ اول تہ ڪيس کڻڻ کان انڪار ڪندو چي "اسان کي اڳ

۾ ئي ڪم گهٽو آهي ۽ ٻي ڌر به پئي زور هلائي ته اسان سندن وڪيل ٿيون. هو ته في به وڏي ٿا ڏين. توهانجو ته ڪيس به ڪمزور آهي. ڪلهه رات جج صاحب اسان کي ڊنر ڏني، اتي توهان جي ڪيس جي به ڳالهه نڪتي. هو به توهان تي سخت ڪاوڙيل پئي نظر آيو. هو اسان جو ذاتي دوست آهي ۽ اسان وڪيل هونداسين ته توهانجي خلاف فيصلو نه ڏيندو. پر مان اهڙي يار جي وويڪ تي بار چو وجهان؟"

فتحچند جي تقرير ٻڌي اصيل کي ڏڪڻي وٺي ويندي. پڳ لاهي فتحچند جي پيرن تي رکندو ۽ زالن جا ڳهه ڳٺا وڪڻي به هن جي ڳاتي پڳي فيءَ جي پورائي ڪندو.

هڪڙا ٽئين قسم جا وڪيل به ڪمال ڪري ڏيکاريندا ها. انهن مان هڪ جو سچو نالو ٿو ٻڌايانءَ جو هن جا پٽ هاڻي بمبئيءَ ۾ وڪالت ڪندا آهن. نقلي نالو چيڙمل. پر عام طرح مشهور هو چچڙمل. جو اصيل پاران اصل چچڙ تي چنبڙندو هو. پتلون تي پٽي بدران اڳٽ ٻڌندو هو ۽ اڳٽ مٿان ٽاءِ. ڪورٽ ۾ گهڙندو ته ٽاءِ چيلهه مان چوڙي ڳچيءَ ۾ پائيندو هو. ڪورٽ مان نڪرندو ته ٽاءِ ڳچيءَ مان لهي وڃي ڪمر سان ڪسبي. ڪڇ ۾ ڪيس جا ڪاغذ، مٿي تي چٽيل سولا هئٽ، ڪيسي ۾ اِڳڙي، اِڳڙيءَ ۾ قلڪو، قلڪي ۾ پتاٽن جي ياجي ۽ پاپڙ.

فريادي‌ءَ جو وڪيل هوندو ته اوائل ۾ ئي جوابدار تي وارنٽ ڪڍائڻ لاءِ مئجسٽريٽ جي جند نه ڇڏيندو. تقرير ڪندو، منٿون ڪندو، آخر اڪين مان ڳوڙها به ڳاڙيندو، پر وارنٽ ضرور ڪڍائيندو. پوءِ اچي اصيل کي وٺندو: "ميان رقم ڪڍ!" رقم جي تفصيل هن طرح: سرشتيدار جو منهن مٺو ڪرائي، ڪورٽ جي منشيءَ جي خرچي، پٽيوالي جي سلامي. سندس منشيءَ جو منشاٽو (منشيءَ جو وجدو ئي ڪونه هوندو) بگيءَ ڀاڙو وغيره. اصيل جي ڪپڙيءَ ۾ جيڪي ڪٽا هوندا سي سموار ڪڍي وٺندو. اصيل به اُستاد. سي پورا پئسا نه هجڻ جا بهانا ٻڌائيندا ته سارا ڪپڙا جاچي ڏسندس. پٽڪي جي ورن ڪان شروع ڪري اُبداٽي تائين وڃي پهچندو. ڪي اصيل پوءَ ڪان پئسا جتين جي پاتاون ۾ لڪائيندا ها. اصيلن ڪان فيءَ ڪانسواءِ گيهه، چانور ۽ ڏنڊڻ جون ويڙهيون به طلب ڪندو هو.

چيڙمل جوابدار جو وڪيل هوندو ته شاهد جي آڏي پڇا ۾ ايڏي ته اينگهه ڪندو جو ساري ڪورٽ ڪڪ ٿي پوندي. مئجسٽريٽ پڇندس: "ديوان هاڻي ته سوال ختم ٿيا؟"

"نو سر. ميني ميني مور اِسٽل!"

ميني ميني مور سوال هن طرح جا هوندا: "تنهنجي زال جو نالو ڦلاٽو آهي؟" "تنهنجي زال تمام سهڻي آهي؟" "تنهنجي زال جو ناتو جوابدار سان آهي؟" "تنهن

تي تو پنهنجي زال کي مار ڏني هئي ۽ چيو هو تہ تون جوابدار کي ڪڏهن نہ ڪڏهن مزو چکائيندين؟"

شاهد دانهون ڪندو رهندو تہ ڪيس زال ئي ڪانهي، پر ڪير جو ديوان چيڙمل کي سمجهائي! سوالن پٺيان سوال! هر هڪ ڪيس ۾ سندس ترڪيب اها هوندي هئي تہ جوابدار، فريادي يا شاهدن جي زالن سان ڪريل آهي. اهڙيءَ بدناميءَ جي پوَ ڪان چيڙمل جو نالو ٻڌي شاهد ڀڄي ويندا ها: هڪ بہ ٻيرا ڪورٽ جي ٻاهران ديوار کي گار گند ۽ ڏک بجو بہ هنيائون. پر هن ڪو خيال نہ ڪيو. سندس حياتيءَ جو هڪڙو ئي مقصد هو تہ ڇا بہ ٿئي پر ڪيس ضرور کٽجي.

ديوان چيڙمل جي آڏي پڇا ڪيترن بيگناهن کي مارائي ڇڏيو. پروچن لاءِ اها ڳري ڳالهہ تہ ڪين ننگ جو مهٽو ملي! اها جانچ نہ ڪندا تہ ڳالهہ سچي آهي يا نہ، نہ ڪندا هم نہ تم. پنهنجي زال ۽ جنهن مرد جو نالو آڏيءَ پڇا ۾ ورتل هوندو، تنهن کي اچي "ڪارو" (قتل) ڪندا. ڪيس ٿيو هوندو ڏاند جي چوريءَ تي، پر پڇاڙي ٿيندي خونريزيءَ تي!

تنهن تي چيڙمل کي ڏوراپو ڏبو تہ چوندو: "خون جي ٻي ڳالهہ آهي، چوريءَ وارو ڪيس تہ ڪٽيوسي ني! رن پٽ ائين تہ نہ چوندو تہ چيڙمل ڪيس هارايو! خون نہ ٿيندا تہ وڪيلن جو ڏنڌو ڪيئن هلندو! مان تہ خون جو ڪيس بہ کٽڻ لاءِ تيار آهيان. في پوري ڏي تہ پنهنجي اصيل کي بہ ڦاهيءَ تي چاڙهائي ڏيانس!

## فقيريءَ جو فن

سنڌ ۾ هڪ بہ هندو فقير نہ هوندو هو ۽ ڪن مسلمانن ان ڪرت کي اعليٰ فن جي بلنديءَ تي پهچايو هو. هڪڙي ڏينهن هڪ فقيرياڻيءَ کي آنهون ۾ دانهون ڪندو ڏٺم. پگهر پيو وهيس، وار پٽي، قاتل ڪپڙن تي پيوت، ڳل تان ڳوڙهو نہ سڪيس. سڏڪا ڀري پئي چئي: "آهي ڪو الله جي نالي منهنجي بکين ٻچن جو پيٽ ڀري؟ آهي ڪو الله جو بندو جو منهنجي حال تي رحم ڪري! يا الله! يا الله! منهنجا ٻچڙا بہ تنهنجا بندا آهن، ٽن ڏينهن کان روٽيءَ ٽڪر نہ ڏٺو اٿن!"

هن جون اهڙيون ڪهڪائيندڙ ڪيڪون ٻڌي نونءَ نونءَ ڪاندارجي وئي تہ هنکي ڊوءَ تي پئسا ڏيان، تہ آتي بيٺل پوليس واري چيو: "ديوان، هن رن جي مڪر ۾ نہ ڦاس! اهڙيءَ طرح هيءَ گهٽني کي پئي ڦري. نہ پار نہ ٻچو. اڄ هتي سيان پئي هند!" تڏهن ان رنڙيءَ، سپاهيءَ تي اهڙو تہ مرچائي گارين جو وڏ ڦڙو

وسڪارو ڪيو، جو پوليس واري ڏنبي سان آلر ڪيس. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جي اها ڪلاڪار ڪنهن فلم ۾ پارٽ ڪري ته تماشبينن کي روئاري ڇڏي!

ڪي به ڏسٽا وائسٽا هڪ ٻئي جا منجهه پيتو پائيوار ٿي ايندا. هڪ چوندو: سائين هن جي پاڙي ۾ هڪ لاوارث شخص فوت ٿي ويو آهي، اُن جي ڪفن دفن لاءِ مان به ٻه رپيا ڏنا اٿي مانس. سائين جن ڪان به جيڪي پڄي سو ڏيوس!" هنن پيا به ڏندڙا ڪيا پر پنڻ جهڙو سٽيو پيٽ قوت پيو ڪٿا نه ملين.

ڪراچيءَ ۾ برنس گارڊن وٽ منهنجي گهر ويجهو فقيرن جا ولر رهندا ها. مان پنهنجي ڪنهڙي مان پيو ڏسندو هوس ته هو صبح جو پنڻ سانگي شهر ۾ ٽڙي پکڙي ويندا ها ۽ شام جو موٽي ايندا ها. انهن مان هڪ مائي پنهنجي پاڙيسريءَ جون ٻه ڇوڪريون مسواڙ تي ولي، چڱا ڀلا ڪپڙا پهرائي ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي نڪري پوندي هئي. هن کين روئڻ جي رمز سيکاري هئي. هڪڙي ڏينهن بندر روڊ تي پنهنجي دڪان تي ويٺو هوس ته ٽورن ماڻهن جي ميڙ ۾ اُن مائيءَ ۽ ڇوڪرين کي ڏٺم. هڪ ڇوڪري روئي رهي هئي ۽ مائي حاضرين کي چئي رهي هئي: "ابا، منهنجي هن نياڻيءَ کي پڙهڻ جو شوق آهي، پر مان غريب پرائي گهر ۾ ليپو ٻهاري ڪندي آهيان. هاڻي پنج رپيا ڪٿان آڻيان جو هن جي اسڪول جي في ڀريان ۽ ڪتاب آڻيان!"

ڇوڪري زار زار روئندي رهي. مائيءَ وري ٻئي سڄڻ کي چيو: "ابا، اهي عيسائي آهن نه، سي ته ڳوٽريون ناٿي جون ڪنيون پيا گهمن. ڀريائين ته ڪپڙا لٽا ۽ ڪتاب به ڏنائونس، پر هاڻي چون ٿا ته عيسائي ٿيو نه ته اسان ڪجهه به نه ڏينداسين. هاڻي ابا، مون کي ته اهو نٿو پڄي جو هن ڇوريءَ خاطر پنهنجو مذهب مٽايان."

ان ڳالهه سيني تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ ڪنهن پنجين جو ۽ ڪنهن ڏهين جو نوٽ ڪڍي ڏنس ۽ ديندار ماڻهن ته خاص طرح وڏيڪ هٿ ڊگهيريو ۽ چيائونس: "اما، ڇوڪريءَ جو پڙهڻ بند نه ڪجانءِ.... پر ڪرستان ته بنهه کين ٿجانءِ!" مائيءَ يڪدم جواب ڏنو: "ابا خير گهر. پڙهڻ وڃي ٻن پوي، مرندو مري وڃبو، پر نبي رسول جي راهه نه ڇڏبي!" مائيءَ جي دين لاءِ اهڙي پختگي ۽ قرباني ڏسي ٻين به کيس آفرين ڏنس ۽ چندو ڏيئي مذهب جي خدمت ڪئي.

فقيرن جا ٻه قسم هوندا ها. هڪڙا آهي جن جا هڏ سڪي ويا ها. نشي پتي جي عادت، ڪم ڪار کا عار ۽ پيا خلق کي ڦريندا ها. ٻيا اهي جن پنڻ کي پنهنجو پيشو ڪري اختيار ڪيو هو. کين باقاعدي گهر گهاٽ ها. رڳو ان ڏنڌي خاطر ٻئي هنڌ نڪري ويندا ۽ مهل سر مٽي ايندا ها. جيئن دفتر وڃڻ لاءِ علحدا اڇا اُجرا ڪپڙا ٿيندا آهن، تيئن هي مرد يا زالون ڦاٽل ميرين ٽڱڙين جو وڳو پائي پنهنجي

دکيءَ تان هکاليس تہ ٽاهرجي ڪري پيو ۽ ڦٽ کي رهڻ اچي ويس. هن جي سڄڻ رت ۾ رڳجي وئي. ڏڪندڙ آڱرين سان پانچو ڪٽي ڏنائين تہ ناسور تي چڙهيل پيري لهي وئي هڏس ۽ رت پئي ٽميس. جميل رت چمڪڻ لڳو. هن رتو ڇاڻ تنگ کي ڏسي محسوس ڪيو تہ سندس مسئلو حل ٿي ويو جو واٺهرو سندس اڳيان پيسا آڻي لائڻ لڳا.

## بيمارين جو علاج

سنڌ ۾ گهرو علاج گهڻا ٿيندا ها. لڦ يا ڦرڙي نڪرندي هئي تہ لپري ٻڌبي هئي. ان هوندي بہ ڳوڙهو نہ ڦسندو هو تہ ڇاٽو حجم ٽڪو ڏيئي ڪنو رت ڪڍي، ملم لڳائي ڇڏيندو هو. گدوڊ ٿي پوندو هو تہ هڪ خانُ حجم ان ڳوڙهي کي ملم لڳائي گهوڙي جي پڇ جو وار ٻڌندو هو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ اڳلو وار لاهي نئون وار چڪي ٻڌندو هو. نيٺ 10-12 ڏينهن ۾ اهو ماس جو ٽڪر ڇڇي ڪري پوندو هو ۽ وري مجال آ جو ان جاءِ تي گدوڊ ٿئي!

چنگهہ ٻانهن کي ڏک لڳندو، رڳ ٽڙڪي ويندي يا هڏو پچي پوندو تہ ڪنير سوٽ ڏيئي، سڌو ڪري، هيڊ ۽ تيل جو ليپ لڳائي ٻڌي ڇڏيندو هو. هڪ دفعي اسان جي سورداس سوٽ ويڙهيمل جو پير ڏاڪڻ تان اهڙو ڦسڪيو جو ڦڙ ڦڙ ڪندو اچي هيٺ ٽڪاءُ ٿيو. ٽوٽ ۽ پير جا هڏا پچي پيس ۽ رڳو رت ٻڌل چمڙيءَ ۾ پيا لڙڪنس. سول سرجن چيو تہ پير ۽ ٻانهن ڪٽڻا پوندا نہ تہ زهر چڙهي ويندس تہ بچڻ محال آهي. اهو ٻڌي زال مڙس جو رودن مچي ويو. ٻاڙيسرين کي بہ ڳڻتي ويڙهي وئي. نيٺ ابراهيم، ڪمرؤ ڪنير کي وٺي آيو تنهن اچي ويڙهيمل جي لڙڪندڙ هڏن کي هڪ ٻئيَ سان ملايو ۽ ليپ لڳائي، ڪاٺ جون پٽيون ٻڌي ڇڏيون. ڪجهہ هفتن ۾ ويڙهومل ٺيڪ ٿي پيو. ڪمرؤءَ نابينيءَ کان پائي پيسو بہ نہ ورتو. هن ٻڌايو تہ اسان جي بدن ۾ نوان تنتوَن ۽ رڳون ٺهنديون رهنديون آهن. اسان تہ رڳو جدا ٿيل هڏن کي ملائي ٻڌندا آهيون تہ قدرت پنهنجو ڪم ڪندي آهي ۽ هڏا ازخود پاڻ ۾ ڳنڍجي ويندا آهن.

سنڌ ۾ رت جو دورو بلڊ پريشر وڌي ويندو هو تہ سير چوڙائيندا ها يعني خاص رڳ کي چهڪ ڏياري رت ڪڍائيندا ها. پيٽ ۾ گهمرو يا سور ٿيندو هو تہ تيل سان تري ڏياربي هئي. ڪاڪڙو ڪري پوندو هو يا ٽانسل ٿي پوندا ها تہ ڇاٽوَ زالون آڱرين سان تارون مٿي ڪنديون هيون. اونهاري ۾ وسندڙ ٻاهہ جي لهس کان بچاوَ لاءِ زالون ڏاڙهوَن، چندن، گاهہ زبان ۽ ٻٽ جا شربت ٺاهي رکنديون هيون جيڪي پيئڻ سان جسم ۾ سرد لهرون پيدا ڪندا ها. ان واريا سي

ملڪ ۾ اڪيون اَتي سَچي ڳاڙهيون ٿي پونديون هيون ۽ گند وهڻ لڳندو هو تہ پير جي پڻ تي، اَتي ۾ هنَيد ۽ ماکي ملائي پها ناهي ٻڌبا ها يا رات جو تقلا پسائي صبح جو اکين تي ڇنڊا وجهبا ها ۽ پيئبا ها تہ اکيون صاف ٿي پونديون هيون. تلسيءَ جا پن تہ جام بيمارين ۾ فائدو پهچائيندا ها.

رت خراب ٿيڻ تي بدن ۾ خارش، سوڄ يا ڳاڙها داغ ٿي پوندا ها تہ ڇهڙن (پينگين) جي ڙالن کان ڇڙوَن هٽائيندا ها. ڇڙوَن آهن هڪ بہ انچ ڊگها جيوَ، جيڪي رڳو گندو رت چوسينديون آهن ۽ جڏهن رت سان پرجي ڳوڙيون ٿي پونديون هيون تہ ڪين لاهي، نپوڙي گندو رت ڪڍي وري پيهر چنبڙائينديون هيون. گندو رت نڪرڻ کان پوءِ ڦٽ ڦرڙيون خارش وغيره لهي ويندي هئي. اسان جي پاڙي ۾ ڏيپي مل کي ڳچيءَ ۾ هڪ ڳوڙهو، اول پير جيڏو ۽ پوءِ اچي ننڍي صوف جي قد تي پهتو. ڊاڪٽر چون تہ آپريشن ڪري ڪٽڻو پوندو. "آپريشن" جو نالو ٻڌي مڙس کي ڏڪٽي وٺي وئي ۽ پنهنجي آخرت ويجهي ڄاڻي روئڻ ۽ موڪلائڻ لڳو، پر آپريشن لاءِ تياري نہ ٿيو. نيٺ عسيو هڪ پنگياڻي کي ڇڙن سان وٺي آيو انهن ڇڙن ڏيپي جي ڳوڙهي جو گندو رت چوسي ڪڍيو ۽ 10-15 ڏينهن ۾ سندس ڳوڙهو غائب ٿي ويو.

جيڪڏهن گهرو علاج مان فائدو نہ ٿيندو هو ۽ هرويرو ڪا بيماري شدت ڪندي هئي تہ ڪنهن طبيب وٽ وڃبو هو. اُهو بہ نبض ڏسي ۽ حال احوال وٺي شربت ۾ ڪي عرق وجهي پيئاريندو هو. ڇا جون ڪوڙيون دوائون ۽ سيوَن. ان لاءِ بہ چار پئسا وٺندا ها. سائين ڪشنچند "بيوس" جا ڪتري چاچا شڪارپور ۾ مشهور حڪيم هوندا ها. اهڙا ويد حڪيم مفت ۾ گهرو علاج بہ ٻڌائيندا ها. يا ڪو مريض ڪجهہ پئسا بہ نہ ڏيندو هون تہ هرويرو طلب نہ ڪندا ها. شهر ۾ شاهوڪارن جا مفت شفاخانا بہ هوندا ها. سخت بيماريءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽر گهر ايندا ها تہ هڪ رپيو ۽ طبيب اٺ آنا وٺندو هو. پر شادي يا ڏياريءَ تي ڪين ماڻهن وانگر مٺائي موڪلبي هئي. اسان جو فيملي ڊاڪٽر موهن لعل سونپار ايم. بي . بي. ايس هوندو هو. مهاتما گانڌي 1917 ڌاري هن جي گهر اچي رهيو هو ۽ محبت سان مليو هو.

حڪيم ۽ طبيب، عام بيمارين جا تہ گهٽا پئسا نہ وٺندا ها پر مرداني دوائن ۽ ليپن لاءِ وڏيرن ۽ شاهوڪارن کان خوب ناڻو ڇانگيندا ها. اڪثر ڳوناڻا وڏيرا، حڪيمن کي اچي چوندا: "حڪيم صاب! اهڙو ڪو ڪاڪت جو زبرو مازوَن (طاقت جو جبرو معجوَن) ڏئي جو محبوبا راجي ٿئي! هاٿي تہ يارِ ڊاپجي ئي نٿي. پئسن جو ڪيال نہ ڪر!" حڪيم اهڙين سٽيين آسامين مان ئي مالا مال ٿيندا ها. ان دور ۾ طبيب جي ڪاميابيءَ جي پرک ان مان پوندي هئي تہ هو "قوت باهہ" يعني

جمع ڪرڻ جي توفيق ڪيتري قدر وڌائي سگهي ٿو. ن لاءِ هو خميرو، ياقوتي، موتين جو چاٽو وغيره هڪيو تڪيو رکندا ها.

اهي بي فڪريءَ جا ڏينهن ها. زميندار کي اٿاهه زمين مان لکين آمدنيون ۽ هندو سيٺين کي بہ پرڏيهي گماشتن وٽان جام ناڻو پيو ايندو هو. نہ ڪم نہ ڪار پوءِ ڇو نہ ڪين قوت باهه جي شڪايت ٿيندي! اَوڌ جي آخرين نواب واجد علي شاهہ پنهنجي ڪتاب ”بني“ ۾ لکيو آهي (الائي ڪوڙ الائي سچ) تہ ڪلڪتي ۾ نظربند رهندي هوَ هڪ هڪ ڏينهن رات ۾ 50-55 زائفن سان جماع ڪري سگهندو هو. امير جي زندگيءَ جو اهوئي مقصد هو، پوءِ حڪيم ڇو نہ پنهنجي خانداني نسخن جي زور تي مالا مال ٿيندا.

شريمد ڀاڳوت ۾ هزارين سال اڳ جي هڪ ڳالهہ ڏنل آهي جنهن مان سنڌ جي آيرويدڪ علاج جي ڪرامات جو پتو پوي ٿو. راجا شرياتيءَ پنهنجي جوان ڌيءَ سڪينہ، هڪ نهايت ٻڍي ضعيف رشيءَ چيون کي پرڻائي ڏني، جو تہ ان جوڪريءَ اٽڃاٽائيءَ ۾ اُن رشيءَ جي اکين ۾ ڪنڊا ٽنبيا ها. رشيءَ کي اهڙي گلبدن راڄڪماري ملي تہ هن اشوني ڪمار وئدن کان نہ رڳو اکيون ٺيڪ ڪرايون، پر انهن حڪيمن ڪيس هڪ پاڻيءَ ۾ وهاري، ليپ لڳائي ۽ دوائون کارائي هڪ جانٺو جوان بڻائي ڇڏيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ راجا، سڪنيہ کي هڪ ڳڀرو جوان سان گهرهست ۾ رهندو ڏسي سخت ڪاوڙيو: ”اڙي ڪل ڪلنڪڻي! توکي ڪو شرم حياءُ ڪونهي جو پنهنجي ٻڍي ۽ جڏي پتيءَ کي ڇڏي اوپري مرد سان لڳي وئين آهين!“ پوءِ جڏهن راجا کي سڌ پئي تہ اُهو نوجوان ٺي سنڌس نائي آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيو. اڄ بہ نوجوان بڻجڻ جي دوائن کي ”چيون پراش“ چوندا آهن.

مان پنهنجي ڪتاب ”سڪار ٿي سفر“ ۾ ڄاڻايو آهي تہ چيني زالن ۽ مردن کي بہ اهو خفت ڏاڍو آهي جو نانگ، ڪيڪڙا ۽ سمنڊ جي تري مان ڪڍيل ڪي ٻوٽيون کائي جسماني قوت وڌائيندا آهن ۽ ڏهن ٻارن جا ماءُ پيءُ هوندي بہ نوان گهوٽ ڪنوار پيا لڳندا آهن. دور پورب جي ٻين لوڪن جو بہ ساڳيو حال آهي جو انهيءَ مراد سان ڏيڏر، سها، شينهن جي چربي، ڏاندن، گهوڙن ۽ گڏهن جا پرائيويٽ عضوا وغيره بہ کائيندا آهن ۽ انهن مان اهڙا شراب ٺاهي پيئندا آهن جو بدن ۾ بجلي پرجي وڃي. انڊونيشي ۽ چيني زالون لونڊڙين وٽ ”آڪيو پنڪچر“ ڪرائيندي يون آهن تہ جوانيءَ جو جوش ۽ موج قائم رهي.

قصو ڪوتاهہ، سنڌ ۾ ڪي اهڙا ٺڙڪائو حڪيم بہ ها، جن جي گراهڪي اجا نہ ٺهي هئي. انهن وٽ مريضن جي اچڻ جو آسرو هجي يا نہ، تہ بہ هٽ ۾ شيشن ۾ ڊبن جون لائينون لڳائي ويٺا هوندا ها. ٻاهران بورڊ پيو لڙڪندو، جن تي

نامرديءَ، بواسير ۽ باد فرنگ جي سستيلن لاءِ شرطي علاجن جا واعده لکيل هوندا تہ "وقت اندر فائدو نہ ٿيڻ تي پيٽا پئسا واپس!" اهڙين گندين بيمارين جا مريض، پاڻ پڌرو ڪري پئسن جي طلب ٿوروئي ڪندا.

## نانگن جو زهر ڪيڻ

تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ اڳئين زماني ۾ سياسي ڪمن لاءِ نانگن جي زهر جو گهڻو استعمال ٿيندو هو. سنکئي ڪان نانگ جو زهر ڏاڍو قاتل ٿيندو آهي. اڍائي هزار ورهيہ اڳ مهرشي چاڻڪيہ جي "ڪوٽليهہ ارٿ شاستر" ۾ ان نسبت تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي. تيرن تلوارن کي زهر ۾ ٻوڙي هڻندا هئا تہ اڄاترو لڳڻ سان بہ دشمن مري ويندو هو. جوان ڇوڪرين کي آهستي آهستي قاتل زهر تي هيرِيندا هئا تہ اهي "وش ڪنيائون" جنهن کي بہ چپ سان چمنديون، پريم سان چڪ پائينديون يا جماع ڪنديون تہ اڳلي تي زهر چڙهي ويندو ۽ ڦٿڪي پراڻ ڏيندو جڻ تہ نانگ ڏنگيو اٿس. شڪارپور ۾ هڪ سدورومل انهيءَ قديم مدي خارج علم جي نشاني هو. هو هڪ عجيب طريقي سان نانگن جو زهر ڪڍي حڪيمن کي بيمارين جي علاج لاءِ وڪڻندو هو. اهو علم ڪيس موروثي مليل هو.

سدورومل شاهي باغ جي رستي تي هڪ جاءِ ۾ پنهنجي نانگن سان اڪيلي سر رهندو هو. جدا جدا پنڊين ۾ هن وٽ نانگن جو ڀرپور ذخيرو رهندو هو. ڪڙمي هن کان بي زهري نانگ گهني ويندا هئا جو پوک کي نقصان رسائيندڙ ڪوئن ۽ سهن کي نانگ کائي چٽ ڪندا آهن.

نانگن مان زهر ڪيڻ ۽ ان مان دوائن ناهڻ لاءِ، سرڪار لکين رپيا خرچي "هافڪين انسٽيٽيوٽ" هلائي رهي آهي، پر اهو ڪم سدورومل هڪ سادي نموني ڪندو هو. جنهن قسم جي نانگ جو زهر گهر بس، تنهن کي هڪ ديڳڙي ۾ بند ڪري نرم باهہ تي رکندو هو. تپت ۾ نانگ جوش ۾ اچي، ديڳڙي کي ڏنگ هڻندو هو. اهو زهر ديڳڙي جي هيٺان هڪ خاص ٺهيل جڳهہ تي ڪٺو ٿيندو ويندو هو. سدورو ٿوري دير باهہ بند ڪندو تہ جيئن نانگ ڪجهہ ساهي پٽي. وري ديڳڙو هلڪيءَ باهہ تي رکندو تہ نانگ زهر هارڻ شروع ڪندو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ساٿي ٿيل نانگ کي ڪڍي، ڪير پيٺاري پنڊيءَ ۾ وجهندو ۽ ديڳڙي مان زهر ڪڍي حڪيم کي ڏيئي پئسا وٺندو. مطلب تہ سنڌ هڪ اڳاٽو تهذيبي ملڪ هو جتي قديم حڪمت جا ماهر اڃا تائين هئا.

**ڌوٻي :** سنڌ ۾ ڌوٻيءَ کي ڪٽي بہ چوندا ها ۽ اهو ڪم مسلمان ڪندا ها. گهر جون زالون پاڻ بہ ڪپڙا، سوڍا کار ۾ ٽهڪائي، کوهہ يا تلاءُ تي وهنجڻ وقت، سوٽين سان ڌوئي ايندڀون هيون، پر ريشمي ڪپڙا آريئن ۾ ڌوئڻنديون هيون. ڌوٻي هڪ سؤ ڪپڙن جي ڌوئارٽي هڪ رپيو وٺندا ها. پر تنهن ۾ نياڻين جي ڪپڙن جي چارج نہ ڪندا ها. پوءِ مهانگائي ٿي تہ ٻہ رپيا وٺڻ لڳا ۽ شادي مراديءَ تي ٻين متن مائٽن وانگر، ڪپڙا لٽا، تاهري ۽ لاڳو وغيره بہ حق چمائي وٺندا ها ڇو تہ سندن گهر پيڙهي بہ پيڙهي بڌل هوندا ها. هڪڙي ڌوٻيءَ جو هڪ گراهڪ سقيم حالت ۾ پهتو تہ سندس ڌوٻيءَ ڪپڙا ڌوئڻ بند نہ ڪيا ۽ نڪي ڪانئس پيسا گهريا. مطلب تہ نيڪ نباهيندا رهندا ها.

ڌوٻي ڪنب تي ڪپڙا ٽهڪائي، گڏه تي ڪٽي، کوهہ يا تلاءَ تان ڌوئي ايندا ها ۽ سندن زالون جدا جدا گهرن ۾ ڌوتل ڪپڙا ڏيئي ميرا ڪٽي ويندڀون هيون. ڪن مردن کي ڪٽي ڪٽندي هئي تہ گهر ايندڙ ڪتياڻين سان بہ عشقبازي ڪندا ها جو ڪي موچاريون هونديون هيون جو مردن جون دليون بہ ڌوئي ڇڏينديون هيون. ان لاءِ هڪ نصيحت هئي:

بارهن ٻوڙي ٻانيٽي، چوڏهن ٻوڙي چمار،
جي تون اهڙو ڪامي، تہ بہ گهر ڌوٻيءَ جو ٽار!

يعني ٻانيٽي بارهن پيڙهيون ٻوڙيندي ۽ پنگياٽي چوڏهن پيڙهيون، ان هوندي بہ توکون عشق جي آسات لٿي نہ وڃي تہ بہ ڌوٻياڻيءَ کان پرهيز ڪر!

**حجم :** منهنجي نينڍپڻ ۾ حجم، شهر ۾ ٻن چئن هنڌ تڏا يا ڳوٺيون پٿاري ويهندا ها ۽ پنهنجي ڪرت پيا ڪندا ها. هو پنهنجي پاڻيءَ، ٿين جي ننڍي باڪس ۾، پاڪي ڪئنچي مشين ۽ وار ڇڪي ڪڍڻ لاءِ نچڪٽي رکندا ها. انهن جا بہ گهر بڌل هوندا ها. جتان ڪين شاديءَ مراديءَ تي ڪپڙو لٽو ۽ ڪاڌو ملندو هو. ڏن هيٺان پرائيويٽ وار لاهڻ لاءِ بہ پاڪي حجم ڏيندا ها. ڇوڪر جڏهن ان ڪارج لاءِ پهريون دفعو پاڪي ڪٽندو هو تہ اِها سندس ساماڻجڻ جي ثابتي هئي، ان مراد پنيءَ لاءِ حجم مٺائي وٺندو هو.

رواجي وار لهرائي بہ پئسا ۽ انگريزي وارن لاءِ هڪ آنو وٺندا ها. چوٽيءَ کان سواءِ سڄو مٿو مشين سان خسي ڪرائي تارونءَ تي ٽڪندو يا چورس ٽڪر پاڪيءَ سان ڪوڙائيو هو. اڪثر حجم کي هڪ ڏينهن گهرائي گهر جا جملي ننڍا

وڏا مرد وار لهرائيندا ها ته هولي سيل ۾ حجم اچا بہ رعايت ڪندو هو. پوءِ شونقين وڏيا ته هيئر ڪٽنگ سئلون ڪليا، جتي ٽاڻائي سان ڪرسيءَ تي ويهي وار لهرائبا ها ته ٻتي چارج ڏيڻي پوندي هئي، پر گهڻا ماڻهو اِهو اوقتو هٿ ڦاڙ خرچ سمجهندا ها.

اسان جي گهر پرسان لکيدر جي ونگ جي چانو ۾ اٺ ڏه حجم ويٺا ڪرت ڪندا ها. ميونسپل جي اچي ڪوٺ ڪٽي ته رستن تي ويهي ڪرت ڪندڙن تي بہ آنا ڍل وڌائون. لکيدر جا دال مگڻ وارا، گوگڙن ۽ گول گپن وارا ۽ حجم بہ ان چٽيءَ ۾ اچي ويا. منجهن ٽاءُ ته ڏاڍو هو، پر ڇا ڪن جو اجا تائين بک هڙتال جو رواج نہ پيو هو. اسان جو فئملي حجم عيدن بہ ان آپدا ۾ اچي ويو. هڪڙي ڏينهن مان وچي اڳتون ويٺومانس جو مٿي ۾ ڦرڙيون نڪتيون هيون ۽ وار خصي ڪرائي، پها يا رسول لڳائڻي هئي. هو زيرو مشين سان وار لاهڻ لڳو. پر سڄو وقت پئي هيڏي هوڏي نهاريائين. چي: "اجا ڪا پوهٽي بہ نہ ٿي آهي، متان ندورو محصول منشي نہ اچي وڃي!"

چيل آهي ته جنهن ڪي سچيءَ دل سان ياد ڪبو آهي، سو اچي حاضر ٿيندو آهي. عيدن اجا منهنجا اڌ وار مس لاٿا ته پريان محصول منشي پنهنجو رسيد بوڪ ڪٽي حجمن کان اڳاڙي ڪرڻ شروع ڪئي. عيدن بہ نہ ڪئي هم نہ تم، جهٽپٽ پنهنجا اوزار پانيءَ ۾ وجهي ائين ڪٽي ڀڳو جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ. هو ته بچي ويو پر مان اڌ مٿي ڪوڙيل کهڙيءَ وهه وڃان؟ محصول منشيءَ، عيدن جي ٽڏي جي ڪٽڙيل حالت ڏسي، ضبطي بيسود چاڻي ايترو آکيو: "ٻچو! سياٽي ڪاڏي ويندين!"

منهنجو اڌ مٿو ڪوڙيل ۽ روئڻ هارڪو منهن ڏسي جيڪو تيڪو پيو ٺٺولي ڪري. ائين پاڻ کي ڪلڻ هاب سانگ بڻائي گهر پهتم ته عيدن اڳ ۾ ئي اُتي براجمان هو.

**ڇڪڙا، ٽانگا ۽ انن جي سواري:** هن ڪتاب جي ٻاهرين پوش تي شڪارپور جي هڪ ڇڪڙي جي تصوير ڏنل آهي. اهڙا ڇڪڙا پيو ڪٽي بہ نہ هوندا ها. ڳيورارا ڪتنب اهي پسند ڪندا ها. ڇو ته هڪ ڍڪيل هوندا ها جو خاڪ کان بچاءُ ٿيندو هو. پيو ته ڇهہ ماڻهو مابي ويندا ها. پر ٽانگن جهڙا تکا نہ هلندا ها. ڏاندن کي گهنگهرون ۽ ريشمي رومال ٻڌل هوندا ها ته ڍيل جي ادا سان نچندا ڪڏندا هلندا ها ۽ اندر ويٺل تاس ڪندا يا ڳائيندا هلندا ها.

ڪيترن ڳوٺن ڏانهن اچ وچ لاءِ سڙڪ نہ هوندي هئي، رڳو پيچرا هوندا ها.

آهي. سڄو ڏينهن رڙيون ڪندي نڙي ٿي سڪي وڃي ته مس ٿي ڪا سواري لڀي. ياڙو بہ ڏيندا ڪِرڪِر ڪري. پر تون پيٺيان گهنٽي وڃائيندين مس تہ اول گراهڪ تو وٽ ايندا. جن لسوٽ چورن کي رئنن جهلڻ جي بہ پيٽ ڪانهي تن جا بہ گهوڙا مست ۽ گراهڪ بہ جام!"

"پيٺيان، تون لونين وارا ٿو سوال پڇين! پاسينگر مونجا ڪي مائٽ تہ ناهن! اسان جانور جي ڪمائي انهن جي پيٽ ۾ وجهون ٿا تہ رزق ملي ٿو. تون تہ حرامي بوراڪن کي وهائي وهائي، ڪين بڪيو رکي نشو ڪرين ٿو، تہ ڇو نہ اهو حال ٿيندءِ!"

## ديڳيون ۽ برتڻ

لاڙڪاڻو ڪٽ جي برتڻن لاءِ مشهور هو. تانهين ڪان سواءِ ڪٽورن جا دڪش بہ ناهيندا ها، جيڪي ڏيپ ۾ بہ ڏبا ها. دڪش معنيٰ وڏن ڪٽورن اندر ننڍا ڪٽورا، ڪنهن ۾ چار ڪنهن ۾ ڇهہ. شڪارپور جا نانارا وري ننڍا وڏا ديڳڙا ۽ ديڳيون ناهڻ لاءِ هاڪارا ها. اسان جي ڏاڏي جو وڏي ۾ وڏو ڪارخانو هو، جنهن ۾ ٽيهہ چاليهہ ڪاريگر پيا ڪم ڪندا هئس. ان زماني ۾ شادين جي ڇڄن، سداورت ۽ لشڪر لاءِ اهڙين ديڳين جي سخت لوڙ پوندي هئي، جنهن ۾ مڻ ڏيڍ چانور يڪساهيءَ رڌي سگهجن. ڏاڏي جو نالو قندار، خراسان، ترڪستان وغيره ملڪن ۾ ان لاءِ مشهور هو جو سندس ديڳيون جتادار ۽ بي عيب هونديون هيون ۽ سڀ مال ايڪسپورٽ ٿيندو هوس. هن وقت ڪيس پرڏيهي نالو ڪمائڻ جي لحاظ کان جيڪر "پدم پوشڻ" جو خطاب ملي ها.

ڏاڏو صاحب، پاڻ ڪارخاني ۾ ويٺو ڪلي ڇڪيندو هو ۽ پلاوٽا وتس پٺاڻ يا ايراني خريدار وٺي ايندا ها ۽ ڪيس آرڊر ۽ سوٽي ڏيئي ويندا ها. انهن کي بہ ڪلي ڇڪائيندو هو. شام ٿيندي تہ تازگي بخش سکو (مصري، باداميون، خسخس ۽ ڀنگ جي ريهہ) گهوٽبي هئي تہ ڪارخاني جا جملي ڪامريا، پاڻ ۽ سندس يار دوست پيئندا ها. ڪارڪن، توتن، پيرن وارا هوڪا ڏيندا لنگهندا ها تہ انهن کان چڪ چڪاءَ ڪري چار پنج سير مال وٺندو ۽ مٽان روڱ ۾ اڌ پاءَ ڪن جگي سان وٺندن. سيني کي ورهائي ڏيندو ۽ ڪجهہ گهر بہ موڪليندو هو. برڪت جا زمان ها، ٻي ٽِي آني (15-20 نوان پيسا) سير ڪارڪون ملنديون هيون، مٺيون جهڙيون مصريءَ جا ڳنڍا! انهن جي منڊ نہ هوندي هئي تہ دال مگن واري کي گهرائي سيني کي پئسي وارو دونو وٺي ڏيندو هو تہ پيٽ پرچي ويندو هئن.

سندس ڪم ڪندڙ بيمار سيمار پوندا ها تہ گهر وڃي حال چال وٺندو هئن ۽

دوا درمل جو خرچ بہ پاڻ ڪندو هئن. شاديءَ غميءَ جي خرچ ۾ بہ ڀاڱي ڀائي ٿيندو هئن. ٻار چمڻ تي پگهار بہ وڌائيندو هئن. بعضي ڪنهن سان ڪوهلائي ڪندا ها تہ گوشمالي بہ ڪندو هئن. اهي بہ ڪيس ابو سمجهي عزت ۽ ادب ڪندا ها. ڌيءَ پيڻ يا پٽ جي مڱڻي پرڻي ۾ سندس رائي مطابق هلندا ها. شادي ڪرڻ ويندا تہ گهوڙيءَ تي چڙهي ڪانئس پڳڙي ٻڌائي آسيس وٺندا ۽ هو بہ سندن پيءُ ڏاڏي وانگر گهور گهوريندو ۽ ڪارخانو بند ڪري سڄي ڪٽنب ۽ ڪامرين سوڌو شاديءَ ۾ شريڪ ٿيندو. سيٺن وٽ هن جي عزت بہ گهر جي بزرگ برابر ٿيندي ۽ لاڳو بہ ان موجب ملندو هئس.

اهو سڀ ان لاءِ لکيو اٿم تہ سنڌو سيپتا کهڙي اعليٰ هئي جو ڪارخانيدار، پورهيتن کي ڌاريو يا ڍور سمجهي وهائيندا نہ ها پر گهر جو ڀاتي ليکي سندن سک ڏک ۾ شريڪ ۽ ساٿ ڏيندا ها. ڪي ڪامريا اهڙا بہ هئس جن جي پيءُ ڏاڏي بہ ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪيو هو ۽ هاڻي ٻڍاپي ۾ آسوش ڪند ها يا ڏاڏي سان چؤپڙ راند ڪرڻ ايندا ها. مزور- مالڪ جو اهو خوشگوار گهريلو تعلقات مون رڳو چپان ۾ ڏٺو هو، هتي تہ پاڻ ۾ وٿانس ۽ اسٽرئيڪون ڪري ملڪ جو جهڳوئي جهڻ ڪيو اٿن.

شام جو ڏاڏو صاحب ڪارخاني ۾ ئي چوياريءَ ۾ چؤپڙ راند ڪندو هو پر سڄو وقت اک ڪن ڪم ڪندڙن تي هوندي هئس. صبح جو ڏنل ڪم پورو نہ ڪندا ها تہ هڪ ٻہ شيخون بہ لڪاءِ ڪندو هئن. ڪنهن جي ڪم ۾ غلطي ٿيندي ڏسندو تہ پاڻ ڳرو هٿوڙو کڻي ڪيس پوري گولائي ۽ هڪ سريڪو تهہ ناهڻ سيکاريندو هو. ان وقت سندس عمر نوي سال هئي. هاڻي تہ سٺ سال جي جوان کي خارج ڪن ٿا ۽ 45 سالن جي مرڳيل ڪراڙن ڪان سخت ڪم وٺن ٿا.

اهو ڪارخانو ڏاڏي جي ڪلب ڪان سواءِ ڪورٽ بہ هئي. هو ٻاڙي ۽ پنچات جو مکي بہ هو ۽ ڪئين ماڻهو وٽس پنهنجا تڪرار بہ کڻي ايندا ها. سانجهيءَ جو مون کي ڪلهي تي چاڙهي ۽ پوءِ ڏيل وڏيو تہ هٽ ڪان وٺي ٻالڪرام جي مڙهيءَ ۾ ستسنگ ۽ ساميءَ جي سلوڪن تي وٺي هلندو هو ۽ موٽندي تول وٺي ڏيندو هو. مطلب تہ زندگيءَ ۾ اڄ جهڙي ڪشمڪش ۽ ڀڄ ڊوڙ نہ هئي ۽ نڪي اخبارون هيون، جن جي پرائيءَ پچر سان انسان پاڻ کي جهوري ڇڏيو آهي. خير ڏاڏو آس رکي ويٺو هو تہ مان سندس ناٺارڪي گادي نشين ٿيندس ڇو جو سندس ستن پٽن ئي ڪيس نراس ڪيو هو. اسان جي پتا وڃي وڪالت ڪئي ۽ ٻين پٽن قنڌار، بخاري، ڪوئيٽا، چمن ۾ وڃي دڪان کوليا يا بئنڪنگ ڪئي. منهنجي نينڍپڻ ۾ ئي پاڻ بہ اهڙي نامعلوم پرديس هلي ويو جتان ڪو واپس نٿو اچي.

ديکيون ٺهنديون تہ رنڌڻ لاءِ هيون پر بعضي ٻين حاجتن لاءِ بہ ڪتب

ايندڙيون هيون. هڪ دفعي ڏئم ته هڪ ديڳ ۾ ڪرسيءَ تي مختيارڪار ويٺو هو ۽ ٻه ڄڻا ديڳ جو رخ پيا ڦيرين. آبڪلاني موسوم يا ٻوڏ وقت پاڻي اهڙي ڇوهه ۽ گجگوڙ سان پئي وهيو ته ڪا ٻيڙي ڪنهن ڇپ يا وڻ سان وڃي ٽڪاءُ ڪري ته مال ۽ ماڻهو اونڌا ٿي لڙهي وڃن پر ديڳ ۾ هوندا ته ڪو جوکو نه رسندن. چڱائي مدائي ته هر هڪ ڳالهه ۾ آهي. هڪ دفعي ڪي مزور ڪن شاهينگن ڪي ديڳن ۾ لڪائي شاديءَ واري گهر اندر پهچائي آيا. جيڪي رات جو گهر ڀاري ويا. هڪ 55 سالن سيٺ ڪي پيريءَ ۾ عشق لڳو ته پنهنجي گماشتي جي 15 سالن جي نينديءَ نينگر سان شادي مقرر ڪيائين. ڪنوار جو پاءُ ۽ ماءُ ان شاديءَ جي بنهه خلاف ها. سڌارڪن سيٺ ڪي باز آڻڻ جي ڪئي پر هو اِن هٺي بيٺو ۽ مورڳو ڪنواريتن ٻاهران ڪنوار تي نگاه رکڻ لاءِ چوڪيدار ويهاري ڇڏيائين. ان وقت به سدا سدوري ديڳ ڪتب آئي جو ان ۾ گاهه هيٺان ڪنوار ڪي وهاري ٻاهر ڪڍي آياسين جو ڪنهن ڪي ڪل نه پئي. پوءِ ان نينگر جي شادي پاٽس ۽ ماٽس ڪوئيٽا ۾ هڪ نوجوان سان ڪرائي ڇڏي.

## شراب جون بٺيون ۽ نشا

**شراب:** سنڌ جو شراب، نهايت سٺيءَ ڪوالٽيءَ ڪري ديس پرديس مشهور هو. خود انگريز، يوروپين شراب کان وڌيڪ سنڌي شراب پسند ڪند ها ۽ سوغات طور پنهنجي ملڪ کڻي ويندا ها. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ شراب جون بٺيون هونديون هيون جتان گتي وارا شراب نهرائي ويندا ها. شونقين سيٺيون ۽ زميندار پنهنجو ڪچو مال (انگور، کجور، مشق، سونف، زعفران، گلاب، ڳڙ ۽ ٻير جا ڇوڏا) ڏيئي، پسنديءَ موجب، تکو يا هلڪو دارون نهرائي ويندا ها. جوان زالن وارا ڪرڙوڊ مرد، دنبي جي گوشت جو شراب ڪڍائيندا ها جيڪو جنسياتي طاقت لاءِ جوشيلو ۽ شهزور ليکبو هو.

ٻيو هڪ اميري شهوتي شراب ٺاهيندا ها. جتڪي شراب جي 24 بوتلن ۾، يوناني حڪيم کان "قوتِ باه" جو مصالحو وٺي تنهن ۾ ستن تترن ۽ دنبي جي چربي "ڪرڻ- قل" تي ڪاڙهي، تنهن مان ٽي بوتلون ٺاهيندا ها. تن ۾ ڪستوري، آمبر، ڪيسر، بيهي داڻا ۽ مصري وجهي، ميٽ سان بند ڪري، ڪيوڙي جي وڻ جي پاڙ ۾ مچڻ لاءِ پوري ڇڏيندا ها. ڇهن مهينن کان پوءِ اهي بوتلان ڪڍيون هيون ته اهڙو جوشيلو شراب ٿي ويندو هو جو عادتي شرابي به ان جو خمار جهلي نه سگهندا ها. ان شراب ۾ ڪباب ٻوڙي کائيندا ها ته به مغز ۾ طراوت ۽ خمار چڙهي ويندو هو. پوءِ سرڪار، انگريزي شراب جو واهپو وڌائڻ

لاءِ اِهي ٻئيون بند ڪرائي ڇڏيون ته به لڪ ڇپ ۾ پيو ٺهندو هو.

**ڀنگ:** سنڌ ۾ شراب کان وڌيڪ ڀنگ جو واهپو هو جو وقت سر نه ملندي هئي ته آنڌ مانڌ ٿيندي هئي ۽ حياتي وبال سمجهندا ها. ميرن جي زماني ۾ ڀنگ هڪ آني سير هئي. انگريزن ڊل وڌي ته آٺ آني سير ٿي وئي. پر منهنجي سانڀر ۾ هڪ رپئي سير تي پهتي ته ڀنگيري هاءِ هاءِ ڪرڻ لڳا ته به ڇڏيائون ڪانه. ڇو جو علت ويندي آهي پر عادت ڇڏڻ مشڪل آهي. اوتارن ۽ دائرن ۾ شام جو ڀنگ جا ڀڳت اچي گڏ ٿيندا ها ۽ ڀنگ گهوٽڻ، ڇاڻڻ ۽ پيئڻ جي مهم چالو ٿي ويندي هئي. بوءِ ڪي موج ۾ اچي ويندا ها ته راڳ ڳائيندا يا ٺهڪ پيا ڏيندا ها يا ته ننڊ ۾ غافل ٿي ويندا ها. اهڙين مجلسن ۾ معزز ماڻهو نه ويندا ها پر وچولا يا غريب ماڻهو اهي شغل ملهائيندا ها ۽ جلالي فقير ته ضرور هوندا ها.

**چرس:** ڀنگ جي ڪڻنور ڪي چرس چئبو هو ۽ اهو تماڪ سان گڏ ڇڪيندا ها. ان مان معجون به ٺاهيندا ها. چوندا ها ته گانجي سان عقل تيز ٿيندو آهي، ڳالهائڻ جي چالاڪي ايندي آهي ۽ ٻيو ڪوئي ڪيس بيوقوف بڻائي نه سگهندو آهي. چرس جو به دماغ تي گانجي جهڙو اثر ٿيندو آهي. ڀنگ، چرس، ڌاتوري جي ٻجن ۽ مصريءَ مان ٺهيل معجون ٽن سببن ڪري واپرائيندا ها، هڪ ته مغز ۾ خماري اچي، طاقت اچي ۽ مرد ڪي جنسياتي استنڀڻ (امساڪ) ٿئي.

**آفيم:** آفيمچي چوندا ها ته جيڪو آفيم جهڙي نعمت کان محروم رهيو، سو جائو تهڙو نه جائو. ميرن جي ڏينهن ۾ گهر ۾ ڪو معزز مهمان ايندو هو ته خود مير ۽ نواب به ڪيس مانيءَ سان آفيم ضرور ڏيندا ها. اهي نشا ٿوريءَ دير لاءِ خماري ۽ موج مستي آڻيندا ها پر جيڪو سانده گهڻ ڪندو هو تنهن جي دماغ ۽ جسم تي خراب اثر ٿيندو هو ۽ ڪي ته موالي چريا ٿي پوندا ها.

## روئارڻ ۽ کلائڻ جو فن

هر هڪ ملڪ ۾ پيشيور ماتمي ۽ کل خوشي ڪرائيندڙ ٿيندا آهن تيئن سنڌ ۾ به ان مڪر جا ماهر ها، جن مان ڪين چوکو اُپراسو ٿيندو هو. اُن هنر کي به درگذر ڪرڻ مناسب ناهي. اسانجي چاچي ويچاري گهڻي وقت کان بيمار هئي ۽ رکي رکي پئي درد جون دانهون ڪندي هئي جو بدن ۾ سياٽو پئجي ويندو هو..

ڦڪين فرق نہ ڪيو ۽ نيٺ چولو چڙهيائين. سيني سامت جو ساهہ ڪنيو تہ ويچاري ڇتي وئي پر رسم ڪي تہ برقرار رکڻو هو. نہ تہ لوڪ ڇا چوندا! لاش تي چادر وجهي زالن روئڻ شروع ڪيو ۽ نياپو موڪلي خدوءَ ماءُ کي بہ گهرائي ورتائون. خدوءَ ماءُ تہ ان کان اڳ چاچيءَ کي ڏٺو بہ نہ هو، پر اچڻ سان ئي اوسارڻ شروع ڪيائين. گوڏن ۽ ڇاتيءَ تي نڪاو ڪيدي درديلي آواز سان رودن ڪري پار ڪيڻ لڳي: "اڙي هاءِ! هاءِ! هي کهڙو جلم تي ويو! ورڙي کي رڻ ۾ رولي، ٻچڙن کي ڪنهن جي آسري ڇڏي وئينءَ! هي ڀڳوان! توکي رحم بہ نہ پيو جو مان ملي جي پيڻ ڪسي ور تنہ! هاءِ! هاءِ! هي تہ وڏو قهر ٿي ويو!"

پوءِ تہ خدوءَ ماءُ اچي اوچنگارن ۾ ڇتڪي جو پٿر دل انسان بہ پگهرجي وڃي. اهو نوٽ ڪرڻ ڪپي تہ جنهن ورڙي کي رڻ ۾ رولڻ جو پار ڪڍيائين، اهو چاچو تہ اندر ۾ ڪڳيون پيو هٽي جو هڪ تہ ڊاڪٽرن جي ڳاتي پڳن خرچن، ڳند ميڙڻ ۽ ڏينهن رات جي آهہ زاريءَ کان ڇتو هو. پيو تہ چاچي نہ سندس گهر سنڀالي ۽ نڪي زال جا فرض بجا آڻي ۽ هاڻي تہ نئين ڪنوار آڻڻ جو رستو بہ لائين ڪلير ڪري وئي هئس. هن تہ رهائيءَ ۽ راحت جو احساس پئي ڪيو، پر خدوءَ ماءُ جو ماتم ڏسي هن کي بہ شرم پيو ۽ روئڻ شروع ڪيائين. اهو ڏسي ٻين زالن کي بہ جوش لڳو ۽ وڏي واڪ رودن ڪرڻ لڳيون ۽ اوڙي پاڙي وارا بہ اچي شريڪ ٿيا ۽ سڄي گهر ۾ باقاعدي ممڻ مچي ويو.

جڏهن مرد لاش کي ڇکيا تي ڪٽي ويا تہ خدوءَ ماءُ اصل سينو ڪٽڻ لڳي ۽ اهڙا ورلاپ ڪيائين جو ٻڌندڙ دهلجي ويا ۽ سيني جي نيٽن مان لڙڪ وهڻ لڳا. ائين پئي معلوم ٿيو تہ خدوءَ ماءُ ايڏو صدمو سهي نہ سگهندي ۽ اوپرين زالن بہ، چاچيءَ جي ماءُ ۽ ڀيڻ کي ڇڏي هن کي آٿت پئي ڏنو: مائي هاڻي بس ڪر! ڀڳوان جي ڀاڻي ۾ راضي رهہ!" خدوءَ ماءُ جي صدقي گهر جي ٻين زالن جي بہ پت رهجي آئي. انهن ۽ ٻين بہ پئي رنو پر خدوءَ ماءُ سيني کان سرس هئي. هن جي رودن اڳيان ٻين جا آواز ڦڪا پئي لڳا.

مرد لاش کڻي مسائي ويا تہ زالون، رسم موجب، وار ڇوڙي پار ڪڍنديون کوهہ تي اشنان ڪرڻ ويون. ان جلوس ۾ بہ خدوءَ ماءُ جا درديلا آلاپ ٻڌي واٽهڙن بہ پئي پڇيو تہ ڪنهن جو قضيو ٿيو آهي جو اهڙا سوز ڀريا ورلاپ ٿي رهيا آهن! مطلب تہ خدوءَ ماءُ پنهنجي ملڻ واري معاوضي جو پورو پورو اُجورو ڏيئي رهي هئي.

موت کان ڇٺن ڏينهن تائين سياپي ڪرڻ جو رواج هو. ان وقت خدوءَ ماءُ، زالن کي باقاعدي قطارن ۾ ويهاري، پاڻ اسان جي ڊرل ماستر وانگر بيهي لات سان سياپو ڪرائيندي هئي. بيئل زالون بہ تال ۽ لئہ سان آگهاڙيءَ ڇاتيءَ تي هٿ

ڪريان جان قربان، ڪريان جند قربان......
منهنجا ونهيا لاڏا.......

پوءِ تہ هن جي لوڏ ۽ ادائن تي ٽهڪڙو مچي ويندو ۽ گهوٽ ماءُ گهوران گهوري هن کي ڏيئي ڇڏيندي. صبح ٿيندو تہ خدوءَ ماءُ گهوٽ ڪنوار جي سيج جي رت جي داغن واري چادر آڻي گهوٽ ماءُ کي ڏيکاريندي ۽ ٺهہ ٺهہ ڪري مراد پنيءَ جو لاڳو وٺندي. خدوءَ ماءُ جي انهيءَ ڪل خوشيءَ بنا شادي ئي ٻسي پئي لڳندي هئي ۽ سيڪو هن لاءِ پيو پڇندو هو. ڪڏهين ورلاپ ڪرائي روڊن ڪرائڻ واري خدوءَ ماءُ ۽ ڪيڏانهن هيءُ ڪل خوشيءَ ۽ ٽهڪڙن جو آبشار! فلمي اداڪاريءَ ۾ اچي ها تہ ڪمال ڪري ڏيکاري ها.

ڪجهہ سالن کان پوءِ سندس اڪين جو تارو، سيڪلڌو خدو مري ويو. ماڻهو حيرت ۾ ها تہ ڏسون تہ پنهنجي پٽ جو شوڪ ڪيئن ٿي ملهائي! پر ڏٺائون تہ هوءَ رڳو خاموش ڏک ۾ ويٺي رهي. نہ اکين مان لڙڪ نہ آپ ڏاريندڙ ورلاپ ۽ روڊن! هن جا آنسون ۽ اوچنگارون، پيٽ خاطر ختم ٿي چڪا ها. اندر ئي اندر دٻيل ڏک ۾ هوءَ چري ٿي پئي ۽ ٿورن ڏينهن ۾ ئي پٽ جي ڪڍ هلي وئي.

## ڪڃريون

ٻہ سؤ سال اڳ جي يورپين ليکڪن، ٺٽي ۽ شڪارپور جي چڪلن جي رونق ۽ گپاگيهہ جو ڏاڍو مزيدار بيان ڪيو آهي. ٺٽي ۾ ڏارين ملڪن جا جهاز ۽ ٻيڙا ۽ شڪارپور ۾ بولان ديري ڪان پرڏيهن مان قافلا پيا ايندا ويندا ها. مهينن جي ساموندي يا ٻهاڙي اٿانگي سفر ڪان پوءِ سوداگرن کي انهن ٻنهي شهرن ۾ ڪين پنهنجي ملڪ جي ڪڃرين وٽان راڳ، ٻوليءَ ۽ ڇمڙيءَ جو لطف ملندو هو. انهن ٻنهي شهرن ۾ ايراني، ترڪستاني ۽ يورپين وئشيائون ناٿو ڪمائي پنهنجي وطن ورنديون هيون. جتي ماني تتي ماڳ، جتي ماکي تتي مک. چڪلن ۾ چوطرف رونق ۽ جدا جدا ملڪن جا ساز ڳانا ۽ ناچ پيا ٿيندا ها. مڪاني رئيس ۽ سردار بہ انهن ڪڃرين کي مجلسن ۾ گهرائيندا يا لطف وٺند ها. لکيو اٿن تہ مرزا جاني بيگ جي صاحبيءَ ۾ ٺٽي جو چڪلو سڄيءَ ايشيا ۾ هاڪارو هو.

منهنجي سانپر ۾ انهن ٻنهي ملڪن ۾ پڙ پينگ هئي. رڳو ڪراچيءَ جي بدنام نيپئر روڊ تي سنڌي، پنجابي ۽ ڪي جزوي ايراني، مصري ۽ يورپين رنڊيون اهو پيشو ڪنديون هيون. ڪراچيءَ ۾ واپار خاطر ڪئين مرد بنا گهر ٻار جي رهندا ها ۽ نفس جي تانگهہ مٽائڻ لاءِ انهن کي واپريندا ۽ ورسائيندا ها.

سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ مڪاني يا پنجابي سدا سهاڳڻين جي بازار هوندي

هٿي، جتي مساڳ جي لالائي، نقلي ڳهڻن جي جنسار ۽ پائوڊر سان پنهنجي جوڀن کي چمڪائي، اهي ويچاريون گراهڪن جي تاڪ ۾ ويٺيون هونديون هيون. ڏسٽا وائسٽا ڪامورا ۽ وڏيرا، چٽ چاموٽ، ٻانيڻ ۽ مولوي، منهن تي رومال رکي ڪچرين وٽ پيا ايندا ويندا ها ته جيئن ڪنهن واقف ماڻهوءَ جي نگاهه نه پئجي وڃي. خاص ڪري جڏهن لابارا لهندا ها ته انهن بازارين جي رونق ۾ اضافو ٿيندو هو.

سنڌ جي انهن وٿاڻين ۾، پنجاب وانگر ڇوڪرن ۽ جوانن جا ڪوٺا نه هوندا ها. مئي 1971ع ۾ ڪجهن اخبارن ۾ نيڪ آيا ها ته پشاور جي چڪلي ۾ مرد رنڍ ون جو زور وڌيل آهي جو گراهڪ انهن کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا. ڪئين سهڻا ڇوڪرا، ناز نخري ۽ نچڻ ڳائڻ ۾ به هوشيار آهن ۽ پاڻ سينگاري، دروازن ۽ ڪتهڙن تان گراهڪن کي اشارن سان ڇڪين ٿا ۽ سندن دَلال بگراهڪ ڦاسائي اچن ٿا. ڪچرين جي پيٽ تي لت نگي ته ڊيپوٽيشن ناهي، پوليس ۾ شڪايت ڪيائون پر وريو ڪي ڪين.

مان پنهنجي ”سڪارٽي سفر“ ڪتاب ۾ جپان جي مشهور گيشائن ۽ ٻين ملڪن جي ڪسبياڻين جو بيان ڪيو آهي پر يورپ ۾ ته ان ڪنيءَ بيحيائي جي حد ٽپي ڇڪي آهي. ”ريڊرس ڊائجيسٽ“ جهڙي دنيا جي وڏي ۾ وڏي رسالي سيپٽمبر 1981ع جي پرچي ۾ لکيو آهي ته اتي اسڪول جون ١٣-١۴ سالن جون ڇوڪريون کليو کلايو اهو ڪسب ڪن ٿيون ۽ ان کي Game= رونشو ڪوٺين ٿيون. گهر گرهستيءَ جون ننڍيون نينٽيون، پنهنجي مڙس جي رضامنديءَ سان اوپرن مردن سان همبستر ٿيڻ لاءِ، سندس حاضريءَ ۾ بيڊ روم ۾ وڃن ٿيون. اهو آهي جنسياتي انقلاب!

يورپ ۾ ان ڪسب لاءِ سرڪاري يا سماجڪ جهل پل ڪانهي. ان لاءِ ٻين ملڪن جون حسينائون به اتي اچن ٿيون. اهي واٽهڙن کي به ڏتارين ۽ ليلڙائين ٿيون ڇو ته ڪين ڪيئن به ناڻو ناهي، مقرر مدي اندر پنهنجي وطن واپس وڃڻو آهي. انهن اڳهه به گهٽائي ڇڏيا آهن جو 50-100 رپين ۾ به ڪا نوجوانڙي ملي ٿي. اتي قانونن هر ڪنهن کي آزادي آهي ته پنهنجي بدن جو ڪيئن به استعمال ڪري. اتي باقاعدي وٿاڻيه ڪينهن پر ڪئين هال ۽ رستا ان ڪم لاءِ ڳڌڻ لاءِ مشهور آهن. روزانو پيشوارين کان ڌهوٽيون اهي آهن جن جو گذر نوڪريءَ يا گهر گرهستيءَ تي آهي پر ڳاهي ڳاهي اهو ڪم پئسي يا رونشي خاطر ڪن ٿيون. اڳ سماج ۾ ان ڪم کي گندو ۽ گناهه ليکيندا ها پر هاڻي جيڪڏهن ڪو اهڙا خيال ظاهر ڪري ٿو ته اُن تي ٺٺولي ڪن ٿا ته هي جاهل واهيات مدي خارج خيالن جي اونده ۾ آهي.

ڀڙون کي باقاعدي پنهنجون شاندار آفيسون آهن ۽ ڪن رسالن ۾ فوٽن سان پنهنجي وکر جا اشتهار شايع ڪن ٿا. هڪ هندستانيءَ هڪ دلي جي آفيس ۾ هڪ خاص حسينا جي طلب ڪئي جو تہ ان سان اگهہ ۾ عيش ڪيو هئائين. ٽيليفون تي ان زال جي مڙس جواب ڏنو: ”هوءَ چاڻ ڊيوٽيءَ تان موٽي. اچي تہ يڪدم موڪليندوسانس پر بهتر ٿيندو تہ گراهڪ کي هيڏي موڪليو ڇاڪاڻ تہ جي هوءَ پاڻ ٿڪل هوندي تہ سندس ڌيءَ ۽ پٽ تازا توانا موجود آهن. گراهڪ کي جيڪي بہ پسند اچي.“ حد ٿي چڪي! آهي ڪا غيرت! ناٽي جو ايڏو وس!

پئسي تي ٿو انسان وڪامي، سهڻن جو سينگار وڪامي!

شرم هليو ويو، شان هليو ويو، مهر مروت مان هليو ويو!

سڀ تهذيب ٿي برباد، دنيا ۾ داد نڪو فرياد!

سنڌ جي قصي ۾ يورپ جي حالتن جو ذڪر ان لاءِ ڪيو اٿم جو هتون جا گهڻا ڪوڪلا ماڻهو يورپ جي هر رنگ ۽ ڍنگ جو نقل ڪري پاڻ کي ترقي پسند سمجهي فخر ونندا آهن، جي ان بدڪاريءَ جا بہ پوئلڳ ٿيا تہ ديس ۽ سماج جو بيڙو سير تي!

سنڌ جي چڪلن ۾ اڪثر اُهي رنون رهنديون هيون جن جي اها موروثي ڪرت هوندي هئي پر بعضي بعضي ڪي ڏکن ڏڏيون عورتون لاچاريءَ ڪان اهو پيشو اختيار ڪنديون هيون. مون ”سنڌي ٻوليءَ“ واري باب ۾ پنهنجي ڳنڍيڪپ دوست پير ڏني جي گهرو زندگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي تہ سندس ماءُ ڪهڙيءَ لاچاريءَ سبب پنهنجي ڌيءَ سليما کي وني وچي سڪر جو چڪلو وسايو، هن سليما کي اسڪول ۾ ٿورو گهڻو پڙهايو ۽ ساماٽي تہ ماسيءَ جي پٽ سان شادي ڪرائي ڇڏيائينس. سليما شريف زندگيءَ جا بہ چار سال گذاريا جنهن عرصي ۾ کيس پٽ بہ ڄائو. ماڻس هڪ خراب بيماريءَ جو بک ٿي. مصيبت هيڪلي نہ ايندي آهي. سليما جي گهوٽ کي بہ راجا نل ۽ يڌشٽر وانگر جوئا جي لاجواب عادت پئجي وئي ۽ هڪ دفعو انهن وانگر گهر گهاٽ تہ هارايائين پر زال کي بہ داو تي رکي هارائي آيو. مڙس تہ زال جو يقيناً ڪل مختيار مالڪ آهي، مجال آ جو هوءَ ڪجهہ ڪڇي سگهي! پر جنهن جيتيو تنهن سان قرار ڪيائين تہ هڪ سال اندر هو سليما کي گرويءَ مان ڇڏائيندو ۽ ان ڪان پوءِ گرويدار کي سڀ ڇوٽ آهي. پر چيل آهي تہ علت وڃي، عادت نہ وڃي. هن کي جوئا جي اهڙي چوش پيل هئي جو آفيس جا پئسا چورائي وڃي جوئا ڪيائين تہ ٽي سال ٽيپ مليس.

سليما، ان گرويدار جي عيش جي پتلي ٿي رهي. تنهن ڪان پوءِ ان جوئاريءَ سليما کي پنهنجي ڪمائيءَ جو ذريعو بڻايو ۽ سليما کي ڪجهہ بہ نہ ڏيندو هو. سليما پنهنجي ماءُ جي ساهيڙيءَ سان پنهنجي ذلت جا سور سليا. اُن گرويدار کي

ناڻو ڏيئي کيس چوڻکو ڏياريو ۽ شڪارپور ۾ پنهنجي اڏي تي ڏنڌي ڪرڻ لاءِ جڳهه ڏنائينس. سليما کي گراهڪن وٽان پئسا ملڻ لڳا تہ آهستي آهستي ماسيءَ جو قرض بہ لاهڻ لڳي.

اتفاق سان شڪارپور ويس تہ پير ڏني سليما جي ذلت جي ڪهاڻي ٻڌائي تہ منهنجي اکيان ٻنجن ستن سالن جي معصوم سپاجهڙيءَ سليما جي صورت دل تي تري آئي، جنهن لاءِ ڪو ٿول آڻڻ وسري ويندو هو تہ رسڻ جو مڪر ڪندي هئي. اهڙيءَ ابوجهہ ابهم تي اهڙا قهر! مان ۽ پيرل ملڻ وياسونس تہ اهڙو غليظ ڪسب ڪندي بہ اجا ٻاراڻيءَ معصوميت جو پاڇو بچيل هوس. ڪلي ڦولارجي گل تي هئي پر لتاڙيل ۽ چٿيل! ڏاڍيءَ سڪ سان ملي ۽ حال احوال ڏنائين ورتائين. مان زور ڪيومانس تہ وري بہ شادي ڪري تہ وراڻيائين: "سڀ مرد آهن مردود، جو عورتن سان جانورن جهڙي هلت ڪن ٿا. هينئر مان آزاد آهيان ۽ ڪنهن جي وڪڻڻ يا گروي رکڻ جهڙي غلام تہ ناهيان!"

سليما جي متاري ماسي دڳ ۾ ڪٽولي تي پلٿي ماري ويٺي حقو ڇڪيندي هئي. جوانيءَ ۾ ضرور ملوڪ هوندي جو اها جاءِ بہ ڪنهن يار وٺي ڏني هئس. پرسان ڪلو ڪير موڙي تي وينو مچان وٺيندو هو. ڪڻ ۾ سونيون واليون، اکين ۾ سرمو، رنگارنگي لٽا، رکو ڪوٽ ڪاريءَ ساٽين جو، جتي هميشه چيڪاٽ واري پائيندو هو. گراهڪ ٻڌل هئس. ڪڏهن ڪو ڪورو مال ور چڙهندو هئس تہ ڪنهن سيٺ يا وڏيري کان ڳري رقم وٺي اُن کي سيڪنڊ هئنڊ ٻڌائيندو هو يا ڪنهن واپريل کي نئون چئي اکهائيندو هو ۽ اهڙيءَ کي ڪنواريءَ جا ماٽا ۽ ترڪتال ڪرڻ جي ترتيب بہ ڏيندو هو. فرمائش ملڻ تي سيٺين ۽ زميندارن جي بنگلن تي ڪن کي سپلاءِ بہ ڪندو هو. هو ماسيءَ سان اهيئي ڳالهيون ڪندو رهندو هو. اجا ڪو گراهڪ ڏسندو تہ تازي ويندو ۽ وچي چنبڙندس تہ جنت جي حور ٿو وٺي ڏيانءِ. اهڙيءَ طرح اڻجاڻ گراهڪن کي ڏتاري ان وٽ وٺي ويندو هئڻ جتان کيس وڏيڪ دلالي ملندي هئي.

سليما جا تہ گراهڪ ٻڌجي ويا ها ۽ ڪلوءَ جي هن سان پوت نہ پوندي هئي پر ڏنڌي ۾ لاهيون چاڙهيون تہ سدائين آهن. ڪنهن مرد کي ايندو ڏسي خيال ڪندي تہ هيءُ مالدار مون وٽ ايندو ۽ پئسا ڏيئي مون کي واپرينڊو. جڏهن اهو هن جي اشارن ۽ مشڪ کي ريٽي اڳتي وڌي ويندو تہ سوچيندي تہ هن پيري هن کان بہ وڏيڪ دولتمند مون وٽ ڦاسندو. اهڙي ڪوڪلي آس ئي دک جي وَجَهہ آهي. ننڊ بہ نہ ايندس. دروازي تي ويٺي رهندي، ڪڏهن اندر ٻاهر پئي اچ وچ ڪندي، اڌ رات وهامي ويندس. ڏينهن جو بہ موڊ خراب رهندس. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن سمجهايومانس تہ، "هن وقت جوين ۾ تنهنجي سوني جهڙي سرير جا چاهيندڙ

جيڪو تعويذ، تائڻ يا ڪارو ڌاڳو ڏيندس ۽ سندس اوقات موجب پئسا ڇانگيندس. جي ڏسندو ته آسامي سٺي آهي ته ڪيس وڏي خطري جو هائو ٻڌي، گرهن جي شانتيءَ لاءِ هوم هون به ڪرائيندو. اهڙيءَ طرح ڌرم جي دڪانداريءَ ۽ پاکنڊ سان ڪمائيءَ جا ٻيا به گهڻيئي فريب ها جن سچي ڌرم کي ڍڪي ڇڏيو هو. هندو شاسترن موجب سچو ڌرم آهي ديا پريم ۽ نيڪ اخلاق. ونڊي ورهائي کائڻ، وير ۽ ڪروڌ نه پر ڪميا ۽ محبت، حسد ۽ حرص کان پرهيز. ڏکن ۾ ڏولائمان نه ٿيڻ، نام جپ سان من کي نرمل رکڻ، سدائين ٻين جي ڀلائي ڪرڻ. شنڪر ڀڳوان آهي ڌرم جو سروپ، جنهن سمنڊ مان نڪتل ڪالڪوٽ زهر پاڻ پيتو ته جيئن لوڪن کي امرت ملي. پاڻ ڏک سهي ٻين کي سک ڏيڻ آهي سچو ڌرم.

آن مالڪ ڏينهن مان رات، ديوتائن سان دئيتن وانگر نيڪيءَ سان بدي به بڻائي آهي. ڪام (نفيس زناح) ڪروڌ (ڏمر- خون- خرابيون)، لوڀ (طمع- چوريون- ٺڳيون)، موهه (مائٽ- مال- بدن ۾ ممتا)، اهنڪار (غرور- شيخي- مشهوريءَ لاءِ مڪر ۽ پاکنڊ) وغيره به خالق خلقيا آهن. پر ان ٻاجهاري سرڳ يا نرڳ جون ڪنجون به اسان کي ڏيئي ڇڏيون آهن، جيڪا وٺيو سا ولو. ڪئين انسانن وانگر مرشد ۽ ٺڪاڻي دار به پاپ جي رونق دار راهه جا پانڌيڙا ها.

اهي بيکڏاري مفتخور ٻاوا، کهڙي نموني جا خراب اعمالن وارا ڏنڌوڙي ها، تنهنجو هڪ داستان ٻڌايانوَ ٿو. حيدرآباد انڊس گلاس ڪارخاني ۾ مون وٽ ڊولڻ نالي هڪ رسويو هو جيڪو بعضي بعضي شهر مان هڪ ننڍڙو ٻار ڪٺي ايندو هو ۽ شام جو پهچائي ايندو هو. ان ٻار سان ڏاڍو پيار هوس ۽ چوندو هو ته سندس پٽ آهي. هڪ دفعي منجهند جو ٻار آنڌائين پر شام جو واپس ڪرڻ وڃي نه سگهيو جو ڏاڪڻ تان ڪري پيو ۽ گهمي ڦري نٿي سگهيو. ٻار کي پاڻ وٽ رهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چاڙهو ڪونه هئس. ٻئي ڏينهن صبح جو ئي هڪ واڻيو وڪيومل پوليس وٺي اچي وارد ٿيو. ٻار جي شناخت ڪري چيائين ته اهو برابر سندس پٽ آهي، جيڪو ڊولڻ چورائي پونگ ڳهري رهيو آهي. پوليس ڏسي ماڻهو سڙڻ ۽ سس پس ڪرڻ لڳا. ڊولڻ چيو ته اهو سندس پٽ آهي ۽ بلاشڪ ٻار جي ماءُ گوميءَ کي منهن مقابل ڪيو وڃي. مون پاسي وڃي ڊولڻ کان سموري حقيقت معلوم ڪئي ۽ ٻار پائي وڪئي مل کي ڏياريم. مون ڪيس سمجهايو ته ڊولڻ تي پوليسي ڪارروائي ڪرائڻ سان اهڙي بدنامي ٿيندس جو ڪنهن کي منهن ڏيکاري نه سگهندو. مون پوليس جو به هٿ ڪوسو ڪري معاملو رفع دفع ڪري ڇڏيو.

ماجرا هيءَ هئي ته وڪئي مل جو بڪالڪو دڪان، شهر کان ميل ڏيڍ پنڌ

تہ پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو ڇڏي ويندو آهي. ٽڪاڻي ۾ اچڻ تي گوميءَ تي ڪو شڪ بہ نہ ڪندو آهي. پاڻن ۾ آپراسو ۽ مزو آهي. جتي پاٽ رکون اتي نيرڻ، ماني فروٽ سوڏي ملي، پاٽ تي ارداسون بہ جهجهون ملن. منوڏار، ڀيٽاڏار. ڀوڳ پئي تہ ٻائي لاءِ وڏو منڊي ۽ اسان ٻائين لاءِ بہ ڪڙتو توال ۽ ڀيٽا تہ ٺهي پئي آهي. گهر سوڙها، مايون ڦيورارين تن کي آهي مڙيئي ترت ڪم ٺهرائڻو. اسين بہ چئون جلدي مال ملن. سو وڃون ورق ورائيندا. مڙدو نرڳ وڃي يا سرڳ، سو ٺيڪو تہ اسان نہ ڪنيو آهي! وهي نہ وهي وٽ رينگت ڪي! سال بہ سال ٽڪاڻي ۾ ورسي بہ ملهائيندا آهن تڏهن بہ چوکو آپراسو ٿيندو آهي."

ڪجهہ عرصو گذري ويو تہ ڍولڻ مون وٽ نہ آيو هو. هڪ ڏينهن لنگهندي هن جي ٽڪاڻي ۾ گهڙي ويس تہ کيس ٻائي جي گديءَ تي براجمان ڪٿا ڪندو ڏٺم. چي: "اڄڪلهہ سڀ جيوَ ڪلجڳ جي پرڀاوَ ڪري پيٽ پالڻ ۽ وشيہ ڀوڳ ۾ لڳا پيا آهن. رڳو جيڪي گروءَ جي شرڻ پون ٿا سي هن سنسار ساگر مان تري پار پون ٿا. هي سرير هڏن جو هڪ پڃرو، رڳن ماس ۽ رت سان ٽڦي چمڙيءَ سان ڍڪيو ويو آهي. اندر اهو مل موتر جي گند سان ڀريل آهي. اهڙيءَ ڪنيءَ شئي کي ڪن پل جو مزو وٺائڻ لاءِ ڪي پاپي پرائيءَ استريءَ سان ڀوڳ ڪن ٿا. اهي استريون نرڳ جو دروازو آهن. انهن ڪڪرمين کي جم جادوت لوهہ جي تتل ٿنڀي سان ڀاڪر پارائي هنٽر هڻندا آهن ۽ روڳ جي تلاوَ ۾ ٽٻيون ڏياريندا آهن. جن ۾ وڇون، نانگ ۽ ماڪوڙا انهن بدڪارين کي ڏنگ هڻندا آهن. پر جيڪو منش گروءَ (پاڻ ڏانهن اشارو) جي شرڻ پوي ٿو سو انهن عذابن کان ڇٽي ٿو."

اهڙو اپديش ٻڌي جيڪو تيکو کيس سارهائڻ لڳو. ڪٿا پوري ٿيڻ تي مان سندس خانگي ڪمري ۾ ويس جيڪو شاندار پلنگ ۽ ريشمي سيج سان سينگاريل هو. اتي سمورو حال احوال ڏنائين تہ هن گوميءَ ۽ ٻين ڀيارين جي پئسن سان، ٻائي جي وارثن کان ٽڪاڻو خريد ڪيو هو. ٻڪي ٻڌل هئس ۽ هاڻي تہ ڏهہ ٺي گيهہ ۾ هئس. ڀڄن ڪيرتن آرتي پاٽ تائڻ تعويذن کان سواءِ دولتمند شونقين ۽ چيلين چاٽين جي ميلاپ مان بہ ڪمائي زور هئس. اندرئين ڀاڱي ۾ ڳجهہ ڳوهہ ۾ پٽي راند جي فال مان بہ چوکي آپت هئس. مطلب تہ ڪي ٽڪاڻا گناهن جا آڏا ها.

مذهب جي نالي بداعمالي، برغلائڻ ۽ ڦرلٽ کان مسلمان ڀائر بہ ڇٽل نہ ها. موڙگو انهن ۾ بي علمي هئڻ ڪري، ان مرض ۾ وڌيڪ مبتلا ها. ڪي تہ اهڙا بہ ها جيڪي پيرن مرشدن ۾ خدائي نور ۽ پنهنجي حاجت روائي جو پورو وسيلو سمجهي ڪين ڏيئر پينر ڏيڻ ۾ بہ گوتاٽي نہ ڪندا ها. اهي مرشد،

اهو ٻڌي مون تي ٻه اثر ٿيو ۽ مان اهڙي پهتل اولياءَ جي زيارت ڪرڻ ويس. چڱيڙو آستان هو. وڻڪار جي وچ ۾ هڪ مَنهَ ۾ تڏا، مٽ، ڪپيون، يڪتارو ۽ پنگ لاءِ ڏنڊو ڪونڊو به رکيل هو. ٻئي طرف قبر تي هڪ سائي ريشمي چادر چڙهيل هئي. ڳوناٺا مراد وند اناج، کير مکڻ وغيره نذراني طور درگاهه سڳوريءَ تي ڪٺي پيا اچن ۽ چون: ”مرشد سڳورا، مان تنهنجي جتيءَ جي خاڪ!“ - ”قبلا سائين، گولن جو گولو، در جو ڪتو!“ جنهن تي اهنجي سهنجي آئي هوندي سو پيو چئي: ”مرشد سائين سٺائي ڪندو، شل انهيءَ کي ننگ پوندو!“ مرشد جي خليفي نذرانا پئي ورتا ۽ پئي چيائين: ”شل ڪا رحم جي نظرڪري! اسان سائينءَ جون پاڻ ڪرامتون ڏٺيون!“ ٻيو پيو چئي: ”زبان مان اکر نڪتو، اصل ٺهه پهه ٿيو! هائو سائين، اصل ست پشتو ولي آ.“

اهي ٻوليون ٻڌي منهنجي اندر به اهڙي ڪرامات جي ڏٺيءَ ۽ ست پيڙهئي وليءَ جي ديدار لاءِ وڏيڪ صدق جاڳيو. پر چيائون، ”حضور گهڻو وقت رب جي رياضت ۾ نويڪلائيءَ ۾ گذاريندو آهي. پر چاٽي چاٽنهار آهي شل ڪا توهان تي مهر ڪري!“ سچ پچ مهر ڪيائين جو هڪڙو خدمتگار ڊوڙندو آيو ۽ مونکي مٿي مرشد سائينءَ جي خانگي جڳهه تي وٺي هليو. مون کي اندر ڪري پاڻ ادب سان در ٻيڪڙي هليو ويو. ڇا ڏسان ته جنڊيءَ تان لٿل شاندار کٽ تي، ريشمي گديلي ۽ طول وهاڻي تي پيرل وينو آهي! ڪنهن زائفان ڪان پلنگ تي پوتي وسري وئي هئي ۽ پاڻ کي به ريشمي لونگي ۽ ڍڳهو پيرت پيريل ٻهراڻ. منهن ۽ وارن تي تيل پئي چمڪيس. يڪدم اٿي اچي زور سان پاڪر پاتائين ۽ ڳچيءَ ۾ ٻانهن وجهي پلنگ تي وهاريائين. مان ته حيران ٿي ويس ۽ چيومانس: ”پيٽيا حرامي، هي وري کهڙو ماندڻ منڊيو اٿئي؟ پر اول اهو ٻڌاءِ ته توکي منهنجي اچڻ جي سڌ ڪئين پئي؟“

تڏهن هڪ چاريءَ وارو ڳلڪڙو ڏيکاريائين جتان هو درگاهه ۾ آيلن کي ڏسي سگهندو هو. پوءِ حال احوال ڏنائين ورتائين. آترسنڌ ۾ شودن جي لسٽ ۾ هئڻ ڪري پوليس ڏاڍو تنگ ڪيس ته اصل ٻيءَ پر لاڙ ۾ هليو آيو هو. اتي ڏنائين ته ان طرف قبر پرستي، باسن، ڪارن ڏاڳن، تعويذن ۽ تاڳن جي طلب گهڻي آهي. اُن ڳوٺ جي آسي پاسي ڪا مزار به ڪانهي ۽ ويچارن مراد وندن کي ان لاءِ ڏور وڃڻو ٿي پيو. تڏهن هڪ پراڻيءَ قبر تي سائي چادر وجهي، پاڻي جو ڇٽڪاءُ ڪري، تڏا وجهي ويهي رهيو. چي: ”فقير آهيون، مڙيئي پيا مرشد سائينءَ جي در جي چاڪري ڏيون ۽ رياضتڙي ڪيون!“ صدق وارا ويساه وسوڙا ماڻهو اچڻ لڳا. مهيني اڌ ۾ هڪ ٻن ايڪڙن کي چوطرف ٻير جي ڪنڊن جو ولو به چاڙهيائين ۽ قبر تي ڪاشيڪاريءَ جون چلڪندڙ سرون به هٿايائين ته سدا حيات شاه جي درگاه تيار ٿي وئي.

اهڙيءَ طرح اڻ هوندي اولياءَ جو آستان تيار ڪيائين. جنهن کي نه سرڪار پترائي سگهي ۽ نه ٻيو ٻي دخل ڪرائي سگهي. پوءِ چلي رکڻ جو مکر ڪيائين يعني چاليهه ڏينهن رکو پاڻيءَ تي گذاري بندگي ڪرڻ. پوءِ ته چوطرف پرلاءُ پئجي ويو ۽ واهه واهه ٿيڻ لڳي. ايتري ۾ هڪ هر فن مولا خليفو به ملي ويس جنهن کيس عرش تي چاڙهي ڇڏيو. چوطرف هشواهه اَڏي ويو ۽ وليءَ جي ديدار ۽ سجدي لاءِ پريان پريان کان خلق اچڻ لڳي. باسون، خيراتون، خطما ۽ ماهه پهريون جمعو ملهائڻ لڳو. مدعي يا مداعليه ٻنهي کي پيو دعائون وڪڻندو ۽ انهن مان جيڪو ڪامياب ٿيندو سو هن لاءِ سوٽا ڳانءِ مينهن يا ٻڪريءَ سان گڏ نقدي ته آڻيندو پر سندس خليفي لاءِ اناج ۽ ڪپڙي لٽي جا نذرانا آڻيندو. تاهريءَ جي ديڳ به چاڙهيندو ته مرشد جي جبريءَ دعا جو پرلاءُ ڦهلجي ويندو. جيڪو هارائيندو تنهن کي چوندو: "ابا! سوريءَ مان ڪندو ٿيو اٿئي!"

اها ڪٿا ٻڌي ۽ پنهنجي يار کي سڪيو ستابو ڏسي، مان خوش ٿيس ۽ چيومانس: "نيٺ به تخم ته هڪ پير جو آهين. تو نيٺ پنهنجي بابي جي ڪرت وسائي!" چڱو ٿيو جو سرڪار به سندس مهماني ڪرڻ کان ڇٽي پئي ۽ خلق جي خدمت پئي ٿي چو ته دل جو آٿت ۽ دلداري ڏيڻ به وڏي ڳالهه آهي. بيمارن کي دعا ڏيندو، بيماري ته پنهنجو مدوگذاري لهي ويندي پر احسان هن جو ليکبو. آئينده لاءِ به تعويذ يا ڪارو ڌاڳو وٺي ويندو. سال ۾ به دفعا لابارو لهندو ته اول پيراڻو ڪاسو ڪڍي وٽس پهچائي ويندا. اڄڪلهه مفتخور سياستدان ڏٺا ڏيئي ڦرين ٿا ۽ ان زماني ۾ جي ڪن فريبين رب جي راهه تي جاوا ڪيا ته هرويرو ڪا اربع خطا نه ڪيائون.

●

وطـن جو وڇوڙو ڪوئي ڪيئن سهاري؟
مٺي ملڪ کي ڪو دليان ڪيئن وساري؟
جڏهن ٿي اچي ياد منڙي وطن جي،
نـه ساعت رهي سـار تـي تـن بـدن جي.
ڏسي ڪوئي اُن وقت سڏڪا ۽ ڳوڙها،
خزان بـعد حـالـت ٿـئـي جئن چمـن جي.
پـنـل دل وطن کـي ٿـي پـل پـل پـڪـاري،
وطـن جو وڇوڙو ڪوئي ڪيئن سهاري؟
(لکميچند پريم)

# پاڳو ستون- وندر جا نمونا

**باغن ۾ ناچ گانا ۽ عيش، راڳ ۽ مشاعرا، ڀڳت: ڀڳت ڪنور رام، نارو ۽ ٻيا ڀڳت، ناٽڪ، سئنيما، هانڊو، شاستريہ پڪو راڳ، ڪڪڙن، تترن جي ويڙھہ، ٻلبلين ڏارن، جانورن جي ويڙھ، گھوڙن ۽ ڏاندن جون شرطون، لغڙ، رانديون، ملاکڙو، ميلا، لعل شهباز جو ميلو، درياھہ جو سير.**

*

## باغن ۾ ناچ گانا ۽ عيش

سنڌي هندو، خاص ڪري شڪارپوري ۽ سنڌورقي پرڏيهہ مان ايڏو ناڻو ڪمائي ايندا ها جو باقي عمر اچي آسوش ۾ عيش ڪندا ها. ڏيساورن مان سندن گماشتا بہ ڪين هميائيون موڪليندا رهندا ها. هو اڪثر ستسنگ، سنگيت يا پرمارٿ جي ڪمن جي وندر ڪندا ها، پر ڪي اهڙا بہ ها جيڪي پنهنجي پنجن حواسن کي وشئہ واسنا جا مزا چکائيندا رهندا ها.

شهر جي چوگرد شاهوڪارن جا باغ، باغن ۾ بنگلا، بنگلن ۾ مخملي سيج پلنگ صوفا ۽ غاليچا، جتي چوياريءَ ۾ اڪثر گاني بجاني جون محفلون ڪندا ها. لاهور ۽ لکنئو مان رنڊيون بہ گهرائيندا ها. دارونءَ جون بوتلون کلي وينديون، ڇهر پهر لاءِ گوشت جا ڪنڊا ۽ ڪباب وغيره اچي ويندا. چانڊوڪيءَ رات ۾ رابيل ۽ گلاب جي سڳنڌ ۾ نازنين جو ناچ ۽ سنهڙو منڙو آلاپ، شراب جو خمار، بهشت ۾ وڏيڪ ڇا هوندو! پرئڪٽيڪل عمر خيام! ڪجريءَ تي گنيون (25 رپيا) گھوريندا ۽ سائس عيش لاءِ پڪا وجهندا يا نيلامي واڪ ڏيندا. ايڏي طلب ڏسي رنڊي پٺي مشڪندي.

ڪي سيٺيون پنهنجين موهيندڙ زالن هوندي بہ، هڪ آڌ مسلمان وينگس باغ

۾ ڊاريندا ها. چوندا ها تہ جيڪا موج ۽ مستي مسلمانڙيءَ ۾ آهي سا زنده دلي واپاٽيءَ ۾ ڪانهي. اهڙي هڪ سيٺ جي زال سندس سٹس سليمان سان لڳل هئي. هڪ وڏيرو، هڪ سيٺ جو اسڪولي يار ۽ پيالي ياٺي هو ۽ سيٺ جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. هو پاڻ بہ سيٺ کي گهرائي ڪنهن پڇايل يا ناٽي ڳڌل رن سان عيش ڪرائيندو هو. وڏيرا چوياريءَ ۾ جانورن جي جماع جا رونشا بہ ڪرائيندا ها. هڪ شودو هڪ زائفان سان جماع جو تماشو ڏيکاري خوب ڪمائيندو هو. مطلب تہ اڄڪلهہ يورپ ۾ جيڪي Live Shows جنسي سنيوڳ جا تماشا ٿي رهيا آهن، سي سنڌ ۾ مخفي طور سٺ سال اڳ ٿيندا ها. اهڙن رونشن ۾ بہ وڏيرو سيٺ کي گهرائيندو هو.

مسلمانن کي چئن زالن رکڻ جي مذهبي موڪل آهي پر ان ڪان وڌيڪ سريتيون بہ ڪري رکند ها چو تہ جيتريون گهٽيون اوترو شان ۽ مڙسي وڌيڪ سمجهندا ها. سيني زالن کي تہ هڪ ڇٽو رڃي نہ سگهندو ۽ جيتوٽيڪ مسلم زالن ۾ پتورتاپڻو ۽ وفاداري بہ هندو زالن جهڙي آهي تہ بہ لڪڇپ ۾ گهٽيئي قصا پيا ٿيندا ها. مسلمانن ۾ پڙدو بہ سخت پر عاشق جيوڙا ڪونہ ڪو طريقو ڳولهي ڪڍندا ها. اهڙيءَ طرح سيٺ جو پنهنجي دوست وڏيري جي هڪ زال سان رستو ٿي ويو. عشق ۽ مشق لڪندو ناهي. هي راز بہ پڌرو ٿي پيو! مسلمان ۽ سوبہ وڏيرو! پيو سپ سهندو پر ننگ جو مهٽو برداشت نہ ڪندو.

هڪ ڏينهن وڏيري جي ڪمدار، سيٺ کي اچي هڪ پندي ڏني. "چي سائينجن توهان کي وٽندڙ تحفو موڪليو آهي." سيٺ شڪرانا مڃي اهو نديو ٽوڪرو ورتو ۽ جان کولي ڏسي تہ ان ۾ سندس محبوبا جي وڍيل سسي پئي هئي. رت ۾ ٻڌل وارن ۽ ڊپ ۾ پريل اکين واريءَ دلربا جو ڪٽيل سر ڏسي، سيٺ کي دلهول ٿي پيو. سامت ۾ آيو تہ هڪ وڪيل کي سموري ماجرا ٻڌائي، پياريءَ جو سر ڏيکاري، وڏيري تي خون جو مقدمو داخل ڪرڻ لاءِ چيائين. وڪيل ٻڌايس تہ "ڪارو- ڪاريءَ" جي قانون موجب وڏيري کي خاص سزا نہ ملندي، مورڳو سيٺ جو خير ان ۾ آهي تہ وڏيري جي پهچ ڪان پري هليو وڃي نہ تہ هو ڪيس بہ قتل ڪندو. پوءِ تہ سيٺ ٻاڦ بہ نہ ڪڍي ۽ راتو واهہ مدراس پنهنجي پيڍيءَ تي وڃي رهيو ۽ پنهنجي ڪٽنب کي بہ آتي گهرائي ورتائين.

## راڳ ۽ مشاعرا

سنڌ جي هر هڪ ڳوٺ ۽ شهر ۾ اوتارا ۽ مقام هوندا ها، جتان هر سال عاشورن جا تابوت نڪرندا ها. نہ تہ سڄو سال اهي پڙ ڳامٽو ڪلبون ٿي ڪم

ايندا ها. مولائي ماڻهو صبح سانجهيءَ ڀنگ گهوٽي پيئندا يا چرس ۽ گانجي جا دم پيا لڳائيندا ها. ڪو مهمان مڙو، چور چڪار پنهنجي ڪرت مان فارغ ٿي، اُتي پيل تڏن تي اچي آشوش ڪندو هو تہ منع نہ ڪندا ها. اسان ڇوڪرن جي چنڊال چوڪڙيءَ جي تاس يا شطرنج جي ويهڪ بہ اتي ٿيندي هئي. جمعي رات جو راڳيندڙ ۽ سازيندڙ اچي ڪٺا ٿيندا ها تہ ڏاڍي موج مچندي هئي. جڏهن راڳ حسيني ۽ ڪوهياريءَ جون ڪافيون ۽ بيت آلاپيندا ها تہ انهن ۾ ايترو سوز، ميٺاج ۽ موج هوندي هئي جو ٻڌندڙ پاڻ وساري اجهاڳ آنند ۾ محو ٿي ويندا ها.

انهن چونڪين ۾ ساز بہ گامتو ڪم آڻيندا ها. جيئن تہ تال لاءِ دلو، ڍولڪ يا ٺڪر جي ٺڪرين جي ڪڙتال، يڪتارو يا تنبي، وڌ ۾ وڌ سارنگي. ڪڏهن ڪڏهن تنبي ۽ چنگ وڄائڻ وارا اُستاد پنهنجن سازن ۾ راڳن جا تانا پلٽا وڄائي حاضرين کي موج وٺائيندا ها. ٻئي هڪ ساز مان بہ سر نڪرندا ها. ”نر ۽ مادي“، نر ڪري درد جي دانهن ۽ مادي ڪري پريم جي پڪار، جڻ تہ چڪور ۽ چڪوري، رات جي خاموشيءَ ۾، درياهہ جي آرپار هڪ ٻئي کي درد فراق سان پڪاري رهيا آهن. اهي آلاپ ٻڌندڙن جي دلين کي تڙڦائي ڇڏيندا ها.

ڪئين هندو مسلمان صوفين جي اوطاقن ۾ بہ مشاعرا لڳندا ها. جتي حشام ماڻهن جا اچي مڙندا ها. انهن مشاعرن جو ماحول معتبر هوندو هو. انهن محفلن ذريعي شاعريءَ جو معيار بلند ٿيو ۽ اسان جهڙن رنگروٽن کي بہ سداري ۽ واڌاري جي تربيت ملندي هئي. خاص ڪري جڏهن ڪي شاعريءَ جا شاهہ اچي ملندا ها تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو! ان وقت هڪ مصرع ڏيندا ها جنهن تي شاعر پنهنجو ڪلام چون، يا ڪو اُستاد ڪو غزل چوندو ۽ حاضرين شاعرن کان ساڳئي بحر ۽ قافيہ رديف ۾ جوابي غزل جي طلب ڪندو هو تہ ڪونہ ڪو شاعر پنهنجو جوهر ڏيکاريندو هو تہ حاضرين داد ڏيندا ها. مون کي 1921ع ۾ لاڙڪاڻي جو هڪ مشاعرو ياد آهي جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ پيش ڪيو:

ماڻا ڪري نہ مار، سڄڻ تون ذري ذري،
پاڻان نہ ڪر پيارل، مون کي پري پري.

تنهن تي سيد غلام محمد شاهہ گدا آلاپيو هو:

آءُ اي عجيب منهنجا، تون مون وٽ ذري ذري،
پيارا تون هڪڙو پل نہ ٿي، مون کان پري پري.

ڪي شاعر شاستريہ راڳن جا بہ اُستاد هوندا ها. ڀيروي راڳڻيءَ ۾ قادريءَ جو ڪلام ٻڌو. مصرع هو "ٻيءَ طرح"

غم تہ دنيا ۾ گهڻا، پر عشق جو غم ٻيءَ طرح،
آهہ هن عالم ۾ ليڪن، هن جو عالم ٻئيءَ طرح.
١- حسن وارا ڪيترا هن، مٽ نہ ڀانيان يار جي،
هن جون رمزان هن جون غمزان، ناز دم دم ٻيءَ طرح.
٢- زخم دل تدبير سان، هرگز نہ ڇٽندا اي طبيب،
هن جون لپريون، هن جو ٻرڪو، هن جو مرهم ٻيءَ طرح.
٣- عشق وارن جي مشابهہ، ناهہ ماتم عام جو،
هن جون دانهون، هن جون آهون، هن جو ماتم ٻيءَ طرح.
٤- عشق وارن جو ڪڏهن، ناهہ ڪو ڪم دين سان،
هن جو مذهب، هن جي ملت، قادري ڪم ٻيءَ طرح.

شڪارپور جي صوفي شاعرن ۾ **آغا غلام نبي** هر دل عزيز هو. هو پنهنجي ٽولي سان سنڌ واهہ، شاهي باغ يا لکيدر تي ايندو هو تہ هن ڪي ٻڌڻ لاءِ ٻيا ڪم ڇڏي بہ خلق اچي ڪٺي ٿيندي هئي. هن جا ٺاهيل ناٽڪ بہ لوڪن ۾ نهايت پسند پيل ها ۽ خاص ڪري "دنيا دو رنگي" ۽ "ڪاليج ڪا زمانا" تہ ماڻهو ور ور ڪري ڏسڻ ويندا ها. شاعريءَ جي تہ ذات مليل هئس جو خط بہ بيتن ۾ لکندو هو. هن جو طبابت جو سڄو ڪتاب نظم ۾ لکيو آهي. مثلاً:

مرچ ڪارا ۽ ڪٽي جيرو چٽو،
ٻيڻ ماکيءَ سان گڏي چاٽو ڪريو،
پوءِ چٽايو ان منجهان بيمار کي،
ٿو ڇٽائي کنگهہ جي آزار کي.

هن لاهور جي طبي ڪاليج مان سند حاصل ڪئي هئي پر ڪئين سال سچل سرمست جي گدي نشين سخي قبول محمد جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هو 1938ع ۾ گذاري ويو تہ گهر گهر ۾ غم ڇانئجي ويو. هن جي هيءَ ڪافي تہ

سيني جي زبان تي هئي:

ساڌ سڏاوڻ آهي سؤکو، رام ريجهائڻ اوکو آهه.
١. ساڌن جو سنگ ظاهر سؤکو،
قرب ڪمائڻ اوکو آهه...... رام ريجهائڻ
٢. گنگا جمنا جاوڻ سوکو،
من کي مارڻ اوکو آهه ...... رام ريجهائڻ
٣. شيخي پيري سيکجهه سوکي،
سخي سڏاوڻ اوکو آهه...... رام ريجهائڻ
٤. ”آغا“ نينهن لڳائڻ سوکو،
نينهن نڀاوڻ اوکو آهه...... رام ريجهائڻ

سچل سائينءَ جو پيو مريد، سردار بهادر محمد بخش ”ڪوجهي“ (حيدرآباد جو ڪليڪٽر) جڏهن شڪارپور پنهنجي گهر ايندو هو ته شام جو سندس اوطاق تي سنگت اچي ڪٺي ٿيندي هئي. نه وجبو هو ته ڏوراپو ڏيندو هو. هو به اعليٰ درجي جو شاعر ۽ واهه جو ڳائيندڙ هو. سندس هڪ ڪافي ٻڌو:

اٿم جي اميدون، پوريون شال ٿيندم،
ڪندو مهر مولا، پيهي هوت ايندم.

١. وسي شل ولهيءَ جو، هي وئران ويڙهو،
پنهنجون جايون پاڻ ئي، وري شل پريندم.
٢. ويٺي تي پڪاريان، ٻڌي ٿو هي ٻيڙو،
اچي شال هنڙا، ڏکيءَ ويل ڏيندم.

٣. هان ٻبوس ويچاري، هلي ڪونه چارو،
پاڻهي شال ننگڙو، نذر جو پاليندم.

۴. ”ڪوجهي“ ٿيءُ نہ ماندي، پرين چاڻ پهتا،
سخي جن جو نالو، اڏيوسي اڏيندم.

شڪارپور ۾ **غلام علي مسرور** بہ ڪمال جو شاعر هو ۽ ڏاڍو سريلو ڳائيندو هو. تپيدار جي نوڪري هٿس پر درويش هو، جو ڪئين دفعا گهر جون گهرجون وساري پنهنجي پگهار مسڪينن ۽ محتاجن کي ڏيئي ڇڏيندو هو. هو سائين بيدل جو مريد هو ۽ وٽس روهڙيءَ چونڪي ڏيڻ ويندو هو، مون کي سندس هڪ ڪلام اڄ بہ ياد آهي:

فاني جهان آهي تنهن ۾ قيام ڪهڙو!
ڪوئي ڏسي تہ ان ۾
رهيو مدام ڪهڙو!
هيءُ ماڳ تنهنجو ناهي،
”مسرور“ ڏس تون سوچي!
جنهن ۾ بقا نہ آهي،
سو تان مقام ڪهڙو!

اهڙن لاهوتي درويشن ڪري ئي شڪارپور ۾ روح کي راحت ملندي هئي. ورهاڱي کان پوءِ 1951ع ۾ مسرور صاحب، هندو دوستن جي زوربار تي بمبئي، آيو تہ ڏاڍو ضعيف ۽ بيمار هو. هتي سندس علاج ڪرايو ويو تہ چڱو ڀلو ٿيو پر سنڌ جي سڪ خاطر هتي نہ رهيو. ٿي سال پوءِ هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ فقيريءَ ۽ بيوسيءَ جي حالت ۾ گذاري ويو.

جيئن تہ مان لاڙڪاڻي واري باب ۾ شاعريءَ جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي، تنهن ڪري هتي وڌيڪ اپٽار نٿو ڪيان.

## پڳت

پڳت هڪ نج سنڌي موسيقي فن آهي، جنهن جهڙو مزيدار راڳ ۽ ناچ جو ڍنگ روءِ زمين تي نہ ملندو. سنڌڙيءَ جي پيارن سادن سودن غريبن لاءِ، جن جي زندگي ڏکن ڏاکڙن سان ڀريل هئي، اهوئي هڪ خوشيءَ ۽ وندر جو وسيلو هو.

هندو خواه مسلمانن ڪي خبر پوندي مس تہ سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي ڀڳت ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا ها. جنهن شهر ۾ ڀڳت پوندي اُن ۾ رونق ۽ غلغلو مچي ويندو هو. ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ سان واپارين جو وڪرو بہ وڌندو هو.

ڀڳت جي تاجي پيٽي ۾ ڏوهيڙن، بيتن، ڪافين ۽ قصن ذريعي جيڪا اٿاوت ڪٺي وجي ٿي، اهو سنڌي فن جو اعليٰ نمونو آهي. ڀڳت پنهنجي سريلي آواز ۽ ناچ سان روحاني راز سمجهائيندا. ڀڳتي- گيان- ويراڳ ذريعي منش جنم سڦلو ڪرڻ جو رستو ڏيکاريندا. هندو مسلم ميلاپ جو پرچار ڪندا. سماجي ڪريتين جي اوگهڙ ڪندا. ڦهري ڪامورن ۽ ظلمي زميندارن کان پنهنجا حق حاصلات لاءِ همت ڏياريندا ها. راڳن جي مختلف نمونن. ٽوٽڪن. ناچن، جهمر وغيره ذريعي سيني ڪي پنهنجو دلپسند لقمو ملندو هو. مطلب تہ ڀڳت هڪ ستسنگ، راڳ جي محفل، ڀڳوان جي بندگي، روح جي راحت، ديش ۽ سماج سڌار، ڇهڇٽن ۽ وندر جو مهم هو. سدوريءَ سنڌڙيءَ جي اعليٰ تهذيب جو اهو نرالو رنگ ڍنگ ايامن کان سنڌين جي دلين ڪي باغ بهار ڪندو رهندو هو.

درگاهن ۽ درٻارين جي ساليانن ميلن تي ۽ هوند سوند وارا ماڻهو شاديءَ مراديءَ تي ۽ پٽنچاتيون ڀڳت گهرائيندا ها. ڀڳت جي ٽوليءَ ۾ چار ڪن اُستاد تال سُرَ جا پڪا، پڪن يا سادن راڳن جا ڄاڻو ٿيندا ها. مکيہ ڀڳت داستان گوئيءَ جي فن ۾ پڙ هوندو هو ۽ چار ڇوڪرا، جيڪي مٺي ڪنٺ سان، ناچ ۾ بہ نپڻ هوندا ها سي ڪيس وڌائيندا رهندا ها. مکيہ ڀڳت ۽ سندس ٻولڙيا، ڇير، جامو، پڳڙيءَ ۾ ڪنڊل، نرڙ تي تلڪ. هٿ هڪ ڪن تي ۽ ٻيو مٿي ڪري ڪا آڪاٽي ۽ گيت شروع ڪندا ها. خلق جي وچ ۾ هڪ ڳلي ٿاهي اُن ۾ ڦرندا ۽ نچندا ڀڳت مچائيندا ها. ڏڪڙن، هارمونيم ۽ سارنگيءَ وارا پنهنجا ساز هلائيندا. ڀڳت جا ٻولڙيا سندس تڪ ۾ تڪ ملائيندا رهندا. مثلاً هڪ چوندو: "سهڻيءَ جو نڪ هو" تہ ٻيو چوندو، "جيئن انب ڦار." هڪ چوندو، "وڏيون اکيون هنس"، ٻيو چوندو، "جيئن ٻہ ڪٽورا!" اهڙين ڳوٺاڻين تشبيهي اُپمائن اڳيان تہ جيڪر مها ڪوي ڪاليداس بہ ٻانهہ ڪري!

رات جو ماڻهو پنهنجي ڪم ڪارين مان فارغ ٿي ايندا تہ ڀڳت شروع ٿيندي ۽ صبح جو سج ڪني ڪڍندو تہ ختم ٿيندي. هڪ ڀڳت ٿڪبو تہ ٻيو اچي ٻيهندو. پر مکيہ آڪاٽيءَ جو سلسلو ساڳيو هلندو رهندو. وچ وچ ۾ درويشن جا ڪلام، ناچ، چرچا يا نقل ڪري خلق ڪي ڪلائي ڪيرو ڪري ڇڏيندا ها. ٻڌندڙ بہ ڀڳتن جي حوصلي افزائي ڪندا رهندا. "واهہ ڀڳت واهہ...... ڍولڻ هيل تہ اصل وڃائي ڇڏيئہ!" متان اچي صبح ٿيندو تہ بہ ٻڌندڙ نہ ٿڪبا ها.

**ڀڳتن ۾ ڀائي ڪنور رام سيني جو سرمور هو. هنجي ڀڳت ٻڌڻ لاءِ ماڻهو**

ڏورانهن شهرن مان بہ ڪهي ايندا ها. هن ڪي مٿي سر ۽ آلاپ جي لاهين چاڙهين جي خدائي ذات مليل هئي جو ٻڌندڙن کي بت بڻائي ڇڏيندو هو. هو رات جي چوٿين پهر ۾ جڏهن ڇير پائي اچي پڙ تي بيهندو هو تہ ماڻهو تاڙيون وڄائي نعرا هڻندا ها، "ڪنور ڀڳت جي جئہ!" هو اچڻ سان اول هٿ جوڙي، پلئہ پائي ڏٿيءَ در وينتي ڪندو، "او منهنجا مالڪ! هندو مسلمانن جو خير ڪج! او غريبن جا يار! اڙين ۾ اڏين جو اجهو ٿج! هندو ڀائرو! چئو پريم سان "هريرام"! مومن ڀائرو! ادا قرب سان ڪلمو پڙهو! پوءِ ڪندو سائينءَ کي سڏ!

نالي الک جي پيڙو تار منهنجو!
نذر آهيان نماڻي، مانکي آڌار تنهنجو!

ڪنور رام نچندو هو تہ ڇڻ وڏ ڦڙو مينهن پيو وسندو هو. ڳائيندو هو تہ موج ۾ اچي، نہ رڳو وحدت جي مهراڻ ۾ پاڻ وڃائي ويهندو هو پر ٻڌندڙن کي بہ آنند جي بي انت ساگر ۾ سمائي ڇڏيندو هو. سندس آواز ۽ آلاپ ۾ اهڙو تہ سريلو سوز هوندو هو جو سنگدل انسان بہ ڀڳهرجي اکين مان آنند جا آنسون وهائڻ لڳندا ها. اڄ سٺ سالن کان پوءِ بہ مون کي سندس نزاڪت وارو نچندڙ روپ، رس ۽ آلاپ دماغ ۾ تو ڦري:

آءَ ڪانگا ڪر ڳالهہ مون کي تن ماروئڙن جي،
مروئڙن جي، سانگيئڙن جي!
يا ڏٿيءَ کان پڇندو:

ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان،
ڏس ڪو ڏانءُ، ڏس ڪو ڏانءُ!
يا تيان مومن پاڪ نمازي،
جنهن ۾ جانب تون ٿئين راضي،
جامع جوڙايان ڪين سرڙو نمايان،
جٽيو پايان، ڪين تلڪ لڳايان؟
لائق ناهيان، تنهنجي گولڙي آهيان.

اهڙي ڏني نڳائي، پاڻ کي ۽ حاضرين کي پريوءَ جي پريم ۾ سرو بار ڪري ڇڏيندو هو. ڇڻ تہ اڳ چاٽندڙ فرشتو هو. جو اسان جلاوطن سنڌين کي آتت

ڏيئي ويو آهي:

ماندي ٿيءُ نہ مارئي، تنهنجو الله ٻيي آهي،
اهڙوئي آهي، جو ماڳ پهچائيندءِ مارئي.

وري ڪافي شروع ڪندو،

"ماروئڙن ڪان جدا قسمت قيد ڪيو"

هن جون ڪهڙيون ڳالهيون لکي ڪهڙيون لکجن! هو سنڌي سيتا جو مجسم روپ هو. ڀڳت هلندي هو مالڪ جي نانو تي پاند جهليندو هو تہ هزارين رپيا ڪنا ٿي ويندا هئس. جيڪي اتي جو اتي فقيرن، مسڪينن، محتاجن ۽ رنن زالن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪوبہ سوالي هن وٽان خالي نہ موٽندو هو. هڪ دفعي سموري آيل پيتا ورهائي خلاص ڪيائين تہ هڪ سوالي ڪپڙن لاءِ آيس تہ ڪيس پنهنجا ڪپڙا لاهي ڏنائين ۽ پاڻ هڪ انگوڇي ۾ رهيو. تڏهن چيومانس: "ڀڳت صاحب، هي ڪم تہ گهاٽي جو ڪيوَ!" وراڻيائين: "سچڻ، اجا تہ واڌي ۾ آهيان. جڳ ۾ اگهاڙو آيو هوس هينئر تہ هيءُ وسلا (انگوڇو) آهن!" اهڙي تياڳي مهاتما کي ور ور پرڻام!

پوءِ شام جو ڪپڙا ڳنهي ڏنائونس تہ پاتائين. هو خلق جي ڏنل پئسن مان پاڻ پائي بہ نہ ڪندو هو. ڪٽي ها تہ لڪاپتي تي پئي ها. هن سڄي عمر غريبيءَ ۾ گذاري. پنهنجي ڳوٺ جروارن ۾ ننيڍڙو بڪالڪو دڪان هئس. جنهن مان ٻچڙا پنهنجا پاليندو هو. هڪ دفعي مانجهندن جا مکي کيس وٽڻ ويا تہ ڏنائون تہ پنهنجي گهر جي مرمت لاءِ تغاريءَ ۾ مٽي پيو ڍوئي. ڇا تہ مڙس ۾ مٽيا، نوڙت ۽ غريبن لاءِ قرب هو!

اميريءَ ۾ ڏيڻ سولو آهي، ڪرو ڪو هن وانگر اڻ هوند ۾ ڏئي! هڪ دفعي شهداد ڪوٽ ۾ ڀڳت ۾ ڪلام ڳائي رهيو هو تہ هڪ ملنگ اچي ڪائنس خيرات گهري ۽ ضد ڪيائين تہ ڪيس ترت ڏني وڃي جو ڪيس ترسڻ جي مهلت ڪانهي. ڪنور رام کي ان وقت تائين جيڪي مليو هو سو جهوليءَ مان ٻڪ ڀري ڪڍي ڏنائينس. قضا سان آهي ٿامي جا پئسا ها. اهو ڏسي ان فقير ڪاوڙ ۾ ڀرجي اهي ڪنور جي منهن تي زور سان ٺهڪائي ڏنا ۽ گاريون ڏيندو هليو ويو. ڀڳت جي منهن مان رت وهڻ لڳو ۽ سامت ۾ آيو تہ ان ملنگ کي گهرايائين ۽ هٿ جوڙي چيائينس: "ادل! ڏيڻ وارو تہ ڏاتار آهي. جيڪي هن ڏنو سو مون توکي ڏنو. مان تہ بيوس بندو آهيان. تون مان مسڪين کي معاف ڪر!" اهو ٻڌي ملنگ پشيمان

تي هليو ويو.

ڀڳت ڪنور رام لاءِ هندو ۽ مسلمان، ڀنگي ۽ برهمڻ، امير ۽ غريب، سارا هم ڪرڻ يا ڳاريون ڏيڻ وارا سڀ هڪ جهڙا ها. هو سيني ۾ جڳ جوڙيندڙ جانب ڏسڻ وارو سنت هو. هن جي خيرات اڪثر مسلمانن کي ملندي هئي ڇو ته اتي هندو فقير نه هوندا ها. هندن لاءِ پيا آشرم ها ۽ گهٽيءَ پنچاتيون سفيد پوشن کي باقاعدي گهر ويني سڀ پورت ڪندا ها. هڪ ڳوٺ جي مسيت جي ڇت ڍهي پئي هئي ته اها نهرائڻ لاءِ ۽ فرش وجهائڻ لاءِ هڪ رات جو سموري جهولي (ٻاويهه سؤ رپيا) ڏيئي ڇڏيائين. انسان ذات جي اهڙي فرشتي ۽ مسلمانن جي يار کي جڏهن ڪن مسلمان رهزنن ٢- ١١- ١٩٣٩ع تي بندوق هڻي آفت ماري ڇڏيو ته هندن سان گڏ مسلمانن به رت رنو. ڪئين لوَلا لنگڙا محتاج، مانيءَ کان محروم ٿيا. جيڪي اڇپوش مسلمان هن جي مدد سان پلبا ها سي پاڻ کي ڇنا ڇورا سمجهڻ لڳا.

پڌو هوم ته پرچوڻديءَ جي پير ڪنور جو قتل ڪرايو هو ڇو ته سندس پٽ سکر جي ڪن غنڊن سان ڪونسبازي ڪري پنهنجي لاڪ لهرائي هئي ته پير صاحب بدلي ۾ واٽين جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي مارائي ڏهڪاءُ وجهڻ ٿي چاهيو. اڄ ان پير جي گهر ۾ ڪو ڏيئو ٻارڻ وارو به ڪونهي. پير جي فوت ٿيڻ بعد سندس پٽن جا گاديءَ جي ڳالهه تي پاڻ ۾ اهڙا تڪرار ٿي پيا جو خاندان کي تباهه ڪري ڇڏيائون. ڪنور رام ته ڪسجي ويڻ کان پوءِ به سندن خير گهري ها.

ڪنور ڀڳت ته ڀڳوان جي هڪ نعمت هو پر پيا ڀڳت به گهٽ نه ها.

**نارو ڀڳت** کي ڪتان عشق جي چٽنگ لڳي هئي جو دم جيئرو رهيو، پاڻ روئندو رڙندو رهيو ۽ ٻين کي به روئاريندو رڙائيندو رهيو. وڏا وڏا رئيس ۽ نواب محفلن ۾ گهرائيندا هئس. ڳائڻ شروع ڪندو هو ته مٿس بيخودي طاري ٿي ويندي هئي ۽ سمجهه ۾ نه ايندو هو ته هيءُ ساڳيو نارو آهي ڪين سندس بدن ۾ ڪا ٻي ذات حلول ڪري وئي آهي. جو اکر منهن مان ڪڍندو هو، سو ٻاهه جو الو هوندو هو. ٿوريءَ دير ۾ ئي سڄي محفل نارو ڀڳت ٻڌجي ويندي هئي. بعضي بعضي پيرزاده عبدالستار، سنڌ جو چيف منسٽر هن جي پر ۾ ويهي ڳائڻ لڳندو هو، جو پاڻ به درديلو ۽ سريلو هو. هڪ دفعي ٻنهي کي بلي شاه جو ڪلام ڳائيندو ٻڌم:

"ڇڏ جهڳڙا مسجد مندر دا، گهن طور طريق قلندر دا."

شاهه جو ڪلام ته ائين ئي درد ۽ سوز سان ڀريل آهي، اهو ڳائيندو هو ته

اُيو تي ويندو هو. پڳ ۽ چولو لاهي ڦٽي ڪندو هو. نچندو بہ هو ۽ آهن جا آلا بہ نڪرندا هئس. ڪلام پوري ٿيڻ کان پوءِ وري سامت ۾ اچڻ لاءِ ڪيس ڪجهہ وقت لڳندو هو.

ڪنور رام ۽ ناروءَ کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا بہ گھڻيئي مشهور ڀڳت ها. ڀڳت جاڙا رام ۽ ليلو (اڌ ڪنور) نارو، پرسو، موٽڻ، سوڀو، ڌرمون، ڊيلو، شيوو، يوسف دولتپوري پنهنجي سريلي آواز ۽ فن ڪري هاڪارا ها. جن ڇوڪرن پنهنجي ڪوئل ڪنٺ ۽ ٺهڪڻي ڦهڪڻي ناچ ۽ ادائن ڪري نالو ڪڍيو هو تن جا اصلي نالا الائي ڪهڙا ها پر عام لوڪ کين "شمن گڏي" "لال ڇري" ۽ "جل ڦٽاڪو" ڪوئيندا ها. اُن وقت تہ ٿيئي واهہ جو موچارا ملوڪ دل ڏٺاريندڙ ها پر هاڻي ٻڍيءَ عمر مٿن راڳا ڪيا هوندا.

مٿي يوسف ڀڳت جو نالو ڏنو اٿم. هن جهڙا فنڪار مسلمان ڀڳت ورلي هوندا ها. سچل سائينءَ جا فقير پيرن ۾ گهنگهرون، هٿن ۾ ڪرتال کڻي ڳوٺ ڳوٺ ۾ جهڙو ڳائيندا ۽ نچندا ها اهو بہ ڀڳت جو هڪ ڍنگ هو. هندو خواه مسلم راڳيندڙن جي پاند ۾ ڪجهہ وجهو يا نہ وجهو تہ ڪو زور نہ هو. اڄڪلهہ جي هن پاڪنڊي سوشلسٽڪ حڪومت ۾ تہ رڳو سياستدان، سرمائيدار، ليبر ليڊر ۽ سندن خاشخيلي ئي ڳريون ٽڪيٽون خرچي اهڙا موسيقي مزا ماڻي سگهن ٿا. غريب آهن الله واهي!

اهڙن مسلمان فقيرن جون ڪافيون ۽ ڪلام هن طرح جو هوندو هو:

تن مارن ريءَ عمر، ماندي دل ٿي مري،
ماندي دل ٿي مري، ساريون ڳڻ ٿي ڳري.

١- محبت منهنجي من ۾، مارن جي آهہ سدا،
ڪڏي قيد مون ڇڏ تون، جيئري ڪر نہ جدا،
دم دم ڪريان ٿي دانهون، ڳوڙهن ڳاٽ ڀري.
٢- مانڪي ماروئڙن جا پل پل پورو پون،
ننڊ ناهين ڪا نيڻن، ڇُران وري چاڪ چڪن،
سڪ ۾ ڪريان ٿي سڏڙا، ڏک ۾ ٿو ڏيل ڏري.

اهڙيون دل کي آٿاريندڙ بيشمار ڪافيون آهن.

# ناٽڪ

قديم سنسڪرت ساهت ۾ ناٽڪ ۽ سندن فن جو باريڪ ٽيڪنڪ ڏيکاري ٿو ته اهو فن بيحد پراچين آهي. هزارين ورهيه اڳ ڀرت منيءَ پنهنجي "ناٽيه شاستر" ۾ جدا جدا علائقن جي ڳالهائڻ جي لحظي جي به تفصيل ڏني آهي. سنڌين لاءِ لکيو اٿس:

سنڌ ۾ رهندڙ "اَ" گهٽو ڪم آڻيندا آهن. جيئن سنسڪرت ڪن، هٽ، پٽ جو اُچار ڪندا: "ڪَنَ"، "هَٽَ" "پَٽَ" وغيره پر ساڳئي وقت حرف علت يعني آخري اُچار، اڏ ڪندا آهن. جيئن هن بدن کي "لوڪوملَ" نه چوندا "لوڪومل" چوندا آهن.

سنڌ ۾ ساهت وانگر "ناٽڪ" جو آبو به مرزا قليچ بيگ هو. هو هندڪي مسلمانڪيءَ کان پري هو. پنهنجي "موهني بائي" ناٽڪ جي پڇاڙيءَ ۾ چوائي ٿو:

"ٻڌون ٿا شنک ۾ ڪڏهين اسين آواز شنڪر جو،
ڪڏهن نعرو ڪنن تي ٿو پوي الله اڪبر جو،
وساريو ذات جو سڀ فرق، تعصب جا نه ملزم ٿيو،
اسان وانگر ملي پئو گڏجي، هڪ هندو ۽ مسلم ٿيو."

شڪارپور ۾ 1897ع ۾ ديوان ناڪرداس ناگرائي جج "ڌرم اُپڪارڪ اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي" برپا ڪئي جنهن ۾ سڀ وڏ گهراڻا سيٺيون ۽ وڪيل وڏا شونق طور پارٽ ڪندا ها پر ته به ڏاڍيءَ قابليت سان ڪندا ها جو هال هميشه ڀريل هوندو هو. جڏهن مون سندن ناٽڪ 16-1915ع ۾ ڏٺا ته سندن اُردو ناٽڪ خون خرابيءَ، عشق ۽ گهمساني حادثن سان ڀريل هوندا ها. آغا حشر جا "سفيد خون"، "محبت ڪا قول" "جلاد عاشق" ۽ "دردي جگر" وغيره. پر سندن "سورداس بلوا منگل" ڏاڍو نالو ڪڍيو. شڪارپوري ڳائڻ ۾ ته پڙ آهن ۽ هر هڪ اداڪار ٽي- چار گانا ضرور ڳائيندو هو ۽ جڏهن مهراج پهلاج، سورداس جي پارٽ ۾ "داس پري ديا لاوو ري" ڳائيندو هو ته پاڻ به روئندو هو ته حاضرين جي اکين مان به ڳوڙها پيا ٿمندا ها. اهڙن ۽ ٻين راڳن تي "ونس مور" جي آوازن ۽ سيٽين جا ڦهڪا پيا پوندا ها. انهن اوائلي اُردو ناٽڪن کان پوءِ ان سوسائٽيءَ وارا سنڌي زبان ۾ به ناٽڪ ڪرڻ لڳا ها.

حيدرآبادي ته سڀ ڳالهه ۾ اڳرا ها، سي هن ڳالهه ۾ پوئتي ڪيئن پوندا!

انهن مرزا قليچ بيگ جا ناٽڪ "لوپي ۽ نوڳي" ۽ "نيم طبيب" اسٽيج تي آندا. ڪجهه وقت کان پوءِ حيدرآباد جي ٻين ناميارن ليکڪن حقيقي زندگيءَ، نشي بازيءَ، ڏيتي ليتيءَ، زميداري ظلم ۽ گهرو مسئلن تي زبردست ناٽڪ لکيا ۽ اسٽيج تي آندا. ڪاڪي پيرومل مهرچند، لعلچند امر ڏني مل، محمد اسماعيل عرسائيءَ ۽ خاص ڪري خانچند دريانيءَ 1923ع ۾ "رويندر ناٿ ناٽڪ منڊلي" برپا ڪئي جنهن جو مهورت به ٽئگور پاڻ اچي حيدرآباد ۾ ڪيو هو.

ڪراچيءَ جي نوجوانن به رويندر ناٿ ڊراميٽڪ ڪلب کولي هئي. ڪراچي ۽ حيدرآبادي ڪاليجن ۾ به ناٽڪي ڪلبون هونديون هيون جن سنڌي لوڪ ڪٿائون، عمر مارئي، سسئي پنهون، راءِ ڏياچ ۽ ليلا چنيسر ۾ صوفي ڪلامن، ڏوهيڙن ۽ ڪافين جو نچ سنڌي موسيقي فن اسٽيج تي آندو.

انهن ڏينهن ۾ زالاڻا پارٽ به مرد ڪندا ها. انهن زالاڻن پارٽن ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدوانيءَ، منگهارام ملڪانيءَ، جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ، درگداس آڏواڻيءَ ۽ خاص ڪري نرملداس گربخشاڻيءَ ڏاڍو نالو ڪڍيو هو. اهي نوجوان ڇوڪرا سهڻا ملوڪ مهاندي جا ها ۽ جڏهن زالاڻي ويس وڳن ۾ ڇيلهه کي ڇهو ڪري زالاڻي ناز نخري سان اسٽيج تي ايندا ها ته تماشبين سيٽيون وڄائي کين داد ڏيندا ها. هڪ دفعي منهنجي اڳيئءَ سيٽ تي سائين قليچ بيگ مرزا به ويٺو هو ۽ سائنس گڏ نيڪٽاءِ سوٽ بوٽ پاتل منوچر مرزا ۽ قنبر علي پاڻتيا به ها. ناٽڪ ختم ٿيڻ تي مان ادب سان چيومانس، "سائين! توهانجي مراد هنن واٽين پوري ڪئي." هو ڏاڍو خوش ٿي ڏلو ۽ پٺيءَ تي هٿ رکي آسيس ڪيائين.

ان زماني ۾ ناٽڪ ۾ پارٽ ڪرڻ کي خراب بيمانو ڪم ليکيندا ها پر انهن وڏ گهراڻن نوجوانن جي ميدان ۾ اچڻ ڪري اهي خام خيال لهي ويا. ڇوڪرين ۾ ڪاليجي تعليم ۽ ڪشاده دلي آئي ته اهي به هن ڪيتر ۾ آيون. 1935ع ڌاري ڪراچي فريئر هال ۾ هڪ ناٽڪ ڏٺم جنهن ۾ مردن جو پارٽ به ڇوڪرين ڪيو هو، جو انديشو هئن ته متان پتيءَ جو پارٽ ڪندي ڪنهن جوان جي دل ۾ خلل پئي ۽ چهاهه ڪري. پوءِ 1938ع کان پوءِ ڇوڪريون به مردن سان گڏجي اسٽيج تي آيون ته اهو آرٽ اوج تي آيو. گهڻيئي نوان نوان سجڻ به ان ۾ چاهه وٺڻ لڳا، جيئن ته نانڪرام مير چندائي، چيتانند ناگراڻي، ليکراج عزيز، ليلا رام ڦيرواڻي ۽ گهٽو پوءِ رام پنجواڻي. ڦيرواڻيءَ جو "ليلا چنيسر"، عزيز جو "مسٽر مجنو" ۽ محمد اسماعيل عرسائيءَ جو "بدنصيب ٿري" مشهور ٿيا.

پوءِ ٻيون ناٽڪ منڊليون ۽ ڪلبون به کليون هيون. پوين سالن ۾ مون ڏٺو هو ته ڪماري وشني جگيشيا ۽ پڌي آڏواڻيءَ ائڪٽنگ ۾، سي. ايچ. آتما راڳ ۾، ماسٽر گوپ ۽ هيري ناچ ۾ سنڌي ناٽڪي فن کي بلنديءَ تي آندو. ٻيا به اڪيچار

سچڻ جس جا حقدار آهن. مان ڪنهن جا نالا ڪٿي ڪنهن جا ڪٿان! رڳو چوڪريون جتاءِ نہ ڪنديون هيون. ڪنواريون رهجي وڃن تہ ڳالهہ ٻي آهي نہ تہ شاديءَ کان پوءِ، پيٽ ڦندجڻ جي حالت ۾ اسٽيج تي اچي پاڻ تہ نہ ڪلائينديون!

اُردو ناٽڪ ڪمپنيون، ٻين شهرن مان ايندڀون هيون، خاص ڪري سٺن راڳيندڙ ائڪٽرن واريون سنڌ جي وڏن شهرن مان جام ناڻو ڪمائي وينديون هيون. اسڪولن ۾ ساليانن جلسن تي شاگرد ڇهڇٽا ڪري ڏيکاريندا ها. شڪارپور ۾ پريتم ڌرم سڀا جي ساليانن جلسن ۾ ڏيتي ليتيءَ ۽ نشن جي خلاف زبردست ناٽڪ ٿيندا ها پر گهڻو چوٻولو "انڌير نگري" ناٽڪ تي ٿيو هو جو ان ۾ پاڪندي ديش ڀڳتن جا ٻول ڪوليا ويا ها. خير، مرزا قليج بيگ جو اوائلي ناٽڪ "ليلا- مجنو" سمورو شعر ۽ راڳن ۾، انگريزي آپيرا جي نموني هو پر اسٽيج تي آڻڻ ڏکيو هو جو ڳائيندڙ سنڌي ائڪٽرن جي ڪوتاهي هئي.

## سئنيما

سنڌ ۾ ٢١- ١٩٢٠ع ۾ گونگيون سئنيمائون هلڻ شروع ٿيون. ڌهلاري شهر ۾ پڙهو گهمائي فلم جو نالو ۽ ان ۾ ٿيندڙ ڪارناما ٻڌائيندو هو. ڪنهن ڪلئي پڌر تي اونده ٿيڻ تي پڪچر هلندي هئي. انهن اميريڪن فلمن ۾ ايڊي پولو يا ايلمو پهلوان، پنهنجي محبوبا پرل وائيٽ کي شودن کان بچائيندا ها. هڪ ماڻهو پنهنجي لڦائي ٻوليءَ ۾ انگريزي اکرن جي معنيٰ ٻڌائيندو رهندو هو. ٽن طرحن جو لاڳ وٺندا ها. ٽڪي وارا تڏن تي، آني وارا بينچن تي ۽ ٻہ آني وارا ڪرسين تي. ڪاٺن ۽ اسان شاگردن کان داخلا وقت ٽي اڌ پئسا وٺندا ها. ڇپيل ٽڪيٽن جو رواج ڪجهہ سال پوءِ پيو ۽ اگهہ ٻہ آهستي آهستي وڌائيندا ويا. "هائوس فل" يا ائڊوانس بڪنگ جا لفڙا نہ هوندا هئا ۽ نڪي هڪ آني تي ٽي آنا سرڪاري ڏن هوندو هو.

1930-31ع ڌاري ڳالهائيندڙ فلمون آيون ۽ 15-20 سالن کان پوءِ رنگين پڪچر بہ اچڻ لڳيون. باقاعدي سئنيما هال نهندا ويا ها، جن ۾ تڏا نہ هوندا ها پر ٻي يا ڇئين آني وارن لاءِ بينچون هونديون هيون. اوائل ۾ ڏک ڀرئي نظاري يا خوشيءَ جي ڳالهہ تي حاضرين روئندا يا کلندا ها ۽ هيرو کو بهادريءَ جو ڪم ڪندو هو تہ "شابي ڊولڻ شابي" جا ٻوڪ ڦاڙي تاڙيون وڄائيندا ها. هيروئن سان چم چٽ ٿيندي هئي تہ عاشق جيوڙا "ونس- مور" جا نعرا هڻندا هئا ۽ ساٿس ڇن پٽ ٿيندي هئي تہ بدمعاشن کي پونڊا ڏئي گار گند ۽ پٿرن جو وسڪارو ڪري اچو پڙدو ڦاڙي ڇڏيندا ها.

اهو ڏسي سئنيما ۾ ظاهران ظهور گيان جو پوڌ ٿيندو هو. شاستر رکو پڌائين ٿا تہ سنسار ڪوڙو مايا چار آهي، دنيا جي ڏيکاوَ کي درحقيقت وجود ڪونهي، جيوَ کي اڻ هونديءَ جنسار بازيءَ، اڻ هوندي درياه، پرم ۾ پلائي رکيو آهي. پر سئنيما تہ جنسي ڏيکاري ٿي تہ جيڪي ناهي، تن سپني وانگر فاني نظارن ۾ سيئي لوڪ جوش ۽ جذبات ۾ پرجي ڏک سک، دوستي دشمني، چڱائي مدائي محسوس ڪن ٿا.

مايا پلايو، سامي جوڙي جيءَ کي،
نانگ ڏسي نوڙيءَ ۾، ڏورون ڏهڪايو،
ڳٽتيءَ ليکي دک جي، سنسي ۾ آيو،
ستگر سمجهايو، تڏي سمجهي سرجهيو پاڻ ۾.
(اونده ۾ نوڙي نانگ وانگر پاسندي آهي.)

## ”هاندو“ سنگيت جو ساليانو جلسو

شڪارپور ۾ هوليءَ جي ڏينهن ۾ موسيقي اجلاس ٿيندو هو جنهن کي ”هاندو“ چوندا ها. اهڙو پارت ۾ پيو ڪٿي بہ نہ ٿيندو هو. تنهن ڪري سنڌ جو نالو موسيقي فن ۾ بلنديءَ تي هو. ان راڳ جي ميلي ۾ سڄي هندستان جا ناميارا گوئيا اچي ڪٺا ٿيندا ها. رياستن جا راجائون ۽ نواب پنهنجا درباري ڳائيندڙ موڪليندا ها. انهن جي پيڙهي بہ پيڙهي راڳن جي رياض ۾ گذرندي هئي. انهن اڳيان ڳائڻ يا ساز ڪڻ جي جريت اهڙي جهڙي ڪي نہ ٿيندي هئي. ان هانڊي ۾ مقبول پوڻ، سنگيت جي وڏي سند ليکيندا ها.

اهو هاندو پنڊت رانولداس جي نالي مشهور هو. جنهن جا پٽ- پوٽا سنگيت جا شيدائي ها. سيٺين ڪين ناٿي جي چوٽ ڏني تہ لکين رپيا ڪٺا ٿي ويا ۽ پارت جو اهڙو ڪوبہ گوئيو نہ هوندو جنهن کي هانڊي ۾ نہ گهرايو ويو هجي. پوني جو پاسڪر راءِ پاتڪنڊي، ڪرشڻ راءِ، پنڊت وشٽو ڊگمبر پلسڪر ۽ سندس مکيہ شش ونيڪراءِ پٽورڌن، نارايڻ راءِ وياس بہ ضرور ايندا ها. مان پوني ۾ رهڻ لڳس تہ انهن مان جيڪي جيئرا ها سي شڪارپور جي واقفيت ڪري ڏاڍيءَ محبت ۽ مروت سان مليا ۽ موسيقي مجلسن ۾ ضرور گهرائيندا ها ۽ سنڌين جي سخاوت ۽ سنگيت جي ساراهہ ڪندي ڍاپندا نہ ها.

بڙودي، پوپال، جئپور وغيره راجائن جا درباري گوئيا، بڙي ۽ ڇوٽي غلام

علي، الله رکا خان، لاهور ۽ لکنئوءَ جا مشهور قوال ۽ ٺمري باز، پنجاب جا زبردست گوئيا ڏرم پال، رتن، ٻائي ڪستور ۽ ٻيا جڏهن هڪ پليٽفارم تي ويهي پنهنجي فن ۽ ڪلا جي پلٽان پلٽ ڪري هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪندا ها ته واهه واهه پئجي ويندي هئي. جڏن هو شڌ راڳن جون تانان پلٽان گهسيٽان ۽ سرگم پيش ڪري مزو مچائيندا ها تڏهن حاضرين ڪنڌ جي ڌوڻڻ، سم تي تال تي ٺهڪي ۽ واهه واهه ڪرڻ سان سندن همٿ افزائي ڪندا ها. تاڙين جي ڪڙڪاٽ سان سڄو هال گونججي اٿندو هو. سڄي رات گذري باک ڦٽندي هئي ته به ميلو متو پيو هوندو هو ۽ لاچار بند ڪندا ها.

ان وقت سنڌي راڳين کي به پنهنجي جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ملندو هو. شڪارپور جي سيٺ چتنرام ۽ پنڊت خوشيرام جي طبلن جا ٻول، سندرداس مسند جي سارنگيءَ جا سر، پنڊت بهاري لعل، مهراج نند لعل بولاڪاڻي، سيٺ قميترام رهيجا ۽ ٻين جي راڳ راڳڻين جون تانان پلٽان ٻڌي اجلاس ۾ واه واه پئجي ويندي هئي. سنڌ جا ٻيا مشهور راڳيندڙ عاشق علي، گامڻ خان ۽ سندس پٽ مبارڪ ۽ ٻلي خان، برهمانند، خالو رام، ماستر چندر، پياري خان، سئندي خان ۽ ٻيا اوچي ڳاٽ ويهي پنهنجو ڪمال ڏيکاريندا ها. مولي ٻائي ۽ جيوٽي ٻائي، ڪن تي هٿ رکي جڏهن مٺين سرن ۾ راڳ ڪوهياري، حسيني ڳائينديون هيون ته چڻ رات جي خاموشيءَ ۾ ڪا ڪوئل ”ڪوُ ڪوُ“ ڪري پريتم کي ٿي پڪاري، انهن سنڌين کي ٻاهران آيلن کان به ڏاڍو داد ملندو هو. ائين ناهي ته هانڊي ۾ رڳو هندن جي هڪ هٽي هئي. ان ۾ ڪئين مسلمان وڏيرا به شريڪ ٿيندا ها جن مان مونکي ڳڙهيءَ جي خان شمس الدين جو نالو تري اچي ٿو. ٻيا ڪنڌ ڪوٽ ۽ ڳڙهي خيري جا رئيس ها پر اهي مسلم جاگيردار، موسيقي فنڪارن جي سرپرستي نه ڪندا ها. ڪراچيءَ جو سيٺ لڪميچند، مانجهوءَ جو سيٺ وشنداس ۽ شڪارپور جا ڪئين سيٺيون ٻاهرين مسلمان گوئين کي باقاعدي خرچ ۽ پگهارون ڏيئي گهرائي ورسائيندا ها ته جيئن سنڌ ۾ طالب موسيقي اهو فن پرائين. سنڌ ۾ نجي ماهر به گهٽ نه ها. منهنجو وڏو ڀاءُ، ڪراچيءَ جي مهراج سواميداس کان سنگيت سکندو هو. جنهن راڳ راڳڻين جا به ڪتاب سرگم جي نوٽيشن سان به ڇپائيا ها. هن جو هڪ پٽ آتمارام به ڏاڍو ڳڻي هو. مون سان گڏ پنڊت لڪشمڻ راءِ ٻوڊس وٽ هڪ سنڌي ڇاپرو پنڊت ڀاوي به سخت رياض ڪندو هو ۽ واه جو ڄاڻو هو.

اڳ ۾ لکي چڪو آهيان ته سيني علمن جي اوائلي پنڊار ويدن جي رچنا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ٿي هئي. انهن چئن ويدن مان سام ويد ۾ سنگيت وديا جا سر ۽ اُصول ڏنل آهن جن جي جدا جدا شاسترن ۾ رشين منين تفصيل سان اُپٽار

ڪئي آهي تہ تالن جون ماترائون ۽ ٻول، ڪهڙن راڳ راڳڻين ۾ ڪهڙا سر چڙهنا يا جهجها لڳائڻا آهن ۽ ڪهڙي وقت ڳائڻ سان ڪهڙين بيمارين، دل ۽ دماغ جي نسن ۽ تنتن تي ڪيتري قدر تاثير ڪن ٿا.

سنڌ جي ان قديمي موسيقي علم کي مسلمان اُستادن ڪمال جي چوٽيءَ تي پهچايو. راڳ راڳڻين جا سر ۽ تال تہ شاسترن مطابق رکيائون پر پنهنجي اعليٰ دماغ، فهم ۽ رياض سان ان ۾ نئون جوهر پيدا ڪيائون. جو وهي سو لهي. هندو ڪلاونت بہ گهٽ نہ ها. جڏهن چوطرف هندو مسلم نفاق جي باهہ ٻري رهي هئي تڏهن هندو مسلم ڳوئين کي هانڊي جي منچ تي ٽڪو لڳ ويٺل ڏسي دل ٺرندي هئي. ستياناسي سياستدانن جو وس پڄي ها تہ اُتي بہ هندو راڳ ۽ مسلم راڳ جا نعرا بلند ڪن ها. هانڊي جو اِهو ميلو ثابت ڪندو هو تہ هندو مسلمان ساڳيءَ ڌرتيءَ جي اَن جل ۽ تهذيب جي ڏاڳي ۾ پوتل داڻا آهن.

پارت جي مکيہ ڪلاونتن کي هڪ هنڌ ٻڌڻ لاءِ هند سنڌ جا سنگيت پريمي، راڳيندڙ، طوائفون ۽ اڪثر بہ انوقت شڪارپور ۾ اچي ڪٺا ٿيندا ٿا ۽ شهر ۾ ڌوم مچي ويندي هئي.

## شاستريہ پڪو راڳ

سنڌ ۾ عام جام ڪافيون ۽ بيت ڳائيندا ها تنهن مان ائين نہ سمجهجي تہ سنڌي پڪي راڳ ۾ پٺتي پيل ها. اسانجو شاه عبداللطيف ڀٽائي تہ موسيقيءَ جو بادشاهہ هو جنهن جهڙو عطائي هزارين سالن ۾ ورلي پيدا ٿيندو. وٽس سارو ڏينهن سرود ۽ سماع جاري هوندو هو. هن جو سارو ڪلام ويدن جي شاستريہ راڳن- ڀيروي، يمن، ڪلياڻ، رامڪلي وغيره ۾ چيل آهي. هن پنهنجي نوراني باريڪ نظر سان ڀيان نوان راڳ بہ ٺاهيا. جيئن تہ راڳ سامونڊي، حسيني، سهڻي، راڻو، مارئي وغيره جن ۾ هڪ نرالو ميٺاج ۽ لطف آهي. اهي راڳ شاستري راڳن جي سرن ۾ ٿوري ڦير گهير، آروهہ ۾ سرن جو ٽڪاءُ ۽ چال ۾ فرق ڪرڻ سان ٺاهيا ويا آهن. ٻين گهڻن سنڌي شاعرن جو ڪلام بہ پڪن راڳن ۾ آهي.

درحقيقت سنڌ جي سخت آبهوا ڪلاسيڪل موسيقيءَ لاءِ موافق ناهي، سياري جي ولهہ ۾ گلو ٽپندو تہ هو ۽ اونهاري ۾ پگهر جا ريلا پيا وهندا ها پر مجال آ جو اُستاد رياض بند ڪرڻ جي اجازت ڏي! اُتي تہ هلڪا مٺا راڳ، سهڻي ۽ مارئي، ڪافيون ۽ بيت اُتون جي آبهوا سان ٺهڪندڙ ها ۽ انهن ۾ دل جو درد، سوز ۽ گداز پيدا ڪري سگهبو هو. راڳ جي اصل شئي تہ آهي تاثير، جيڪو ڏاتار جي ذات آهي. جنهن کي وڻيس ڏي. ان جي مهر جو مينهن وسي تہ باغ ۽ ٻر ۾ فرق

ٿو رکي. ست پيڙهيءَ کوئي جو آلاپ ٻڌي ڪڪ ٿي اوٻاسيون پيون اينديون پر نماڻو ڪنور ڀڳت جڏهن مارئيءَ سسئي جي سورن جا راڳ ڳائيندو هو ته سنگدل ٻڌندڙن جي اکين مان به پاڻي پيو ٽمندو هو. مطلب ته دل ۾ پريم ۽ ڀڳتي هجي ٿي ته ايشور جي امداد ازخود ٿي وڃي ٿي.

مان اول ڪي سال ڪراچيءَ ۾ پنڊت ڪلياڻ پارتيءَ وٽ سنگيت ساڌنا ڪئي. پوءِ ميان مبارڪ علي خان ولد گامڻ خان ڏاڏو نالو ڪڍيو ته مان وٽس شاگرديءَ لاءِ ويس ته هن جاڻڻ چاهيو ته مان اول ڪهڙيءَ منزل تي پهتل آهيان. سندس چوڻ تي مون ڪيس ٽوڊي راڳ ۾ ڌرپد چوتال ۾ تانن پلٽن سان هڪ چيز ٻڌائي ته واهه- واهه ڪيائين ۽ ڪو ترانو ٻڌائڻ جي فرمائش ڪيائين. مون ڪيس پيرو راڳ اڪتال ۾ هيءُ ٻڌايو ته:

ديم تديم تہ نہ نہ، نہ نہ نہ نہ او داني داني،
تداني تانا تومر در در تدري داني.
جهان ڪوئي داد نا ديوي وهان فرياد ڪيا ڪيجي.

اهو ٻڌي اُستاد مون کي مٿين شاگردن ۾ ڀرتي ڪيو. هو پاڻ ترانن ڳائڻ ۾ پڙ هو ۽ جڏهن پنهنجي پياءُ بلي خان سان گڏجي هي ترانو ڳائيندو هو ته تاڙين جو ٺهڪو ۽ واهه واهه پئجي ويندي هئي: "ناڌري ڌرمر تلانا، تانا ديرينا، ديرينا، يللي يلي يللوم، تو ۾ تلانا، تومر تلانا....." ان تراني کي جڏهن ٻئي ڀائر تانن پلٽن ۽ گسيٽن سان سينگاريندا ها ته ماحول ۾ موج ۽ موسيقيءَ جون خوشنما لهرون پيون هلنديون هيون.

اُستاد جي شاگردن مان ميان بدروالدين کي مون لاءِ تيسو ۽ تعصب جاڳيو، چي: هڪ خسيس واڻيو ڳوءِ کڻي وڃي! اها اسانجي غيرت کي للڪار آهي جيڪا برداشت ڪري نٿي سگهجي. سندس زور ڀرڻ تي لاچار اُستاد ڪيس تراني جي شروعات ڪرائي. مون بدروءَ کي گهٽو ٺي سمجهايو ته تراني کان باز اچ ۽ مون سان گڏجي ڳاءِ: "دروازو دلبر جو ممبر محراب آ." هو باز نہ آيو هڪ ته الله ميان اهڙي نوازش ڪئي هئس جڻ بڪر ۽ گڏهه گڏجي ٿا ڀاڪارين ۽ وري جنهن ڌماڪي سان "سا- ري- گ- م- پ- پ- ڌ- ڌ- ني- ني- ني......." يا ڌا- ڌا- گر- گر- نا- نا" جو رياض ڪندو هو ته پاڙي ۾ ممڻ مڇي ويندو هو. وڏن جي ننڊ حرام ٿيندي هئي. ٻارڙا ڊيڄاري ۾ ڇرڪ ڀري اُٿندا ها. واڙي جي ڳائڻن مينهن ڪير ڏيڻ کان نابري واري. ڪاڪي ڀيمنداس کي ترانو ٻڌڻ سان دلهول ٿي پيو ۽ هن پنهنجي حفاظت لاءِ ڪن ۾ تات جون ڀڄون وجهي مٿان ڳوهيل ميٽ ٺڪي ڇڏيو هو.

وڏيڪ بربادي کان بچڻ لاءِ پاڙي جو ڊيپوٽيشن اُستاد وٽ آيو ته هن

بدروءَ کي چيو: ”تون هاڻي وڃ! توکي سڪڻ لاءِ باقي ڪجهه ناهي.“ اهو ٻڌي بدرو ميان ڦونڊ ۾ پرچي ويو ۽ پاڻ کي هڪ وڏو گوئيو سمجهڻ لڳو. ڪيس هڪ شاديءَ جي محفل ۾ گهرايو ويو ته گوڏا کوڙي اچي ويٺو ۽ جڏهن تر- تر- تر- تر ۽ ديم- ديم- ديرينا- ديرينا، جو تانو شروع ڪيائين ته اهي ڪڙڪات ٻڌي ڪنوار کي ”حساب“ تي پيو ۽ اهڙو غاغلو مچيو جو چڻ ته ڪا مال گاڏي شنتنگ ڪندي محفل ڏانهن ڊوڪي رهي آهي. ڪٿن جي ڪنن تي اُستاد بدروءَ جي راڳ جو رنيڻ پيو ته لوڏ جي لوڏ پونڪندا ڊوڪي آيا. پوءِ ته چاچي ماچي، جن جا هوش حواس اڳ ۾ ئي بدروءَ جي تراني خطا ڪري ڇڏيا ها تن ۾ اچي ڦڙ ڦوٽ پئي. ڪنوار ماءُ ڏاڪڻ تان باجوليون کائيندي اچي هيٺ پئي ته چنگهه ٽڙڪي پيس. گهوٽ پيءُ کي هڪ ڇتي ڪتي اهڙي ڏوم مان چڪ پاتو جو مڙس ڊري پيو. شاديغميءَ ۾ بدلجي وئي ته بدوءَ کي گاريون ڏيئي هڪالي ڪڍيائون.

بدرو نهايت دلشڪستو ٿي فيصلو ڪيو ته آئينده هو اهڙي بي قدرئي شهر تي پنهنجي راڳ جي نوازش نه ڪندو. پر راڳ ته هن جي رڳ رڳ ۾ رچيل هو تنهن ڪري جهنگل جي ٻوٽن ۾ ويهي تراني جي ڪسرت ڪرڻ لڳو. ٻيلي ۾ ڪنير ڳڏهن تي مٽي ڊوئي رهيا ها. بدروءَ جو آلاپ ٻڌي، اول ته ڳڏهن هينگون ڏيئي سر ۾ سر ملايو پر پوءِ اِئون هٺي آتي پڳا. وڏيري جي ماڻهن وٽي ڪيس شڪايت ڪئي ته سندس سوئر ٻيلي مان ناهيا پيا وڃن ۽ جي اهي هيبتناڪ آواز ٿيندا رهيا ته جهنگ جانورن کان خالي ٿي ويندو. شڪار جي شونقين وڏيري کي بدروءَ جي سازش جي سڌ پئي ته هن کي جهنگل مان گهرائي، خالي ڳوڻ ۾ بند ڪرائي ڳاڙهن مرچن جو دونهون ڏياريائين. ائين ميان بدرو اڌ مئو ٿي ٻاهر نڪتو ته ڪيترا ڏينهن کنگهندو رهيو.

ميان بدروالدين جڏهن ڏٺو ته شهر ۾ يا جهنگ ۾ سندس تراني ڪري ڪهڙي نه قيامت برپا ٿي رهي هئي ته گهر ڇڏي روپوش ٿي ويو. مطلب ته پڪو راڳ روح کي راحت ڏيندڙ آهي ته خطرناڪ ۽ هاجيڪار به ٿي سگهي ٿو.

## ڪڪڙن، تترن جي ويڙهه

سنڌ ۾ تتر ۽ ڪڪڙ پالڻ ۽ ويڙهائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. پاڻ کي ۽ ٻارن کي تسيا ڏيئي به کين مال مليدا کارئيندا ها پر جيئن ”اٺ پوي ڪٽڪ ۾ ته ڪنئا چڻ چڻ کاءِ“ تيئن ڪڪڙ يا تتر اڳيان حلوو يا موتيءَ جي ڪلفي رکو ته به انهن ۾ اک نه ٻڏندن پر ڇيٽن کي اُتلائيندي چونڊي چونڊي گندا جيت ۽ ڪينئان کائيندا ها. شام جو مالڪ کين باغ جي هوا خوريءَ ۽ زور سان ٺونگا

هڻڻ جو عمل ڪرائڻ ويندا ها. اهي مالڪن سان اهڙو هريل هوندا ها جو هن جي پنيان "گتو گون- گتوگون" ڪندا ٽلندا ايندا ها. ڪو نئون ڪڪڙ يا تتر هوندو ته ان کي ڪنهن آزمودگار ڪڪڙ کان ويڙه جي ترڪيب سيکاريندا ها پر پنهي جي چنبن ۾ اڳڙيون ٻڌندا ها ته جيئن زخمجي نه پون.

نيٺ اهو ڏينهن ايندو جنهن لاءِ کين تيار ڪندا ها. شهر ۾ اشتهار ورهائي يا دهلاريءَ کان پڙهو گهمائي، واسطيدار ڌرين جي نالن سميت سندن لڙائيءَ ۽ مقابلي جو اعلان ڪندا ها. مقرر ڪيل ميدان تي خلق اچي ڪٺي ٿيندي ته تتر يا ڪڪڙ کي پڙ ۾ آڻيندا ۽ انهن جو ڊيل ڊول ۽ چال ڏسي ماڻهو زبردست شرطون لڳائيندا ها. جڏهن تتر لڙڻ شروع ڪندا ها ته ماڻهو پنهنجي دادلي تتر کي "شابي شير شابي" چئي هشڪاريندا ها. پوءِ ته پکي به جوش ۾ پرجي هڪ ٻئي کي چهنبن ۽ پيرن جي ننهن سان رتوڇاڻ ڪرڻ لڳندا ها. اها ويڙهه تيستائين هلندي جيستائين ڪو هڪ ڦتجي پڇي وڃي يا پويان پساه ڪٽي ڪري پئي. ڪي تتر اهڙا رهزن هوندا ها جو ڪريل دشمن کي به نه ڇڏيندا ها ۽ زخم تي وڏيڪ زور سان نونگا هڻي چيري ڦاڙي رکندا ها. خير اهو ته هڪ، هڪ کي ماريندو هو، پر انساني هڇارا ته وڏيڪ ڪميٽا آهن جيڪي پنهنجي وڏائيءَ خاطر لکين لشڪر ناهي ڪاهون ڪن ٿا ۽ بيگناهه شهرين تي بم وسائين ٿا.

جنهن جو تتر هارائيندو هو سو پنهنجي گانڌو تتر کي ماءُ پيڻ تي ڪچيون گاريون ڏيندو هو. اهو رتو ڇاڻ ٿيل تتر به پنهنجي مالڪ جي پت وڃائي، چپ چاپ گاريون سهندو هو. ڪنهن وقت ڪو غصي ۽ غم ۾ پريل مالڪ چڙ ۾ پرجي، هارايل تتر کي ٿڏي تي ڪهي ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي هڪ مالدار چاليهه ٻڪريون ڏيئي هڪ ايراني تتر وٺي آيو ۽ ان کي موتين جڙيل پڃري ۾ اچي رکيائين ته ڪنهن ٻليءَ جو ڪاچ نه ٿئي. ان کي ياقوتي ۽ خميرو به کارائيندو هو. ساليانى ميلي ۾ ڪڪڙن ۽ تترن جي جنگي ميدان ۾ اهو ٻروچ به پنهنجو تتر آڻي پڙ ۾ ويٺو. تتر جو ايراني ڊيل ڊول ۽ ٺش ڏسي، حاضرين کي يقين ٿيو ته هيءُ ضرور کيپ کٽندو ۽ شرط جو اگهه هڪ- ٽي- ڏهه ٿي ويو. هوڏانهن پنڊت شميودت پنهنجو جيسلميري تتر ميدان ۾ آندو، جيڪيو ايراني کان قد بت ۽ چال ۾ گهٽ هو پر چست هو. لڙائي شروع ٿي ته ايرانيءَ کي جيسلميري ورائي ويو ۽ نونگا ۽ تڪا چنبا هڻي رتو ڇاڻ ڪري وڌائينس. تڏهن ايراني، خلق جي مٿان ٽپ ڏئي مٿان اڏامي پڇي ويو. سياڻو هو، جتي "پڇڻ ناهي پهت، تتي پڇڻ ڪم وريام جو!" مس مس ڪري مالدار کي هٿ لڳو. بازيءَ جا پئسا جو هارايا هئائين ته ٺلهو ڀوت ڪري اچي ويٺو. ماڻهن پٺي ٺٺوليون ڪيس ۽ مڙس به هو خارباز، سو تتر کي پڃري مان ڪڍي، نڙيءَ تي ننهن ڏيئي

آتي جو آتي ساهه ڪڍيائينس. چي: ”چاليهه ڀڪريون ڏيئي، سهڻو ڏيل ڏسي پنيلجي ويس. تيهن رپين جو ڀڄرو ورتم. پر ماءُ جهائي ڪجهه به رنگ نه ڏيکاريو! ڪوهلو رن پٽ. مٺو پلوآ! نه ڏسندس نه ڏک تيندم؟

مان به ڏهه رپيا وڃائي اهو سبق پرايم ته ڏيل ڏسي نه پلجي. هڻ سڪٽي ته لوڏ گهٽي تيندي آهي. هڏ پولا، سڏ وڏا!

ان زماني ۾ شڪارپور جي مهراج ڏيئو مل ۽ بهاري ڀانيڻ جي تترن پنهنجو نانءُ روشن ڪيو هو، جو سڄيءَ سنڌ ۾ چئلينج ڏنو هئائون ته آهي ڪو ماءُ جو ٻچو، جو اسان جي تترن سان مقابلو ڪري! تنهن تي سکر مان اشرف شيخ ۽ لاڙڪاڻي مان تاجو پٺاڻ پنهجي زبردست تترن کي چٽا پيٽيءَ لاءِ وٺي آيا ها ۽ سخت خونخوار جنگ لڳي هئي، پر شڪست کائي ويا ها.

اهڙي طرح پکين کي لڙائي، انسان پنهنجي خوني رغبت جو لاڙو ڏيکاريندا ها. مان جنهن به پرڏيهه ۾ ويس ته اتي تترن ۽ ڪڪڙن ويڙهائڻ جو خفت ڦهليل ڏٺم. فلپين جي منيلا، هانگ ڪانگ ۽ خود جپان ۾ ته باقاعدي مقرر ٿيل ٻڪي، نوڪن ڪان واڪا ڪري داوَ (Bids) پيا وٺن. ڪٿي ڪٿي ته ”هائوس فل“ جا بورڊ لڳل ها. جيتوڻيڪ ٽڪيٽان به مهانگيون هيون. سڄوريءَ سنڌ ۾ ته اهي رونشا امير غريب لاءِ مفت ها. نه رڳو ايترو پر جنهنجو تتر يا ڪڪڙ کيپ ڪندو هو، سو پتاشا ۽ ريوڙيون به ورهائيندو هو.

## بربليون ڌارڻ

بربل کي بلبل به چئبو آهي ۽ سنڌ ۾ انهن کي به تترن ۽ ڪڪڙن وانگر پالڻ ۽ ويڙهائڻ جو شوق هوندو هو. بربل اڳيان آرسي رکبي هئي ته سمجهندي هئي ته ڪو دشمن آيو آهي ته ان کي خوب ٺونگا ۽ چنبا هڻندي هئي. اهو ڏسي گيتا جي هن شلوڪ جي سچائي ساکيات ڏسڻ ۾ ايندي هئي:

اِنسان پنهنجو دوست به پاڻ آهي ته دشمن به پاڻ آهي. درحقيقت اسان ۽ اسان جا دشمن، هڪ ساڳئي ئي برهم- حق جا جزا آهيون، پر مايا جي مونجهاري ۾ ڀيا ٿي سمجهون ٿا. شاهه لطيف به ساڳي ڳالهه ٿو چئي، ”سو پرين، سو پساهه. سو ويري سو واهر.“ پر آڳياني بربل جو آئيني سان ٻنا ويريءَ جي ويڙه به هڪ عجيب رونشو هوندو هو.

ڪنڊڙي ڳوٺ ۾ روحل فقير وانگر ڀيا به ڪئين ڪامل گياني ٿيا آهن، جن هنديءَ ۾ به ويدانتي گيان ۽ يوگ جي رازن ۽ رمزن جي پلٽ پلتان ڪئي آهي. تن مان دريا خان نالي هڪ سالڪ جو هڪ شبد آهي:

"جيون ڪچ مندر پڙي سوان آپ نہ چيني اچرج مان،
ين ين ديک اوهان بس مري، اپني ڪرٽي آپي يري."

جيئن ڪچ مندر (شيش محل) ۾ سوان (ڪتو) آيو تہ چوطرف پنهنجا پاڇا ڏسي، پاڻ نہ سڃاڻي (چيني) سمجهيائين تہ هتي گهڻائي ٻيا ڪتا آهن. ڪتو ٽيندو آهي ڪڙم جو ويري. ان ڪتي بہ تڏهن ڀونڪي ڀونڪي ٽڪجي ساهہ ڏنو ۽ پنهنجي ڪرٽيءَ جو ڦل پاتو. تيئن جيوَ بہ گهڻا ۽ نيارا جيوَ ڀسي دويت ڪري دکي ٿئي ٿو. ڪسرت ۾ وحدت جي پاونا سک آهي.

وڻن جي لذيذ ميون ۽ ڪپڙين جي ٻيرن تي بربليون عاشق هونديون هيون ۽ اهو عشق ئي کين سنساري ڄار ۾ ڦاسائيندو هو. سندن شڪاري، ميون ۽ ٻيرن سان جهنجهيل ٽارين پرسان هڪ هيريل بربل کي وهاري، اتي ڪوڙڪان منڊي ايندا ها. اها بندي بربل پنهنجي آزاد وڳر کي ڏسي کين سڏاڙا ڪندي هئي تہ سندس آواز اونائي، ممتا ۽ ميون جي موهہ ۾ ٻيون لهي ايندڀون جو لالچ بري بلا آهي. اڃا ويهنديون مس تہ سندن ٻئي ٽنگون ڪاٽ ۾! شڪاري ويرم ئي نہ ڪندا ۽ ڪوڙڪيءَ مان ڪڍي کين پڃري ۾ بند ڪندا ويندا.

طمع ۾ ترڪي، ٻيا سڀ جيءَ جهان جا،
غوطا کائي غيب جا، ساهہ ڪٽن سڏ ڪي،
لنگهي چڙهيو الک تي، ڪو پريمي پلڪي،
ممتا جي مٽڪي، جنهن سٽي وڏي ساڏ سنگ.

مطلب تہ اسان بہ لوڀ، لذت، زال ٻار جس جلال جي ممتا ۾ سنسار جي مهاڄار ۾ ڦاسي پئون ٿا. ڦاتل بربل، پهريائين پنهنجي آزادي ۽ باغ ياد ڪري گهڻو ئي تيسو ۽ گهيگهہ ڪندي. نہ کائيندي نہ پيئندي، پر آخرڪار ڦاسائيندڙ ڪيس رڌل لاهوري گجر، ڪتل، مٺائي ۽ پيرؤن کارائي پنهنجي وس ڪندو هو. اول بلبل کي ريشمي ڏوريءَ ۾ ٻڌبو هو، پر پوءِ هري مري ويندي هئي ۽ هٿ يا ڪليءَ تي ويهندي هئي ۽ ڇڪار و چاڻ سان اچي ڪلهي تي ويهندي هئي تہ پنهنجو چمن وسري ويندو هوس.

بلبل جهڙي ملوڪ، جيئري جاڳندي رانديڪڙي کي ڏارڻ جي منهنجي بہ اڇي دل سرڪي، جيئن ان جي ڪري باغ ۾ ڇهچٽو ۽ رونق ٿئي ٿي تيئن منهنجي بيٺڪ ۾ بہ ٿيندي. نيٺ اٺ آنا خرچي هڪ متاري ۽ متوالي بلبل ڳنهي آيس ۽ ڪيس ڏور

۾ ٻڌي هيرائڻ لڳس. ان کي گهر جي ٻلي لالچي اکين سان تڪڻ لڳي. ٻليءَ جي ارادي ۾ خلل ڏسي مان بلبل کي پڃري جي حفاظت ۾ رکيو. پر هوءَ بنديائي ان ۾ وسوڙل ۽ غمگين رهڻ لڳي. تڏهن ڪيس پرچائڻ لاءِ پيڙا ۽ پيرون، برفي ۽ بوندي اڳيان رکيا مانس ۽ سندس گهر به ريشمي ربين ۽ لالن سان سينگاريم ته به هوءَ نيڻ ڇپا ڏيڻ ۽ ڳٽ ڳٽ ڪرڻ جي موڊ ۾ نه ائي.

بيوس بلبل جو اهو غمناڪ حال ڏسي مان ڪيس صبح ٿيندي ئي آزاد ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پر هوءَ ان کان اڳ ئي پنهنجي پکيءَ جو چولو لاهي آجي ٿي هئي. الائي ڪيئن ٻليءَ جو چنبو هن تائين پهتو هو. پڃري ۾ رڳو هن جا کنڀ ۽ ڇهنب پئي هئي. ٻلي ته چپ چاپ مشڪي رهي هئي، پر هن جي وفات جو مون کي اهڙو صدمو رسيو جو وري نه ڪنهن اپوجهه پکيءَ کي بند ۾ رکيم. اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته مان چپ، ڪن، اکين ۽ ڇهڻ جي سوادن ۾ غلطان ۽ بند ۾ پنهنجي اصلي آزاد سروپ کي وساري ويٺو آهيان ۽ هر هڪ ڏينهن ڪلال روپي ٻلو مون کي ڳرڪائڻ لاءِ ويجهو اچي رهيو آهي.

## جانورن جي ويڙهه

سنڌ ۾ جهنڊولن وارن وارا ”ڪهيري فقير“ ٿيندا ها جيڪي رڇن ۽ ٻولڙن جا ننڍا ٻچا نپائي کين تماشا ڪرڻ سيکاريندا ها. هو رڇ کي نٿ ضرور هڻندا ها جو چوندا ها: ”زناور آهي سگهارو، متان ڪٿي نشڪان (نقصان) نه ڪري وجهي“ ٻولڙي ۽ ٻولڙيءَ جي ڳچيءَ ۾ رڳي ڏور وجهندا ها. تماشو ڪندا ته ڊگڊگي وڄائيندا ته خلق اچي مڙندي ته پوءِ ”نچ وي ٻولڙا نچ وي نچ“ ته ٻولڙو ۽ ٻولڙي ياڪي ٻائي اميريڪن والٽز ناچ شروع ڪندا يا ڪلابازيون ڏيکاريندا ها. پنڪو ٻڌل ٻولڙو ڪڏهن پنهنجي پڙو ٻاتل مسز سان رلو ويٺو هوندو ته هوءَ پئي سرچائينديس. ڪڏهن هو لٺ هڻندس ته هوءَ رسنديس ۽ پيڪي وڃڻ جا دڙڪا ڏيندس. اهڙا مزيدار تماشا ڏيکاري، ٻئي تماشبين اڳيان وڃي سلام ڪندا ۽ پيسا پني آٿي فقير کي ڏيندا.

انهن سادن سودن رونشن کان سواءِ وحشي تماشا به ٿيندا ها. جهڙا هتي ڏسڻ ۾ نٿا اچن. اتي وڏيرا شڪاري ڪتا ڏاريندا ها ۽ اُهي جدا جدا جانورن تي ڇڇ ڪرائيندا ها. ڪشادي چوديواريءَ اندر، ميدان جي وچ ۾ هڪ مضبوط ڪيلي سان هڪ رڇ يا جهنگلي سوئر کي سوگهو ڪري ٻڌندا. پوءِ پنهنجن خطرناڪ ڪتن کي ڇڏيندا ته اُهي ڀئون ڀئون ڪندا، ان ٻڌل جانور تي وڃي ڪڙڪندا ۽ ان کي چنڊڻ شروع ڪندا. رڇ يا سوئر جي چنبن ۾ ڪو ڪتو ور چڙهي ويو ته ان

جون آنڊا اوجهريون بہ کڍي وٺندو، پر ٻيا ڪتا ساھہ تان آھو لاھي اُن کي ويڙهي ويندا.

رڇ جا وار ۽ کل ٿيندي آهي ٿلهي جنهن ۾ ڪتن جو چڪ مس ڦهندو. هن جي ٻڪ ۾ ڪو ڪتو ڦاٿو تہ ان جون ڪاڪاڙيون ۽ ٻوٿاريون بہ چيري ڇڏيندو، پر شڪاري ڪتا بہ اهڙا ڇتا ٿيندا آهن جو ٻڪي سر وڃي مٿس ڪڙڪندا ۽ وارن ۽ کنن کي اهڙا تکا چڪ پائيندس جو ڪيڪرات مٿان ڪيڪرات پيو ڪندو. ڪجھہ وقت اها دردناڪ لڙائي هلندي رهندي، نيٺ ڻن چئن ڪتن سان گڏ رڇ يا سوئر بہ رتوڇاڻ ٿي ڍيري ٿي پيو هوندو. بعضي ڪو رڇ اهڙو شوخ ڪرڙو نڪرندو هو جو انن ڏهن ڪتن کي پنهنجي ڳورن پيرن ۽ تکن ننهن هيٺان چيپاٽي چيري رکندو هو تہ ٻيا ڪتا پچ پٺائي پڇي ويندا ها. ميدان رت سان ٻرجي ويندو هو. تماشبين کي اهو رونشو ڏسي لطف ايندو هو، ”مروان موت ملوڪان شڪار.“

هڪ دفعي هڪ جبري گڏھ سان هڪ رڇ جي لڙائي ڏٺم. اول تہ رڇ، گڏھ کي خنجر جهڙا چنبا هڻي رتورت ڪري ڇڏيو. تڏهن گڏھ بہ ڇتو ٿي پيو جو ”مرسين ڪيا نہ ڪرسين!“ گڏھ جي پوين ٽنگن ۾ زبردست طاقت ٿيندي آهي. هن لتين سان ايڏي ڳوري رڇ کي بہ اڇلائي، لتن سان اهڙو چٿيو جو رڇ مري ويو. تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو، پر اهڙي سوروير گڏھ جي قدر شناسي ۽ قياس ڪرڻ بدلي، ان تي شڪاري ڪتن جي ٻڇ ڪرايائون. هو سورمو پهرينءَ جنگ ۾ ئي ڦٽيل ۽ ٿڪل هو تہ بہ ڪتن جي لوڏ جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪيائين. ان جي لتين سان ڪتا تہ 10-12 فوٽ پري وڃي ٿي ڪريا ۽ پنجن ڏهن لتن سان ئي ساھہ نڪري ٿي وين، پر ڪتا هئا گهڻا ۽ هن جي اڳ ۾ ئي رتو ڇاڻ ٿيل بدن کي چني پٽي ويا تہ هن گڏھ جو جامون ڇڏيو. سرڳ ۾ سورمن لاءِ ڪو مقام هوندو تہ ان سرفراز گڏھ کي ان ۾ سٺو آستان مليو هوندو ۽ ضرور حورن جي هنج ۾ هوندو.

اهي بي قياسائي ۽ وحشيپڻي جا تماشا سنڌي سڀيتا جي خلاف آهن، پر سنڌ تي پٺاڻ، ايراني ۽ ترڪستاني پاڙيسرين جو اثر هو. مغلن ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ بہ حاڪم اهڙا خونخوار رونشا ڪرائيندا ها. انگريزن ”جانورن تي ظلم جي بندش“ جو قانون ٺاهيو تہ اهي بي قياسائيءَ جا تماشا بند ٿي ويا پر لڪڇپ ۾ پيا ٿيندا ها ۽ جانورن جي جماع جا رونشا تہ عام جام ڪرائيندا ها.

هڪ دفعي هڪ فقير جي ڍولڙي ۽ جبري ڪتي جي مزيدار ويڙھہ ڏٺم ۽ پرايم تہ سڌيءَ آڳر ڪيھہ نہ نڪرندو آهي، زندگيءَ ۾ ڊپ، لٽ ۽ حرفت سان ڪم راس ٿيندا آهن. وڏيري کي پنهنجي ڪتي تي ڏاڍو ڀروسو هو جو ڪيس خوب مال

مليدا ڪارائيندو هو. تنهن ڪري پولڙي جي هٿ ۾ لٺ هڻڻ قبول ڪيائين، بشرطيڪ ڪيس هڪ ٺوٽيءَ سان ٻڌو وڃي ته جيئن ڪتي جي دهشت ۾ لڙائيءَ ڪان اڳ ڀڄي نه وڃي. پولڙي کي ڏکيءَ نوڙيءَ سان ٻڌو ويو ۽ شوخ ڪتي کي مقابلي ۾ آندو ويو. خلق اچي ڪٺي ٿي ۽ شرطون لڳيون ته ڏٺو ويو ته ڪتي جي فتح ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هو.

ڪتي ڀونڪندي ڀونڪندي پولڙي تي هلان ڪئي مس ته هو ٽپ ڏيئي ٺوٽيءَ جي سري تي وڃي ويٺو. ڪتي ٺوٽيءَ تي چڙهڻ لاءِ گهڻيئي وس ڪيا پر ورڻو ڪي ڪين. نه پولڙو ٺوٽيءَ تان هيٺ لهي نه ويڙهه ٿئي. ماڻهو فقير کي چيڙائڻ لڳا ۽ ڪتو ٺوٽيءَ جي چوگرد ڦرندو، وڏيري ڏانهن ڏسي پنهنجي فتح تي پڇ لوڏڻ لڳو. ڪتو ٿورو بي خيالو ٿيو ته پولڙي نڪا ڪئي هم، نڪا تم، ٽپ ڏيئي هيٺ اچي ڪتي جو پڇ سوگهو جهليائين ۽ ٻئي هٿ جي سوٽيءَ سان جنهن پاسي ڪتو منهن ڪري ته زور سان ٺهڪائي هڻيس. ڪتي جو ڪوڪاٽ تي ڪوڪاٽ پئي پيو. اکين نڪ ۽ ٻوٿ تي زور سان لٺين لڳڻ ڪري رت پيو وهيس. پولڙو ته چڻ ڪتي جي پڇ سان ڳنڍيو پيو هو. نڪي سوٽيون هڻڻ تي بند ڪيائين ۽ نڪي ڪتي جو پڇ ٿي ڇڏيائين. ڪتو ڍيري ٿيڻ تي هو ته پولڙي هٿ ڍرو ڪيو ته رتوڇاڻ ٿيل ڪتو پڇ پٺائي اٿي ڀڳو. فقير ۽ پولڙي کي آفرين ۽ انعام به جهجها مليا. پولڙي رڳو انڪلبازي، حرفت ۽ همٿ ڪئي جو لهس به نه آيس ۽ دهشتناڪ ڪتي کي رنڊ به ڏنائين.

## گهوڙن ۽ ڏاندن جون شرطون

جيئن بادشاهن يا مدبرن جي تصوير سڪن تي ڇاپيندا آهن، تيئن اڳئين زماني ۾ ٻلد ۽ گهوڙي جي شڪل سڪن تي اُڪريل هوندي هئي جو ڪين ديس جي آسودگيءَ جو بنياد ليکبو هو. موئن جي دڙي ۽ ٻين کنڊهرن مان اهڙا سڪا لڌا ويا آهن. منهنجي سانبر ۾ به سنڌ ۾ گهوڙن ۽ ڏاندن پالڻ جا خاص ماهر هوندا ها. ميلن ۾ انهن جون خاص شرطون لڳنديون هيون جن ۾ وارا نيارا ٿيندا ها. واٽين جي ڏوتيءَ جي وڪڙن مان ۽ مسلمانن جي پٽڪن ۾ اڳٺ جي اُبدائڻ مان نوٽن جون ٿهيون پيون نڪرنديون هيون. ڪي وسندا ها ته ڪي اکر تکر چٽ ڪندا ها. پر هتي وانگر سرڪار نال نه ونندي هئي. جيڪو گهوڙو يا ڏاند گوءِ کٽندو هو تنهن کي گلن جون ڪنڍيون پائي، دهلن شرناين ۽ ڇيڄ سان نچندا. پٽسن پٽاشن جون گهورن گهوريندا، شهر ۾ سرگس ڪڍندا ها ته جانور به نهال ٿيندا ها.

انگريز پنهنجن رسالن لاءِ هر سال گهوڙا خريد ڪندا ها. ان لاءِ جيڪب آباد ۾ ساليانو ميلو لڳندو هو. اتي خراسان ۽ قلات جا گهوڙا، جيسلمير جا تيز اٺ، گڏه ۽ خچر، ڏاند ۽ گانيون، ٻڪريون رڍون ٻه وڪري لاءِ جام ايندڀون هيون. ان وقت وڏيرن ۽ جاگيردارن کي انگريزن جي چمچاگيري ڪرڻ جو خاص موقعو ملندو هو. سندن اوطاقون مهمانن سان ٽمٽار هونديون هيون. تنبو لڳي ويندا ها. چيلا پيا ڪسبا ها. پلاون جا ديگڙا پيا دمبا ها ۽ وڏيرن جا لامارا انگريزن ۽ سندن منڊمن جي خدمت ۾. باقي خلق ڏينهن جو مقامن ۾. ڏيئي ٻرئي ڏو چلي ۾! ان ميلي ۾ جيئن واپاري پنهنجي وکر کي سينگارڻي وکرو ڪندا ها. تيئن ٻين شهرن مان آيل رنڊيون پنهنجي جوڀن ۽ چٽيل چمڙيءَ جو نماءُ ڪري ڪسب ڪنديون هيون ۽ وئرائتي شو لڳو پيو هوندو هو.

پوءِ جڏهن کان موٽرن ۽ لارين جو واهپو شروع ٿيو تہ گهوڙن ٻئلن ۽ اٺن جي غرض گهٽجي وئي ۽ اها بازار بند ٿي وئي.

## لغڙ

سنڌ ۾ لغڙ چاڙهڻ جو ڏاڍو شونق هوندو هو. اونهاري ۾ ٻنيرڪي جو ڪڏ تان لغڙ چاڙهبو هو ۽ لغڙائي يار دوستن کي کيڪاربو ۽ چئلينج ڏبو هو. سڄو آسمان رنگبرگي لغڙن سان پيو ٻهڪندو هو، ڄڻ تہ ڪن رنگبرنگي پکيئڙن جو ميلو متو پيو آهي. ٻڌرن ۽ ميدانن ۾ لغڙائي شيداين جون ٽوليون هڪ ٻئي جي دوبدو اچي ٿينديون هيون ۽ شرطون لڳنديون هيون تہ ڏاڍو رونشو ۽ سرگرمي مچي ويندي هئي.

لغڙ جي ڪاٽا ڪرڻ ۾ جيتوٽيڪ ڏور جي گسڪي، ٻَل ڏيڻ جي رمز، ڪاٽ ٻڌڻ ۽ ڍر ڏيڻ جي اُستادي بہ گهربي هئي، پر وڏ ڳالهہ هوندي هئي ڏور کي ماجهي لڳائڻ جي. ڪانچ جي چُوري ۾ لئي ۽ توتيو ملائي ڏور کي مهٽبو هو تہ سڪي وڃڻ بعد اُهو ڏاڍو اهڙو تکو ٿي ويندو هو جو ڇيهہ اچڻ تي چاکوءَ وانگر وڍي ڇڏيندو هو.

مانجهي ڏاهڻ ۽ لغڙن چاڙهڻ جو خفت مون ڏور يورپ جي سيني ملڪن ۾ ڏٺو ۽ خاص ڪري ٿائلنڊ ۽ مليشيا ۽ تہ لغڙ سؤ- سؤ رپئي جا الڳ الڳ ڊول ۽ شڪل جا هئا. سنڌ ۾ لغڙن جي قيمت هڪ آني کان پنج رپين تائين هوندي هئي، مهانگن لغڙن ۾ امبلخ آرسيون ۽ ريبنا ٻڌندا ها. هڪ دفعي منهنجي سس مون کي هڪ موچارو لغڙ موڪليو جنهن ۾ ڪاريگر وات، نڪ، اکيون، ٻانهون ۽ چنگهون ائين ٺاهيون هيون ڄڻ تہ ڪا پري اڏامڻ لاءِ تي تڙقي! پر جڏهن ڏور

ٻڌي ٻل ڏنو مانس تہ آڏامڻ کان نابري واري ويٺي. اول تہ اهڙي چڙ لڳي تہ چ ي ڦاڙي رکانس پر سس جي ڏنل کي ماڻا ڪرڻ مباح ها. آخر ليلڙائي سرچايومانس ۽ ان مهل هوا جو جهوٽو بہ لڳو جو ڦر ڦر ڪري چڙهي وئي ۽ آسمان ۾ ترڻ لڳي. اکين ۾ آئيني جي ٽڪرن جي چمڪ ۽ هوا ۾ اُن جي سَرَ سَرَ واقعي ڏيکاريو تہ ان ۾ جڻ ڪا جان اچي وئي هئي. سس جي ڏيءَ وانگر ڪيچ ۽ ماڻا ڪري مزو واهہ جو ڏنائين!

## رانديون

سنڌ ۾ انگريزي اسڪولن کان سواءِ ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال عوام ۾ چالو نہ هئي. رستن تي ڇوڪرا اِني ڏڪر، ونجهوتي، ڪوڏي ڪوڏي نانگيل ڦوسيل، ڇدي يا گهچيءَ رانديون پيا ڪندا ها. مان تہ اچيءَ ڇچ ڏاڙهيءَ وارن کي بہ اهي رانديون ڪندو ڏسندو هوس جو سادا سٻاجهڙا لوڪ نقلي ڏيکاوَ ۽ بمبازيءَ کان آجا ها. ڇوڪريون هڪ ٻئي جون ٻانهون جهلي اِسي موريءَ راند ڪنديون هيون يا بہ ڇوڪريون نوڙي هلائينديون ۽ ٽين تال تي ٽپندي هئي. اهڙيون رانديون ڪين چست رکنديون هيون. وڏيءَ عمر جون زالون نچڻ ٽپڻ جون اِهي رانديون نہ ڪنديون هيون ۽ جي ڪنديون هيون تہ سندن ڪير ٻريل لوٽن کي لڏندو ڏسڻ بہ هڪ رونشو هوندو هو.

وڏا ماڻهو چوپڙ ڪندا ها پر تاس جو رواج گهٽو هو. شطرنج جي دماغي راند ڪي ٿورا ڪندا ها. ٽڪاڻن، شوالن ۽ دڪانن تي بہ اهي رانديون پيا ڪندا ها. ڪو گراهڪ ايندو تہ اهو بہ راند ڏسڻ ۾ محو ٿي ويندو هو. اُن زماني ۾ زندگيءَ ۾ هڻ هڻ ۽ ايڏي ڪشمڪش نہ هوندي هئي.

اڄڪلهہ ڪرڪيٽ راند جو تہ جڻ سوداءُ لڳو آهي جو ڏسڻا وائسڻا ماڻهو بہ ڏاندا ڏاڙيون ڇڏي، ڪن تي ريڊيو رکي اسڪور ٿا ٻڌن. اهو جڻ فئشن ٿي پيو آهي پنهنجي ٽيم جو چاڙهو ڏسي ڦتاڪا ٻاري ڊسڪو ڊانس ٿا ڪن. هندستان ۾ ڪرڪيٽ راند جي شروعات انگريزن ڪئي، جيڪا درحقيقت اِني ڏڪر راند جو نقل آهي. فرق رڳو اهو آهي تہ اِني ڏڪر لاءِ لٺ ٽڪر هر هنڌ مهيا آهي ۽ بہ ڄڻا بہ ڪري سگهن ٿا پر سرمائيدارن جي ڪرڪيٽ لاءِ تہ جڏهن ٻاويهہ ڄڻا ڪٺا ٿين، مهانگا سامان ۽ ڪشادا پڌر هجن. ڪرڪيٽ جي واهيات پڻي کي جارج برنارڊشا ۽ ٻين ڪئين دانا مدبرن نديو آهي، پر ايامن کان فاتحن جي فضول ڳالهين جو نقل ڪرڻ ۾ غلام فخر ونندا آهن. ڀارت ۽ پاڪستان بہ ان دماغي غلاميءَ کان اڃا آجا نہ ٿيا آهن. جپان رشيا وغيره آزاد ملڪن ۾ ڪرڪيٽ کي

ڪو ڪنگهندو به ناهي.

## ملاکڙو

سنڌ ۾ ملهه لڙڻ جو ڏاڍو شونق ۽ رواج هو. هر هڪ جمعي تي عيدگاهه جي ميدان تي پهلوان اچي ڪٺا ٿيندا ها. درگاهن جي سالياني عرس تي، ميلن يا ڏڻن تي، ڪو بزرگ حج تان موٽيو هوندو يا ڪو شادمانو هوندو ته ملاکڙو مچندو هو. بعضي ڪي ٻاهران آيل پهلوان، مڪاني جوانن سان مقابلو ڪرڻ ايندا ها ته دهلاري سڄي شهر ۾ پڙهو گهمائيندا ها ته اڄ فلاڻي ميدان تي فلاڻا جنگي جوان لڙندا. درگاهن جا پير يا جاگيردار، جيڪي ملهن کي گهرائيندا ها، سي سنڌن تات به ڏاڍي ڪندا ها. سنڌن کاڌ خوراڪ لاءِ خاص مال مليدا ۽ مالش لاءِ تيل وغيره مهيا ڪندا رهندا ها. شڪارپور ۾ سنڌ واهه کان ٿورو پريرو ڪبڙي پير جي عرس تي ٿي ڏينهن وڏو ملاکڙو لڳندو هو جتي سڄيءَ سنڌ جا نامي گرامي ملهه ۽ سنڌن ٽولا اچي مقابلا ڪندا ها ۽ اتي آل سنڌ چئمپين چونڊبو هو.

ملاکڙو ٽيهريءَ جو شروع ٿيندو هو. ميدان ۾ دهل جو ٺاهوُ ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ به شهنايون، نر ۽ مادي پيون وڄنديون. ڏاڍي ناز سان ٻڌل پٽڪي وارو دهلاري ذرا ڪنڌ نمائي لڳاتار دهل جي ڏونڪي سان ماڻهن کي پيو سڏيندو. پوءِ ته خلق اچي ڪٺي ٿيندي. مسلمان وڏيرا ڪاري الپاڪي جو ڪوٽ، ٽان جو پٽڪو ۽ وڏن وڪڙن ۽ گهنجن واري شلوار پائي ايندا. سيٺيون پڳڙي پائي ۽ ڳچيءَ ۾ بوڇڻ وجهي ايندا. انهن ۽ صوبيدار صاحب لاءِ ڪرسيون هونديون. ڪي گهوڙي يا اُٺ تي سوار، خلق جي چڪر پوئتان اچي بيهندا يا ڪي ويجهن وڻن تي چڙهي ويندا. گول ۾ اڳيان ڏهه ٻارهن قطارون ويٺلن جون ۽ تن جي پٺيان بيٺلن جون هونديون هيون. "ملهه" معنيٰ "بهادر" تنهن ڪري هندو پنهنجي نالي پٺيان "مل" لڳائيندا آهن، جيئن ته جهامن مل، ڪيمن مل وغيره.

ملهه شروع ڪرڻ کان اڳ وڏيري جو عيوضي اعلان ڪندو ته ڪهڙيون جوڙيون لڙنديون ۽ ڪير انهن جو پلئه وٺندو. هر ڪا جوڙي به ملهون پاڻ ۾ لڙندي، اهو ان ڪري ته، جي پهلوان پهرين ملهه ۾ اتفاق سان ڪري پوي ته ٻيءَ ۾ پنهنجي فن جو چڱيءَ طرح مظاهرو ڪري سگهي. ڪٿيو انهيءَ جنهن پوئين ماري.

لڙڻ وارا ملهه ڏاڍيءَ لاڏڪوڏسان وچ ميدان ۾ ايندا. قداور ڪشاديون ڇاتيون، پٿر جهڙا ڏونرا ۽ رپ جهڙيون پنيون! انهن جا پيٽ ۽ پير اگهاڙا، سٿڻ جا ور مٿي ڪنجيل ۽ چيلهه تي اَجرڪ جا مضبوط سندرا ٻڌل هوندا هئن. جوانن

کي ڏسي خلق پنهنجي ٽيڪا ٽپڻي شروع ڪندي. ڪو چوندو: "اِهو اٿئي واڏل لوهار جي ڏسج تہ سيني جا واڇڻ وڇائي ڇڏيندو. لانن جهڙي کي هڪ ڪن ۾ گهمائي اهڙو تہ دسيائين جو پاسريون پڇي پيس ۽ ڪيترا ڏينهن پئي سيڪيائين." ٻيو چوندو: "هائو ادا هائو. هن گهٽڻ کي بان ڪرائي آهي. اها بہ الله جي ڏنل رتي آهي جا ڪنهن ورلي کي ٿو مولي ڏئي." ٽيون چوندو: "يار، هرويرو ڪو طاقت تي ڪونهي. پڇي پهلوان کي تہ ڏيل بہ ڪونهي پر هو ڪنهن کي بيهڻ ئي نٿو ڏي! بس آيو ناهي تہ دسيو رکيوآ! ويرم ئي نٿو وجهي! آهي اُستاديون ياد اٿس جو ڪنهن ماءُ ٻچي کي نہ هونديون."

هڪ هڪ ملهہ. هٿ ڳنڍڻ کان اڳ، ڀهريائين ڏرتيءَ تان آڱر ڦيري "پيران پير دستگير" يا "جئہ بجرنگ بلي" چئي، ٽي ڀيرا ڪنن اکين ۽ پيشانيءَ تي لڳائيندو. مطلب تہ مان غرور ۽ تڪبر کان توبہ ٿو ڪريان. پوءِ هڪڙو هٿ چيلهہ کان ڦيرائي، پنيان پيچيءَ جي ور کي پڪڙيندو ۽ ٻيو هٿ اڳيان ور ۾ قابو ڪري هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندا. ملهہ وقت ملهن جا ڪلها ڪلهن سان ۽ ڇاتيون ڇاتين سان مليل هونديون. هو پنهنجو زور ۽ اُستادي ڏيکارڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ رکندا ها جو سندن ملهہ جو نتيجو بروقت سڄي شهر ۾ واشگاف ٿي ويندو هو.

ملهہ جي داوَ پيچن جا بہ نمونا ٿيندا آهن. مثلاً: جي اڳلي جي هڪ ٽنگ کي پنهنجي ٽنگ سان وڪڙ وجهي پاڻ ڏي ڇڪي ۽ ڪيرائي تہ ان کي "انگوڙو" يا "اڙي" چئبو، مگر جي اوچتو زور سان پٺي ڪٺي انگوڙو وجهيس تہ ان کي "جانئو" چئبو. ۽ جي ٻنهي ڄنگهن کي اڙي ڇمايائينس تہ ان کي "ونگ" وجهڻ چئبو. "اڙي" سولائي سان نڪري نہ وڃي تنهن لاءِ انگڙي هٿندڙ، اڙيءَ کي محڪم ڪرڻ لاءِ، ورائي پير جي پٺ سان ٻيو بہ اڌ وڪڙ چاڙهي اڙي ڦٻائي جهليندس. پوءِ تہ اڳلو ڪيترو بہ ڇيڇاڙيندو تہ بہ اها اَڙي ڇٽي نہ ويندي. پر جي ڪو رتيءَ وارو ملهہ هوندو تہ پيچيءَ جا پير آڪوڙي زمين کان مٿي ڪندو تہ هن جو زور پرڻ بند ٿي ويندو. پير زمين کان مٿي ٿيندا تہ هرويرو پٺ سان دسجي تہ ويندو، جيتوڻيڪ اڪثر دسجي ويندو هو. پر ڪنهن وقت مٿي ڪنيل پيچيءَ مٿان ئي اهڙي اڙي هٿي ڇڪ ڪيندس جو هو ڪپهہ جي ٻوڙي وانگر ڦان ڪري وڃي زمين تي ڪرندو. مٿي ڪنيل کي اهڙو موقعو نہ ملي، تنهن ڪري ڪي اُستاد هن کي "گهمرائيون" ڪڍائي ڦيرائيندس ۽ پوءِ چيلهہ تي زور ڏيئي دسيندس.

اهڙي وقت تماشبين سندن حوصلي افزائي ڪندا رهندا: "واهہ پهلوان واهہ! مٿان چڙهيو اٿي....... اڙي هٿينس....... بل ڏيئي ٻڪ وجهنيس....... گهمرو ڏيئي دسينس......." اهڙين هدايتن جي گونجار پيئي پوندي.

جنهن وقت پيچي ڪرڻ تي هنجي تنهن وقت هن مان هٿ ڪڍي وٺيا ته اڳلو زور سان وڃي هيٺ ڦهڪو ڪندو ۽ ڪيس ايذاءُ رسندو. اهو ڪڏو ڪم سمجهيو ويندو هو ۽ ڪتيل رانديگر کي حاضرين آفرين بدلي ڦٽ لعنت جا آواز ڪندا ها. اها سنڌي تهذيب هئي ته زور آزمائي ڪجي پر ايذاءُ نه رسائجي. تنهن ڪري رانديگر پنهنجي زور ۽ رمز سان پيچيءَ کي دسيندو پر هڏ نه ڀڃندو. بمبئيءَ ۾ "فري اسٽائيل ريسلنگ" (چوٽ ملهه) ۾ هڪ ٻئي جا وار پٽڻ، ڏند ڀڃڻ، چڪن ۽ ننهن سان رتوڇاڻ ڪري ڪيپ ڪٽن ٿا ته تماشبين تاڙيون وڄائين ٿا. ڪهڙي نه ذليل منورتي!

جڏهن ڪو پهلوان هارائيندو ته سنڌس ٻيلي پلئه وٺڻ لاءِ ميدان ۾ ايندو. اهڙيءَ طرح ملهان لڙندا رهندا ۽ آخرين ڪٽڻ وارو چئمپين ليکبو. تڏهن به ڪٽندڙ سورمو، هارايل کي نيچي نظر سان نه ڏسندو، بلڪ چوچ سان هٿ ملائيندو ۽ حب سان ڀاڪر پائيندو. هندستان ۾ به ملهه جو وڏو مان ۽ رعب هو. راجائون، نواب ۽ رئيس، گوئين وانگر ملهن جي به سرپرستي ڪندا ها ۽ پاڻ به پهلوان هوندا ها. ٻڙودي جي مهاراجا ڪانديراءُ گائڪواڙ ته مشهور ملهن کي ديسو هو. الله آباد جو رئيسي اعظم پنڊت موتي لعل نهرو به ملهه لڙڻ ۾ هاڪارو هو جيتوڻيڪ سندس اڪيلدو پٽ جواهر لعل نهرو، هڪڙي اهنسڪ چوائيندڙ ڏبري مهاتما جي اثر هيٺ اهڙن آکاڙن کان ڏور رهندو هو، ڇو جو سندس گرو اهڙين ڪسرت شالائن کي نندينندو هو. موتي لعل نهرو 1899ع ۾ پنهنجي اُستاد غلام عليءَ کي يورپ وٺي ويو هو. ان وقت اتي ترڪيءَ جي قادر عليءَ، يورپ جي مشهور ملهن کي دسي نالو ڪڍيو هو. پنڊت موتي لعل به واهه جو مڙس هو ۽ مڇن کي وٽ ڏيئي گهمندو هو. هن پئرس ۾ غلام عليءَ کي قادر عليءَ سان دوبدو لڙايو ۽ ڪيس شڪست ڏياري هند جو نالو بلند ڪيو هو.

منهنجي سانير ۾ دنيا جي مهاراجا جي ملهه عزيز بخش جي ٻن پٽن، گاما ۽ امام بخش جا نالا چڙهيل ها. پولنڊ جي مشهور پهلوان زبسڪيءَ سڄيءَ دنيا جي ملهن کي چئلينج ڏنو جيڪو گاما قبول ڪيو ۽ ڪيس لنڊن ۾ شڪست ڏني ته دنيا ۾ اول نمبر ليکبو هو. اهڙا مقابلا هندستان ۾ به ٿيندا ها. پٽيالا جي مهاراجا سويڊن جي مشهور پيٽرسن کي گاما سان لڙڻ لاءِ گهرايو. اهو حرفتي پنهنجي بدن تي ويزلن جو ڪوٽو مکي آکاڙي ۾ آيو ته جيئن گاما جو زور نه پوي، پر گاما ڇا ڪيس جو آکاري جي مٽيءَ سان مليون پري هن کي هڪ منٽ اندر ذليل شڪست ڏنائين. اهو مقابلو ڏسڻ لاءِ پٽيالا ۾ لکين ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهو آيا ها ته به ڪو نحس واقعو نه ٿيو هو. پر شڪارپور ۾ هڪ ملاکڙي ۾ دنگو ٿيو هو. ڇا ٿيو جو هڪڙي ڏينهن غوغاءُ پئي، ٽن ڇئن پهلوانن کي ملهه دسي ته

ڦوند ۾ پرجي ڪڍيون هٽي واڪا ڪرڻ لڳو: "آهي ڪو واياٽيءَ جو ٻچو جو ميدان ۾ اچي!"

گهٽو ڪري ملھ يا ڪوڏي ڪوڏي راند ۾ هندو مسلم تعصب نہ هوندو هو پر گانديجيءَ جي هندو مسلم اتفاق جي آلتي اثر جو زمانو هو. ان ڪان اڳ تہ هندن جي پارٽيءَ ۾ مسلمان ۽ مسلمانن جي پارٽيءَ ۾ ڪسرت شالائن ۾ هندو بہ هوندا ها. ملھ ۾ هندوءَ جو پلئہ سندس مسلمان رفيق ۽ مسلمان جو هندو ٻيلي بہ ونندو هو پر غنٿوءَ تي ڪن مذهبي ملن جو اثر ٿيو هو جو هر گهڙيءَ هندن کي پٺي للڪاريائين. تهن اتي ويٺل پروفيسر پريا مورتيءَ پنهنجي شاگرد کي چيو: "لالا، اٿ وارو ڪر! غونٿوءَ جي اها ٽيگڙ تہ لاهينس!"

"سائين، اج نہ. اج پلو کائي پيٽ آڦر جي پيو آهي."

سائينءَ طعنو هنيس، "مرد ناهين، گاندو آهين."

لالو ميدان ۾ آيو. هٿ مهتي نعرو هنيائين، جئہ بجرنگ بلي" سٿر تي تري وجائي، ٻئي جوڙا هڪ ٻئي کي جنبي ويا. انگڙين جا داوَ پيچ شروع ٿيا. پهرين ملھ لالي جيتي. غونٿوءَ بدن تان مٽي اگهندي چيو، ٻچا ماءُ جا، پهرين ڪٽيئہ تہ چا ٿيو، ٻي ملھ منھنجي آ."

لالي ٿهڪ ڏيئي چيس: "يار، تون پهلوان بيشڪ آهين پر اج نہ ڪٽندين. اج منھنجو ستارو زور آهي." لالو ۽ پيا ڪي همراھ پٽيالا مان گاما پهلوان جي آکاڙي مان ملھ جو فن سکي آيا ها ۽ پروفيسر سگنا مورتيءَ سان گڏجي دهلي لاهور ۽ امرتسر جي چٽاڀيٽين ۾ سنڌ جو نالو وجائي آيا ها. خير، غونٿوءَ ڪان ٻي ملھ بہ لالي کٽي تہ سندس ڪي يار ڪيس ڪلهي تي چاڙهي وڏيري وٽ وٺي آيا. ملھ جي صدر خان بهادر، لالي جي پٺي ٺپري چيو، "لاشڪ تون شير مرد آهي." ائين چئي کيس انعام ڏيئي دشالو ڳچيءَ ۾ وڌائين. اهو غونٿوءَ جي هڪ ڪرڙي همراہ کان سٺو نہ ويو، تنهن چيلهہ مان خردم ڇوڙي لالي کي وجائي ڏنو. لالي جي منهن مان خون ڳڙڻ لڳو. چوطرف هنگامو مچي ويو. ڪئين جوان ڦٽيا. مون کي بہ هڪ ڦوڙاٽو لڳو. صوبيدار دنگو تہ بند ڪرايو پر ملھ ۾ لالي جو نالو پهريون نمبر ليکجڻ لڳو.

اهڙي طرح جو اهو پهريون ئي واقعو ٿيو نہ تہ هميشہ ڪٽيل ۽ هارايل جو ويچو ڪونہ ٿيندو هو. راند ڪان پوءِ هندو خواه مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي ڪنڌ ۾ ٻانهن ورائي هلندا. مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندا. پنهنجن هلايل حرفتن ۽ جاتنن تي بحث ڪندا. باقي هارجيت جي ڳالھ راند جي راند ۾ رهي. کٽندڙ مسلمان کي گلن جا هارپائي، ڪلهن تي چاڙهي بازار مان گهمائيندا ها تہ خود هارائيندڙ هندو بہ کيس ڪلهن تي چاڙهڻ وارن مان هوندا ها. جيڪڏهن ڪنهن

ٿاڙي. ڪٿي بازيگرن جي بازي ڏسي ٿئي دل راضي، ڪٿي ڏنڊن ڪونڊن جا گهرڙاٽ. ڪٿي ڪافيون ڪٿي راڳ. ڪٿي مرليون تہ ڪٿي چنگ. بين ۽ سرندو پيو وڄي تہ دل نہ رڄي، خلق جو انبوهہ دل لائي ٻڌي. ڪٿي ڪدڙن جي تاڙين ۽ ناچن تي خلق پيئي ڪلي. مطلب تہ جاڏي ڏس تاڏي گوڙ گهمسان. عقل حيران! گوڙ بگوڙ ۾ ڪنهن جي ڳنڊ ڪپي تہ ڪنهن جو هار ڪم! چوڏولن جا چينگهاٽ. هڪڙا پيا لهن تہ ٻيا پيا چڙهن! هار تہ هارن کي پر وڏا ٻيا ڏکه. ٻگڙين ۽ پٽڪن وارا بہ چوڏولن ۽ چيڪلن جا مزا پيا ماڻين! زالن ۾ ننڍيون نينيون تہ نهيو، پر پوڙهيون، رئي پڙي يا برقعي واريون بہ چوڏولن تي چڙهي پيون لڏن! اهڙين کي ڏسڻ ئي مزيدار رونشو هو. آدمي آدميءَ تي پيو ڪري ۽ مري.

ٻئي هنڌ مسخرن جو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو. ماڻهن جي ميڙ ۾ ٻن مسخرن کي، هڪ کي هٿ ۾ بنسري تہ ٻئي کي ڊيبڪي، ٻئي پيٽ اگهاڙا، ٻہ فوٽ ڊگهيون ٽوپيون مٿن ۾، ٻئي ڪارا جهڙا ڪوئلا، سٽڻ جا ور مٿي. هڪ پڇيو: "ابا ڇا ڪٽندين، واڻيا ڪين مسلمان؟." "استاد، مسلمان!". "ڏسو ڪير ٿو زور ٿئي!". "اڙي ادا مسلمانو! هيءُ آهي دين ۽ تاهريءَ جو جهيڙو. ٻيلي، ابي جي صدقي اهڙيون تہ زور سان تاڙيون وڄايو جو واڻين جي چيلهہ ڇپي ٿي پوي!" زور سان تاڙيون وڳيون. ٻئي مسخري چيو: "ابا! واڻين جي تاهري ڪائي، ڇٽ بہ اچي متا آهن، جو ڪيڏو نہ گهمسان مچايو اٿن! هاڻي ٻيلي ٻائي صاحب جو ڏيان ڏري اهڙي تاڙي وڄايو جو ڇٽن جو مٿو ڇٽ ٿئي!"

واڻيا ها ٿورا ۽ لچارا، تاڙيءَ جو نهڪو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ٿيو. هڪ مسخري چيو، "ڪيئن استاد، اجا ڪندين ضد؟" چي: "هائو، اجا هڪ مشاهدو ڪبو. هاڻي ڏاڙهيءَ وارا ڪٽندي ڪين ڪوست؟ "خلق ۾ چاپئين ۽ ٻچي ڏاڙهيءَ وارا ۽ صفا ڇٽ بہ ها. مطلب تہ ڏاڏي مزيداري ۽ ٽهڪڙو پيا مچائين.

ڇبن وارن جا هوڪا: "ٽڏي تاڏل! ٽونٽ جيڏو گلاس ٽڪي ۾! باقي اٿئي جاني هڪڙو گلاس! پي وٺ دلبر!" ڪنهن وٽ پڪوڙا، ڪنهن وٽ ٻانهن جيڏا تلها بيهہ، تن تي چلڪيدار چانديءَ جا ورق! "ڪائو چولا مزيدار! هڪ پئسي ۾ دونو پري وٺو! اچو اچو بخت وارا!" پڪوڙا جي ليبيون تيل جون بانسي، مکين جهنگيل، جيڪو کائي ٿئيس بيماري. تنهن کان تہ مفت ۾ تاڏل ۽ رنهن جي سيسا سٺي ۽ سوادي هوندي هئي. جنهن جي ڪا مراد پڳي هوندي سو تاهريءَ جي ديگ، ريوڙيون ۽ پتاشا ورهائيندو هو. هڪ پڳت، غريبن ۾ انگوڇا پئي ورهايا تہ چوڌاري ويڙهي ويس تہ "مانکي بہ ڏي، مانکي بہ ڏي!" اهڙا تہ اچي مٿون پيس جو هن جا ڪپڙا بہ ڦاڙي ڇٽ ڪيائون ۽ پنهنجو انگوڇو بہ لاهي کٽي ويس. هو ويچارو پيشاب واريءَ شئي کي هٿ سان ڍڪي اٿي ڀڳو. هيڏانهن سي

سلوار ۽ پوتي زريدار، وارن ۾ گل ڳاڙهيون ربينون، ڪنن ۾ وڏا ايرينگ، هڪ هٿ ڪن تي ۽ ٻئي ۾ ريشمي رومال، چپن تي مساڳ جي لالائي، اکين ۾ ڪاجل، سونهن ۽ جوانيءَ جي جلوي جي کهڙي ڳالهه ڪجي! ڳائڻ شروع ڪيائين:

چپ چپن سان چاهه سان، مون کي لڳائڻ ڏيو ڪٿي،
سينو سيني سان گسائڻ، گل بدن مون کي ڏيو ڪٿي!

اهو ٻڌي هڪ پير مرد جٽ ڪان رڙ نڪري ويئي: هاءِ هاءِ مٺا سائين! صبحان الله! اڙي تنهنجا اهي سنهڙا ڳاڙها چپ! سيني جا اهي لڏون ڪيئن تا لڏهن! واهه واهه! اڙي منهنجا دلبر سائين! مان توتان صدقي وڃان! توکي آ اسان عاشقن کي کهٺو. کهندي کهندي اهي مينديءَ رتا هٿڙا هن پوڙهي جي ڳلن تي من ڀي ٿي گهڙيون ترسن!"

بدن ٻڌو ٿئي ٿو پر من ٻڌو نٿو ٿئي. ان پوڙهي جي عاشقاڻيءَ گفتار تي سڀ حيران ٿي ويا، پر ملوڪان ناز نخري سان مشڪندي چيو: "رئيس، توهان ته اسان غريبن کي شرمسار ٿا ڪيو! توهان کي پوڙهو ڪير چوندو؟" وري سارنگيءَ تي هٿ هليو، طبلي جي تنوار ٿي، ڇير جي ڇمڪار ٿي، ملوڪان ان ڪراڙي تي ٺٺوليءَ نموني چپ چوريا:

ننڍڙا ماڻهو ناز وارا، ڇا تنهنجو هي ناز آ!
ڇا تنهنجو هي ناز آ، پر حسن جو پرواز آ!

جڏهن حسن جي هٻڪار سان راڳ، ناز نخرو ۽ ناچ اچي گڏ ٿين ٿا ته سياڻن بزرگن جا ميچالا ڀي کهرکهالا ٿي پون ٿا. واه ڀڳوان تنهنجي موهڻي مايا! ڪجهه سالن بعد ان ملوڪ ملوڪان کي ڏٺم ته گندن داغن سان اهڙي ڪني ڪوجهي ٿي لڳي جو ڪير ڪنگهيس ڀي نه پيو! اهي آهن وقت بادشاهه جا رنگ ڍنگ!

انهن راڳيندڙين ڪانسواءِ ميلي ۾ سدا سهاڳڻين جي بازار ڀي لڳندي هئي. ڪي پونگين ۾ ته ڪي ٿوهن ۾. پونگي ڀي ڪا سٽيءَ يا تڏن جي. ڪنهن جي اندر ڪنٽريل فراسي يا کٽولو. ڪاٿي واڻ جي کٽ. ڪاٿي فقط ڏيئو ته ڪاٿي لالٽين. ڪي ڪاريون ته ڪي سانوريون. ڪي ٿلهيون ته ڪي سنهيون. ڪي جوان ته ڪي ڇوڪريون. تيل سرما ڪري ويٺيون هيون. ڪا اٺ آنا پئي وٺي ته ڪا رپيو ته ڪا پنج. عجيب مڪسچر هو! جهڙو مال تهڙو ملهه! گراهڪن ۾ اڪثر ٻهراڙيءَ جا جٽ ڇاموٽ. ڇڙو ٻڌو ڪو واٽيو ٿي ڏٺو. ڪي دنگ جوان ته ڪي اچين

ڏاڙهين وارا ٻه ٽي ڏٺا. اهي ويچارا سڪايل اهڙن ميلن تي اچي تانگهه لاهيندا ها.

نوابيءَ ڪي تيل جو سير مٽي ۾ ۽ آنو منهن تي. ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ائين پئي چمڪي، جهڙو ڏامر جو رستو موٽر جي لائيٽ تي! بخشڻ اچي مٿان بيٺس. پير اگهاڙا، ڪارو رڌ، منهن نہ مهانڊو، چاريءَ جي اڳٺ ۾ ڪي پيسا ٻڌل، پٽڪو ٽڳڙيون. نوابيءَ کان پڇيائين، ”پلو ٽيئي ڪهٽو ولنديئنءَ؟“ چي: ”هڪ دفعي جو هڪ رپيو!“. ”رپئي جهڙو ڀوت اٿئي؟ چئين تہ چار آنا ڏيانءِ!“. ”نڪر ياڙيا! ڏاڙهيءَ ڪوڙيا، سڃو ماريو!“ بخشڻ ٻانهون لوڏيندو اڳتي وڌي ويو.

هڪ ڪتولي جي چئن پاون تي چار لٺيون ٻڌي، چئني پاسي پڙدا ٽنگي، مٿون ڪليل، انهن کي ٽوٺا چوندا ها. اهي ڪتولا قطارن ۾ رکيا هوندا ها ۽ هر هڪ تي هڪ مادي، سهٽي يا سادي، آمد جي آمادي! آتي بہ ڇتن جي ڀيهہ. هڪ اجا پڙدن مان نڪتو ناهي تہ ٻيو بيٺو ناهي! ويچارين کي ساهي پٽڻ جي فرصت ناهي. ڏنڊي جي سيزن اهائي! واءَ ڏي ڦيري تہ پڙدا مٽي، تہ ڳنديل جوڙو ٻڌرو ۽ واڻهڙن جو ٽهڪڙو! يا ڪي لفنگا شودا، ڳاريون ڪائيندا، پر پڙدو سوري لقاءُ ڏسندا!

ميلو پورو ٿيندو تہ هر هڪ جو لڳ لڳ ساٺو ٿيو پيو هوندو، پر وري بہ شڪر جو پاپي پيٽ تہ ڀريو. هي ويچاريون ڪير آهن جيڪي پنهنجي آبرو، عصمت ۽ حياءُ وڪڻي رهيون آهن! هيءَ عادت آهي ڪين لاچاري؟ ڪي آهن خانداني پيشيور رنڊيون، پر ٻيون آهن جن جي خصمن يا گهر جي مڙدن جي هڏن ۾ حرام پئجي ويو آهي. آهي ڪجر ۽ ڪوبلا ڪين ڪمائيءَ جو ذريعو ٻڌائي وينا آهن تہ جيئن ڪين نشي پتي لاءِ پيسا ملندا رهن. اهي بي غيرت پنهنجين نياڻين کان بہ هيءُ ڪسب ڪرائي رهيا آهن. هو ويچاريون ڇا ڪن! ڪهڙيءَ پر وڃن! لاچاريءَ ۽ بک ۾ اوگهڙ يا حياءُ ياد نہ رهندو آهي. هو ڇل ڪنديون، ٽال ۽ نخرا ڪنديون ۽ هر طرح چار پئسا وڌيڪ ڪمائڻ لاءِ جتن ڪنديون. منڍ ۾ انهيءَ مهاڄار مان نڪرڻ لاءِ تڙڦنديون پر پوءِ ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، نراس ۽ نرڄيون ٿي ان پاپ ۾ پيون غوطا ڪائينديون.

”اڙي يار! اهي تنهنجا پتا مدي خارج خيال آهن. ڇا جي عصمت، ڇا جي ذلت! ڇا جو پاپ ڇا جو پڃ! جنهن ڪم سان سيني کي سک ۽ خوشي ملي، سو آهي پڃ ۽ ثواب ۽ جنهن سان تڪليف ۽ ايذاءُ رسي سو آهي پاپ ۽ گناهہ. اِهي زالون ڪن غريبن جي گهرن ۾ ڪشتن ۾ پيڙجن تہ ٿيون پاڪدامن ۽ جي ٻين کي موج مزو ونائي سک ڏين تہ ٿيون گنهگار! انسانن کي بدن جي ڪنهن عضوي سان ڪم ڪرڻو پوي ٿو. هنن کي بہ خدا جيڪا خاص نعمت بخشي آهي تنهن کي ڪم آڻي، پاڻ کي ۽ مائٽن جي پرورش ڪن ٿيون سو تہ ثواب ڪن ٿيون. ان نعمت کي هڪ مڙد لاءِ محدود رکي ٻين گهرجائو ماڻهن کي محروم رکڻ تہ سراسر

مونوپلي جو گناهه آهي. سوشلسٽڪ سرشتي ۾ جيئن مال ملڪيت تي ڪنهن هڪ جو حق رهڻ بي قانوني آهي، تيئن وقت اچڻ تي اُن ڏن هيئان ڊبليءَ ۾ لطف جي خزاني کي به پبلڪ پراپرٽي ڪندا. يار، انهن نون ڪارل مارڪسن جا ويڙهو رنگ ڏسج!"

## لعل شهباز جو ميلو

سڀ کان وڏو ميلو ٿيندو هو سيوهڻ ۾ قلندر لعل شهباز جو. ان ۾ ڪي خاص ڳالهيون ٿينديون هيون، جيڪي ٻين ميلن ۾ نه ٿينديون هيون. ملڪ ملڪ جو، هر جنس جو، اڪيچار عالم اچي ڪٺو ٿيندو هو. راڳي، بيراڳي، جوڳي، ڪن مرنين سان دل موڳي، فقير فڪريلا، گرو ۽ چيلا، ڪي مست ۽ ملنگ، ڪي اڙاڏنگ اڙٻنگ، ذري ذري تي "مست قلندر" جا نعرا پيا هڻندا ها. خاص ڪري صبح جو ڇهين ڪان ڏهين وڳي تائين ميلي جو زور هوندو هو جو ان وقت ڌمال خوب لڳندي هئي. قلندري فقير وجد ۾ اچي پنهنجي مرشد جو نالو اهڙيءَ ته سڪ سوز ۽ جوش سان وٺندا ها جو سندن جسم جي هڪ هڪ تند پئي ڪانڊاربي هئي.

ڪٿي ڪافين جي ڌمال جو وجد، نوبتن ۽ ٻيرين جي ڌان ڌان ۽ واڄٽ، ڪٿي دف دقوڙا دهل دماما، ڪٿي ڏڪڙ دلا تال ترانا، ڪٿي چوپڙ ڪٿي تاس. ٻنگ پيئندي به "مست قلندر" جي صدائن جا آواز پيا پڪارين. هيڏانهن چرسي ڪيي نه مرسين، جي مرسين ته به ڪڏ پرسين! جڏهن چرش جي حقي مان فقيرن جون ٽوليون دم هڻديون هيون ته نشيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي مغز ۾ اهو دونهون داخل ٿيندو ته ايندس ڦيري ته پوندو پٽ تي ڍيري.

هن درگاهه ۾ ميندي۽ جي رسم به ٿي ڏينهن نرالي ٿيندي هئي. هڪڙي وڏي ٿالهه ۾ گڏيل ميندي وجهندا ها، جنهن جي مٿان اطلس ۽ زريءَ جو پوش هوندو هو ۽ چوطرف طوائفن جو راڳ پيو ٿيندو هو. ان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي سيني کي تات، اهڙي گپا گيهه جو ڪيا بات! نازنين حسين ڪيريون سوڙه سنگهوڙ ۾، پوش پوش ۾، ٽولين ۾ ايندون. گهوَسم گهوَسا، ڌڪم ڌڪا، لٿم لٿا. ماڻهن جو اهڙو مارو جو وٽ نه وارو. ناچ تماشا راڳ سرود، گوڙ گنجر ۾ ڪجهه ٻڌڻ ۾ ئي نه اچي! ميندي۽ جي سرگس بازار جي سوڙهي رستي تان نڪرندي ته ماڻهو زالون ۽ ٻار هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پيا ٿيندا ها. آخرڪار شام جو ميندي وڃي درگاهه ۾ رکندا ها. ميندي۽ جا سهرا ٻڌڻ ۽ سڳن ساٺ ڏسڻ به هڪ خاص چيز هوندي هئي.

**واپسي :** ڪنهن جي ڳنڍ ڪپي تہ ڪنهن جو گهوڙو گم، ڪنهن جو پٽڪو لونگي چٽ تہ ڪنهن جو اٽ عدم! ڪنهن کي جوئا جي هار تہ ڪنهن کي شرط جي مار. ڪنهن جي هڙ هلاڪ! تن ڏينهن ڪان پوءِ وري واپسيءَ تي گوڙ بگوڙ. نيٺ جيڪي وڙهي سڙهي پادر ڪائي وڃي ريل ۾ چڙهيا سي هڪبئي مٿون وڃي ڦڙهيا، ڇڻ ٻڪرين جا ڌڻ. نيٺ هر ڪو وڃي خير سان گهر پهچندو.

## درياهہ جو سير

رگ ويد ۾ سنڌو درياهہ کي ندين جو گجگوڙ ڪندڙ مهندار چيو ويو آهي، جيڪو پنهنجي لشڪر سان ڌوڪيندو اچي ٿو ۽ قحط زدن جي مدد ۾ بک جي راڪاس کي ماري چوطرف سرسبز آبادي ۽ برڪت آڻي ٿو. ٻيڙيءَ جي سير، ان منتر جي ساکيات سچائي ثابت ڪئي، ان لاءِ ان جو ذڪر هتي ڪيان ٿو. سکر ۾ منهنجون ٻہ آفيسون، پني ۽ ڪانچ جون هونديون هيون. انهن جي جاچ پڙتال لاءِ ويندو هوس تہ ان سير جو موقعو ملندو هو. هڪ ڏينهن اڳ ۾ ئي ٻيڙي ٻولي ڇڏبي هئي ۽ ٻئي ڏينهن ڪاڏي پيتي ۽ وندر جو سامان ڪٺي درياهہ جي ڪپ تي پهچبو تہ ٻيڙي ٻہ مکي ڇکي ٿاٽ ٿيو بيٺي هوندي. اسان ٻہ آسرو ڏروءَ جو ڇئي ويناسين. مير بحرن پڳهہ ڇوڙيو، ڳن چوريو، سکان موڙيو، تان جو ٻيڙي ترندي ترندي اچي سير تي چڙهي. سير لنگهڻ سورمن جو ڪم آهي. اهوئي درياهہ جو تکر آهي ”جتي دهشت ڌَم درياهہ جي ۽ ڪڙڪا ڪَنَ ڪرن.“ لهرين جا لوڏا ۽ هوا جا ڦيرا اهڙو تہ ولي ٻيڙيءَ کي ڪٽن جو ڪنهن وقت آسمان جو سير پيا ڪريون تہ ڪنهن وقت پاتال جو! اسان جي دل ٻئي ڏڪ ڏڪ ڪري پر مير بحر تہ انهن لوڏن ۽ ڏوڏن تي هريل، تن مان هڪڙي ڪلام چوڻ شروع ڪيو:

سيويو جن صبحان، وير نہ وڙهي اُن سين،
توبهہ جي تاثير سان، ٽري ويا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو، آر لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهروَ.

جيڪو پر ماتما جي شرڻ ولي ٿو تنهن کي سنسار جون لاهيون چاڙهيون ۽ طوفان ڏولائمان نٿا ڪن. جيڪو رب جي رضا ۾ راضي رهي ٿو تنهن کي ڪامل ستگرو ملي ٿو، جيڪو کيس سنسار ساگر مان پار لنگهائي ٿو.

مهاڻن مڙسي ڪري زور سان ڳن هلائي، سير اُڪاري، هن پار اُتي پهچايو جتي پلن جي مڏيءَ ۾ سانين جو ڏنڊو زور هو. مقاطعيدار جون ٻئي مچون هوا ۾ مٿي پيون ڦڙ ڦڙ ڪن. پلا سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ مٺي پاڻيءَ جي لذت ۾ درياه ۾ اوپياري هلڻ جي عادت اٿن. ڪاري ۽ مٺي پاڻيءَ جي ميلاپ ڪري، پلن ۾ هڪ ڪنمنڙو نرالو سواد ٿيندو آهي. پلن کي اُتيئي ڦاسايائون ٿي ۽ اُتيئي خريدارن سان سودا پئي ڪيائون. پلن جي شڪار جو طريقو بہ عجيب هو. هڪ وڏي ڄار کي، جنهن کي رڄ ٿي چيائون، ان کي هڪ پاسي ڪان تنبيون ۽ ٻئي ڪان لوهہ جون ڪڙيون ٻڌل هيون. رڄ کي اٺ ڏهہ جوان پاڻيءَ ۾ اُڇلائيندا ويا. تان جو مٿون رڳو ڪدن جي قطار پئي تري ۽ رڄ جي هيٺين پاسي جون لوهہ جون ڪڙيون رڄ کي درياه جي تر تائين ڇڪي بيٺيون. اهڙي طرح اُهو رڄ پاڻيءَ ۾ هڪ پٽ ٻڌجي بيٺو. پوءِ مهاڻن بانس جي نڙين سان پاڻيءَ ۾ ولولو مچايو تہ پلا پو ۾ پرجي ڏوهہ سان اُتي پڳا ۽ نڪاءُ وجي رڄ ۾ ڦاٿا. جيئن ڦٿڪيا تيئن وڏيڪ سوگها قابو ٿيندا ويا.

مهاڻن رڄ پاڻيءَ مان ڪڍيو تہ ڏٺوسين تہ تري وارين ڳوٺرين ۾ پلا وٺيا سٺا پيا ها ۽ اهڙا پئي چلڪيا جهڙو ابرق. چڻ تہ سندن چمڙي شيشي جي ٽڪرن سان جڙيل هئي. ڪي اَنيارا تہ ڪي ڪيرا، ڪي ڊڊيون تہ ڪي اڌ آنيون ۽ مڇين ۾ بہ ڪي ڏنبرا تہ ڪي ڇرڪا، مطلب تہ طرحين طرحين جا پلا ۽ مڇيون اُتي ڍڳ ڪيائون. اسان مان گهڻا ماس آهاري ها جن پلا وٺي ٻيڙيءَ ۾ ئي چلهہ تي پچايا ڪاڏا. تازن پلن ۾ اهڙو ڪو سواد هو جو پيٽ پرائو ڪري ڏٺي ڪاڏائون ۽ پئي واهہ واهہ ڪيائون تہ واهہ درياهہ لعل تنهنجو مٺو ميوو! باقي اسان ويشنو، تريل مڇيءَ جي بدبوءَ ڪري نڪ تي رومال ڏيئي وڃي ڪنڊ ۾ ويٺاسين.

پلي کي تئي تي پچندو ۽ گوشت خورن جي پيٽ ۾ داخل ٿيندو ڏسي مون کي سندس شامت لاءِ بہ عيب سمجهہ ۾ آيا. هڪ تہ ڪاري پاڻيءَ جي جنم ڀوميءَ کي ڇڏي، مٺي پاڻيءَ جي سواد ۾ پرڏيهہ ۾ آيو تہ ڦاٿو. ٻيو سبب اهو تہ پاڻيءَ جي وهڪري خلاف اوپارو هليو. ڇپ جو سواد سپنني ساهوارن جي ڦاسڻ ۽ بيماريءَ جو سبب ٿيندو آهي. ٻيو تہ مالڪ جيئن هلائي تيئن شڪر ڪري، ان جي پاڻي ۾ پنو رهي، جيئن هلائي تيئن هلندو رهجي. سڀ ان جي مرضيءَ موجب ٿي رهيو آهي. اسان بہ ان جي لهيل وهڪ ۾ وهندا رهنداسين تہ ڇا جي هلاڪت ۽ پريشاني ٿيندي. جيئن بہ، جتي بہ اِن جو وهڪرو وٺي هلي. سڀ ۾ شڪر ۽ واهہ واهہ! پر جيڪڏهن پلي وانگر ان جي وهڪري خلاف هلنداسين تہ ساڳي پڄاڻي ٿيندي.

ٻيڙي درياهہ جي سطح تي بنا لهر لوڏي پئي هلي ۽ پيٽ ۾ پلن جي تراوت ۾

يارن جي دل آيرڪو ڪاڏو ته راڳ شروع ڪيائون. درياهه جي درٻار ۾ راڳ اهڙو رنگ ڄمايو جو ميربحر به واه واه ٿي ڪئي. تڏهن اسان به ڪيس ڪافي ٻڌائڻ جي منٿ ڪئي. هن چيو: "ٻيلي، مان ڇا ڳائيندس! توهان ڳاتو، اسانکي مزو آيو. هرويرو چئو ٿا ته منهنجي نينگري نازان ڳائي ٻڌائيندو." نازان ونجهه هلائي رهي هئي. هن جي نزاڪت هئي سندس نماڻائيءَ ۾. "مهاڻيءَ جي من ۾ گيرب نه گاءُ." شڪل جي سانوري تڏهن به سلوڻي، موهيندڙ وڏيون اکيون!. ونجهه ڇڏي وچي پاچل تي ويٺي. اکيون هيٺ، ڳائڻ شروع ڪيائين. ڇوريءَ جو سر ڪو سرُ هو! اصل ماڪيءَ جي لار پئي وهي! سيني تي ڄڻ جادوءَ جو اثر ٿي ويو. ونجهه بيهجي ويا، ٻيڙي ڊري ٿي وئي ۽ هن جو مٺڙو سنهڙو آواز سنڌوءَ جي سطح تي امبرت وراڪا ڪرڻ لڳو:

ڪاري رات ڪچو ڪهڙو، اُٺنيهه اونداهي،
چنڊ نالو ناهه ڪو، درياهه دڙ لائي،
ايءَ ڪم الاهي، نات ڪُنَ ۾ ڪير ڪهڙي!

ڏوهيڙو پورو ڪري، ڪافي شروع ڪيائين:

مونکي ڪانه جهلي، سڀ ڪا پاڻ پلي،
آئون وڏڙي، نبينهن اَڇلي.

سهڻيءَ جي ان درد ڀريءَ پڪار، اسان سيني جون دليون ڦيهي ڇڏيون. آلاپ بند ٿي ويو پر ڪنهن ٻڙڪ نه ٻولي. سوز سبب سڀ سانت هئا، پر انهيءَ سوز ۽ درد ۾ ڪيڏو نه اونهون آنند هو! سچ درد ۾ جيڪو مٺاس آهي سو ڪل خوشيءَ ۾ ڪٿي!

اوچتو ملاح ولي رڙ ڪئي: "ٻيلي اولهه ٿو اٿي. خدا ڪو خير ڪري!" سيني ڪان ڇڪري نڪري ويو. سچ پچ اولهه ڪان تيز طوفان اچي رهيو هو. مانجهي مڙسن جا منهن به لهي ويا. ونجهن جا وارا وجائي ڏنائون، پر ڇوهه اچي ڪڙڪيو ته ڇوڏاري مانڊاڻ مچي ويو. ڇولين جي ڇوهه سبب ٻيڙي ته جنسي پينگهه پئي لڏي، ڄڻ ته اجهو ٿي اونڌي ٿئي. دليون دهشت ۾ ڌڙڪڻ لڳيون.

مهاڻا ته آهن جل جا جانور تن کي ڪهڙو ڀؤ ڀولو! اسان جا ته هينئڙا هيائجي ويا. آخر اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ واچوڙو لنگهي ويو ته سيني ڏٿيءَ جو شڪر مڃيو. مطلب ته جيئن درياهه سائينءَ جي مانيٽين لهرن جا مزا ورتاسين تيئن ڇتين

ڇولين جا لوڏا به سٺاسين. ساڳيءَ شيءِ ۾ راحت به آهي ته آفت به آهي.

*

دل کي دم دم راحت بخشي، سنڌڙي تنهنجو ساءُ.
ماءُ! ڪيئَن ڀلجون توکي؟
امرت تنهنجي سنڌوءَ جو جل، سرهو تنهنجو واءُ... ماءُ
تنهنجي رڳ رڳ ۾ ممتا مئَه، تنهنجو سرس ڇهاءُ... ماءُ
توکان آهيون دور تڏهن ڀي، سٺو سنڌ ۾ پرلاءُ .... ماءُ
(ڊولڻ راهي




(محفل ۾ ناچ ۽ ڳائڻ جا تماشا)

# پاڱو انون - ڪي خرابيون

## زالن جي ذلت، بي ميل شاديون، ڇوڪري بازي

*

### زالن جي ذلت

ڪهڙي نہ ارمان جي ڳالهہ آهي تہ جنهن زال ذات رشين منين، اوتارن ۽ اوليائن، پيرن ۽ پيغمبرن کي جنم ڏنو آهي، تنهن جي پيدائش تي سنڌ ۾ سوڳ ملهايو ويندو هو. ڪنهن زماني ۾ راجپوتن وانگر سنڌي مسلم خاندانن ۾ بہ نئين ڄاول نياڻيءَ جي نڙيءَ تي نـنهن ڏيئي ماري ڇڏيندا ها. ڇو جو ڪنهن کي پنهنجي ڌيءَ ڏيڻ ۾ گهٽتائي محسوس ڪندا ها. منهنجي سانڀر ۾ گهات نہ ڪندا ها پر گهر ۾ مايوسي ڇانئجي ويندي هئي. سيني سنڌريل ملڪن ۾ جن کي مردن جهڙا حق ۽ وجهہ مليل آهن تن ڀينرن جي سنڌ ۾ ايڏي خواري هئي ۽ خاص ڪري مسلمانن ۾. ڍورن مثل هڪليون، چورايون ۽ ڪنهن بہ ڪلي (مرد) سان ٻڌيون ويندڙيون هيون. زالن کان سواءِ هيءَ دنيا نہ رڳو رڄ ۽ سڄ مثل ٿي پئي پر وجود ئي نہ رهيس. هڪ انگريز فلاسافر Chaucer لکيو آهي Woman is man's joy and all his bless. جيڪي زالون مردن لاءِ وڏي ۾ وڏو سک ۽ روح جي راحت آهن، تن جي سنڌ ۾ اهڙي ذلت! سنڌ تي ڪارنهن جو داغ هو.

مان جنهن ننڍپڻ جي زماني جو ذڪر ڪيانئو انوقت ڇوڪرين کي تعليم نہ ڏني ويندي هئي ۽ ڪين ننڍي هوندي ئي گهر جي ڪمن ۾ لڳايو ويندو هو. جيئن تہ ننڍن ٻارن کي پرچائڻ، صفائي ڪرڻ، ڀاڄيون وڍڻ وغيره. جيڪڏهن گهٽيءَ ۾ ٻين ٻارن کي راند ڪندو ڏسي پاڻ بہ راند ڪندي تہ ماٽس پٽس ڇڙٻون ڏيندا ها. اهڙيءَ طرح هن جي ڪچي ذهن ۾ هڪ ڪمتريءَ جو احساس Inferiority

Complex پيدا ڪري هڪ تازو توانو دماغ قربان ڪيو ويندو هو.

مثلن مريم جي چاهنا آهي تہ مان بہ پنهنجي ڀاءُ ۽ سرتين وانگر پڙهان، پر پڻس آهي ڳوٺ جو زميندار. هن جي غيرت! اهو برداشت ڪري نٿي سگهي تہ سندس نياڻي عام ٻارن سان گڏ اسڪول ۾ ويهي پڙهي. مريم کي جڏهن جواب ڏنائين: "ڇوري، زبان بند ڪر تہ آلا ڀادر نہ هڻانءِ! ڏيءَ ڏڻ جي هٿ ۾ قلم ڏيئي مون کي پنهنجي قيامت ڪاري ڪرڻي آهي ڇا! اسان وٽ خدا جو ڏنو ڇا نہ آهي جو هاڻي توکي پڙهائي نوڪري ڪرائيندا سين!" ڏيئس روئيندي روئيندي چپ ٿي وئي.

مريم ساماڻي تہ پڻس سندس شادي پنهنجي دوست جي ڊاڪٽر پٽ سان ڪرائي. ڏاجي ۾ گهڻوئي ناڻو ۽ مال ملڪيت ڏنائين. مريم بہ خوشيءَ جا خمار کڻي اباڻا ڪک ڇڏي شهر وڃي رهي. هڪ ٻن ورهين بعد موءَ پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ موٽي آئي. اڪيلي ويڳاڻي، ڳٽن تي لالاڻ بدلي هڏاڻ ۾ ڪڏون، وڪريل وار، جوانيءَ ۾ ٺي پيري. اهو ڏسي ماءُ پيءُ ڏڪي ويا. پڇڻ تي ٻڌايائين: "هو چوي ٿو تہ مان پڙهيل ڳڙهيل ڊاڪٽر ۽ تون صفا جاهل بنهہ ڄٽي. مونکي تہ زماني سان اُٿڻو ويهڻو آهي. تنهنجي پيءُ جي دولت يا زمينون مون سان پارٽين ۾ وڃي نہ ٿيون سگهن." نيٺ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو ۽ گهر ۾ مون کي ڪوئي پڇي بہ نٿو ۽ منهنجو ٻانهيءَ جيترو بہ مان ناهي. اهڙي جيئڻ کان مئو ڀلو آهي."

پڻس کي لڳو تہ هو پنهنجي پڳ بچائيندي نور وڃائي ويٺو آهي. مسلمانن ۾ ننڍي هوندي ئي ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪنهن مائٽ سان منسوب (رزرو) ڪري ان جي تقدير جو فيصلو ڪري ڇڏيندا ها. پوءِ چاهي ان مائٽ جي عمر ڇوڪريءَ جي پيءُ کان بہ وڏي ڇو نہ هجي. اجا ڇوڪري ١٣-١٤ سالن جي مس ٿيندي تہ شادي ڪرائي ڇڏيندا ها. هن جي پسندي يا ناپسنديءَ جو سوال ئي نہ هوندو هو. ڪن حالتن ۾ جيئَن جانورن يا ڪن بيجان شين جي ادلا بدلي ڪبي آهي تيئَن ڪين ڌيئَي جي سپرد ڪري بدلي ۾ ٻيو ڪجهہ وٺي ايندا ها. مسلمانن ۾ اهو بہ رواج هو تہ جهيڙي جهٽي يا قتل جهڙن ڏوهن ۾ ناڻو يا عورت معاوضي طور ڏيندا ها يا جي انهن بلائن کان بچيل هوندي تہ پهاڄن جي پر پنڇي پلال ۾ پئي ڦٿڪندي. مطلب تہ ڄائي کان قبر تائين سک يا آزادي نصيب نہ ٿيندي هئي. حالتون اهڙيون هيون جو ڪابہ هندو خواہ مسلم عورت مرد جي پناهہ کان سواءِ رهي نہ سگهندي هئي.

هندو ۽ مسلم ڇوڪرين جي زبان تي مهر لڳل هئي ۽ سندن نڙين تي لت ڏنل هئي تہ متان ظلمن خلاف ڪا دانهن ڪوڪ ڪن. ڪن شرم حياءُ ۽ مريادا

جي جڙتو زنجيرن ۾ ٻڌي، غلاميءَ جي زندگي بسر ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو. شاعر، عورت جي حسن، محبت ۽ فراق جا شعر لکندا ها پر سندن عملي هلت زالن ڏانهن نهايت بي عزتيءَ، بي مروتيءَ ۽ ڏورن جهڙي هوندي هئي. ڪٽر مذهبي ملان يا پير تہ عورت کي خوبصورت شيطاني بلا جو درجو ڏيندا ها. مڙس کي جڏهن مرضي پوي تڏهن زال کي طلاق ڏيئي ائين ڇڏي ڏيندو هو جيئن چوسيل ڪمند کي اڇلي ڇڏبو آهي، پر زال ائين ڪري نہ سگهندي هئي. جي پاڻ ڇڏائي بہ تہ هڪ جونيءَ سيڪنڊ هئنڊ زال کي ٻچڙن سوڌو ڪير پاليندو!

اها ڳالهہ هڪ سچيءَ حقيقت سان ڇٽي ٿو ڪيان. خليل کي ٽي زالون هيون، جن مان زينت جو گلشن جي مڙس فيض محمد سان نينهن جو ناتو هو. هوءَ هڪ ڏينهن خليل جي ڏاڍين ۽ پهاڄن جي پيڙا کان مجبور ٿي، فيضوءَ سان ڀڄي ويئي. هينئَر خليل کي غيرت جي تقاضا ٿي تہ هوَ ٻنهي جو قتل ڪري. معاملو سردار وٽ پيش ٿيو تہ هن خون خرابي روڪڻ لاءِ ۽ فيض محمد جي ٻچڙواليءَ جي لحاظ کان، فيضوَ معاوضي طور خليل کي پسنديءَ موجب ڪا زال ڏي. اهو خيال نہ ڪيائين تہ ويچاريءَ زينت کي ڪهڙين شامت زده لاچاري حالتن سبب مڙس کي ڇڏڻو پيو هو يا خليل کي وڏيڪ زال جو ڪپ آهي يا نہ. خير پاڪدامن گلشن پنهنجي گهوٽ جي جان بچائڻ لاءِ پاڻ کي يا پنجين سالن جي ڌيءَ آڇيائين پر قبول نہ پيون.

ويجهڙائي ۾ پوڙ ۾ خليل جا ڏور ڏڳا لڙهي ويا ها ۽ کيس هڪ جوڙي ڏاندن جي سخت ضرورت هئي. وڏيري جي پٽ کي گلشن جي نڌيءَ ڀيڻ جنت پسند هئي جيڪا تازو بيواهہ ٿي هئي. هو ان لاءِ خليل کي ڏڳا ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. گلشن پنهنجيءَ ڀيڻ کي وچي ليلڙايو ۽ جنت کي بہ وڏيري جي گهر ۾ عيش ۽ آرام ملڻ جي اميدي هئي ۽ ڀيڻ کي بہ بربراديءَ کان بچايائين. آخر ڪار گلشن پنهنجي ڀيڻ کي وٺي خليل سان ملي جتي نندو وڏيرو ۽ سندس ڪاردار بہ آيا ۽ ٻن ڏاندن ۾ جنت ۽ زينت جو سودو طئہ ٿيو. جنت وڏيري جي حرم ۾ داخل ٿي، خليل کي ڏڳا مليا، فيضوءَ کي محبوبا ملي ۽ گلشن کي گهوٽ جي جان ۽ ٻچڙن جو پيءُ مليو.

اُتي اميرن ۽ نواب جي حرم ۾ مسلم قوم جون چونڊ حسينائون قابو رهنديون هيون جو تہ هوَ پنهنجي ناٽي ۽ حيثيت جي زور تي اُهي حاصل ڪري سگهندا ها. اهي عياش سردار ۽ وڏيرا عورتن کي صرف پنهنجي جنسياتي تسڪين مزي ماڻڻ لاءِ رکندا ها. جڏهن سندن دل ڍاپجي ويندي يا ڪا نئين چيز ملندن تہ اڳليءَ جو ڪوڏيءَ ملهہ بہ نہ ڪندا هئا. ان بيدرديءَ جي هلت ۽ زالن جي ذلت لاءِ سندن مرشد ۽ مدبر بہ تلاهي ها. شيخ سعدي شيرازيءَ کي هڪ بلنديءَ جو شاعر

۽ تهذيبي رهنما لکيندا آهن. هوَ فرمائي ٿو تہ هر سال نئين زال سان عشق ڪريو ۽ اڳليءَ کي رد ڪريو!

زن نوکن، اي دوست! در هر بهار،
کہ تقويم پارينہ نابد بکار.

اي دوست! هر بهار ۾ نئين زال وٺ! پراڻيءَ جنتري تہ بيڪار ٿيندي آهي.

هوند سوند وار مسلمان اڪثر ان صلاح تي عمل ڪندا ها. بعضي بعضي ائين بہ ٿيندو هو تہ ڪنهن ڇوڪريءَ يا زال تي ڪنهن پير يا وڏيري جي نگاهہ پئجي ويندي هئي تہ هوءَ پاڻ کي وڏ ڀاڳڻ سمجهندي هئي. مثلن هڪ ڪراڙو ڪڙمي ٽن سون رپين ۾ هڪ وينگس ڳنهي آيو. ڇوڪري ٺاهوڪي ۽ حرفتي هئي جو پنهنجن نخرن ۽ مٺيءَ نگاهن سان وڏيري کي پاڻ تي ريجهاياين. هن پنج سوءُ ڏيئي ڪيس هاريءَ کان طلاق ڏياري پنهنجي حرم ۾ داخل ڪيو. ڏيءَ سان پٽس ملڻ آيو تہ چيائينس: "پٽ، تو هي چڱو ڪم نہ ڪيو." - "مون کي سڪي ڏسي توهان کي ڏک ٿو ٿئي ڇا؟"

"پنهنجي حقي مڙس جي گهر ۾ توکي ڪهڙي تڪليف هئي؟"

"صبح کان سانجهيءَ تائين مون کي ڍورن کان بدتر ڳهٽو پوندو هو. جانورن جا ڇيٽا ۽ لڏ ميڙيان، ڇيٽا ٿقيان، ڪير ڏهان، گيهہ ناهيان، ٻنيءَ تي پورهيو ڪيان ۽ پاٽي پريا اچان. مٿي ڀاڄ جي ڀونگڙن ڪي تاتيان. رات جو وٿاڻ ويجهو بدبوءَ ۽ مڇرن ۽ هن موئي جا چڪ ۽ چوسڻ! حياتي ٺي وهہ تي پئي."

"پر پنهنجي لائنئن لڏي خاوند سان تو ناحق ۽ گناهہ ڪيو."

"گناهہ تہ توهان ڪيو جو مون کي هڪ دوزخ ۾ اڇليو هووَ! هن موئي سان ڪڙو ظلم ٿيو! ٽن سون ۾ جيڪا شيءِ ڳڌائين، اها واپرائڻ بعد پنجن سون ۾ وڪيائين. هو تہ پورو ڪٽو بہ نہ پيو وٺي ڏئي! هينئر ڏسو مون کي ڪهڙا نہ ريشمي ڪپڙا، گاديلا، ٻانهيون ۽ عيش آرام آهي!"

"ڏيءَ، تو اهو چڱو ڪم نہ ڪيو. اتي تون پنهنجي گهر جي راڻي هئينءَ ۽ هتي هڪ خانگي رنڊي آهين."

## بي ميل شاديون

سنڌ ۾ ٻين ۽ ٻارن جون اڻ ٺهڪندڙ شاديون بہ ٿينديون هيون. هندن ۾ اوچ آڪهہ يا ناٺي وارن سان سڱ ڳنڍڻ ۾ فخر وٺندا ها ۽ اهو خيال نہ ڪندا ها

تہ گھوٽ ڪنوار هڪ ٻئي جي ڏانوَ جا آهن ڪين نہ. ٻندرين ڪي ڏکيا ڏکيہ، سنهين ڪي ٿلها ٻنڊ، پڙهيلن ڪي جاهل يا رنگ روپ جو تہ لحاظ ئي نہ ڪندا ها. ان خرابيءَ لاءِ ڏيتي ليتيءَ جي بد رسم بہ جوابدار هئي جو تہ ”جيڪي ڪري ناٿو سو نہ ڪري راڻو.“ لوڀي ماءُ پيءُ ڇوڪريءَ جي صورت ۽ سيرت کان وڌيڪ ڳوٺريءَ جي وزن کي وزن ڏيندا ها. غريب ويچارا پنهنجي پيريءَ آهر هوڪو ڏيندا. سڀ کان ڏکدائي حادثو تڏهن ٿيندو هو جڏهن ڪو پوڙهو رنڙ، ننڍڙيءَ نينگريءَ سان شادي ڪندو هو. شهر ۾ چو ٻولو ٿي پوندو هو. واسطيدار ڏرين کي سمجهائڻ ويندا هئاسين تہ ڪٿان پڳ ٻڌي مونندا هئاسين تہ ڪٿي لاک لهندي هئي. هڪ ٻہ دفعو ڇوڪري گم بہ ڪئيسين يا شاديءَ هلندي ٻاهر سياپو ڪرڻ شروع ڪيوسين. اهڙيءَ طرح ڪي قدر سڌارو ٿيو. تنهن هوندي بہ اها رسم پاڙون نہ پٽي ۽ اٺ ڪي گھنڊيءَ ٻڌڻ جا اڳرا نتيجا نڪرندا رهندا ها. هڪ گھر ۾ ننهن اناويهن ورهين جي تہ سس ڇوڏهن سالن جي ڪچٽ هئي.

ٻارن جا ونواهہ تہ هڪ بيهودي ڪل جهڙي ڳالهہ لڳندي هئي. ٻارهن سالن جو هوس تہ قمبر ۾ جنهن معزز ماڻهوءَ جي گھر شاديءَ تي وياسين تہ گھوٽ منهنجي عمر جو سنهڙو ڏٻرو ڇوڪر ۽ ڪنوار ڏنڊي متاري پٺاٽي پئي لڳي. مون سمجهيو تہ گھوٽ کان پنج ست سال وڏي هوندي، پر معلوم ٿيو تہ ٻئي ساڳيءَ عمر جا ها ڇو تہ ٻن ساهيڙين پيٽ ٻولايو هو تہ ڪير ٿي ڪنهن جي ڏيٽات ٻڌجي! مائرن جي تہ لاٽري ٿي پر گھوٽ ڪنوار جي حياتي چٽ! ڳوٺن ۾ وڏوائن جي ڏيرن سان شادي ڪرائيندا ها تنهن ۾ هڪ دفعي ڏٺم تہ ٢۴-٢٥ ورهين جي ٻن ٻارن واريءَ وڌوا سان ١٣-١۴ سالن جي ڏير سان شادي ٿي جنهن کي هن پالي نپائي وڏو ڪيو هو ۽ سڀ ڪم ڪرڻ سيکاريا ها. ڪنوار جوين جي اُڀار ۾ ۽ گھوٽ اٻوجهہ اڻڄاڻ. اهڙين شادين جي سهاڳ رات جو مزيدار تفصيل ڏيڻ جي مريادا منع ٿي ڪري. ڪي هندو، مسلمانن وانگر ادلابدلي بہ ڪندا ها. تنهن ۾ بہ عمر، قد بت ۽ علم جو لحاظ نہ ڪندا ها. ٻنهي قومن ۾ اهو عقيدو هو تہ نياڻي جو سک ڏک، گھوٽ جي ڏيگهہ، تور يا تعليم تي ناهي پر ڀاڳ تي منحصر آهي، پر قدرت جي دستور کي تہ روڪي نٿي سگھيا.

اهڙا ٻہ واقعا منهنجي دل تي تري اڄن ٿا سي ان ڳالهہ کي چٽو ڪندا. ڪجهہ وقت مان ميري ويدر ٽاور وٽ شڪارپوري ڌرمشالا جو سيڪريٽري هئس. هڪ ڏينهن اتي مانداڻ متل ڏٺم. هڪ نوجوان گوپال هڪ ننڍي نينٽيءَ سان هفتي کن کان زال مڙس طور رهيل هو. هڪ پنجاهہ سالن جو ڪرڙوڊ اڇي نڪتو، جنهن گوپال کي پنهنجو پٽ ۽ ننڍيءَ نينٽيءَ کي پنهنجي شادي شده زال چئي پئي چڪيو. ماجرا هيءَ هئي تہ اها ڇوڪري اول سندس پٽ سان مڱيل هئي ۽ بدلي ۾

هن پنهنجي ڌيءَ چوڪريءَ جي چاچي کي ڏني هئي. ان وچ ۾ هن جي زال مري وئي ته ڪرڙوڊ کي ٻانهن ڪيئن ملندي! جوان پڙهيل ڳڙهيل پٺهنس کي ته ٻيون ٻه گهٽيئي ملنديون. تنهن ڪري هن پنهنجي پٽ بدران پاڻ ان ادلا بدلي تيل چوڪريءَ سان شادي ڪئي.ٻوءِ جڏهن مهمانن کان موڪلائي سهاڳ ڪمري ۾ ويو ته پڪي پڄري مان اڌامي چڪو هو. ڳوليندي ڳوليندي اچي هٿي لڌائينس. چوڪريءَ چيو: "منهنجو سچو گهوٽ ته گوپال آهي. زوريءَ تي ڦيرا ۾ پلي پلئه سان چا ٿي پيو! مان هڪ سال هن جي مڱ هئس ۽ پنهي جو پاڻ ۾ پريم هو. هاڻ اسان اٺ ڏينهن زال مڙس ٿي رهيا آهيون."

اهو ٻڌي ڪاڪو سراپجي ويو ۽ پٽ کي لٽ هٽي چيائين: "بابي! ماءُ سان ڪڪرم ڪيو اٿئي!" مون ٻڌي کي سمجهايو ته پوليس آڻ سان بدنامي ڏار ٿيندو ۽ تيئي وچي پوليس جي ڦندي ۾ ڦاسندءِ. ڳوٺ وچي نيبرو ڪجو. ائين چئي سامان کڻرائي هڪالي ڪڍيو مان. ٻوءِ الائي ڇا ٿيو سا خبر ڪانهي.

ٻيو حادثو گهٽا سال اڳ لاڙڪاڻي ويجهو ميهڙ ڳوٺ جو آهي. نواز پنجونجاهه سالن جو هو ته زال گذري ويس ته ٻيءَ زال جي سخت ضرورت محسوس ٿيس. هر طرح جا مٿا مونا هنيائين ته ڪا جوانڙي نه مليس لاچار پنهنجي ٻارهن سالن جي ڌيءَ ڏيئي موٽ ۾ ڏهن سالن جي نوريءَ سان نڪاح وجهي آيو. نوري، ساهيڙين سان ڪوڏين راند ڪندي هئي ۽ پنهنجي شاديءَ جو ٻڌائين ته خوش ٿي پئي. زالن جا سهر، سٺا اوچا ڪپڙا ۽ مٺيا. ٻين زالن جي مشڪڻ ۽ چرچن تي هيءَ به پئي ٽهه ٽهه ڪري. ٻوءِ رات جو جڏهن نواز اچي شاديءَ جا حق ورتس ته هوءَ هراس ۾ پرجي دردناڪ دانهون ڪرڻ لڳي ۽ "آبا، آما" پڪارڻ لڳي. هڪ رات ۾ ئي نوري بدلجي وئي. روئڻ بس ٿي نه ڪري ۽ نواز کي ڏسي پڇي پئي وڃي. ننڊ ۾ به پئي ڦلي: "اما! مونکي هٽي ماري ٿو!"

صبح ٿينديئي ڪن ٻاڙيسري بزرگن نواز کي سمجهايو ته تنهنجي زال اجا ٻار آهي، ٽن چئن سالن ۾ ساماڻبي. پر جي تڪڙ هجيئي ته ڪيس معجون ۽ ياقوت کارائي تيار ڪر پر صبر کان ڪم وٺ!

نواز ٻيو ڪو چاڙهو نه ڏسي صبر ۾ رهيو ۽ حڪيم کان خوراڪون ۽ "قوت باهه" جا معجون نوريءَ کي کارائڻ لڳو. نتيجو اهو ٿيو جو چئن پنجن سالن اندر قصو اُبتو ٿي ويو. اڳ ضرورت پوري نه ٿيڻ تي نواز. نوريءَ تي ڪاوڙبو هو ۽ هاڻي هوءَ کيس چيڙائڻ لڳي. اڳ هوءَ ڪانئس ٻري ڀڄندي هئي پر هاڻي هوءَ نوريءَ جي جوانيءَ جي جوش اڳيان سائس اڪيون ملائي نه سگهندو هو. هوءَ پڇتائڻ لڳو ته، اجايو "قوت باهه" ۽ معجون کارايامانس، جي رواجي طور ساماڻجي ها ته سندس جذبو ايترو جبرو نه ٿئي ها.

نوري سمجهي وئي تہ نواز جي مرداني طاقت ختم ٿي چڪي آهي پر هوءَ پنهنجي اجهل اُمنگن کي جهل ڏيئي نہ سگهي ۽ سندس نندي ياءُ نور جي عشق ۾ اڙجي وئي. ڳوٺ ۾ چڻ پچڻ ٿي ۽ نواز لاءِ عزت بچائڻ مشڪل ٿي پئي. هو هڪ ڏينهن لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ نڪتو پر ريل گسي ويس ۽ گهر موٽي آيو. نوري ۽ نور کي جنهن حالت ۾ ڏٺائين تنهن جلائي ڇڏيس. ڪهاڙي کڻي ٻنهي کي هڻڻ آيو پر نوجوان نور جي ڦڙتيءَ سان پڇي نہ سگهيو ۽ خود مارجي ويو. مقدمو داخل ٿيو پر نور بچي ويو جو هن کي بہ ڪهاڙين جا ڌڪ لڳا ها ۽ نوريءَ بہ سندس فائدي ۾ شاهدي ڏني هئي.

اهڙا قصا ورلي ٿيندا ها. نہ تہ عام جام اميري غريبي يا اوچ نيچ ذات جي خيال کان نندن جي جذبات کي لتاڙيندا ها. نندن جي زبان تي شرم و حيا جو ڪلف لڳل هوندو هو ۽ سندن مهڪندڙ حياتيون برباد ٿيندون هيون. گوبند جي گهر هڪ غريب وڌوا اچي مسواڙ تي رهي. ڪيس رکو هڪ پنڌرهن سالن جي ڌيءَ هئي، جنهن جا روش ۽ رنگ اهڙا ها جو ڪيس ور ور ڏسڻ تي دل ٿئي. نہ رکو موهيندڙ ۽ مٺڙي هئي پر سياڻي ۽ سمجهو بہ اهڙي هئي جو گوبند لئبرريءَ مان ڳوڙها ڪتاب آڻي ڏيندو هوس تہ انهن تي بہ بحث ڪندي هئي. سينواريل سرو ور ۾ هڪ اِسراري ڪمل پيدا ٿيو هو. ياءُ ٻيج تي مونکي رکڙي ٻڌي وات ۾ مٺائي وڌائين. مان رپيو ڏيئي پنهنجي دوست گوبند ڏانهن اشارو ڪري چيومانس، "هن کي بہ رکڙي ٻڌ!" ڪنڌ ڌوڻيندي، مشڪندي پچي وئي. هن جو ياءُ ڀيڻ جو ناتو مٺي نينهن ۾ بدلجي چڪو هو. هو ڀين جي روبرو پدما پر هونئن پدمي ڪوٺيندو هوس.

اُها عمر ٻنهي جي شاديءَ لائق هئي. گوبند، رواج خلاف شرم لاهي، ماءُ پيءُ کي مون کان چوارايو تہ اچي ڪاوڙيا. هڪ سچيءَ سڪٽيءَ مائيءَ سان هڪ سيٺ جي سيٺپي تہ خواب خيال ۾ بہ آڻي نٿي سگهجي! مورکو پٽ کي بچائڻ لاءِ، پدما جي ماءُ تي زور آندائون، جنهن ڪيس ترت پرڻائي ڇڏيو. هن لاءِ اها شادي نہ پر بربادي هئي. شاديءَ جو مختصر خرچ سيٺ ڀريو. هونڊ سونڊ واري گهوٽ ڏيپ بہ نہ ورتو. نياڻيون تہ ڳانءِ وانگر ڪنهن بہ ڪلي سان ٻڌجن. پدما سان تہ جنسي ويل ٿيو. چاليهين سالن جي رنڙ جي ورَ چڙهي تہ هن ڪيس ائين اٿلايو پٿلايو ۽ مرروڙيو سروڙيو، جيئن هو ڪنهن جنس کي مهٽي ۽ چڪي چباڙي ڏسندو هو. نندڙيءَ نينگر جي سون جهڙي جسم تي داغ ٿي پيا! گوبند جهڙي سهٽي ساموٽي ڇوڪري بدلي مليس ڪارو ڪرڙو ديوُ! خوشيءَ بدلي ڳجهو رودن!

پدما جي دل سدا لاءِ مايوسيءَ ۽ غم ۾ غرق ٿي وئي. رات جا ستم ڪنهن کي سلي! حال محرم دل گهريو دلبر وڃڙجي ويس. ڏکن ڏڌي ماءُ اڳ ۾ ڏجهيل

پئي هئس. ڏينهن جو ننڊن چئن ماٽيلن ٻارن کي تاتڻ جدا! هڪ ڏينهن هڪ ٻار کي دوا پيئارڻ پئي وئي ته وات تي ملي. گل چيپاٽجي چٽجي چڪو هو. پيلي هيڊ ۽ پيٽ وڏيل. چڱيلائي پڇي مانس ته اکيون ڀرجي آيس. چيائين: "چڱائيءَ مدائيءَ جو چڪرو هلندو رهي ٿو. جيترو سک ڀوڳيم تيترو ڏک ڀوڳڻو ئي پوندو. تون پنهنجي دوست کي چئج ته مون لاءِ پاڻ کي بيحال نه ڪري. جڳ مڙيوئي جوئابازي، ڪن کٽي ڪن هاري، مون هاري، هينئر نه بچنديس. رڳو هڪ دفعو منهن ڏيکاري وڃي."

هيءَ لکندي اڄ ست سالن کان پوءِ به پدما جو اُهو معصوم منڙو چهرو دل ۾ درد جي هڪ ست ٿو اُڀاري! اهوجهه معصوم مهکندڙ جوڀن تي هيڏو ظلم! دل جا ڦٽ ڪنهن کي ڏيکارجن! ٻي درد سماج جي ساجهه مري چڪي آهي. ان اونداهه ۾ روشن ڪيون رت سان ڏيئا! ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ وڌي ويو آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ ٻڌم ته هوءَ ڪڇي ويم ۾ مري وئي جو هو جاڻنو رنڙ پورن مهينن سان به ننڍڙي نينگر تي قياس نه ڪندو هو. هيڏانهن هميشه جو ڪلمڪ چرچائي گوبند ويڳاڻو ٿي پيو ۽ ماءُ پيءُ سان اهڙي عداوت پيس جو گهر ڇڏي ست سمنڊ پار هلي ويو ۽ يا عمر شادي نه ڪيائين. اهڙيءَ طرح به گهر برباد ٿيا ۽ هڪ منڙي جان ڪوڙيءَ وڏائيءَ خاطر قربان ٿي وئي.

ائين ناهي ته مسلم ڀينرن ڪو اهڙي ستم کان ڇٽل هيون. اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته اسان جا پاڙيسري شيخ ڏاڍيءَ سقيم حالت ۾ ها. اتي حليما جي ماءُ، پنهنجي پاءُ وٽ رهندي هئي ۽ شادي شده حليما بعضي بعضي ماءُ سان ملڻ ايندي هئي. سندس سنهڙو نڪ، وڏيون اَبدا اکيون، جڏهن مشڪندي هئي ته ڳِٽن ۾ کڏ پئجي ويندي هئس. هن جا روش ۽ ڍول سڀ لاجواب ها، چڻ ته گپ ۾ ڪنول جو گل ٽڙيو هو. پرده نشين شيخياڻيون اسانجي زالن سان هريل مريل هيون. زالون زالن جو ڪاڄ. حليما جي ماءُ پنهنجي ننڍي ياڻي لاءِ منهنجي ماءُ کان کير چڪو وٺڻ ايندي هئي. هڪ ڏينهن حليما آئي. گهر ۾ کير نه هو ته مان کير ڏنومانس. سندس اکين ۾ ايڏو ته درد هو، جو ڏنئي بدن ۾ سيسرات پئجي وڃي. پڇيومانس: "حليما، ننڍي هوندي راند يون ڪندا هئاسين، تون کهڙي نه ڪلمڪ هوندي هئينءَ! هاڻي ايڏو مايوس ڇو آهين؟ مڙس سٺو نه هلندو اٿئي ڇا؟"

اول ته لنوائي وئي، پر نيٺ منهنجي همدرديءَ وڃي هنڌ ڪيو. چيائين: "سٺو هلي يا نه. مان ڇا ٿي ڪري سگهان! مڙس ته مالڪ آهي. نشي جي جوش ۾ ڪيترو به ماري، مان ڪهڙيءَ ڀر وڃان؟"

پنهنجي پٺي ڏيکاريائين، جنهن تي بيد جي لهڪڻ جا اهڙا ڳنا ٽيل هئس جو ماڻس هيڊ لڳائي هئي. منهنجا ته لڱ ئي ڪانڊارجي ويا. چيومانس: "اهڙي

ڪميٽي ڪي پئسا ڏيئي جند ڇڏايانءِ؟"

"تون ڇڏائيندين تہ مامو وري ڪنهن ٻئي اوڙاهہ ۾ اڙائيندو." مان هن لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهيس پر مڙسهنس ڪي ڪنهن ڏوهہ ۾ ٽيپ ملي تہ مامهنس طلاق ڏياري، ٻن هزارن ۾ هڪ وڏيري ڪي وڪڻي ڇڏيو، جنهن ڪي اڳ ۾ ٽي تي چار زالون هيون. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ٻڌم تہ حليما مري وئي. ڪنهن چيو تہ مڙسهنس جو مٿس اهڙو ارواح هو جو پهاڄن حليما ڪي زهر ڏيئي ماري ڇڏيو. ٻين چيو تہ اهڙي سازش سٽيائون جو ڪمدار جا ڪپڙا سندس ڪمري مان لڌا ۽ تهمت هنيائونس تہ ان سان لڳل آهي تہ مڙسهنس ماري ڇڏيو. الائي ڇا ٿيو، پر صدقي جي ٻڪريءَ جيان ڪسجي وئي. مطلب تہ اهوجهہ ڪنيائن تي ڪلور وهائيندي ڪهڪاءُ نہ ڪندا ها.

## چوڪري بازي

سنڌ ۾ چوڪري بازيءَ ڪي عيب نہ سمجهندا ها. مورڳو ان ڪي زنده دلي جئَي فخر وٺندا ها. اتي گهڻو ساهت ۽ شاعري ڇوڪرن جي عشق سان ڀريل آهي. هن طرح جا هزارين بيت آهن:

طلب تنهنجي آ تڪي، مل مؤلا جي واسطي.
بيا: لوڏ تہ تنهنجي سهڻا، مان سوَن ۾ سڃاڻان،
منهنجي دل توڏي گهٽي، پر تنهنجي نہ ڄاڻان،
اهي رسڻ جا ماڻا، ڪنهن ڪان سکئَين سپرين؟
بيا: لونگيءَ وارا نينگرا، تون تہ هر هر هيڏي نہ آءُ،
ٻاهر ڳالهائين ٿو ٻين سان، منهنجو اندر سڪي ٿو ساهہ،
او حاڪم! تون تہ انهيءَ ويلي آءُ،
جيئن لوڪ لکائي نہ پوي.

ڪو موچارو ڇوڪر پاڻ تي اهڙا بيت ٻڌي مشڪندو تہ سمجهو شودن جو شڪار ٿيو. هو ڪيس منيون منيون ڳالهون ٻڌائي پئسا ڏيئي، گاڏين تي گهمائي، ڪلفي ۽ ڪچالو ڪارائي، لمليٽ پيئاري، پنهنجي وس ڪندا. پوءِ جڏهن هن سان ڪارو منهن ڪندا ۽ هو ڪيڪان پٽيندو تہ شودن جي دٻ ڪان ڪو ڇڏائڻ بہ نہ

ويندس. ڪي ماستر بہ بدمعاش هوندا ها. حسين چوڪرن کي مانيٽر ڪندا ۽ ترڪندڙ هٿن سان سندن ڳٽن تي چماٽون هڻندا. اهڙا لفنگا ماستر، ابوجهہ ٻالڪن کي پاڻ تہ خراب ڪندا ها، پر پنهنجن يارن دستن جو بہ لقمو بڻائيندا ها.

اسڪول ۾ ساليانا امتحان پورا ٿيا ۽ مارڪن لاءِ پيپر ماسترن وٽ ها. لنگهندي پائبندي اسان ڏاڍي ادب ۽ نئڙت سان ڪين هٿ جوڙي سلام ڪري رهيا هئاسين، پر ان عارضي ڊونگہ سان مطلب ٻر ثواب ٿيڻ جي اميد گهٽ هئي. سوال ڏکيا مليا ها ۽ يارن جواب بہ اٽپٽانگ نکيا ها. سوال هو تہ شائستخان ڪير هو؟ هڪ لکيو بابر بادشاهہ جو باورچي هو، ٻئي لکيو تہ تاج محل اڏائيندڙ علاو الدين خلجيءَ جو ابو هو، ٽئين لکيو تہ اڪبر پاڻيپت جي لڙائيءَ ۾ محمد بن قاسم کي شڪست ڏني هئي. پوءِ جڏهن تاريخ جو ڪتاب کولي ڏنائون تہ ڏوڙ ڏاٿيون، اٿي جون چاٺيون ۽ ناپاس ٿيڻ جو يقين ۽ ڳڻتي ويڙهي وين.

حضرت مانيٽر صاحب نہ رڳو موچارو هو پر يارن جو يار هو. چي: "انشاالله! اهو ڪم منهنجي ذمي ٿيو. يار آهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي." همٿ ٻڌي ڪڏ تي ماستر جي نويڪلي ڪمري ۾ ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ منہ ڪائيندو ٻاهر نڪتو. اکڻ چنل ۽ ڳلن تي نشان. چيائين: "چئني يارن کي پاس تہ ڪندو پر حرامزادي سور ڏاڍو ڏنو. مان بہ پيءُ جو پٽ تڏي جڏي ڪتي جي پٽ جي ٻيڙي نہ ٻوڙيان!" ٻنهي پنهنجو واعدو سچائيءَ سان پورو ڪيو. ماستر يارن کي امتحان ۾ پاس ڪيو ۽ پوءِ مانيٽر ۽ ٻين جي بدناميءَ تي ماستر خراب خوار ٿي اسڪول مان برخواست ڪيو ويو.

ويچارا ٻالڪ، بدمعاشن جي ڊپ کان ڪاڏي گهمي گهتي بہ نہ سگهندا ها، جو تہ ڪي شودا ڪين زوريءَ پڇائي ويندا ها. حسينائن تي تہ خون خرابيون ٿينديون هيون، پر چوڪرن تي بہ ڪئين قتل ٿيا ها. انهيءَ بدفعليءَ ۽ گندي منورتيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو؟ زميندار ۽ امير تہ ڪئين زالون رکندا ها. جيتريون وڏيڪ اوترو وڏيڪ شان! مهانگي اگهہ تي بہ خريد ڪندا ها پر عام ماڻهو لاءِ زال هٿ ڪرڻ وٽ کان ٻاهر هو تہ نفس جي تانگهہ لاهڻ لاءِ لاچار ڇوڪرن سان دل سرچائيندا ها.

اهو سبب ٺيڪ نٿو لڳي. جو تہ ڪئين هندو بہ ان گنديءَ عادت جا شڪار ها. انگلنڊ ۾ زالن جي سپلاءِ بہ جهجهي آهي جو چوندا آهن تہ ٽڪي ٽيهہ ٿيون ملن تہ بہ اتي اهو فاحش طريقو ايترو تہ گهٽو آهي جو پارليامنيٽ ۾ -Homosexu ality ڇوڪري بازي کي قانونن جائز ٺهرايو اٿن ۽ ڪئين جوان، زال- مڙس ٿي کليو کلايو رهن ٿا. ولايت جي ٻين ملڪن جو بہ ساڳيو حال آهي. "ريڊرس ڊائجيسٽ" جهڙي معتبر رسالي ۾ آڪٽوبر 1981ع جي پرچي ۾ جاڇايل آهي تہ

شاد مان گشتم ازين کارو گر فتمش کنار،
همچو ننگ شکر و حرمن گل تنگ به بر،
او شد خواب و من از بوسه زدن پر دور خش،
با دو چشم و دور خش تابه سحر جفت سحر.

معنيٰ. رات جو منهنجو اڙٻنگ محبوب ڇوڪر، شراب جي نشي ۾ جهومندو، ٽوپي ٽنڊ تي رکي مون وٽ آيو. سندس ڳلن تان پگهر جا ڦڙا هڪ هڪ تي ٽمي رهيا هئا. اچڻ سان مون کي چميون ڏنائين. مون خوش ٿي کيس ڀاڪر پاتو. هو نشي ۾ مست ٿي سمهي پيو ۽ آءُ سندس ڳلن ۽ اکين تي پرهه ڦٽيءَ تائين چميون ڏيندو رهيس.

امير خسرو دهلويءَ جي ڪمال ۽ بلنديءَ جي هرڪو اديب تعريف ڪندو آهي. هو فرمائي ٿو:

من آن ترک طناز رامي شناسم،
من آن مايه نزا رامي شناسم.

معنيٰ: "آءُ هن شوخ ترڪ ڇوڪري کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. رات شراب جي نشي ۾ جيڪي گاريون ڏنائين، تن منهنجي دل ٺاري ڇڏي. مون آواز مان ئي سڃاتو ته هوَ آهي." رودڪي ۽ شيخ سعدي شيرازي ۽ ٻين مشهور شاعرن به ڇوڪرن جي نزاڪت ۽ لطف جو اهڙن اُگهاڙن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي جو اُهي اختصار ڏيڻ کان اخلاق منع ڪري ٿو.

سنڌ ۾ به ان گنديءَ عادت کي کهڙيءَ نه چڱيءَ نظر سان ڏسندا ها، اهو پير حسام الدين جي ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو. هنجو اُستاد نواز علي"نياز"، مذهبي پرهيزگار ۽ خوبين جو گهر هو. پر ڪنهن نيڻ ٺار نينگر سان عشق ڪمائڻ کي زنده دلي ليکيندو هو. پاڙي جو هڪ حسين ۽ جميل ڇوڪر ايندو هوس ته محبت ۾ خون جي حرارت وڌي ويندي هئَس. جيسين هو ويٺو هوندو هو ته پاڻ .... لاءِ به نه اُٿندو هو. ٻيو هڪ هندو وڪيل جو پٽ به هن لاءِ قيامت کان گهٽ ڪونه هو. ان ڇوڪر کي پارسيءَ جي ٽيوشن به مفت ڏيندو هو. چيل آهي: "بمکتب ميرود طفل پريزاد، مبارڪباد مرگ نو به اُستاد". ڪنهن حسين پريزاد جو مکتب ۾ داخل ٿيڻ اُستاد لاءِ لذت ۽ مبارڪباد جو باعث آهي. نظر علي به تمنائن سان پريل نيڻن سان ٻيو ان نينگر کي نهاريندو هو. نيٺ ان مجازي

مڪتب مان ڇوڪر جي ٻيءَ ڪيس اٿاريو نہ تہ جڳهو ئي جهڻ ٿي وڃيس ها.

مان تہ جيڪر ٻين ٻاوَن سيٺين ۽ اڳواڻن لاءِ بہ لکان تہ پنهنجين اپسرا جهڙين زالن هوندي بہ کهڙن ڇوڪرن پٺيان پاگل ها پر ڊپ ٿئي ٿو تہ سندن پٽ پوتا ۽ پوٽلڳ منهنجي پٺيان لٺ کڻي پوندا. هن وهيءَ ۾ مار کائڻ جي دل ناهي. مطلب تہ سنڌ ۾ سهڻو نينگر ٿيڻ بہ عذاب هو. تنهن ڪري مون رٿ ڏني هئي تہ ڇوڪر بہ برقعو پائي نڪرن تہ گهٽيءَ شرارت ۽ آزار کان ڇٽي پوندا. افسوس! جو اهڙي ناياب صلاح تي توجہ نہ ڏنائون.

*

وطن ڪان دور آهيون، پر وطن کي روز ساريون ٿا،
سنڀاري ڪي گهڙيون گذريل، لڙوَن ٿا لڙڪ هاريون ٿا.
(حاسد)

وطن جي سٽائي سدا يادگيري،
۽ وسري نٿي سا تہ پيومي پيليري،
وڏيرن جي عظمت ۽ شوڪت اميري،
سڀاجهن سنڌين جي صداقت دليري،
پراڻن ۽ ويدن سندو ڏيهہ سنڌ آ،
مليو جنهن تان هن ديش کي، نانءُ هند آ.
سنڌي ڪيئن وسارن وطن سو پيارو،
عبادت عقيدت، ڌرم ڏين وارو،
سو صوفين سندو ڏيهہ، جڳ کان نيارو،
لڳو ٿي جتي نت، تصوف جو نغارو،
سچل شاهہ سامي، ڪيئن بيوس پلايون،
اچا ٿا جنهين جا امر بيت ڳايون!
(لوڪنات)

- پورو ٿيو -

## نيو فيلڊس جي تازا شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل

# عاشي

**هن** ناول ۾ حضرت عيسيٰ جي ولادت کان ٻه گهٽ اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناهه قوت، لازوال حسن ۽ غير معمولي سياڻپ جو مالڪ هئي! جنهن ڪروڙ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجو انتظار ڪندي رهي... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو ورتس هلي آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو...! مصري قوم کان ٻه گهٽو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عاشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي-! مگر هنجي صورت ڏسڻ ٻه ڪين نصيب نه ٿي هئي-! هوءَ هڪ لاشن سان ڳنڍيل پيرئمڊ ۾ رهندي هئي! هن ناول ۾ سفلائي ۽ سستي عشق جو بيان ناهي، بلڪ هن ۾ هڪ انتهائي پُراسرار، معياري ۽ نوس تجربا ۽ مشاهدا ۽ پڻ تصور نهايت سهڻي ۽ عمدي انداز سان بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي حقيقتن جي ايترو قريب آهن جيترو زندگي موت جي، ۽ موت زندگيءَ جي حقيقت کي قريب آهي. پڙهندڙ کي هن ناول ۾ اهي اهي غير معمولي مشاهدا جڙندا جو تصور توڙي حقيقت جي ڪنهن به عالم ۾ نه مليا هوندس.

She جڳ مشهور مصنف **هينري رائڊر هئگرڊ** جي مڙنئي ناولن مان مقبول ترين ناول آهي. انهيءَ جو اندازو هن امر مان لڳائي سگهجي ٿو، ته هي ناول 1886ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هئون هٿ کپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ناهيون ويون آهن. صفحا: 400 قيمت: 75/- رپيا.

---

## ڇا جو ديس ڇا جو وديس - بندر ديسان ديس

**الطاف شيخ** جا هيءَ به سفرناما مختلف ملڪن/ شهرن جهڙوڪ: جپان، ٿائلنڊ، ہانگڪانگ، ڪوريا، چين، سنگاپور وغيره بابت تمام دلچسپ انداز ۾ لکيل آهن. تنهن کان سواءِ سفر دوران جهازن تي مختلف واقعا، حادثا، جهيڙن جهٽن، جو ذڪر پڻ ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڪيل آهي. ان کان سواءِ بحث مباحثا: سياسي، سائنسي، مذهبي، معاشرتي، سيڪس وغيره تي آزادانه طور تي ٿيل آهن.

مختصراً هيءَ ڪتاب هڪ دفعا پڙهڻ شروع ڪرڻ کان پوءِ ختم ڪرڻ کان اڳ ڇڏڻ ممڪن نه آهي. صفحا: 200 قيمت: 60/- رپيا.

## سرَ لوهيڙا ڳيا مصنف: شيخ اياز

## ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو I) مصنف: شيخ اياز

هن ڪتاب مان ڪنيل ڪجهه ٽڪرا: اي موت! مان اڃان لکان پيو. توکي منهنجي ڪمري ۾ اچڻ جي اجازت نہ آهي. ● ڊاڪٽر! تو چيو آهي تہ شاعري منهنجي صحت لاءِ چڱي نہ آهي ۽ ان ڪري تو صلاح ڏني آهي تہ جيستائين مان بيمار آهيان، ڪجهہ نہ لکان. ڇا تون گارنٽي ڏئي سگهندين تہ جي مان ڪجهہ نہ لکان تہ نہ مرندس؟ ● ڪجهہ خوبصورت ڊاڪٽريائيون بہ اينديون هيون جن جي صورت ئي منهنجو اڌ علاج هئي. مان هنن کي هرويرو بہ چوندو هوس تہ اسٽيٿس- ڪوپ سان منهنجي دل جي تپاس ڪن. تپاس ڪندي هنن جو مُنهن منهنجي ڇاتيءَ تي جهُڪي ايندو هو ۽ مان هنن کان تصور ۾ چمي وٺي ڇڏيندو هوس. ● وڪالت مون کي ماڻهوءَ ۾ مرونءَ ڏسڻ جا ڪيئي مثال ڏيکاريا. مون ڏٺو هو تہ پُٽ ۽ پيءَ ڪيئن ساڳيءَ زائفان تي اٽڪن ٿا ۽ پٽ پيءَ کي مسجد ۾ گولي هڻي ٿو ماري، جڏهن هو نماز پڙهي رهيو آهي. مون ڏٺو هو تہ زال ڪيئن يار سان ملي مڙس کي زهر ڏئي ٿي.... خوبصورت ٽائيٽل – صفحا 360- قيمت -/90 رپيا.

## ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو II) مصنف: شيخ اياز

شيخ اياز جي هن ڪتاب ۾ 180 وايون، آزاد نظم ۽ نظمن کان علاوه دنيا جي چوٽي جي 120 اديبن، شاعرن، سائنسدانن،دانشورن، فلاسافرن، مفڪرن، سياستدانن، عالمن، ليڊرن، جاين وغيره تي نوٽس لکيل آهن. جن مان ڪجهہ جا نالا هي آهن: البرٽ ڪامو، ابن سينا، ارسطو، اسٽالن، افلاطون، البيروني، امام غزالي، اميرخسرو، ائنا اختموتوا، ٻڌ، ٽالسٽاءِ، ٽئگور، پيلونرودا، پشڪن، چي گيويرا، ڊارون، روسو، شلر، شيلي، شولوخوف، عمرخيام، غالب، فارابي، ڪاليداس، گوئٽي، لينن، مائيڪل اينجلو، گانڌي، نتشي، ٽراٽسڪي، ڪارل مارڪس، وڪٽر هيوگو، هومر، هيگل، هيمنگوي، هيوم، ابن رشيد، امام رازي، اوسپينسڪي، ايمرسن، بڪونن، سئفو، شوپنهار، شيڪسپيئر، گوا، موزارٽ، والٽيئر، وليم جيمس وغيره وغيره. صفحا 400 – خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/100 رپيا.

## سنڌي ادب جو مختصر جائزو

(سي- ايس- ايس ۽ پي- سي- ايس جي شاگردن لاءِ)

● مقابلي جي امتحان ۾ ويهندڙ اميدوارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب. جيڪو بلڪل سليبس جي مطابق لکيو ويو آهي جنهن ۾: سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، هاڻوڪن توڙي اڳوڻن شاعرن جي ڪلام جو جائزو ۽ ادب جي سڀني اهم صنفن جي ارتقائي تاريخ جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو آهي. سليبس ۾ ڄاڻايل 28 ڪتابن پڙهڻ جي بجاءِ (جيڪي تقريباً اڻ لڀ آهن) هڪ ئي ڪارائتو ڪتاب پڙهو. ايم. اي سنڌي جي شاگردن لاءِ پڻ هڪ ڪارآمد ڪتاب آهي. خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 200 – قيمت -/55 رپيا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 43. تڪل سريت (ڪهاڻيون) | البرتومورياويا/ وليرام ولڀ | (ختم ٿيل) |
| 44. لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| 45. تصوير جو خون | آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| 46. حليم شو | حليم بروهي | (ختم ٿيل) |
| 47. ٻارن جون آکاڻيون | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| 48. سپون | خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| 49. سفر يورپ جي ڊائري | قاضي عبدالمجيد عابد | (ختم ٿيل) |
| 50. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) | مرتب: فيروز احمد | 35/- |
| 51. چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب | (ختم ٿيل) |
| 52. مس سدا بهار چنبيلي (ناول) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| 53. پيار ڪهاڻي (ناول) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| 54. نيگرو عشق ۽ بغاوت | ڪرسٽوفر نڪول/ نصير اعجاز | (ختم ٿيل) |
| 55. شرم پوتي (ناول) | گوبند مالهي | (ختم ٿيل) |
| 56. اڳي ايئن هياسين (جلد I) | فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| 57. پره ڪان پهرين (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب | (ختم ٿيل) |
| 58. بلنديون (ناول) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| 59. رڄ ۽ پاڇا (ناول) | موهن ڪلپنا | (ختم ٿيل) |
| 60. مون توکي پيار ڪيو (ڪهاڻيون) | پوپٽي هيراننداڻي | (ختم ٿيل) |
| 61. آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون) | علي بابا | (ختم ٿيل) |
| 62. شاهه لطيف جي شاعري (جلد II) | تنوير عباسي | (ختم ٿيل) |
| 63. آپٽي گهوٽ ته نشا ٽيوٽي (سفرنامو) | لوڪرام ڏوڏيجا | (ختم ٿيل) |
| 64. موهن جو دڙو (ناول) | علي بابا | (ختم ٿيل) |
| 65. ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون) | امر لعل هنگوراڻي | 12/- |
| 66. ڏرتي روشن آهي (ڪهاڻيون) | آغا سليم | 40/- |
| 67. دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| 68. پيغامبر | خليل جبران/ ستار | (ختم ٿيل) |
| 69. همه اوست (ناول) | آغا سليم | 35/- |
| 70. اداس واديون (ڪهاڻيون) | حميد سنڌي | (ختم ٿيل) |
| 71. آئيني جي اڳيان | ١٧ ساهتڪار | 12/- |
| 72. چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري) | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| 73. لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب | (ختم ٿيل) |
| 74. الون ماڻهو (ڪهاڻيون) | سراج | 25/- |
| 75. ٻه ننڍا ناول (ٻه ناول) | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| 76. اڳي ايئن هياس (جلد II) | فضل احمد بچاڻي | 25/- |
| 77. رڻ تي رم جهم (شاعري) | شيخ اياز | 50/- |
| 78. واٽ ويندي | علي احمد بروهي | (ختم ٿيل) |
| 79. مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| 80. ڪهاڻي جو قافلو | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| 81. ساهيوال جيل جي ڊائري | شيخ اياز | 60/- |
| 82. سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| 83. چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون) | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| 84. ڀڳت سنگهه کي ڦاسي | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| 85. ست يوگوسلاويائي آکاڻيون | جڳت آڏواڻي | 10/- |
| 86. ست ڪشميري آکاڻيون | اخترمحيعدين/ايشورچندر | 12/- |


وساريو نه وسرن
منهنجو وطن منهنجا ماڻهو
سهڻي ميهار
موتي ڪامي
لوڪرام ڏوڏيجا

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ڀاڙي، ڪاڙهو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٺن جٺن جاڙ وڏي تي ججَگَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوٖ، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)